# مهراڻ

جلد ٤٣
نمبر ٣ ۽ ٤/ سال ١٩٩٤ع



سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو، سنڌ




صدر مملڪت جناب فاروق احمد خان لغاري، اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس ۱۹۹۴ع جي افتتاحي اجلاس ڪي خطاب ڪري رهيو آهي. اڪيڊميءَ جو ڊئريڪٽر جنرل جناب افتخار عارف، اڪيڊميءَ جو چيئرمن جناب فخر زمان، **وفاقي** وزير تعليم جناب خورشيد احمد شاهه ۽ وزير اعظم جي صلاحڪار محترمه شهناز وزير علي اسٽيج تي ويٺل آهن.



صدر مملڪت جناب فاروق احمد خان لغاري، اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس ۱۹۹۴ع جي افتتاحي اجلاس ۾ سنڌي زبان جي نامياري ليکڪا محترمہ ماهتاب محبوب کي ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ايوارڊ“ ڏيئي رهيو آهي. اڪيڊميءَ جو چيئرمن جناب فخر زمان ساڻس گڏ آهي.

# مِهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي دستاويز]

جلد ۴۳] جولاءِ - ڊسمبر ۱۹۹۴ع [نمبر ۳-۴

چيف ايڊيٽر

**شمشيرالحيدري**

ايڊيٽر

**نفيس احمد شيخ**

سب ايڊيٽر

**طارق عالم**

پبليڪيشن انچارج

**الله بچايو يوسف زئي**

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ
چامشورو سنڌ


The "MEHRAN", Quarterly
Vol:43, No:3-4, Year: 1994
(Established in 1955)


An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi Literature.
Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Education, Music, Folklore, Archaeology, Numismatics, Lexicography and General Culture of Sindh are the main topics of material usually published in this periodical.
Besides translations of World literature are also presented


correspondence about publication be addressed to:
Editor
"Mehran" Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro (Post Code: 76070)
Via: Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Telephone:(0221)771276

For Subscription Please contact:
Manager Book-Stall
Sindhi Adabi Board
Tilak Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (0221)615179

مواد موڪلڻ لاءِ
ايڊيٽر
"مهراڻ" ٽماهي
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ
(پوسٽ ڪوڊ ٧٦٠٧٠)
فون نمبر ٧٧١٢٧٦

خريداريءَ لاءِ لکپڙهه
مئنيجر بڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
فون نمبر: ٦١٥١٧٩
(نوٽ: خريدارن کي ٻاهرين ملڪن ڏانهن
موڪلڻ لاءِ ساليانو چندو چار سؤ رپيا)

(ٽائيٽل فوٽوگرافي: اياز گاد)

ساليانو چندو: ١٠٠-٠٠ رپيا

في پرچو ٤٠-٠٠ رپيا

Printed and Published by Shamsher al-Hyderi, Secretary Sindhi Adabi Board,
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, JAMSHORO Sindh.



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# گذارش

## سنڌي ٻولي_قومي ٻولي

وفاقي وزارت تعليم جي اداري "اڪيڊمي ادبيات پاڪستان" پاران گذريل آڪٽوبر ۾ منعقد ڪيل "اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس - ۱۹۹۴ع" جي موقعي تي جيڪي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا هئا، تن مان هڪ مُلڪ جي سمورين زبانن کي قومي ٻوليون قرار ڏيڻ بابت هو، جيڪو بنا ڪنهن ردڪد يا رائزنيءَ جي، چٽائيءَ سان، يڪراءِ پاس ڪيو ويو. سڄي مُلڪ مان آيل مختلف ٻولين جي ليکڪن جي هن نمائنده ميڙ ۾ گهُر ڪئي ويئي ته "... عملي طور تي اردو ملڪ ۾ رابطي جي ٻولي بنجي چڪي آهي، ان ڪري ان کي رڳو قومي ٻولي بجاءِ مرڪزي طور تي سرڪاري زبان قرار ڏنو وڃي ۽ واقعاً رائج ڪيو وڃي ۽ ملڪ ۾ مروج سمورين ٻولين کي قومي ٻوليون قرار ڏنو وڃي."

مٿئين ٺهراءَ جي اهميت ان ڪري وڌي وڃي ٿي، جو اهو ملڪ جي چونڊ ۽ نمائنده اديبن ۽ دانشورن جي سوچ ويچار جو نچوڙ آهي، جيڪي ادب، تعليم، ثقافت ۽ سماجيات جي شعبن ۾ وڏي مهارت رکن ٿا ۽ انهن جي هن سنجيده فيصلي کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. هاڻي اهو حڪومت جو ڪم آهي ته دانشورن جي ان راءِ کي عملي رُوپ ڏني.

جيستائين سنڌي ٻوليءَ جو تعلق آهي ته ان جي اهميت ۽ افاديت بابت، علمي طور تي گذريل ۲۰ - ۲۵ سالن ۾ ايترو ته اثرائتو ۽ پيرائتو لکيو ويو آهي، جو هاڻي وڌيڪ ڪنهن دليل دلائل جي ڪابه خاص ضرورت باقي نٿي رهي. ٻئي طرف سنڌ جي لائق ليکڪن ۽ دانشورن، شاعرن ۽ صحافين، تعليمي ماهرن ۽ ثقافتي جاٺُن ۽ ٻين سڄاڻ حلقن هڪ ڊگهي عرصي کان وٺي گهُر پئي ڪئي آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيئي، ان جي ترقيءَ لاءِ موقعا پيدا ڪيا وڃن.

مٿئين ٺهراءَ موجب ملڪ ۾ مروج سمورين ٻولين کي قومي ٻولين جي حيثيت ڏيڻ جو مطالبو ڪيل آهي، جا هڪ نهايت معقول ۽ واجبي ڳالهه آهي. ان طرح انهن ٻولين کي به وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ملندو، جن جون پاڙون صدين جي ثقافت ۾ کُتل آهن.

ان موضوع تي لکندي اسان کي اردو زبان جي اهميت ۽ ان جي ترقيءَ سان ڪنهن به قسم جو ڪو انڪار ڪونه آهي. اردو زبان جي اهميت ان مان ئي واضح آهي جو اهو مڃيو ويو آهي ته اها رابطي جي زبان جي سموري صلاحيت حاصل ڪري چُڪي آهي ۽ ان کي مرڪزي سطح تي سرڪاري زبان قرار ڏنو وڃي. هونءَ اردو به اسان لاءِ ٻين ٻولين وانگر نهايت عزيز ۽ محترم آهي، ڇو ته ان ۾ وڏو علمي ۽ ادبي سرمايو موجود آهي ۽ اها ننڍي کنڊ جي عام ماڻهن ۾ هڪجيتري سمجهي وڃي ٿي ۽ ڳالهائي وڃي ٿي. اردو زبان جي سنڌ سان هڪ خاص نسبت به آهي، جو سنڌ جي جڳ مشهور ناميارو عالم سائين پير حسام الدين راشدي جي تحقيق موجب "سنڌ، اردو زبان جي جنم جي جاءِ آهي."

اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس ۾ پاس ڪيل مٿئين ٺهراءَ جي روشنيءَ ۾ اسين مُلڪ جي مرڪزي ادبي اداري "اڪيڊمي ادبيات پاڪستان" جي موجوده سرگرم سربراه جناب فخر زمان جي معرفت، پاڪستان سرڪار کان گهُر ٿا ڪريون ته ان ٺهراءَ تي عمل ڪرڻ لاءِ اپاءُ وٺي، ملڪي دانشورن جي راءِ جو عملي احترام ڪيو وڃي.

## بورڊ جو نئون چيئرمن

سنڌ جي سمورن ادبي ۽ ثقافتي، صحافتي ۽ تعليمي، تحقيقي ۽ علمي حلقن انهيءَ خوشيءَ جي خبر تي سرهائي ظاهر ڪئي، جڏهن سنڌ جي ناميارن دانشور ۽ صاحبِ طرز اهل قلم سينيٽر حُسين شاهه راشديءَ کي سنڌي ادبي بورڊ جي سربراهي سونپي ويئي.

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارن دانشورن ۽ عالمن سان گڏ نئين ٽهيءَ جي نوجوان ۽ نوخيز ليکڪن کي به جڏهن اهين چوندي ٻڌو ويو ته "اهڙو نهايت صحيح، معقول ۽ خوشگوار فيصلو" گهڻو وقت اڳي ٿيڻ کپندو هو. ته اهڙيءَ صورت ۾، وزير اعظم پاڪستان محترمه بينظير ڀُٽو جي مٿئين صحيح ۽ سُٺي فيصلي ۽ چُونڊ جي اهميت هيڪاري وڌي وڃي ٿي.

راشدي صاحب کي ١١ - آڪٽوبر ١٩٩٤ع تي اسلام آباد ۾ وزيراعظم، سنڌي ادبي بورڊ جون واڳون سنڀالڻ لاءِ چيو ۽ صاحب موصوف ٣١ - آڪٽوبر تي بورڊ ۾ چارج وٺي پنهنجو ڪم شروع ڪيو آهي.

سينيٽر حُسين شاهه راشديءَ جي علمي ۽ ادبي، ثقافتي ۽ تحقيقي، صحافتي ۽ ڪتابي دنيا جي موضوعن سان وابستگي ۽ مهارت، تجربي ۽ ادراڪ بابت ڪنهن به تفصيلي تذڪري جي اسان ڪا به ضرورت انڪري محسوس ڪونه ٿا ڪريون، جو اها ڳالهه "هٿ ڪنگڻ کي آرسي ڏيکارڻ" جي برابر وڃي بيهندي. اسان ايترو سو ٻڌائڻ مناسب ٿا سمجهون ته راشدي صاحب سنڌ جي سپوت عالم ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي پيڙه کي پُختي ڪرڻ لاءِ لاڳيتو جاکوڙيندڙ بزرگ، مرحوم سائين پير حسام الدين راشدي جي علمي روايتن جو محافظ ۽ امين آهي، جن ۾ بنيادي طور تي ايمانداري ۽ اضافي طور تي اڻٿڪ محنت ۽ بي لوث خدمت جا گُڻ نشانبر آهن. راشدي صاحب هڪ لحاظ کان سنڌي ادبي بورڊ جي منزل بمنزل واڌاري ۽ ترقيءَ جي مختلف وٿندڙ مرحلن ۽ سلسلن جو اکين ڏٺو شاهد عادل آهي. سون تي سهاڳو اهو به آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي هڪ نهايت بي مثل ۽ بي بَدل صاحبِ طرز انشاء پرداز ۽ ليکڪ، سائين علي محمد راشديءَ جي ڀڳدار پُٽ جي حيثيت ۾، سائين حُسين شاهه راشدي پنهنجي قلم وسيلي، سنڌي ٻوليءَ جي جَڙاوت ۾ اُهي ته ماهرانه لياقتون رکي ٿو، جو سندس تحرير جا مشتاق ۽ عاشق اڄ به سندس لکڻين کي سنڀارين ٿا ۽ ڪانئس قلم جو وڏيڪ ادبي ڪرشمو گهُرن ٿا.

سنڌي ادبي بورڊ جي نئين چيئرمن سينيٽر حُسين شاهه راشديءَ پنهنجي پريس ڪانفرنس ۽ هڪ انٽرويو ۾ بورڊ جي ترقيءَ لاءِ جن پروگرامن ۽ رٿائن کي پڌرو ڪيو آهي، تن تي سنڌ جي ليکڪن ۽ دانشورن اطمينان ظاهر ڪيو آهي ۽ راشدي صاحب جي ڪاميابي لاءِ نيڪ تمنائون آڇيون آهن.

مون لاءِ ذاتي طرح سان اهو نقطو خوشي ۽ اطمينان جو باعث آهي، جو راشدي صاحب کي "مهراڻ" سان شروع کان وٺي هڪ خاص اُنسيت رهي آهي، توڙي جو راشدي صاحب جي آڏو سڄي بورڊ جو اٿاهه علمي ڪم هڪجيترو عزيز آهي.

اسان سينيٽر حسين شاهه راشديءَ جي مقرريءَ تي کيس مبارڪون ڏيندي، سندس ڪاميابيءَ جا دعاگو آهيون. اسان کي يقين آهي ته راشدي صاحب جي بهترين نظرداري ۽ رهبريءَ ، محنت ۽ جفاڪشي، تجربي ۽ بلند حوصلگيءَ سان سنڌي ادبي بورڊ ترقيءَ جون نيون نيون منزلون ماڻيندو.

## "مهراڻ" جي وقتائتي اشاعت

"مهراڻ" جي هن پرچي پڌري ٿيڻ ۾ خاصي دير ٿي آهي ۽ اسان کي مانوارن لکندڙن ۽ پڙهندڙن جي بي چينيءَ جو پورو اندازو آهي. اسين سندن آڏو معذرت سان اهو عهد اچاريون ٿا تہ جيئن اسان جي نئين سربراهہ سُخن ڪيو آهي، آئينده "مهراڻ" جي وقتائتي اشاعت لاءِ پورا پورا جتن ڪيا ويندا، جن لاءِ اسان رٿا ڪري ڇڏي آهي.

هن موقعي تي، آءٌ پنهنجي مهربان سائين شمشير الحيدريءَ جي علمي رهبري ۽ بورڊ جي پبليڪيشن آفيسر ياءُ الله بچايي يوسف زئي جي خصوصي جاکوڙي سهڪار لاءِ ٿورائتو آهيان، جن جي تعاون سان "مهراڻ" پيش ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. سائين راشدي صاحب جي بهترين سربراهيءَ ۾ مهراڻ انشاءالله اڳي کان بہ اڳرو بنجي، ليڪن ۽ پڙهندڙن جي خواهشن کي پورو ڪندو.

## "انور" هالائيءَ جي رحلت

سنڌي ادب جي جهوني خدمتگذار، لائق ليکڪ ۽ مجيل شاعر سائين انور هالائيءَ (محمد شفيع ابڙو) جي رحلت جي ڏکوئيندڙ خبر نهايت ارمان جو سبب آهي، جنهن ١٢-جنوري ١٩٩٥ع تي رضا ڪئي!

محترم "انور" هالائي پنهنجي سڄي زندگي ادب ۽ صحافت ۾ خدمت ڪندي گذاري. سنڌي شاعريءَ ۾ سندس مقام مجيل آهي. سنڌي ادبي بورڊ سان ورهين جا ورهيہ لاڳاپيل رهيو، جتي ٻارن جي ماهنامي "گل ڦل" جو ايڊيٽر هو. اسين انور هالائيءَ جي وفات تي افسوس ظاهر ڪندي سندس مغفرت لاءِ دعاگو آهيون. "مهراڻ" جي ورندڙ پرچي ۾ سندس سوانح ۽ ادبي خدمتن جو تفصيلي احوال پيش ڪيو ويندو.

— ن.ا.ش.



هِنَ پارِ، نہ هُنّ پار،
ويچـــاري وَهَ وِچَ ۾،
نبِجُ نِهاري نہ گهِڙيِ
تَـنهَـن ۾ پـيـس تُـنّ
الله! سـاڻُ اَمُـنّ
آران ڪنهن اُڪارِئين
--ڀٽائي رحہ

# سٽاءُ

**• شاعري**


شيخ اياز/تنوير عباسي ٩

نياز همايوني ١٠

تاج بلوچ/شمشيرالحيدري ١١

تاجل بيوس/نورالهديٰ شاهه ١٢

فتاح ملڪ/محسن ڪڪڙائي/ ١٣

عبدالقيوم صائب

ادل سومرو/اياز گل/ رکيل مورائي ١٤

نصير مرزا/منير سولنگي/مقصود گل ١٥

مختيار گهمرو/آثم ناٿنشاهي/اياز جاني ١٦

سرڪش سنڌي/اياز رضوي ١٧

احمد سولنگي ١٨

فياض چنڊ ڪليري ١٩

اختر درگاهي/بادل/لياقت عزيز ٢٠

گوري ولپ/پشپا ولپ/شاهه محمد پيرزادو ٢١

سيد رفيق امروٽي/انيس انصاري ٢٢

وسيم سومرو/ اظهار سومرو ٢٣

سعيد ميمڻ/ واجد/ عبدلقادر منگي ٢٤

سقراط سيتائي/مشتاق بخاري ٢٥

صابر هيسباڻي/جمن احمداڻي/ ٢٦

رخسانه پريت چنڙ/ اقبال رند

مانڪ ملاح/ دشوار سومرو/ ٢٧

علي دوست عاجز/مهرخادم

درد سولنگي/ زاهد شيخ/منظر راڄپر ٢٨

ذوالفقار سيال/سڪندر شيخ/ ٢٩

احمد ٽالپر/سميع لند

روبينه ابڙو/سُندرتا قدرت راشدي/ ٣٠

بانو محبوب جوکيو

پريم پتافي/ راهي چنا/جبار تاثير سومرو ٣١

اسلم چنا/ الهورايو بوزدار/ ٣٢

شيخ اسحاق دانش/معصوم بخاري

رياضت بُرڙو/ لياقت علي لياقت/ ٣٣

مير حسن آريسر/ عزيز ڪنگراڻي

نواز علي زئور/صفر ڪلهوڙو ٣٤

متل جوڳي/سلميٰ پنهور/ ٣٥

منٺار سولنگي/معشوق ڏاريجو

الطاف آسي/جاني اسحاق ملاح/ ٣٦

جاويد سوز هالاڻي

ملهار سنڌي/ روشن گهانگهرو/منظور منگي ٣٧

محمد شريف طالب/جوهر بروهي ٣٨

سلمان سومرو/اڪبر مصطفيٰ سومرو/ ٣٩

مصطفيٰ ارباب

سيال حيات/ وشال ٤٠

اختر جمال پنڊ/بخشل باغي/ ٤١

رئوف پارس دايو

آدرش/امر سنڌي/ زخمي نوحاڻي ٤٢

اظهر ٻانيڻ/اسماعيل خاصخيلي/ ٤٣

محمد علي ماجد

امين زرداري/آس ٻير/علي اظهار ٤٤

ثريا سوز ڏيپلائي/آزاد ڪانڌڙو/ ٤٥

فراز پيرزادو

راحيله امان قريشي/گل ڪونڌر/ ٤٦

ستار وسنداڻي

نياز ملاح/جلال ڪوري/خليل لاکير ٤٧

امداد حسيني ٤٨

(ترجمو: امير علي چانڊيو)

## • مقالا


١. خليفي مخدوم ميان محمد ٺٽويءَ جي سنڌي – ڊاڪٽر قريشي حامد علي خاناڻي ٥١
٢. جنڪيءَ ۾ مينهن جا نالا – ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ٧٧
٣. بکر ۾ تصنيف ۽ تاليف جو جائزو – محمد پُنهل ڏهر ٨٢
٤. "فوائد الاخبار" – سنڌ جي پهرين
سنڌي/ پارسي هفتيوار اخبار – ڊاڪٽر الرکيو ٻُٽ ٩٥
٥. "سنڌو" – اڳاٽو مشهور ادبي رسالو – انور فگار هڪڙو ١٠٧
٦. سچل جي فارسي ڪلام جا اڻ قلمي نسخا – پروفيسر ڊاڪٽر ابراهيم خليل نقوي
سنڌيڪار: غلام محمد لاکو ١٢٢
٧. پير حسام الدين راشدي –رمز شناس شخصيت – ڊاڪٽر سيد اسلم [illegible]
سنڌيڪار: محمد قاسم سومرو ١٢٧
٨. شاهه جي ڪلام جا ترجما – مهتاب اڪبر راشدي ١٣٠
٩. ميان علي محمد قادري جون ادبي خدمتون – سليم ميمڻ ١٣٤
١٠. سنگت پرچي "سنڌي ڪهاڻي نمبر" جو اڀياس – تاج جويو ١٤٢
١١. اڪبر اعظم ۽ سنڌ – انيس انصاري ١٥٣
١٢. سماجي لسانيات ۽ ٻوليءَ بابت غير
لسانياتي مفروضا – ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو ١٥٦
١٣. سنڌي ٻالڪ ساهت جي مختصر تاريخ – مهر خادم ١٦٣
١٤. ماهيا – بيدل مسرور ١٦٨


## • ڪهاڻيون


١. ٽڪل مسڪراهٽ – هريڪانت ١٧٧
٢. سامي سچ وڙاءُ (ناول جي قسط) – مراد علي مرزا ١٨٤
٣. ڏنڌ ۾ گم ٿيل منظر – زيب سنڌي ١٨٩
٤. ڏکارو منطق – گابريل لانوب
سنڌيڪار: ولي رام ولڀ ٢٠٦
٥. هڪ Premature ڪهاڻي – قاضي اياز مهيسر ٢١٠
٦. امرتا جي سهيلي – لياقت رضوي ٢١٣

| | | |
|---|---|---|
| ٧. درد جي دنيا | - رفيق سومرو | ٢١٦ |
| ٨. موهني | - محمد دائود بلوچ | ٢٢١ |
| ٩. هڪ لمحي جي خوشي | - شبنم گل | ٢٢٥ |
| ١٠. رُڃ ۾ وڃايل گيت | - غلام مصطفيٰ سولنگي | ٢٣٧ |
| ١١. قصو هڪ عشقباز جو | - اياز قادري | ٢٤١ |
| ١٢. شڪار (ناوليٽ) | - عبدالجبار جوڻيجو | ٢٥٣ |

**• ڪالم**

| | | |
|---|---|---|
| (١) ادبي خط (محمد عمر چند/عبدالقيوم صائب) | | ٢٨٥ |
| (٢) تبصرا | | |
| - ڌرتي سارو ديس | - شبنم گل | ٢٨٩ |
| - سُرها ساهه پرينءَ جا | - ڊاڪٽر فهميده حسين | ٢٩١ |
| - گهڙيون گهاريم جن سين | - امام راشدي | ٢٩٢ |
| - زندگي تنهنجا رنگ هزار | - نصير مرزا | ٢٩٣ |
| - پنجين موسم ڪان پوءِ | - جاويد سوز هالائي | ٢٩٥ |
| - "ادب" پبليڪيشن | - سليم چنا | ٢٩٦ |
| (٣) صفحا ساروڻين جا | | |
| - هڪ فنڪار جو موت (حفيظ شيخ جي ياد ۾) | - عبدالقادر صديقي | ٢٩٧ |
| (٤) آديسي اٿي ويا... (امر ڪهاڻيڪار ايشور چندر) | - ڪملا گوڪلاڻي | ٣٠٠ |
| (٥) علمي ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون | | |
| - مولانا گرامي جي ورسي | - آزاد ڪانڌڙو | ٣٠٣ |
| - اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس ڪانفرنس -١٩٩٤ع | - ادارو | ٣٠٦ |
| - سنڌي نثر مان مثالي ٽُڪرا | - الطاف آگرو | ٣١٦ |

اڄ اسان جو ملڪ هڪ ويران بيابان آهي، جنهن ۾ شادابيءَ ۽ زندگيءَ جو نالو نشان به نه آهي. ملڪ جو ذرو ذرو ڏک جي تصوير بڻيل آهي. اسان کي انهيءَ ڏک ۽ پيڙا کي متاثر آهي، ۽ نئين سر زندگيءَ جي چمن ۾ آبياري ڪرڻي آهي. اديب جو فرض هجڻ کپي ته هو پنهنجي ملڪ ۾ نئين زندگيءَ جو روح ڦوڪي، بيداريءَ ۽ جوش جا گيت ڳائي، هر انسان کي اُميد ۽ خوشيءَ جو پيغام ٻڌائي، ۽ ڪنهن کي به نااُميد ۽ ناڪاره ٿيڻ نه ڏئي. ملڪ ۽ قوم جي خيرخواهيءَ کي ذاتي غرضن تي ترجيح ڏيڻ جو جذبو هر ننڍي وڏي ۾ پيدا ڪرڻ، اديب جو عين فرض هجڻ کپي. قوم، سماج ۽ ادب جي بهبوديءَ جو قسم جيستائين هر انسان نه کائيندو، ان وقت تائين دنيا جو مستقبل روشن نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن اوهين ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهيو ته پهرين اوهان کي پنهنجي مُوڙي چوٽ هڻڻ سان لتاڙڻي پوندي، ۽ پوءِ وڃي اوهين انهيءَ لائق بڻبا جو دنيا کان ڪنهن معاوضي جي تمنا ڪريو. ليڪن پنهنجو پاڻ متاثر ۾ جيڪو لطف آهي، ان کان اوهين محروم نه رهجي وڃو!

"ياد رکو، تخليقي ادب ڏاڍو جوکي جو ڪم آهي. سچائيءَ ۽ حسن جي تلاش ڪرڻي آهي ته پنهنجي "آنا" (خودپرستي) جي ڪُل لاهي ڦٽي ڪريو. مکڙيءَ جيان سخت ڏانديءَ مان ٻاهر نڪرڻ جي منزل طئي ڪريو: پوءِ ڏسندا ته هوا ڪيتري صاف آهي، روشني ڪيتري وڻندڙ آهي، ۽ پاڻي ڪيترو لطيف آهي."

– رابندر ناٿ ٽيگور

# ڪافي

آهي عشق جي منزل ڀري ڀري، پيو عقل اجائي خيال ۾.

رُلي رت اجائي ويهي، عمر وڃايائين ساري ڪيهي،
اڃا نظر نه پيا ڳُو نه ذري ذري، وڌو جُوف ڪٺي جنجال ۾.

نسنگ نينهن هٽي جت نعرو، هوش عقل جو ٿئي گم سارو،
ڏسي ڏورئون ڏري ڏري، ڪونهي حال ڪوئي بيحال ۾.

ٻانين لايان عشق سان ياري، ڪڻ ملامت سر تي خواري،
هل پڙ ۾ پير پري پري، پي جام هجر وصال ۾.

عشق نه اٽڪل بازي آهي، ڪنڌ قبولي جو چڙهي ڦاهي،
هلي تار تانگهو تري تري، رهي محض انهيءَ مقال ۾.

رنگپور ۾ آيو پنهنجي رائي، "جان محمد" نام رکائي،
قربئون ڪشالا ڪري ڪري، آيو سنر ڪرڻ جمال ۾.

– نواب فقير جان محمد لغاري "مسڪين" ، صوفي القادري.

# شاعري

جيئن سنڌ جي هر شيءِ نرالي آهي ۽ پنهنجي آهي، ٻين کان مختلف آهي، تيئن سنڌس ادبي روايتون ۽ روشون، فڪر جا طريقا ۽ سوچڻ جا ذريعا پڻ علحده آهن. مثلاً شعر ۾ سنڌ جون ٻه شيون آهن:- يعني ڪافي ۽ ڏوهيڙو. سنڌ جو سڄو فڪر ۽ سنڌ جي سڄي ذهني تشڪيل انهن ٻن شعري صنفن ۾ سمايل آهي. انهن کان سواءِ ٻيون جيڪي طرزون، طريقا ۽ نيون جدتون پيدا ڪيون ويون آهن، سي خارجي غير طبعي ۽ نامناسب آهن. انهن جون پاڙون واريءَ مٿان آهن، زمين جي پاتال تائين پهتل نہ آهن. اهوئي ڪارڻ آهي، جو جن شاعرن مٿي بيان ڪيل ٻن طرزن کان هٽي شعر چيو آهي، تن کي قبول عام حاصل ٿي ڪونہ سگهيو آهي. ماڻهن جي دلين تائين سندن اهي گفتا پهچي ڪونہ سگهيا آهن، ۽ نہ ماڻهن جي دماغ ۽ فڪر تي انهن ڪو اثر قائم ڪيو آهي. ڪي قدر سندن ڪتاب موجود آهن، ڪن ڪن سوفينن وٽ لبي بہ پوندا، ليڪن انهن جي حيثيت ادب جي تاريخ ۾ اهڙي نہ آهي جو هوند انهن کان اکيوٽ ڪجي تہ ادب جي تاريخ ۾ ڪو هاجو يا وڏو خال ٿي پوي. سنڌ ۽ سنڌي زبان جي خمير ۽ ضمير ۾ ڪابہ ذاري ۽ خارجي شي جتاءُ ڪري ئي ڪانہ ٿي سگهي.

سنڌ جو فڪر، سنڌ جي تعليم ۽ سنڌي ذهن جي جيڪڏهن تلاش ۽ تحقيق ڪرڻي هجي تہ اها غزل گو شاعرن جي ديوانن مان نٿي ڪري سگهجي، بلڪ ڪافين، ڏوهيڙن ۽ ٻين نيٺ سنڌي صنفن جي کاڻ مان هيرن کي ڪڍي، پروڙي ۽ پرکي سگهجي ٿي. انهيءَ پنهنجيءَ وٿ کي سنڌ جا رهاڪو دلي جي وجت، چيڙن جي جهانءِ ۽ يڪتاري جي سُر تار تي، ڪن تي هٿ رکڻ بعد، "الومبان" سان شروع ڪن ٿا.

-- سيد حسام الدين راشدي

(١٩٧٠ع)

شيخ اياز

## نظم

رات پر ڳايان، ستارا ترسجو،
چنگ دل کولي وڄايان آءٌ جڏهن
ٽيون ڇُلن ڇوليون، ڪنارا ترسجو،
اُڀ تي تن کي ڇُهايان آءٌ جڏهن!

اي زمينو، آسمانو، سوچجو،
مون جيان راڳي وري ايندو ڪڏهن؟
ننڍ وارا آستانو سوچجو،
راتڙيون جاڳي وري ايندو ڪڏهن؟

جاڳ منهنجي ياڳ ۾ آهي لِڪي،
ننڊ منهنجي گهنڊ وانگر ٽِي وڄي،
ڪا ته پوڄا راڳ ۾ آهي ڇپي،
رات ساري گونج ٽي جنهن جي وڄي.

آءٌ منٽيءَ کان سوا ٻي شيءِ به هان،
هي ڪويتا آ انهيءَ جي ثابتي،
لونءَ کي ڪانداريان سا ليءِ به هان
ناستڪ! ڪهڙي کپي ٻي ثابتي؟

## ترائيل

پو به ورٺو ته اُوس هان، جي مري ويندس مان،
ها، هتني رات رهي، آءٌ هليو وڃڻو هان؛
جڏهن اُتر واءُ گهلي، اينءَ ٺري ويندس مان،
جيترا بار به ايندس ته وري ويندس مان!

هن دفعي جڏهن ڪٽي گيتن جي پري ويندس مان،
چنڊ جڏهن دور ڪهي آءٌ هليو وڃڻو هان،
شمع وانگر ته نه آهيان جو ڳري ويندس مان،
پو به ورٺو ته اوس هان، جي مري ويندس مان!

●

موت! ڪجهه وقت اگر ڏين ها ته وسان ڌرتيءَ تي،
هي ڪويتا ته نه برسات جيان ڪجهه آهي،
واءُ ۾ جڏهن گسي وَلهارُ، گسان ڌرتيءَ تي،
مون گهٽايو نه وسان ڇَڏهن ڏسان ڌرتيءَ تي.

ڦول ڇوڏار پيو آءٌ پسان ڌرتيءَ تي،
سڀ ٻُڌي گيت چون ڏات جيان ڪجهه آهي،
جڏهن ٽڙن ٺار اينءَ آءٌ هسان ڌرتيءَ تي،
موت! ڪجهه وقت اگر ڏين ته وسان ڌرتيءَ تي.

تنوير عباسي

## غزل

پيارو پيارو اهو پل ويو لکجي،
تو نهاريو ته غزل ويو لکجي.
تنهنجي پوشاڪ جيان ني سُرهو،
جملو ڪو رنگ رتل ويو لکجي.
ڍنڍ جي منهن تي سنڌوءَ نيڻن جيان
آهي ڪيئن نيل ڪمل ويو لکجي.
رات جي اڪ ۾ ڪنهن ڪاتب کان،
ڪارو ڪارو آ ڪجل ويو لکجي.
ڪيئن تقدير لکڻ واري هٿان،
عشق سان لفظ اجل ويو لکجي.

●

نياز همايوني

# غزل

اسان ڪسائي ۾ پنهنجي ڇڏي ڪسر نہ مُدا،
مُسايو جن سي مٽي مان ويا چڪر نہ مدا.

هميش پاڻ پتوڙيوسي جاڳندي سمهندي،
خيال خواب جا پورا ٿيا سفر نہ مُدا.

رکون ٿا آس ان جي اپچي جي سدا،
وراڻي مهر جي پلجي بہ جنهن نظر نہ مُدا.

مقابلي ۾ تہ هر ڪو منو ٿي ميڙي لاء،
ملي جي ميچ تہ پڙ تي رهي پهر نہ مدا.

ڏنيسي ڏاه وجي جنهن کي ڪنهن بہ آنيءَ جي،
انهي لڪايوني ان جو ڪٿي خطر نہ مُدا.

سُتا جي يار، مهيلوڙ تي بہ ڪين اُٿيا،
اٿيا تہ هوش ڪان ٻاهر، لٿن ڳهر نہ مُدا.

اسان جو عشق اتاهون رهيو عقاب جئان،
وڏا انهيءَ تي ڪانگن ڪڏهن اثر نہ مُدا.

اوهان جي ياد اٿين جڻ تہ مينهن پوڻي تي،
انهيءَ مينهن جا سڪٿا رهن ڪکر نہ مُدا.

چريا هجون کي سياڻا تڏهن بہ لوڪ سندي،
زبان ذهن جا رڪندا نِڪر پٿر نہ مُدا.

اسان جي ساک جا جيڪي هنا سچا شاهد،
اسان سنياري سگهياسي اهي وکر نہ مُدا.

عظيم سيڪو سڏاني پيو پر عظمت جا،
ڪپن ٿا جي سي لين ٿا ڪٿي اکر نہ مُدا.

سين جو خير گهريوسي تڏهن بہ مَت موڙهن،
اسان جي باب ۾ پورڻ ڇڏيا پتر نہ مُدا.

پراڻي پنهنجي جو ڪن سيءُ ٿو ڪري ڪاريون،
هٽاڻي پاڻ تان اتراڻ جڻ اُتر نہ مُدا.

سکن جي ڪاڻ سکيا سي سڪائون باسي پر،
ڏکن سکن ۾ بہ پنهنجي ڇڏي پڇر نہ مُدا.

ڪڏيوسي جن کي ڇڪي موتمار اوندهہ مان،
سڌير ٿيا تہ بہ ستريا اهي نِنر نہ مُدا.

هٿن ٿا هاڻ تہ هاڃا اهي ٽکي تي تيهہ!
ڪني ٿي سون ۾ پڻ جن ڪڏهن ڪتر نہ مُدا.

مناسي جن جي ڪري تن ڏنو ڪلهو نہ اچي،
لنگهڻ تڪيانون، ڏنائون مُڙي قبر نہ مُدا.

ٻُڌن جي جان تي ڇولين جي ڇوهہ ڇيهہ ڪيا،
مرڻ لڳا تہ بہ ساريا مُٺن ڪپر نہ مُدا.

اسان گهريوسي رهي راس پنهنجي پيڙي پر،
جُهرڻ لڳي تہ هنيس ڪابہ ڪنهن پڇر نہ مُدا.

"نياز" تنهنجي ٺي نالي نهال آهہ پرين!
غريب لاء گوارا ڪجان ڏمر نہ مُدا.

تاجل بيوس

# انقلاب

اوڀر کان طوفان اٿيو آ
تون ـ ته ڏسين ٿو
مون ته ڏٺو آ
اولهه کان ٻيو رعد رڙي ٿو
لوهه سڙي ٿو.

مسجد مان جا ٻانگ اچي ٿي
آن - داتا کي
يڄ چنڊ جو سڏ ٿيو آ
ٻيٽ پرڻ جون
پرهه ڦٽيءَ
پوکارون آهن
جيون جون
للڪارون آهن
پٽ ڌٽيءَ جي تنبورن جون
تارون آهن
مندر جا گھڙيال وڄن ٿا
برج لڏن ٿا
سارا سڏ پڙاڏا آهن
آزاديءَ جي
گھوٽ ڪنوار جا لاڏا آهن
آمر جي ٽولن ۾ ڪيڏي ڀاڄ پئي آ
استالن جي ٻم گولن تي ماڪ وُٺي آ
جاڳ پرهه ٿي
ٻاڪون نڪتيون
سڄ جون سون سريکيون
ڌرتي ماتا
توتي
شاخون نڪتيون.

نُور الهديٰ شاهه

# اليڪشن

ڪيئي اليڪشنون ٿيون،
مون ۽ منهنجي ابن ڏاڏن ڪيئي ڀيرا
اکين تي ڪاريون پٽيون ٻڌي
ووٽ وڌا
ڪيئي حڪومتون آيون ۽ ويون
ڪيترن ئي وزيرن کي مون ۽ منهنجي ابن ڏاڏن
هٿ لوڏي سلاميون ڏنيون
ڪيترن ئي ليڊرن جي ٻُتن ۾ ساهه ڦوڪڻ لاءِ
اسين نعرا هڻي هڻي ساهه ڏيندا رهياسون
جلوس ۾ هلي هلي
پير پٿرن ڪندا رهياسون
۽ تاڙيون وڄائيندي وڄائيندي
هاٿي ته هٿ به
پٿر ڪري چڪا آهيون
پر
منهنجا پُٽ!
پنهنجي ڳوٺ جو رستو ڪلهه به ڪچو هو
اڄ به ڪچو آهي
ڪلهه وانگر اڄ به
جيئڻ پنهنجو ڏکي ۽ ڏور وانگر آهي.

○

فتاح ملڪ

# غزل

مينهن وانگي ٿو وسين،
ننڊ ساري ٿو کسين.

پيار جي نيڻن ۾ لڪي،
گهور گهايل ٿو ڪسين.

ڪنهن جي ڪُنيڙن وارڙن ۾،
ونگ واري ٿو وسين.

بادلن مان جڻن چنڊ نڪري،
راهه ڪاني جي ڏسين.

محسن ڪڪڙائي

# غزل

هر تعلق جيترو گهرو لڳو، گهاٽو لڳو،
اوترو ئي آس کي لوٽي ۾ گهوپاٽو لڳو!

بار سڀ اسڪول ۾ ۽ هُوءَ به دفتر ۾ هُئي،
گهر ۾ قبرستان جهڙو مون کي سناٽو لڳو!

هر طرف اُڪا ۽ انديشا گهڻا، ڪُتڪا سوين،
ڪٿ به ڪو محفوظ مون کي ڪونه چوواٽو لڳو!

ريشمي گلين ۾ ماڻهو ٻي هئا ڪجهه ريشمي،
ڪن جو اوچو ڳاٽ هو، ڪن جو پٺي ڳاٽو لڳو.

هن چهيو جڻ جان ۾ بجلي هُئي دوڙي وئي،
سرد جذبن لاءِ هُن جا لفظ جڻ چاٽو لڳو.

آدميت کي ته ڳڙڪائي ويو دولت جو شينهن،
رنگ پيو "محسن" ڏسي، ڪنهن کي، ڪِٿي جهاٽو لڳو!

●

عبدالقيوم صائب

# غزل

مفتيءَ جي ڪار باقي ڪافر گري رهي،
الزامِ ناروا جي سر تي ٻري رهي.

اهل جنون جي زد ۾ اهل خرد اچي،
اُٿندا ويا ٿي ليڪن محفل ٻري رهي.

معبودِ بي بقا تي جن کي هو ڀروسو،
تن جي الآئي ڪيڻن ٿي بازر ڪري رهي.

جن پاڻ کي ٿي سمجهيو هر طور حق پرست،
تن جا نڪر نلها ۽ خالي ڪري رهي.

جنت ڏيو انهن کي جن جي ته روز شب،
خواب و خيال ۾ بس حور و پري رهي.

زاهد پرست شه لنه لفظن جو تاج هو،
رندن جي سر تي پوءِ ٻي چوٽري ڊري رهي،

نيزي جي نوڪ تي ٿي جن جا به سر رهيا،
اڄ تائين آهه دنيا تن لئه چري رهي.

طاقت جو طوق آهي گردن ۾ جنهن جي دوست،
هٿ جي انهيءَ جي سر تي جادوگري رهي.

مدهوش ٿيندي ٿيندي جو وقت ٿا وٺن،
رندن جي آهه تنهن ۾ خود بهتري رهي.

دلبي کان دور هوندي آهن تلاش ۾،
انهڻ جي جستجو ۾ آ دلبري رهي.

عيبن تي منهنجي مالڪ پردو وجهي ڇڏيو،
ورنه هتي وجي هتي پرده دري رهي.

صائب کي هوش رهندو محفل ۾ هو ڪڏهن،
ماڻهن جي ليکي هن وٽ هني خودسري رهي.

ادل سومرو

## غزل

تو بنا هر گيت تو سُڏڪو لڳي،
گهر بہ پنهنجو اوپرو جڻ تو لڳي.

مصنوعي لفظن سان ڪن ٿا آجيان،
ڪوبہ ناهي جو هتي پنهنجو لڳي.

هر ڪو جملو جڻ تہ تو حملو ڪري،
دوستيءَ جو هي نئو لهجو لڳي.

"مون ڪي تنهنجي آهہ وڻندي شاعري" ،
سڄ اِها تنهنجي مون کي تمغو لڳي.

پيار جي دنيا جو پنهنجو رنگُ آ،
درد پيي محبوب جو تحفو لڳي.

تون ڏنين ٿي ٿمڪ منهنجي حال تي،
منهنجي دل ۾ جڻ تہ تو ڪوڪو لڳي.

پاڻ تو پنهنجي ڪري واکاڻ هُو،
آدمي ڪيڏو نہ تو هلڪو لڳي.

مان وچوڙي جون ڪيان تو ڳالهيون،
توکي دوست! تو اِهو چرچو لڳي.

بددعا مون کي نئي تون ڏئي سگهين،
خط هي مون کي نئو تنهنجو لڳي.

"پاڻ گڏجي گهاريندا سين زندگي" ،
ڳالهہ تي هاڻي اِها سپنو لڳي.

ـــــ

اياز گل

## وائي

هيڏي تِڪيءَ اُس ۾
ڪچن رنگن سان
چالنہ تون نِڪتين پرين!
ٻاهر هر پل حادثو
منهنجن نيڻن مان
چالنہ تون نِڪتين پرين!
تارن رات پچيو پئي:
پاڇن جي پويان
چالنہ تون نِڪتين پرين!
سوچي سوچي ٿڪجان
ٿڪجي تو سوچيان
چالنہ تون نِڪتين پرين!
هيڏي تِڪيءَ اُس ۾
ڪچن رنگن سان
چالنہ تون نِڪتين پرين!

●

رڪيل مورائي

## غزل

تنهنجي شهر جو هرهڪ روشن منظر جاڳي ٿو،
روشنين ۾ هڪڙو اونداهو گهر جاڳي ٿو.

جلدي ننڊ سُمهاري ڇڏيو جسمن جي ميلاپ،
ها پر اوسيڙي ۾ لُڇندڙ بستر جاڳي ٿو.

ڪرسيءَ تي ويٺي صاحب کي ننڊ وٺي ويئي،
ٻاهر لوڪ سمورو سمجهي دفتر جاڳي ٿو.

مان جو رستي جي وچ تي اڄ مري ويو هان،
منهنجي ني رت ۾ ڳاڙهو هو خنجر جاڳي ٿو.

احمد سولنگي

# Libra چوڪريءَ لاءِ

مون ۾ مڙهيل تنهنجون اکڙيون،
پيا ڪمڙا الماس پرين؛
تولئہ خواب اُٺيا مون آهن،
۽ اُجرا احساس پرين.

چا تون منهنجي ليلان ٿينديئن،
تنهنجو آءُ چنيسر ٿيندس؛
چا تون مٺيي تي پيارا مٽينديئن،
تنهنجي اهڙي ويسر ٿيندس.

تون ئي مون لئہ سمنڊ سراپا،
تنهنجا ساحل مون ۾ آهن؛
تون ئي رڻ جي ريپاري آن،
تنهنجا بادل مون ۾ آهن.

آءُ تہ تنهنجو پيچل آهيان،
تنهنجو ڪمڙو نانءُ هجي پل؛
توکي مون تہ قبوليو آهي،
تنهنجو ڪمڙو ڳانءُ هجي پل.

تون تہ گهتي آن منهنجي من جي،
تون ئي منزل ۽ مانجهاندو؛
تون ئي مومل جي ماڙي آن،
توني ڪاڪ اندر آ آندو.

يا تہ شفق جي شهزادي آن،
يا تون مون لئہ رين بسيرو؛
يا تہ وهانو مون لئہ آهين،
يا تہ غلافن ساڻ انڌيرو.

مون ۾ آرهڙ جو پيهرو،
تون آن ٿڌڙي شام وٽن جي؛
تو ۾ نند - نمازون واجب،
تون تہ گلابي هير ڏکڻ جي.

اڳ مان اهڙو ڪين ٿيو هئس،
ڪنهن جي آڏو سر بسجود؛
تون ئي منهنجي مطلوب آن،
تون ئي مون لئہ آن معبود.

تون جي ملي پئين مون کي منڙي،
پيو نہ مون کي ڪو پارس گهرجي؛
تون جي پوکين جاڳ اکين ۾،
مون کي ننڊ نہ آرس گهرجي.

●

فياض چند ڪليري

# هوءَ ڪاش هوا جي رَٿ تان لهي!

هوءَ روز هوائن جان منهنجي،
ساهن ۾ گھلي ويندي آهي.
ڪا ڇولي سار سمنڊ جي،
ڌڙڪن ۾ ڇلي ويندي آهي.

هوءَ روز ستارن جان من جي،
آڪاش تي اُڀري ايندي آ،
دل هُن ڏانهن ڇرڻي چڪور جيان،
ڏيئي الرون اُڏري ويندي آ.

هوءَ روز اکين ۾ خواب جيان،
ساهن جو واس ڇڏيندي آ،
۽ منهنجيءَ دل جي ڏڪ ڏڪ سان،
ساڀيا جا راز سليندي آ.

هوءَ روز تيئن خوشبو بڻجي.
ماحول ۾ وکري ويندي آ،
۽ مون کي تصور پاڪر ۾.
هوءَ مرڪي روز پنريندي آ.

هوءَ روز پريل ڪنهن آڳر جان.
مون ۾ پاڻ وسائي ٿي،
۽ انڊلٺ، سونهن سراپا ٿي،
هڪ شاعر دل کي ڳهائي ٿي.

هوءَ روز اکين جي ڪئنوس ۾،
ڪيئي سِڪ جا رنگ پريندي آ،
۽ پنهنجي جوڀن درياهه جا،
مون ۾ ڇوڙ ڇڏيندي آ.

هوءَ روز ڇمين جا ڇنگ ڪٽي،
ٿي خاموشيءَ کي وندرائي
۽ پنهنجي ريشم هنڙن سان.
ٿي منهنجون اکڙيون پرچائي.

هوءَ پرهه ڦٽيءَ جي هيرن ۾،
ٿي ماڪ جيان مون تي برسي
هوءَ ڪاش هوا جي رٿ تان لهي
مون لاءِ ٻه جي هيڪر ترسي.

هوءَ، جنهن ريءَ آءُ اڌورو هان!
هوءَ، جنهن ريءَ آءُ اڌورو هان!

اختر درگاهي

## وائي

سانت لڳي پني آهي،
پوءِ به ڳوڙهن سان:
نيڻ ڳالهائن ٿا.
ساز وڄائي ساهه ۾،
چُپ جي لفظن سان:
نيڻ ڳالهائن ٿا.
تنهنجي گهر ڏي اي پرين،
ويندڙ رستن سان:
نيڻ ڳالهائن ٿا.
سايائن جي آس ۾،
سندر سپنن سان:
نيڻ ڳالهائن ٿا.

بادل

## غزل

تو بنا بي قرار ۾ گهاريون،
ها، اسين ٿا قرار ۾ گهاريون.

هر گهڙي بس گلن جي چاهت آ،
هر گهڙي خار خار ۾ گهاريون.

ياد هن جي ۾ گهيريل آهيون،
پاڻ هر پل حصار ۾ گهاريون.

هي به ڄاڻون ٿا خود شڪار آهيون،
زندگي پر شڪار ۾ گهاريون.

ڪا ته اهڙي گهڙي اچي بادل،
جيڪا گيسوءِ يار ۾ گهاريون.

لياقت عزيز

## جدائي جا موتي

شام جي ويلي، سمنڊ ڪناري،
فطرت جو پنهنجي ڪيم نظارو،
هڪڙي بي چين لهر،
نچندي ڪُڏندي آئي ڪناري،
پنهنجا چپ،
ملائي ڪناري جي چپڙن سان،
امرت رس اوتيائين،
وڃڻو لهر کي پيو واپس،
وري سمنڊ جي سيني ڏانهن،
ڇو جو موٽي ٿي هر شيءِ
پنهنجي اصل ڏانهن.
وڃڻ مهل،
لهر لاڙي، ڪيئي لڙڪ ويئي،
ڪنارن آيو ڪو پوڄارو،
ميڙي چوندي لُڙڪن کي،
(لڙڪ هئا سڀ ئي موتي)
ڪٿي بازار ۾ آنيو
اُهي جدائي جا موتي املهه موتي
اڄ به،
هن سنسار جي هر بازار ۾،
مُلهه تي پيا روز وڪامن

●

گوري ولي

## شڪايت

ڪجھ تہ ڇڏي وڃين ھا
پنھنجي ڪا امانت
دلفريب ڪا مسڪراھٽ.
ڪجھ تہ ڇڏي وڃين ھا
يادن جي سھاري ني
ھي زندگي گذاري ڇڏيان ھا.
ڪجھ تہ ڇڏي وڃين ھا
پنھنجي ڪا امانت.
خوبصورت ڪا اھڙي گھڙي
جنھن ۾ تو چاھيو ھجي ھا.
ڪجھ تہ ڇڏي وڃين ھا
پنھنجي ڪا امانت
واري ڇڏيان ھي پاڻ.
ٻہ مٺا ٻول ني سھي
تنھنجي واتان نہ نڪتا
ڪجھ تہ ڇڏي وڃين ھا
پنھنجي ڪا امانت.

پشپا ولي

## خوشيون / ڪِوليون

وڏي ماڻھو ٿيڻ جي خوابن
ڪجھ ٻہ نہ بگاڙيو آھي
بس، ننڍڙيون خوشيون،
ٽھڪڙا ۽ ڳالھيون
ڪِوليون بڻجي ويا آھن
۽ پيرن ھيٺ اچي چيپاڻجي ويا آھن!

تنھنجون خوش اخلاقيون
محبتون ۽ مسڪراھٽون
رات جو سمھڻ سان تنھنجي
ٻاھر پاڻ جي ڪپڙن تي ڪِري پونديون آھن
۽ اچي سمھي پونديون آھن
جيستائين تون آفيس پھچين
۽ آفيس جو پھريون ماڻھو ڏسين
تيستائين اھي جاڳي پونديون آھن
ھيڏي ھوڏي ڪِرڻ لڳنديون آھن
گھر پھچڻ تائين سڀ وڃانجي وينديون آھن!

شاھہ محمد پيرزادو

## ترائيل

رات جي چوٽ جيان تنھنجي اکين ۾ اسرار،
تون ڀلي گھُور، ڀلي گھُور، ڀلي گھُور پرين،
اڻ ڪيل تنھنجا ٻکن ٿا انھن منجھان اقرار،
رات جي چوٽ جيان تنھنجي اکين ۾ اسرار.

تون ڪڏھن رسينءَ نہ مون کان نڪو ٿينءَ ذار،
تون ڀلي دور، ڀلي دور، ڀلي دور پرين،
رات جي چوٽ جيان تنھنجي اکين ۾ اسرار،
تون ڀلي گھُور، ڀلي گھُور، ڀلي گھُورين.

وسيم سومرو

## لاشعور جو هڪ رنگين شهر

لفظن ۾ وڃائجڻ کان پوء،
مون کي هو ٻہ ڳولي نہ سگھندو آهي،
هو، جنهن جي ٻکن ۾ هوندو آهيان،
هو، جنهن جي در تي،
منهنجي پيرن جو سفر ڪٽندو آهي،
لفظن ۾ وڃائجڻ کان پوء
مان اڪيون وڃائي ويهندو آهيان،
ٻ ڪنهن نئين روشنيء جو،
جهرمر جهرمر پرتوو ٿي پوندو آهيان،
لفظن ۾ وڃائجڻ کان پوء!
مون کي لڳندو آهي،
مون جڻ دنيا جي هل هنگامي کان،
مڪتي ماڻي ورتي آهي،
ٻ وجود جو ڀاري احساس وڃائي ڇڏيو آهي،
لفظن ۾ وڃائجڻ کان پوء!
مان ڳولي لهندو آهيان،
لاشعور جو هڪ رنگين شهر،
جيڪو دنيا جي گولي تي،
اجا هڪ سپنو آهي،
ٻ جنهن جي تلاش ۾،
بي انت ماڻهن،
پنهنجون جانيون لٽائي ڇڏيون آهن.

●

اظهار سومرو

## تاريخدانن جيان منهنجي دل آ

منهنجي جواني،
لوٺيانن پهاڙن جي پيٽ ۾،
هڪ ڊگهو، خالي ميدان آهي.
هر خواب کان اڳم،
مان پنهنجون اکيون
هنيڪيون ڪري رکان ٿو
"تون طريناڪ ڇوڪري آهين."
منهنجي دل کي خبر آ
وڇوڙي وقت مان ڊائريء تي
رڳو اهوئي لکي سگھندس.
هڪ خاموش جبل جيان
مان پاڻ ۾ ڏرندو رهان ٿو
بارش مون کي
تنهنجي ياد جيتري پياري آ
جو مون کي عمر جو اهو حصو
تمام گھڻو پسند آهي
جڏهن مان آگر تائين بہ
اڪيلو نہ وڃي سگھندو هيس
تاريخدانن جيان منهنجي دل آ پر ياد رکجانء
تون ڪڏهن بہ ماضي نہ ٿينديںء.

●

سُقراط سينائي

# نظم

اسان جون هڙني اُداس يادون،
اوهان جي پاڇن جي آس پاس ني،
گهمن پيون ٿيون،
۽،
هاڻي جڏهين بہ
زندگي جوڙ کٽ مان آجي ٿئي ٿي،
کي ٻي ڇيا پل پنهنجي وٺي ٿي:
تہ ڪن بہ سوچن کي
ٿاڪ ٿاڻو نٿو لڀي ڪو.
وري جي سوچون
گُذاريل پل ڏکي ٻري ڪن،
تہ
آئيندي جا عذاب لمحا سُري اچن ٿا
۽ حال جو ڪو بہ حال ڪونهي
اوهان سان لاڳاپيل
اسان جا هزار لمحا/سوين سچايون
انهن مان ڀڻ ڪي بہ ڪم نہ آيون.
پلا جي هڪڙي ڪا يادگيري
اچي بہ نڪري،
تہ پوءِ تعارُف جي رسم
وچ جو وقار ڇيهون ڇيهون ڪري ٿي.
اسان جون در ۾ اکيون
۽
پنبڻيون ڪڏهن ڇٽي ويون؟
خبر ني ڪانهي.
اوهان جو هڪڙو ڪو عام ڪاغذ
ڪڏهن بہ خط ٿيڻ جي مرتبي تي
اجا نہ پهتو.
اوهان جا لڪيل اکر
برابر
ڪنهن ٽنين جي
اِڳيانِ اگهاڙجڻ نہ ٿا قبولن
تڏهن تہ سانڻ!
اسان جي اکڙين مان
بہ لڙڪ ڪوسا
ڳڙڻ تي آهن
اوهان جي اکرن کي
احتراماً
چُمڻ ٿا چاهين.

●

مشتاق بخاري

# بيت

آءُ مسافر منڙا، ڪونهي هتڙي گهر،
آهيان ڏينهن پهرُ، ترسيل تنهنجي شهر ۾.

اڏري اُتر سنڌ ۾، آيو آ ڄڻ ٿر،
توبن سارو ترُ، راڻا رڻ پٽ ٿو لڳي.

صبح سويري اڄ، اتر آهي لڳو،
شايد سانوڻ پڳو، سياري جي سيءَ ڪان.

ڏاڍو سفر ڏکيو، اونداهين آ واٽ،
ويتر مون کي اساٽ، پرين تنهنجي پيار جي.

مهتابي مک تي، توکي ترَ ڪارا،
جن تي مون پارا، "مشتاق" مُنا ڪيئي.

●

صابر هيسباڻي

## وائي

جھونگاريندس جيڏي،
آئون ساڳيو گيت،
ها، دل جي وستيءَ ۾.

آڏري ويا هن جيڪي، سي ني موٽن ميت،
ها، دل جي وستيءَ ۾.

جيون جنھن کان جاڳي، ايندي نيٺ پريت،
ها، دل جي وستيءَ ۾.

ساٿ ملي جي پوي من! ڇُرندي پوءِ سنگيت،
ها، دل جي وستيءَ ۾.

انن بيٺو آ تولاءِ، صابر! تارن ريت،
ها، دل جي وستيءَ ۾.

رخسانه "پريت" چنڙ

## غزل

تند تپي کا، سانت ٽٽي پئي،
ديپ جلي ڪو، رات ٽٽي پئي.

سار اها جا پل ۾ سامهون،
ساجن پهچي تات ٽٽي پئي.

سور نه ڪر سنگسار انين جو،
سپنن جي محلات ٽٽي پئي.

جذبو جي اڏريو، ٽوپيو ويو،
پر نه اسان جي ڏات ٽٽي پئي.

سٽ سٽ ۾ امرت اوتيون جو،
زهر سندي ني ذات ٽٽي پئي.

ڪيڏا ڏات ڏني ڏڍ تنهن ڏينهن،
جنهن ڏينهن تي جذبات ٽٽي پئي.

جمن احمداڻي

## غزل

جدا ٿي ويا جڏهن آهيون، ملي ناهيون سگهيا منڙا.
ڦٽل آهيون فراقن جا، کلي ناهيون سگهيا منڙا.

برهه جي باهه لڳي اهڙي، بدن سارو سڙي ويو آ،
جدائي آ جلايو جو نري ناهيون سگهيا منڙا.

پنهنجو هو پيار اهڙو جڻ هئي ڦولار جي موسم،
سُڪائي تو ڇڏيو پيهر، ڦٽي ناهيون سگهيا منڙا.

اسان هوڙاڪ هاڪاري پرين جي پيار ۾ ڇڏيا،
ٻُڏي وياسين، وري پيهر تري ناهيون سگهيا منڙا.

رڳو رنندي ۽ تڙپندي، "جمن" گذري پيو جيون،
مرڻ چاهيون هنوسون پر مري ناهيون سگهيا منڙا.

اقبال رند

## وائي

ڍنگر تيا ڍولا،
اولا اکڙين جا ڪري.
لڪون ساري لوڪ جون،
جهليانون جهولا،
اولا اکڙين جا ڪري.
رُنن ڏونن رات جا،
رتو ليا چولا،
اولا اکڙين جا ڪري.
متان مون تان لاهيو،
اکين سندا اولا،
اولا اکڙين جا ڪري.

ماڻڪ ملاح

## وائي

نينهن نديءَ ۾ اڇڻي آهي-
چوڏهينءَ چانڊوڪي!
هير هندورو بنجي لڏندو جنهن ۾ پنهنجو چاهه،
پريت انهيءَ ۾ پچڻي آهي:
چوڏهينءَ چانڊوڪي!
ڪورو ڪامي پوندو دل مان درد اوهان جو جيئن،
مچ انهيءَ ۾ مچڻي آهي:
چوڏهينءَ چانڊوڪي!
من مندر ۾ ڏوپ جلايم، اندر بنايم اُجرو،
نيث ته ان ۾ نَچڻي آهي:
چوڏهينءَ چانڊوڪي!
چاهه چُڪي ڪا چندرما ڪان ملندي پانءَ ضرور،
روح رڳن ۾ رچڻي آهي:
چوڏهينءَ چانڊوڪي!
اُپ ۾ رُلندڙ چند جي آهي منزل ماڻڪ واري
جذبن سان سا جچڻي آهي:
چوڏهينءَ چانڊوڪي!

دشوار سومرو

## آءٌ درخت آهيان

ايذائن جا
ڏاڍا ڪماڙا هڻين ٿو،
آءٌ نهر ۾ ٻڏي ويندس،
ڪِري برباد ٿي ويندس.
مون کي وڌيڪ نه ايذاءِ،
آءٌ اڳي ئي گهڻو ايذايل آهيان.
آءٌ اهڙو درخت آهيان،
جيڪو نهر ڏي نوڙيل آهي،
ڪناري تي آهي.

علي دوست عاجز

## غزل

چنڊ ڪيئن تو چميو هوندو،
هي تو سپنو ڏٺو هوندو!

رج ڪي سمجهي پاڻي، هرڻ،
شام تائين ڊڪيو هوندو!

ديد جو ڪرشمو دوستو،
جو مٺو سو جيو هوندو!

برهه جي باهه جنهن کي لڳي،
يار ڪيئن سو ستو هوندو!

توسان ملندي ملاقات جو،
وقت پورو ٿي ويو هوندو!

سپنو جنهن ۾ ملان توسان،
ان ۾ ڪيڏو مزو هوندو!

هار گيتن جا ڪٽي عاجز،
تنهنجي آجيان ڪندو هوندو!

مهر خادم

## وسڪارو

ڪنهن پل
منهنجي من جون اداسيون
تنهائي ۾
وڪوڙي وجن ٿيون
تنهنجون يادون
ذهن آڳر تي
تري اچن ٿيون
ان پل منهنجي نيڻن جا بادل
چهري جي رستي تي
وسڻ شروع ٿين ٿا.

درد سولنگي

# ڏيڊوٽا

ڪينجهر جي ڪنارن تي،
تنها ٿو ڦِران اڄ مان، مڪليءَ جي چارن تي.

ڪينجهر جو مٺو پاڻي،
آهين تون الڻي ڪاڻي، مَن منهنجي سندي راڻي.

ڪينجهر تي ڪجيءَ جو وَڻ،
اڄ تون بہ سڪي موٽي، موٽيو آ وري ساوڻ.

ڪينجهر ۾ پيون وهنجنِ،
چوڏاري تہ نورين جا، ٿا ٽهڪ پيا گونجن.

پاڻيءَ ۾ پڳل ڪپڙا،
ٿا صافُ صفا ڏسجنِ، گوريءَ جا پِنل انگڙا.

ڏس چيٽ ڦٽو آهي،
هن مُند ۾ اومنڙي، ناراض ٿبو آهي؟

تِر جيٺن اٿني ڳِل تي،
تون تيئن مِني آهين، هر وقت منهنجي دل تي.

ڳاڙهاڻ رڳو آهي،
ڪينجهر ۾ آهن پريون، يا آڳ لڳي آهي.

پاڻيءَ جا ڦڙا ڳل تي،
ٿا اٿين لڳن گوري، چڻ ماڪ هجي گل تي.

سرهاڻ اجا آهي،
چپ تنهنجا چميا ها مون، آلاڻ اجا آهي.

ڇا سونهن مٿان لکجي،
اڄ چند تکن عيوض، ٿي سونهن پني وڪجي.

●

زاهد شيخ

# غزل

پير ڪجي، ڇير وڄي، مورُ نچي ٿو،
بوند وسي ٿر مٿي رنگ رچي ٿو.

وير وڏي، هير ٿڌي، سمند ڪناري،
مُند مٿان جوڀن سان ميلو مچي ٿو.

منڇر تي، ڪينجهر تي، هر تڙُ مٿي تون،
پاڻ پرين، جي ٿو اچين، پيار اچي ٿو.

ڪوڙ ڪِجي، مُرڪ ڪٿي، جيءُ ملي پيا،
ٻهڪ ٻُڌي، ٻيرين ۾ ٻورُ پچي ٿو.

توکي سڏيندي ني سُڪي ساهہ وڃي ها،
جيءُ چوين ٿو تہ جڏو جيءُ بچي ٿو.

منظر راڄپر

# غزل

اسان لاءِ چنڊ خوشين جو تہ ڪڙيوني ناهي،
گلاب پنهنجي اگڻ تي ڪو ٽڙيو ني ناهي.

مون سان گڏ آهي پلا ڪيئن مڃن منهنجيون اکيون،
وهامي سال ويا هن، هو تہ لڙيوني ناهي.

تنهنجي يادن جا پکي دل تي پڌاريا آهن،
تنهنجو سُنهن مون تہ تن مان ڪو تڙيوني ناهي.

ڇو پلا منهنجو قلم ان تي ڪوني گيت لکي،
جنهن جي اک مان ڳوڙهو تہ ڪڏهن ڳڙيوني ناهي.

وقت ساڪي آ تہ وڙهندو ٿو اچي ڏاڍن سان،
ڏس تہ منظر جو قدم هڪ بہ ٿڙيوني ناهي.

ذوالفقار سيال

## غزل

اوهان کي، اوهان کان کسڻ ٿو مان چاهيان،
تو سان چاهه اهڙو ڪرڻ ٿو مان چاهيان،
زماني سڄي جي نظر کان بچائي،
اکين ۾ لڪائي ڇڏڻ ٿو مان چاهيان.
پري توکان ٿي مان حصا ٿي ويو هان
هاڻي پاڻ ميڙي اچڻ ٿو مان چاهيان.
وساري ڇڏين تون پنهنجو پاڻ کي به،
توکي پيار ايڏو ڏيڻ ٿو مان چاهيان.
مان چاهيان ٿو محبت جو معيار بڻجي،
سڄي جڳ سان گڏجي هلڻ ٿو مان چاهيان.

احمد ٽالپر

## غزل

.ڪسي ڪل، روئڻ جون هي راهون نه روڪيو،
لڙيل لڙڪ، سُڏڪا ۽ آهون نه روڪيو.
پلي دُوار دل جا نه پُوريل پٿيو پر،
وڃايل اُميدن جون واهون نه روڪيو.
مُحبت يا نفرت سان هيڪر نهاريو،
نقابن ۾ جاني! نگاهون نه روڪيو.
تصور ۽ سپنا، ڪي سوچون ڪي يادون،
اهي زندگيءَ جون پناهون نه روڪيو.
هي ڌرتي آ گونگي ۽ آڪاس ٻوڙو،
ڪري ڪوٽ اُوچا، هي دانهون نه روڪيو.
ناممڪن ملڻ آ ته "احمد" اٿين ٿي،
ڪچيل هي خيالن ۾ ٻانهون نه روڪيو.

سڪندر شيخ

## غزل

ڪڪر برسيو نصيبن جي نه ٿر تي.
نه ڪڙڪو ٿي ٿيو ڪو دل جي در تي.

سو اُڏري ڪين ڀلا جيوت پکيئڙو،
لڳي نفرت جي جنهن کي چوٽ پر تي.

سگهيو کولي نه اندر جون اکيون جو
ڪري ڪهڙي نظر سو پنهنجي گهر تي.

هو ڪوڙي آ انا جي عرش پهتو،
مگر ڪرندو اوس سچ جي پٿر تي.

ڏگها تڪرار، تلخيون زندگين ۾،
۽ بيٺي آ حياتي پل پهر تي!

سميع لنڊ

## پوپٽ

ڪومايل گلن جيان،
هو سڀ اداس.
زندگيءَ مان ٿي نراس،
آهي جن ۾ پڪڙيل،
جڻ ڪوئي هراس!
تن مانڪهڙي،
تون رکين ٿو آس،
پوپٽوج اڏامي،
ڪين ايندني راس،
توکي مڪڙين جو واس.

پريم پنافي

## وائي

ڪوتا آڳر ۾،
درد نٿا ماپي سگهن!
پوڳي نيٺ مري ويو،
پوءِ بہ قبر ۾:
درد نٿا ماپي سگهن!
هرڪو من موهن دڙو،
پنهنجي هن تہ ۾:
درد نٿا ماپي سگهن!
قيدي سُڏڪن ٿا پيا،
ڦاسي گهر ۾:
درد نٿا ماپي سگهن!
سوچي پوڳي ٿو پيو،
ڪوي اندر ۾:
درد نٿا ماپي سگهن!

راهي چنا

## ماڻهوءَ جي پڙنڪ

ڪالهہ منجهند جو،
مون پنهنجي ڪمري ۾،
انسانيت جي عظمت تي،
ڪجهہ لکيو ويٺي.
اوچتو گهٽيءَ ۾ گوڙ ٿيو
مون ٻاهر نڪري ڏٺو
ماڻهو ماڻهوءَ تي
پڙنڪي پيو!
پريان پاٿي جي پوسل تي،
ڪُتا گهري ننڊ ۾ سُتل هئا،
بي خبر هئا!

جبار "تاثير" سومرو

## غزل

منهنجو حال ڏسي وني آهي،
مون کان پاڻ پُڇي وني آهي.

ڪينن وساريان رات اُها جا،
مون وٽ رات رهي وني آهي.

منهنجي دل جو چين ڪسي هوءَ،
مون کي سُور ڏني وني آهي.

مُرڪ ڦري مانڌاڻ مچائي،
مون کي لڙڪ ڏني وني آهي.

ڳالهين ڳالهين ۾ ويهي هوءَ،
مون کي ڇا ڇا چئي وني آهي.

سوچون موڳيون ٿي پيون آهن،
مون کان ذات رُسي وني آهي.

هُن ۽ منهنجي پيار جي آخر،
شهر ۾ ڳالهہ هُلي وني آهي.

مان نہ هُيس هوءَ منهنجي در تي،
پنهنجو نانءُ لِکي وني آهي.

منهنجي لحد تي ڏينو ٻاري،
آس جا گُل رکي وني آهي،

ڇا چئجي "تاثير" اسان جي،
هرڪا آس ڪُٺي وني آهي.

●

نواز خان زئور

## نظم

ورونھن جي اجاڙ کي،
يا سونھن جي اجاڙ کي،
اسان سڀي سگھون بہ کنن!
پرين! حسن وٺان پري،
پلا رهي سگھون بہ کئن!
اسان تہ قهر رات ۾
پرين! توهان جي تات ۾
پري ڇڏي سڄي دنيا
قدم قدم وڌهي وڌهي
سَنُو تہ ڇا نہ ڇا سَنُو
اسان تہ ڪجھہ نہ ٿا چئون
وٺو رڳو وفا وٺو
ڏڪار گر اوهان ڏني
ميار ڇو اسان ڏيون؟
انڌار رهگذار ۾
دراز فاصلا هئا
مگر سڏيو پٺي منزلن
قطار قافلا هئا
مگر اڳيان سڀن ڪنان
اسان ئي واٽ هٿي وتي
پيا تہ سرد ها پرين!
هزار درد ها پرين!
لتاڙجي ويا سڀئي
پرانگهہ ڪا جڏهن پري
تہ واڙجي ويا سڀئي
اُڏي تہ روح ڪِت اُڏي!
هي ڪائنات ڇاڙڪي
نفي ثبات ڇاڙڪي
جڏهن بہ پير پنڌ تي
وڌيا جو تنھنجي تاڙ ۾
تہ ها شبد لتاڙ ۾
ازل ابد لتاڙ ۾
ازل ابد لتاڙ ۾
ازل ابد لتاڙ ۾.

صفر ڪلهوڙو

## وائي

وارن جو چندڪو،
تتر جو پڙڪو،
ڳالھہ مڙني هڪڙي.

سازن سان غزل،
رونق سان سڏڪو،
ڳالھہ مڙني هڪڙي.

تنھنجو نيڻ پرين،
ڪنھن جو پنجڪڙو،
ڳالھہ مڙني هڪڙي.

تنھنجي نيڻ اڏار،
دهشت يا ڏڙڪو:
ڳالھہ مڙني هڪڙي.

در جي ٺڪ ٺڪ يا،
دلڙيءَ جو ڌڙڪو:
ڳالھہ مڙني هڪڙي.

●

## الطاف آسي

گلن جي لاءِ خارن ساڻ ٿو ناتو رکڻ گهرجي،
ملي ڪيڏو نہ صدمو پيار ۾ خوش ٿي سهڻ گهرجي.

نہ ڪي هيڪر نہ ڪي ٻيهر نہ ڪي ٽيهر مگر هر هر،
محبت درس آ جن جو، اڳڻ تن جي اچڻ گهرجي.

مٿينءَ دل سان جو ڪاراڻي ڪڪڙ ڇيلا ٻون سي ٻن،
ڪلي خوش ٿي جو ڪيڪاري، گهڙي ان وٽ رهڻ گهرجي.

صبح جي روشني، اُن رات جي اوندهہ تان صدقو آ،
ڇواڻي موڪلي محبوب سانئين اچ ملڻ گهرجي.

تمنائن جي پويان ڊوڙندي ٿڪجي مري پيو آ،
انهيءَ ماڻهوءَ کي آخرڪار ڇا نالو ڏيڻ گهرجي؟

محبت ڪان سوا صديون تہ ڇا هڪڙي گهڙي جيئڻ،
ٻهاڙن ڪان بہ ڀوري آ ڪلهن تي ڪيئن ڪٽڻ گهرجي.

پرهہ جي هير ڪان هيءَ پيار واري هير سمجهان ٿو،
هزارين بار بهتر آ، ڏيڻ گهرجي وڃڻ گهرجي.

پکي سڀ شام جي ويلا ورن ٿا جيئن واهيري،
ائين محبوب جي گهر ءِ گهٽيءَ پاسي وڃڻ گهرجي.

نہ ڪر "الطاف آسي" آس پنهنجي مان نراساڻي،
محبت ساڻ محنت کي سلهاڙيندي جيڻ گهرجي.

●

## جاني اسحاق ملاح

### وائي

سيني نند اگهور،
آءُ اڪيلو جاڳان پيو.
اڇي پيا مون من ۾،
پرت تنهنجيءَ جاپور:
آءُ اڪيلو جاڳان پيو.
پيهي ويو اکين ۾.
سَندءِ سِڪ جو سور:
آءُ اڪيلو جاڳان پيو.
منهنجي احساسن کي،
ڏات وني وني ڏور:
آءُ اڪيلو جاڳان پيو.
جاني جدائيءَ ۾،
هڏ هڏ آهي چور:
آءُ اڪيلو جاڳان پيو.

---

## جاويد سوز هالائي

### وائي

سانوريءَ جي لاءِ پيار،
ٿو رهي من ۾ سدا.
نيث ڪٿندو پنڌ هيءُ،
يار مون کي اعتبارُ،
ٿو رهي من ۾ سدا.
اوسڪي موهي پيو،
تنهنجي نيڻن جو خمارُ،
ٿو رهي من ۾ سدا.
زندگي ارپي وجي ٿو،
شخص هڪڙو نيڻ نارُ،
ٿو رهي من ۾ سدا.
تون ڪڏهن ايندينءَ مني،
مون کي تنهنجو انتظارُ،
ٿو رهي من ۾ سدا.
توسان گڏجي گهاريل،
سندري پويون بهارُ،
ٿو رهي من ۾ سدا.

ملهار سنڌي

## غزل

سونهن پريو سنساز ڪٿي آ،
تنهنجو ڀڙيون پيار ڪٿي آ؟

منهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندي هنيءَ تون،
ٻانهن جو سو هار ڪٿي آ؟

زلفن جيڪي واس ورهايا،
موتين جي مهڪار ڪٿي آ؟

تنهنجي مرڪڻ سان ٿيندي هئي،
اوندهه ۾ چمڪار ڪٿي آ؟

تو سان گڏ جا هوندي هئي سا،
مون لئه مند بهار ڪٿي آ؟

چانڊوڪيءَ ۾ تو جو ڪيو هو،
مون سان سو اقرار ڪٿي آ؟

سوچن ۾ تون آنهه سمايل،
دلڙي تو ڪان ڌار ڪٿي آ؟

دل جي ٿر تي برسي پئي شل،
اهڙي مُند ملهار ڪٿي آ؟

روشن گهانگهرو

## غزل

جا خوشي مون کان رسي وئي سا خوشي ڳوليان پيو،
پيار سان ڀرپور پياري زندگي ڳوليان پيو.
آ ملي مون کي سدائين چو وفا بدلي جفا؟
غرض کان خالي هجي سا دوستي ڳوليان پيو.
بيڪسي ۽ بيوسي جنهن درد آ تحفو ڏنو،
دل تي جنهن جو راڄ آ سا دل پري ڳوليان پيو.
ٿوهه پيو ڪڏهين منو ٿيو آهه ڇا مصريءَ جيان؟
زهر ۾ ٿو آءُ وڃنو چاشني ڳوليان پيو.
آءُ پياسو آهيان جڻ ٿرسندي ٿوهر جيان،
جا ڪيم نيڻن منجهان سا ميڪشي ڳوليان پيو.
دوستو! مون کي ڏسيو ملندي الائي سا ڪٿان،
بي چسي هن زندگيءَ لئه دلڪشي ڳوليان پيو.
جنهن گهڙي مرڪي ڏنو هو موهه سان مون ڏي مني،
سال ٿيا سڪندي وري ساڳي گهڙي ڳوليان پيو.
راهه تنهنجي ٿيون ڏسن "روشن" اکيون آساٿيون،
چنڊ سان گڏ چاهه واري چاندني ڳوليان پيو.

●

منظور منگي

## وائي

رات ڪاري ڪُٽي، باک جلدي ڦٽي، غم گهڙيءَ ۾ گهٽي،
جي تون مرڪي پوين.
چنڊ چمڪي پلي سونهن جي زور تي، پر نه توکان ڪٽي،
جي تون مرڪي پوين.
سرنهن ڦولار ۾ گُل پٽيندي، وجهي سونهن تنهنجي سٽي،
جي تون مرڪي پوين.
ڪوني گهايل صدين جو ستايل هجي، ساهُ ويندو پٽي،
جي تون مرڪي پوين.
هڪ نه "منظور" پر لوڪُ سارو مني، سِرُ به ڏيندو ڪٽي،
جي تون مرڪي پوين.

●

محمد شريف طالب

## غزل

سڄڻ اوهان جو جواب ناهي،
عنايتن جو حساب ناهي.

لبن تي لالي ۽ ڳل گلابي،
رنگن ۾ اهڙو گلاب ناهي.

ڏسان اوهان کي مٿا مان ويهي،
اکين ۾ اهڙو تہ تاب ناهي.

ڪجن ڪي ويهي اندر جون ڳالهيون،
اوهان کان ڪوئي حجاب ناهي.

اکين عجب آ خمار اهڙو،
ڪو مون پيتو شراب ناهي.

درد مندن جو حال پڇجي،
ڪنهن کي ستائڻ ثواب ناهي.

بقا نہ آهي حسن کي طالب،
رهيو تہ ڪنهن جو شباب ناهي.

●

جوهر بروهي

## غزل

جي رُسي مون کان وڃين ٿو، منهنجي خيالن ۾ نہ آءُ،
چوڏهينءَ تي ڪمل ڪائي، تون اجالن ۾ نہ آءُ.

هر پلڪ ڳوڙها ٿي ميڙي منهنجي وياڪل زندگي،
گيت، اڻ پوري غزل ۽ هو جمالن ۾ نہ آءُ.

لوڪ منهنجي ڪيفيت کي ڪونہ ٿو سمجهي سگهي،
تون بہ پنهنجو قرب ڪر منهنجي سوالن ۾ نہ آءُ.

قربدارن کان بنا عيدون بہ اٿيون ٿيون رهن،
دل جي وستي منجهہ تون ماتم مثالن ۾ نہ آءُ.

تنهنجي صورت جي ڪشش مُن ڪيترا موهي وڌا،
روز ايندو رهہ اسان وٽ، هينئن سالن ۾ نہ آءُ.

مڙس ٿي موڪيون محبت، پيار ورچيون پاڻ ۾،
لوڪ آڏو آ، ڪتابن جي حوالين ۾ نہ آءُ.

تو سنواري سينڌ، اُپ ۾ اندلٺ وڪري وني،
خلق تڙپاني وڏءِ، ايڏن ڪمالن ۾ نہ آءُ.

تنهنجي لئہ جوهر ٿو سوچي يا ٿو سوچي پيار لئہ،
تون ڇپيل آن دل تي، اخبارن رسالن ۾ نہ آءُ.

●

## سلمان سومرو

[۱]

تنهائيءَ جو غم
ايترو تہ گهرو ٿي ويو آهي،
جو مون کي گمان آهي تہ
اها تنهائي موت جو ٻيو نالو آهي

[۲]

هر گل،
صبح جي ماڪ ڦڙن سان،
ٽڙي پوندو آهي.
پر هي گل،
جيڪو مون ڀوڪيو آهي،
تنهنجي مرڪ سان ئي
ٽڙي پوندو آهي.

## اڪبر مصطفيٰ سومرو

[۱]

هن ڪاهيءَ ۾ ٽپو ڏنو،
۽ اسين سڀ ڏسون پيا.
هن ڪاهيءَ ۾ ٽپو ڏنو،
۽ اسين سڀ کلون پيا.
هن ڪاهيءَ ۾ ٽپو ڏنو،
۽ اسين سڀ روئون پيا،
جو هاڻي هو ڪاهيءَ ۾ زنده نہ آهي

[۲]

هڪ سڪل وڻ مان هوا جي جهوٽي تي،
ٻن ڇڄي پاڻيءَ ۾ پئي لڙو،
دائرو ٺهي گم ٿي وڃي ٿو.
تنهنجو اچڻ بہ ان دائري جيان آهي،
۽، اهو دائرو،
منهنجي زندگي آهي.

## مصطفيٰ ارباب

# مزدور

بار کڻندي
هُو ٿڪجي پيو
ڦڦڙ آڪسيجن جا
ڍگها ڪش ڇڪڻ لڳا
هُن ساهي پٽڻ لاءِ
پٽ کي ٽيڪ لڳائي
۽ اکيون گهڙي کن لاءِ
رُٺل محبوبہ جي دري وانگر
بند ڪيائين
تہ هڪ لمحي لاءِ
اُهو سمورو وزن
جيڪو هُن قسطن ۾
پنهنجي جيون ۾
کنيو هو
هڪ ئي وقت
پنهنجي سر تي محسوس ڪيائين
عيني شاهدن
تعجب مان ميڊيڪل رپورٽ ٻڌي
هُن جو موت
ڪنڌ ٽٽڻ ڪري ٿيو هو.

سيال حيات

## گيت

ديدار لئہ در يار تي سنسار جُهڪي ٿو،
سنسار جهڪي ٿو اُتي هر بار جهڪي ٿو.

رانول کي رنگين رُت ۾ سر راهہ ڏٺو مون،
والله ڏٺو مون:
اولهہ نڪي اوپر اُتي هر پار جُهڪي ٿو.

رُخ يار جو ڪعبو آ غلافن ۾ رهي پل،
حجابن ۾ رهي پل:
اُن پاڪ حرم جي اڳيان پينار جهڪي ٿو.

غم درد منجهان آهہ نڪي دانهن ڪري ٿو
توڻي جو مري ٿو:
تڏهين انهيءَ عاشق اڳيان آزار جهڪي ٿو.

سينگار ڪري يار جو بازار اچي ٿو،
ڪهرام مچي ٿو:
قدمن تي سندس عاشقِ نادار جهڪي ٿو.

رت چاڻ آ زخمن سان صفا چور لڳي ٿو،
منصور لڳي ٿو:
سوريءَ تي صدق سان جو سزاوار جهڪي ٿو.

منهنجي نہ رقيبن کي وٺي يار ٿو منهنجو،
رتبو ڏسو اُن جو:
عظمت اڳيان منٺار جي اغيار جهڪي ٿو.

ها "سيال" بہ سر بسجود حسن ازل آ،
هڪڙو "حيات" چا:
ساجن اڳيان هر سونهن جو سردار جهڪي ٿو.

وشال

## وائي

صبح جيسين اچي،
سات ڏي تو سگهي!
رات آهي ڏگهي!

لاٽ پرندي رهي،
مان وٺان ڪجھہ لکي!
رات آهي ڏگهي!

چند! اچ کا بڌاءِ،
شاهہ جي شاعري:
رات آهي ڏگهي!

ڪجھہ چوڻ جي ڪري،
چُپ نہ ڪر اومتي!
رات آهي ڏگهي!

منهنجي سيني مٿان،
ڪجھہ تہ چنڊ ڪنڊ رکي:
رات آهي ڏگهي!

ٿي سحر پوءِ گهر،
ڊيل جان وڃ ڊکي:
رات آهي ڏگهي!

●

اختر جمال پنڊ

## بيت

تيسين ثنا سونهن جي، جيسين آهي جوت،
اچي ويو جي موت، پو پي هوندس پيار سان.

رُسي ٿي پني رات جو، هي جي منهنجي ننڊ،
پانيان ٿو مان منڊ، آهي منهنجي اک تي.

ڏي تون سرڪي سونهن جي، هيج منجهارنون هوت،
قرب ڪٽيون ڪي اوت، منهنجي هن ڪشڪول ۾.

لک اجان پي سنڌ تي، تون ٿو چوين پاءُ،
ها! هي مون ڪي ماءُ، لولي ڏيندي هو چيو.

اجا ڪاهيو قافلو، پري آهي پنڌ،
همالا ڪان پي هتي، رڪو اوچو ڪنڌ،
پُري پوندو انڌ، ڏاهپ جي ڏهڪار سان.

هاري پاڄاري وجهي، ڏاندن ڪي آکيو،
وجي ڪا وڙيو، خوشي هر جي اوڙ مان.

خوشبو پنهنجي ڪيت ۾ جڻ ٿي پکيڙي،
ڌرتي ٿي ڪيڙي، هوءَ جا وني ور سان.

●

بخشل باغي

## غزل

تو اڳيان ائين زبان ٿي تالو آ،
جڻ تہ سيني ۾ لڳل ڪو پالو آ.

بيت هر لُڙڪ جڻ تہ پاسي ٿو،
پيار پي شاهہ جو رسالو آ.

تون جو اڄ منهنجي پڪن ۾ آن،
تڏهن تہ هر طرف اُجالو آ.

چاندني آ شراب ۽ ڌرتي!
ميڪدي ۾ پيل پيالو آ.

تنهنجي لفظن جي ڪيان ڇا ساراهہ؟
تنهنجو آواز پي حوالو آ.

چنڊ! پهرينءَ جو ائين ڪڙيو آهي،
ڪن تنهنجي ۾ جڻ تہ والو آ.

ساٿ تنهنجو لڳي ٿو برڪا جان،
نينهن تنهنجو پرين نرالو آ.

مينهن لُڙڪن جو وسي ٿو باغي،
منهنجي نيڻن ۾ اڄ جُهڙالو آ.

●

رئوف پارس دايو

چمر ڪني چچڪار،
مارن مال سنبوهيو،
ڪنوڻ جا ڪجڪار.

رڻ رات اُٺيو،
سارنگ ساٿ ڪري،
گس گاهہ ڦُٽو.

## آدرش

[١]

جڏهن تون،
پيرين اُگهاڙي،
مون ڏانهن ايندي آهين،
تہ دگ،
گيت جون سٽون بڻجي ويندو آهي.

[٢]

خط اڌ ۾ رهجي،
ويو هو.

پاڻي گلاس،
هٿ مان ڇڏائجي،
ڪري پيو هو.

بي خياليءَ ۾،
سگريٽ،
آگرين کي ساڙيو هو.

شايد اُن وقت،
تو منهنجو نانءُ ورتو هو.

[٣]

رات جي اماس ۾،
جنهن وقت منهنجي محبوبہ،
شام جي رنگ جهڙا،
سهڻا سپنا ڪٺي ايندي آهي،
تہ منهنجي ننڊ،
شاعري بڻجي ويندي آهي.

## امر سنڌي

### غزل

جاڳيو جاڳيو سپنا جاڳن،
سالن کان پيا الڪا جاڳن.
ماضي ڏينهڙا گذريل يادون،
هر هر پيا تا لمحا جاڳن.
تنهنجي وني کان پوءِ او ساجن،
نيڻن ۾ پيا ڳوڙها جاڳن.
ٿڪن وچ ۾ ترسي ترسي،
بيٺل ڪي پيا سُڏڪا جاڳن.
مون وانگر اڄ ڪي ڪي ماڻهو،
ڪيڏو پيا تا تنها جاڳن.
تنهنجي ني رستي ۾ پيا تا،
منهنجا نيڻ پياسا جاڳن.
غيرن سان گڏ توکي ڏسندي،
ڌڙڪيو پيا تا جذبا جاڳن.
پنڌ پرانهون آهي پيارا،
چوڏس پيا تا پهرا جاڳن.
منهنجي لکيل خطن ۾ ڏس،
لڙڪن جا پيا تحفا جاڳن!
"امر" تنهنجي راهن تي،
منهنجا پيا تا پيرا جاڳن!

## زخمي انور نوحاڻي

آيو اونهارو-
هردم تنهنجي ياد،
روئان ڏينهن سارو.

پلپل پون پور-
تڙپان ٿو ڏينهن رات،
جيون سور ئي سور.

اظهر ٻانڀڻ

# غزل

ماڪ ڦولن تي وسي مُرڪي پئي،
رات زلفن تي ٽمي مرڪي پئي.

سانوريءَ جي ريس ۾ اڄ مون ڏٺو،
شام پي سُرخي هٿي مُرڪي پئي.

راڳڻي جهومي پئي ۽ پيار مان،
گيت منهنجي کي چُمي مرڪي پئي.

آ هوا مُک تان کيو پردو پري،
چو ڏسا، ڏسُ چانڊني مرڪي پئي.

سونهن سينگاريندي پنهنجي، اوچتو
پاڻ هوءَ ۽ آرسي مُرڪي پئي.

لوڪ ساري کان لڪي هڪ پوپٽي،
منهنجي نيڻن ۾ ٽڪي مُرڪي پئي!

محمد اسماعيل خاصخيلي

وصل جي وات ڏي ڪولي، مٺا منهنجي ڪٿي قسمت،
مران يا مان جيان جاني، اها منهنجي ڪٿي قسمت

حياتيءَ ۾ مٺا مون کي، پري توکان نه ٿيڻو آ،
پئي پلپل ڪبي توسان وفا، منهنجي ڪٿي قسمت.

ڪٿي اکڙيون مٺا مون ڏي، پلا تون ڪِل نه مان خوش ٿيان،
مجو محبوب! اي پيارا، صدا منهنجي ڪٿي قسمت.

اول ۾ تو اسان سان هي، پرين ها پيچڙا پاتا،
مگر هاڻي نه ڪر مون سان جفا، منهنجي ڪٿي قسمت.

هجر ۾ هي گهڙيون منهنجون، قيامت جي برابر ٿيون،
مٺا جاني نه ٿي جيشري جدا، منهنجي ڪٿي قسمت.

اڙي وني دل مٺا توسان، ڪيان آزيون پيو توکي،
هلي تون هاڻ مون ڏي آ پلا، منهنجي ڪٿي قسمت.

ڪري لائق لکين پنهنجا، جڏو هي جيءُ جياري وڃ،
سڄڻ ايڏي نه ڏي مون کي سزا، منهنجي ڪٿي قسمت.

رهي قاتل سدائين تو، سپاهي سورَ تنهنجي ۾،
اڃي تون مل، نه ڏي مون کي ڏتا، منهنجي ڪٿي قسمت.

محمد علي "ماجد"

سامهون شرمائين!
لڪي ڇو پوءِ در مان –
ليئا تي پائين؟

ڏسندي ئي ٿيان غرق
ساگر ۽ تو نيڻن ۾
ڪونهي ڪو فرق

پون سانوڻ مينهڙا
سڄڻ مون کي سارجانءِ
ياد ڪري سي ڏينهڙا.

امين زرداري

## وائي

او پـــرديـــــــــي يـــار،
آءُ تـ ڪريـون روح رهاڻيـون.
ڏاڍو مـون کي آهي سـتـايو،
سـپـريـن تـنـهـنجـي سـار،
آءُ تـ ڪريـون روح رهاڻيـون.
تنهنجو ساٿ سجڻ آ منهنجي،
جـيـون جـو سـيـنگـار،
آءُ تـ ڪريـون روح رهاڻيـون.
تـنـهـنجـي آنـي روح اڱڻ تـي،
ٽـــڙنــدا گـــل هـــزار،
آءُ تـ ڪريـون روح رهاڻيـون.
تون آن سونهن سراپا تون ئي،
ســهـــڻـن جـــو ســـردار،
آءُ تـ ڪريـون روح رهاڻيـون.
ڪيـڏي آس امـين کـي آهي،
تـنـهـنجـو ڏسـي ديـدار،
آءُ تـ ڪريـون روح رهاڻيـون.

"آس" ٻبر

## وائي

ڪيـڏيون يـار وَڻيـون وو-
ڪٿيـون ڪينجهر ڪَپ تي.
منهنجي من صحـرا اندر،
تنـهـنجـون سـاروڻيـون-
ڪٿيـون ڪينجهر ڪَپ تي.
رومـانـويءَ شـام جــو،
تـنـهـنجـي يـاد گـهـڙيون-
ڪٿيـون ڪينجهر ڪَپ تي.
سـانجـهيءَ منظر موهـڻو،
مـاڻـهـوءَ ۾ مـڪـڙون-
ڪٿيـون ڪينجهر ڪَپ تي.
يـادن جـي تـ اٿـاهـ ۾،
سـٿـون جـي بـ جـڙيـون-
ڪٿيـون ڪينجهر ڪَپ تي.
ايـنـدڙ پـرڻيـن پـار ڪـان،
مـڪـڙيون 'آس' ڳـٿيـون-
ڪٿيـون ڪينجهر ڪَپ تي.

علي اظهار

تـو چـــا هٿ ڏنـو، منـهـنجـن راهن ۾،
ڏيـئـا ٻري پيـا.
تو جي يار پکيـڙيون، تنهنجن ٻانهن ۾،
ڏيـئـا ٻري پيـا.
جـيـئن جـو چنڊ چـڙهيـو، نِم جي لامن ۾،
ڏيـئـا ٻري پيـا.
ڪنهن جي ڏسڻ سان ئي منهنجي پلڪن ۾،
ڏيـئـا ٻري پيـا.
يادون آيون اوچـتـو، ٿـڪل لمحن ۾،
ڏيـئـا ٻري پيـا.

راحيلہ امان قريشي

## وائي

تـوکـي پـنـي ســاريمِ،
تـنـهـنـجـن يـادن مــان:
خــوشـبــو وکــري ونــي!

گُـل تـي گـيـت لـکـيـم،
ســاري لـفـظـن مــان:
خــوشـبــو وکــري ونـي!

نان لکي پاڻي ۾ اڇليم،
ســاگــر لـهــرن مــان:
خــوشـبــو وکــري ونـي!

هــن ڌـي وار ســنـواريـا،
وکـــريـــل زلــفــن مــان:
خــوشـبــو وکــري ونــي!

گل ڪونڌر

## غزل

توکي پيـار ڳـالهـيـون ٻُڌائڻ ٿو چـاهيـان،
عـجب نـينهـن توسـان نـڀائڻ ٿـو چـاهيـان.

لـڳي نـہ هجي لنؤن، ڪنهين سـاڻ جهـڙي،
اهڙي لـنؤن مـان توسان لڳائڻ ٿو چـاهيـان.

گهري تون پلي وٺ مون ڪان منهنجي جندڙي،
تـوکي دل جـي ديـوي بـنـائـڻ ٿــو چــاهيــان.

ڦُــرڻ جي تـون چــاهـين پـلـي تـون ڦــري وڃ،
توکان پنهنجـو من مـان ڦرائڻ ٿو چـاهيـان.

سـاڙين ٿي جي مون کي ڀلي تون ساڙي ڇڏ،
توکـان جـان پـنـهنجي جـلائڻ ٿـو چـاهيـان.

مــگــر يـاد رک تـون "گــل" جــي زبـان کــي،
تـوکـي پـاڻ مـــان ڀـي وڻـائـڻ ٿـــو چـــاهيـــان.

ستار وسنداڻي

## وائي

تـو جي مـون کـي اربـيـا،
جـــيـــــون ۾ گُــلـدان:
اکـين ســامـهــون ٿـا ڦِـرن.

رات ســمـوري خـواب ۾
کـيـڏا قــبــرســتــان:
اکـين ســامـهــون ٿـا ڦِـرن.

مـــوهــن ديـبــل ۽ اروڙ،
شـــهـــر ٿـــيـــل ويـران:
اکـين ســامـهــون ٿـا ڦِـرن.

کـيـني ڪراچي روڊ تي،
ديــوانـــا انـــســـــــان:
اکـين ســامـهــون ٿــا ڦــرن.

نياز ملاح

## وائي

سُتل نيڻن ۾،
سندر سپنن ۾،
تنھنجي خوشبو ھني!
ڪوليم خط سارا
سپني لفظن ۾،
تنھنجي خوشبو ھني!
پيرن جو آواز ۽
روڪيل ساھن ۾
تنھنجي خوشبو ھني!
توڙي زخمي ھا
پوءِ بہ جذبن ۾
تنھنجي خوشبو ھني!
ويجھو جيئن ايندو ويس
شھر جي رستن ۾
تنھنجي خوشبو ھني!
ھوءَ ھلي ويئي
ليڪن ڪمرن ۾
تنھنجي خوشبو ھني!

جلال ڪوري

## گيت

ھوءَ ستارن جيئن چري،
آھي ڳالھيون ٿي وري،
چند سوچي ٿو پيو!.

سامري ڪھڙي ڪندو،
ھن سڪيءَ سان ھسري؟
مند سوچي ٿو پيو!

ڪيتري آھي ڪڙي
ديس تنھنجي دلبري!
ڏند سوچي ٿو پيو!

ديس ڪھڙي ڪان وري
جيءَ جھڙي جل پري!
ڪند سوچي ٿو پيو!

خليل لاڪير

ڪوھہ چنڊين ٿو چوھُہ؟
سائين! سدا سونھن ۾ –
ھوندو ڪونھي موھُہ!

ڪوھہ چنڊين ٿو چوھُہ؟
سائين! مون تي ڪونہ آ–
تنھنجو ڪوني توھُہ!

ڪوھہ چنڊين ٿو چوھُہ؟
پوڄا ڪرڻ پيار ۾–
ڪو پي ڪونھي ڏوھُہ.

امداد حسيني

# ڪلهہ ۽ اڄ

اڄ جو مون
هُن کي هُن جي نالي سان سڏيو
هُن آکيو
"معاف ڪجو
مون کي مسز فلاڻي چئو!"
۽ مون سوچيو،
هڪڙو ڀيرو
هُن آکيو هو:
"معاف ڪجو
مون کي منهنجي نالي سان سڏيو!"
انين چئي هن پنهنجن وارن کي جهٽڪيو هو
۽ هُن جو پاند وڃي ڪنڊن سان اٽڪيو هو
۽ منهنجو من پٽڪيو هو!
مان ڪنڊن سان الجهيو اٽڪيو هوس
هُن جو پاند ڇڏائيندي
ساڄي آڱر جي پورين ٻُل تي
رت ڦڙو چمڪيو هو
جيڪو هُن جي سينڌ ۾
سيندور ٿيو هو!
پوءِ اسان ٻن
ائين ڪيو هو
جيئن وڻيو هو!
ڪلهہ هوءَ مون سان ائين ملندي هئي
ندي ملي جيئن ساگر سان
اڄ هوءَ ائين اچي ٽڪرائي
مٿو لڳي جئن پٿر سان!

ترجمو: امير علي چانڊيو

# Yesterday and Today

FREE VERSE

I called her,
Today.
I called her by name
And she replied "excuse me!
Please call me mrs. so and so!"
I recalled
Once she had said:
"Excuse me!
Call me by name!"
And she twitched her long black hair
Thus her skirt clung to the thorns
Which wrenched my heart
My bleeding heart!
And with drizzling drops of blood
I embroiled and entwined with thorns
And thus thorn pricked into my right finger
While unleashing edge of her skirt
Simmering glistening drop of blood
Oozing out on the finger tip
And it filled her parting head
Like a vermilion, like a minium.
We both, then
Did whatever we liked
And untill yesterday
Yes untill yesterday
We met each other
As ocean and river usually meet
Today, she
Suddenly came across
I felt my head had clanged with the rock!

# مقالا

هن وقت تائين اسان جي نوجوانن ۽ تعليم يافته طبقي جو گهڻي ڀاڱي
گهڻو زور شعر، افساني ۽ ڊرامي تي رهيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونه آهي ته
فن ۽ ضرورت جي لحاظ کان اهي صنفون بيحد ضروري آهن، ليڪن انهن کان
سواءِ ڪي ٻيا اهم موضوع پڻ آهن، جن تي نئين نسل کي فوري توجهه ڏيڻ
کپي. ڪابه قوم فقط شعر، افساني ۽ ڊرامي جي سهاري جيئري رهي نه
سگهندي آهي! سنڌ جي تاريخ به هڪ اهم موضوع آهي، جيڪو هن وقت
تائين اکين کان اوجهل پئي رهيو آهي. سنڌ جي تاريخ طرف اسان جا لکندڙ
توجهه ڏيندا ته نه فقط کين ٿيل تاريخي هاڃن جي خبر پوندي، بلڪ انهيءَ
جي پڙهڻ ۽ لکڻ سان سندن ادبي تخليقات ۾ نئون رنگ ۽ رس پرجي ويندو،
نوان موضوع ملندا ۽ نرالا عنوان قائم ٿي ويندا. مون کي يقين آهي ته پنهنجن
خواهه پراون جون اکيون کُلي پونديون.

-- سيد حسام الدين راشدي

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خاناڻي

# خليفي مخدوم ميان محمد ٺٽويءَ جي سنڌي

## (آية بسم الله ۽ سورة الملڪ جي تفسيرن جو علمي جائزو)

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ جي گهري مطالعي مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ برصغير هند و پاڪ ۾ سنڌ ئي سڀ کان پهريون مُلڪ هو، جنهن ۾ باقاعده تعليمي نظام رائج هو. تعليمي نظام جي سلسلي ۾، عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ هتي وڏا اسلامي مدرسا، دارالعلوم ۽ مڪتب قائم ٿيا، جن مان پنهنجي وقت جا ڪيترائي وڏا جيد عالم، محقق ۽ مصنف پيدا ٿيا، ۽ انهن جي علمي، ادبي ۽ ديني ڪارنامن سان سنڌ جي تاريخ ڀري پيئي آهي.

تعليمي نظام جي سلسلي ۾، ڏهين صدي هجريءَ ڌاري سنڌ ۾ مخدوم محمد جعفر بوبڪائيءَ رحہ✿، جو پنهنجي دور جو هڪ بلندمرتبي جو عالم ۽ محقق هو، تعليمي سکيا جي لحاظ کان، عربي زبان ۾ "نهجُ التعلم"✪ نالي سان هڪ تفصيلي ڪتاب تصنيف ڪيو. هن ڪتاب ۾ استادن ۽ شاگردن لاءِ نصابي ڪتاب پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي طور ۽ طريقن سان گڏ، استادن ۽ شاگردن جي قابليت ۽ ذهني صلاحيتن بابت تفصيل سمجهايل آهن (۱) مخدوم صاحب جي انهيءَ ڪتاب کي ڏسڻ کان پوءِ اسان انهيءَ راءِ جا آهيون تہ سموري برصغير ۾، تعليمي سرشتي ۽ طريقي کي سمجهائڻ لاءِ، سنڌي عالم جو اهو پهريون ڪتاب هو.

هن کان اڳ ۾، سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ محققن جي اها متفق راءِ هلندي پئي آئي آهي تہ سنڌ ۾ تعليمي لحاظ کان "مادري زبان سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ واريءَ تحريڪ" جو باني مخدوم ابوالحسن ٺٽوي (مقدمة الصلواة تاليف ٿيڻ جو سن ۱۱۱۲هہ/۱۷۰۰ع) هو. سن ۱۹۶۸ع ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌ جي هڪ صوفي بزرگ شاهہ لطف الله قادريءَ جا بيت ،جي سنہ ۱۰۷۸هہ /۱۶۶۷ع کان ۱۰۸۳هہ /۱۶۷۲ع دوران چيا ويا هئا، "شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ مرتب ڪري، اُن کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشوري طرفان شايع ڪيا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب انهيءَ بزرگ جي چيل بيتن جي هيٺين سٽن کي بنياد بڻائي اها راءِ قائم ڪئي تہ "مادري زبان سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ واريءَ تحريڪ" جو باني شاهہ لطف الله قادري هو:

تہ هوءِ سنڌي وائي، سَـهُلو ٻُجهـڻ ابوجهـن
پاهنجي ٻولي ڪري، سڳهـائين اِي سِڪن
"لطف لله" چـئي، لئي پيـو ور سِڪن ۽ پڙهن (۲)

هوننئن بہ اها هڪ روشن حقيقت آهي تہ ڪابہ شيءِ مڪمل نہ ٿيندي آهي. ان لاءِ تحقيق جو سلسلو جاري رهندو

---

✿ مخدوم محمد جعفر بوبڪائي رحہ جي سوانح حيات ۽ تصنيفات جي باري ۾، راقم جو تفصيلي مقالو، ماهوار "الرحيم" حيدرآباد سنڌ جي آگسٽ-سيپٽمبر ۱۹۷۷ع واري اشاعت ۾ شايع ٿيو.

✪ مخدوم صاحب هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت کي محسوس ڪندي، عام استادن جي رهنمائيءَ لاءِ، اصل عربي ڪتاب جو اختصار، سن ۹۷۶هہ/۱۵۶۸ع ۾ "حاصِلُ النَهجْ" جي نالي سان فارسي زبان ۾ لکيو. ان ڪتاب جي فارسي متن کي، سنڌ جي نامياري عالم ۽ محقق، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايڊٽ ڪري، سن ۱۹۶۹ع ۾ سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد/ڄامشوري طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو. تازو، عربي ۽ فارسي زبانن جي عالم ۽ لائق اديب، مولانا عبدالرسول قادريءَ ان قيمتي ڪتاب جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد سنڌ مارچ ۱۹۹۳ع ۾ شايع ڪيو آهي.

آهي، ۽ اديبن، عالمن ۽ محققن کي وقت جي تقاضائن موجب، پنهنجن راين کي تبديل ڪرڻو پوندو آهي. اهڙيءَ طرح، ڪنهن نتيجي تي پهچڻ لاءِ رستو هموار ٿيندو آهي.

سنڌ ۾ اسلامي دور حڪومت جي قائم ٿيڻ کان وٺي سومرن جي صاحبيءَ تائين، هر لحاظ کان، عربي زبان جو اثر غالب هو ۽ عربي زبان ئي تعليم جو ذريعو پڻ هئي. ان کان پوءِ، سمن جي زماني ۾، عربيءَ سان گڏ فارسي زبان ۾ مدرسن ۽ مڪتبن ۾ رائج ٿي. اڳتي هلي، سنڌ جي عالمن ۽ معلمن کي ان ڳالهه جو احساس پيدا ٿيو تہ مدرسن ۽ مڪتبن ۾ شاگردن کي تعليم ڏيڻ جي شروعات، عربيءَ ۽ فارسيءَ جي بدران سنڌن مادري زبان "سنڌيءَ" ۾ ڏيڻ گهرجي. اسان مٿي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي حوالي سان، مخدوم محمد جعفر بوبڪائي رحہ جي جنهن ڪتاب جو ذڪر ڪري آيا آهيون، ان کان اٽڪل ٽيهہ چاليهہ ورهيہ پوءِ، يعني ٻارهين صدي هجريءَ ڌاري، سنڌ ۾ "سنڌي زبان" تعليم ڏيڻ جو ذريعو بڻي.

"مادري زبان سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ واريءَ تحريڪ" جو مکيہ سبب اهو هو تہ ان دور ۾ سنڌي زبان ۾ ڪافي وسعت اچڻ سان گڏ، علمي ۽ ادبي پختگي پيدا ٿي چڪي هئي. سنڌ ۾ننڍن وڏن شاعرن کان سواءِ قاضي قادن ۽ شاهہ ڪريم بُلڙيءَ واري جا بيت، فني ۽ ادبي لحاظ کان اعليٰ درجي جا هئا ۽ انهن ۾ مضمون خواهہ خيال ۽ فڪر جي پختگي بہ هئي. ان دور ۾، سنڌي زبان جي ترقيءَ ۽ بلنديءَ جو مثال ان ڳالهہ مان بہ ملي ٿو تہ مولانا محمد غوثي شطاري مانڊويءَ* سن ۱۰۱۴ هہ/۱۶۰۵ع کان سن ۱۰۲۲ هہ/۱۶۱۳ع واري عرصي درميان، قاضي قادن جي سنڌي بيتن جو فارسي زبان ۾ ترجمو ڪيو (۳). نہ صرف قاضي قادن جي سنڌي بيتن جو ترجمو ٿيو، پر سنڌ جي هڪ عالم محمد رضا بن عبدالواسع ٺٽويءَ سن ۱۰۳۸/ ۱۶۲۹ع ۾ پنهنجي مرشد شاهہ ڪريم بُلڙيءَ واري جي سنڌي بيتن جو فارسي زبان ۾ "بيان العارفين و تنبيه الغافلين" جي نالي سان ترجمو ڪيو (۴). انهي مٿينءَ حقيقت کي نروار ڪندي ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"سنڌيءَ ۾ اهڙي اعليٰ فهم ۽ فڪر جي موجودگي ۽ ان جي عام اشاعت، افاديت جي لحاظ سان سنڌيءَ کي فارسيءَ جي برابر بنائي ڇڏيو." (۵)

اهي ئي مٿيان ڪارڻ هئا، جن وسيلي اڳتي هلي، ٻارهين صدي هجريءَ ۾ "مادري زبان سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ واري تحريڪ" لاءِ حالتون سازگار ٿيون ۽ ٺٽي جي عالمن انهيءَ تحريڪ کي زور وٺايو، ۽ مثالي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ تصنيف ڪيا.

اسان منڍ ۾ اهو ڄاڻائي آيا آهيون تہ مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ سنڌي زبان لاءِ نئين الف-بي ٺاهي سنڌي ڪتابن لکڻ جو سلسلو جاري ڪيو، پر مخدوم ابوالحسن کان گهڻو وقت اڳ، جيئن مٿي سبب ۽ اسباب ڏيندي آيا آهيون، انهيءَ تحريڪ جا اهڃاڻ ۽ نشان ملن ٿا. انهيءَ سلسلي ۾، تازو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيقات مطابق ڪيس هٿ آيل مختلف قلمي سنڌي رسالن جو هڪ ضخيم مجموعو، انهيءَ تحريڪ جي پنيرائي ڪري ٿو. ڊاڪٽر صاحب کي عزت بن سليمان نالي ڪاتب جو هڪ قلمي ذخيرو دستياب ٿيو آهي. اهو ذخيرو سن ۱۰۶۷ هہ/۱۶۵۵ع کان ۱۰۶۹ هہ/ ۱۶۵۷ع وارن ٽن سالن ۾ نقل ڪيو ويو. (۶) هن مجموعي ۾ ڪُل اُٺيتاليهہ منظوم رسالا شامل آهن، ۽ اُهي مختلف

---

* مولانا محمد غوثي بن حسن مانڊوي ۱۱-رجب ۹۶۲هہ/۱-جون ۱۵۵۵ع تي "مانڊو" ۾ تولد ٿيو. پنهنجي دور جي نامور عالمن وٽان عربي ۽ فارسيءَ جا مختلف علوم حاصل ڪري، ۳۲ ورهين جي ڄمار ۾ فارغ التحصيل ٿيو. پاڻ هڪ وڏو عالم ۽ صوفي بزرگ هو. تصوف جي "شطاري" سلسلي جي مشهور بزرگ شاهہ محمد غوث گواليا ري (۹۰۷هہ کان ۹۷۰هہ) جي خليفي شيخ صدرالدين محمد (المتوفي ۹۸۹هہ) ٻروڏي واري جو دست بيعت طالب هو. هن فارسي زبان ۾ "گلزار ابرار" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ مغل بادشاهہ جهانگير جي دور جي ۶۱۲ علماءِ ڪرام ۽ مشائخ عظام جو تذڪرو بيان ٿيل آهي.

موضوعن تي الڳ الڳ عالمن جا لکيل آهن.* انهيءَ لحاظ کان، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو شاهه لطف الله قادريءَ جي ڪلام جي حوالي سان، اڳ قائم ڪيل نظريو، گهڻي اهميت وارو نه رهيو آهي. عزت بن سليمان جو ڪتابت ڪيل اڳين عالمن ۽ استادن جو ذخيرو، شاهه لطف الله قادريءَ جي ڪلام کان ڏهه پندرهن سال اڳ، ڪنهن معتبر نسخي تان اُتاريو ويو هو. عزت بن سليمان جي نقل ڪيل قلمي ذخيري ۾ آندل اصل مواد، يقيناً اُن جي ڪتابت ٿيڻ کان پنجاهه سٺ ورهيه اڳ جو تحرير ڪيل هوندو.

عزت بن سليمان جي اُتاريل قلمي ذخيري ۾، هيٺين پندرهن عالمن ۽ استادن جو منظوم ڪيل مواد ملي ٿو: آرادين، عثمان، جمعو، مُلو، آدم ڪناد، حاجي، سڪر ڏنو، صادق، پُسو، موسو، گهرنو پٽ عمر جو، ڪَنڙ، سيد، نُورو، ٻير (٧). انهن سڀني عالمن ۽ استادن، پنهنجن منظوم رسالن ۾ اها دعويٰ ڪئي آهي ته سنڌي سولي ۽ سُکي زبان آهي، جنهن ۾ ديني تعليم ۽ ٻيا علم سکڻ ۾ سولائي ٿيندي. "حاجي" نالي عالم ته ائين صُاف چئي ڏنو آهي:

سنڌي آهي سَـــهُکي، سکڻ ابوجـــهن،
پانهـــجي واءِ پروڙي، سگهـــاڻي سِکن. (٨)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، انهن مٿين مڙني عالمن جو ٿورو ڪي گهڻو مواد پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" ۾ ڏنو آهي، جنهن جي مطالعي مان اسان انهيءَ راءِ جا آهيون، ته سنڌ ۾ هر دور جي عالمن انهيءَ تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون، پر اهي سڀ ابتدائي هيون ۽ انهن ۾ اجتماعي اثر ڪونه هو. گمان غالب آهي ته انهن مٿين عالمن کان سواءِ ٻين عالمن به انفرادي طرح انهيءَ نموني پنهنجن مڪتبن ۽ مدرسن ۾ تعليم ڏيڻ جو شغل جاري رکيو.

انهن مٿي بيان ڪيل ڳالهين کان پوءِ، ڪلهوڙن حاڪمن جو دور، انهيءَ تحريڪ لاءِ مبارڪ دور ثابت ٿيو. هن دور جي عالمن، انهيءَ تحريڪ کي اجتماعي طرح زور وٺايو، ۽ وقت جي حاڪمن انهيءَ تحريڪ جي وڌڻ ۽ ويجهڻ ۾ ڪابه مداخلت ڪانه ڪئي. ازان سواءِ، ڪلهوڙن حاڪمن جو زمانو، ڪنهن حد تائين، آزاد سنڌي حاڪمن جو دور هو. ٺٽي جي جيد عالم ۽ سڄاڻ شخص مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ، "مادري زبان سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ واري تحريڪ" کي ڪافي زور وٺايو، ۽ پاڻ خود ان تحريڪ جي اڳواڻي ڪيائين. انهيءَ تحريڪ کي زور وٺائڻ ۾ مخدوم ابوالحسن جي همعصر عالمن، مدرسن ۽ اهل علم وارن پڻ ڪافي هٿي ڏني ۽ ان کي پايه تڪميل تي رسايو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي موجوده تحقيق ۽ قائم ڪيل نظريي کان گهڻو وقت اڳ ۾خانبهادر محمد صديق ميمڻ هيٺينءَ راءِ قائم ڪئي هئي، جنهن کي پوءِ جي اڪثر عالمن ۽ اديبن بنياد بڻائي پنهنجي ورجايو آهي. ميمڻ صاحب لکي ٿو:

"سن ١٠٦٠هه/ ١٦٥٠ع کان پوءِ، نواب حفظ الله جي حڪومت ۾، ننگر ٺٽي ۾ هڪ اهڙي تحريڪ جاري ٿي، جنهن ڪري سنڌي عالمن مجبور ٿي، عربي ۽ فارسيءَ جي بدران سنڌي زبان ۾ تصنيف شروع ڪئي. بغداد جي مشهور قطب رباني، سيد عبدالقادر رحه جي اولاد مان شيخ يوسف الدين بغدادي ٺٽي ۾ آيو، ۽ سندس وعظ ۽ نصيحت جي ڪري، هزارن جي تعداد ۾ ڪيترا غير مسلم اسلام ۾ داخل ٿيا. سنڌ ۽ ڪڇ جا ميمڻ به انهيءَ شيخ جي هدايت تي ٺٽي ۾ مسلمان ٿيا. اينرن نو مسلمن کي، اسلام جي قاعدن ۽ قانونن کان واقف ڪرڻ لاءِ زباني وعظ نصيحت ڪافي نه هئي، تنهنڪري ان وقت جو مشهور عالم ۽ فقيه مولوي ابوالحسن، جو سنڌ جي

* تازو انهيءَ مجموعي کي محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "سنڌي ٻوليءَ جو اڳاٽو منظوم ذخيرو" جي نالي سان مرتب ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد سنڌ طرفان آڪٽوبر ١٩٩٣ع ۾ ڇپرو ڪيو آهي.

تخت گاهہ ٺٽي ۾ هو، تنهن سمجهيو تہ ايترن عمر رسيده ماڻهن کي عربي ۽ فارسي سيکاري اسلامي واقفيت ڏيڻ خاص ڪري فقه جي مسئلن کان واقف ڪرڻ ممڪن نہ آهي، تنهنڪري هن ماڻهن جي مادري زبان يعني سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو... هن 'مقدمة الصلواة' نالي هڪ ڪتاب لکيو، جنهن کي 'ابوالحسن' جي سنڌي چوندا آهن (٩)."

خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي انهيءَ مٿين بيان ۾، تاريخي لحاظ کان، ڪافي اوڻايون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ميمڻ صاحب جي هڪ همعصر عالم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي شيدائيءَ ديوان ڀيرومل مهر چند آڏواڻيءَ اُنهن اوڻاين کي درست ڪندي، مذڪور احوال کي ڪجهہ ڦير گهير سان بيان ڪيو آهي. ديوان صاحب خود اهو احوال هڪ انگريز مصنف آر. اي. اينٿون جي ڪتاب "The Tribes and Casts of Bombay" تان نقل ڪيو آهي. ديوان ڀيرومل لکي ٿو:

"پيران پير دستگير سن ١١٦٥ع ۾ بغداد ۾ رحلت ڪئي. دنيا مان موڪلائڻ کان اڳ پنهنجي پُٽ تاج الدين کي هدايت ڪيائين تہ تون هندوستان ۾ وڃي رهہ ۽ اُتي جي ماڻهن کي اسلام جي روشني ڏيکار. (سما ۽ سومرا شايد انهيءَ وقت مسلمان ٿيا هئا.) سيد تاج الدين کان پنج پيڙهيون پوءِ سيد يوسف الدين قادري پيدا ٿيو، تنهن کي سن ١٤٢١ع ۾ خواب ۾ آيو تہ تون سنڌ ۾ وڃي، اُتي جي ماڻهن کي اسلام جي راهہ ڏيکار. هُو صاحب جنهن وقت سنڌ ۾ آيو، تنهن وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ٺٽو هو ۽ اتي جو حاڪم سما گهراڻي جو مرڪب خان هو. سمن جي صاحبي سن ١٣٥١ع کان ١٥٢١ع تائين هلي ۽ اهو مرڪب خان، جو شايد ڄام راڻدان (١٤٥٤ع)* هو، تنهن سيد صاحب کي ججهي عزت ڏيئي، پنهنجو مهمان ڪري رهايو. انهيءَ حاڪم وٽ ماڻڪجي نالي هڪ سيٺ برک هو، جو لوهاڻن جي چوراسي نکن يا برادرين جو مُکي هو. ٺٽي جو حاڪم هن سيد صاحب جو مريد ٿيو تہ سيٺ ماڻڪجي بہ پنهنجي حاڪم جي پيروي ڪئي، ۽ پنهنجن ٽن پُٽن مان ٻن پُٽن ۽ لُهاڻن جي ست سؤ آڪهين سميت شاهہ جو مريد ٿيو ۽ دين اسلام اختيار ڪيائين. سيٺ ماڻڪجيءَ جو پُٽ سيٺ راڻجي هو، تنهن تي احمد نالو پيو. راڻجيءَ جا بہ پُٽ سُندرجي ۽ هنسراج هئا، سي آدم ۽ تاج محمد سڏجڻ ۾ آيا. لُهاڻن ۾ کي "موٽا" ڪوٺيا هئا، پر پوءِ لُهاڻن توڙي موڻن تي نالو پيو "مومن" يا ايمان آڻيندڙ (ذاتيءَ جي وحدانيت ۾)... سمن جي صاحبيءَ کان وٺي سنڌ جا ڪيترائي لُهاڻا ڦري ميمڻ ٿيا ۽ اهي وڌيا ۽ ويجهيا، تہ اٿين مسلمانن جو تعداد سترهين صديءَ ڌاري وڌي گهڻو ٿيو. ان وقت ڪن مسلمان عالمن ضروري سمجهيو تہ سنڌيءَ ۾ ڪي اهڙا ڪتاب ڪيجن، جن جي وسيلي ميمڻ ۽ سندن اولاد کي اسلام جي عقيدن ۽ فرضن کان چڱيءَ ريت واقف ڪجي. ان وقت ٺٽي ۾ هڪ مولوي ابوالحسن نالي هو، جو مسلمان ٻارن کي مذهبي تعليم ڏيندو هو. سن ١٧٠٠ع ڌاري هن صاحب هڪ ڪتاب "مقدمة الصلواة" نالي لکيو، جنهن ۾ نماز پڙهڻ، وضو سارڻ ۽ ٻين اهڙين ڳالهين جو ذڪر آهي." (١٠)

خانبهادر محمد صديق ميمڻ ۽ ديوان ڀيرومل جي مٿين ٻنهي بيانن جو تجزيو ڪندي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سيد يوسف الدين جي ٺٽي ۾ اچڻ واري دور ۾، اٽڪل بہ سو پنجويهہ ورهين جو تفاوت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ساڳئي وقت مخدوم ابوالحسن ڏانهن جيڪا ڳالهہ منسوب ڪئي وڃي ٿي تہ هن پنهنجو مشهور ڪتاب "مقدمة الصلواة" غير

* "راڻدان" اصل ۾ "راءِ ڏنو" جي بگڙيل صورت آهي. ان سمي حاڪم جو پورو نالو صدرالدين شاهہ ڄام سنجر عرف راءِ ڏنو هو. سنڌ حڪمرانيءَ جو دور سن ١٤٥٤ع کان ١٤٦١ع تائين هو. (غلام محمد لاکو: "سمن جي سلطنت"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو سنڌ، ١٩٨٧ع، ص ١٢)

مسلمانن لاءِ لکيو هو، اها حقيقت بہ پنهنجيءَ جاءِ تي غلط معلوم ٿئي ٿي: ڇاڪاڻ تہ "مادري زبان سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ واريءَ تحريڪ" گهڻو اڳ شروع ٿي چڪي هئي، جنهن جو اسان مٿي ڪافي تفصيل سان ذڪر ڪري آيا آهيون. ازان سواءِ مخدوم ابوالحسن خود پنهنجي ڪتاب ۾ ان ڳالهہ جي وضاحت ڪري ٿو تہ هُن اهو ڪتاب غير مسلمانن لاءِ نہ پر مدرسن ۽ مڪتبن ۾ تعليم وٺندڙ طالبن جي لاءِ سنڌن گهُرج موجب تاليف ڪيو آهي. مخدوم صاحب لکي ٿو:

الاهي "ابوالحـــسن" مڱي تـــو مُـــلا

مـــوليٰ مـــهـــربان ڏٺي ســائين ســپـاجـهـــا

طلب ڏي توفـــيق سين، مـــومنين مـــيـــان

تہ پڙهي پاڙهين سڀ هِي مـــومن مـــســئلا

ڪارڻ طلب طالـبـين رســــالو لکيـــــوم

"مـقـدمـة الصلواة سنڌي" نالو تنه رکـيــوم. (١١)

انهيءَ سموري مٿئين بحث کان پوءِ، ڊاڪٽر صاحب جي مٿي بيان ڪيل نئين تحقيق جي روشنيءَ ۾، اڳ جيڪي رايا ۽ مفروضا قائم ڪيا ويا هئا تہ ڪلهوڙن جي دور ۾ مخدوم ابوالحسن "مادري زبان سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ واريءَ تحريڪ" جو باني هو، هاڻي اهي پاڻمرادو ختم ٿي وڃن ٿا.

مخدوم ابوالحسن جڏهن پنهنجو ڪتاب "مقدمة الصلواة" تاليف ڪيو تہ ان وقت هن عزت بن سليمان واري قلمي ذخيري جي ڪن منظوم رسالن کي ضرور ڏٺو هوندو. يا ان کان سواءِ ڪو ٻيو ماخذ سندس اڳيان هوندو. بهرحال مخدوم صاحب جي ان ڪتاب کان پوءِ سنڌ جي ٻين ڪيترن عالمن جهڙوڪ: مخدوم ضياءالدين (سن ١٠٩١هہ/ ١٦٨٠ع کان ١١٧١هہ/١٧٥٨ع)، مخدوم ابراهيم هالائي (ولادت ١١٠٢هہ/١٦٩١ع)، مخدوم محمد هاشم رحہ (سن ١١٠٤هہ/١٦٩٣ع کان ١١٧٤هہ/١٧٦١ع)، مخدوم عبدالخالق (مطلوب المومنين تاليف ٿيڻ جو سن ١١٥٧هہ/ ١٧٤٤ع) ۽ ٻين ڪيترن بزرگن ڪتاب لکيا، جي انهن بزرگن جي نالي پويان "سنڌي" سڏجڻ لڳا.

خليفو مخدوم ميان محمد بن مخدوم عبدالخالق پڻ ٺٽي جي عالمن جي انهيءَ تحريڪ جو هڪ رُڪن هو. مخدوم ميان محمد پنهنجي دور جي استادن، همعصرن ۽ خود پنهنجي والد کان متاثر ٿي سنڌي منظوم ترجما ڪيا ۽ تفسير لکيا. اسان هتي سڀ کان پهريائين سندس سوانح حيات ۽ ان کان پوءِ سندس ٻن منظوم سنڌي تفسيرن "آية بسم الله" ۽ "سورة الملڪ" جو تعارف، ۽ انهن جو علمي ۽ ادبي جائزو ڏيون ٿا.

## خليفي مخدوم ميان محمد جي سوانح حيات

خليفو مخدوم ميان محمد سنڌ جي جيد عالمن مان هڪ ٿي گذريو آهي. پاڻ ٺٽي جي بلند مرتبي واري عالم مخدوم عبدالخالق ❁ جو فرزند هو (١٢). خليفو ميان محمد اعليٰ دماغ، باوقار ۽ وڏو رتبو رکندڙ عالم هو. علم فقه ۽ تفسير ۾ وڏو درڪ رکندو هو. پاڻ ديني علمن جو وڏو محقق هو. علم فقه، حديث ۽ تفسير ۽ ٻين ديني خواه دنيوي

❁ مخدوم عبدالخالق، ٺٽي جي بلند مرتبي جي عالمن مان ٿي گذريو آهي. سندس زندگيءَ جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل سان ڪوبہ احوال ڪونہ ٿو ملي. خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي قول مطابق تہ پاڻ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جي پيارن شاگردن ۽ مريدن مان هڪ هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي قائم ڪيل درسگاهہ ۾ نائب معلم طور درس ۽ تدريس جو ڪم ڪندو هو.

مخدوم عبدالخالق سن ١١٥٧هہ/١٧٤٤ع ۾ "طريقة المحمدي" تان سنڌي نظم ۾ هڪ ڪتاب "مطلوب المومنين" جي نالي سان جوڙي راس ڪيو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي کي اهو ڪتاب ڏاڍو پسند پيو، جنهنڪري ان کي پنهنجن ٻن ڪتابن "زادالفقير" ۽ "راحت المومنين" سان شامل ڪري ڇڏيائين. اهي ٽيئي ڪتاب هڪ مجموعي جي صورت ۾ اڄ تائين شايع ٿيندا اچن ٿا. مخدوم عبدالخالق جي وفات جي باري ۾ ڪو احوال ڪونہ ٿو ملي. (محمد صديق ميمڻ: "سنڌ جي ادبي تاريخ" ڀاڱو پهريون، ص ٨٨ کان ٩٠)

علمن ۾ وڏي مقام جو صاحب هو. پاڻ عربي ۽ فارسي زبانن سان گڏ پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ جو به وڏو ڄاڻو هو. شعر و سخن جو شوقين ۽ انشاء جو وڏو ماهر استاد هو.

خليفي ميان محمد جي ابتدائي زندگيءَ جو ڪوبه احوال تصديق سان ڪونه ٿو ملي ته پاڻ خانداني طرح ڪير هو، اصل ڪٿان جو وينل هو ۽ ڪهڙيءَ طرح پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين. ازان سواءِ اهو به معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته پاڻ ڪڏهن ڄائو ۽ سندس جنم ڪٿي ٿيو؟ ليڪن جيئن ته سندس والد مخدوم عبدالخالق ٺٽي جو باشندو هو، انهيءَ ڪري اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سندس جنم ضرور ٺٽي شهر ۾ ئي واقع ٿيو هوندو. خليفي ميان محمد، سورة الملڪ جو منظوم سنڌي ترجمو ۽ تفسير سن ١١٩٣هه / ١٧٧٩ع ۾ لکيو. سندس والد جي مرشد ۽ استاد، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ رحه سن ١١٧٤هه/١٧٦١ع ۾ وفات ڪئي. انهيءَ لحاظ کان خليفي ميان محمد پنهنجو مذڪور رسالو مخدوم محمد هاشم جي وفات کان اٽڪل ارڙهن ورهيه پوءِ لکيو. اسان جو قرين قياس آهي ته ان وقت خليفي ميان محمد جي طبعي عمر ٽيهن ورهين جي لڳ ڀڳ هوندي، ۽ اهو به گمان آهي ته پاڻ ضرور مخدوم محمد هاشم رحه کي پيرسنيءَ جي حالت ۾ ڏٺو هوندائين. انهيءَ لحاظ کان اهو چئي سگهجي ٿو ته خليفي ميان محمد جو جنم سن ١١٦٣هه/١٧٥٠ع ڌاري ٿيو هوندو. تاريخي لحاظ کان اهو زمانو سنڌ تي ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪمرانيءَ جو هو. ميان صاحب کي سنڌ جي حڪومت جي گاديءَ تي وينئي اٽڪل ٽيهارو ورهيه ڪن ٿي چُڪا هئا.

خليفي ميان محمد جي تعليم ۽ تربيت جي باري ۾ جيئن مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته ان جو ڪوبه مفصل احوال ڪونه ٿو ملي، پر جيئن ته سندس ولادت ٺٽي شهر ۾ ٿي، ان لحاظ کان سندس تعليم ۽ تربيت به ٺٽي ۾ ئي ٿي هوندي. ٺٽو ان دور ۾ تمدني بلندي، ثقافتي برتري ۽ علمي لحاظ کان وڏي اوج تي هو. جيتوڻيڪ ڪلهوڙن حاڪمن جي دور حڪومت ۾ ٺٽو سنڌ جي تخت گاهه واري حيثيت کان محروم ٿي چڪو هو، ان هوندي به اُن دور تائين هن شهر جي اها اڳ واري علمي حيثيت زنده ۽ قائم هئي. هن شهر ۾ ڪيترائي دارالعلوم، بيشمار مڪتب خواه ديني ۽ دنيوي علمن جا مرڪز قائم هئا، جن ۾ ڏينهن رات علم جي شمع روشن هوندي هئي. اهڙي علمي شهر ۾ خليفي ميان محمد پنهنجي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي. جيئن ته سندس والد مخدوم عبدالخالق ان وقت ٺٽي جي وڏي بزرگ ۽ عالم دين مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي قائم ڪيل ديني مدرسي ۾ نائب معلم طور ديني علمن جو درس ڏيندو هو (١٣)، انهيءَ لحاظ کان خليفي ميان محمد ضرور پنهنجي والد جي نگرانيءَ ۾ انهيءَ مدرسي ۾ ديني خواه دنيوي علمن جو درس ورتو هوندو. ازان سواءِ اُن مدرسي جي ٻين بلند مرتبي وارن عالمن ۽ استادن کان به علم حاصل ڪيو هوندائين.

هن وقت تائين خليفي ميان محمد جا ٻه منظوم سنڌي رسالا هڪ "تفسير آية بسم الله" ۽ ٻيو "تفسير سورة الملڪ" دستياب ٿيا آهن. انهن ٻنهي رسالن جي مطالعي مان اهو چڱيءَ طرح اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته خليفي صاحب علم جي تحصيل حاصل ڪرڻ کان پوءِ درس ۽ تدريس جي مشغلي سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به ڪيو.

خليفي ميان محمد جو زمانو علمي ۽ ادبي لحاظ کان نهايت ئي روشن ۽ خوشگوار هو. مخدوم ضياءالدين (١٠٩١هه / ١٦٨٠ع کان ١١٧١هه /١٧٥٨ع)، مخدوم ابراهيم هالائي (ولادت ١١٠٢هه/ ١٦٩١ع)، مخدوم محمد هاشم (١١٠٤هه/ ١٦٩٣ع کان ١١٧٤هه /١٧٦١ع)، مخدوم عبدالله نرني وارو (١١٥٠هه/ ١٧٣٧ع کان ١٢٣٦هه / ١٨٢١ع)، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي (١١٥٢هه/ ١٧٣٩ع کان ١١٩٢هه/ ١٧٧٨ع)، مولوي محمد حسين (سير

بستان تاليف ٿيڻ جو سن ١١٧٧هه/ ١٧٦٥ع)، مولوي مهرو ولد سُرهيو ڏلُ (رغبتالطالبين تاليف ٿيڻ جو سن ١٢٠٦هه/ ١٧٩٢ع) ۽ ٻيا ڪيترائي عالم ۽ بزرگ سندس همعصر هئا. جن مان ڪن عالمن کي هُن حياتيءَ جي پوئينءَ بهار ۾ ڏٺو هوندو ته ڪيترا وري سندس هڪ جيڏا ساٿي هئا. جن سان پاڻ ضرور روحاني مجلسون ۽ علمي ۽ ادبي رهاڻيون ڪيون هوندائين.. اهي مڙيئي سڀيئي بزرگ، علمي لحاظ کان، بلند مرتبي جا عالم به هئا ته تصنيف ۽ تاليف جا صاحب پڻ هئا. انهن بزرگن وٽ نادرالوجود ڪتبخانا پڻ هئا. اهڙي ماحول ۾، خليفي ميان محمد تي علمي صحبتن ۽ مجلسن جو وڏو اثر غالب ٿيو. خليفي صاحب جي علمي مطالعي جي شوق ۽ مٿي بيان ڪيل بزرگن جي ڪتبخانن ۾ علمي ۽ ناياب ڪتابن جي فراواني ۽ دستيابيءَ جو اندازو اُن وقت ٿئي ٿو، جڏهن سندس مذڪور رسالن جو اڀياس ڪجي ٿو. هُن انهن ننڍڙي رسالن ۾ بي انداز ناياب ڪتابن، تفسيرن ۽ حديثن جا ڇيپي ڇيپي تي حوالا ڏنا آهن، جن جو تفصيلي احوال اڳتي هلي بيان ڪنداسون.

خليفي ميان محمد جي تصنيف ۽ تاليف جي باري ۾ به ڪو مفصل احوال ڪونه ٿو ملي. هن وقت تائين سندس هيٺين چئن رسالن جو ذڪر ملي سگهيو آهي:

١- تفسير آية بسم الله

٢- تفسير سورة الملڪ

٣- مناقب مرتضوي: هيءُ مجموعو ٽيهه اکري ۽ ڪن نظمن تي مشتمل آهي. نسخي جي ابتدا "مناقب علي عليه السلام" سان ٿئي ٿي:

هيءُ مناقب مرتضوي، سٿهو سنڌي واءِ

ان کان پوءِ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي مدح ڏنل آهي:

الف الله ايڏوني ڏٺي صـــــــــاحب سلطانا

جه پيغمبر پاڪ پيدا ڪئو، پنهنجي نور منجانا.

ٽيهه اکريءَ جي هرهڪ بند ۾ ڪل ڏهه سٽون اچن ٿيون. ان کان پوءِ حضرت علي عليه السلام جي شان ۾ چار نظم ڏنل آهن. (١٤)

٤- افادت العينين:- هيءُ مجموعو اصل ۾ ڪنهن عربي تصنيف جو ترجمو آهي. خليفي صَاحب ان جو منظوم سنڌي ترجمو ڪيو. هن رسالي ۾ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم، حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحه جي معجزن کي منظوم ڪيو ويو آهي. (١٥)

اهي مڙيئي چارئي رسالا هن وقت برٽش ميوزيم لئبرري لنڊن ۾ محفوظ آهن.

خليفي ميان محمد جيئن ته پنهنجي سموري حياتي درس ۽ تدريس سان گڏ تصنيف ۽ تاليف ۾ گذاري، هن ضرور ٻيا به ڪيترائي قيمتي ڪتاب ۽ رسالا، عربي ۽ فارسيءَ کان سواءِ سنڌي زبان ۾ به لکيا هوندا، ليڪن اهي سڀئي زماني جي انقلابن جو شڪار ٿي ويا. سنڌ جي ڪنهن به محقق کي سندس انهن شهپارن جو ڪٿان به ڪو سراغ ملي نه سگهيو آهي.

خليفي ميان محمد جو والد مخدوم عبدالخالق، جيئن مٿي بيان ٿي آيو آهي ته ٺٽي جو رهاڪو هو ۽ پاڻ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه جو معتقد ۽ مريد هو. مخدوم محمد هاشم رحه جي روحاني طريقت جو سلسلو نقشبندي ۽ قادري هو، ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته خليفو ميان محمد پڻ وڏن جي انهيءَ طريقي تي هليو هوندو، ۽ نقشبندي /

ڦادري طريقو اختيار ڪيو هوندائين.

خليفي ميان محمد جي زندگيءَ جي ٻين ڳالهين سان گڏ سندس وفات جي تاريخ ۽ سال جو بہ ڪو پتو ڪونہ ٿو پوي ۽ نہ وري سندس مزار جو ڪو نام ۽ نشان ملي سگهيو آهي. خليفي صاحب جيئن تہ پنهنجي زندگيءَ جو سفر ٺٽي ۾ پورو ڪيو هوندو! انهيءَ ڪري سندس مٽيءَ پنوڙو بہ ٺٽي ۾ ئي ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ٿيو هوندو ليڪن زماني گذرندي، سندس مزار جي ڪابہ خبر ڪانہ ٿي پوي. سنڌ جو مشهور تذڪره نگار ميرعلي شير "قانع" ٺٽوي سندس همعصر هو. افسوس آهي تہ هن پنهنجي ڪتاب " "تحفة الڪرام" ۾ خليفي صاحب جي باري ۾ ڪٿي بہ ڪي بہ اکر لکڻ گوارا نہ ڪيا آهن.

ڊاڪٽر شيڪل پنهنجي مرتب ڪيل ڪئٽلاگ ۾ "رسول پاڪ جي شان ۾ شعر" جي نالي سان هڪ قلمي مجموعي جو ذڪر ڪيو آهي. هن مجموعي ۾ ڪل ڇهہ رسالا شامل آهن. هيءُ مخطوطو ١٣٨ ورقن تي مشتمل آهي، ۽ اهو سمورو نسخو خليفي ميان محمد جو ڪتابت ڪيل آهي. نسخي جي آخري عبارت هن طرح جاٽايل آهي:

"ڪتبہ الفقير خليفہ محمد بن مرحوم عبدالخالق...

بتاريخ ٢١ - شهر رمضان المبارڪ سن ١٢٥١هہ." (١٦)

انهيءَ مٿينءَ عبارت مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ خليفو ميان محمد سن ١٢٥١هہ /١٨٣٥ع) تائين حال حيات هو. انهيءَ لحاظ کان اهو چئي سگهجي ٿو تہ خليفي صاحب نوي ورهين جي عمر کان بہ مٿي، ٽالپرن جي آخري دور حڪومت ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي.

## مخطوطن جو تعارف

خليفو مخدوم ميان محمد ڪلهوڙن جي آخري دور حڪومت جو هڪ وڏو بزرگ ۽ جيد عالم ٿي گذريو آهي. سندس زندگيءَ جو مفصل احوال دستياب ٿي نہ سگهيو آهي، ليڪن ڪن نشانين ۽ اهڃاڻن جي روشنيءَ ۾ اسان مٿي اهو ڄاڻائي آيا آهيون تہ سندس وفات ٽالپرن جي آخري دور حڪومت ۾ ٿي. ڪلهوڙن حڪمرانن جو آخري دور سندن خانداني رساڪشي، قتل ۽ غارت ۽ پنهنجن وفادار ٽالپر اميرن جي ويڙهين ۽ جنگين ۾ گذريو. ان کان پوءِ سنڌ ۾ سن ١١٩٨هہ/١٧٨٤ع ۾ ٽالپرن جي حڪومت جو دور شروع ٿيو. ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ جي عالمن سنڌي زبان ۾ مذهبي ڪتابن جي منظوم ترجمن جو سلسلو شروع ڪيو، جي هتان جي مدرسن ۽ مڪتبن ۾ نصابي طرح رائج هئا. اهو نصابي سلسلو ٽالپرن کي پڻ ورثي ۾ مليو ۽ ان دور ۾ بہ ڪيترن عالمن ۽ بزرگن انهيءَ نموني جا ڪتاب لکيا. ٽالپر حڪمرانن جو آخري دور پڻ ڪلهوڙن وانگر پنهنجي خانداني جهيڙن ۽ سازشن جو شڪار ٿيو. سن ١٨٤٣ع ۾ انگريزن نهايت مڪاريءَ ۽ فريبيءَ سان ٽالپرن کي شڪست ڏيئي، سنڌ جي آزاد ملڪ واريءَ حيثيت کي ختم ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ انگريزن جو راڄ شروع ٿيو.

سنڌ ۾ ديني ۽ مذهبي ادب تمام گهڻو هو. سنڌ جي قديم تاريخي شهرن ۾ اتان جي اعليٰ ۽ ارفع خاندانن جي پوين وٽ وڏا نادرالوجود ڪتبخانا قائم هئا. خود رچرڊ برٽن بہ ان ڳالهہ جو اعتراف ڪيو آهي تہ انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌ ۾ ديني ادب تمام گهڻو هو، ۽ ايترو ادب برصغير جي ٻئي ڪنهن بہ صوبي ۾ ڪونہ هو.(١٧)

انگريزن پنهنجي دور حڪومت ۾، سنڌ جي قديم عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتابن کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ هتان جي ٻئي سرمايي وانگر اُن علمي ۽ ادبي خزاني کي بہ ڪٺائي وڃي لنڊن ۾ محفوظ ڪيو. اهڙيءَ طرح ٺٽي جي ٻين وڏن عالمن جي منظوم سنڌي ڪتابن وانگر، خليفي ميان محمد جا ڪتاب پڻ ڪنهن طرح سنڌ مان ڪڄي،

لنڊن جي برٽش ميوزيم ۾ وڃي پهتا. ممڪن آهي ته خليفي صاحب جو باقي ڪتابي سرمايو اڃا به سنڌ جي ڪنهن نه ڪنهن قديم ڪتبخاني جي ڪنڊ ۾ پاسيرو ٿيو رکيو هجي، پر ان طرف سنڌ وارن جو توجهه تمام گهٽ وڃي ٿو. بهرحال خليفي ميان محمد جا چار منظوم سنڌي رسالا، لنڊن جي برٽش ميوزيم ۾ محفوظ آهن، جن جي سڀ کان پهريائين نشاندهي ڊاڪٽر شيڪل صاحب پنهنجي ڪئٽلاگ ۾ ڪئي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب پڻ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" ۾ ان جو حوالو ڏنو آهي. خليفي صاحب جي انهن مذڪور چئن رسالن مان ٻن رسالن، يعني "مناقب مرتضوي" ۽ "افادةالعينين" جو مختصر تعارف، اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون. خليفي صاحب جا دستياب ٿيل باقي ٻه رسالا، "تفسير آية بسم الله" ۽ "تفسير سورة الملڪ" جي نالن سان ملن ٿا. هتي انهن ٻنهي رسالن جو تفصيلي تعارف ڏجي ٿو:◆

١-<u>تفسير آية بسم الله</u>:- هيءُ آية بسم الله جو منظوم سنڌي ترجمو ۽ تفسير آهي، جنهن جي متعلق ڊاڪٽر شيڪل صاحب هن طرح لکي ٿو:

"هن نسخي جو ڪاتب مختلف آهي. هن جي تختي ١١+٥ ۽ ١٦ سينٽي ميٽر آهي، ۽ هر صَفحي تي ستن کان نوَ سٽون ملن ٿيون. ڪنهن نامعلوم شاعر هيءُ نظم بسم الله جي برڪت بابت چيو آهي. شاعر پنهنجو داستان هن ريت شروع ڪيو آهي:

هاڻي برڪاتون بسم الله جـــون سُـــڻـــهـــو مـــومنا
آهي جِـــه جي ٻي ۾ ســـڀـجي قـــرآن جي مـــعنيٰ." (١٨)

ڊاڪٽر شيڪل جو اهو مٿيون بيان ڪجهه منجهائيندڙ آهي. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته ڊاڪٽر موصوف هن سموري مخطوطي جو پورو مطالعو نه ڪيو آهي. جيڪڏهن ان جو پورو مطالعو ڪري ها ته "ڪنهن نامعلوم شاعر جو لکيل نظم" وارو نظريو بدلائي ڇڏي ها. مخطوطي جي آخر ۾، خليفي ميان محمد پنهنجي دور جي عالمن جي دستور مطابق پنهنجو نالو صاف طرح سان، هن ريت ڄاڻايو آهي:

"پڻ آهي حـضـرت عـثـمـان (رضـ) کَنا هِن ۾ حـديثـا
ته جي مِـــڙئي خلق جَـــمعُ ٿـــئي چـــار هزار وَرِهَـيِـــا
مـــٿي تفـــســـيـــر بسم الله جي ته نه رَسن عُـــشـــر عَـــشـيـرا
آهي تفـــســـيـــر بسم الله جـــو پڻ وڏو عظيـــمـــا
ڪيـــر پُڄـــانيـندو تِنه کي ڪري تفـــســـيـــرا
پر ڪارڻ تسلي مـــومنن جي لِکِئُمِ ڪو قـــدرا
ته ڪرين حق ۾ هن عـــاصيءَ جي ڪا ڏٺيءَ لڳ دعـــا
مـــحـــمـــد کي مِـــهـــر منجـــهـــا دعـــا سڀ ڪِجـــاهُ
ته ٿـئيس شـفـاعت منجـهـا بسم الله جي ڪو ڀهرو نصـيـبـا

◆ راقم کي انهن ٻنهي رسالن جي فوٽو ڪاپي، پنهنجي نوجوان دوست ۽ اديب، ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهري کان استفادي لاءِ ملي. ڊاڪٽر گهانگهرو، مهراڻ يونيورسٽي ڪاليج آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي نواب شاهه جي شعبه اسلاميات ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي. سن ١٩٩٠ع ۾ "سنڌي زبان ۾ قرآن پاڪ جي ترجمن ۽ تفسيرن جو تحقيقي جائزو" جي عنوان سان هڪ تحقيقي مقالو لکي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان پي. ايڇ. ڊي. جي سند ورتي اٿائين. هن صاحب پنهنجي تحقيق دوران، مذڪور ٻنهي رسالن تائين رسائي حاصل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، پر اهي ڪيس ٿيسز جي تيار ٿيڻ کان پوءِ ئي دستياب ٿي سگهيا.


رب بسم الله الرحمن الرحيم يسر

هاڻي برڪات بسم الله جي

سڀهو مومنا ۵ آهي جي بي م

سڀ قرآن جي معنیٰ ۵ تيو مشغول

تهس اي سڀني صوحا ۵ تہ نہ ذڻان

ذانا ردُ نيم اهڪر ڪُرا اصلاح

آهي بعضي حڪماءِ ڪنا

تفسير آية بسم الله جو پهريون ورق



تفسير آية بسم الله جو آخري ورق

جـــو رَســـــاڻيس جنت ۾ پڻ لوُرانيس لقــــاءُ
تـہ "خليـــفي" کي خـــيـــر سين ايمانُ کري عطا
ســـاڻ مـِــڙني مـــومنين، جي کلمـــو کَفَنِ ٿـــا." (١٩)

هن مخطوطي جو ڪاتب ميان محمد احسن آهي، جنهن هن نسخي کي اصل تان ٢١-رجب ١٢٢٨هه/٢٠- جولاءِ ١٨١٣ع تي نقل ڪيو. تاريخي لحاظ کان، اهو زمانو ٽالپرن جي پهرئين چوياريءَ جي ٿنين رُڪن مير ڪرم علي خان ٽالپر جو هو.

ڊاڪٽر شيکل جي مٿي بيان ڪيل عبارت مان اهو گمان ظاهر ٿئي ٿو تہ خليفي ميان محمد جو بسم الله جو اهو منظوم سنڌي ترجمو ڇڻ جدا صورت ۾ آهي. ليڪن ان دور جي عـالمن ۽ بزرگن جي قرآن پاڪ جي سورتن جي منظوم سنڌي ترجمن ۽ تفسيرن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اسان انهيءَ راءِ جا آهيون، تہ بسم الله جو هيءُ منظوم ترجمو ۽ تفسير ضرور ڪنهن سورت جي مُنڍ ۾ هوندو. انهيءَ سلسلي ۾، "تفسير هاشمي" يا ان کان پوءِ خليفي صاحب جي همعصر عالمن جي تفسيرن ۾ اها ڳالهہ واضح طور ڏسڻ ۾ اچي ٿي تہ هر عالم قرآن پاڪ جي سورت جي ترجمي ۽ تفسير بيـان ڪرڻ کان اڳ ۾، بسم الله جو ترجمو ۽ تفسير بيان ڪيو آهي. خليفي صاحب جي والد مخدوم عبدالخالق ٺٽويءَ جي استاد ۽ مرشد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ پڻ پنهنجي "تفسير هاشمي" ۾ پهريائين بسم الله جو ترجمو، تفسير ۽ ان جون برڪتون بيان ڪيون آهن. انهيءَ ڪري خليفي صاحب پڻ پنهنجي متقدمين خواه همعصر عـالمن ۽ بزرگن کان متاثر ٿي ضرور ائين ڪيو هوندو. ازان سواءِ آية بسم الله جي ترجمي ۽ تفسير ۾، ان رسالي جي پوري ٿيڻ جي تاريخ ۽ سن وغيره بہ نہ ڄاڻايو آهي. جيڪڏهن اهو ترجمو ۽ تفسير ڪنهن بہ سورت کان الڳ هجي ها، تہ خليفو صاحب ان دور جي دستور موجب رسالي جي منڍ يا آخر ۾ ان جي شروعات يا پوري ٿيڻ جي تاريخ ۽ سال وغيره ضرور ڄاڻائي ها. جهڙيءَ طرح خليفي صاحب پنهنجي ٻئي رسالي "تفسير سورة الملڪ" ۾ ڪتاب پوري ٿيڻ جي تاريخ ۽ سال صاف طرح سان ڄاڻايو آهي:

پُنو ترجـمـون تبـار(ڪ) جـو منجـهہ مـهـيني محـرمـا
سنُ اِڪاره ســا ٽِرٽانونـهــون ســتـــايَهم تاريخــا (٢٠)

ساڳئي وقت خليفي ميان محمد جي هڪ همعصر عالم ميان مهرو ولد سرهيي سن ١٢٠٦هه/١٧٩٢ع ۾ ٢٩ پاري "تبارڪ الذي" جو "رغبتالطالبين" جي نالي سان منظوم سنڌي ترجمو ۽ تفسير ڪيو. هن پڻ پنهنجي تفسير جي مُنڍ ۾ ان دور جي عـالمن جي رواج موجب، بسم الله جو ترجمو، تفسير ۽ برڪتون لکيون آهن. ميان مهرو لکي ٿو:

تہ جي تفسير ڪرين تُون سيپاري تبار(ڪ) جي جو منجهہ سنڌي لُغتا
تہ وٺن نفع مـــاڙُو (مـــاڻهـــو) اُن سنڌي تفـــســـيـــر ڪَنا
ڪَن دُعـــا توکي منجـهـــہ درگـــاهہ الله جي پَڙهَڻ (پڙهڻ) پُجـــاڻا
پوءِ جوڙُنو مون تفسير تبارڪ جي کي ساڻ تفسير بسم الله. (٢١)
تفسير جي آخر ۾ پڻ ان ڳالهہ جي ٻيهر نشاندهي ڪيل آهي. (٢٢)

اسان جي خيال موجب برٽش ميوزيم وارن سنڌ جي ٻين عالمن جي ڪتابن سان گڏ خليفي صاحب جي مذڪوره

رسالن کي شايد انهن ۾ محفوظ ڪيو آهي، جيئن ڪين مختلف موقعن تي اهي هٿ آيا آهن.

بهرحال انهيءَ مٿينءَ بحث کان پوءِ اسان جو گمان قوي ٿئي ٿو ته خليفي ميان محمد جو هيءُ "تفسير آية بسم الله" امڪاني طرح ضرور "تفسير سورة الملڪ" سان شامل هوندو.

۲- تفسير سورة الملڪ: هيءُ قرآن پاڪ جي ۲۹ پاري "تبارڪ الذي" جي پهرين سورة "ملڪ" جو منظوم سنڌي ترجمو ۽ تفسير آهي. هيءُ تفسير ڪلهوڙن جي پوئين زماني جي قديم تفسيرن مان هڪ آهي. هيءُ ترجمو ۽ تفسير، ٺٽي جي مشهور عالم خليفي ميان محمد ان دور جي مروج سنڌيءَ ۾ لکيو. هن وقت تائين هن تفسير جي باري ۾ ڪنهن به عالم ڪو ذڪر ڪونه ڪيو آهي. هن پوئين دور جي مشهور مؤرخ ۽ محقق سيد حسام الدين راشديءَ پنهنجي مقالي "ننگر ٺٽي ۾ تصنيف ۽ تاليف جو جائزو" ۾ پڻ هن بزرگ جو احوال ۽ سندس تصنيفات جو ذڪر نه ڪيو آهي. (۲۳) هيءُ تفسير سنڌي زبان جي ڪلاسيڪي ادب جو هڪ ناياب شاهڪار آهي.

هن تفسير جي باري ۾ سڀ کان پهريائين مشهور انگريز محقق ڊاڪٽر شيڪل لنڊن جي برٽش ميوزيم ۾ رکيل غير ملڪي زبانن جي قلمي ڪتابن بابت پنهنجي مرتب ڪيل ڪئٽلاگ ۾، ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر شيڪل لکي ٿو:

"ترجمو منظوم: سورةالملڪ" (نمبر۶۷) از خليفو محمد: عربي شعر ڳاڙهي مس سان چٽيل آهن. خليفو محمد، مخدوم محمد هاشم جي مريد مولوي عبدالخالق جو پُٽ هو. جيڪو پاڻ به مصنف هو. مصنف جو چوڻ آهي ته هيءُ ترجمو محرم ۱۱۹۳هه ۾ پورو ٿيو. خليفي محمد هن پورهيي جي ابتدا هن ريت ڪئي آهي:

سـاراهجي تـه صـاحب کي جـنـه قـادر مُـڪـو قـرآن

مـٿـي مـيـر مـحـمـد ڪارڻي جـو شـفـيع سَڀَ جـهـان." (۲۴)

ڊاڪٽر شيڪل هن قلمي نسخي جي باري ۾ ڄاڻايو آهي ته هيءُ منظوم ترجمي تي مشتمل آهي. حالانڪ خليفي صاحب ترجمي سان گڏ اُن جو تفسير به بيان ڪيو آهي. ساڳئي وقت ڊاڪٽر صاحب قرآن پاڪ جي آيتن کي الاڳي کهڙي خيال سان "عربي شعر" ڪري سڏيو آهي، جو پنهنجيءَ جاءِ تي سندس علمي پستيءَ جو ثبوت آهي. هيءُ مخطوطو ۶۳ صفحن تي پکڙيل آهي. پهرئين صفحي تي ۹ سٽون ۽ باقي بين سمورن صفحن تي ۱۱ سٽون آهن. عربي -سنڌي "خط نسخ" ۾ لکيل آهي. مخطوطي جي آخر ۾ ڪاتب جو نالو ۽ ان جي ڪتابت ٿيڻ جو سن وغيره ڄاڻايل نه آهن. خليفي ميان محمد پنهنجي دور جي رواج مطابق مخطوطي جي آخر ۾ ڪتاب جي پوري ٿيڻ جي تاريخ ۽ سال هنريت ٻڌائي آهي:

پُنو ترجـمـون تـبـار(ڪ) جـو منجـه مـهـيني مـحـرمـا

سَنُ اِڪاره سـا ٽرنانوئمُـون سَـتـايِمر تاريخـا

جـيـڪـو پڙهي هِنَ سنڌيءَ کي ڪِ سُـٽي سـهـد منجـهـا

سـو دُعـا ڪري "مـحـمـد" کي ڪـٿـي ٻني هٿـڙا. (۲۵)

خليفي ميان محمد جي انهيءَ مٿينءَ عبارت مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته پاڻ سورة الملڪ جو منظوم سنڌي ترجمو ۽ تفسير ۲۷ محرم الحرام ۱۱۹۳هه/۱۴ - فيبروري ۱۷۷۹ع تي لکي پورو ڪيو هئائين. جيئن ته خليفي صاحب پنهنجي زماني جي دستور مطابق قرآن پاڪ جي هن سورة جو منظوم ترجمو ۽ تفسير، مڪتبن ۽ مدرسن جي شاگردن لاءِ نصاب طور ۽ عام ماڻهن جي سمجهڻ ۽ ان مان برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيو هو؛ ان ڪري اهو ممڪن آهي ته هيءُ



تفسير سورة الملک جو پهريون ورق


٦١٣

لا اله الا الله
محمد رسول الله

تفسير سورة الملڪ جو آخري ورق

قلمي نسخو نقل در نقل ٿيندو آيو هجي. ان لحاظ کان، هن قلمي نسخي کي مصنف جو اصل نسخو سمجهڻ بہ غلط ٿيندو.

ساڳئي وقت جهڙيءَ طرح "تفسير آية بسم الله" جي آخر ۾ ڪاتب پنهنجو نالو ۽ ڪتابت جي تاريخ ۽ سن ڄاڻايو آهي، ان طرح هن رسالي ۾ اهو نہ ڄاڻايو ويو آهي. اهوئي سبب آهي، جو هن قلمي نسخي جي مطالعي مان ائين معلوم ٿئي ٿو، تہ هيءُ رسالو ڪنهن ڄاڻو ڪاتب جو ڪتابت ڪيل نہ آهي.

## خليفي صاحب جي سنڌيءَ جو علمي ۽ ادبي جائزو

خليفي مخدوم ميان محمد پنهنجي دور جي وڏن عالمن وانگر مروج سنڌي زبان ۾ ڪتاب لکڻ واري مقصد ۽ اصولن تي عمل ڪندي، ان ساڳئي انداز ۾ پنهنجي تصنيف ۽ تاليف جو سلسلو جاري ڪيو. خليفي صاحب جي دور ۾ سنڌي عالمن وٽ تصنيف ۽ تاليف لاءِ هيٺيان ٽي مکيہ اصول مقرر ٿيل هئا:

– پهريون تہ هڪ عالم کي هر ڪنهن موضوع ۽ مضمون تي مڪمل طرح عبور حاصل هئڻ گهرجي. ساڳئي وقت هر موضوع ۽ مضمون جي لحاظ کان، ان بابت الڳ الڳ مسئلن جي پوريءَ طرح ڄاڻ هئڻ گهرجي.

– ٻيو تہ هڪ عالم لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ هن کي عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ تي بہ پوري مهارت حاصل هجي.

– ٽيون تہ هر موضوع کي سهڻي، صحيح ۽ عام فهم عبارت ۾ مضمون بيان ڪرڻ جي ڏات هجي.

. خليفي صاحب جي "سنڌيءَ" جي اڀياس مان اهو چٽيءَ طرح معلوم ٿئي ٿو تہ سندس "سنڌي" انهن مٿي بيان ڪيل ٽنهي اصولن جي ڪسوٽيءَ تي پوري طرح نمکي اچي ٿي. خليفي صاحب کي هر موضوع ۽ مضمون جي بيان تي مڪمل دسترس حاصل هئي. ڪيس عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ تي بہ مڪمل عبور حاصل هو. ان ڪري هُن "تفسير آية بسم الله" ۽ "تفسير سورة الملڪ" جي مضمون کي نهايت احسن نموني ۾ بيان ڪيو آهي، جو ٿوري ڄاڻ رکندڙ سنڌي ماڻهو بہ اُن کي آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو.

مٿي ۾ بيان ڪيل "مادري زبان سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ واريءَ تحريڪ" جي مقبوليت جي اثر هيٺ ڪلهوڙن جي دور جي عالمن ۽ بزرگن، انهيءَ مقصد تحت پنهنجا ڪتاب ۽ رسالا "سنڌيءَ" ۾ تصنيف ۽ تاليف ڪرڻ شروع ڪيا. خليفو ميان محمد پڻ انهيءَ تحريڪ جو خاص مُحرو هو، ۽ هُن "آية بسم الله" ۽ "سورة الملڪ" جو منظوم ترجمو ۽ تفسير بہ انهيءَ مقصد ۽ اُصول پٽاندر ڪيو. سندس اهو ڪارنامو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ اعليٰ ۽ صلاحيت وارو آهي. قرآن پاڪ جي ترجمي ۽ تفسير جهڙي ڏکئي مضمون کي هُن نهايت ئي ڪاميابيءَ سان سنڌي زبان ۾ بيان ڪيو آهي. اسان هتي انهن ٻنهي رسالن جو علمي ۽ ادبي جائزو بيان ڪريون ٿا.

١ – مضمون:

تفسير آية بسم الله:– خليفي مخدوم ميان محمد جي هن رسالي ۾ بيان ڪيل مضمون، سندس موضوع جي نالي مان ئي صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ هن رسالي ۾ "بسم الله الرحمٰن الرحيم" جو سنڌي ترجمو ۽ تفسير بيان ڪيو ويو آهي. خليفو صاحب سڀ کان پهريائين اها ڳالهہ واضح ڪري ٿو تہ هن آية ۾ تمام گهڻيون برڪتون ۽ فضيلتون سمايل آهن. الله تعاليٰ سڀ کان اول انهن ٻنهي اسمن "الرحمٰن" ۽ "الرحيم" کي ڀلاين ۽ برڪتن سان هم ڪنار ڪري، نازل ڪيو. انهن ٻنهي پاڪ اسمن کي جيڪو بہ دل جي گهرائيءَ، صفائيءَ ۽ سچائيءَ سان هر وقت پڙهندو رهندو تہ رب

ڪريم هن جي رزق ۾ ڪشادگي فرمائيندو، قبر ۾ سندس گناهن جي ڏال بڻجندو ۽ دوزخ جي باهه کان بہ محفوظ رهندو. خليفي صاحب انهن سڀني ڳالهين کي نهايت ئي صاف لفظن ۾ حديث جي ڪتابن ۽ مستند راوين جي روايتن سان بيان ڪيو آهي. پاڻ چوي ٿو:

"هاڻي برڪاتون بسم الله جُون سُڻهو مومنا
آهي جِـه جي بي ۾ سڀجي قرآن جي معنيٰ
ٿيو مشغول تہ سِين آ ۽ (اوهان) سنجهي صبوحا
تہ نہ ڏنا ڏاتار دنيا ۾ اُهڪ ڪو اُصُلا....
آڳي اول ۾ ڪتابت هن اُمت جي مُڪِي بسم الله
پڻ الرحمن الرحيم جا اسم ٻئي پلا
اتان سُجاڻي سَيُ ڪو تہ آگو راضي آهِ
ڪندو معاملو هن اُمت سين سَهُڪو سَيِّنا. (٢٦)

خليفي صاحب آية بسم الله جو ترجمو ۽ تفسير بيان ڪندي ڪيترين ئي جاين تي هن آيت جي فضيلت ۽ برڪت سان واسطو رکندڙ ڳالهين لاءِ حڪايتون ۽ قصا بيان ڪيا آهن، جن جي ڪري هن آيت جي باري ۾ پڙهندڙن جي دلين ۾ وڌيڪ عقيدت ۽ اهميت پيدا ٿئي ٿي. ان سلسلي ۾ جيڪي حڪايتون بيان ڪيون ويون آهن، تن مان بہ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(الف) حضرت عمر رضہ جي خلافت جي دور جو تذڪرو آهي تہ انهيءَ زماني ۾ روم جي شهنشاهه کي مٿي ۾ سُور پيدا ٿي پيو، ۽ اهو ڪيترين ئي دوائن ۽ حيلن سان بہ دفع نہ پئي ٿيو. قيصر روم، حضرت عمر رضہ کان ان بابت علاج موڪلڻ لاءِ اسرار ڪيو. حضرت عمر رضہ هڪ ٽوپي نهرائي ڪيس رواني ڪئي، جنهن جي اندر "بسم الله الرحمن الرحيم" جو اسم تحرير ٿيل هو. قيصر روم جڏهن اها ٽوپي استعمال ڪندو هو تہ مٿي جو درد دفع ٿي ويندو هئس. آخر ۾، قيصر روم جي حڪم سان، ان ٽوپيءَ جي انهيءَ اصرار معلوم ڪرڻ لاءِ ان کي ڪوليو ويو تہ منجهانئس "بسم الله الرحمن الرحيم" جو اسم تحرير ٿيل نڪتو.

(ب) هڪ يهودي نوجوان هڪ حسين و جميل يهودڻ تي عاشق ٿي پيو. آخرڪار، اهي ٻئي نوجوان مرد ۽ عورت، بسم الله جي طُفيل، دنيوي عشق جي چنبي کان آزاد ٿي، اسلام جي دائري ۾ آيا.

اهڙيءَ ريت هن رسالي ۾ بسم الله جي برڪتن ۽ ڀلاين جي باري ۾ ڪافي مثال ڏنا ويا آهن. ان کان سواءِ، هن آيت سڳوريءَ جي مضمون ۽ مفهوم کي نهايت ئي سهڻي نموني ۾ سمجهايو ويو آهي. خليفي صاحب جتي جتي حديثون بيان ڪيون آهن، اتي ان جو ترجمو پڻ نظم ۾ ڏيندو ويو آهي. ترجمو ۽ تفسير ڪندي، ڪيترن ئي مستند ڪتابن، عالمن، مفسرن ۽ محدثن جا حوالا بہ ڏنا ويا آهن، جهڙوڪ: حضرت ابوبڪر صديق رضہ، حضرت عمر رضہ، حضرت عثمان رضہ، حضرت ابن عمر رضہ، حضرت ابن مسعود رضہ، اسرار الفاتحت وغيره.

جيئن تہ خليفو ميان محمد هڪ وڏو جيد عالم هو. پاڻ تفسير، حديث ۽ فلسفي جو وڏو ڄاڻو هو. هُن آية بسم الله جي ترجمي ۽ تفسير ۾ تفسيرن ۽ حديث جي ڪتابن کان سواءِ قرآن پاڪ جي ڪيترين ئي ٻين آيتن کي مضمون جي مناسبت طور پراءِ ۾ ڏنو آهي؛ يعني آية بسم الله جو ترجمو ۽ تفسير "تفسير باالقران" ڪيو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ خليفو صاحب تفسير جي علم مان بخوبي واقف هو.

تفسير سورة الملڪ:- خليفي مخدوم ميان محمد هن رسالي ۾ قرآن پاڪ جي اوڻٽيهين پاري جي پهرئين سورة "الملڪ" جو منظوم سنڌي ترجمو ۽ تفسير بيان ڪيو آهي. خليفي صاحب هن سورة جي ترجمي ۽ تفسير بيان ڪرڻ کان اڳ ۾، مُنڍ ۾ تمهيد طور الله تعاليٰ ۽ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حمد ۽ ثنا کان پوءِ، هن سورة جون فضيلتون ۽ برڪتون بيان ڪيون آهن، ۽ انهن کي حديث جي روشنيءَ ۾ بيان ڪري اهو ثابت ڪيو اٿائين، تہ هيءَ سورة وڏيءَ حڪمت ۽ فضيلت واري آهي. جيئن پاڻ چوي ٿو:

"سُٺـو ڀلايُون سُور(ة) تبار(ڪ) جون حديثن ڪنا
تہ فـرمـائيـو رسـول رب جي عـالمن امـامـا
تہ آهي سُـور(ة) قـرآن ۾ ٽريهـہ آيتنـا
سـا پڙهندڙ جي حق ۾ڪندي شـفـاعـتـا
تان بخشيندو سبب تہ سُور(ة) جي آگر قـاري ڪـا
تَبارڪ الذي بيده الملڪ سُور(ة) سُنهاري سـا
حـضـرت ابو هُريري روايت ڪي سـچي حـديث اها
ترمـذي ۽ نسـائيءَ ۾ سـا ڪيي نهـارجـاهُ" (٢٧)

ان کان پوءِ خليفو صاحب هن سورة جي ڀلاين ۽ برڪتن تي اجا بہ وڌيڪ روشني وجهندي چوي ٿو تہ هيءَ سورة پنهنجي پڙهندڙ جي حق ۾ قبر ۾ ڇوٽڪاري جو باعث ٿيندي، ۽ روز محشر ۾ خداوند تعاليٰ جي سامهون اُن شخص جي ڇوٽڪاري لاءِ جهڳڙو ڪندي ۽ نيٺ هن جي ڇوٽڪاري جو سبب بڻجندي، ۽ الله تعاليٰ فرمائيندو تہ اُن شخص کي جنت ۾ داخل ڪريو.★ ايترين فضيلتن ۽ برڪتن واريءَ سورة لاءِ خليفو صاحب تاڪيد ڪندي چوي ٿو تہ ان کي هر شخص ياد ڪري پڙهندو رهي ۽ اهو پنهنجي اولاد ۽ پاڙيسريءَ کي پڻ ياد ڪرڻ لاءِ زور ڀريندو رهي. نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن هن سورة کي جمعي جي ڏينهن صبح واري نماز ۽ خود جمعي جي نماز ۾ پڙهندا هئا. خليفي صاحب انهن فضيلتن ۽ برڪتن جو بيان ڪندي، مضمون جي مناسبت سان اصحابن سڳورن جا قصا ۽ حڪايتون بہ بيان ڪيون آهن.

ان کان پوءِ خليفو صاحب هن سورة جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ۽ تفسير لکڻ جو سبب ڄاڻائيندي لکي ٿو:

"جڏه فـضل سُور(ة) تبار(ڪ) جـو پتـرو ٿـيـو پـيـدا
تڏه ترجـمـو ڪِئم تـهـجـو سـهـجـو سنڌي واءِ
تہ مـعنيٰ سُٺي محـبت سين پَرَن (پڙهن) پرت منجـا." (٢٨)

ان کان پوءِ خليفو صاحب هن سورة جي نازل ٿيڻ جو هنڌ بيان ڪندي ٻڌائي ٿو تہ هيءَ سورة مڪي پاڪ ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن تي نازل ٿي هئي ۽ هن ۾ ٽيهہ آيتون ۽ ہہ رڪوع آهن. ان بعد، هن سورة ۾ آيتن جي

---

★ سنڌ جي اڪثر قديم شهرن جهڙوڪ: ٺٽي، نصرپور، خداآباد، روهڙي، بکر، سکر، حيدرآباد ۽ سيوهڻ وغيره جي قديم قبرستانن ۾، اهڙيون بيشمار مزارون ملن ٿيون، جن جي پيلي يا سفيد پٿر تي گجراتي ڪاريگرن جون نهايت ئي نفيس نموني ۾ قرآن پاڪ جون آيتون ۽ سورتون اُڪريل آهن، جن مان گهڻين تي "سورة الملڪ" اُڪريل آهي. ان جو بہ صرف اهوئي مقصد آهي تہ جيئن ان سورة جي طفيل قبرواري کي ڇوٽڪارو ۽ سُڪون نصيب ٿئي ۽ روزِ محشر تائين اُها ان لاءِ ڍال بڻجي.

لفظن جو ڳاٿيٽو ۽ منزلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.☆

خليفي ميان محمد هن رسالي جي ابتدا ۾ انهن سيني مٿي بيان ڪيل ڳالهين کان پوءِ پنهنجي اصل مقصد کي أجاگر ڪرڻ لاءِ هن سورة جو باقاعده ترجمو ۽ تفسير لکڻ شروع ڪيو آهي. هرهڪ آية جو نهايت ئي سهڻي نموني ۽ آسان ٻوليءِ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. هن ترجمي جي مطالعي کان پوءِ اهو ذهن نشين ٿئي ٿو ته خليفي صاحب هرويرو تحت اللفظ ترجمو نه ڪيو آهي، پر مُرادي معنيٰ وٺي پوءِ ترجمو ڪيو آهي ۽ ان کان پوءِ اُن جو تفسير بيان ڪيو آهي.

خليفو صاحب جيئن ته گهري مطالعي جو صاحب هو ۽ "اِصول تفسير" مان بہ چڱيءَ ريت واقف هو، ان ڪري هن پنهنجي ترجمي ۽ تفسير ۾، مضمون جي لحاظ کان، قرآن پاڪ جي بين لاڳاپو رکندڙ آيتن کي مثال طور بيان ڪيو آهي. ان مان اسان جي مٿي قائم ڪيل راءِ جي پنيرائي ٿئي ٿي ته پاڻ "تفسير باالقران" جي اصول جو وڏو ڄاڻو هو ۽ ان تي پورو پورو عمل ڪيو اٿائين.

خليفي صاحب پنهنجي ترجمي ۽ تفسير ۾ حديث جي ڪيترن ئي معتبر ۽ مستند ڪتابن، تفسيرن، عالمن، مفسرن ۽ محدثن جا حوالا سند طور ڪم آندا آهن، جهڙوڪ: عبدالله بن مسعود، ابوهريره (عبدالرحمان بن صخر)، امام حسين عليه السلام، عبدالله ابن عباس مُلقب ترجمان القرآن، انس بن مالڪ، امام محمد بن مسلم، مصنف عبدالرزاق، مسند عبد بن حميد، الجامع الصحيح بخاري، صحيح مسلم، جامع ترمذي، سنن نسائي، معجم طبراني، مستدرڪ حاڪم، سنن ڪبريٰ بيهقي، شعب الايمان بيهقي، فردوس ديلمي، ابن عساڪر، الصحاح المختيار ضيا القدسي، تفسير مدارڪ، الڪاشف عن حقائق التنزيل وغيره.

خليفي صاحب هن ترجمي ۽ تفسير ۾ ڪيترن آسماني ستارن جهڙوڪ: زحل، مريخ، مشتري، شمس، زهره، عطارد، قمر وغيره جا نالا ڏيئي، انهن جي سمجهاڻي ڏني آهي. انهيءَ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته خليفو صاحب بين علمن سان گڏ "علم هيئت" ۾ پڻ وڏي مهارت رکندڙ هو.

بهرحال "سورة الملڪ" جو هيءُ ترجمو ۽ تفسير هدايت سان ڀرپور آهي. هن سموري ترجمي ۽ تفسير کي نهايت ئي سهڻي نموني ۾ اول کان آخر تائين نباهيو ويو آهي. هن رسالي جي مضمون کي ڏسي ان ڳالهه جو اقرار ڪرڻو پوي ٿو ته خليفو ميان محمد پنهنجي دور جي وڏن منفرد عالمن مان هڪ هو.

٢- نظم جو سٽاءُ ۽ جوڙجڪ:

خليفي مخدوم ميان محمد جي سنڌي نظم جي سٽاءُ ۽ جوڙجڪ جو فني لحاظ کان جائزو وٺڻ سان اهو معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ پنهنجي دور جي مروج سنڌي نظم جي ماڻ ۽ ماپن کان بلڪل چڱيءَ طرح واقف هو. سندس والد ميان عبدالخالق پڻ پنهنجي وقت جو هڪ ناميارو عالم ۽ سنڌي زبان جو وڏو ماهر هو، جنهن "مطلوب المومنين" نالي هڪ ڪتاب سنڌي نظم ۾ جوڙي تيار ڪيو، ۽ اُن کي سندس اُستاد ۽ مربي مرشد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه

☆ مولانا قاضي عبدالرزاق "سورةالملڪ" جون خاصيتون ۽ فائدا بيان ڪندي لکي ٿو تہ "حضرت ابن عباس کان روايت آهي ته هيءَ سورة نجيہ آهي، يعني قبر جي عذاب کان نجات ڏيندي آهي. تنهنڪري آءٌ چاهيان ٿو ته اها سڀ ڪنهن مومن جي دل ۾ هجي. جو شخص ان کي ايڪيتاليهہ ڀيرا پڙهندو ته ان جا سڀ مشڪل حل ٿي ويندا ۽ سيني آفتن کان محفوظ رهندو. جيڪڏهن قرضدار هوندو ته سندس قرض لهي ويندو. اعداد جي حساب سان، هن سورة جا اعداد ٩٩٥٥٤ آهن ۽ ان جو نقش هيٺينءَ ريت آهي:

٧٨٦

| | | |
|---|---|---|
| ٣٣١٠٢ | ٣٣١٩٤ | ٣٣١٩٩ |
| ٣٣١٩٦ | ٣٣١٩٨ | ٣٣٢٠٠ |
| ٣٣١٩٧ | ٣٣٢٠١ | ٣٣١٩٥ |

مولانا قاضي عبدالرزاق: "قرآن مجيد بمع ترجمو ۽ تفسير بيان القرآن" شيخ غلام علي اينڊ سنز لاهور، ص ٤٧

ڏاڍو پسند ڪيو. مخدوم محمد هاشم رحہ ان ڪتاب جو اصلاح ڪري، ان کي پنهنجن ٻن ڪتابن "زادالفقير" ۽ "راحةللمومنين" سان شامل ڪري، ان دور جي درسي نصاب ۾ شامل ڪيو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ خليفي ميان محمد جي گهر ۾ خود انهيءَ قسم جي شاعري رائج هئي، جنهن جومٿس گهرو اثر پيو. خليفي صاحب جي "سنڌيءَ" جو ڳوڙهو مطالعو ڪرڻ سان اهو صاف طرح سان ظاهر ٿئي ٿو تہ سندس "سنڌيءَ" تي انهن ٻنهي بزرگن جو اثر غالب آهي. ازان سواءِ، خليفو صاحب پنهنجي دور جي همعصر شاعرن ۽ عالمن جي جوڙيل سنڌي نظم جي ڪتابن مان بہ چڱيءَ طرح واقف هو.

خليفي ميان محمد پنهنجي دور جي مروج ڊگهن نظمن يا ڪلمن واري شاعريءَ جي روپ ۾ سنڌيءَ ۾ "آية بسم الله" ۽ "سورةالملڪ" جي ترجمي ۽ تفسير کي قلمبند ڪيو آهي. انهيءَ قسم جي شعر کي "ڪبت" ڪري ڇئبو آهي. (٢٩) هن قسم جو شعر ڊگهي نظم يا ڪلمي جي صورت ۾ لاڳيتو هڪ ئي قافيي تي ٺهيل هوندو آهي. هن جو قافيو الف اشباع، "و"، "ن"، "آن" ۽ "ي" وغيره تي ٻڌل هوندو آهي. هن قسم جي نظم ۾ مصرعن جي تعداد تي ڪابہ پابندي نہ هوندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن پنجن ڇهن مصرعن کان پوءِ قافيو بدلجندو رهندو آهي. هن قسم جي نظم جو بنياد چندوديا جي اصولن تي هوندو آهي. ڪن عالمن جو رايو آهي تہ ان قسم جو طويل نظم، اصل ۾ نثري نموني وارو نظم هو ۽ اهو اُن دور ۾ عام مقبول ٿيو. دراصل هن قسم جي سنڌي نظم کي جڏهن هندي ڇند رچنا جي اصولن تي پرکجي ٿو تہ اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اهو نظم پنهنجي سٽاءَ ۽ جوڙجڪ جي لحاظ کان هنديءَ جي چندرايڻ، دڪپال چند ۽ ات بروا سان تعلق رکي ٿو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب جو رايو آهي تہ هندي شاعريءَ جي صنفن مان چند رايڻ، دڪپال چند ۽ ات بروا تي طويل نظم ڇپيل آهن، ۽ سنڌ جي شاعرن پڻ انهيءَ نموني تي ڊگها نظم جوڙيا آهن. (٣٠)

خليفي صاحب جي سنڌي نظم جي سٽاءَ ۽ جوڙجڪ جي ترتيب جو جائزو وٺڻ سان اهو بلڪل درست معلوم ٿئي ٿو تہ سندس نظم مٿي بيان ڪيل ڊگهن نظمن ۽ ڪلمن جي اصولن تي قائم آهي، ۽ هن انهيءَ مٿينءَ سٽاءَ ۽ جوڙجڪ کي پنهنجي سنڌي نظم جو بنياد بڻائي، شروع کان آخر تائين قائم رکيو آهي.

خليفي صاحب قرآن پاڪ جي "آية بسم الله" ۽ "سورة الملڪ" جي ترجمي ۽ تفسير جي موضوع کي طويل نظم جي صورت ۾ پلٽيو آهي. جيتوڻيڪ سندس نظم جو نمونو سادو آهي، پر ان ۾ جاذبيت، دلڪشي ۽ نغمگي سمايل آهي. خليفي صاحب پنهنجي نظم ۾ موضوع جي لحاظ کان تسلسل قائم رکيو آهي ۽ ان ۾ موزونيت قائم رکڻ لاءِ قافيي ۾ "الف" جو اضافي سهارو ورتو آهي:

"قدرة کي رب عظيم جي آهي سَڪَ (سگهہ) سڀ ڪا
جي ڪو پري (پڙهي) اوٿيهہ اکر بسم الله جا سين ادب اخلاصا
تہ سندي پناہ زبانين ڪنا ۽ ڏال تهم لاءِ
اکر اکر جا بسم الله جي هيڪڙي ايڏا مرتبا
ڪتاب "اسرار الفاتحت" ۾ لکيا ٿي نُڪتا
پڻ آهي حضرت صديق کنا هنپر پچارا
تہ جي ڪو پري (پڙهي) بسم الله کي سچيءَ سهد منجا
تہ آگو ڏناريس آخرت ۾ درخت سندو طوبيٰ
ٿو ٿيون ڏني قيام ڏيہ (ڏينهن) مَنجه جنت نعيما." (٣١)

مقولا مثال طور ڪتب آندا اٿائين. مثلاً:

فـرمـايو رسـول رب جي خـاتم الانبـيـاء
من قـال لااله الا الله مـخلصـاً خـالصـاً
دخل الجنة سـشـهـو حـديث سـا
تہ جـو مـجي هيـڪڙائي رب جي، منجـا اخـلاصـا
اُو ٿـيندو داخل جنت ۾، سـٽي ياد ڪجـاهُ ...الخ (٣٧)

--

سي ست آسـمـان، عـرش ۽ ڪرسي خـالق خلقـنـا
پِنا قُـرن ڪـرن (گـهـرن) قـدرت سين، سندي سلطانا
وَڪُل في فَلَڪ يسـبحـون اتا پروڙ جـاه ... الخ (٣٨)

انهيءَ مٿئين غير سنڌي عنصر جي ڪري سندس نظم جي ماترائن ۾ ڪافي واڌ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ليڪن ان جي باوجود سندس نظم ۾ ميناج ۽ دلڪشيءَ ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ ٿي اچي.

خليفي صاحب جي نظم ۾، خاص طرح سان "تفسير آية بسم الله" ۾ پنجن ڇهن مصراعن تائين ساڳيو قافيو هلي ٿو؛ ۽ جڏهن لفظ "بسم الله" تي اچي قافيو ختم ٿئي ٿو، تہ اتي قافيي بدلجڻ ڪري ڪجهہ تبديلي رونما ٿئي ٿي.

خليفي ميان محمد جڏهن "آية بسم الله" ۽ "سورةالملڪ" جو منظوم سنڌي ترجمو ۽ تفسير لکيو تہ ان وقت سندس اڳيان اهوني مقصد هو تہ قرآن پاڪ جو آسان، عام فهم ۽ دلڪش نظم ۾ ترجمو ۽ تفسير ڪيو وڃي تہ جيئن مڪتبن ۽ مدرسن جا شاگرد ان کي پوريءَ طرح سان سمجهي ۽ ياد ڪري سگهن.

انهيءَ سلسلي ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ ۽ خليفي صاحب جي والد مخدوم عبدالخالق ٺٽويءَ جي نظم ۾ جيڪي شاعرائيون خوبيون ۽ بندشون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، اهي ساڳيون خليفي صاحب جي نظم ۾ پڻ نمايان نظر اچن ٿيون. انهيءَ لحاظ کان سندس نظم جو سٽاءُ، ترتيب ۽ جوڙجڪ اعليٰ ۽ بلند پايي جا آهن.

### ٣- ٻوليءَ جو استعمال:

"مادري زبان سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ واريءَ تحريڪ" جڏهن سنڌ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي، تڏهن سنڌ جي عالمن ۽ فاضلن انهيءَ مٿئين نظريي کي قبول ڪندي ۽ انهيءَ اصول تي ڪاربند رهندي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا. انهيءَ خيال سان تہ عام ماڻهن ۽ شاگردن کان علاوه گهڻ علم وارا بہ انهن ڪتابن جو مطلب ۽ مفهوم چڱيءَ طرح سان سمجهي سگهن. خليفي ميان محمد پڻ انهيءَ نظريي ۽ اصول پٽاندر پنهنجي "سنڌيءَ" ۾ نج سنڌي ٻولي استعمال ڪئي آهي.

خليفي صاحب جي "سنڌيءَ" جي اڀياس مان اهو چڱيءَ طرح سان ظاهر ٿئي ٿو تہ هُن "تفسير آية بسم الله" ۽ " تفسير سورةالملڪ" ۾ جيڪا سنڌي ٻولي استعمال ڪئي آهي، اها موجوده سنڌيءَ کان البت ٻئي نموني جي آهي. اهوني ڪارڻ آهي جو هن موجوده وقت ۾ اها "سنڌي" پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڪافي دقت محسوس ٿئي ٿي. ساڳئي وقت لفظن جي صرفي ۽ نحوي بناوت پڻ انوکي نوعيت واري آهي. اهي لفظ هن دور ۾ گهٽ استعمال ۾ اچن ٿا ۽ انهن جون معنائون بہ گهڻو ڪري متروڪ ٿي چڪيون آهن.

اهو مٿيون طريقو ظاهر ڪري ٿو تہ خليفي صاحب جي "سنڌيءَ" ۾ غير سنڌي عنصر سمايل آهي. اهي حرف علت ۽ اعرابون انهيءَ ڪري استعمال هيٺ هيون، تہ جيئن مدرسن ۽ مڪتبن ۾ پڙهندڙ شاگردن کي تعليم ڏيڻ وقت کين انهن جو پورو مطلب سمجهہ ۾ اچي سگهي. خليفي صاحب جي "سنڌيءَ" ۾ ڪيتراڻي اهڙا نيٺ ۽ نج سنڌي لفظ بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن تي مٿي بيان ڪيل اعرابون ڏنيون ويون آهن. ان کان سواءِ خليفي صاحب جي دور ۾، سنڌي لفظن جي هجي ۽ پڙهڻ تي ايترو توجهہ نہ ڏنو ويندو هو، ۽ هرڪو عالم پنهنجي پنهنجي نموني لفظن جي هجي پيو استعمال ڪندو هو. خليفي صاحب بہ پنهنجي "سنڌيءَ" ۾، اهڙن ڪيترن نيٺ ۽ نج سنڌي لفظن جي هجي کي ظاهر ڪرڻ لاءِ پنهنجيءَ پر ۾ انهن کي مختلف نمونن ۾ ڪتب آندو آهي.

آن= اوهان، آو= اوهين، آهين= آهن،

آه= آهين، اڪيا= اڱيان، آولم = اول ۾، اونيہ= انهيءَ، اهري= اهڙي، پُن= پُونءِ، تُن= تون، تهجي= تنهنجي، تهرو=تهڙو، تهس= تنهن سان، تهڪري= تنهن ڪري، ته= تنهن، پُترُ=پُٽ، پَدرُو= پڌرو، پري= پڙهي، جانسي= جيسين، جَڪرَو= جهڳڙو، جيري= جيري (باهہ)، چوتائي= چُٽائي (چِڏائي)، خُوش= خوش، زبانين= زبانن، سَحي= صحيح، سَڪُوري= سڳوري، سُنجاني= سُڃاڻي، فرمانيو= فرمايو، فلاني= فَلاڻي، ڪر= گهر، ڪررا= گهرڙا، ڪوريندا= ڪوڙيندا، مُن= مون، مهجا= منهنجا، مهرس= مهر سان، وَنجن= وڃين، هاني= هاڻي.

## (ب) نحوي اصول ۽ لفظن جي غير سنڌي بناوت:

خليفي ميان محمد جي "سنڌيءَ" ۾ جيڪي نحوي بناوتون استعمال ڪيل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، اهي پڻ موجوده دور جي سنڌي ٻوليءَ کان ٻئي نموني جون آهن. جيئن تہ ان دور ۾ سنڌي زبان جو ڪوبہ اهڙو مڪمل ۽ مستند گرامر تيار ٿيل نہ هو، ان ڪري هر ڪنهن عالم نحوي بناوتن جي سلسلي ۾ پڻ پنهنجو پنهنجو رستو اختيار ڪيو آهي، يا ڪٿي وري هڪ عالم ٻئي کان متاثر ٿي نحوي بناوتون اختيار ڪيون آهن.

خليفي صاحب جي "سنڌيءَ" ۾ پراڻي زماني جون "حالتي پڇاڙيون" ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جي هن وقت رواج هيٺ نہ آهن. هن موجوده دور جي سنڌي زبان ۾ انهن جي بدران "ظرف" يا "حرف جر" ڪتب اچن ٿا. پراڻي زماني جي "سنڌين" ۾ "عدد واحد" جي پڇاڙيءَ ۾ "آءِ" گهڻي استعمال ٿيل آهي، جا پوءِ اڳتي هلي اها "ئُون" ڪتب ۾ آئي. اهڙا مثال خليفي صاحب جي "سنڌيءَ" ۾ بہ ملن ٿا، مثلاً: هيجا= هيج سان وغيره.

خليفي صاحب "ئُون" کي "عدد جمع" ۾ بہ استعمال ڪيو آهي، مثال طور: اڪينئون= اڪين سان، ڪَنِئون= ڪنن سان وغيره.

خليفي صاحب پنهنجي "سنڌيءَ" ۾ "ضمير متڪلم واحد" جي "حالت اضافت" ڪري استعمال ڪيو آهي. "مهجو" اصل ۾ "مہ" آهي، جنهن سان "جو" "حرف جر" ملائي "مهجو" ڪيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح "ضمير حاضر واحد" ۾ "تهجو" لفظ ۾ "ته" سان "جو" ملايو ويو آهي. اهڙيءَ طرح "ضمير موصول" جو بہ استعمال ڪيو ويو آهي. خليفي صاحب جي دور ۾ اڪثر ڪري "س" کي "ه" ۾ تبديل ڪيو ويندو هو. جهڙيءَ طرح "جس" پوءِ "جہ" ٿيو ۽ هاڻي "جنهن" لکجڻ ۾ اچي ٿو، اهڙيءَ طرح "تس" ڦري "ته" ٿيو ۽ "تنهن" لکجڻ ۾ اچي ٿو "ضمير مبهم" پڻ "ڪس" مان "ڪہ" ٿيو ۽ هن وقت "ڪنهن" استعمال ۾ اچي ٿو. انهيءَ قسم جا "ضمير" بہ خليفي صاحب جي "سنڌيءَ" ۾ جابجا ملن ٿا. خليفي صاحب "ضمير متصل" جو بہ استعمال ڪيو آهي، مثال طور: تهم، پڙهيم، ساٿم، ڪٿم وغيره.

اهڙيءَ طرح خليفي صاحب پنهنجي "سنڌيءَ" ۾ ضميرن جو استعمال ڪيو آهي، جي گهڻو ڪري اِسمن، حرفن، ظرفن ۽ فعلن جي آخر ۾ استعمال ٿيل آهن. اهي نشانيون ڪن ڪن هنڌن تي اهڙي نموني ۾ ڪتب آنديون ويون آهن، جو نظم جي عبارت پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڪافي مونجهارو ٿئي ٿو. ساڳيءَ طرح اهي نشانيون وري زمانن جي آخر ۾ به استعمال ڪيل آهن، جن مان ضميرن جو صحيح مطلب نٿو نڪري. "فعل معروف" ۽ "زمان مضارع" ۾ "ضمير واحد غائب" جي آخر ۾ "اِي" گهٽجي "ءِ" ٿيو پوي، جنهن جو هن وقت استعمال نه آهي، مثلاً: پوءِ، چوءِ، وغيره. ڪٿي ڪٿي "مرڪب فعل" به ڪم آندو ويو آهي.

بهرحال، خليفي ميان محمد نٺويءَ جي "سنڌيءَ" جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ اهو چوڻو پوي ٿو ته هن پنهنجي دور جي عام مروج لفظن ۽ ماحول کان متاثر ٿي پنهنجي "سنڌيءَ" ۾ اسمن، ضميرن ۽ فعلن جو استعمال ڪيو آهي. خليفي صاحب جي دور جا اڪثر عالم ۽ ليکڪ گهڻو ڪري "لاڙ" واري علائقي سان تعلق رکندڙ هئا ۽ خليفو صاحب خود پاڻ به "لاڙ" جو هو، انهيءَ ڪري هن پنهنجي جوڙيل "سنڌيءَ" ۾ "لاڙ" واري پاڱي سان تعلق رکندڙ سنڌي ٻولي استعمال ڪئي آهي.

## حوالا


(١) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄامشورو سنڌ، ڇاپو ٽيون، ١٩٩٠ع، ص ٣٣٩

(٢) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو سنڌ، ١٩٦٨ع، ڏسو مقدمو ٢٦

(٣) مانڊوي، محمد غوثي شطاري: "گلزار ابرار" (اردو) مترجم فضل احمد جيوري، اسلامڪ ورڪ فائونڊيشن لاهور، ١٣٩٥هه/١٩٧٥ع، ص ٢٧٥

(٤) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، ص ٣٤٠

(٥) ايضاً، ص ٤١-٣٤٠

(٦) ايضاً، ص ٣٤٢

(٧) ايضاً، ص ٣٥٠

(٨) ايضاً

(٩) ميمڻ، محمد صديق، خانبهادر: "سنڌ جي ادبي تاريخ"، ڀاڱو پهريون، آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيون، ١٩٦٧ع، ص ٥٩ ۽ ٦٠.

(١٠) آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٽيون ١٩٧٢ع، ص ٢٨ - ٢٢٦

(١١) مخدوم ابوالحسن: "مقدمة الصلواة يعني ابوالحسن جي سنڌي"، مطبع ڪريمي، بمبئي، ١٣٢٧هه/١٩٠٩ع، ص١٢٢

(١٢) لاکو، غلام محمد: "انڊيا آفيس لئبرري لنڊن ۾ سنڌي قلمي ڪتاب" (مقالو)؛ ڏسو ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ، نمبر ٣ سال ١٩٨٦ع، ص ٩١. (هي مقالو، ڊاڪٽر ڪرسٽافر شيڪل جي تيار ڪيل انگريزي ڪتاب Catalogue of the Punjabi and Sindhi Manuscripts in the India office Library جي بنياد ٻڌائي لکيو ويو هو. شيڪل صاحب جو اهو ڪتاب سن ١٩٧٧ع ۾ شايع ٿيو.)

-بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، ص ٣٩٥
(١٣) ميمڻ، محمد صديق، خانبهادر: "سنڌ جي ادبي تاريخ" ، ڀاڱو پهريون، ص ٨٨
(١٤) لاکو، غلام محمد: "انڊيا آفيس لئبرري لنڊن ۾ سنڌي قلمي ڪتاب" (مقالو)، ص ٩٢
(١٥)ايضاً، ص ٩١
(١٦) ايضاً، ص ٩٠
(١٧) برٽن، رچرڊ فرانسز: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" ، مترجم محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٧١ع.
(١٨) لاکو، غلام محمد: "انڊيا آفيس لئبرري لنڊن ۾ سنڌي قلمي ڪتاب" (مقالو)، ص ٨٩
(١٩) مخدوم، محمد خليفو: "تفسير آية بسم الله" (قلمي سنڌي)، مملوڪ برٽش ميوزيم لئبرري لنڊن، ص ٢١-٢٢
(٢٠) مخدوم، محمد خليفو: "تفسير سورة الملڪ" (قلمي سنڌي) مملوڪ برٽش ميوزيم لئبرري لنڊن، ص ٦٣
(٢١) دلُ مهرو: "تفسير سيپاري تبارڪ جو يعني رغبة الطالبين" ، مطبع حيدري بمبئي، ص ٤
(٢٢)ايضاً، ص ٧٢- ٥٧١
(٢٣) سيد حسام الدين راشدي: "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ، انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي سنڌ، ١٩٨١ع، ص ٧٧٧ کان ٨٠٨
(٢٤) لاکو، غلام محمد: "انڊيا آفيس لئبرري لنڊن ۾ سنڌي قلمي ڪتاب" (مقالو)، ص ٩١
(٢٥) مخدوم، محمد خليفو: "تفسير سورة الملڪ" (قلمي سنڌي)، ص ٦٢، ٦٣
(٢٦) مخدوم، محمد خليفو: "تفسير آية بسم الله" (قلمي سنڌي)، ص ١ کان ٣
(٢٧) مخدوم، محمد خليفو: "تفسير سورة الملڪ" (قلمي سنڌي)، ص ١-٢
(٢٨) ايضاً، ص ١٤
(٢٩) سيد عبدالحسين موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسي: "سرهاڻ" ، سنڌ پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٨ع، ص ٤٦، ٦٤
(٣٠) جوڻيجو عبدالجبار: "سنڌيون" ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو سنڌ، ١٩٧٠ع، ص ٢٢، ٢٣
(٣١) مخدوم، محمد خليفو: "تفسير آية بسم الله" (قلمي سنڌي)، ص ٨ کان ١٠
(٣٢) مخدوم، محمد خليفو: "تفسير سورة الملڪ" (قلمي سنڌي) ،ص ٤
(٣٣) مخدوم، محمد خليفو: "تفسير آية بسم الله " (قلمي سنڌي)، ص ١٦
(٣٤) ايضاً، ص ١٧
(٣٥) ايضاً، ص٢٢
(٣٦) مخدوم، محمد خليفو: "تفسير سورة الملڪ" (قلمي سنڌي)، ص ١٤
(٣٧) ايضاً، ص ٣٦
(٣٨) ايضاً، ص ٢٦

ڊاڪٽر پرسو گدواڻي

# جَتڪيءَ ۾ ميهن جا نالا

هن مقالي ۾ پيش ڪيل مواد مارچ ١٩٨٠ع کان وٺي جنوري ١٩٩٤ع تائين انيڪ دؤرن دوران ڪٺو ڪيل آهي. نه فقط ايترو پر "ٻنيءَ" جي ڪيترن ئي ڳوٺن مان ڪيترن ئي بزرگن ۽ نوجوان جَتن کان ڄاڻ حاصل ڪئي ويئي آهي. ڪڇ جي ٻني علائقي ۾ جديد زماني جي شهري سُکن کان پري ڏينهن جا ڏينهن سج اُڀرڻ کان وٺي شام جو سج لهڻ تائين جهنگل ۾ مالوندن سان قُربو آهيان ۽ ساڻن گڏ ويهي ٻاجهريءَ جي اٽيي مانيءَ جو لطف به ماڻيو اٿم. منهنجي حالت کي ڏسي ڪن بزرگ جتن مون کي مٿي قُربل سمجهيو ۽ ٻنيءَ کان ٻاهر ميل پري نکترڻا شهر جي ڊاڪٽرن کي پڻ منهنجي چريائيءَ واري حالت جي باري ۾ ٻڌايو. پر مالڪ جي مهر سان اُڄان تائين مٿو سالم اٿم ۽ ايشور جي اڳتي به ڪرپا رهندي.

هڪ ٻي ڳالهه جو ذڪر به بيجا نه ٿيندو ته مان ڪڇ (گجرات) جو رهاڪو نه آهيان. مان ته مهاراشٽرا جي پوني شهر ۾ رهان ٿو، جتان ٻنيءَ ۾ جتن جي ڳوٺن تائين پهچڻ ۾ مون کي ٻه ڏينهن ۽ هڪ رات لڳندا آهن.

مان جتن تائين ڪيئن پهتس، اهو به هڪ عجيب اتفاق آهي. دراصل جتن ۽ ٻين جاتين تائين، جيڪي ٻنيءَ ۾ رهن ٿيون، انهن تائين پهچائڻ جو جس ۽ شرف منهنجي ڪڪي روهتيش کي آهي. سپٽمبر ١٩٧٩ع جي ڳالهه آهي. آرتوار جو ڏينهن هو. منهنجو ڪڪو ٽي. وي ڏسي رهيو هو ته اُن وقت ڪڇ ۾ سائبيريا مان ڪجهه مهينن لاءِ هر سال لڏي ايندڙ پکين (Flammingo تي ڊاڪيومينٽري فلم شروع ٿي. شروع شروع ۾ اُنن جو قافلو ڏيکاريل هو ۽ سنڌي گيت ڳائي رهيا هئا. مان ٻئي ڪمري ۾ ويٺو هوس. روهتيش يڪدم ڊڪندو آيو ۽ مون کي ٻڌايائين. فلم ختم ٿيڻ کان پوءِ ٿو چويم "ڊئڊي! اهي ماڻهو ضرور سنڌي آهن، پر سنڌ مان لڏي نه آيا آهن." هو ان وقت فقط يارهن سالن جو هو ۽ ستين درجي ۾ پڙهندو هو. مون بلڪل بي خياليءَ وچان چيومانس ته ڇا ٿو چوڻ چاهين. جواب ڏنائين، "توهين چوندا آهيو ته توهان کي به سنڌ ۾ گايون، ميهون ۽ گهوڙا هئا، پر توهين نه ڪٺي اچي سگهيا. پوءِ هيءَ ماڻهو وري ڪيئن ڪٺي آيا هوندا. هي ضرور ڀارت جا ئي آهن." مان ٿورو ڇرڪيس ۽ هن جي چوڻ کي گنڀيرتا سان ڪنيم ۽ هن جي چوڻ ۾ سچائي نظر آيم. بس اِتان منهنجي کوج جي شروعات ٿي جا ١٩٨٠ع کان وٺي اڄ تائين هلي رهي آهي. ١٩٨٨ع ۾ پاڻ روهتيش به جڏهن بي. ايس. سي ۾ پڙهندو هو، تڏهن ٻنيءَ جي ڪيترن ئي جتن جي ڳوٺن ۾ رهي آيو ۽ سندن گهرن ۾ ٻاجهر جي ماني، مکڻ ۽ هلڪي جهڻ جا ڊوَ ڪري آيو ۽ جتن کان مليل سک ۽ سنيهه جا اڄ به ڳڻ ڳائيندو آهي.

جتڪي نالو مون جتن جي اُپبولي (Dialect) کي ڏنو آهي. مان جتڪيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ "طبقاتي اُپبولي" مڃان ٿو، ڇو ته جتڪي ڪنهن هڪ علائقي يا ايراضيءَ تائين محدود نه آهي، پر اِن جا ڳالهائيندڙ هند پاڪ اُپکنڊ ۾ پکڙيل آهن. ڀارت ۾ پڻ هو گجرات راڄيه جي ڪڇ ۽ بناسڪانٺا ضلعن ۾ وسيل آهن. ان کان سواءِ راجستان راڄيه جي جيسلمير ۽ ٻارميڙ ضلعن ۾ پڻ ڦهليل آهن. جَت هن وقت اڪثر مال گذار آهن، پر ڪي ڪي کيتيءَ ۾ پڻ رڌل آهن. مال ۾ هو اڪثر گايون، ميهون، ٻڪريون ۽ اُٺ چاريندا آهن. ڀر ڪڇ جي رڻ واري علائقي ۾ هو ڪنهن وقت مال جي روانگي ۽ آمدنيءَ جي ڪم ۾ ڪافي مددگار هوندا هئا. جڏهن

ريل گاڏيون ڪونہ هيون، پڪا رستا ڪونہ هئا، موٽرون ۽ لاريون ڪونہ هيون، اُن زماني ۾ ڪڇ ۽ سنڌ جي واپار ۾ جتن جو وڏو يوگدان (Contribution) هو ۽ ماڻهن کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وٺي وڃڻ ۾ پڻ جت ڪافي مددگار هوندا هئا. دراصل جتن جي اهڙي ئي هڪڙي قافلي جو نظارو Flammingo پکين جي ڊاڪيومينٽري فلم ۾ منهنجي ڪکي روهتيش ڏنو هو.

هاڻي اچجي جتن جي ٻوليءَ تي. جت جيتوڻيڪ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ آهن، پر سنڌن اُپٻولي معياري سنڌيءَ کان ٿوري ڦريل آهي. نہ فقط هنن جي اُچارن ۽ لهجي ۾ فرق آهي، پر لفظي پندار جي لحاظ کان ڏسبو تہ جتڪيءَ ۾ تمام گهڻا لفظ آهن، جيڪي معياري ٻوليءَ ۾ ڪونہ آهن. نہ فقط ايترو پر هنن جا ڪيترائي لفظ سمن، سومرن، مُتون وغيره ڪيترين قومن ۾ ئي نٿا ملن. سنڌن لفظي ذخيرو، خاص ڪري مال گذاريءَ سان واسطو رکندڙ لفظن جي ڪجهہ ٿوري جهلڪ پيش ڪري رهيو آهيان. جيتوڻيڪ مون وٽ اُٺن، ڳاين ۽ ٻڪرين سان واسطو رکندڙ لفظن جو پڻ وڏو ذخيرو آهي ۽ جتن جي زندگيءَ جي ٻين پهلوئن سان واسطو رکندڙ لفظ پڻ آهن. هيٺ "مينهن" سان واسطو رکندڙ لفظن جو اُپياس ڪيو ويو آهي. سنڌن لفظي پندار جو جڏهن بلڪل ويجهائيءَ کان اُپياس ڪبو تہ هنن جي سوچ جي خبر پوي ٿي. مثال طور رواجي طرح معياري سنڌيءَ ۾ رنگن جي حساب سان ڪاري يا پوري وغيره ئي چيو ويندو آهي، پر ڪاري رنگ کي بہ جتن ايترو تہ باريڪ بينيءَ سان ڏٺو آهي جو هنن فقط ڪاري رنگ تائين سنتوش نہ ڪيو آهي. هنن ڪاري مينهن کي بہ الڳ الڳ قسمن جي آڌار تي الڳ الڳ نالا ڏنا آهن، جهڙن تہ پوراشي ڪاري، نانگڻ، ارنگ ڪاري ۽ ٻوهار. هيءَ ڳالهہ جت قوم جي سوچ جي نفيساڻي تي ڏيکاري، چو تہ مٿين نالن مان جيڪر هڪڙو ئي مثال ڪڍجي ارنگ ڪاري. هن کي پڄبو تہ ٿيندو 1 + رنگ + ڪاري 1= نہ، رنگ = رنگ، ڪاري = ڪاري. يعني ٻاهرين معنيٰ تہ ٿيندي نہ رنگ ڪاري، پر ان جي اصلي معنيٰ آهي اهڙي ڪاري رنگ واري مينهن جنهن کي ٻيو ڪو رنگ نہ هجي يعني سچي ڪاري.

هن مقالي ۾ هڪ ٻي ڳالهہ پڻ ڏيان لهٺو. مينهن کي نالا ڏيڻ يا مينهن تي نالا رکڻ جي جيڪا ريت يا رسم جتن ۾ آهي اُن جا بہ پهلو آهن. پهريون آهي اُهو نالو جيڪو هو حوالي طور ڪتب آڻيندا آهن ۽ ٻيو آهي اُن نالي سان مينهن کي سڏ ڪرڻ جو. مثال طور جيڪڏهن مينهن جي مالڪ کي پنهنجيءَ مينهن جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائڻو آهي تہ پوءِ هو مينهن جو بيان نالن جي حوالي سان ڪندو آهي، جيئن ڪٽر، ٻانڊي، ڪنڍي، وغيره. جنهن جو مطلب ٿيو تہ ڪٽر يعني تڪليف سان کير ڏيندڙ، ٻانڊي معنيٰ پڇ ڪٽيل ۽ ڪنڍي معنيٰ وڪڙيل سڱن واري. مطلب تہ اُها مينهن جا تڪليف سان کير ڏيندي آهي، اُن جو پڇ ڪٽيل آهي ۽ سڱَ وڪڙيل اٿس. اهڙيءَ طرح مينهن جي انيڪ گڻن جي آڌار تي جيڪي نالا ڏنل آهن، اُنهن مان هر ڪنهن مينهن جي سڃاڻپ ڪري سگهجي ٿي. هيءَ نالا دراصل اسم عام تي ڪتب ايندا آهن، پر مينهن جا پيا نالا پڻ ٿيندا آهن، جن کي جيڪر اسم خاص چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. اُهي نالا جت قوم اِئين رکندي آهي جڻ پنهنجي پٽ ۽ ڌيءَ جا نالا ٿا رکن. اِهي نالا هو مينهن کي گهر ۾ يا جهنگ ۾ سڏ ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن، اِهو بلڪل اِئين جيئن اسين پنهنجن ٻارن کي سنڌن نالن سان سڏ ڪندا آهيون. اِهي نالا بہ تمام گهڻا آهن. اهڙن نالن جي پڻ هيٺ اوک ڊوک پيش ڪئي ويئي آهي. هت ايترو لکڻ ضروري آهي تہ اِنهن ڏنل نالن جي مينهن کي پڻ خبر هوندي آهي. اِن جي تصديق مون هڪ ڪان وڏيڪ ڳوٺن ۾ ڪئي آهي. پٽاري ڳوٺ ۾ (هن ڳوٺ ۾ حاجي ولي محمد صاحب رهندو آهي، جيڪو وڏو عالم آهي ۽ وٽس اُٺويهين صديءَ جو "شاهہ جي رسالي" جو هڪ تمام سهڻو دستخط آهي. اِن کان سواءِ سنڌس شخصي لئبرريءَ ۾ چڱي جت جي شعرن جو هڪ دستخط آهي، جو هو ڇپائڻ لاءِ ڏيڻ لاءِ

تيار نہ آهي) ٿاڪ منجهند جو مال سان بينو هوس ۽ سڀ وٿن جي چانَو ۾ بيٺا هئاسين. اُتي مون بينل همراهن کان پڇيو تہ ڪنهن جي ڪنهن جي مينهن جو نالو "مومل" آهي. پنجن همراهن چيو تہ سندن مينهن جو نالو "مومل" آهي. ان وقت اُتي اٽڪل ڏيڍ سَئو مينهون ترِ واهہ جو بيٺيون هيون. مون هڪڙي همراهہ کي هڪل ڪئي تہ ميان پنهنجي مومل کي پاڻ وٽ گهراءِ. هن جڏهن آواز ڏنو "مومل، مومل، مومل..." تہ سندس مومل هن وٽ ڊڪندي آئي. پهرئين آواز تي هڪ ڪان وڌيڪ مينهن ۾ چر پر ٿي، پر پوءِ ڊوڙي پنهنجي مالڪ وٽ فقط هڪ مينهن ئي آئي. پوءِ هڪ هڪ ڪري پنجن ئي همراهن پنهنجين موملن کي سڏ ڏيئي گهرايو. پوءِ اُتي بينل همراهن کان پڇيم تہ ڪنهن جي مينهن جو نالو "پاڳي" آهي جا؟ تہ هڪ ٻن همراهن ها ڪئي. اُنهن بہ جڏهن "پاڳي پاڳي..." ڪئي تہ اُهي بہ بنا غلطيءَ جي پنهنجن مالڪن وٽ ڊوڙنديون آيون. اِنهن سببن ڪري ٻئي قسم جي نالن کي مان اِسم خاص ئي چوڻ چاهيندس. جيتوڻيڪ اِنهن نالن کي حوالي طور بہ ڪتب آندو ويندو آهي. مثال طور ڪو جيڪر پنهنجي پُٽ کي چوي تہ " اَبا! اڄ پاڳيءَ کير سنوالو ڏنو" ، تڏهن چئبو تہ هن پاڳي نالو حوالي طور بہ ڪتب آندو. هيٺ ٻنهين قسمن جي نالن جو وچور پيش ڪجي ٿو:-

١. حوالي طور ڪتب ايندڙ نالا:- هن قسم جي نالن کي اِسم خاص طور ڪتب نہ آندو ويندو آهي. هيءُ نالا سڱن، کير يا ڪنهن وڏ وغيره جي آڌار تي رکيا ويندا آهن. هيٺ سلسليوار انهن جو اُپياس پيش ڪجي ٿو:

## ١- کير جي آڌار تي:

(١) جيڪا جلد ۽ بنا تڪليف جي کير ڏئي .........سُٺانلي.

(٢) جيڪا تڪليف سان کير ڏئي ..... ڪٽر.

(٣) جيڪا رڳو هڪ مالڪ کي سڃاڻي اُن کي ئي کير ڏئي، ٻئي جو هٿ سڃاڻي اُن کي کير ڏهڻ نہ ڏئي...............اوسارَ .

(٤) جيڪا گهڻو کير ڏئي................ پَلي.

(٥) جيڪا ٿورو کير ڏئي................ ڪٽل.

(٦) ويم کي ٻارنهن مهينا ٿي وڃن تہ بہ کير ڏئي........... ڪانگهاري.

(٧) جيڪا پِڊائي سبب کير ڏيڻ بند ڪري......... ويهڪيل.

## ٢. عمر جي آڌار تي:

(١) ڄمڻ وقت.............. وڇ.

(٢) هڪ مهيني جي......... وڇ.

(٣) ٻارهين مهيني جي..... ٻارهاڙي.

(٤)وچولي عمر جي........ نهاڻ.

(٥) وڏي عمر جي.......... پوڙهي.

## ٣. ويامڻ جي حساب سان:

(١) جيڪا پهريون دفعو ويامي.... اينهون/ پهريات.

(٢)جيڪا ٻيو دفعو ويامي........ ٻيارون.

(٣)جيڪا ٽيون دفعو ويامي..... ٽيارون.

(٤)جيڪا چوٿون دفعو ويامي..... چوريتي.

(۵) جيڪا پنجون دفعو ويامي....... آڦوتِ.

## ۴. ٿڻن جي حساب سان:

(۱) هڪ ٿڻ ڪان منڍي هجي ته .... منڍي.

(۲) ٻئي ٿڻون منڍيون هجن ته ... ٻانو ٻهليندل.

## ۵. پڇ جي حساب سان:

(۱) پڇ ڏڳمي هجي ته .......... پڇي.

(۲) پڇ ڪٺيل هجي ته ...... ٻانڊي.

(۳) پڇ اڇو هجي ته ....... چونٽري.

(۴) پڇ اڇو هجي ۽ سڄو بدن ڪارو هجي ته.........نانگڻ.

## ٦. سڱن جي حساب سان:

(۱) هڪ سڱَ واري .... ڪانڊي.

(۲) وڪڙيل سڱن واري .... ڪنڍي.

(۳) هيٺ سڱن واري .... ڀلٽي.

(۴) مٿي سڱن واري .... گوشي يا نهري.

(۵) سڱن وريل ۽ پوئتي وريل ...... چِپيِ.

مٿي "ڪُنڍي" مينهن ٻڌائي ويئي آهي. شاهه صاحب به ڪنڍي مينهن جو بيان ڪيو آهي. " جيئن مينهن ڪُنڍيءَ پور، تيئن دوست وراڪو دل سان." ۽ جتن ۾ ڪُنڍيءَ جا به قسم ٿين ٿا:

## (۷) ڪنڍي مينهن جا قسم:

(۱) ڪوڏياري ڪنڍي .... جنهن جي سڱن ۾ ڪوڏيون هجن.

(۲) چِلي ڪنڍي ........ جنهن جا سڱَ گولائيءَ ۾ بلڪل سوڙها هجن.

(۳) چِپي ڪنڍي...... جنهن جا سڱَ هيٺ لٽل هجن.

(۴) پٽياري ڪنڍي......... جنهن جا سڱَ پٽيءَ وانگر هجي.

(۵) ڏاوڙي ڪنڍي ........ سامهون سڱَ جو گول هجي.

(٦) سمي ڪنڍي ......... گول سڱَ هجن.

(۷) ڪلنگياري ڪنڍي...... پنيان سڱَ جي ڪلنگي وڌيل هجي.

(۸) هالي ڪُنڍي ........... هڪڙو سڱَ ڪنيو ۽ ٻيو سڱَ هيٺ هجي.

(۹) گوشي ڪنڍي........... جنهن جا سڱَ مٿي ڪان مٿي هجن.

## ۸. رنگن جي حساب سان:

(۱) ڀوري رنگ جي.... گجر، ڳاڙهي گجر، ڏونري گجر.

(۲) پڇ اڇو ۽ باقي بدن سڄو ڪارو هجي ته .... نانگڻ.

(۳) منهن اڇو ۽ باقي سڄي ڪاري......... ٻوهاڙ.

(۴) چٽڪمري..... جهري.

محمد پنهل ڏهر

# بکر ۾ تصنيف ۽ تاليف جو مختصر جائزو

پير حسام الدين راشدي پنهنجي هڪ مقالي "ننگر ٺٽي ۾ تصنيف ۽ تاليف جو جائزو" ۾ لکيو آهي ته هي جائزو سنڌ جي فقط هڪ شهر جو آهي، حالانڪ عروج ۽ وسندي وارن زمانن ۾ سنڌ جا ڪيترائي شهر علمي ۽ ثقافتي حيثيت ۾ برک ۽ برتر هئا. جهرڪ، حيدرآباد، مٽياري، هالا، ملاڪاتيار. نوشهرو، دربيلو، ڪوٽڙي ڪبير، روهڙي، سکر، بکر، لکي غلام شاهه، شڪارپور، ڳڙهي ياسين. شهدادڪوٽ، سيوهڻ، بوبڪ، لکي شاهه صدر وغيره. اِهي اهڙا شهر هئا جتي سوين جيد عالم ۽ بلند مرتبي جا اصحاب علم ۽ فن هئا، جن ڪيئي قلمي آثار ڇڏيا هوندا؛ جن جي جيڪڏهن فهرست نهي سگهي ته هوند ڪنهن به صورت ۾ ٺٽي کان گهٽ ڪانه ٿيندي. جيڪڏهن ڪي علم دوست پيش ڪيل ترتيب تي انهن شهرن متعلق فهرستون تيار ڪن ته هوند سنڌ جي علمي تاريخ تمام آساني سان مرتب ٿي وڃي. اهڙيءَ طرح اسان کي خود پاڻ کي سڃاڻڻ جو موقعو ۽ پنهنجي اباڻي ورثي جو پتو پئجي وڃي." (۱)

پير صاحب جي انهيءَ خواهش کي نظر ۾ رکي هي مقالو تيار ڪيو ويو آهي. هن مقالي ۾ ناصر الدين قباچه جي دور کان وٺي انگريز دور تائين بکر ۾ تصنيف ۽ تاليف ٿيل ڪتابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. پير صاحب پنهنجي مقالي ۾ دور وار مُصنفين جو صرف نالو ڄاڻائي سندس ڪتابن جو مختصر ذڪر ڪيو آهي، ليڪن هن مقالي ۾ مصنف جي مختصر سوانح سان گڏ ڪتابن متعلق به مختصر معلومات ڏني وئي آهي. پنهنجي طرفان هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي ته مٿي ڄاڻايل دورن اندر تاليف ٿيل سڀني ڪتابن جو ذڪر هن مقالي ۾ پيش ڪري سگهجي. ليڪن باوجود اِنهيءَ ڪوشش جي شايد ڪيترن ئي مصنفن ۽ سندن ڪتابن جو احوال شامل نه ٿي سگهيو هجي. ڇاڪاڻ ته اسان جي ادبي تاريخ اڃان تائين مڪمل طرح سان ڪونه لکي وئي آهي. سنڌ جي ٻين علائقن وانگر هن علائقي ۾ به ڪيترائي اهڙا علمي گهراڻا موجود هوندا، جن پنهنجن وڏڙن جي علمي اثاثي کي اڃان تائين ڪڇڻ کان ٻاهر نه آندو آهي، جنهن ڪري هن خطي جي سموري علمي ۽ ادبي ذخيري کي گڏ ڪرڻ جي دعويٰ سمنڊ ۾ لهيون هڻي سپني موتين کي ميڙڻ جي برابر ٿيندو.

بکر، درياءَ سنڌ جي وچ ۾ روهڙي ۽ سکر جي سامهون هڪ ٻيٽ آهي. ۳۲۷ ق. م. ۾ سڪندر مقدوني جي ڪاهه وقت بکر جي قلعي ۾ "صَدي" قوم جو ڏس ملي ٿو، جا اروڙ جي ماتحت هئي. سڪندر کان اڳ دارا جو اميرالبحر "سائلاڪس" جهازراني جي ارادي سان هن ٻيٽ وٽان لنگهيو هو. ٦۰ عيسوي ڌاري بکر جي قلعي جو نالو هڪ يوناني ڪتاب "پيديپلوس" ۾ "بيمڪر" ڏنل آهي.

بکر جو قلعو عربن جي دور کان وٺي انگريز دور تائين فوجي نقطئه نگاهه کان نهايت ئي اهم رهيو آهي.

هن شهر ۾ جيڪي امير توڙي درويش رهندا هئا، سي تاريخ ۾ "بکري" سڏجن ٿا.(۲)

مير علي شير قانع، بکر جو پراڻو نالو "فرشته" ڄاڻايو آهي. هو لکي ٿو ته "هندو راجائن جي ڏينهن ۾ هي شهر موجود ڪونه هو. اروڙ جي ويران ٿيڻ کان پوءِ اُتي جا رهاڪو بکر ۽ ٻين جاين ڏانهن لڏي ويا. نيٺ بکر جو ڳوٺ اروڙ بڻجي ويو." (۳)

مغليه دور ۾ "سکر، بکر ۽ روهڙي"، ٽنهي کي گڏي "بکر" چوندا هئا، تنهنڪري هتي به بکر، روهڙي ۽

سکر ۾ تصنيف ٿيل سيني ڪتابن جو گڏيل احوال آندو ويو آهي.

## ناصرالدين قباچہ (متوفي (٦٢٥هـ/١٢٢٨ع) دؤر.

علي بن حامد بن ابوبکر ڪوفي: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ "علي بن حامد، ناصر الدين قباچہ جي دؤر ۾ ڪوفي کان هجرت ڪري اُچ ۾ آيو ۽ قباچہ جي وزير شرف الملڪ رضي الدين سان وابستہ ٿي ويو. اُن وقت سنڌ جي تاريخ تي ڪيس هڪ ڪتاب لکڻ جو خيال ٿيو. مواد جي تلاش ۽ تحقيق لاءِ هو بکر آيو. علي بن حامد ڪوفي تقريباً ٦٢٥هـ کان اڳ بکر ۾ ئي وفات ڪري ويو.

(١) چچ نامہ عرف فتح نامہ: فارسي ترجمو علي بن حامد ڪوفي.

علي بن حامد ڪوفي کي هن ڪتاب جو عربي نسخو "منهاج الدين الملڪ" جي نالي سان قاضي اسماعيل بن علي ثقفي وٽان بکر ۾ هٿ آيو. پاڻ سن ٦١٣هـ ۾ چچ نامہ عرف فتح نامہ جي نالي سان هن جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. انهي جو انتساب ناصرالدين قباچہ جي وزير عين الملڪ فخرالدين حسن بن ابي بکر الاشعري بن شرف الملڪ رضي الدين جي نالي ڪيائين.

هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ تي لکيل پهريون ڪتاب آهي ۽ پوري برصغير ۾ تاريخ متعلق لکيل پڻ پهريون ڪتاب آهي. هن ڪتاب جا مختلف نالا آهن: مثلاً چچ نامہ، تاريخ نامہ، فتح نامہ، تاريخ هند و سنڌ ۽ تاريخ قاسمي وغيره. خواجہ نظام الدين بخشي طبقات اڪبري ۾ اُن جو نالو "منهاج المسالڪ" لکيو آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي جو خيال آهي تہ چچ نامي جون روايتون مدائني تان ورتل نظر اچن ٿيون. مدائني سنہ ٢١٥هـ- ٢٢٥هـ جي وچ ڌاري فوت ٿيو، تنهنڪري پاڻنجي ٿو تہ چچ نامو سنہ ٢٢٥هـ - ٢٥٥هـ جي وچ ڌاري تصنيف ٿيو هوندو، جو تہ سنہ ٢٥٥هـ ۾ بلاذري (المتوفي ٢٧٩هـ) "فتوح البلدان" پورو ڪيو. هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن سان اسان کي برهمڻ، ٻڌ ۽ راءِ گهراڻي جو احوال معلوم ٿئي ٿو. ساڳئي وقت عربن جي فتوحات، بنوعباس ۽ بنو اُميہ جي سنڌي حڪومت جي ڪاروبار جو بہ پتو پوي ٿو. اگرچہ ڪتاب قديم رنگ ۾ آهي ۽ واقعات تحقيق سان ڪونہ لکيا ويا آهن، تاهم ڪتاب جي اهميت تي ڪو اثر ڪونہ ٿو پوي.(٤)

هن ڪتاب جو پهريون سنڌي ترجمو مرزا قليچ بيگ ڪيو. انهيءَ سنڌي ترجمي جو ڪجهہ حصو "چچ جي دؤر" تائين ١٩٢٣ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيو. مرزا قليچ بيگ هن جو انگريزي ۾ پڻ ترجمو ڪيو، جيڪو سنہ ١٩٠٠ع ۾ شايع ٿيو هو. ڊاڪٽر دائودپوٽي اصل فارسي ڪتاب ايڊٽ ڪيو ۽ مقدمي، تعليقات ۽ حاشين سان سينگاريو. اهو فارسي متن انجمن مخطوطات حيدرآباد دڪن طرفان ١٩٣٩ع ۾ شايع ٿيو. انهيءَ ڪتاب جو ٻيو سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد ڪيو. اِهو سنڌي ترجمو پهريون دفعو ١٩٥٤ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدآباد طرفان ڇپيو آهي. هن ڪتاب جو اردو ترجمو اختر رضويءَ ڪيو آهي. اردو ترجمو بہ پهريون دفعو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان شايع ٿيل آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، تازو محنت ڪري انهيءَ ڪتاب جي فارسي متن کي مختلف نسخن سان ڀيٽي ترتيب ڏيئي، حاشين ۽ تعليقات سان سينگاريو آهي ۽ متس انگريزيءَ ۾ طويل تحقيقي مقدمو پڻ لکيو اٿس. اهو فارسي متن ١٩٨٣ع ۾ "انسٽيٽيوٽ آف هسٽري، ڪلچر اينڊ سولائيزيشن اسلام آباد مان ڇپيو آهي.

(٢) تنقيح الاسناد

(٣) ڪتاب الانساب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکڻ مطابق مٿيان ٻيئي ڪتاب پڻ علي بن حامد ڪوفي بکر ۾ لکيا هئا. انهن ٻنهي ڪتابن جا حوالا سيد محب الله شاهه قادري بکري ٻنهنجي ڪتاب "في التحقيق بنا امصار السند" ۾ ماخذ طور ڄاڻايا آهن.(٥)

## ارغون ۽ ترخان دؤر (٩٢٧ - ١٠٢١هه/١٥٢١ -١٦١٢ع)

شاهه جهانگير هاشمي:- شاهه جهانگير هاشمي هڪ فصيح ۽ بليغ شاعر هو ۽ سندس شعر دنيا ۾ مشهور هو. مرزا شاهه حسن ارغون جي حڪومت جي ابتدا ۾ خراسان کان سنڌ ۾ اچي بکر ۾ رهڻ لڳو. سن ٩٤٦هه ۾ حجاز جي سفر تي نڪتو ۽ ڪيچ مڪران جي رستي ۾ شهيد ٿي ويو.

مثنوي مظهرالآثار: ٩٤٠هه ۾ "تحفة الاحرار" جي جواب ۾ هي مثنوي جوڙيائين. پير حسام الدين راشدي انهيءَ مثنوي کي ايڊٽ ڪيو آهي ۽ پهريون دفعو ١٩٥٧ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپي آهي.(٦)

سيد عبدالوهاب پوراني:- عبدالوهاب ولد مير بايزيد ابن ابو سعيد پوراني، شيخ الاسلام مير محمود شيخ ميرڪ جو پاٽيٽو هو. وقت جي حاڪمن وٽ سندس قدر هو. هن ٩٩٠هه يا ٩٧٣هه ۾ وفات ڪئي.

جامع پوراني يا فتاويٰ پوراني: سندس فتوائن جو هي ڪتاب هند ۽ سنڌ ۾ مشهور هو. پير حسام الدين راشدي لکي ٿو ته "هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي مطالعي ۾ به هو، هن وقت ڪٿي به موجود ڪونه آهي." (٧)

## مغل دؤر (١٠٢١-١١٥٠هه/١٦١٢-١٧٣٧ع)

مير ابوالقاسم نمڪين (متوفي ١٠١٨هه):- هي اڪبري دؤر جو امير هو. سنڌ سندس وطن هو. ٻه دفعا پاڻ هتي جو گورنر به ٿيو ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ ۽ پوٽا به مغل دؤر ۾ وڏي مان ۽ مرتبي جا صاحب ٿي رهيا. سندس پٽ ابوالبقا امير خان به هتي جو گورنر هو. دنيوي عزت ۽ آبرو سان گڏ پورو خاندان علم ۽ فضل جو سرچشمو رهيو آهي. مير ابوالبقا امير خان پٽ مير عبدالڪريم امير خان به سنڌ جو صوبيدار هو. ٺٽي جا امير خاني سيد انهيءَ قبيلي مان آهن. هن گهراڻي جي هر فرد بلند پايه تصنيفون ڇڏيون آهن.

منشات نمڪين: مير ابوالقاسم هن ڪتاب جي ابتدا ۾ انشاء جي تاريخ بيان ڪئي آهي ۽ آخر ۾ اڪبر دؤر جا خط ڏنل آهن، جن مان ڪيترن جو سنڌ جي تاريخ سان تعلق آهي. ڪتاب ناياب آهي. هڪ نسخو انڊيا آفيس لئبرري لنڊن ۾ ٥٣٥ نمبر تي موجود آهي، جنهن جي ڪتابت ١٠١٢هه ۾ ٿيل آهي، ليڪن تصنيف ٿيڻ کان ڇهه سال پوءِ جو مخطوطو آهي. منجهس ٤١٢ صفحا آهن ۽ هر صفحي ۾ تيرهن سٽون آهن.

مير محمد معصوم بکري (متوفي ١٠١٤هه):- مير معصوم بکري اڪبري دؤر جو ناميارو سپه سالار، شاعر، مؤرخ ۽ اديب ٿي گذريو آهي. جاين ٺهرائڻ ۽ تاريخي ڪتبن لڳائڻ جو بيحد شوقين هو. روهڙي ۽ سکر ۾ سندس ٺهرايل ڪيترين ئي تاريخي جايون موجود آهن، جن مان عيدگاهه، مسجد منزلگاهه، هشت پهلو گنبذ ۽ منارو وڏيڪ مشهور آهن، مدفن به مناري جي پير ۾ آهي.

مير معصوم جي تاريخداني جا سڀ تذڪره نگار ۽ مؤرخ معترف آهن. خواجه نظام الدين بخشي (متوفي١٠٠٤هه) طبقات لکڻ وقت مير معصوم کي ئي بطور مددگار ۽ مشير جي پاڻ سان گڏ رهايو هو.

١. تاريخ سنڌ المعروف تاريخ معصومي: ڊاڪٽر دائود پوٽي جو خيال آهي ته مير معصوم ١٠٠٨-١٠٠٩هه

ذاري هي ڪتاب تصنيف ڪيو، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ قسم جي شهادت ڪتاب مان ملي ٿي. ڪتاب جو پهريون حصو قديم تاريخ، اسلامي عهد ۽ ارغون ۽ ترخان دؤر تي مشتمل آهي ۽ پويون اڌ مغل دؤر جي تاريخ تي آهي. ڪتاب ڇئن جزن ۾ ورهايل آهي. تاريخ معصومي ارغون، ترخان ۽ اڪبري دؤر تي ازحد مفيد ۽ معتبر آهي.

ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب تاريخ معصومي کي ڀنڊارڪر اورينٽل ريسرچ انسٽيٽيوٽ طرفان سال ١٩٣٨ع ۾ اصل متن کي ايڊٽ ڪري شايع ڪرايو. انگريزي ترجمو هڪ صدي اڳ ١٨٥٥ع ۾ مسٽر ميلٽ (G.Malet) شايع ڪيو. پهريون سنڌي ترجمو مُنشي ننديرام ١٨٦١ع ۾ ڪراچي مان شايع ڪيو. ٻيو ان جو سليس سنڌي ترجمو ڊاڪٽر دائود پوٽي واري نسخي تان مخدوم امير احمد ڪيو آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان پهريون دفعو ١٩٥٣ع ۾ ڇپيو آهي.

تاريخ معصومي جو پهريون اردو ترجمو آغا سلطان ميرزا ڪيو هو، جيڪو ١٩٠٦ع ۾ بهاولپور مان ڇپيو. ٻيو اردو ترجمو اختر رضويءَ جو آهي، جيڪو پهريون دفعو ١٩٥٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان شايع ٿيو.

٢. مثنوي معدن الافڪار: هي مثنوي "مخزن الاسرار" جي جواب ۾ لکيل آهي.

٣. خمسہ متحيره: هي "هفت پيڪر" جي جواب ۾ آهي.

۴. مثنوي راءِ صورت: هن مثنويءَ ۾ "ليليٰ مجنون" جو قصو منظوم ٿيل آهي.

۵. مثنوي حسن وناز: هن مثنوي ۾ "يوسف زليخا" جو قصو منظوم ٿيل آهي.

٦. اڪبر نامہ: هي "سڪندر نامہ" جي جواب ۾ آهي. مٿين پنجن مثنوين کي "خمسہ" يعني "پنج گنج" بہ سڏجي ٿو.

٧. مثنوي نازونياز: هي مثنوي "سسئي پنهون" جي قصي تي منظوم ٿيل آهي. هن مثنويءَ جو نسخو مير معصوم جي پوين وٽ پراڻي سکر ۾ موجود آهي.ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ مير معصوم جي سڀني مثنوين جا قلمي نسخا ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لئبريءَ ۾ بہ موجود آهن.

٨. مفردات نامي يا طِب نامي: هن جا بہ نسخا ڪتب خانہ آصفيہ (انڊيا) ۾ ٣٩٢ ۽ ٣٦٩ نمبر تي موجود آهن. هڪ نسخو خدابخش لئبرري پٽنہ ۾ آهي. هڪ نسخو بنگال ايشياٽڪ سوسائٽي لئبرري ۾ بہ آهي. هڪ نسخو روهڙي ۾ ۽ هڪ نسخو پراڻي سکر ۾ معصومي سادات وٽ بہ موجود آهي. هڪ نسخو سائين عبدالحسين شاهہ موسوي (ثاني) جي ذاتي لئبريءَ روهڙي ۾ بہ آهي. انهيءَ نسخي تان راقم بہ پنهنجي لئبريءَ لاءِ فوٽو ڪرايو آهي.

٩. ديوان نامي: مير معصوم جي شاعريءَ جي هن ديوان جو هڪ نسخو سندس پوين وٽ پراڻي سکر ۾ آهي. انهيءَ نسخي تان پير علي محمد راشدي بہ هڪ نقل تيار ڪيو هو. انهيءَ جو هڪ نسخو ٽالپري شاهي ڪتب خانہ حيدرآباد ۾ بہ موجود هو.

١٠. مثنوي نشتر عشق: هن منظوم مثنوي جو هڪ نسخو رامپور (انڊيا) جي شاهي ڪتب خاني ۾ آهي.

شيخ فريد بن شيخ معروف فاروقي بکري:-

ذخيرة الخوانين: شيخ فريد بکري، "مآثر الامراء" جي طرز تي هي مفصل تذڪرو ١٠٦٠هہ ۾ تصنيف ڪيو. منجهس اڪبر، جهانگير ۽ شاهہ جهان جي دؤر جي ٥١٣ مشاهيرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. مصنف

پنهنجي ذاتي مشاهدي، معلومات ۽ اکين ڏٺي حالات تي مدار رکي هي ڪتاب مرتب ڪيو آهي. روايتون انهن ماڻهن جون قبول ڪيون اٿائين، جن سان سندس ذاتي مراسم هئا ۽ جن جي سچي هجڻ جو ڪيس يقين هو. انهيءَ تلاش، تحقيق ۽ ذاتي ڄاڻ سبب ڪتاب نهايت قيمتي ٿي پيو آهي ۽ منجهس اُهي احوال آيل آهن يا واقعا ڏنل آهن، جيڪي ٻئي ڪنهن بہ تذڪري ۾ ملي ڪونہ سگهندا. انهيءَ تذڪري ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ ڪيترن ئي مشاهيرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. سنڌ جا صوبيدار، جي مغلن جي ڏينهن ۾ هتي آيا ۽ سنڌ ۾ جن بہ ماڻهن کي جاگيرون مليون، الغرض جن جو بہ ڪنهن طرح سان سنڌ ۾ ڪونہ ڪو لاڳاپو رهيو آهي، انهن سڀني جو هن تذڪري ۾ ذڪر ڪيل آهي. ميرزا عبدالرحيم خان خانان سان گڏجي جيترا فوجي جرنيل، امير ۽ مشاهير سنڌ کي فتح ڪرڻ آيا، انهن سڀني جو احوال بہ ڏنو ويو آهي. هي ڪتاب کي ڊاڪٽر معين الحق ايڊٽ ڪيو آهي. اهو ڪتاب ٽن جلدن ۾ ترتيبوار سال ١٩٦١ع، ١٩٧٠ع ۽ ١٩٧٤ع ۾ پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي ڪراچي طرفان شايع ٿيو آهي.(٨)

مير يعقوب علي خان رضوي:- هي عالمگير جي ڏينهن ۾ سنہ ١٠٨١هہ کان بکر جو نواب ٿيو.

بياض مير يعقوب علي خان رضوي:- هي بياض قلمي صورت ۾ مير يعقوب علي خان رضويءَ جي نالي سان سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي لئبريءَ ۾ ٢٧٧٣٢ نمبر تي "ذخيره قاضي فيض الله روهڙائي" ۾ موجود آهي.(٩)

حڪيم عبدالرؤف بکري:- حڪيم عبدالرؤف وڏي لياقت وارو مرد، ڪمال جو صاحب. وقت جو جيد طبيب، مير عبدالجليل جي سنگتين مان هو. ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دربار ۾ ملازم هو ۽ ڪيس سرڪار ۾ وڏو عهدو هوندو هوس. حڪمت ۾ بينظير ۽ موسيقي جي فن ۾ ماهر هو.

باب النغم:- حڪيم عبدالرؤف هي ڪتاب مڪمل طرح سان موسيقيءَ جي فن متعلق لکيو هو.(١٠)

## ڪلهوڙا دور (١١٥٠-١١٩٦هہ/١٧٣٧-١٧٨٢ع)

مير سيد جان الله شاهہ رضوي:- مير جان الله شاهہ رضوي (اول)، مير حيدر شاهہ جي اولاد مان تمام لائق ۽ حق جي واٽ جو طالب هو. شاهہ عنايت الله صوفي جي خدمت مان ارشاد جو رستو پرائي، انهيءَ خاندان جو خليفو ٿي، معرفت جو جهنڊو کڻي پنهنجي اصلي شهر روهڙي ڏانهن موٽي آيو. فارسي زبان جو اعليٰ پايہ جو شاعر هو، "مير" تخلص هوس.

١. ديوان مير: حقيقت سان ڀريل فارسي ديوان آهي. هن ديوان جو نسخو، مير جان الله شاهہ رضوي جي پوين وٽ روهڙيءَ ۾ موجود آهي. تازو سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ استاد هن ديوان کي ايڊٽ ڪري ڊاڪٽري جي ڊگري (پي. ايچ. ڊي) حاصل ڪئي آهي.

٢. مثنوي(؟) هن مثنوي متعلق مير علي شير قانع لکي ٿو تہ پنهنجي طلب ۽ مرشد تائين پهچڻ ۾ سندس سخت ڏک ڏوڙ متعلق "هڪ مثنوي حقيقت سان ڀريل يادگار ڇڏي ويو آهي." (١١)

حڪيم عبدالڪريم رضوي بکري:- هي بزرگ بيمثل حڪيم هو. ميان نور محمد ڪلهوڙي سندس شهرت ٻڌي ڪيس پنهنجي دربار ۾ گهرائي رکيو. دهلي جو حڪيم عبدالفتاح نمڪين سندس استادن مان هو.

جامع المنافع: حڪيم عبدالڪريم هي تصنيف طب تي لکي آهي. هن جو نسخو پير جهنڊي جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي. ١٢٤٧هہ ۾ طب تي لکيل هن جو هڪ بياض انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لئبريءَ ۾ بہ

موجود آهي.

حڪيم مير اسد الله ساقي بڪري:- مير اسدالله ساقي بڪري، مير معصوم بڪري جي ڏوهٽان مان هو. شعر و سخن سان گڏ طب جو بہ ماهر هو. ميان مراد ياب ڪلهوڙي وٽ گهڻو وقت رهيو. طب ۾ حڪيم سيد يعقوب بڪري جو شاگرد هو. هي ١١٨١هہ ۾ فوت ٿيو.

اختصار ذخيره خوارزم شاهي: مير اسدالله ساقي، طب جي مشهور ڪتاب "ذخيره خوارزم شاهي" جو اختصار ڪري هي ڪتاب تيار ڪيو هو.(١٢)

مير سيد نجم الدين بڪري:- مير نجم الدين ولد مير محمد رفيع رضوي بڪري، تخلص عذلت، مير محمد يوسف رضوي رح جي اولاد مان هو. مير نجم الدين مخدوم محمد معين ٺٽوي جو شاگرد ۽ پاڇيجو بہ هو. هن ١١٦٠هہ ۾ وفات ڪئي.

١. ديوان عذلت: هي مير نجم الدين جي شاعري جو مجموعو آهي ۽ ان جو هڪ نسخو پنجاب يونيورسٽي لئبرريءَ ۾ موجود آهي.

٢. طوطي نامہ:(١٣)

مخدوم روح الله بڪري سنڌي:-

حاشيہ تلويح: مخدوم روح الله بڪري، علامہ تفتاني جي ڪتاب "تلويح" جو هي شرح لکيو آهي. هي ڪتاب اصول فقه تي عربي ۾ آهي. هي ڪتاب ٻارهين صدي هجري ۾ لکيو ائين. هن ڪتاب جو هڪ نسخو علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي اداري شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد ۾ موجود آهي.(١۴)

مير علي شاهہ عرف سيد رحمت الله ولد سيد لطف شاهہ رضوي بڪاري:-

قصيده بمدح عبدالنبي: مير علي شاهہ شائق هي قصيدو ميان عبدالنبي ڪلهوڙي والي سنڌ (١١٩١هہ-١١٩٨هہ) جي مدح ۾ چيو آهي. هن قصيدي ۾ ۴٩٥ شعر آهن. هن قصيدي مان انهيءَ عهد جي اميرن، منصبدارن ۽ فوجي جرنيلن جي نالن ۽ احوال جي خبر پوي ٿي ۽ اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ دؤر ۾ ڪهڙا ڪهڙا منصب ۽ عهدا هئا. هي قصيدو ١١٩٨هہ کان اڳ جو تصنيف ٿيل آهي. ڪلهوڙن جي دؤر تي تاريخي لحاظ کان هي ڪارآمد قصيدو آهي. هن جو هڪ نسخو مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسين واري جي لئبرريءَ ۾ موجود هو. ان تان نقل ٿيل ڪاپي سنڌي ادبي بورڊ لئبرري ڄامشورو ۾ بہ موجود آهي.(١٥)

## ٽالپر دؤر (١١٩٦هہ-١٢٥٩هہ/١٧٨٢ع-١٨۴٣ع)

محمد امين بڪري:-

مفتاح العروض: محمد امين بڪري هي ڪتاب فارسي ۾ عروض متعلق لکيو آهي. هن ڪتاب جو هڪ نسخو سنڌ يونيورسٽي لئبرري ڄامشورو ۾ بہ موجود آهي، جنهن جا ٧٨ ورق آهن.

عبدالغني بڪري سنڌي:-

١.شرح قصيده عربيه (فارسي): از عبدالغني بڪري سنڌي.

٢. شرح تحفةالعراقين: (فارسي) هي خاقاني جي مشهور مثنوي "تحفةالعراقين" جي شرح آهي. هن جو قلمي نسخو پنجاب يونيورسٽي جي لئبرري لاهور ۾ موجود آهي.(١٦)

سيد محب الله بن سيد احمد شاهہ واعظ بن سيد محمد شاهہ الملقب بہ مسيحا الحسني الحسيني الحموي

الدهلوي القادري الاصلاً سندهي مولاداً لوهروي:-

في التحقيق بنا امصارالسند: سيد محب الله هي ڪتاب تيرهين صدي هجري ۾ لکيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مشهور شهرن ۽ ڳوٺن جو ذڪر آهي، ڳويا سنڌ جو هي هڪ گزيٽيئر آهي. ڪتاب جي ترتيب هن طرح آهي. پهريون باب سنڌ جي تاريخ، ٻيو باب شهرن، ڳوٺن ۽ قربن جي حالات تي، ٽيون باب سنڌ ۾ رائج ٿيل القابن تي، مثلاً امير، وزير، ترخان، ارغون وغيره. چوٿون باب سنڌ جي قومن تي ۽ پنجون باب سنڌ جي واهن، ندين، ڍنڍن ۽ ڍنين تي. هي ڪتاب ننڍي سائيز جي تقريباً ٻه سؤ صفحن تي آهي. هن جو هڪ نسخو پنجاب يونيورسٽي لئبرري لاهور ۽ ٻيو نسخو مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسين واري جي لئبريءَ ۾ آهي.(١٧)

مير جان الله شاهه (ثاني) رضوي:- مير جان الله شاهه رضوي (ثاني) تخلص عاشق، مير جان الله شاهه اول جو پوٽو هو. پاڻ فارسي جو باڪمال شاعر هو.

ديوان عاشق: مير جان الله شاهه ثاني رضوي جي شاعري جو مجموعو آهي. هن جو نسخو سندس پوين وٽ روهڙيءَ ۾ موجود آهي.(١٨)

حڪيم حبيب الله بکري:- حڪيم حبيب الله بکري ولد خواجه ابراهيم بکري، عالم شاعر ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هو. پاڻ حضرت محمد راشد رح کان بيعت ٿيل هو. هي بزرگ ڪلهوڙن جي آخري ۽ شروعاتي ٽالپري دؤر ۾ ٿي گذريو.

١. رساله در نبض: طب تي فارسي ۾ منظوم رسالو آهي.

٢. دلائل البول: هي به طب تي فارسي ۾ منظوم رسالو آهي.

٣. دافع الامراض:

٤. شجره مشائخان قادريه (منظوم):

٥. رساله در علم تصوف:

## انگريز دؤر (١٢٥٩هه-١٣٦٣هه/١٨٤٣ع-١٩٤٧ع)

سيد مرتضيٰ ميرڪ:-

شجره سادات پوراني (فارسي، قلمي):

مير بزرگ (ثاني) عرف مير بابا:-

شجره سادات معصومي (قلمي): هن ڪتاب جو فوٽو ٿيل نسخو سائين عبدالحسين شاهه موسوي (ثاني) وٽ روهڙي ۾ موجود آهي.

بيگ محمد نامي:-

تاريخ نوابين بکر (قلمي، فارسي): بيگ محمد نامي جي لکيل هن تاريخ ۾ بکر جي اُنهن نوابن جو ذڪر آيل آهي، جن جو ذڪر تاريخ معصومي ۾ مير معصوم بکري نه ڏنو آهي، ڇاڪاڻ ته هن تاريخ ۾ تاريخ معصومي جي تاليف ۽ مير معصوم بکري جي وفات بعد بکر ۾ ذڪر ٿيل نواب آيا هوندا. هن ڪتاب جو نسخو روهڙي ۾ ڪنهن خاندان وٽ موجود آهي، جنهن تان سائين عبدالحسين شاهه موسوي (ثاني) فوٽو اسٽيٽ ڪرائي ڊاڪٽر قريشي حامد علي خاناني صاحب ڏانهن موڪليو آهي.

سيد سوائل شاهه رضوي:-

بياض پروانہ جات وسَند هائي سادات (قلمي-فارسي): هن قلمي نسخي جو فوٽو بہ سائين عبدالحسين شاھہ موسوي (ثاني) وٽ موجود آهي.(١٩)

سيد رجب علي حسني حسيني نقوي بکري:-

ڪشف الغطاء عن وجوه آيات هل اتيٰ: سيد رجب علي "واقعہ ڪربلا" متعلق هي فارسي تصنيف ١٢٦٧ھہ ۾ تصنيف ڪئي. هن جو هڪ نسخو سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرري ڄامشورو ۾ موجود آهي، جنهن جا ٥٣ ورق آهن.(٢٠)

قادر بخش بيدل:- سنڌ جو مشهور صوفي شاعر ۽ عالم قادر بخش بيدل ١٢٣٠ھہ/١٨١٤ع تي روهڙيءَ ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو محمد محسن هو. پاڻ ١٦ ذوالقعد ١٢٨٩ھہ تي وفات ڪري ويو. سندس مدفن روهڙي ريلوي اسٽيشن جي پرسان اٿس، جتي هر سال ميلو بہ لڳندو آهي.

تصانيف بيدل

١. ديوان بيدل: قادر بخش بيدل جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جو مجموعو آهي. هن کي سيد عبدالحسين شاھہ موسوي مرتب ڪيو آهي. هي ڪتاب پهريون دفعو ١٩٥٤ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان شايع ٿيو آهي

٢. سلوڪ الطالبين: فارسي ۾ ٩٠ غزلن جو مجموعو آهي.

٣. مصباح الطريقت: هن ۾ هزار کان مٿي فارسي اشعار، غزل، قطعا ۽ رباعيون آهن.

٤. مثنوي هيرو رانجها: هي فارسي مثنوي "مثنويات هيرورانجها" ۾ ڇپجي چڪي آهي. هن مجموعي ۾ پين بہ چند سنڌي شاعرن جون هن قصي متعلق منظوم فارسي مثنويون شامل آهن. هن مجموعي کي حفيظ هوشيارپوريءَ ايڊٽ ڪيو آهي. اهو مجموعو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد شايع ڪيو آهي.

٥. مخمسات: هي فارسي مخمسات ۽ غزليات جو مختصر مجموعو آهي.

٦. نهرالبحر: هي فارسي مثنوي "مولانا روم" جي انداز ۾ چيل آهي. هن مثنوي جي فوٽو ڪاپي سچل چيئر لئبرري، شاھہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ موجود آهي.

٧. رموز القادري في شرح قصيده غوثيہ: هي مختصر منظوم فارسي رسالو آهي

٨. رموز العارفين: هن مختصر فارسي رسالي ۾ وحدت الوجود تي روشني وڌل آهي.

٩. وحدت نامہ: هن رسالي ۾ سنڌي بيت آهن، هي رسالو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان "ديوان بيدل" ۾ ١٩٥٤ع ۾ ڇپجي چڪو آهي.

١٠. في بدن احاديث صحاح سته: هن ڪتاب ۾ حديث جي ڇهن مشهور ڪتابن يعني "صحاح سته" مان انهن حديثن جي شرح ڏني ويئي آهي. جن جو تعلق تصوف سان آهي.

١١. قرة العين في مناقبت سبطين: هن ڪتاب ۾ "واقعہ ڪربلا "متعلق ٢٩ حديثون ۽ "روضة الشهداء" تان ورتل احوال شامل ڪيو ويو آهي.

١٢. فوائد المعنوي: هن مختصر عربي رسالي ۾ تصوف متعلق اصطلاح گڏ ڪيا ويا آهن.

١٣. رياض الفقر: هي ١٢٥٨ھہ ۾ تصنيف ڪيل رسالو آهي. هن رسالي ۾ صوفي فقيرن جي مجاهدن ۽

محنتن متعلق هزار کن بيت آهن.

۱۴. تقويت القلوب في تذکره المحبوب: هي ڪتاب وحدت جي بيان ۾ آهي. هن ۾ صوفي شاعرن جو احوال بہ آهي. ڪتاب تي حاشيو بہ لکيو ويو آهي.

۱۵. پنج گنج: هي رسالو چاليهن درجن تي آهي. هر هڪ درجي ۾ پنج شاهدن يعني آيات قرآن، حديث، مثنوي مولانا روم، بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ڪنهن شرعي ڪتاب مان قول ڏنل آهن. هن ڪتاب کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايڊٽ ڪيو آهي. اهو ڪتاب شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد طرفان شايع ٿيل آهي.

۱۶. فرائض صوفيہ: هي مختصر سنڌي رسالو بہ "ديوان بيدل" سان گڏ ڇپيل آهي.

۱۷. سندالموحدين: هي رسالو وحدت تي آهي. هن ۾ فقيرن ۽ بزرگن جا شعر سند طور ڏنا ويا آهن.

۱۸. سرود نامہ: هي مختصر منظوم سنڌي رسالو آهي.

۱۹. انشاءِ قادري: هن ڪتاب ۾ فارسي ۾ رقعات آهن.

۲۰. خطبات: هن رسالي ۾ جمعي جا چند خطبا عربي ۽ فارسي ۾ آهن.

۲۱. عقائد: هن ڪتاب ۾ بيدل پنهنجا عقيدا عربي ۽ فارسي ۾ بيان ڪيا آهن.

۲۲. ديوان بيدل (اردو): هي بيدل جي اردو شاعري جو مختصر مجموعو آهي.

۲۳. تاريخ رحلت هاءِ رجال الله: هن ڪتاب ۾ نبين، ولين، درويشن ۽ بزرگن جي وصال جون منظوم تاريخون ڏنيون ويون آهن.

۲۴. ظهور نامہ در تصوف بہ نغمہ اناالحق: فارسي ۾ منظوم رسالو آهي.

۲۵. ڪرسي نامہ صوفيان قادري: هي ٻہ عدد رسالا منظوم فارسي ۾ آهن.

۲۶. منتخب قصہ ليلا مجنون:

۲۷. ديوان منهاج الحقيقت: هن مختصر رسالي ۾ غزل آهن.

۲۸. وصيت نامہ: هن مختصر رسالي ۾ ايمان متعلق هڪ فتويٰ ڏنل آهي.

۲۹. لغت ميزان طب: هن ڪتاب ۾ طب متعلق ڏکيا لفظ ڏنا ويا آهن.(۲۱)

محمد محسن بيڪس:- محمد محسن بيڪس روهڙيءَ جي مشهور صوفي شاعر ۽ عالم قادر بخش بيدل جو پٽ هو. هي ۱۲۷۵هہ ۾ روهڙيءَ ۾ ڄائو ۽ جوانيءَ ۾ ئي ۱۲۹۸هہ ۾ وفات ڪري ويو. سندس سندس مدفن والد جي مزار پرسان روهڙي ريلوي اسٽيشن لڳ آهي. پاڻ سنڌي ۽ سرائڪي جو سنو شاعر هو.

ديوان بيڪس: محمد محسن بيڪس جي سنڌي، سرائڪي ۽ اردو شاعري جو هي مجموعو سيد عبدالحسين شاهہ موسوي مرتب ڪيو آهي. هي مجموعو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايو ويو آهي.(۲۲)

سيد قمبر علي رضوي بکري ولد سيد امان علي شاهہ رضوي:-

شجره سادات: سيد قمبر علي هي شجرو ۱۲۶۱هہ ۾ لکي پورو ڪيو. هن ڪتاب ۾ خاص طرح سادات جي انهن شاخن جا نسب نامہ موجود آهن، جيڪي سنڌ اندر پکڙيون. هن ڪتاب جو هڪ نسخو سيد الله ورايو شاهہ روهڙيءَ واري وٽ بہ هو.(۲۳)

مولوي محمد علي بکري:- مولوي محمد علي ولد محمد پناهہ بکري بکر جو رهاڪو هو ۽ سنڌس تخلص طالب هوس. مولوي محمد علي نظام الدين سرهنديءَ جو مريد هو.

ظهورنامہ: مولوي محمد علي هي ڪتاب روهڙي ۾ موجود "وار مبارڪ" متعلق ١٢٧۴هہ ۾ منظوم لکيو آهي.

منشي ميان محمود:- منشي ميان محمود ميمڻ سکر ۾ آفيسر هو. عربي، فارسي، سرائڪي، هندي ۽ سنڌي جو شاعر هو.

گلزار محمودي: هي ڪتاب ميان محمود جي شاعريءَ جو ديوان آهي، جيڪو سيد غلام رسول شاهہ رضوي ڪوٽائي ١٨٩٨ع ۾ مرتب ڪري شايع ڪرايو.(٢۴)

خانبهادر خداداد خان:- خداداد خان انگريز دؤر جو هڪ برجستو آفيسر، مؤرخ ۽ محقق هو ۽ سکر جو رهاڪو هو. فارسي ادب ۽ سنڌ جي تاريخ سان هن کي خاص دلچسپي هئي. پاڻ هڪ وڏو جاگيردار بہ هو.

١. سنڌ جا قديم تاريخي ڪتبا: خانبهادر خداداد خان سنڌ ۾ موجود تاريخي ڪتبن کي ٻن ضخيم جلدن ۾ سهيڙيو. افسوس آهي جو ٻيئي جلد گم ٿي ويا. اچ انهن ڪتبن مان ڪيترا بنهہ گم ٿي ويا آهن.

٢. لب تاريخ سنڌ: فارسي زبان ۾ سنڌ جي تاريخ تي هي آخري ڪتاب آهي، جو ١٣١٨هہ جو تصنيف ٿيل آهي. هن تاريخ ۾ ڪيئي خاص واقعا مصنف پنهنجي ذاتي معلومات جي بناء تي لکيا آهن، جيڪي ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ملي ڪونہ سگهندا. لب تاريخ سنڌ ١٩٠٠ع ۾ امرتسر مان شايع ٿيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن ڪتاب کي ايڊٽ ڪري دوباره سهڻي نموني سان ١٩۵٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد مان شايع ڪرايو. هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو حافظ خير محمد اوحدي ڪيو آهي، جيڪو پڻ ٻهريون دفعو ١٩٨٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو طرفان ڇپيو آهي.

٣. پل نامہ: هن ڪتاب ۾ "لنسڊائون پل" سکر واري جي افتتاح جو احوال آهي. هن ڪتاب ۾ ڪوئيٽا جي سفر جو احوال بہ شامل ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب ١٣٠٧هہ مطابق ١٨٩٠ع ۾ ڪراچي مان ڇپيو.

۴. وقائع راجستان: راجستان جي تاريخ ۽ سير متعلق آهي ۽ ١٨٦٧ع ۾ ڇپيو آهي.

۵. مڪران نامہ: مڪران جي سياحت متعلق آهي ۽ ١٨٦٢ع ۾ ڇپيو آهي.

٦. خليج نامہ: خليج جي ملڪن جي دوري ۽ سير متعلق آهي ۽ ١٨٦٦ع ۾ ڇپيو آهي.

٧. An account of historical places.

خانبهادر خداداد خان هي ڪتاب سنڌ جي ڪمشنر سروليم ميري ويدر جي چوڻ تي ١٢٨٩هہ/١٨٦٩ع ۾ تصنيف ڪيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي قديم شهرن متعلق احوال ڏنو ويو آهي. هن ڪتاب جو بعد ۾ سنڌي ترجمو بہ ڇپيو هو.

٨. سياحت نامہ: هن ڪتاب ۾ هندستان جي مختلف شهرن، بمبئي، پونا، راجڪوٽ، احمد آباد، اجمير، دهلي، امرتسر ۽ ٻين شهرن جي سير جو احوال ڏنل آهي. هي ڪتاب ١٨٩٢ع ۾ لکيو ويو.

٩. خيرپور نامہ: هي ڪتاب رياست خيرپور متعلق آهي. ١٨٩۴ع ۾ ڪراچي مان ڇپيو هو.(٢۵)

قاضي جان محمد:-

سير لنبن:

قاضي عبدالرزاق:- اخبار "الوحيد" جو نائب ايڊيٽر، "علمي دنيا" ۽ "ڪاميابي" رسالن جو باني ايڊيٽر هو.

قرآن مجيد (سنڌي ترجمو): قاضي عبدالرزاق قرآن مجيد جا مختلف نمونن سان ٽي سنڌي ترجما ڪيا هئا.

قاضي علي رضا:-.

روهڙيءَ جي تاريخ: قاضي علي رضا جي لکيل هي تاريخ قلمي صورت ۾ سندس وارثن وٽ موجود آهي.

قاضي محمد بخش:-

گلدستہ عشاق: قاضي محمد بخش جي شاعريءَ جو هي مجموعو قلمي صورت ۾ قاضي محمد هاشم وٽ موجود آهي.

محمد يوسف فدا پيڪارو (مغل):-

مغرور جُتي: محمد يوسف فدا جي هن ڪتاب ۾ معراج جو منظوم احوال آهي. هي ڪتاب ڇپيل آهي.

قاضي فقير محمد قانع:-

١. سلڪ مرواريد: شاھ صاحب جي ڪلام جي ڏکين لفظن جي لغت آهي.

٢. بيت بازي متعلق ڪتاب(؟) (فارسي ۾).

٣. ڪلام جو مجموعو: قاضي فقير محمد قانع جي پنهنجي شاعريءَ جو مجموعو .

۴. شاھ جو رسالو: ترتيب ۽ مفصل شرح سان. هن ڪتاب جو نسخو قاضي شاھ بخش روهڙيءَ واري وٽ موجود آهي.

قاضي غلام مهدي:-

انيس المساڪين عرف راحت السالڪين: هي ڪتاب سنڌي ۾ صوفي تحريڪ متعلق ١٣۴٠ھ/١٩٣٢ع جو لکيل آهي. اڃان تائين قلمي صورت ۾ آهي. هن ڪتاب جي فوٽو ڪاپي ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ محترم غلام محمد لاکو جي لئبرري ۾ بہ آهي.

آخوند فيض محمد:- آخوند فيض محمد ولد شيخ فتح محمد ١٢۴۴ھ/١٨٢٩ع ۾ ڄائو. سنڌي سرائڪي، فارسي ۽ اردو جو سٺو شاعر هو.

١. نالۂ راز: هن ڪتاب ۾ آخوند فيض محمد پنهنجي خودنوشت سوانح ڏني آهي. هي ڪتاب فارسي ۾ آهي.

٢. ڪريما سعدي جو منظوم سنڌي ترجمو:-

٣. بياض شاعري: هن بياض ۾ آخوند فيض محمد جي سنڌي، اردو ۽ فارسي شاعري آهي. آخوند صاحب جا سڀ ڪتاب قلمي صورت ۾ قاضي محمد مختيار (صدر شعبہ آثار قديمہ، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور) وٽ موجود آهن.(٢٦)

# حوالا


١. پير حسام الدين راشدي: ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، صفحو ٧٧٧-٧٧٨. (ڇاپو پهريون ١٩٨١ع، انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي)
٢. رحيمداد خان مولائي شيدائي: سنڌ جا پراڻا شهر، صفحو ٢٠-٣٠ (ڇاپو پهريون ١٩٨٣ع سچل نيشنل سيمينار ڪميٽي سکر.)
٣. مير علي شير قانع: تحفة الڪرام، جلد ٽيون (سنڌي ترجمو) مترجم، مخدوم امير احمد صفحو ٣١١. (ڇاپو ٻيو ١٩٧٦ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.)
- مرزا قليچ بيگ: قديم سنڌ، اُن جا مشهور شهر ۽ ماڻهو، صفحو ٩٠ (ڇاپو ٻيو ١٩٦٦ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.)
٤. ٽماهي مهراڻ، ١٩٧٨/٣ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. (مقالو فتح نامو/ چچ نامو ۽ ان جو مترجم علي ڪوفي، از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ).
٥. ٽماهي مهراڻ، ١٩٧٨/٣ع.
- ناز سنائي ٠مرتب: سنڌ جي تاريخ جا ماخذ، صفحو ١٠٦-١١٢ (ڇاپو پهريون ١٩٨٩ع، سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد.)
٦. مير علي شير قانع: تحفة الڪرام جلد ٽيون (سنڌي ترجمو) صفحو ٣١٧. رحيمداد خان مولائي شيدائي: تاريخ سکر، صفحو ٤٦٤ (ڇاپو پهريون، ١٩٩٢ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.)
- پير حسام الدين راشدي (ايڊٽ): مثنوي مظهرالآثار، ڏسو مقدمو. (ڇاپو پهريون ١٩٥٧ع) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
٧. رحيمداد خان مولائي شيدائي: تاريخ سکر، صفحو ٤٦٠.
- پير حسام الدين راشدي: ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، صفحو ٧٧٩.
٨. مٿيون ڪتاب، صفحو ٧٢٥-٧٥٣
- ناز سنائي (مرتب): سنڌ جي تاريخ جا ماخذ، صفحو ١٩-٦٣ (ڇاپو پهريون) ١٩٨٩ع، سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد.
- ٽماهي مهراڻ (سيارو ١٩٥٥ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.)
- پير حسام الدين راشدي: مير معصوم بکري. صفحو ٣١٤-٣٢٨ (ڇاپو پهريون ١٩٧٩ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.)
- مير معصوم بکري: تاريخ معصومي (سنڌي ترجمو) مترجم، مخدوم امير احمد. صفحو ١٨-١٩ (ڇاپو ٻيو ١٩٥٩ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.)
- تاريخ سکر، صفحو ٤٧٠-٤٧٢.
٩. تحفة الڪرام (سنڌي ترجمو) صفحو ٣٢١.
- سنڌ جا پراڻا شهر، صفحو ٢٩.
- تحقيق نمبر ١٩٩٠/٤ع، (اردو شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو) صفحو ٢١٩.

١٠. تحفة الڪرام (سنڌي ترجمو) صفحو ٣٢٦ ۽ ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، صفحو ٢٩١-٢٩٢

١١. تحفة الڪرام (سنڌي ترجمو) صفحو ٣٢٢-٣٢٣.

- تاريخ سڪر، صفحو ٤٦٧-٤٦٨.

- پروفيسر گل محمد گلاٽي: تذڪره شعراءِ روهڙي، صفحو ١٧-١٨ (ڇاپو پهريون ١٩٧٨ع روهڙي.)

١٢. ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، صفحو ٢٩٤-٢٩٥.

١٣. تاريخ سڪر صفحو ٤٦١

١٤. ديني ادب جو ڪنٽلاگ، مرتب امداد حسيني (ڇاپو پهريون ١٩٧١ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.)

١٥. سنڌ جي تاريخ جا ماخذ، صفحو ١٩-٥٤ ۽ ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، صفحو ٧٢٥-٧٥٣.

١٦. ديني ادب جو ڪنٽلاگ.ڊاڪٽر ظهور الدين احمد، پاڪستان ۾ فارسي ادب، جلد ٽيون، صفحو ٨٣٠، اداره تحقيقات پاڪستان پنجاب يونيورسٽي لاهور (ڇاپو پهريون ١٩٧٧) (نوٽ:- محمد امين بڪري ۽ عبدالغني بڪري جي صحيح دؤر جي ڄاڻ نہ پئجي سگهي آهي.)

١٧. ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، صفحو ٧٢٥-٧٥٣ ۽ سنڌ جي تاريخ جا ماخذ، صفحو ١٩-٥٤.

١٨. تاريخ سڪر، صفحو ٤٦٩ ۽ تذڪره شعراءِ روهڙي، صفحو ١٨،

١٩. سيد مرتضيٰ ميرڪ مير بزرگ ثاني عرف مير بابا، بيگ محمد نامي ۽ سيد سوائل شاهہ رضوي جي صحيح دؤر جي ڄاڻ نہ پئجي سگهي آهي.

٢٠. ديني ادب جو ڪنٽلاگ.

٢١. ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، صفحو ٤٥٣-٤٥٩.

- سيد عبدالحسين شاهہ موسوي: ديوان بيدل، صفحو ٣. ٤٦ ۽ ٣٥٤-٣٥٧. (ڇاپو پهريون ١٩٥٤ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

٢٢. سيد عبد الحسين شاهہ موسوي: ديوان بيڪس، صفحو ٣، ۽ ٨٠ (ڇاپو ٻيو ١٩٨٣ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.)

٢٣. سيد عبدالقادر ٺٽوي: حديقة الاولياءَ (ايڊٽ، پير حسام الدين راشدي) صفحو ٣٨-٣٩ مقدمو. (ڇاپو پهريون ١٩٦٧ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.)

٢٤. تاريخ سڪر، صفحو ٤٨١ ۽ ٤٩٦.

٢٥. ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، صفحو ٧٢٥-٧٥٣، سنڌ جي تاريخ جا ماخذ، صفحو ١٩-٥٤ ۽ خداداد خان، لب تاريخ سنڌ (سنڌي ترجمو) مترجم، حافظ خير محمد اوحدي. (ڇاپو پهريون ١٩٨٩ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.)

٢٦. ٽماهي مهراڻ، نمبر ٣/١٩٩٠ع، صفحو ٢٥-٣٢ (سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.)


--

ڊاڪٽر الهه رکيو ٻُٽ

# ”فوائد الاخبار“ - سنڌ جي پهرين سنڌي/پارسي هفتيوار اخبار

انگريز جنرل سر چارلس نيپئر سن ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ فتح ڪري، هن الڳ ٿلڳ ملڪ کي وسيع برطانوي راڄ جو حصو بڻايو. تاريخ جي ان اهم ترين اٿل جي نتيجي ۾ سنڌ اندر نئين تهذيب ۽ تمدن جو جيڪو وڏو سيلاب آيو، ان ۾ ڇاپخاني جو رائج ٿيڻ هڪ نهايت خوش آئند باب ليکيو وڃي ٿو. اسان ان حقيقت کان بخوبي واقف آهيون تہ سنڌ ۾ سڀ کان اڳاٽي پريس خود فاتح سنڌ نيپئر قائم ڪئي هُئي. سنہ ۱۸۴۵ع جي وچ ڌاري قائم ٿيندڙ ان ڇاپخاني جو نالو ”ڪراچي ائڊورٽائيز پريس“ هو. منجهانئس ساڳئي نالي جي هفتي ۾ ٻہ دفعا نڪرندڙ انگريزي اخبار سنڌ جي سڀ کان اڳاٽي اخبار ليکي وڃي ٿي. سن ۱۸۴۵ع کان ۱۸۵۲ع تائين سنڌ اندر اهو واحد ڇاپخانو هو، جنهن مان هفتي مان ٻہ دفعا نڪرندڙ اخبار کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جا بنيادي ڪتاب جهڙوڪ، حڪايت الصالحين (۱۸۵۱ع) ۽ دوسايائيز سينٽينسز (۱۸۵۲ع) ڇپجي پڌرا ٿيا.

سنہ ۱۸۵۱ع ۾ سنڌ اندر هڪ وڏي خوش آئند تبديلي آئي. ان سال سنڌ جون واڳون هڪ نوجوان ۽ وسيع النظر انگريز سر بارٽل فريئر جي حوالي ٿيون. سنڌ اندر فريئر جون سر انجام ڏنل خدمتون بي شمار آهن. هت اسان سنڌي ٻولي، ادب ۽ جديد تعليم جي حوالي سان جديد سنڌي الف-ب جو جڙڻ، درسي ۽ عام ڪتابن جو لکجڻ ۽ ڇپجڻ، سنڌ اندر سنڌي زبان جي اخبار نويسي ۽ خاص ڪري سنڌي ۽ پارسي زبانن ۾ شايع ٿيل پهرين اخبار ”فوائد الاخبار“ جو ذڪر ڪنداسين. مذڪور اخبار پڌري ڪرڻ جو سڌو سنئون تعلق ۱۸۵۷ع واري جنگ آزاديءَ سان هو. سنڌ بلڪ پوري هندستان اندر انگريز حڪمران ان راءِ جا هئا تہ ۱۸۵۷ع واري ڏکئي دور ۾ ڏيهي اخبارن انگريز سرڪار لاءِ سڀ کان گهڻو خُلم مچايو. ڏيهي ماڻهن کي انگريزن جي خلاف ڀڙڪائڻ سان گڏ جنگ جي دائري کي هندستان کان ٻاهر افغانستان ۽ ايران جي حدن اندر وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ اندر سر بارٽل فريئر حڪومت جي اسسٽنٽ ڪمشنر جاگيرس ۽ تعليم کاتي جي انچارج ميجر گولڊ سمڊ، جيڪو ڏيهي ٻولين جي پوري واقفيت رکندو هو، تنهن ڏيهي پريس متعلق پنهنجي ڳجهي رپورٽ ۾ ڏيهي زبانن ۾ شايع ٿيندڙ اخبارن پاران حڪومت کي وڏل نقصان تي ڀرپور روشني وڌي. هن صاحب سنڌ سرڪار اڳيان هڪ تجويز پيش ڪئي تہ سنڌ اندر راءِ عامہ کي برطانوي راڄ جو سچو وفادار ۽ حامي ٺاهڻ لاءِ ڏيهي زبانن ۾ سرڪاري اخبار جاري ڪرڻ نهايت موزون ۽ وقتائتو قدم ٿيندو. هن اها رٿ پيش ڪئي تہ سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ ڪراچي مان تعليم کاتي جي زير نگرانيءَ هڪ هفتيوار سنڌي ۽ پارسي اخبار جاري ڪري مٿيون مقصد بخوبي حاصل ڪري سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ دلچسپي جي ڳالهہ اها بہ آهي تہ ۱۸۵۷ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي هڪ جدا ليٿو پريس بہ قائم ڪري ورتي هئي، جنهن گولڊ سمڊ ان اخبار کي ڇاپڻ جي حامي ڀري. سر بارٽل فريئر پنهنجي وفادار آفيسر جي سفارش مڃيندي ڪراچي مان هفتيوار پرچي ”فوائد الاخبار“ جاري ڪرڻ جي اجازت ڏني.

۱۵ مئي ۱۸۵۸ع ڇنڇر ڏينهن سنڌي ۽ پارسي زبانن ۾ مٿين نالي واري هفتيوار اخبار جاري ٿي.

اخبار ۾ پوندڙ مواد جو گڏ ڪرڻ، سهيڙڻ سان گڏوگڏ ڇپائيءَ ۽ اخبار کي پڙهندڙن جي هٿن تائين رسائڻ جو سڀ ذميواريون ميجر گولڊ سمڊ پنهنجي هٿن ۾ ڪنيون.

اپريل ١٨٥٨ع ۾ ميجر گولڊ سمڊ جي صحيح سان "فوائد الاخبار" بابت انگريزي ٻوليءَ ۾ جيڪو نوٽيس جاري ٿيو، ان جو سنڌي ٻوليءَ ۾ لب لباب هن ريت پيش ڪجي ٿو:

"ڇنڇر ڏينهن تاريخ ١٥ مئي ١٨٥٨ع تي سنڌ سرڪار جي ڇاپخاني مان تعليم کاتي جي زير نگرانيءَ سنڌي ۽ پارسي ٻولين ۾ هفتيوار اخبار فوائد الاخبار جو پهريون پرچو نڪري نروار ٿيندو.

"منجهس مواد ١٦ وڏن ڪالمن تي مشتمل هوندو، جن جو تلهي ليکي اندازو هن ريت هوندو:

| | |
|---|---|
| - صوبائي خبرون | ٻہ ڪالم |
| - سنڌ جي تاريخ جو اصل باب | ٽي ڪالم |
| - زراعت تي مواد | هڪ ڪالم |
| - سائنسي ۽ تعليمي مواد | هڪ ڪالم |
| - ايڊيٽر پاران دلچسپ موضوع تي مواد | ٽي ڪالم |
| - يورپي خبرن جو اختصار | ٻہ ڪالم |
| - هندستاني خبرن جو اختصار | ٻہ ڪالم |
| - طنز و مزاح ۽ عام وندر جو مواد | ٻہ ڪالم |

"تاريخ، زراعت ۽ سائنس بابت مواد کي الڳ ڇاپي اسڪولن ۾ مفت تقسيم ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويندو. عام ماڻهو ساڳيو مواد هڪ آني عيوض سرڪاري ڇاپخاني مان حاصل ڪري سگهندو. اخبار جو مجموعي اگهہ اٺ آنا في پرچو هوندو. ۽ مقامي مڙني خريدارن سان هيٺين جدول مطابق رعايت ڪئي ويندي.

| | |
|---|---|
| - سرڪاري ملازم | چار آنا في پرچو يا ٽي روپيا سماهي |
| - صوبي اندر ذميدار يا ٻيا ڏيهي ماڻهو | ٻہ آنا في پرچو يا ڏيڍ روپيو سماهي |

"اخبار جو چندو اڳواٽ وٺڻ ۾ ايندو. تعليم کاتي جو منشي اخبار جو چندو وصول ڪري رسيدون جاري ڪندو ۽ درخواستون وٺندو."

"فوائد الاخبار" جاري ڪرڻ جا سبب بيان ڪندي، اخبار نويسي جي فائدن جو بہ ذڪر ڪيو ويو ۽ ٻڌايو ويو تہ رڳو لنڊن شهر مان ان وقت ١٣٣ اخبارون نڪرنديون هيون، جن مان ڪي روزانہ، ڪي هفتيوار، ڪي هفتي ۾ ٻہ دفعا تہ ڪي وري هفتي ۾ ٽي دفعا جاري ٿينديون هيون. انهن مان اڪثر روزانيون اخبارون ڪيندڙ مالڪ يا مهتمم نهايت اعليٰ پايي جون صلاحيتون ۽ لياقتون رکندڙ شخص هئا. اِهو بہ ذڪر ڪيو ويو تہ ڏيهي ماڻهو فقط "ٽائيمس" جي عام پرچي جي ضخامت ۽ معيار ڏسي حيران ٿي ويندا. اهو بہ ٻڌايو ويو تہ ڪراچي نيٽو جنرل لئبرريءَ ۾ پڙهڻ لاءِ ويندڙ شخص ان حقيقت کان باخبر هوندا تہ لنڊن جي مذڪور اخبار ڪيڏي نہ وڏي شان ۽ شوڪت واري اشاعت آهي.

انگريزي ٻولي ۾ لکيل ان تعارفي مضمون ۾ لنڊن مان شايع ٿيل اخبارن جي شان ۾ نهايت گهڻو مواد ڏنل آهي.

ان تمهيد جو مقصد اهو هو تہ سنڌ جي ڏيهي ماڻهن تي انگريزي تهذيب ۽ تمدن جو رعب طاري ڪري انهن کي هميشہ لاءِ مطيع ۽ سرنگون رکيو وڃي. اسان بخوبي ڄاڻون ٿا تہ ان مقصد ۾ انگريز سامراج گهڻو ڪري ڪامياب ۽ ڪامران ٿيو.

تاريخ جي اها ستم ظريفي چئجي تہ ڏيهي زبانن ۾ سنڌ مان نڪرندڙ هن سڀ کان آڳاٽي اخبار جو هڪ بہ پرچو ملي نہ ٿو سگهي ۽ نہ وري اها خبر پئجي سگهي آهي تہ اها اخبار ڪيترو وقت جاري رهي. ان جي سرڪيوليشن وغيره جو بہ پتو نہ ٿو پوي. ها باقي ايترو چئي سگهجي ٿو تہ اها اخبار ليٿو ۾ نڪرندي هئي. سنڌ جي پراڻي رڪارڊ جي چند ڇاڻ ڪندي هن اخبار جي پهرين پرچي ۾ ڇپائيءَ لاءِ تجويز ڪيل مواد مليو آهي، جن جا عڪس پڙهندڙ جي دلچسپي خاطر هتي ڏنا وڃن ٿا.

گمان غالب آهي تہ "فوائد الاخبار" سني ڪاميابي نہ ماڻي ۽ نہ وري ڪو گهڻو وقت جالي سگهي. ان جي ناڪامي جا مکيہ سبب هينيان ڳڻائي سگهجن ٿا. فاتح قوم انگريز خلاف ڏيهي ماڻهن جي نفرت چوٽ تي هئي. جديد تعليم اڃا سنڌ اندر پنهنجون پاڙون پختيون نہ ڪيون هيون. ان وقت پڙهيلن جي شرح تمام گهٽ هئي. سنڌي ٻولي جي نئين الف-ب جڙي کي ڪو گهڻو وقت ڪونہ ٿيو هو ۽ صورتخطي جي هڪ معياري شڪل مروج نہ ٿي هئي. اخبار جي قيمت تمام گهٽي رکي ويئي هئي. آمد رفت جا وسيلا اڃا سڌريل نہ هئا، جو اخبار جلدي ۽ آسانيءَ سان سنڌ ۽ هند جي ڏورانهن علائقن تائين وقت تي رسي سگهي. خريد ڪندڙن ۽ پڙهندڙن سان گڏ اخبار لاءِ لکندڙن جي اڻاٺ کي بہ رد ڪري نہ ٿو سگهجي.

"فوائد الاخبار" جي مقابلي ۾ سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي جي زير نگرانيءَ ١٨٦٦ع ۾ نڪتل سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ "سنڌ سڌار" وڌيڪ ڪامياب رهي، گهڻو وقت جاري رهي ۽ سنڌي ٻولي، ادب، تعليم ۽ ثقافت جي ڀرپور خدمت ڪيائين. اهو ان ڪري جو هن نئين اخبار کي گهڻو ڪري مٿي ڄاڻايل دقتون درپيش ڪونہ هيون.

## حوالا


(1) E.B: "Karachi: A bird's eye view", Culcutta Review, vol. 91(July 1890) p. 125

(2) Azimushan Haider: "History of Karachi, with special reference to educational, demegraphical and commercial development, 1839-1900" (Karachi:, 1974), p.17, b.

(3) Goldsmid to Frere: Records of the Commissioner in Sindh (RCS) 29 October 1857, MS.

(4) Goldsmid's notice: Records of the Commissioner in Sindh (RCS), April, 1858, MS.




سر بارٽل فريئر

laid before them as intelligence; but also to use that discrimination in the selection of general news, ~~so as~~ to submit for their perusal nothing but what is, if not thoroughly verified, at least in strict accordance with common sense. This may appear a difficult task for an Editor, but it is not impossible.

Persian Verse to Conclude

Kurrachee
4/12/57.

I think it right to state that the statistics in the above are obtained from a work published this year (1857) in Paris by the late Editor of the "Constitutionnel": "Histoire de la Presse en Angleterre et aux États-Unis."

۽ سيکهي پڙهو اِڏا وٽ ماڻهن جي ٿسکه ۽ گهڻن لاءِ ڏنيون ٿه ڌاران بي پرهيزگي

پرناهه ٿوه ڪمن جي ٿي ۽ بني جو دَوَلَ جنگي پر ماڻهن کي آيو انهي ڌار لُٽيندرن

جي پو ڪان رکه ۽ واهپ ڪاڻ پيتي بڪي ڏيه جي آتريا سي جڙي

جي ماڻو نفتو ولايت جو جهکي يورپ جوندا اهن سمجهاڻدا هوندا سي سمجهدا

نه اِتنا لي ڏيه جي پاڻن مون هڪري پاڻي جي گڏيا جو هند روم نگر اهي ۽

ترڪ جي گڏي جو هند جهکي ڪي ماڻو روم نگر پيچوندا اهن سو قسطنطنيه

۽ استنبول جي نالي ٿي پڌرو آهي

Specimen of the
historical Portion of the
Tuhfat ul Akhbar.
This would be always in
Sindhee

انور "فڪار" هَڪڙو

# "سنڌو" - آڳاٽو مشهور ادبي رسالو

## (هڪ تعارف)

سال ١٩٣٢ع جي شروعات ۾ جديد سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ هڪ تحريڪ هلي. هن ادبي تحريڪ جي ابتدا هڪ علمدوست مسٽر بولچند وسومل راجپال جي طرف کان ٿي. جيتوڻيڪ هن تحريڪ جا محرڪ سمورا هندو اديب هئا، مگر بعد ۾ مسلمان اديب بہ هن ۾ شامل ٿي ويا. مسٽر بولچند راجپال ميان جي ڳوٺ تعلقي شڪارپور جو رهندڙ هو ۽ زميندار طبقي سان تعلق رکندڙ هو. جيئن تہ هو ڪافي دولتمنديءَ علم ادب سان دلچسپي رکندڙ هو، انڪري هي شوق کيس ادبي دنيا ۾ وٺي آيو. هن پنهنجي دولت جو وڏو حصو ادبي خدمت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. هن "ماڊرن رويو" ۽ "چاند" هندي رسالي جي طرز تي سنڌيءَ ۾ هڪ ادبي مصور رسالي شايع ڪرڻ جو پختو ارادو ڪيو. هن نيڪ ڪم ڪي عملي جامو پهرائڻ ۾ هن جي چند دوستن همت افزائي ڪئي ۽ آخرڪار "سنڌو" جي نالي سان هڪ ماهوار رسالو شڪارپور مان شايع ٿيو (١). جنهن سنڌي ٻولي جي علم ادب کي ترقي وٺرائڻ ۽ ان کي نوان موڙ ڏيڻ ۾ تمام وڏو ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. ورهاڱي کان اڳ هي واحد سنڌي معياري ادبي رسالو هو، جو سنڌ جي سمورن اديبن جي لکڻين سان سينگارجي منظر عام تي ايندو هو.

ماهوار رسالي "سنڌو" جو اسي صفحن تي مشتمل پهريون پرچو، ميگزين سائيز ۾ پهرين جنوري ١٩٣٢ع تي مسٽر بولچند وسومل راجپال جي ادارت ۾ "شيام سندر پرنٽنگ پريس شڪارپور" مان ڇپجي، "سنڌو آفيس" شڪارپور مان پڌرو ٿيو هو. پهرئين پرچي ۾ مسٽر بولچند وسومل مهتممي نوٽ ۾ هن طرح پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو هو:

"سنپرندي سال ٿيا. پي پور پڇايم تہ ڪو وڏي پيماني تي رسالو ڪيدان. چوندو هوس تہ هجي سنڌيءَ ۾ ۽ منجهس ڪني بہ هر جنس اچي ٿني. هندو خواه مسلمان، پرش خواه ناري، شهري خواه راهٽي، زميندار خواه ڪمدار ۽ زيردست خواه عملدار جي خيالن کي هڪ ڳنڍکي ۾ ڪنو ڪري سنڌڙيءَ جي شيوا ۾ لڳائڻ جا پيو خواب لهندو هوس. مخزن سان شوق اصل کان اٿم. انگريزيءَ ۾ "ماڊرن رويو"، هنديءَ ۾ "چاند"، "سرسوتي" ۽ "ماڌري" ۽ اڙدو ۾ ."همايون"، "ادبي دنيا" وغيره رسالا بنا رخني جي پيو پڙهندو هوس ۽ اڄا تائين پڙهندو اچان. هر ڪنهن پرانت کي زور ڏسي پنهنجي سنڌڙيءَ جي حالت جي اندر ۾ ڳماءُ اچي ويندو هو ۽ چوندو هوس تہ سنڌ جي ستارن کي چمڪڻ جي وجهہ ڏيڻ لاءِ ڪو ڪارائتو رسالو مڙيوني ڪيندس اڄ اهو سدورو ڏينهن اچي ويو آهي، جڏهن پنهنجي مراد برصواب ڏسي اندر وارو پيو ڦولهارجي ۽ شاد ٿئي. وري جو سڀ ڪنهن سڄڻ دلاسا ۽ آٿت ڏنا آهن تہ هر وقت همراهي ڪندا، تنهن تہ منهنجي اتساه کي ٻيڻو ڪيو آهي. ساڌو واسواڻي تہ ور ور ڪري چيو تہ ايها .مخزن "سنڌو" منهنجي آهي ۽ نہ تنهنجي. برادرم منوهرداس لڏ تہ ٿو ڏني پر لڏائي بہ، تنهن سان شامل اٿس. ڊاڪٽر گربخشاڻي پارن تہ نہ

فقط مدد جو انجام ڪيو آهي، پر ائين به چوڻ ڪيو آهي ته بنا چندي جي مخزن قبول نه ڪبي، پر پئسا ڏيئي پڙهبي. انهن سڀني ۾ ٻين ڪيترن بزرگن، هڪ جيڏن ۾ ٻاٽان ننڊن جي همٿائڻ تي حوصلو رکي هيءُ مهتممي قلم هٿ ۾ ڪنيو اٿم. هي ڪچي لڱين ڪومل بدن "سنڌو" اڄ جنم وٺي سنڌ جي شيوا ۾ پاڻ ارپي ٿو." (٢)

سنڌوءَ جي اشاعت تي سنڌ جو پڙهيل لکيل طبقي ان جو پرپورخيرمقدم ڪيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ ان کي غير معمولي مقبوليت حاصل ٿي. آهستي آهستي هيءُ علمي مخزن سنڌي ادب تي ڇانئجي ويئي (٣). سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سمپادڪ ڏانهن مجتا پتر ۽ آفرين ناما پهچڻ لڳا. مختلف اخبارن ان تي سمالوچنا ڪئي. هن هيٺ اهڙا رايا مختصر طور پيش ڪجن ٿا:

"سنڌو" سنڌيءَ جي شائقن جون بيشڪ سڪون لاهيندي. آءٌ به اهڙي مخزن لاءِ اڪيون پايو وينو هوس ۽ اڄ "سنڌو" ڏسي مس دل ڍاني اٿم. شال سنڌو کي وڏي حياتي نصيب ٿئي." (شيوڪ موٽواڻي)

"سنڌ آبزرور" لکيو ته:

"The first January number of Sindhu received by us a few days back gives promise of supplying a long-felt want of a decent magazine in Sindhi, which will be the medium for focussing the fugitive thoughts of good writers in sindhi. The number is illustrated and the fronst piece is in bright colour. The magazine deserves a wide circulation."

مرزا نادر بيگ لکيو:

"I must congratulate upon sindhu's get up and matter. It is just the kind of thing, which I felt was wanted for a very long time."

"فرنٽيئر گزيٽ " لکي ٿي:

"سنڌو مخزن جو رنگ ڍنگ نرالو، ليک لذيذ ۽ ٻولي سپڪ ۽ سوادي. هرهڪ سنڌ واسي هندو مسلم لاءِ عام طرح ڪارائتي آهي."

"سندر ساهتيه" لکي ٿي:

"سنڌو شاندار ماهياني مخزن نڪرندڙ آهي. ملڪي ۽ سماجڪ مسئلن، صحت، وديا ۽ ٻين هنرن تي عمدا مضمون اٿس. سنڌ واسين کي سنڌو جو قدر ڪرڻ گهرجي. ائين نه ٿئي جو هي منوهر مکڙي قدردانيءَ جي هير بنا ڪومائجي وڃي." (٤)

سنڌو جي سندر اشاعت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ واسي چڏي. ٿوري عرصي اندر رسالو هر گهر ۽ لئبرري ۾ هر پڙهيل ڪڙهيل پرش ۽ ناري جي هٿن تائين پهتو. هرڪو ان کي ساهه سان سانڍيندو رهيو ۽ هر ايندڙ اشاعت جو اوسيئڙو ڪندو رهيو. هڪ سال جي اندر سنڌ ۾ سنڌو جي وڏي شهرت ٿي ويئي. هڪ سال گذرڻ تي ڪوي ڪشنچند بيوس "سنڌو" کي هيئن سراهيو:

تنهنجي هڪ سال ۾ جا صورت تصوير بڻي،
سا نزاڪت ۽ نظاري جي نگاهن ۾ وٺي.
پنهنجي ڪيتيءَ جي تو چانڊاڻ ۾ گوهر پوکيا،
آهه سنڌو جي سخا خاص به ڪيتن سان گهٽي.

تو تصاوير رنگين ساڻ چٽيو پاڻ چٽيو
سون منديءَ ۾ جڙي آه ڇا هيري جي ڪٽي!
تنهنجي مضمون جو هر رنگ طراوت سان ٽمي،
لال رخسار تان خوبين جو پوي خون ڇٽي!
جان تنهنجي مان نوان جوهر ٿيا جلوه نما،
تنهنجي مستڪ تان بکي ماه منور جان مٽي.
آهہ سنڌو جي مثل تنهنجي درياه دلي؛
پنهنجي مقدار ۾ نقصان جي ڳڻ تو نہ ڳٽي.
تو اتر سنڌ ۾ ساهت جو ڪيو مان مٽي،
جا اتر سنڌ، ڏکڻ سنڌ جي پيرن جي پٽي.
جن گهٽي توتي شروع ۾ ٿي ڪئي خنده زني،
تن جي دل ۾ بہ ڪييءَ نيٺ وڃي هنڌ هٽي.
تنهنجي ڪشتي تي ڪري باد مخالف نہ اثر،
سخت طوفان ۾ جهري شال نہ اولي جي اٽي.
ڪنن سنڌءِ زلف پريشان اي بيوس ٿيندو،
آهہ هٿ ڪامل مشاط جي ڦيرڻ لئہ ڦٽي. (۵)

"سنڌو" رسالو سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي واڌاري لاءِ هڪ منظم تحريڪ ٿي اڀريو. ان جو ايڊيٽر مسٽر راجپال هڪ پڙهيل ڪڙهيل ماڻهو هو. هن نہ رڳو سنڌي ادب جي مطالعي تائين پاڻ کي محدود رکيو، پر اردو هندي ۽ انگريزي کان سواءِ مرهٽي ۽ گجراتي ادب جو بہ گهرو مطالعو ڪيو هو. هو "سنڌو" کي پنهنجي ڪمائيءَ جو ذريعو بنائڻ بدران ٻوليءَ جو شيواڌاري ٻڌائي شايع ڪندو هو. مسٽر ٻولچند راجپال "سنڌوءَ" جي اشاعت سان گڏ "اداره سنڌو" پاران سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ جيڪي ڪارائتا ڪم ڪيا، سي اتهاس ۾ امر رهندا. جنوري ۱۹۳۲ع ۾ سنڌو جو پهريون پرچو پڌرو ٿيو تہ آڪٽوبر مهيني ۾ هن شڪارپور ۾ "پهرين سنڌي ساهت سميلن" سڏائڻ جو سڏ ڏنو. پنهنجي انهيءَ سپني کي ساڀياوان بنائڻ لاءِ هو سنڌ جي سڀني اديبن، شاعرن ۽ دانشورن سان رابطو قائم ڪندو رهيو ۽ ڪين سهڪار لاءِ وينتي ڪندو رهيو. سندس ڪوشش آخر رنگ لاتو ۽ "پهرئين سنڌي ساهت سميلن" جي تاريخ مقرر ڪئي وئي. تاريخ مقرر ٿيڻ تي هن "سنڌو" جي فيبروري ۱۹۳۳ع جي انڪ جي مهتمي نوٽ ۾ لکيو:

"اسين گذريل آڪٽوبر (۱۹۳۲ع) کان ڏئيندا آيا آهيون تہ سنڌ ۾ "سنڌي ساهت سميلن" ٿيڻ کپي. هندستان جون ٻيون ٻوليون سنڌيءَ کان گهڻيون اڳتي نڪري ويون آهن ۽ جنهن رفتار سان انهن ٻولين جي انتي ٿيندي رهي ٿي، سا نيٺ ڪين ڪنهن ڏينهن اوج تي آڻيندي ۽ سنڌن ڳڻ دنيا جي مکيہ ٻولين ۾ ڪئي ويندي.

"اسان جي راءِ جي سنڌ جي ڪيترن ودوانن پٺڀرائي ڪئي. اسان پنهنجي دوستن پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي، آغا غلام نبي "صوفي"، ڊاڪٽر ليلاراءِ ڦيرواڻي ۽ پروفيسر تاراچند گاجرا وغيره سان ڪانفرنس جي ڳالهہ چوري، جي صاحب پڻ ان ڳالهہ ۾ متفق راءِ ٿيا تہ ڪانفرنس شڪارپور ۾ ڪوٺائجي. هينئر اسان کي ظاهر

ڊسمبر ١٩٣٧ع




ايڊيٽر:- بولچند وسومل راجپال

قيمت :- ڇهه آنا

چندو چار روپيه

ايسٽر جي ڏينهن ۾ اُپ ڦاٽو. اميدن کان وڌيڪ برسات پيئي. جي سميلن ۾ حاضر هئا، تن دل تي پياس ٻجهائي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سميلن ڏاڍو ڪاميابيءَ سان ختم ٿيو. ان لاءِ اسان شڪارپور نواسين کي خاص طرح ۽ سڄي سنڌ جي هندو مسلم جنتا کي عام طرح مبارڪون ٿا ڏيون.

"هيٺين صاحبن کي اسان مبارڪون ٿا ڏيون ڇاڪاڻ ته ڪانفرنس کي سوڀاري ڪرڻ ۾ سندن وڏو هٿ هو: مسٽر آغا غلام نبي صوفي، ديوان ٺاڪرداس ناگراڻي، پروفيسر تاراچند گاجرا، شيوارام لالا، مسٽر محمد حنيف صديقي، مسٽر گوبند رام ناٿاڻي، مسٽر پوجراج ناگراڻي، پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي ۽ ماستر چترومل گوڪلاڻي. ڪانفرنس ۾جي ٺهراءَ پاس ٿيا، سي مختصراً هيٺ ڏجن ٿا:

١- هن ڪانفرنس جو ٺهراءُ آهي ته ڪانفرنس جي ڪم ڪار ۽ عام طرح سنڌي ساهت جي ڪم ڪار هلائڻ لاءِ هڪڙي دائمي سڀا پڪيءَ طرح شڪارپور ۾ برپا ڪجي، جنهن جو نالو ٿيندو " سنڌي ساهت سڀا" ۽ جنهن جو مقصد ٿيندو سنڌي ساهت جو واڌارو.

٢- مئٽرڪ کان وٺي باقاعدي ايف - اي، انٽر آرٽس ۽ ايم -اي تائين سنڌي پاڙهي وڃي.

٣- انگريزي ڪتابن وانگر نظم جون ڪتابڙيون نثر کان الڳ رکيون وڃن، جن ۾ درج ڪيل نظم شاگردن جي درجي موافق هئڻ گهرجن.

۴- جنهن صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي چالو صورتخطيءَ ۾ ڪيتريون بيقاعدگيون رهجي ويون آهن، جن ۾ ڦير ڦار آڻڻ جي ضرورت آهي، تنهن صورت ۾ ٺهراءُ ٿو ڪجي ته هيٺين صاحبن جي ڪاميٽي مقرر ٿئي. انهيءَ مراد سان ته اهي صاحب ويچار ڪري صورتخطي ۾ جوڳيون درستيون ۽ ضروري ڦير ڦار ڏسين ۽ عمل ۾ آڻڻ لاءِ اُپاءَ ٻڌائين. ١. مسٽر جيٺمل پرسرام گلراجاڻي ٢. مسٽر لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي ٣. مسٽر آغا غلام نبي صوفي، ۴. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ۵. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو.

۵- شاهه لطيف جي رسالي ۾ ڪم آندل لفظ درسي ڪتابن ۾ شامل ڪرڻ، جيئن ٻوليءَ جو ذخيرو وڌيڪ نظر اچي.

٦- سنڌ ۾ ڇپيل ڪتابن جي مڪمل لسٽ تيار ڪرڻ.

٧- جتي جتي سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، اتي اسڪولن ۽ ڪاليجن قائم ڪرڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.

٨- ناٽڪ منڊلين کي عرض ٿو ڪجي ته اهي سنڌي ناٽڪ ڪن ۽ بچيل خرچ مان سنڌي ڪتاب ڇپائين.

تاريخ ١٧ اپريل ١٩٣٣ع تي ڪاروباري ڪاميٽي جي گڏجاڻي ٿي. (٨)

شڪارپور سنڌ ۾ ٿيل هن پهرين "سنڌي ساهت سميلن" لاءِ مسٽر بولچند راجپال جون ڪيل بي لوث خدمتون تاريخ ۾ ڪڏهن به فراموش ٿي نه ٿيون سگهن. سنڌي ساهت سميلن جي اعلان کان اڳ "سنڌو" شيام سنڊر پرنٽنگ پريس لکي در شڪارپور مان ڇپجي پڌرو ٿيندو هو. بعد ۾ مسٽر بولچند راجپال سُک پُل روڊ (شڪارپور) تي پنهنجي "راجپال پرنٽنگ پريس" قائم ڪئي. سنڌو آفيس به ان ئي پريس واريءَ عمارت ۾ آندي ويئي، جتان "سنڌو" پڌرو ٿيندو هو. نومبر ١٩٣٣ع ۾ ساڳي "سنڌو آفيس" ۽ راجپال پرنٽنگ پريس سُک پُل روڊ تان منتقل ڪري لکيدر جي اوپر ۾ پراڻي فوجداريءَ جي سامهون سيٺ نارائڻ سنگهه ٻجاج جي جاءِ ۾ آندي



برليچند وسومل راجپال



ماڌوداس شوالومل



هري درياڻي "دلگير"

ويئي. پنهنجي پريس ۽ ڪاروبار هٿان ڪري راڄپال صاحب ڪتابن جي اشاعت لاءِ "سنڌو ساهتيه منڊل" جي نالي سان هڪ اشاعتي ادارو برپا ڪيو، جنهن جي پاران هو ڪتاب پڻ شايع ڪندو رهيو. شروع ۾ مسٽرشيوارام پاڳچند لالا جو هڪ ڪتاب "ٽالسٽاءِ جون اخلاقي آکاڻيون" شايع ڪيو ويو، جنهن ۾ ٽالسٽاءِ جون رڳو اٺ آکاڻيون شامل ڪيون ويون هيون. جلدئي "ٽالسٽاءِ جو جيون چرتر ۽ آکاڻيون" نالي ٻيو ڪتاب پڻ پڌرو ڪيو ويو، جو به شيوارام لالا جو هو.

ماهوار رسالي "سنڌو" جي ٻن سالن جي اشاعت کان پوءِ ٽئين سال جي پهرين پرچي (جنوري ۱۹۳۴ع) ۾ سمپادڪ پنهنجي مالي گهوٽالي جو ذڪر ڪندي لکيو ته: "سنڌو" جي مالي حالت لاءِ لکڻ کان اسان گهڻو ڪري پٺي نٽايو آهي. "سنڌو" جي بيهڪ، ڇپائي، پنو، ٽرنگيون مورتيون ۽ انيڪ بلاڪ وغيره خرچ جو جنسي فوٽو آهن. سچ ته اٿين آهي ته سنگتين جي چوڻ موجب اسان گهر ڦوڪي ڏياري پٺي ڪيو آهي. پنجويهه مهينا سانده بنا ڪُرڪڻ ڪيٻائڻ جي اڪيلي سر نقصان کي منهن پٺي ڏنو آهي. پر وقت آيو آهي، جڏهن سنڌي جنتا قدم اڳيرو ڪٿي، رسالي جي مالي تنگي دور ڪري. اسان گذريل ٻن سالن اندر قريبن ٽي هزار انهي آهوتي ۾ وڌا آهن." (۹)

مارچ ۱۹۳۵ع کان "سنڌو" رسالو ناميارى مفڪر ۽ تعليمي ماهر پروفيسر شيوارام ڦيرواڻيءَ جي ڪوشش سان سنڌ جي اسڪولن لاءِ منظور ڪيو ويو، جنهن ڪري هرهڪ اسڪول ۾ سنڌو باقاعده پهچڻ لڳو. تعليم کاتي جي اهڙي سهڪار سنڌو ۾ جڻ ساهه وجهي ڇڏيو ۽ سنڌو اڳي کان اڳرو ٿي پيو ان ڪري سنڌو جي هرهڪ اشاعت جي ٽائٽل ڪور تي "تعليم کاتي جي منظور ڪيل سنڌي ۽ انگريزي اسڪولن ۽ ڪاليجن لاءِ" جا لفظ ڇپيل هوندا هئا.

آڪٽوبر ۱۹۳۵ع تائين "سنڌو" شڪارپور مان شايع ٿيندو رهيو ۽ پوءِ ان کي "ميان جي ڳوٺ" (تعلقي شڪارپور) منتقل ڪيو ويو. آڪٽوبر ۱۹۳۵ع جي پرچي جو مهتممي نوٽ ٽي "شڪارپور سان الوداع" جي سري هيٺ لکيو ويو هو:

"چار سال ٿيا ته "سنڌو" ڪيڻ جي ارادي سان شڪارپور ۾ پير پاتم. نه مال ملڪيت، نه سنگتي نه ساٿي هوندي به شڪارپور ۾ آيس، سو قسمت جو ڪيل سمجهڻ گهرجي. انهن چئن سالن اندر شڪارپور نواسين، جنهن سڪ ۽ پريم سان ورتاءُ ڪيو، سو وسرڻ جو نه آهي. جيسين زندگي آهي، تيسين سندن اها مهرباني نه وسرندي. انسان حالتن جي هٿ وس آهي. هن وقت ملڪي حالتن ۾ ڦيري اچڻ سبب اٿين پيو وسهڻ ۾ اچي ته شڪارپور ڇڏڻ ۾ ئي فائدو آهي. ڪيتري قدر پنهنجو خيال صحيح آهي، سو ايندڙ وقت ئي ثابت ڪندو. شڪارپور ڇڏي وڃڻ جي ارادي ڪرڻ ڪري، ڪيترن سڄڻن کي ڏک ٿيو آهي. ۱۵ آڪٽوبر ۱۹۳۵ع ڌاري پريس شڪارپور مان ڪڇي "ميان جي ڳوٺ" تعلقي شڪارپور ۾ ويندي، جتان ئي آئينده سنڌو مخزن نڪرندي رهندي." (۱۰)

"سنڌو" رسالي جي سنڌ اشاعت ۽ بي مثال ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ ڪراچي ۾ ڪوٺايل جون ۱۹۳۶ع واري "ساهتيه ڪانفرنس" ۾ "سنڌو" جي سمپادڪ بولچند راڄپال کي شاباس ۽ مبارڪون ڏنيون ويون. اها ساهتيه ڪانفرنس مسٽر محمد صديق ميمڻ جي صدارت ۾ ٿي هئي. "سنڌو" مئي ۱۹۳۹ع تائين ڪل ٽي سال ۽ ست مهينا ميان جي ڳوٺ مان شايع ٿيڻ کان پوءِ جيڪب آباد منتقل ڪيو ويو. جيڪب آباد ۾

"راجپال پرنٽنگ پريس" جو نالو مٽائي "پارٽ پرنٽنگ پريس" رکيو ويو. جيڪب آباد منتقليءَ سبب "سنڌو" جي اشاعت ۾ ڪجهه ڏينهن جو وقفو پئجي ويو، جنهن ڪري جون، جولاءِ ۽ آگسٽ ١٩٣٩ع جو گڏيل پرچو نڪتو. ٽن مهينن جو گڏيل اهو پرچو، جيڪب آباد مان شايع ٿيل سنڌو جو پهريون پرچو هو. ميان جي ڳوٺ کان جيڪب آباد منتقليءَ جو سبب ڄاڻائيندي بولچند راجپال لکيو هو ته: "سخت گهرو مجبورين ۽ پاءُ جي ديهانت سبب سنڌو آفيس ۽ پريس جيڪب آباد آندي ويئي آهي." (١١) ساڳئي سال ١٩٣٩ع جي آڪٽوبر مهيني ۾ جيڪب آباد جو نوجوان ليکڪ ماڌو داس شوالو مل "سنڌو" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. مسٽر ماڌو داس شوالي مل جي مقرريءَ تي بولچند راجپال سرهائيءَ جو اظهار ڪندي لکيو آهي ته "سنڌو" جي ايڊيٽريءَ جو بوجو جنوري ١٩٣٢ع کان سيپٽمبر ١٩٣٩ع تائين اڪيلي سر کڻڻ بعد هينئر مون سان پاءُ ماڌو داس شوالو مل جيڪب آباد نواسي شامل ٿيو آهي. پنهنجي گهرو لاچارين ۽ مجبورين ۽ مشغولين سبب اڪيلي سر "سنڌو" جو ڪاروبار هلائڻ منهنجي لاءِ هڪ ڏکي ڳالهه ٿي پيئي. اهڙي وقت پاءُ ماڌو داس جي سنڌو جي ايڊيٽري بوجي ۾ مدد هڪ آب حيات جي مثل آهي. هن پريتم نه فقط لکڻ ۽ سنڌو سنڀالڻ جو بار کنيو آهي، پر سنڌو جي ڪوٽ ۾ پڻ پاڳي پاڻي ٿيڻ قبوليو اٿس. اهڙي تن من ۽ ڌن جي نشڪام شيوا لاءِ مان سندس شڪر گذار آهيان. (١٢)

آڪٽوبر ١٩٣٩ع ۾ "سنڌو" سان گڏ "سنڌو ساهتيه منڊل" ۽ ٻين ڪتابن جي وڪري لاءِ سنڌو آفيس پرسان "پارٽ بوڪ ڊيپو" پڻ کوليو ويو. جيڪب آباد ۾ "سنڌو" اهڙي ئي رنگ ڍنگ سان شايع ٿيندو رهيو، جهڙيءَ طرح اهو اڳ شڪارپور ۽ ميان جي ڳوٺ مان نڪرندو هو. جيڪب آباد ۾ اداره سنڌو ۾ انتظامي لحاظ کان تبديلي آئي، ڇاڪاڻ جو مسٽر ماڌو داس شوالي مل جي اچڻ ڪري مسٽر بولچند راجپال کي وڏي هٿي ملي. هو دلجمعيءَ سان پنهنجي زميناري ڪمن ۾ بهرو وٺڻ لڳو.

سال ١٩٤٢ع سنڌو جي تاريخ جو اهم سال آهي. جنوري ١٩٤٢ع ۾ نوجوان ڪوي هري دريائي دلگير به "سنڌو" جو ٻيون ايڊيٽر مقرر ٿيو. مسٽر هري دريائي جي اچڻ تي اداره "سنڌو" ۾ سرهائي آئي، جنهن جو اظهار هيئن ڪيو ويو: "مسٽر هري دريائي (دلگير) سنڌ جي پرسڌ شاعر کي ڪير نه سڃاڻي؟ اڄ هن پنهنجي دلڪش شعرن ۽ مٺڙ ترانن سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ غلغلو پيش ڪيو آهي. "سنڌو" سان هميشه سندس خاص دلچسپي پئي رهي آهي. اهڙو ڪو ڇپيو پرچو هوندو، جنهن ۾ هن جو نظم درج ٿيل نه هوندو. اسان کي هاڻ ظاهر ڪندي بلڪل خوشي ٿي ٿئي ته هن نوجوان دوست "سنڌو" جي نظمي پاڱ (Section) جو ايڊيٽر ٿي، سنڌي ساهتيه جي خدمت ڪرڻ ۽ سنڌو جي سوپيا سرس ڪرڻ جو بار پاڻ تي هموار ڪيو آهي." (١٣)

جنوري ١٩٤٢ع ۾ "سنڌو ساهت منڊل" جو نئون جوڙجڪ عمل ۾ آيو، جنهن کي اداري پاران هيئن ظاهر ڪيو ويو: "سنڌو پنهنجا سڪ جا ڏهه سال گذاري يارهين ۾ پير پاتو آهي. انهيءَ عرصي ۾ تن ۽ من جي تڪليف کان سواءِ ڪيترو نه ڌن ان تي خرچ ٿيو آهي. انهيءَ خرچ ۽ ڪوٽ جي پورائي لاءِ پبلڪ کان ڪارو پئسو به ڪونه ورتو ويو آهي. سمورو خرچ ڪارپردازن، خاص ڪري مسٽر بولچند راجپال پئي پريو آهي. هاڻي پهرين جنوري ١٩٤٢ع کان هڪ امانتي بورڊ ٺاهيو ويو آهي، جنهن کي "پارٽ پريس" ۽ "سنڌو" سپرد ڪيل آهن. پارٽ پريس جو سامان، جنهن ۾ مسٽر بولچند راجپال جي اوائلي ڏنل سامان کان سواءِ گذريل ادائي سالن ۾ ڏيڍ هزار روپين جو وڌيڪ سامان پريس جي فائدي مان ورتل آهي. سنڌو فنڊ ۾ اٽڪل ١٥٠٠ روپيه ڪوٽ آهي، جنهن ۾ مسٽر بولچند راجپال ۽ مسٽر ماڌو داس شوالو مل هر هڪ ٥٠٠ روپيه ڏيئي چڪا آهن، باقي ڪوٽ به پري

سنڌو کي ڪوٽ کان آجو ڪري نئين بورڊ کي ڏنل آهي. انهي بورڊ جو چيئرمن مسٽر بولچند راجپال رهندو ۽ سيڪريٽري مسٽر ماڌو داس. بورڊ جي ميمبرشپ مڪمل ڪرڻ بعد هڪ امانت ٽرسٽ جو مسودو تيار ڪري رجسٽر ڪرايو ويندو. وڌيڪ قاعدا اهو بورڊ ناهيندو. جنهن جا مقصد هيٺينءَ ريت ٿيندا:

١- سنڌو رسالو هلائڻ.

٢- سنڌ جي جدا جدا ليکڪن جا دستخط هٿ ڪري ڇپائڻ.

٣- پريس کي وڌائي اعليٰ پيماني تي آڻڻ.

٤- سنڌي ساهت جي ترقيءَ لاءِ سڀ ممڪن اپاءُ اختيار ڪرڻ.

٥- قومي شڪتين جي واڌاري ۽ پنگتي نظام جي بهتريءَ جي خيال کان ڪي به رسالا يا اخبارون ڪيڻ.

اهي صاحب جي ٣٠٠ ٽي سئو روپيه منڊل کي ڏين، تن کي مربي (Patron) سمجهيو ويندو ۽ جيڪي صاحب ١٠٠ هڪ سئو روپيه منڊل کي ڏين، تن کي حياتيءَ پر ميمبر سمجهيو ويندو. (١٤)

اڳتي هلي "سنڌو ساهت منڊل" جي تاحيات ميمبرن جا نالا ظاهر ڪيا ويا، جي هن ريت آهن:

١- مسٽر بولچند وسومل راجپال، جيڪب آباد ٢- مسٽر شيوارام ڀاڳچند لالا، جيڪب آباد ٣- مسٽر ماڌوداس شوالومل، جيڪب آباد ٤-مسٽر رحيم بخش خان ولد خان بهادر الهه بخش جيڪب آباد ٥- ڊاڪٽر دولترام چنومل ڀاٽيا، جيڪب آباد ٦- پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي، شڪارپور ٧- مسٽر ڪشن سنگهه حشمت سنگهه دوداڻي وڪيل، جيڪب آباد ٨- مسٽر موتيرام آڏواڻي، منيجنگ ڊئريڪٽر پاور هائوس جيڪب آباد ٩- ڊاڪٽر ڪشنچند، شڪارپور ١٠- پروفيسر ڀوڄراج هوتچند ناگراڻي، شڪارپور ١١- مسٽر منوهرداس ڪوڙومل ڪلناڻي، ڪراچي ١٢- ڌرمداس ريلومل ڪتري، پرنسپال ماڊل هاءِ اسڪول، سکر. (١٥)

"سنڌو ساهت منڊل" لاءِ مسٽر راجپال جيڪو امانت جو مسودو (Trust deed) لکي ڏنو، سو سنڌو جي پانڪن لاءِ پڻ آگسٽ ١٩٤٢ع ۾ ٽرسٽي نامو جي عنوان هيٺ پڌرو ڪيو ويو، جنهن جو مختصر متن هن طرح آهي:

"اقرار ٿو ڪريان ۽ لکي ٿو ڏيان ساڻ هوش عقل پنهنجي مان سيٺ بولچند ولد وسومل عمر اٽڪل ٣٨ ورهيه هندو ذات راجپال ڪم زمينداري وينل اصل ميان جو ڳوٺ تعلق شڪارپور حال رهگذر جيڪب آباد ۾ جنهن مان اقراري سال ١٩٣٩ع جي جولاءِ مهيني ۾ پريس ۽ سنڌو آفيس شهر جيڪب آباد ۾ آندي ۽ جاري ڪئي ۽ پريس جو نالو اصلوڪي "راجپال پريس" مان ڦيرائي "ڀارت پريس" رکيم، ڇاڪاڻ جو جيڪب آباد ۾ اچڻ وقت مون اهو پڪو خيال ڪري ڇڏيو هو ته اها پريس منهنجي شخصي ملڪيت ٿي ڪين رهندي، مگر جلد پبلڪ ٽرسٽ ڪري سپرد ڪندس. انهيءَ ڪري مون پريس جو نالو "ڀارت پريس" رکيو ۽ اڍائي سالن جي عرصي ۾ يعني ٣١ ڊسمبر ١٩٤١ع تائين اها "ڀارت پريس" جي نالي سان هلندي آئي آهي. "سنڌو آفيس" تي شخصي نالو ڪونه هو تنهن ڪري اها ساڳي "سنڌو آفيس" جي نالي سڏجي ٿي. پريس جو سامان ۽ سموري ملڪيت/٣١١٠ روپين جي آهي، سا تاريخ پهرين جنوري ١٩٤٢ع کان وٺي "سنڌو" ٽرسٽ بورڊ جي حوالي ڪئي اٿم. ٢ جنوري ١٩٤٢ع کان وٺي مان اقراري يا منهنجي وارثن جو ڪوبه حق واسطو مٿي ڄاڻايل سموري ملڪيت سان ڪونه رهي ۽ نه رهندو. اها ملڪيت سنڌو ساهت منڊل جي ٿي چڪي. ان پٽڙاني ڪان پوءِ مان لکي ٿو ڏيان ته "سنڌو" يا ڀارت پريس تي منهنجو ڪوبه حق ڪين آهي ۽ نه رهندو. اهڙيءَ طرح منهنجي وارثن يا ٻني ڪنهن به ماڻهوءَ جو

حق واسطو يا دعويٰ دخل نہ رهندو. "سنڌو ساهتيہ منڊل" ان مقصد جو پابند رهندو تہ ان جو پروگرام سنڌي ٻولي جي ترقي رهي ۽ سنڌو ساهت منڊل هڪ ادبي سوسائٽي ٿي رهي، جنهن جو سياست سان ڪوبہ واسطو نہ رهي. ۽ پروگرام ۾ ڪوبہ فرقي وار خيال نہ رکي ۽ قومي ذرشٽي سان سنڌي علم و ادب جي شيوا ڪندي رهي. ٻولچند وسومل راجپال." (١٦)

جون ١٩٤٢ع ۾ مسٽر هري درياني دلگير اوورسيئر جي نوڪري ملڻ ڪري ايڊيٽوريل بورڊ تان دستبردار ٿي ويو ۽ ١٦ آگسٽ ١٩٤٢ع تي مسٽر ماڌو داس شوالو مل جيڪب آباد ۾ تقرير ڪندي گرفتار ڪيو ويو. ڪيس اڍائي سال جيل ۽ پنج سؤ روپيہ ڏنڊ جي سزا ڀوڳڻي پيئي. انهن ٻنهي ساٿين جي عدم موجودگيءَ سبب وري مسٽر ٻولچند وسومل راجپال اڪيلو رهجي ويو. هڪ طرف هو اڪيلائيءَ جر ڪري اپاٽڪو ٿيو تہ ٻئي طرف ملڪي حالتن ۽ سنڌ ۾ آيل ٻوڏن ڪري ڪيس ڪافي دشواري درپيش آئي. هن زماني ۾ مخزن جو ظاهري ۽ باطني شان گهٽبو ويو. ڪاغذ جي گراني ڪري ان جي ضخامت ۾ بہ ڪمي ٿيندي ويئي. اهوئي سبب هو جو مسٽر ٻولچند راجپال پهرين مئي ١٩٤٣ع تي "سنڌو ساهت منڊل" جي سموري آفيس پريس سميت جيڪب آباد کان وٺي ميان جي ڳوٺ ڪٺي آيو. ميان جي ڳوٺ ۾ بہ "سنڌو" "ٽرسٽ بورڊ" جي حوالي رهيو ۽ ٢٣-اپريل ١٩٤٤ع تي ميان جي ڳوٺ ۾ "سنڌو ساهتيہ منڊل" جي آفيس ۾ منڊل جي پهرين ميٽنگ سڏائي ويئي، جنهن ۾ مسٽر ٻولچند راجپال کي ٣١ ڊسمبر ١٩٤٦ع تائين ٽرسٽ بورڊ جو چيئرمن چونڊيو ويو ۽ مسٽر ڏرمداس ڪنٽري کي ١٩٤٤ع لاءِ ٽرسٽ بورڊ جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. ان پهرين ميڙ ۾ اهو بہ طئہ ڪيو ويو تہ بورڊ جي هر ميمبر کي ٻہ مهيني چاليهہ روپيہ پگهار ڏيڻ ۾ ايندو. هر سال جنوري مهيني ۾ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ "سنڌو" جي ليکڪن، ميمبرن ۽ گراهڪن جا جلسا ڪيا وڃن. هرهڪ شهر ۾ "سنڌو ساهت ڪلب" کولجي، جنهن جي سماري هيٺ مها پرشن جا ڏهاڙا ملهايا وڃن ۽ ساهت تي ليڪچر ڪرايا وڃن. ياد رهي تہ "سنڌو ساهت منڊل" جو اهو پهريون ميڙ مسٽر منوهر داس ڪلناڻي جي صدارت ۾ ٿيو هو (١٨). تاريخ ٨- اپريل ١٩٤٥ع تي "سنڌو ساهت منڊل" جو ٻيو ميڙ جيڪب آباد ۾ ٿيو، جنهن ۾ اهو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو تہ "پارت پريس" بند ڪري "سنڌو آفيس" شڪارپور ۾ کولجي (١٩)، مگر اڳتي هلي بورڊ کي ان ٺهراءُ تان دستبردار ٿيڻو پيو. آڪٽوبر ١٩٤٦ع جي اشاعت ۾ اهو ظاهر ڪيو ويو تہ جنوري ١٩٤٧ع کان وٺي "سنڌو" هڪ ننڍڙي ڳوٺ "ميان جي ڳوٺ" بجاءِ ڪراچي مان شايع ٿيندو. ساڳئي پرچي ۾ سنڌو جي سياپتي ۽ سمپادڪ ٻولچند وسومل راجپال "سنڌو" جي سمپادڪ جي قلمدان ڇڏڻ جو فيصلو ڪري، اهڙي پترائي ڪئي هئي. ڇو تہ هو گهرو مجبورين سبب "ميان جو ڳوٺ" ڇڏي ڪراچي وڃڻ لاءِ تيار نہ هو. ٢٠ ڊسمبر ١٩٤٦ع جو آخري پرچو مسٽر ٻولچند وسومل راجپال جي مهتممي ۾ ميان جي ڳوٺ مان پڌرو ٿيو.

جنوري ١٩٤٧ع کان "سنڌو" مسٽر ماڌو داس شوالومل جي ايڊيٽريءَ ۾ ڪراچي جي "جنتا پرنٽنگ پريس فريئر روڊ" مان ڇپجي، "سنڌو ٽرسٽ بورڊ آفيس فريئر روڊ ڪراچي" مان پڌرو ٿيو. ڪراچي ۾ "سنڌو" جولاءِ - آگسٽ ١٩٤٧ع تائين شايع ٿيو ۽ ملڪي ورهاڱي ٿيڻ کان پوءِ اهو بند ٿي ويو.

سنڌو رسالي جي مٿينءَ ڪٿا کان پوءِ ان جي غير فاني علمي ادبي خدمتن لاءِ ائين لکڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ آهي تہ سنڌ جي علمي ذخيري ۾ سنڌو وڏو واڌارو آندو. سنڌي ٻولي جي ادبي تاريخ "سنڌو" جي ذڪر کان سواءِ اڌوري ۽ اڻپوري ٿيندي. پهرين جنگ عظيم کان پوءِ ادبي دنيا ۾ آيل مانار کي سنڌو روان دوان بنايو. "سنڌو"

اهو واحد ۽ وسيع رسالو هو جو پنهنجي علمي دامن ۾ شعرو شاعري، تاريخ، تحقيق، تنقيد، سفرنامي، ڊراما نگاري ۽ افسانہ نگاري جهڙين صنفن کي سماني سنڌ واسين آڏو اچي عيان ٿيندو هو. سن ١٩٣٢ع کان ١٩٤٧ع تائين سنڌو، ساهت جي سنسار ۾ سورج جيان چمڪندو ۽ روشني پکيڙيندو رهيو. پنڌرهن سالن جي عرصي ۾ ان ادب جي پيڙهہ پڪي ڪري ڇڏي. سنڌي ادب جون ڪيتريون ئي جديد صنفون سنڌو جي صفحن ۾ جنم وٺي وڌيون ۽ ويجهيون. "سنڌو" ۾ لکندڙن جي فهرست تمام طويل آهي، جن مان چند مستقل ليکڪ هئا: ساڌو واسواڻي، هوندراج "دکايل" ، ڏيوڻداس "آزاد" ، منوهرداس ڪوڙومل، پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي، جهامنداس ڀاٽيہ، پروفيسر نارائنداس ملڪاڻي، مرزا نادر بيگ، شيوارام لالا، ڪشنچند "بيوس" ، ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي، روچيرام سڌاڻي، سوڀراج نرملداس "فاني" ، مولچند نکر، اڏارام آسراڻي، ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي، آسانند مامتورا، بولچند راجپال، شيوڪ موٽواڻي، ڪيئلداس وليرام بيگواڻي "فاني" ، حشمتراء ملڪاڻي، عبدالله "عبد" ، ڄيٺمل ناگراڻي، تاراچند "ڦٽيل" ، امر هنگوراڻي، لطف الله "جوڳي" بدوي، عبدالڪريم "گدائي" ، هرومل سدارنگاڻي، آغا غلام نبي "صوفي" ، پروفيسر تاراچند گاجرا، "پتنگ" ، لالسنگهہ اجواڻي، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي، غلام قادر "قيس" ، هزاري مل "سڪايل" ، چاندومل کتري، محمد حنيف صديقي، محمد امين ڪوسو، پيرومل آڏواڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، وشنو گيهاڻي، ڪڙڪپيتو، محمد صديق ميمڻ، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، نانڪرام ميرچنداڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، هيرانند ڪرمچند، مولانا عبدالڪريم چشتي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، عباسي عبدالمجيد "عابد" ، پرسرام شهاڻي، فقير غلام علي "مسرور" ، قادر بخش "حقير" ، ليکراج "عزيز" ، گدومل هرجاڻي، خاوند بخش "اختر" ، آخوند رسول بخش، مولائي شيدائي، حبيب الله " آزاد" ، پرسرام "رنجور" حقنواز مغل، مرلي گوڪلاڻي، لعل بخش ابڙو، آتمارام ڪتاريا، محمد عظيم سميجو، سوڀوگيانچنداڻي،شيخ ساز علي "ساز" ، احسان بدوي، حبيب الله ڀٽو، لالچند امر ڏنومل جڳتياڻي، سيد بچل شاه، علي اڪبر ميمڻ، برڪت علي "آزاد" ، چاڃيلعل آهوجا، ديوت شرما، ڪيمو هميراجاڻي، محمد شعبان لاڙڪ، هري درياني، بدر دريشاڻي، شيخ مبارڪ علي "اياز" ، ع-ق-شيخ، نانڪرام ميرچنداڻي، لڇمڻ هميراجاڻي وليچا، گوبند مالهي، لعل محمد "لعل" ، محمد نعيم "وجدي" صديقي، چوٿرام وليچا، سگن آهوجا، پوجراج ناگراڻي، قلندر بخش "نثار" وغيره.

سنڌو ۾ شايع ٿيل مضمون موضوع جي لحاظ کان نهايت سنجيده هئا ۽ انهن سان گڏ تصويرن چار چند لڳائي ڇڏيا. سنڌو جي ذريعي سنڌ ۾ تحقيق ۽ سائنٽيفڪ مضمونن لکڻ جي ابتدا ٿي ۽ بتدريج لکڻ وارن، قديم لکڻ جي طرز کي ڇڏي، جديد اسلوب بيان کي اختيار ڪيو. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ "سنڌو" رسالي جي جاري ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ تنقيدي مضمونن لکڻ جي علمي طاقت پيدا ٿي ۽ سنڌي نثر ۾ انقلاب آيو. (٢١) راجپال صاحب نوجوان ليکڪن جا بہ ادبي مضمون شايع ڪري کين همٿائيندو هو، جن مان ڪيترائي معياري مضمون هئا. (٢٢). علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي صاحب سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي ابتدائي دؤر تي مفيد مقالا سنڌو ۾ لکيا. سندس ڪجهہ مقالا هئا: "سنڌي شاعر ۽ سنڌن شعر" (مارچ ١٩٣٤ع)، "قديم سنڌي نثر" (آگسٽ ١٩٣٤ع)، "قاضي قاضن جا همعصر شاعر" (جنوري ١٩٣٥ع)، "سنڌي لغت تي رايا" (ڊسمبر ١٩٣٥ع)، "برٽن صاحب جي سنڌي ساهتيہ تي نظر" (جنوري ١٩٣٦ع). محمد صديق ميمڻ صاحب پڻ ادب ۽ شاعريءَ تي تحقيق ڪئي. سندس اهم مضمون هئا: "سنڌ جو جهونو نج شعر" (ڊسمبر ١٩٣٤ع) ۽ "قاضي

قاضن جا بيت" (نومبر ١٩٣٥ع). حڪيم فتح محمد سيوهاڻي صاحب جا مضمون "سھڻي ۽ سلوڻي سنڌي" (ڊسمبر ١٩٣٤ع)، "سنڌي ۾ نثر ۽ نظم" (جنوري ١٩٣٦ع) ۽ "سنڌي ٻولي دنيا جي سٺريل ٻولين مان هڪ آهي" (جون ١٩٣٦ع) مضمون چيڀل آهن. پير علي محمد راشدي صاحب "سکر ۾ جنگيون" جي عنوان هيٺ تحقيق پيش ڪئي. سندس مقالا قسطوار شايع ٿيا: (جون ١٩٣٥ع، سيپٽمبر ١٩٣٥ع، آڪٽوبر ١٩٣٥ع، مارچ ١٩٣٦ع ۽ جون ١٩٣٦ع). پير صاحب جو هڪ مضمون "سنڌ جي انارڪلي" (مارچ ١٩٣٣ع) جي عنوان هيٺ پڻ شايع ٿيو. "سنڌو" جو اهم ترين مضمون نگار پيرومل مهر چند آڏواڻي هو، جنهن جا هر قسم جا ادبي، تعليمي، تاريخي ۽ پنگتي وغيره ليک شايع ٿيا، جي گهڻي ڪوڄنا جو نتيجو هئا. سندس اڪثر مضمون ٽن چئن قسطن ۾ پورا ٿيندا هئا. انهن مان مکيه هئا: "شاهه لطيف جا سير" (مارچ ١٩٤٠ع ۽ نومبر ١٩٤١ع)، "مخدوم قلندر لعل شهباز" (جون ١٩٣٧ع) "ڊاڪٽر گربخشاڻي وارو رسالو" (تنقيد) (مارچ، اپريل، مئي، جون، جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر ١٩٣٨ع)، "ڪاهوءَ جو دڙو" (آڪٽوبر ١٩٣٨ع)، "ٻولي ۽ تهذيب" (جنوري ١٩٣٤ع)، "تاريخن ۾ غلطيون" (فيبروري ١٩٣٤ع)، " سنسڪرت ۽ ديوناگري بابت ويچار" (جنوري ۽ فيبروري ١٩٤٥ع)، "نئين سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون" (مارچ، اپريل، جون، نومبر ١٩٤٥ع ۽ مارچ ١٩٤٦ع)، "ميان جا قبا" (آڪٽوبر ١٩٤٦ع)، "حيدرآباد جا هاءِ اسڪول" (آڪٽوبر ۽ نومبر ١٩٤٦ع). (٢٣). لطف الله بدوي صاحب جا "مير مراد علي خان" (اپريل ١٩٣٥ع)، "مير علي نواز علوي" (آگسٽ ١٩٣٦ع ۽ "حمل لغاري" (فيبروري ١٩٣٧ع) اهم مضمون هئا. شيخ ساز علي "ساز" جي تنقيدي مضمونن ۾ "سنڌ جا اڳوڻا شاعر" (آڪٽوبر ١٩٣٦ع)، "سنڌ جا زنده شاعر" (مئي ١٩٣٧ع) ۽ "سنڌ جا آئنده جا شاعر" (جون ١٩٣٧ع) وغيره شايع ٿيل آهن.

مٿين ليکڪن جي مضمونن کان علاوه ٻين ڪيترن ئي اديبن جا مفيد ۽ ڪارائتا مضمون شايع ٿيا، جهڙوڪ ميرن جي ڏينهن ۾ ڍلن جو سرشتو: نارائڻداس ملڪاڻي (فيبروري ١٩٣٢ع)، هندستان جا قديم عجائبات: علي اڪبر ميمڻ (فيبروري ١٩٣٢ع)، ناٽڪ بابت ڪي ويچار: نرملداس گربخشاڻي (جون ١٩٣٢ع)، سنڌي نثر تي نظر: ڏيارام مير چنداڻي (آگسٽ ١٩٣٤ع)، سنڌي ٻولي جو ابتدائي احوال: پهلاج راءِ ليلارام (نومبر ١٩٣٢ع)، سنڌي شاعرن جي حسن پرستي: مولچند نڪر (فيبروري ١٩٣٧ع)، سنڌي ٻولي: نارائڻداس ملڪاڻي (اپريل ١٩٣٧ع)، بيدل جو پارسي ڪلام: ڪلياڻ آڏواڻي (آگسٽ - ١٩٤٠ع)، ساهتيه ڇا آهي ۽ ان کي ڪيئن زور وٺائجي: شيوارام ڦيراواڻي (مئي ١٩٣٥ع)، شاهه جي سنڌي: ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي (جولاءِ ١٩٣٨ع)، ادب ۽ زندگي: برڪت علي آزاد (اپريل ١٩٤٢ع)، سنڌ جو علم ادب: قربان علي نقشبندي (ڊسمبر ١٩٤٢ع)، سنسڪرت جي اڀياس جي ضرورت: ڪوڏومل نوتاڻي (مارچ ١٩٤٣ع)، سنڌ جي تاريخ: مولائي شيدائي (مئي ۽ جون ١٩٤٣ع)، برهمڻ آباد جو شهر ڪيئن ناس ٿيو: مهراج دوارڪاداس شرما (سيپٽمبر ١٩٤٣ع)، سنڌي ساهتيه کي سر: روچيرام سڏاڻي (سيپٽمبر ١٩٤٤ع)، سنڌي ترجمي جا ڪي اصول: پروفيسر منگهارام ملڪاڻي (فيبروري ١٩٤٤ع)، سچل: آسانند مامتورا (فيبروري ١٩٤٤ع)، بلوچن جون گجرات تي ڪاهون: مولائي شيدائي (مارچ ٩٩٤٤ع)، حقيقي ناٽڪ جا مکيه متا: پروفيسر منگهارام ملڪاڻي (اپريل ١٩٤٤ع)، بلوچستان جا سوراشٽر سان تعلقات: مولائي شيدائي (مئي ١٩٤٤ع)، سامي جي سلوڪن ۾ تشبيهون: ڪلياڻ آڏواڻي (مئي ١٩٤٤ع ۽ جون ١٩٤٤ع) سنڌي صنايع و بدايع: ڄاڄيلعل آهوڄا (جون

۱۹۴۵ع)، مرزا قليچ بيگ: پيرومل آڏواڻي (جولاءِ ۽ آگسٽ ۱۹۴۵ع)، پيرومل جي سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون: پوجراج ناگراڻي (سيپٽمبر ۱۹۴۵ع)، اعرابن بابت منهنجا ڪي ويچار: منگهارام ملڪاڻي (ڊسمبر ۱۹۴۵ع)، سنڌي شاعرن جو هندي ڪلام: ڪلياڻ آڏواڻي (مارچ ۱۹۴۶ع)، شاهه صاحب تي ڪبير جو اثر: ديودت شرما (مئي ۱۹۴۵ع)، سنڌي تنقيد جي اوسر: منگهارام ملڪاڻي (جون ۽ جولاءِ ۱۹۴۶ع)، سنڌو جي قديم سڀيتا: ڪيمون هميراڻي (جولاءِ ۱۹۴۶ع)، سنڌي ساهتيه جا ٽيهه سال: نارائڻداس ڀمڀاڻي (جولاءِ ۱۹۴۶ع)، هندستان ۾ نئين جاڳرتا ۽ سنڌي ساهتيه: لالسنگهه اجواڻي (آڪٽوبر ۱۹۴۶ع)، مڪران: مولائي شيدائي (فيبروري ۱۹۴۶ع)، زناني تعليم: قلندر بخش نثار (ڊسمبر ۱۹۴۶ع)، وغيره. سير ۽ سفر متعلق لکيل مضمونن ۾ سملي جو سفر: منوهرداس ڪوڙومل (جنوري ۱۹۳۲ع)، موهن جي دڙي جو سير: هوتچند روچيرام (فيبروري ۱۹۳۲ع)، حج جي زيارت: مولانا عبدالڪريم چشتي (ڊسمبر ۱۹۳۲ع)، سير جا ٽي ڏينهن: بولچند راجپال (اپريل ۱۹۳۷ع) ۽ مان ولايت ۾ ڇا ڏٺو: شيام لعل (فيبروري ۱۹۳۸ع).

مضمونن ۽ مقالن کان سواءِ "سنڌو" رسالي ڪهاڻي ۽ افساني کي به اوج ڏنو. افسانو "سنڌو" جي شروع ٿيڻ کان اڳ سنڌي زبان ۾ ورلي لکيو ويندو هو. (۲۴) عيسوي صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ اصلوڪن سنڌي افسانن کي جنهن رسالي زور وٺايو، سو هو ماهوار رسالو "سنڌو". هن رسالي جو سمورو مواد نئين طرح تي هو ۽ افسانا پڻ هن ۾ اڳي کان وڌيڪ سنواريل صورت ۾ نظر آيا. تنهن ڪري سنڌو کي بلاشبہ پهريون نئين طرز جو سنڌي رسالو چئي سگهجي ٿو، (۲۵). جنهن سنڌ ۾ افسانہ نگاريءَ کي گهڻو فروغ ڏنو ۽ افساني کي صحيح معنيٰ ۾ پيش ڪرڻ جون ڪامياب ڪوششون شروع ٿي ويون (۲۶). ان سلسلي ۾ جن ليکڪن گهڻو لکيو، انهن ۾ مرزا نادر بيگ، عبدالله "عبد"، لطف الله بدوي، شيوارام لالا، محمد عظيم سميجو، آسانند مامتورا، گوبند مالهي، سگڻ آهوجا، ليلا رام ڦيرواڻي، شيخ اياز ۽ ع- ق - شيخ قابل قدر آهن.

سنڌو رسالي جي ڪجهه ڪهاڻين ۽ افسانن جي چونڊ هن طرح آهي. موهني: مرزا نادر بيگ (مارچ ۽ اپريل ۱۹۳۲ع)، مزيدار پل: عبدالله "عبد" (مئي ۱۹۳۲ع)، خوني ڳوڙها: پريو چڳاڻي (مئي ۱۹۳۲ع)، پريڪشا: ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي (مئي ۱۹۳۲ع)، گهر جي چڪ: مرزا نادر بيگ (نومبر ۱۹۳۲ع)، پاڄاڻي جي مضمون نويسي (ڊسمبر ۱۹۳۲ع)، موم بتي: شيوارام لالا (نومبر ۱۹۳۲ع)، اڇوت: مرزا نادر بيگ (مارچ ۱۹۳۳ع)، ڏني مڪياري: نادر بيگ مرزا (اپريل ۱۹۳۳ع)، اپرادي ڪير؟ ڪيئلداس فاني (جنوري ۱۹۳۴ع)، محبت جي قرباني: محمد شعبان لاڙڪ (مارچ ۱۹۳۷ع)، پهاڄ جو پير: محمد عظيم سميجو (مارچ ۱۹۳۷ع)، سچو پيار: ٺاڪر نيپراج (اپريل ۱۹۳۸ع)، رابيلي چمن: هري دلگير (جون ۱۹۳۸ع)، نو ورنيءَ جو ويس: آسانند مامتورا (جون ۱۹۴۲ع)، شاعر جي چونڊ: روپ رنگواڻي (سيپٽمبر ۱۹۴۲ع)، دل جي پياس: بدر دريشاڻي (آڪٽوبر ۱۹۴۲ع) هڪ شمع جا به پروانا: مبارڪ علي اياز (ڊسمبر ۱۹۴۲ع)، ائين چو آهي: ع -ق شيخ (آگسٽ ۱۹۴۲ع)، سهڻي سير ۾: مبارڪ علي اياز (سيپٽمبر ۱۹۴۲ع)، بيقصور: پرسرام پاڻيہ (ڊسمبر ۱۹۴۲ع)، شرابي: بيدم حيدري (جنوري ۱۹۴۳ع)، شادي: گوبند مالهي (مارچ ۱۹۴۳ع)، هيرن جو هار: حبيب الله پتو (آگسٽ ۱۹۴۳ع)، انسان يا ڀوت: شيوارام آڏواڻي (فيبروري ۱۹۴۴ع)، سچي مترتا: مس يسوداباڻي ڪيمچند (فيبروري ۱۹۴۲ع)، سک پوي سا‍ڙهي: نانڪرام ميرچنداڻي (آڪٽوبر ۽ نومبر ۱۹۴۴ع)، سشيلا پاپي: گوبند مالهي (جولاءِ ۱۹۴۵ع)، وطن دوست: لڇمڻ هميراجاڻي (آگسٽ ۱۹۴۵ع)، غلط فهمي:

حبيب الله ڀٽو (سيپٽمبر ١٩٤٥ع)، سنل حسن: ڊي .جي. ميمڻ (٤ اپريل ١٩٤٦ع)، مينا: گوبند مالهي (جون ١٩٤٦ع)، لالي: امر لعل هنگوراڻي (سيپٽمبر ١٩٤٥ع)، سريت جو خون: چوئٿرام وليچا (جنوري ١٩٤٧ع)، ٻروچڪي رت: شيخ اياز (جنوري ١٩٤٧ع)، بهار ۽ بنگال: سگن آهوجا (مارچ ١٩٤٧ع)، عمدو دان: ڪرشن هميراجاڻي (جون ١٩٤٧ع)، امان: موتي ڇاٻڙيا (جولاءِ - آگسٽ ١٩٤٧ع) وغيره.

شعر و شاعريءَ جي سلسلي ۾ "سنڌو" رسالي ۾ جتي ڪهنہ مشق شاعرن جو ڪلام شايع ٿيندو هو، اتي نون شاعرن جون ڪوتائون بہ ڇپبيون هيون. سنڌ جي اڳوڻن شاعرن جو ڪلام پڻ "سنڌو" ۾ شايع ڪيو ويندو هو، جيئن اهو محفوظ رهي.

اسان جي ادبي اشاعتي ادارن کي کپي تہ "سنڌو" رسالي مان مفيد مضمون/مقالا، ڪهاڻيون ۽ افسانا چونڊ ڪري ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرائين جيئن اهي تحقيق سان دلچسپي رکندڙن لاءِ فائديمند ثابت ٿين. سنڌو پاران خاص موقعن تي خاص شمارا بہ شايع ڪيا ويندا هئا، جن ۾ "ايڪتا نمبر"، "گانڌي انڪ"، "شهيد انڪ" ۽ "ڪهاڻي پرچو" اهم آهن.

سن ١٩٣٧ع کان مسٽر ٻولچند راجپال سنڌو آفيس ۾ قلمي نسخن ڪٺي ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. ان سلسلي ۾ هو سنڌ جي مختلف شهرن مان ڪيترو قلمي ذخيرو ڪٺو ڪري اچي سنڌو آفيس ۾ محفوظ ڪندو رهيو. سنڌ جي صوفي شاعرن جو ڪلام بہ وٽس گهڻو گڏ ٿيو هو. ڪيترن شاعرن جو ڪلام تہ هن وڏي دلچسپيءَ سان گڏ ڪيو هو، جن ۾ ديوان دلپت جو ڪلام، حضرت بيدل جو سمورو ڪلام، حضرت بيڪس جو ڪلام، روحل فقير جو ڪلام، مراد فقير جو ڪلام، شاهو فقير جو ڪلام، فقير غلام علي جو ڪلام، فقير دريا خان جو ڪلام ۽ يدل فقير جو ڪلام وغيره. مٿين شاعرن جو ڪلام هو ڪڏهن ڪڏهن رسالي ۾ ڇاپيندو بہ هو. خبر ناهي تہ سندس سهيڙيل سموري قلمي ذخيري جو سندس لڏي وڃڻ کان پوءِ ڪهڙو حشر ٿيو!

مسٽر ٻولچند وسومل راجپال ورهاڱي کان پوءِ آگري لڏي ويو، جتي پيهر "راجپال پرنٽنگ پريس" قائم ڪيائين ۽ اتان ني پيپل منڊي آگري مان سيپٽمبر ١٩٥٤ع کان "سنڌو" رسالو جاري ڪيائين، جيڪو ڪراؤن سائيز ۾ پڌرو ٿيندو هو.

## حوالا


(١) لطف الله بدوي: سنڌي ادب گذريل پنجويهن ورهين ۾: ماهوار نئين زندگي، مئي ١٩٥٧ع ص ٢٤.

(٢) مهتممي نوٽ: "سنڌو" جنوري ١٩٣٢ع ،ص ٧٦ ۽ ٧٧.

(٣) ڏسو حوالو -١.

(٤) "سنڌو"جا شروعاتي شمارا.

(٥) ڪشنچند بيوس : "سنڌو جو نئون سال" : سنڌو، جنوري ١٩٣٣ع، ص ٢٩.

(٦)مهتممي نوٽ: "سنڌو" فيبروري ١٩٣٣ع، ص ١٥٧ کان ١٥٩.

(٧) مهتممي نوٽ: سنڌو، مارچ ١٩٣٣ع، ص ٢٣٩ ۽ ٢٤٠.

(٨) مهتممي نوٽ: سنڌو، اپريل ١٩٣٣ع ص ٢٣٩ ۽ ٢٤٠.

(٩) مهتممي نوٽ: سنڌو، جنوري ١٩٣٤ع، ص ١٦٥.

(١٠) سنڌو: آڪٽوبر ١٩٣٥ع، ص ٦٩.

(١١) سنتو: جون - آگسٽ ١٩٣٩ع، ص ١٢٠.
(١٢) سنتو: ڊسمبر ١٩٣٩ع، ص ٧٩.
(١٣) سنتو: فيبروري ١٩٤٢ع،
(١٤) سنتو: جنوري ١٩٤٢ع، ص ١ -٢
(١٥) سنتو: فيبروري ١٩٤٢ع،
(١٦) سنتو: آگسٽ ١٩٤٢ع، ص ٥٣ کان ٥٥
(١٧) ڏسو حوالو -١- ص ٢٥
(١٨) سنڌو: مئي ١٩٤٤ع،
(١٩) سنتو: مئي ١٩٤٥ع ص ٨.
(٢٠) سنتو: آڪٽوبر ١٩٤٦ع، ص ٤٣.
(٢١) ڏسو حوالو -١-
(٢٢) منگھارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ": زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، سال ١٩٧٧ع، ص ٢٧٤
(٢٣) ايضاً ص ٢٦٨
(٢٤) ڏسو حوالو -١
(٢٥) ثميره زرين: "مهراڻ جون چوليون":(مقدمو) پاڪستان پبليڪيشن، ڪراچي، ص ١١
(٢٦) احسان بدوي: "تنقيد ۽ تنقيد نگاري"، ص ١٩ ۽ ٢٠

•



پروفيسر ڊاڪٽر ابراهيم خليل "نقوي"

سنڌيڪار: غلام محمد لاکو

# سچل جي فارسي ڪلام جا اڻ قلمي نسخا

[نوٽ: سچل سرمست جي فارسي ڪلام جي مختلف قلمي نسخن بابت هڪ جامع اڀياس، تازو سچل چيئر پاران نڪرندڙ "آشڪار" نمبر ۴ ۾ شايع ٿيو آهي. ان مقالي جو تت سنڌي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو.]

هن ناچيز ڪليات حافظ عبدالوهاب سچل (فارسي) مرتب ڪيو آهي، جو فل اسڪيپ جي اٺن سون صفحن تي مشتمل آهي. ان ۾ سچل جا ۳۵۹ غزل، اٺ مثنويون، ۽ هڪ ٻيو غزلن جو مختصر ديوان بنام "ديوان خدائي"، متفرقات ۽ هڪ نثر پارو به آهي، جنهن جو عنوان "نڪتہ تصوف" رکيو ويو آهي. بہ سؤ صفحن تي مشتمل مقدمو به لکيو ويو آهي، جنهن ۾ سندس سوانح ۽ ڪلام تي بہ تبصرو ڪيو ويو آهي. ان مقصد لاءِ ڇپيل توڙي قلمي مواد جي ضرورت پيئي. استعمال هيٺ آيل قلمي نسخن ۾ وڏيڪ پروسي جوڳو اهو نسخو آهي، جو پنجاب يونيورسٽي لئبرريءَ جو سينگار آهي ۽ ان جو فوٽو اسٽيٽ، سچل چيئر جي سرگرم ڪارڪن ۽ مشهور سچل شناس، جناب محمد علي حداد وڏيءَ ڪوشش سان حاصل ڪري مون کي مهيا ڪيو. ٻيو مکيہ نسخو اهو آهي جو فقير غلام محمد قادريءَ قلمبند ڪيو هو ۽ هن وقت ڊاڪٽر اياز قادريءَ جي ڪتبخاني ۾ آهي. ان جو مون فوٽو اسٽيٽ ڪرايو آهي. هتي هنن ٻن قلمي نسخن سميت سچل جي ڪلام جي ڪجهہ ٻين مخطوطن جو تعارف ڪرائجي ٿو.

- ديوان آشڪار، مخطوطہ پنجاب، نمبر PL-Vi-۳۱۱-۲۵۱۳، ملڪيت پنجاب يونيورسٽي لئبرري لاهور.

هن نسخي جو ڪاتب محمد نشان فاروقي فقير آهي. ابتدا ۾ نہ مقدمو آهي ۽ نہ وري تقريظ يا پيش لفظ، جنهن ذريعي ڪاتب جي سوانح، ذوق ۽ شوق، علم و فضل يا نسخي جي شروع ٿيڻ جي تاريخ وغيره جي باري ۾ معلوم ٿي سگهي. البتہ خاتمي جي تاريخ جي نشاندهي ٿئي ٿي. آخري صفحي ۲۱۵ تي هي عبارت آهي:

"هٰذه الڪتاب ديوان آشڪار، محبت آثار، دلاويز اشعار، محرم اسرار، نيڪو ديدوار، وحدت وثار، معرفت اطوار، ازدست حقير محمد نشان فاروقي بتاريخ چهار دهم ماه رمضان ۱۲۴۴هہ يوم جمعہ بوقت نيم پارس صورت تحرير يافت-"

هي نسخو سچل جي وفات کان پوءِ ٺيڪ سندس ٻي ورسيءَ جي موقعي تي، جمعي جي ڏينهن ۱۴ رمضان ۱۲۴۴هہ (۲۰ مارچ ۱۸۲۹ع) تي محمد نشان فاروقي فقير لکي پورو ڪيو. هن عبارت جي هيٺان بلڪل آخر ۾ هڪ رباعي ۽ بہ شعر درج آهن. هن نسخي ۾ ۳۱۸ فارسي غزل، ۲ سرائڪي غزل، ۽ پوءِ ۵ مستزاد، ۲۲ رباعيون، ۱۲ فرديات، ۲ قطعا ۽ مختلف مثنوين مان طويل اقتباس، صفحي ۱۷۶ کان صفحي ۲۱۴ تائين ڏنل آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم "نينهن جا نعرا" ۾ محمد نشان فاروقيءَ جي باري ۾ نوٽ لکيو آهي: "محمد نشان ولد گل محمد فاروقي پنهنجي زماني جو وڏو عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سن ۱۲۶۹هجريءَ ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪلام ناياب آهي. فقط بہ تاريخي قطعا ملن ٿا، جيڪي هن مير سهراب خان ۽ مرثيہ گو شاعر محمد عالم اول جي وفات تي لکيا هئا. سندس تصنيفات مان هڪ فارسي لغات (قلمي) راقم الحروف وٽ محفوظ آهي".

• دیوان آشکار، کاتب محمد شجاع فاروقي، تاريخ ٧ رمضان ١٢٥٢ھ، ملڪيت غوث محمد پيرزاده، سجاده نشين درگاه ڪبير محمد، نوشهره فيروز.

هي نسخو ٢٢٧ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ٣١٦ غزل آهن. ۾ سرانڪي غزل بہ درج آهن. تي مستزاد، 'ساقي نامہ' جون ڪجھہ رباعيون، ڪجھہ فرديات ۽ مثنوي "تارنامہ" جا ١٤٦ شعرن تي مشتمل آهي. ان کان علاوه ڪجھہ ڪلام مختلف عنوانن تحت بہ درج ڪيو ويو آهي. مثال طور تي "دربيان ترک هستي گويد"، "دربيان اعليٰ عزم"، "دربيان موحد و ملحد"، ۽ "دربيان ڪلام يکي حال و ديگري قال" وغيره. هي سلسلو صفحي ٢٢٥ تائين هليو آهي. آخري صفحو ٢٢٦ آهي، جتي خاتمو هن ريت آهي:

"اين کتاب ديوان آشکار عشق و خمار بلکہ سرامہ ديدار آن يار تصنيف حيرت هادي مرشد مکمل عارف بالله سچو بادشاه عليه الرحمة قدس الہ سره العزيز ازدست فقير محمد شجاع فقير فاروقي بتاريخ بيست هفتم ماه رمضان ١٢٥٢ھ صورت اتمام پذيرفت. بادشاه حضرت صاحبان مشفقان سرتاج درويشان مونس و شامل حال طالبان دامر برکاتہ. نوشتہ شدعاقبت خيرباد".

ڪاتب محمد شجاع فاروقيءَ ٢٧ رمضان ١٢٥٢ھ برابر ٥ جنوري ١٨٣٧ع خميس جي ڏينهن تي ڪتابت مڪمل ڪئي. ان جو مطلب تہ سچل جي وفات کان ڏھہ سال پوءِ هي نسخو لکيو ويو. آخر ۾ هي ۾ شعر درج آهن:

نوشتہ بماند سيہ برسفيد
نويسنده رانيست فردا اميد
هرکہ خواهد دعا طمع دارم
زانکہ من بنده گنہ گارم!

هن کان پوءِ واري صفحي تي هڪ مثنوي ۽ هڪ يوناني (طبي) نسخو درج ڪيو ويو آهي، جو ڪاتب پنهنجي يادداشت لاءِ لکيو آهي ۽ ان جو سچل ۽ سندس ڪلام سان ڪوبہ تعلق ڪونهي.

• ديوان آشکار خطي، ڪاتب فقير غلام محمد قادري گدا، تاريخ ٩ محرم ١٢٧٥ھ، ملڪيت پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادري.

هي نسخو "ديوان صائب" جي حاشين تي درج آهي. خاتمي جي تاريخ ڏنل ڪانهي. البتہ حاشيي جي نوٽ ذريعي ظاهر ٿئي ٿو تہ هي چنچر ڏينهن عصر جي وقت مهيني ذي القعد ١٢٧٤ھ (جون ١٨٥٨ع) تي ختم ٿيو. صائب جي ديوان جي ضخامت ٣٤٧ صفحا آهي ۽ مثنويون (رهبر نامه ۽ تارنامہ)، رباعيون ۽ مستزاد وغيره صفحي ٢٩٤ تائين لکيل آهن. سچل جي ڪلام جو خاتمو هن ريت آهي:

"الحمد الله خوب شدبعون الملک الوهاب مستطاب نسخہ ديوان آشکار تصنيف حضرت مولانا خليفہ صاحب فيض مناقب عاشق العاشقين عمده الواصلين جو الله خليفہ سچيڏنہ درويش فاروقي قدس سره عليه الرحمة من مقام لاڙکانہ ٩ محرم ١٢٧٥ھ تحرير يافت"-

مطلب تہ هن نسخي کي فقير غلام محمد قادريءَ ٩ محرم ١٢٧٥ھ تي لاڙڪاڻي ۾ خاتمي تي پهچايو (خميس ١٩ آگسٽ ١٨٥٨ع). هي مخطوطو سچل جي وفات کان ٣٣ سال پوءِ لکيو ويو، ۽ مٿي ذڪر ڪيل ٻن نسخن جي ڀيٽ ۾ جديد آهي.

جيئن تہ هي نسخو "ديوان صائب" جي حاشيي تي درج آهي، انکري صائب جي ديوان جي بنيادي حيثيت ۽

"ديوان آشڪار" جي ثانوي حيثيت ٿئي ٿي. وڏيڪ هي تہ "قادري نسخو" نهايت بي ترتيب ڏسجي ٿو. مروج طريقي جي برعڪس هن ۾ غزل رديف وار حروف تهجيءَ جي قاعدن موجب ڪونهن. ڪٿي ڪهڙو رديف ڪٿي ڪهڙو رديف آيو آهي. پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادريءَ کان غلطي ٿي آهي، جڏهن پاڻ پنهنجي مقالي "سچل جو قلمي ڪلام" ۾ لکي ٿو تہ هي نسخو اڌورو ۽ صرف رديف ميم تائين لکيل آهي (ڪارروائي سچل نئشنل سيمينار، خيرپور ١٩٨٢ع). هي ڳالہ درست ڪانهي. هن نسخي ۾ رديف "ن" جا ٢٥، "و" جا ١٢، "ھ" جا ٢٩، ۽ "ي" جا ٣٩ غزل موجود آهن. ڳالہ صرف عدم ترتيب جي آهي. جيئن تہ آخر ۾ رديف "م" جا ڪجھ غزل ملن ٿا، انڪري جناب اياز قادريءَ کان ٿورڙي غلطي ٿي آهي. ان جي باوجود بہ هن نسخي جي پنهنجي اهميت آهي. ان جو سبب هي آهي جو "نسخہ قادري" جو ڪاتب ميان فقير غلام محمد قادري "گدا" خاص طرح سان سچل فقير جو منظور نظر مريد ۽ پروسي جوڳو خليفو هو. سندس والد فقير محمد صالح قادري، سچل سرمست جي چاچي، سهري ۽ مرشد ميان عبدالحق قادريءَ جو مريد هو ۽ هن پنهنجي مرشد جي حڪم تي پنهنجو اباڻو وطن سڪرنڊ ڇڏي اچي لاڙڪاڻو وسايو هو. هن گهراڻي جو سچل جي خاندان سان دلي واسطو ان درجي تائين هو جو بعد ۾ پاڻ کي "قادري" سڏايائون. گدا نہ رڳو سچل جو مريد بلڪ عربي ۽ فارسيءَ جو عالم بہ هو. شعر بہ چوندو هو تہ درس بہ ڏيندو هو. ان ريت سندس ڪتابت معتبر ڏسجي ٿي. هن خاندان جو سچل سان قلبي ۽ روحاني تعلق مجيل ۽ گدا جي علمي قابليت معتبر آهي. سڀ کان وڏيڪ تہ هي نسخو سچل جي حڪم تي لکيو ويو هو. فقير صاحب لکي ٿو:

اين رسالہ گفتہ است سچو فقير
حڪم مارا ڪرده آن پيران پير

- **ديوان آشڪار قلمي، ڪاتب فقير رضا محمد شاھ.**

سڀني نسخن ۾ هي وڏيڪ خوشخط پر ناقص ۽ پڻ ويجهي دور جو لکيل آهي. هي نسخو ١٩٢٥ع ۾ تيار ٿيو. هن جا آخري صفحا غائب آهن پر وچ ۾ هڪ جاءِ تي مثنوي "رهبرنامہ" جي خاتمي تي هڪ عبارت آهي. ان مان نسخي جي شروع ٿيڻ يا ختم ٿيڻ جي خبر نہ ٿي پوي، پر پوءِ بہ زماني جو پتو پئجي وڃي ٿو. عبارت هي آهي:

"ختم شد رهبر نامہ بتاريخ دوم سوم ماه رجب المرجب سنہ- ھ بتاريخ ٢٨ جنوري ١٩٢٥ع ازدست فقير رضا محمد شاه سگ درگاه شاه دراز".

مطلب تہ هي نسخو رضا محمد شاھ ٢٨ جنوري ١٩٢٥ع مطابق ٢/٣ رجب تي لکيو. هجري سال درج ڪونهي. انجمن ترقي اردو پاڪستان جي ڇپرايل "تقويم هجري و عيسوي" (١٩٥٢ع) موجب ٢٨ جنوري ١٩٢٥ع تي ۴ رجب ١٣۴٣ هجري ۽ ڏينهن اربع جو هو.

هي نسخو بسم الله الرحمٰن الرحيم سان شروع ٿئي ٿو. بسم الله جي هيٺان هوالله آهي. بعد ۾ ڪلام جي عنوان سان ٣١٦ فارسي غزل ۽ بہ سرائڪي غزل آهن. ان بعد صفحي ١٥٣ کان ٥ مستزاد آهن. پوءِ ٽي صفحا "ساقي نامہ" لاءِ آهن. وري صفحي ١٦٠ کان مثنوي "تارنامہ" شروع ٿي، صفحي ١٦٧ تي ختم ٿئي ٿي. ان کان پوءِ مختلف صفحن تي متفرقات ملن ٿا. صفحي ١٧٩ کان صفحي ١٨۴ تائين "دردنامہ" درج آهي. صفحي ١٩١ کان صفحي ٢٢٣ تائين مثنوي "رهبرنامہ" ڏنل آهي. وري صفحي ٢٢٧ کان ٻيو مختصر ديوان (ديوان خدائي) درج آهي، جنهن ۾ ٣٠ غزل آهن. آخر ۾ مثنوي "رازنامہ" آهي جا صفحي ٢۴٨ کان شروع ٿئي ٿي. هي مثنوي ٩٢٦ شعرن تي مشتمل آهي پر هن نسخي ۾ صرف ١٩٢ شعر لکيا ويا آهن. نسخو صفحي ٢٥٨ تي ختم ڪيو ويو ۽ ان ريت مثنوي "رازنامہ" اڌوري رهجي ويئي.

چار ڇپيل ۽ چار اڻ ڇپيل نسخا سامهون رکي سچل جو فارسي ڪليات مرتب ڪري سچل چيئر جي حوالي ڪيو ويو ۽ اشاعت جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو پئي ويو ته وڌيڪ چار نسخا (قلمي) مليا ويا، ان ڪري ڇپائيءَ جو ڪم روڪيو ويو آهي. ٻه وڌيڪ نسخا ٻه ملڻ جي اميد آهي. مذڪوره ڇهن نسخن جو تعارف به هت ڏجي ٿو. هي نسخا پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ محمد علي حداد صاحب جي ڪوشش سان هٿ آيا آهن. انهن مان ٻه نسخا مبارڪ اردو لئبرري محمد آباد سنجرپور ضلع رحيم يار خان جي سيد مبارڪ شاه کان مليا ۽ ٻه نسخا ملتان جي ڊاڪٽر مهرعبدالحق صاحب کان مليا آهن.

## • ڪاتب واحد بخش فقير، سن ١٣١٢هه.

هي نسخو ڏهرڪي ضلعي سکر سنڌ جي حڪيم محمد بخش صاحب چغتائيءَ جولاءِ ١٩٦٦ع ۾ هن ڪتبخاني کي عطيه طور ڏنو هو. فقير واحد بخش ٢٧ ربيع الثاني ١٣١٢هه برابر ٢٦ ڊسمبر ١٨٩٤ع تي ڪتابت پوري ڪئي. خاتمو صفحي ١٨٨ تي هن ريت ڏنل آهي:

"هذه، (ڪذا) الڪتاب ديوان آشڪار محبت آثار دلاويز اشعار محرم اسرار نيڪو ديدار وحدت وثار معرفت اطوار ازدست واحد بخش فقير بتاريخ بيست (ڪذا) هفتم ماه ربيع الثاني ١٣١٢هه يوم يڪشنبه بوقت نيم پاس (ڪذا) صورت تحرير يافت-"

ان بعد هڪ رباعي ۽ ٽي بيت آهن ۽ پوءِ واري صفحي تي ٽي شعر ۽ هڪ رباعي (قلندر بادشاه جي) آهي. هي نسخو ١٨٩ فل اسڪيپ صفحن تي مشتمل آهي. سرائڪي غزل سچل جا ڪونهن. پيو سمورو ڪلام هن شاعر نامدار جو آهي. سچل جي ڪلام جو خلاصو هن ريت آهي. ٣١٥ فارسي غزل، ٥ مستزاد، ٢٢ رباعيون ۽ ١٦ فرديات آهن ان کان علاوه ١٤٦ شعرن تي مشتمل مثنوي "تارنامه" به آهي. وڌيڪ هي ته صفحي ١٦٢ کان صفحي ١٨٨ تائين متفرقات آهن. مثلاً دربيان ترڪ هستي، دربيان دم، و دربيان خاموشي وغيره.

## • ڪاتب حافظ حفيظ الله، سن ١٣٢٢هه.

هي نسخو سيد مبارڪ شاه جي چاچي جو هو. سرورق تي هي عبارت درج آهي: "بعون صناع مڪين و مڪان و فضلا خلاق زمين و زمان ديوان هذا من تصنيف عمده واصلين زبده السالڪين حضرت سچل صاحب المسمي به ديوان آشڪار در ١٣٢٢ هجريه قدسيه حسب فرمانش جناب پير دستگير ادام الله‌تعاليٰ ظله در مطبع خام نويسان وقوعه سنده مطبوع گرديد" -

هن عبارت مان ظاهر ٿئي ٿو ته هي نسخو ڇپيل آهي، پر ائين ڪونهي. ڏسجي ٿو ته نسخو طباعت لاءِ بلڪل تيار هو پر ڪنهن سبب ڇپجي نه سگهيو. ڪاتب حافظ حفيظ الله ٢٩ ربيع الاول ١٣٢٢هه (١٣ جون ١٩٠٤ع، سومر جو ڏينهن) تي پير دستگير حضرت محمد شاه صاحب جي حڪم سان هي نسخو مڪمل ڪيو. خاتمي وارو ترقيمو هن ريت آهي:

"ديوان قوت روح عاشقان المسمي به ديوان آشڪارا تصنيف قدوه السالڪين زبده الواصلين خازن دافن دفينه طريقت حضرت شيخ سچو قدس الله سره حسب فرموده جناب پير دستگير پير محمد شاه صاحب جيلاني دام الله فيض هم يوم الدين بتاريخ ٢٩ ماه ربيع الاول ١٣٢٢هجري القدس بروز سه شنبه بوقت عصر بقلم احقرالعباد من عبادالله حافظ حفيظ الله حال سڪونت پذير بستي بهوريواله مسڪن ملڪ پنجاب فقط".

هن ترقيمي کان اڳ ٣١٠ فارسي غزل ۽ به اردو فارسي زده سرائڪي غزل آهن ۽ ان کان پوءِ چار مستزاد، ٢١ رباعيون، ١٢ فرديات ۽ ٩٢٦ شعرن تي مشتمل مثنوي "رازنامه" ڏنل آهن. ٻي مکيه چيز ٿيهه اکري آهي جيڪا سٽ

شعرن تي مشتمل ڏسجي ٿي. هي هن نسخي جي خاص اهميت آهي، جو ته ڇپيل يا اڻ ڇپيل نسخن ۾ اها ڏسڻ ۾ نٿي اچي. صفحي ٢٢٣ کان صفحي ٢٢٦ تائين نثري ٽڪرو آهي، جنهن ۾ صوفيانه مسئلا بحث هيٺ آيا آهن. پڇاڙيءَ تي صفحي ٢٢٧ کان صفحي ٢٣٠ تائين سرائيڪي، سنڌي ۽ اردو ڪافيون آهن. هي نسخو ٢٣٠ صفحن تي آهي ۽ واحد مخطوطو آهي، جنهن ۾ ڪاتب صفحن جا نمبر وڌا آهن. عام طرح قلمي نسخن تي صفحن جا نمبر نه ٿيندا آهن.

● ڪاتب نصير فقير، سن ١٣٢٨هه.

هاڻي جن ٻن نسخن جو ذڪر ٿيندو اهي ملتان جي ڊاڪٽر مهر عبدالحق جي ملڪيت آهن ۽ انهن جي فوٽو ڪاپي جناب الياس عشقي صاحب جي معرفت سچل چيئر کي ملي.

هڪ جو مالڪ ۽ ڪاتب نصير فقير آهي. هي نسخو اڱاري ٢٥ ذي الحج ١٣٢٨هه تي سچل سرمست جي وفات کان ٨٦ سال پوءِ ختم ٿيو. انگريزي ڪئلينڊر موجب اهو ڏينهن اربع جو ۽ ٢٨ ڊسمبر ١٩١٠ع جي تاريخ هئي. ڪتابت جي جاءِ معلوم ڪانهي. ٣٠٦ غزل، پنج مستزاد، ۽ صفحي ١٤٣ کان صفحي ١٥٦ تائين متفرقات ڏنل آهن. صفحي ١٥٧ تي نور بخش "اسيري" جو غزل آهي. هي نسخو فل اسڪيپ جي ١٥٧ صفحن تي مدار رکي ٿو.

● ڪاتب محمد عارف، سن ڏنل ڪونهي.

ڪتابت جو ماڳ ۽ تاريخ معلوم ڪانهي. هن نسخي جو ڪاتب محمد عارف آهي، جنهن بابت به گهٽ معلومات ڪانهي. هن ۾ ٢٠٧ غزل، ٢٢ رباعيون ۽ ١٥ مفردات آهن. نسخي ۾ ١٤٥ شعرن تي مشتمل مثنوي "تار نامه" به ڏنل آهي. متفرقات به اٿس. مثلاً داستان ديگر، دربيان اعليٰ عزم وغيره. هي مخطوطو فل اسڪيپ جي ١٤٨ صفحن تي پکڙيل آهي.

محمد نشان فاروقيءَ وارو نسخو سچل فقير جي وفات کان ٻه سال پوءِ لکيو ويو. ان ڪري ٻين سڀني نسخن جي ڀيٽ ۾ ان کي برتري حاصل آهي. حامي مرحوم جي لکت موجب محمد نشان فاروقي پنهنجي دور جو وڏو عالم، اديب ۽ شاعر هو. پاڻ ڪجهه ڪتابن جو مصنف به هو ۽ هن نسخي جي تياريءَ ۾ پورو جتن ڪيو اٿس. ان ڪري سنڌس نسخي کي هر لحاظ کان فوقيت حاصل آهي.

ٻيو نمبر معتبر نسخو پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادريءَ وارو ڏسجي ٿو. جملي ڪوتاهين جي باوجود به ڪاتب جي علمي وجاهت ۽ سچل سان روحاني ۽ خانداني تعلق جي ڪري هي نسخو به وڏي اهميت رکي ٿو. اجا به وڌيڪ ته هي نسخو سچل سائينءَ جي اشاري تي وجود ۾ آيو.

ڪوٽڙي ڪبير وارو نسخو قادري صاحب واري مخطوطي کان قديم ضرور آهي، پر سائينءَ جي خليفي ۽ عام مريد ۾ جيڪو فرق هجڻ کپي، اهو فرق هنن ٻنهي نسخن ۾ به ڏسجي ٿو. ڪاتب گمنام رکندڙ شخص هو. باقي نسخا سچل جي وفات کان سٺر اسي سال پوءِ لکيا ويا. شاهه وارو نسخو ته ان دور جو آهي، جڏهن "ديوان آشڪار" لکنوءَ ۾ ڇپجي رهيو هو. ڪاتبن بابت پڻ احوال معلوم ڪونهي، ان ڪري پهريون ۽ ٽيون نسخو وڌيڪ معتبر ڏسجن ٿا.

## حوالا


(١) پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد حامي: "نينهن جا نعرا" ص ٣٠، ڪراچي، ١٩٨٣ع.

(٢) رشيد لاشاري: "سچل سرمست" اردو، صه ٨٨-٨٩، سلطان حسين اينڊ سنز، ڪراچي، ١٩٦٦ع.

(٣) ابوالنصر محمد خالدي صاحب: "تقويم هجري و عيسوي" انجمن ترقي اردو پاڪستان ١٩٥٢ع.

(٤) حميد آخوند (مرتب): "ڪارروائي سچل نئشنل سيمينار ١٩٨٢ع"، سچل اڪيڊمي خيرپور، ١٩٨٣ع.

ڊاڪٽر سيد اسلم

سنڌيڪار: محمد قاسم سومرو

# پير حسام الدين راشدي- رمز شناس شخصيت

مون کي اهو چڱيءَ طرح ياد ڪونهي تہ سيد حسام الدين راشديءَ جو نالو سڀ کان اول ڪڏهن ٻڌو هئم، پر جيئن سندس نالو آهستي آهستي ڪنن تي پيو، نيڪ ان وقت دل تي نالي جا نقش بہ آهستي آهستي گهرا ٿيندا ويا. هاڻي جڏهن پنهنجي يادگيريءَ تي زور ڏيان ٿو تہ ماضيءَ جا واقعا هڪ هڪ ٿي سامهون اچن ٿا ۽ ان طرح خبر پوي ٿي تہ پير حسام الدين راشدي جو نالو ڪنهن جي معرفت ٻڌو هئم. شاهد احمد دهلوي پنهنجن خطن ۾ راشدي خاندان جو ذڪر جنهن خلوص ۽ محبت سان ڪيو آهي، ان مان هن خاندان جي اهل علم سان دلي لڳاءُ تي سٺي روشني پوي ٿي. شاهد احمد دهلويءَ تي پير صاحب جو لکيل خاڪو پڙهيم تہ شاهد احمد سان گڏ پير صاحب جي پروقار ۽ پرڪشش شخصيت جو اندازو بہ ٿيم. شاهد احمد تي هن کان وڌيڪ خوبصورت، ڀرپوريءَ سهڻو جائزو اڄا تائين ڪنهن ٻئي نہ لکيو آهي. ان خاڪي پڙهڻ سان نہ رڳو شاهد احمد دهلويءَ جي شخصيت متعلق انس پيدا ٿيو، بلڪ خاڪہ نگار جي پرسوز ۽ رمز شناس شخصيت جو بہ اڻ مٽ نقش دل تي قائم ٿي ويو. انهيءَ پوري خاڪي ۾ ورهاڱي کان پوءِ نئين دنيا (پاڪستان) آباد ٿيڻ سان، هندوستان جي ناميارن علمي مرڪزن جي تباهي ۽ مشهور علمي ماڻهن جي اجڙڻ جي تقدير کي نهايت پرسوز انداز ۾ چٽيو ويو آهي. راشدي صاحب "مقالات محمد شفيع" تي جيڪو پيش لفظ لکيو آهي، ان جي پڙهڻ سان سچ تہ وڏي ذهني آسودگي ملي ٿي. اهڙي تحرير اسان جي ادب مان روز بروز ختم ٿيندي پئي وڃي. ان جو مکيہ سبب هي آهي تہ پير صاحب کي فارسي ادب تي حيرت انگيز قدرت حاصل هئي. فارسي ادبي لفظن ۽ شعرن کي استعمال ڪري، پنهنجي تحرير ۾ ميناج پيدا ڪرڻ جو جيڪو ڍنگ راشدي صاحب کي هو، اهو اڄوڪي زماني ۾ تمام گهٽ اديبن کي نصيب آهي.

مون کي ان ڳالهہ جي اعتراف ڪرڻ ۾ ڪوبہ عار محسوس نہ ٿو ٿئي تہ مون پير صاحب کي گهڻو نہ پڙهيو آهي. ليڪن جو ڪجهہ بہ پڙهيو اٿم، ان ذريعي سندس اعليٰ علمي ۽ ادبي شخصيت سامهون اچي ٿي. جڏهن مختلف ماڻهن جي ذريعي سان آءٌ پير صاحب کان واقف ٿيس ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪين زيب النساء اسٽريٽ ۾، حميد ڪاشميريءَ جي دڪان جي اڳيان چهل قدمي ڪندي ڏسندو هئس، تڏهن سندس شخصيت کان پوري ريت آگاه ٿي ويس. ڊگهو ڪٽڪ رنگو جسم ۽ ڪاري عينڪ جي سونهن، واقعي هڪٻئي سان نهڪندڙ هئا. ڪين ڏسڻ سان قديم تهذيب ۽ عرب تمدن جي هم آهنگي محسوس ٿيندي هئي. سندس پسنديده لباس ميٽوڙي رنگ جي شلوار قميص ۽ ان تي واسڪيٽ پهريل هوندي هئي. مطلب تہ سندس باوقار شخصيت هميشہ متاثر ڪندڙ هئي. ڪڏهن ڪڏهن رستي پنڌ ۾ آمهون سامهون دعا سلام ٿي ويندي هئي، پر مصروف زندگيءَ سبب سندس مجلس ۾ وڃڻ جو موقعو نہ ملي سگهيو. مون کين ٿي. ويءَ تي ثقافت جي باري ۾ تقريري مباحثي دوران، عالمن ۽ اديبن توڙي سامعين جي قطار ۾ ڏٺو هو. بحث جي دوران ڪيس آخري مغل دور جي باري ۾ روايتن جي برعڪس گفتگو ڪندي ڏٺو ۽ ٻڌو ويو. ابن انشاء جي چوڻ موجب پاڻ اميرخسرو تي ٿيل

مذاڪري ۾ هن "شاعر ڪبير" ڪي "غريب خسرو" بڻائي ڇڏيائون. اهڙين ڳالهين ٻڌڻ جي باوجود بہ مون لاءِ سندس محبوب شخصيت جي باري ۾ ڪو فرق نہ آيو ۽ نہ وري سندس بي لاگ صاف سٿرين ڳالهيون ٻڌڻ سان طبيعت تي ڪو بار محسوس ٿيو. بلڪ سچ تہ هي آهي جو ساڻس شناسائي پيدا ڪرڻ ۽ ڪيس سڃاڻڻ جي خواهش اڃا بہ وڌي ويئي. پير صاحب ڪي جڏهن بيھر دل جي تڪليف محسوس ٿي ۽ پروفيسر مشتاق حسن جي معرفت منهنجي علاج هيٺ آيو تہ اسپتال جي مشغول زندگي، سندس بيماري ۽ خود منهنجي مصروفيت سبب، ساڻس تفصيلي ڪچهريءَ جو موقعو بہ ملي نہ سگھيو. منهنجي ساڻس ڳالهہ ٻولهہ صرف خير و عافيت تائين محدود هوندي هئي. ان صورتحال جي باوجود بہ هڪ معالج ۽ مريض جو جيڪو پاڻ ۾ گھرو تعلق رهي ٿو، ان جي لذت جو اندازو هڪ دردمند ڊاڪٽر ئي ڪري سگھي ٿو. سندس علمي قابليت ۽ سنجيده طبيعت دل تي گھرو اثر ڇڏيو. طبيعت سڌرڻ بعد اسپتال ڇڏي پير صاحب گھر پھتو ۽ شڪريي جو خط بہ لکيائين. ان کان پوءِ جڏهن پير صاحب مون وٽ آيو تہ بلڪل سنجيدو ۽ خاموش طبيعت ڏسبو هو. ليڪن علم سان علم جو جيڪو گھرو تعلق آهي، ان جو اثر مون تي بہ نقش ٿي ويو. منهنجي ڪتاب "قلب" تي سندس تعجب ۽ مسرت جو اظهار اڃا تائين مون کي ياد آهي. ڪيس ان ڳالهہ تي حيرت هئي تہ اهو سڄو ڪتاب انگريزي اکرن جي استعمال کان سواءِ ڪيئن لکيو ويو آهي. پير صاحب منهنجا مضمون وڏي دلچسپيءَ ۽ شوق سان پڙهيا، جا ڳالهہ مون لاءِ فخر جو باعث آهي.

پير صاحب جڏهن علاج لاءِ لنڊن وڃڻ وارو هو تہ مون وٽ طبي چڪاس لاءِ آيو هو. ان زماني ۾ منهنجي "قلب" نالي ڪتاب جي رونمائيءَ واري تقريب ٿيڻ واري هئي. جيئن تہ هن ڪتاب ۾ سندس گھڻي دلچسپي هئي، ان ڪري منهنجي پڻ اها پرپور خواهش هئي تہ ان ۾ شريڪ ٿين. ليڪن افسوس تہ هڪ دوست هٿان موڪليل ڪارڊ ڪين ملي نہ سگھيو ۽ ائين ڪتاب پيش ڪرڻ کان محروم رهجي ويس. ان وچ ۾ پاڻ علاج لاءِ لنڊن وڃي چڪا هئا. اميد هئي تہ يورپ مان علاج ڪرائي پاڻ صحتياب ٿي موٽندو ليڪن ارمان جو ائين نہ ٿيو ۽ موٽيو تہ طبعيت ويتر خراب ٿي چڪي هئي. هڪ ڏينهن شام جو پروفيسر ذڪي حسن مون کي سندس معائنو ڪرڻ جو حڪم ڪيو. ڪجهہ دير کان پوءِ پاڻ ئي وٺڻ آيو. راشدي صاحب کي ڏسڻ لاءِ جڏهن سندن گھر پھتس تہ ڪيس ڏسي مون کي دلي صدمو پھتو. پاڻ تمام گھڻو ڪمزور ٿي ويو هو ۽ سندس سمورو جسم بجليءَ جي جھٽڪن سبب سڙي ويو هو. مٿي جا وار ڇڻي چڪا هئا. کاڌو خوراڪ ختم ٿي چڪو هو ۽ اٿڻ ويھڻ بہ مشڪل هو. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ هو تہ سندن زندگيءَ جو ماڻ پرجي آيو هو ۽ هو پاڻ بہ هن دنيا مان اداس ٿي چڪو هو. ان وقت سندس وڏو ڀاءُ پير علي محمد راشدي بہ پرسان وينو هو. طئي ٿيو تہ ڪيس اسپتال داخل ڪري آخري ڪوشش ڪري ڏسجي، ليڪن خدا کي ڪجهہ ٻيو منظور هو. اسپتال ۾ هر ممڪن ۽ بھتر کان بھتر طبي امداد پھچائي ويئي. پروفيسر مشتاق حسن ۽ پروفيسر سيد شوڪت علي سان مستقل مشورا ڪيا ويا، پر سندس حالت سڌرڻ بجاءِ ويتر بگڙندي ويئي. آخرڪار نيم بيھوشيءَ واري حالت پيدا ٿي. سڏ ڪبو هو تہ اکيون کولي ڏسندا هئا پر انهن مان اجنبيت ۽ حيرانگي بکندي هئي. ٿوري دير تائين سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ جلدي اکين ۾ اجنبيت بجاءِ سڃاڻپ واري حالت ايندي هئي. سڃاڻپ شرط سندن سمورو چھرو خوشي ۽ مسڪراهٽ سان ٻھڪڻ لڳندو هو. ائين محسوس ٿيندو هو جڻ ويراني ۾ بھار اچي وئي آهي. اها ڳالهہ اڄ بہ مون لاءِ حيرت جو باعث آهي تہ ان وقت سندس چپن تي مسڪراهٽ ڪيئن ايندي هئي ۽ اها پر جوش مرڪ آخر تائين برقرار



پير حسام الدين راشدي

هني!

وفات کان هڪ ڏينهن اڳ جڏهن ڪين ساهه ڪشڻ ۾ سخت تڪليف ٿي رهي هئي، تڏهن طبيعت پڇڻ تي صرف ايترو چيائون ته ٺيڪ آهيان ۽ ڪنهن به قسم جي شڪايت ڪانهي. مون کي موجوده معاشري ۾ سندن برداشت جي قوت ۽ استقامت تي حيرت رهي. اسان جي ملڪ کان ٻاهر انگلينڊ وغيره ۾ ته اها روايت آهي ته مرڻ وارو شخص به اهو چوندو آهي ته ٺيڪ آهيان ۽ انهيءَ کان به وڌيڪ بهتر ٿيڻ گهران ٿو. ليڪن هن ملڪ ۾ مون کي راشدي صاحب جهڙا ماڻهو تمام گهٽ سجهن، جن بيماري ۽ تڪليف جي حالت ۾ ائين چيو هجي ته مان هاڻ بهتر آهيان.

جنهن ڏينهن وفات ڪيائون، صبح جو مون کانئن پڇيو ته پير صاحب ڪهڙو حال آهي، تڏهن صرف ايترو چيائون ته "هاڻي ٿڪجي پيو آهيان." ان وقت علامه رشيد ترابيءَ جو هي شعر زبان تي تري آين.

اٹھے رسم حیات تھک گیا ہوں

اب کتنے نفس کا فاصلہ ہے



مهتاب اڪبر راشدي

# شاهه جي ڪلام جا ترجما

انسان جي جبلي خواهش رهي آهي تہ هو جو ڪجهه محسوس ڪري ٿو يا ڏسي پسي ٿو، ان کان ٻين کي بہ آگاهه ڪري. سندس ان خواهش جي نتيجي ۾، محفلن، مجلسن ۽ مدرسن جو وجود عمل ۾ آيو. اهڙين مجلسن ۽ محفلن ۾ جيڪي گوهر گڏ ٿيندا هئا، ۽ جيڪي حڪيمانہ گفتا ۽ ناصحانہ نڪتا پيش ڪندا هئا، اُهي انساني تاريخ جو اَملهه ورثو آهن. انهن نڪتن ۾ ڪجهه اهڙيون ڳالهيون بہ هيون، جيڪي عام ماڻهن جي ذهني سطح کان مٿي هيون، انڪري انهن کي واضح ڪرڻ لاءِ وقت جي عالمن ۽ مفڪرن جي ضرورت پيش آئي.

هر قوم جي عالمن، پنهنجي ڪلاسيڪي ورثي کان دنيا کي روشناس ڪرڻ لاءِ جتن ڪيا آهن. اُن ۾ تشريح سان گڏ ترجمي تي پڻ توجهه ڏنو ويو آهي. ان سلسلي ۾ اسان ڪابہ هام نٿا هڻي سگهون، البت جيڪي ٻاهريان عالم ۽ دانشور آيا، انهن پنهنجي علمي اپياس ۽ گوهر شناسيءَ ذريعي، اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن کي دنيا سان متعارف ڪرايو آهي.

جيستائين شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو تعلق آهي تہ سندس ڪلام جي سحر انگيزيءَ جا قصا عام جام هئا. فقير جيڪي انهيءَ راز کي سمجهندا هئا، ڪلام پڙهندي پڙهندي وجد ۾ اچي ويندا هئا، ڪن کان راروقطار ڳوڙها پيا ڳڙندا هئا. علامہ عمر بن محمد دائود پوٽو شاهه صاحب جي ڪلام جي ڪيفيت بابت لکي ٿو:

"اسان جي ٻاجهاري ٻولي، موجوده يورپ جي متمدن ٻولين کان بہ اڳڀائي آهي. اُهي اجا وجود ۾ ئي نہ آيون هيون، ۽ اردو جو اير پيبر بہ معلوم ڪونہ هو، تہ سنڌي زبان هڪ پاڪيزه نموني ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ ايندي هئي. جهر جهنگ ۾ سنڌ جا اهل الله سنڌي بيت ۽ ڏوهيڙا جهونگاريندا هئا. انهن ۾ ايترو سوز ۽ ساز هوندو هو، جو ٻڌندڙ محو حيرت ٿي ويندا هئا ۽ ڪيترا ڪيفي ڪباب ٿي جان فدا ڪندا هئا. ڇا مخدوم احمد ڀٽيءَ هڪ سماع جو بيت ٻڌندي ساهه نہ ڏنو هو؟ ڇا هڪ سيلانيءَ شاهه لطيف جو هينيون بيت پڙهندي پنهنجي حقيقي محبوب جي سڪ ۾ پران نہ تياڳيا؟

هيڪليائي هيل، پورينديس پرينءَ ڏي،
آڏا ڏونگر لڪيون، سوريون سڄن سيل،
تہ ٻيلي آهن ٻيل، سور پريان جا ساڻ مون.
("اسان جي سنڌي زبان" مهراڻ، ١٩٦٥ع)

اهڙن قصن ۽ ڪهاڻين ٻاهران آيل انگريز عالمن ۽ اديبن کي اتساهيو تہ هو انهيءَ قادرالڪلام شاعر جو شعر پڙهن. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريان ڌيان رچرڊ برٽن جو ڇڪيو. هن پنهنجي ڪتاب "سنڌو ماٿر ۽ ان ۾ وسندڙ قومون"، جيڪو اصل انگريزيءَ ۾ سن ١٨٥١ع ۾ شايع ٿيو، ان ۾ لکيو تہ "سنڌ ۾ پڙهيل خواهه اڻ پڙهيل اهڙو ڪوبہ ماڻهو نہ آهي، جنهن شاهه صاحب جا درد ڀريا داستان نہ ٻڌا هجن. ڪيس هم وطني 'سنڌ جو حافظ' سڏين ٿا." رچرڊ برٽن، جيڪو ١٨٤٤ع ڌاري سنڌ ۾ آيو، ڪيس پنجويهن ٻولين تي عبور حاصل هو. ان رائل ايشياٽڪ سوسائٽي پاران شايع ٿيندڙ جرنل ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي بابت چند مضمون لکيا، انهن ۾ شاهه سائينءَ جي بيتن

جو ترجمو پڻ پيش ڪيو. ان ڪان پوءِ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ آيو. هن صاحب سڀ کان پهريائين "سر سورٺ" جرمن ۾ ۽ پوءِ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ١٨٦٣ع ۾ شايع ڪرايو. (١) ڊاڪٽر ٽرمپ پهريون خوشنصيب عالم آهي، جنهن کي "شاهه جي رسالي" جي شايع ڪرائڻ جو شرف حاصل آهي. هن ١٨٦٦ ۾ جرمنيءَ جي شهر لپزگ مان وڏي اهتمام سان شاهه جو رسالو شايع ڪرايو.

ڊاڪٽر ٽرمپ ڪان پوءِ ساڳئي ملڪ سان واسطو رکندڙ خاتون عالم محترمه ايلسا قاضي شاهه سائينءَ جي چهه سؤ بيتن جو انگريزيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٥ع ۾ Risalo of Shah Abdul Latif (Selections) جي نالي سان شايع ڪيو. ان ترجمي ۾ ڪيس علامه آءِ. آءِ. قاضي وڏي مدد ڪئي. قاضي صاحب جي عالمانه فضيلت کان ڪير آگاهه نه آهي. اهو ساڳيو ترجمو هوبهوبعد ۾ ڊاڪٽر ايس. ايم. جهانگياڻي پنهنجي ٿيسز "Shah Latif and his Times" ۾ استعمال ڪيو آهي. جهانگياڻي صاحب جي اها ٿيسز دهليءَ مان ١٩٨٦ع ۾ شايع ٿي آهي.

حسن اتفاق سان، شاهه جي مترجمن ۾ ٽئين نمبر تي به جرمنيءَ جي خاتون عالم محترمه انيمري شمل اچي ٿي. ڊاڪٽر شمل شاهه سائينءَ جي فن، فڪر ۽ فلسفي تي نهايت اهم ڪم ڪيو آهي. موصوفه انگريزي ۽ جرمن ٻولين ۾ شاهه سائينءَ جي فڪر بابت ڪيئي تحقيقي مضمون لکيا آهن، جن ۾ سمجهاڻيءَ طور شاهه جي بيتن جو ترجمو پڻ ڏنو آهي. خاص طور تي سنڌس "جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين" يا "ڏوريان ڏوريان مَ لهان شال مَ ملان هوت" جي تشريح قابل ذڪر آهي.

ترجمي، تشريح بلڪ تحقيق جي لحاظ کان ڊاڪٽر ايچ. ٽي. سورلي جو ڪم پنهنجو مثال پاڻ آهي. اڄ تائين ان پايي جو ڪم ڪنهن به ڏيهي توڙي پرڏيهي عالم ڪونه ڪيو آهي. هو جڏهن ٺٽي محمد خان ۽ هالا ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر هو ۽ بعد ۾ سکر ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو ته باقاعده هر مهيني شاهه سائينءَ بابت ليڪچر ڏيندو هو. انهن ليڪچرن ۾ شاهه سائينءَ جي نهايت اهم نڪتن جي وضاحت ڪندو هو. هن ١٩٥٣ع ۾ هڪ ڪتاب "Musa parvagnis" ترتيب ڏنو، جنهن ۾ فرانسيسي، عربي، لاطيني، يوناني، اردو ۽ سنڌي زبان جي نمائنده ٩ شاعرنءَ جي غنائيه شاعريءَ جو تقابلي مطالعو پيش ڪيو، ۽ شاهه سائينءَ کي سڀني کان مٿاهون ۽ اول رکيو آهي.

ڊاڪٽر سورلي جي شهره آفاق ڪتاب "Shah Latif of Bhit"، جنهن تي کيس ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ملي، ان ۾ پاڻ شاهه جي سوانح حيات ۽ ان دؤر جي سماجي ۽ معاشي حالتن جي ڀرپور اپٽار ڪئي آهي. ان سان گڏ صوفي فڪر جي ارتقائي تاريخ تي روشني وڌي آهي. سورلي صاحب تقريباً هر سُر جو پس منظر بيان ڪندي، شاهه جي وطن پرستي، انساني قدرن جي تشريح، شاعرانه عظمت ۽ همعصر شاعرن ۾ سنڌس مرتبي کي واضح ڪيو آهي. سنڌس منظوم انگريزي ترجما، پنهنجي نغمگي، فڪري پختگي ۽ صوتي اثر جي لحاظ کان وڏي اهميت رکن ٿا.

ڏيهي عالمن ۾ ڏيارام گدومل پهريون ليکڪ هو، جنهن شاهه جي شخصيت ۽ شاعريءَ بابت ١٨٨٢ع ڌاري هڪ ننڍڙو ڪتاب "Something about Bhittai- the greatest Poet of Sindh" لکيو. ان ۾ هن ٢٥ بيتن جو آسان انگريزي ترجمو ۽ شاهه بابت مقامي روايتون تحرير ڪيون آهن.

ان کان پوءِ هڪ ٻئي هندو ليکڪ جو نالو اچي ٿو، جنهن شاهه لطيف بابت انگريزي ٻوليءَ ۾ هڪ مڪمل ڪتاب لکيو. سنڌس نالو ليلارام وطن مل هو ۽ ڪتاب جو نالو "Life, Religion and Poetry of Shah" هو. اهو ڪتاب سن ١٨٩٠ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيو. ان ۾ نه صرف ڪن بيتن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڏنو ويو آهي، بلڪ 'رسالي" ۾ آيل قرآني آيتن، عربي، فارسي ۽ بلوچي فقرن ۽ اصطلاحن جو ترجمو به ڏنو ويو آهي. تحقيق ۽

تاليف جي نقطہ نگاھ کان ھي ڪتاب نھايت اھم حيثيت رکي ٿو. ويجھڙ ۾ اھو ڪتاب وري ڇپيو آھي.

مرحوم جي. الانا بہ شاھ صاحب جي حوالي سان چڱو ڪم ڪيو آھي. پاڻ سنڌ جي چئن ڪلاسيڪي شاعرن جي چونڊ ڪلام جو انگريزيءَ ۾ ترجمو پيش ڪيو اٿائون. اھو ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان "Four classical Poets of Sindh" جي نالي سان ۱۹۸۳ع ڌاري شايع ٿيو. اھڙيءَ طرح الانا صاحب جو ھڪ ٻيو ڪتاب "Selections from Risalo" آھي، جيڪو سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي ۱۹۸۰ع ۾ شايع ڪرايو. ان ۾ متن جي سامھون انگريزيءَ ۾ ترجمو ڏنو ويو آھي.

سنڌ جي ھڪ ٻئي نامور اديب ۽ محقق تيرٿداس ھوتچند "The Song of Keenjhar Lake" جي نالي سان "سرڪاموڏ" جا بيت انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا آھن. اھو ڪتاب ۱۹۶۳ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيو. انگريزي ترجمن جي حوالي سان آخر ۾ آغا محمد يعقوب جو ذڪر ڪرڻ اشد ضروري آھي، جو پاڻ مڪمل رسالي کي ٽن جلدن ۾ ترجمو ڪيو اٿن. ان کي ڪنھن حد تائين مجمل تشريح بہ چئي سگھجي ٿو. ان ترجمي جي حوالي سان آغا صاحب مولانا رومي ۽ حافظ کي بيحد پڙھيو تہ جيئن تصوف جي باريڪ نڪتن کي چڱيءَ طرح سمجھي سگھجي. ساڳئي وقت ھن قرآن شريف جي حياتيءَ واري فلسفي کي پڻ تقابلي انداز ۾ بيحد پڙھيو. ترجمي پڙھڻ وقت اِھي ٻئي ڳالھيون بارھا نظر اچن ٿيون. اھو پنھنجيءَ نوعيت جو تمام عمدو ترجمو آھي. شاھ سائينءَ جي اسڪالرن ان کي ساراھيو آھي.

ان کان علاوه چند مضمون منھنجي نظر مان گذريا آھن، جن ۾ مختلف اديبن ۽ محققن حوالي طور شاھ جي بيتن جو ترجمو ڏنو آھي. اھي ترجما گھٽي قدر آسان نثر ۾ آھن. اھڙيءَ ريت محترم قمر شھباز "سر ڪيڏاري" جو ترجمو ڪيو آھي ۽ جناب امير علي چانڊيو، روزنامہ "ھلال پاڪستان" ڪراچي ۾ روزانہ ھڪ بيت جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڏيندو رھيو.

جيستائين اردو ترجمن جو تعلق آھي تہ اھا ڊگھي فھرست آھي. افتخار عارف، ڊاڪٽر اياز حسين قادري واري منثور ترجمي جي مھاڳ ۾ ھيٺيان نالا ڄاڻايا آھن: شيخ اياز، حفيظ ھوشيارپوري، ابن انشاء، الياس عشقي، شان الحق حقي، آفاق صديقي، آغا خالد سليم.

مون کي مطالعو ڪندي وڌيڪ ھي نالا مليا آھن: محترم جميل نقوي، محسن ڀوپالي، رشيد احمد لاشاري، شمشير الحيدري، شاھد ڪاظمي، وفا راشدي، شھناز نور وغيره. انھن شاعرن شاھ سائينءَ جي ڪن بيتن ۽ واين جو اردو ۾ ترجمو ڪيو آھي. البت مڪمل طور تي اسان ترجمو مخدوم امير احمد جي نثري ترجمي کي چونداسين، جنھن ۾ پوري رسالي جو احاطو ڪيو ويو آھي. مخدوم صاحب فارسي ۽ عربيءَ جو وڏو عالم ھو. ھن تاريخ معصومي جو فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو آھي. مخدوم امير احمد اھو ترجمو پير حسام الدين راشدي جي چوڻ تي ڪيو، جنھن کي پوءِ بنياد بنائي شيخ اياز پوري ڪلام جو منظوم اردو ترجمو ڪيو. شيخ اياز کي آفاق صديقيءَ جو سھڪار حاصل ھو. صديقي صاحب شاھ صاحب جي سيني سُرن تي مشتمل ڪتاب "عڪس لطيف" (اردو) پڻ لکيو آھي، جيڪو "شاھ لطيف ميموريل سوسائٽي" پاران سکر مان ۱۹۷۴ع ۾ شايع ٿيو.

شيخ اياز کان پوءِ مڪمل منظوم ترجمو آغا سليم ڪيو آھي، جنھن جو پھريون جلد لوڪ ورثي پاران ۱۹۸۴ع ۾ شايع ٿيو. آغا سليم جي ترجمي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اھو موسيقيءَ جي لحاظ کان معتبر آھي. سندس ترجمي ۾ اُھا لئي ۽ موسيقي قائم آھي، جيڪا شاھ سائينءَ جي اصل ڪلام ۾ آھي. ضرورت ان ڳالھ جي آھي تہ آغا صاحب جو مڪمل ترجمو شايع ڪيو وڃي.

جيئن ته آغا سليم موسيقي جي فن کان نه صرف آگاهه آهي، بلڪ هو حد درجي تائين ان سان رغبت به رکي ٿو. هو شاهه سائينءَ جي موسيقيءَ جي رمزن کان به چڱيءَ طرح واقف آهي. اهو ئي سبب هو جو مون ثقافت کاتي ۾ پنهنجي سيڪريٽري شپ واري عرصي دوران سندس ڪتاب "شاهه جي موسيقي" کي اشاعت لاءِ چونڊيو هو، پر منهنجي وڃڻ کان پوءِ خبر ناهي ته اهو ڪم ڪٿي پهتو آهي.

هاڻي ٻين زبانن ۾ ڪيل ترجمن جي باري ۾ ضمناً ڪجهه عرض ڪنديس. مولوي هدايت الله هالائي مرحوم، شاهه جي ڪلام جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو، پر افسوس جو اهو شايع ٿي نه سگهيو ۽ اهو نسخو ضايع ٿي ويو. هاڻي نياز همايوني فارسيءَ ۾ شاهه جو ڪلام ترجمو ڪري رهيو آهي. نياز صاحب فارسي مان سنڌي ۾ ڪجهه ٻين ڪتابن جو به ترجمو ڪيو آهي. ڪيس ادب جي چڱي ڄاڻ آهي. جي اهو مڪمل ٿيو ته لطيفيات ۾ سنو واڌارو ليکيو ويندو.

فضل الرحيم سومري به ڪافي عرصي کان عربيءَ ۾ شاهه جو ڪلام ترجمو ڪري ڇپايو. هن پنهنجي خرچ تي ڪجهه ڪتابڙا به شايع ڪيا آهن. هڪ ته انهن جي ڇپائي بلڪل بيڪار آهي ۽ ٻيو ته شاهه جا شارح ان ترجمي جي باري ۾ سٺي راءِ نه ٿا رکن.

محترم حڪيم محمد سعيد پنشاهه ۾ اعلان ڪيو هو ته هو پنهنجي خرچ تي شاهه جي ڪلام کي روسي زبان ۾ شايع ڪرائيندو. حڪيم صاحب تمام سٺي ڳالهه ڪئي آهي. اسان چاهيون ٿا ته وچ ايشيا جا رهاڪو به شاهه جي آفاقي پيغام ۽ انساني عظمت ۽ احترام جي جذبن سان سرشار ڪلام کي سمجهن. ۾ وقت جي اولين گهرج آهي ته پاڪستان جي ٻين زبانن ۾ شاهه جي ڪلام ۽ پيغام کي ترجمو ڪيو وڃي.

آخر ۾ اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جي ڪوشش کي تحسين پيش ڪريان ٿي، جو هي ادارو پنهنجن ڪاوشن سان فڪري وحدت کي فروغ ڏيئي رهيو آهي. حقيقت ۾ اسان جي چئني صوبن جي صوفي بزرگن جي فڪر ۾ ڪو به فرق نه آهي. سڀني اعليٰ انساني قدرن جي تلقين ڪئي آهي. ڪدورت، نفرت ۽ منافقت کان پري رهڻ جو ڏس ڏنو آهي ۽ صرف هڪ خدا جي آڏو جهڪڻ لاءِ چيو آهي. ڪاش، اسان انهن بزرگن جي هدايتن تي عمل ڪريون.

هن منشور اردو ترجمي لاءِ به وڏيءَ محنت ۽ محبت کان ڪم ورتو ويو آهي. اُن تي جناب غلام رباني نهايت عالمانه مقدمو لکيو آهي.

عجيب اتفاق آهي جو شيخ اياز کان پوءِ ترجمي جو ڪُٺو اياز قادري جي قسمت ۾ آيو. قادري صاحب نهايت چڱو ترجمو ڪيو آهي. حق ته اهو آهي ته بقول علامه آءِ. آءِ. قاضي "جيڪڏهن قرآن کي سمجهڻو آهي ته عربي ٻولي سکڻ ضروري آهي، ۽ جيڪڏهن شاهه سائينءَ کي پڙهڻو آهي ته پوءِ سنڌي سکڻ لازمي آهي" . ترجمي جي لحاظ کان ڊاڪٽر ٽرمپ جو به اهو ئي خيال آهي ته "شاهه لطيف جو ترجمو تقريباً ناممڪن آهي."

جيڪڏهن پروفيسر اياز حسين قادري کي مخدوم امير احمد وارو نثري ترجمو ڏنو وڃي ها، ته شايد موجوده ترجمي جي ڳالهه ئي ڪجهه ٻي هجي ها. بهرحال جو به آهي، لطيف شناسي ۾ هڪ اهم باب جو اضافو آهي.

(اڪيڊمي ادبيات پاڪستان پاران "شاهه جي رسالي" جي اردو نثر ۾ شايع ڪيل ترجمي جي مهورت وقت پڙهيل)

سليم ميمڻ

# ميان علي محمد قادري جون ادبي خدمتون

اُهي اديب ۽ شاعر جن سنڌي ادب ۽ شاعري جي وڏي خدمت ڪري پنهنجو نالو امر ڪري ڇڏيو آهي، تن ۾ علي محمد قادري جو نالو بہ ذڪر جوڳو آهي. سندس علمي خدمتن جو ذڪر، سنڌي ادبي تاريخ جو هڪ سونهري باب آهي. ١٩١٥ع کان وٺي نندي ڪنڊ جي ورهاڱي تائين سنڌي عروضي شاعري جو دور ميان علي محمد قادري جو دور هو. پاڻ ان دور جي عظيم علمي ۽ ادبي شخصيت هو، جنهن سان ان دور جا تمام گهڻا شاعر ۽ اديب وابستہ رهيا.

ميان علي محمد ولد بهاءُ الدين، تخلص "قادري" ، لاڙڪاڻي شهر جي مشهور درويش فقير ميان محمد صالح جي پاءُ ميان رضا محمد جو پوٽو هو. فقير ميان محمد صالح، ميان عبدالحق درازي (جنهن جو سچل سرمست پڻ مريد هو) جو مريد هو، ان ڪري هو سچل سائينءَ جو پير ڀائي هو. پوءِ هو سچل سائينءَ جي مريدن ۽ خليفن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. ميان محمد صالح پنهنجي مرشد ميان عبدالحق جي فرمائش تي لاڙڪاڻي لڏي آيو.

ميان علي محمد جي تعليم ، سندس مامي غلام محمد "گدا" ولد فقير ميان محمد صالح جي نظر هيٺ ٿي. ميان غلام محمد "گدا" هڪ وڏو عالم ۽ پارسي، سرائڪي، هندي ۽ سنڌيءَ جو وڏو شاعر هو. هن خاندان جي پيري مريديءَ جو سلسلو سنڌ ۽ بلوچستان تائين پکڙيل هو. ميان علي محمد، ميان غلام محمد سان گڏجي وقت بوقت پنهنجن مريدن وٽ ويندو رهندو هو.

ميان علي محمد پنهنجي مامي جي چوڻ تي شعرو شاعري ۾ طبع آزمائي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پارسي غزل تيار ڪري اصلاح لاءِ سندس آڏو پيش ڪيو، جنهن جو مطلع هو:

نشتہ بردرت اين داد خواهت،
زمد تها بہ اميد نگاهت-

پروفيسر رام پنجواڻي لکي ٿو: "ميان غلام محمد غزل ٻڌي خوش ٿيو ۽ چيائين: شڪر ٿيو اسان جي اولاد ۾ وري هڪ شاعر پيدا ٿيو."

ميان علي محمد جيستائين زنده هو، تيستائين سندس اوطاق تي عالمن، فاضلن، اديبن، شاعرن، سياستدانن، هندو توڙي مسلمانن جي ڪچهري لڳل رهندي هئي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عالم ۽ شاعر ڪمي اچي سانس ڪچهري ڪندا هئا ، جڻ هو مني پاڻيءَ جو هڪ اهڙو تلاءُ هو، جتي هرڪو پنهنجي اڃ اجهائيندو هو. هو هڪ صاف دل صوفي هو، جنهن وٽ ڀيائي ڪانہ هوندي هئي. هندو توڙي مسلمان سڀ کيس نهايت عزت ۽ پيار سان ڏسندا هئا ۽ سندس ادب ڪندا هئا. هو پنهنجي محلي ۾ عيد جي نماز جي امامت ڪندو هو. شهر جا سُني ۽ شيعا سڀيئي هن جي پٺيان نماز ادا ڪندا هئا. هو ميان سخي قبول محمد اول درازن واري جو مريد هو. کانئس فيض حاصل ڪرڻ ۽ سندس خدمت ۾ گهڙيون گذارڻ خاطر وقت بہ وقت سندس خدمت ۾ وڃي حاضر ٿيندو هو. هڪ پيري ڪنهن ماڻهو کانئس پڇيو تہ اوهان مسلمانن جي ڪهڙي فرقي سان واسطو ٿا رکو، تہ ان کي يڪدم جواب ڏنائون:

ڪي سڏن سُني، ڪي شيعو تا چون سڀ عام خاص،
ڪي صفا صوفي سڏن منهنجو پڙهي هي خوش ڪلام
جوني آهيان سوني آهيان، جيئن چون مر پيا چون،
پارهن پنجن ۽ چئن جو قادري آهي غلام.

قادري، لاڙڪاڻي جي وڏي عزت واري نواب حاجي امير علي لاهوري سان گڏجي ٻه ڀيرا حج ڪيو ۽ حرمين شريف ۽ ڪربلا معليٰ جي زيارت کان مشرف ٿيو.

قادري پنهنجي شهر جي مسلمانن جي بهتري ۽ بهبودي لاءِ هر وقت ڪوشش ۾ لڳو پيو هوندو هو. هو شهر جي سياست ۾ بهرو وٺي سندن مشڪلاتن ۽ مسئلن کي دور ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهندو هو. جڏهن کان وٺي لاڙڪاڻي شهر ۾ ميونسپل ڪميٽي قائم ٿي هئي، هو ان جو ميمبر ۽ ڪنهن نہ ڪنهن ڪميٽيءَ جو چيئرمن چونڊبو هو.

## قادري جون ادبي خدمتون:

ميان علي محمد قادري جي وڏي ادبي خدمت آهي سنڌ ۾ "پهرين بزم مشاعره" جو قيام. قادري کي شاعري ورثي ۾ ملي هئي. سندس مامو ميان غلام محمد گدا ۽ نانو ميان محمد صالح درويش پنهنجي وقت جا وڏا شاعر هئا. اهو سندن ئي فيض هو جنهن قادريءَ جي طبع جو لاڙو شاعريءَ ڏانهن ڪيو ۽ هو پنهنجي وقت جو وڏو استاد شاعر بنجي پيو، جنهن کان سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن فيض حاصل ڪيو.

ميان علي محمد قادري جي اوطاق تي وقت به وقت شعر ۽ سخن جون محفلون ٿينديون رهنديون هيون، جنهن ۾ لاڙڪاڻي شهر ۽ ضلعي جي شاعرن جهڙوڪ نواز علي نياز جعفري، حاجي محمود خادم، ميان غلام سرور فقير، حافظ عبدالله عبد، مولوي محمد عاقل "عاقل، مولوي محمد عظيم شيداءِ ڪشنچند بيوس کان سواءِ سنڌ جا ناميارا شاعر شمس الدين بلبل، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي، محمد هاشم مخلص، حافظ محمد احسن، جمع خان غريب ۽ ٻيا شريڪ ٿيندا هئا.

رئيس شمس الدين بلبل ١٩١٥ع ۾ جڏهن لاڙڪاڻي ۾ هفتيوار "خير خواهہ" اخبار جو ايڊيٽر هو. تڏهن ميان غلام محمد قادري جي ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيندو هو. حاجي محمود خادم پنهنجي ڪارگذارين "اسان جون ناچيز خدمتون" ۾ لکي ٿو تہ "رئيس بلبل جي صلاح ۽ ٻين بزرگن جي همتائڻ سان لاڙڪاڻي ۾ ١٩١٥ع جي بهار وارن ڏينهن ۾ بزم مشاعره جو بنياد وڌو ويو."

بزم مشاعره جو باني ميان علي محمد قادري هو، تنهنڪري هن کي "باباءِ بزم مشاعره" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي. بزم مشاعره جو صدر ميان علي محمد قادري ۽ سيڪريٽري حاجي محمود خادم هو.

پير حسام الدين راشدي "هو ڏوٿي هو ڏينهن" ۾ لکي ٿو تہ "بزم مشاعره لاڙڪاڻي کان اڳ سنڌ ۾ اخبارن ۾ مشاعرا ٿيندا هئا. لاڙڪاڻي ۾ جڏهن مشاعرو شروع ٿيو تہ اهو 'عوامي مشاعرو' ٿي پيو، جنهن جا دروازا هر ڪنهن لاءِ کليل هئا، جنهن ۾ هرڪو شاعر ۽ سامعين وڏي خوشيءَ سان شريڪ ٿي سگهندو هو. هر مشاعري لاءِ سنڌي ۽ اردو طرح ڏني ويندي هئي. مصرع طرح جو اعلان مشاعري ۽ اخبارن ۾ ڪيو ويندو هو ۽ شاعرن ڏانهن ڪارڊ رستي اطلاع موڪليو ويندو هو. مشاعري ۾ سڄي سنڌ مان شاعر اچي گڏ ٿيندا هئا. داد سُخن ڏيندا ۽ وٺندا هئا."

محمد بخش واصف، لاڙڪاڻي جي مشاعري ۾ داد سخن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

"ڪٿي نقدِ غزل تون پي، خريدِ داد لئہ هل دل
بدان تو لاڙڪاڻي ۾ تہ البت شعر خواني آ

بزم مشاعره لاڙڪاڻي جو اهو اثر نڪتو جو سڄي سنڌ ۾ بزم مشاعره قائم ٿي ويا. اهڙيءَ طرح عروضي شاعري ۽ غزل سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر ۾ پهچي ويو، جنهن ڪري سنڌ ۾ ڪيترا ئي غزل گو شاعر پيدا ٿيا.

ميان علي محمد قادري جي ٻي وڏي خدمت هئي سنڌ ۾ "سنڌي ادبي ڪانفرنس" ڪوٺائڻ جو پايو وجهڻ.

بزم مشاعره لاڙڪاڻي سنڌ ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪري ورتي هئي، ۽ هي بزم مشاعرو سنڌ جي شاعرن جي دلچسپي ۽ توجہ جو مرڪز ٿي پيو هو. ميان علي محمد قادري کي سنڌ جي شاعرن جي شعرو شاعري سان ايڏو چاهه ڏسي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنس يا سنڌ مشاعرو ڪوٺائڻ جو خيال پيدا ٿيو. بزم مشاعره لاڙڪاڻي جا سرگرم ڪارڪن ميان غلام سرور فقير، نواز علي نياز جعفري، حاجي محمود خادم، ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي ۽ امير الدين همدم بہ سندس خيال جي تائيد ڪئي. ڪانفرنس جي ڪم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ساڻس مڪمل تعاون ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو.

هي ڪانفرنس ۲۵ ۽ ۲٦ ڊسمبر ۱۹۲۱ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڪوٺائي ويئي. هن ڪانفرنس جو باني مباني ۽ استقباليہ ڪميٽيءَ جو چيئرمن ميان علي محمد قادري هو. ڪانفرنس جي صدارت مرزا قليچ بيگ ڪئي. مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڊائريءَ ۾ ان ڪانفرنس جو مختصر احوال هن ريت بيان ڪيو آهي:

۲۴ - ڊسمبر:

ڏينهن واري گاڏيءَ ۾ لاڙڪاڻي ويس، جتي سنڌ جي شاعرن جي پهرين ڪانفرنس ٿيڻ واري هئي ۽ مون کي ان جو پريزيڊنٽ مقرر ڪيو ويو هو. منوچهر ۽ ٻيا ڪيترا ماٿهو اسٽيشن تي حاضر هئا، جن گلن جا هار وڌا ۽ پروسيشن ۾ شهر وٺي ويا ۽ منزل تي پهتاسون.

۲۵ - ڊسمبر:

ڪانفرنس شروع ٿي. راڳ ۽ رپورٽون پڙهيون ويون ۽ مان مختصر جواب ڏنو. شام جو سبجيڪٽ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ هئي. آءٌ نہ ويس. مون کي ڪارگذاريءَ کان واقف ڪيو ويو.

۲٦ ڊسمبر:

شروع ۾ منهنجي تقرير ٿي "شعر جي شرافت ۽ شان بابت". پوءِ طرح وارا غزل پڙهيا ويا. ڏينهن جو ڪاڌو مدرسي ۾ سيني ملي ڪاڌو، شام جو سيني جي تصوير ڪڍي ويئي.

هن ادبي ڪانفرنس جي مشاعري جي طرح هئي "ستارو منهنجي قسمت جو اوهان جي مهرباني آ." اها طرح مرزا قليچ بيگ طرفان ڏنل هئي.

ميان علي محمد قادري جي ٽين اهم خدمت هئي ۱۹۲۵ع ۾ "گلدستہ سنڌ" ماهوار رسالي جو اجراءُ. هونئن تہ ماهوار رسالن ڪيترو وقت اول نڪرڻ شروع ڪيو هو، پر اهي گهڻو ڪري نثر تائين محدود هئا ۽ ڪن رسالن ۾ ڪي شعر تبرڪ طور شايع ڪيا ويندا هئا، مگر "گلدستہ سنڌ" سنڌ ۾ سنڌي زبان جو اهو پهريون رسالو هو، جيڪو صرف شعرو شاعريءَ لاءِ وقف هو.

رسالي جي سرورق مٿان "الشعراءِ تلاميذالرحمان" جا لفظ لکيل هئا. ان جي هيٺان رسالي جو نالو "گلدستہ سنڌ." ان جي هيٺان ميان علي محمد قادري جو هي شعر لکيل هو:

عجب رنگين گلن سان گڏ ٿيل آهي هي گلدستہ
رگِ دل شاعرن جي سان ٻڌل آهي هي گلدستہ

## الشعراء تلاميذ الرحمان

عجيب رنگين گلن سان ڪيئن ڀريل آهي هي گلدستو

رڳو دل ڏيڻ جي سان ڀريل آهي هي گلدستو

هي تحفو سنڌ جو دانشورن لئي آهي گلدستو

گلن مضمون رنگين سان ڪيئن ڀريل آهي هي گلدستو

ماهوار رسالو ١٥ جنوري ١٩٢٦

# گلدستهٔ سنڌ

سخن دانن ۽ دانائن جي محفل جو هي زيب آهي

طبع تازيءَ تن جي لئي رکيل آهي هي گلدستو

ڪرڻ لئا قدر هن جو قادري ارباب معنيٰ جا

اهي گلن لئي اجايو ڪيئن ڀريل آهي هي گلدستو

مطالب - بزم مشاعره لاڙڪاڻو سنڌ

ايڊيٽر - حڪيم ميان علي محمد صاحب قادري

هي تحفو سنڌ جي دانشورن لئہ آهي گلدستہ
گلن مضمون رنگين سان گڏيل آهي هي گلدستہ
سندانن ۽ دانائن جي محفل جو هي زيب آهي
طبع تفريح تن جي لئہ رکيل آهي هي گلدستہ
کرن ٿا قدر هن جو قادري ارباب معنيٰ جا
ايائن لئہ اجايو گڏ ٿيل آهي هي گلدستہ

هن رسالي سنڌ ۾ غزل کي وڏيڪ مقبول بنايو ۽ سنڌي غزل جي معيار کي بلند ڪيو.

## قادري جون تصنيفون:

ميان علي محمد قادري جون ننڍيون وڏيون ڪيتريون ئي تصنيفون آهن، جن مان ٽن کي وڏيڪ اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن مان هرڪا تصنيف پنهنجي وقت جي سنگ ميل آهي. انهن پنهنجي وقت ۾ سنڌي ادب ۾ وڏي جاءِ والاري ۽ اديبن تي وڏو اثر وڌو آهي، اُهي آهن:

(١) داستان حسن عشق، (٢) مثنوي ليليٰ مجنون، (٣) ديوان قادري.

سنڌ ۾ انگريزن جي اچڻ کان پوءِ سنڌ ۾ سنڌي اسڪولن جي قائم ٿيڻ سان سنڌيءَ ۾ علمي ۽ ادبي ڪتابن پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ ان دور ۾ ٻين زبانن خاص طرح فارسي ۽ اردو مان سنڌي ۾ قصيدن ۽ داستانن ترجمو ڪرڻ جو رواج پڻ پيو، جنهن ڪري الف ليليٰ، حاتم طائي، ممتاز دمساز، چار درويش، امير حمزه وغيره، قصا ۽ داستان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا. پر اهو سهرو ميان علي محمد قادريءَ جي سر تي آهي، جنهن سنڌيءَ ۾ پهريون قصو اصلوڪو، "حسن عشق" جي نالي سان لکي سنڌي ادب ۾ اصلوڪن داستانن لکڻ جو بنياد رکيو. ميان علي محمد قادري هن داستان لکڻ جو سبب ڪتاب جي مهاڳ ۾ هينئن بيان ڪيو آهي: "گهڻن دوستن ۽ رفيقن، عزيزن، انيسن، جليس محفل محبت جي چيو تہ ڪيترا شاعر شيرين زبان فصيح اللسان، علميت ۽ قابليت جي گهوڙي کي مضمون رنگين ۽ فارسي سنگين جي سازو سامان سان سينگاري حسن ۽ عشق جي ميدان ۾ تيز فهمي ۽ چالاڪي جو چهبڪ چڪائي ڊڪائي دوڙائي گوئي سبقت جي ڪٽي ويا آهن. هاڻي جيڪڏهن سخن جي سمنڊ کي صاف سنڌي زبان جي سامان سان سينگاري ڪن ڪن فارسي هندي بيتن جي سازن سان موزون ڪري حسن ۽ عشق جي ميدان ۾ جولان ڏيندا تہ اجوڪي سخن جي سوارن ۽ تماشبينن وٽ گوئي اڳراڻي جي ڪٽي پسند خاطر پوندو."

جيئن تہ ميان علي محمد قادري صوفي مسلڪ جو بزرگ هو، تنهن ڪري هن حسن عشق جي قصي ۾ بہ مجاز جي پردي ۾ تصوف جون ڳالهيون ڪيون آهن.

قصي جو هيرو شهزادو عشق آهي ۽ قصي جي هيروئن شهزادي حسن بانو آهي، جي زماني جون تڪليفون ۽ رنج، ڏک ۽ ڏاڪڙا، فراق ۽ هجر جو وقت گذاري آخر وصل سان همڪنار ٿين ٿا.

هي قصو ١٩٠٦ع بمطابق ١٣٢٣هہ منشي پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور سنڌ شايع ڪيو آهي. هن قصي جي شايع ٿيڻ جون تاريخون ان وقت جي وڏن عالمن ۽ اديبن، مولوي محمد عاقل "عاقل"، شمس الدين "بلبل" ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڪڍيون آهن:

مولوي محمد عاقل

تو عاقلي سن تاريخ اين ڪتاب غريب
لڳو ڪہ قصہ شادي شهزاده عشق (١٣٢٣ هہ)

# المجاز قنطرة الحقيقه

هي ڪتاب مستطاب خاص ۽ عام ماڻهن جي وندر
لاءِ مفرح القلوب گوندر ۽ غم جي ڪٽڻ لاءِ دل مرغوب
جو تريل جناب ميان علي محمد ولد بہاؤ الدين جاماڻي
ويٺل شهر لاڙڪاڻي ۽ نالو مبارڪ هن ڪتاب جو

# حُسن عشق

ءُ

# حُسن بانو

جو ٺٽن کي منشي پوڪرداس تاجر ڪتب
شڪارپور سنڌ پنهنجي خرچ سان ڇپائي تيار ڪيو
حق ۽ واسطا سڀ تاجر ڪتب صاحب قصد
ڇپائڻ جو نڪري جو هن تصنيف ذي ورتو ويو

دفعه اوّل قيمت -

لکنو ڪشور پرنٽنگ ورڪس ۾

شمس الدين بلبل

خرد بہ بلبل از بهر سال هجري گفت
عزيز وصل عجائب ڪتاب حسن عشق (١٣٢٣ ھ)

ميان فتح محمد صفير سيوهاڻي

تاريخ حسن و عشق بمقطع نگر صفير
معلوم داري ار تو از آثار رازِ عشق.
ناز و ڪرشمہ عشق و زيب نعيم حسن (١٣٢٣ ھ)
زاري و شور آه و سوز گداز عشق (١٣٢٣ ھ)

ميان علي محمد قادري جي ٻي عظيم تصنيف آهي "مثنوي ليليٰ مجنون." هي مثنوي ميشرس ويڙهو مل ڪنڊ مل، پبلشر لاڙڪاڻه ١٩٢٩ع ۾ ڇاپي پڌري ڪئي آهي.

ليليٰ مجنون جي عشق جو داستان ايران هند ۽ سنڌ ۾ نهايت مشهور ۽ مقبول آهي، جنهن کي ايران ۽ برصغير جي ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي نوع ۽ انداز ۾ بيان ڪيو آهي. سنڌ ۾ اهو شرف ميان علي محمد قادري کي حاصل آهي، جو هن ان کي سنڌي زبان ۾ نهايت سليس ۽ وڻندڙ نموني نهايت رواني ۽ پختگيءَ سان بيان ڪيو آهي. هو ڪتاب جي تصنيف بابت لکي ٿو: "عرب جو عاشق جانباز مجنون نالي جنهن جي عشق جي راز جهان ۾ ولولو وجهي ڇڏيو آهي، جنهن جو قصو فارسي زبان ۾ نظم جي صورت ۾ مولانا عبدالله متخلص هاتفي ۽ مولانا نظامي صاحب لکيو آهي، جنهن کان اهل سنڌ گهڻو ڪري غير واقف ۽ نا آشنا آهن. گهڻن دوستن جي فرمائش کي منظور ڪري اهل سنڌ جي دلچسپي ۽ مشغلي لاءِ سمورو قصو سنڌي نظم ۾ لکيو ويو."

هي قصو بيان ڪندي ميان علي محمد قادري ليليٰ مجنون جي درد انگيز داستان کي نهايت پر اثر ۽ رقت انگيز انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

ليليٰ مجنون جي موت تي ماتم ڪندي قادري صيفي عشق ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو:

بـقــا نــاهـي حـــســيـنـان جـهـــان کـي،
نــہ ٿـي عـــاشــق اي دل حـــســن بـتـــان تـي.
ٿــيـڻ عـــاشـق انـهـيءَ تـي گـــهـــرجـي هـردم،
نــہ ٿـي فـــانـــي هـجـي هـر وقـت قـــائـــم.

ميان علي محمد قادري جي ٽين شاهڪار تصنيف آهي "ديوان قادري." هي ديوان ١٩٣٩ع ۾ قادري پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻي مان سندس وفات کان سال کن اڳ شايع ٿيو هو.

ميان علي محمد قادري پنهنجي وقت جو استاد شاعر ۽ علم عروض جو ماهر هو. سنڌ جا عالم ۽ شاعر سندس علم ۽ شاعري جي بلندي جو اعتراف ڪندڙ هئا. ڪيترن شاعرن سندس فيض سان پنهنجي جهولي کي ڀريو ۽ پاڻ پنهنجي وقت جا وڏا شاعر بڻجي ويا. پير علي محمد راشدي "اُهي ڏينهن اُهي شينهن" ۾ سندس شاعريءَ جي استاد هجڻ جو اعتراف ڪندي لکي ٿو: " ميان علي محمد قادري شاعريءَ جو شغل ڪندو ٿي رهيو. نہ فقط صورت بلڪ سيرت ۾ بہ بزرگ هو. فارسي خواه سنڌي ڪلام گهڻو ڇڏيائين. سندس هر عمر شاعر کيس استاد ڪري مڃيندا هئا."

قادري "بزم مشاعره" لاڙڪاڻي جو صدر هو. حاجي محمود "خادم" اهو ذڪر ڪندي سندس عروض جي

قابليت جو اعتراف هينئن ڪيو آهي:

اسان جو لاڙڪاڻو آهه جڻ هڪ سنڌ جي محفل
اسان جي بزم آهي سنڌ ۾جڻ شمع محفل جي
پريزيڊنٽ وزنن سان ڪنيو وينو ترازو آهه،
سنڌس بحر فصاحت ڪي نه صورت آه ساحل جي

ديوان قادري ۾ غزلن سان گڏ مثلث، مسدس، مخمس ۽ قطعات پڻ ڏنل آهن. قادري جي سموري ڪلام تي مجاز ڪان زياده تصوف جو رنگ ڇانيل آهي. سندس ڪلام ۾ سنڌوء جي ڇولين واري رواني، لاڙڪاڻي جي پاڻي جهڙو ميناج ۽ ماهر وينجهار واري پختگي آهي. سندس ڪلام پڙهڻ سان انسان جي دل دنيا جي موهه جا بندڻ ٽوڙي حقيقي محبوب سان وڃي ملي ٿي. پير حسام الدين راشدي "هو ڏوٿي هو ڏينهن" ۾ سندس غزل بابت چوي ٿو: "سندس غزل نهايت ادب ۽ خاموشي سان پڙو ويندو هو. هڪ اڌ بيت توحيد ۽ نعت ۾، چند سٽان پنجتن پاڪ جي تعريف ۾، ڪجهه نڪتا اخلاق جا ۽ ڪي سبق تصوف جا. ڪڏهن ڪڏهن عشق جي چاڻ بہ اچي ويندي هئي."

ڊاڪٽر اياز قادري "سنڌي غزل جي اوسر" ۾ سندس شاعريء تي هيئن تبصروڪيو آهي: "قادري جي شاعري ساونڻ جي مينهن جي انهن بوندن مثل آهي، جن جي ڪرڻ سان ڌرتيء تي هڪ وڻنڌڙ خوشبو چوطرف پکڙجي ويندي آهي. هو بنيادي طرح غزل جو شاعر آهي. هن جي دل ۽ دماغ تي حقيقي محبوب ۽ سندس پيارن جي محبت ڇانيل آهي، تنهن ڪري سندس ڪلام تصوف جو آئينو آهي."

سنڌ جو هيءُ عظيم استاد شاعر، باباءِ بزم مشاعره ١٠- نومبر ١٩٤٠ع تي صبح جو دنيا جي بزم کي هميشہ لاءِ الوداع چئي هليو ويو. سندس وفات تي ڏک جا مرثيا ۽ وفات جون قطع تاريخون لکيون ويون.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي سندس وفات تي سترنهن قطع تاريخون لکيون، جن مان ڪجهه هي آهن:

شاعر بي مثال جامع ڪمال (١٣٥٩ هه)

شاعر بي مثال طوطي مقال(١٣٥٩ هه)

## مددي ڪتاب


(١) رام پنجواڻي: مضمون "حڪيم علي محمد قادري"، "سنڌو" ماهوار، نومبر ١٩٣٦ع.
(٢) حاجي محمود خادم: "اسانجون ناچيز خدمتون" (مضمون) قادريہ پرنٽنگ پريس، لاڙڪاڻو ١٩٥٤ع.
(٣) پير حسام الدين راشدي: "هو ڏوٿي هو ڏينهن"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٧٧ع.
(٤) جمع خان غريب: "اديب سنڌ"، ماهہ اپريل، ١٩٤١ع.
(٥) علي محمد قادري: "حسن عشق"، منشي پوڪر داس تاجر ڪتب شڪارپور، ١٩٠٦ع.
(٦) علي محمد قادري : "ليليٰ مجنون"، ويڙهو مل ڪنڻ مل، بوڪ سيلر لاڙڪاڻو، ١٩٢٩ع.
(٧) پير علي محمد راشدي: "اُهي ڏينهن اهي شينهن"، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٦ع.
(٨) ڊاڪٽر اياز قادري: "سنڌي غزل جي اوسر"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو، جون، ١٩٨٢ع.
(٩) مرزا قليچ بيگ: ڊائري (قلمي) ملڪيت مرزا اعجاز بيگ ڪراچي.
(١٠) علي محمد قادري: "گلدستہ سنڌ" (اخبار) ماهہ اپريل، مئي، ١٩٢٦ع قادري پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو.

تاج جويو

# سنگت پرچي " سنڌي ڪهاڻي نمبر " جو اڀياس

"سنڌي ادبي سنگت" ، سنڌي اديبن جي ايڪتا ۽ اتحاد جو هڪ اهڙو ادارو آهي، جتان اسين نہ رڳو پنهنجي سڃاڻپ (Identity) حاصل ڪريون ٿا، پر اُن جي ادبي ڪلاسن ۽ ميڙن مان سکيا پڻ وٺون ٿا ۽ اُتساھ (Inspiration) بہ پرايون ٿا. "سنڌي ادبي سنگت" جو وجود هڪ اهڙي ڇاپہ دار وڻ جهڙو آهي، جنهن جي گهاٽي ڇانو ۾ زندگيءَ جي تتهڻ اُس دوران اچي آرام ڪندا آهيون. ٻين لفظن ۾ سنڌي ادبي سنگت، اسان سنڌي اديبن جو سکيا گهر، اسان جو سڃاڻپ ڪارڊ (Identity card) ۽ اسان جي پناھ گاھ آهي. سنگت جي پليٽ فارم تان اسان نہ رڳو پنهنجي ادب جي ساڃاھ پرائي آهي، پر پنهنجي شخصي ۽ قومي وجود جي اهميت بہ محسوس ڪئي آهي.

سنگت ۽ ان سان وابستہ اديبن، پنهنجن محدود وسيلن ۽ بي سروساماني، آهر جيڪو ادبي سفر شروع ڪيو آهي، اهو وقت ۽ حالتن جي ڏکيائين جي باوجود هر دور ۾ جاري رهيو آهي، رُڪيو نہ آهي. اسان جي رفتار ماٺي ضرور ٿي هوندي، پر اسان "هلڻ" ، "پنڌ ڪرڻ" ۽ "وڌڻ" ، ڪنهن بہ دور ۾ وساريو نہ آهي ۽ اڄ بہ سنگت هلي پيئي، پنڌ ڪري پيئي ۽ اڳتي وڌي پيئي. سنگت سان لاڳاپيل اديبن، پوئتي موٽ (رجعت) کي پنهنجي لاءِ ممنوع ۽ ميار تصور پئي ڪيو آهي ۽ پنهنجي ادبي سفر/ تخليقي سفر کي بيهڻ نہ ڏنو آهي. "ترقي" ۽ "ارتقا" سنگت جو بنيادي اُصول رهيا آهن. اسان جي اها ترقي ۽ ارتقا شعور جي روشنيءَ، روشن خياليءَ، بي تعصبيءَ، انسانيت ۽ زندگيءَ جي قدرن سان هم آهنگ رهي آهي. اسان جيڪا بہ جدوجهد ڪئي آهي، اسان جيڪي ڪجهہ بہ تخليق ڪيو آهي، اُن ۾ زندگيءَ ۽ زندگيءَ جي حسن جا رنگ موجود رهيا آهن. اسان ڪوڙهيي سماج جي قبيح مُنهن تان پردو هٽائي، سونهن، سُرهاڻ، سَرهائيءَ ۽ سچ جي روشن رُخ جو مهورت ڪيو آهي.

اڄ سنڌي ادبي سنگت جي قيادت، اسان جي ٿهيءَ جي نمائندہ شاعر ادل سومري ۽ سندس ساٿين جي هٿ ۾ آهي. هي دوست واد وواد ۽ آزمائش جي اٿانگي پيچري تي ڪامياب سفر ڪري رهيا آهن. ڪين هن سفر ۾ ڪٿي تنقيد جا تير سهڻا پيا هوندا، ڪٿي تنظيمي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو هوندو، ڪٿي مالي وسيلن جي اڻهوند سندن پيرن ۾ ڏانوڻ وڌا هوندا، ڪٿي "ترڪيءَ تي بهشت" ڏيکارڻ جهڙا تڪڙا مطالبا ٿيا هوندا. آءٌ خود بہ ان ڪنڊائين پيچري تان گذريو آهيان ۽ سنگت جي قيادت تي رهڻ وارن چند سالن جي تجربي مان مون کي خبر پيئي آهي تہ ميدان کان ٻاهر ويهي "تنقيد ڪرڻ" ، رايا ڏيڻ، وڏون ڪڍڻ ۽ مطالبا ڪرڻ آسان ڳالهہ آهي، پر سنگت جي قيادت سنڀالڻ، فرض محسوس ڪرڻ، تنقيدي راين ۽ مطالبن جي روشنيءَ ۾ وک وڌائڻ، عمل ڪرڻ، سنگت جي تنظيم ڪاري ڪرڻ ۽ ان کي منظم رکڻ وڏي ڳالهہ آهي؛ خاص ڪري اُن صورت ۾، جڏهن سنگت جا مالي وسيلا محدود هجن، عهديدار نوڪري پيشہ هجن ۽ مطالبا ۽ تقاضائون لامحدود هجن. سنگت جا سيمينار، ورڪشاپ، اڀياسي پروگرام رٿڻ ۽ اشاعتي پروگرام کي جاري رکڻ، اڪ جي ماکي لاهڻ نہ آهي. ان لاءِ وقت، صلاحيتن ۽ پئسي جي ضرورت پوي ٿي.

سنڌي ادبي سنگت آڏو رڳو ادب جا مسئلا نہ آهن، اديبن جا مسئلا آهن، ادب ۽ سماج جي لاڳاپن جا مسئلا آهن، تنظيمي ۽ شخصي انائن جا مسئلا آهن، ادبي تخليقن ۽ صنفن جي سکيا ۽ سمجهہ جا مسئلا آهن، سنڌي

ٻوليءَ، ثقافت ۽ قومي وجود جي بقا جا مسئلا آهن - اهي سڀ مسئلا چند مرڪزي عهديدار ۽ شاخن جا سيڪريٽري حل ڪري نہ ٿا سگهن، پر اُن لاءِ اسان سڀني کي پنهنجون صلاحيتون، سوچون، وسعتون ۽ وسيلا استعمال ڪرڻ گهرجن.

سنگت جي موجوده قيادت کي ڪم ڪندي هڪ سال پورو ٿيڻ وارو آهي. چوڻ وارا تہ چئي سگهن ٿا تہ سنگت پبليڪيشن جو صرف هڪ پرچو ڪڍيو ويو آهي، شاعريءَ جي سکيا بابت صرف هڪ ڪيسٽ جاري ڪئي وئي آهي ۽ چند ادبي ايوارڊن جا اعلان ڪيا ويا آهن. ناقد، تنقيد جا نشتر هن طرح بہ هڻي سگهن ٿا تہ سنگت بيمار اديبن لاءِ ڇا ڪيو؟ عبدالله مگسيءَ جو علاج نہ ڪرائي سگهي: سنڌ جي قومي مسئلن تي ڪهڙو موقف اختيار ڪيو ويو؟ اهي سڀ ڳالهيون درست، پر ڇا سنگت ۽ اُن جي شاخن سان واڳيل اديبن ڪڏهن پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي، اندر جي جج (ضمير) کان پُڇيو آهي تہ هنن پاڻ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي؟

يقيناً اسان مان اڪثر اُن "سڀ ڪجهہ" ڪرڻ واريءَ ڪسوٽيءَ تي پورا نہ لٿا هوندا. ڪجهہ دوست ضرور پورا لٿا بہ هوندا، ۽ اُنهن جي ئي محنتن، صلاحيتن، ساهس، مدد ۽ اُتساهہ وسيلي ئي هيءُ "ٿورو ڪجهہ" ٿيو آهي. جيڪڏهن اهو "ٿورو ڪجهہ" ئي اسان سنگت جي هر شاخ ۽ هر شهر ۾ ڪندا رهون تہ سنگت جي اجتماعي ڪارڪردگيءَ ۾ اِهو اسان جو انفرادي "ٿورو ڪجهہ"، اجتماعي طرح "گهڻي ڪجهہ" بلڪ "سڀڪجهہ" ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو.

سنگت جي موجوده سيڪريٽريءَ [ادل سومري] ۽ اُن جي ساٿين ١۴- ادبي ايوارڊ (مختلف شاخن کان) حاصل ڪيا آهن: "شاعريءَ جي بنيادي سکيا" جي هڪ ڪيسٽ جاري ڪئي آهي: هڪ "ڪهاڻي ڪانفرنس" ڪرائي آهي ۽ سنگت پبليڪيشن جو هڪ پرچو "سنڌي ڪهاڻي نمبر" ڪڍيو آهي. ڇا اِها ڪارڪردگي ٿوري آهي؟ نہ، اها ڪارڪردگي وسيلن ۽ وت آهر "ڪافي" آهي، پر اسان جي دوستن (سنگت جي مرڪزي عهديدارن) کي هروڀرو اِن خوش فهميءَ ۾ بہ مبتلا نہ ٿي وڃڻ گهرجي تہ هنن "گهڻو ڪجهہ" ڪيو آهي، بلڪ ڪين پڪو ارادو ۽ اٽل عزم ڪرڻ گهرجي تہ ايندڙ سال ۾ هو اِن کان بہ "وڌيڪ ڪجهہ " ڪري ڏيکاريندا. تاج جويي ۽ غلام حسين رنگريز جي دور کان سنڌن قدم ڪافي اڳتي هوندا ۽ نون قدرن ۽ نين روايتن جا باني بڻجندا، ڇو تہ ارتقا جو اُصول آهي تہ "ڪلهہ" کان "اڄ" اڳتي هجي ۽ "اڄ" کان "سڀاڻو" وڌيڪ بهتر هجي ۽ اهائي اميد آ: سنگت جي موجوده سيڪريٽري جنرل ادل سومري ۽ سندس ساٿين مان رکان ٿو. ادل سومرو يقيناً مُون کان ۽ پنهنجي ساٿين کان تخليقي طرح ۽ صلاحيتن جي حوالي سان اڳڀرو آهي، اُن ڪري ڪيس پنهنجي تخليقي صلاحيتن ذريعي سنگت جي هن اداري کي وڌيڪ سگهارو ۽ تخليقي بڻائڻ گهرجي.

ادل سومري ڪنهن دوست هٿان مون ڏانهن سنگت جي ساليانيِ پروگرام جو دعوتنامو ۽ سنگت پبليڪيشن جو "سنڌي ڪهاڻي نمبر" ڏياري موڪليو ۽ گڏو گڏ حڪم پهتو تہ "ڪتاب ۽ ڪيسٽ جي مهورت" واري پروگرام ۾ مون کي مقالو پڙهڻو آهي. ادل جو حڪم، حاضر سائين، انڪار ڪيئن ڪبو.

تہ منهنجي آڏو سنگت جو ستون پرچو ۽ ادل سومري جي ايامڪاريءَ جو پهريون پرچو "سنڌي ڪهاڻي نمبر" موجود آهي، جنهن ۾ ادل، " پنهنجي پاران" هڪ صفحو لکي، پنهنجي سمورين مشڪلاتن ۽ مصروفيتن جو ذڪر ڪري ڇڏيو آهي، باقي سٺين صفحي کان هڪ سئو سٺ صفحي تائين ڪتاب ۾ سمايل سموري مواد تي مون کي مقالو لکڻو يعني "تنقيدي نظر" وجهڻي آهي. سنڌي زبان ۾ تنقيد جي صنف اڳي ئي ڪچي (immature) ۽ وري

مون کي "تنقيدي نظر" وجهڻي آهي "سنڌي ڪهاڻي نمبر" تي.

سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي نون ڪهاڻيڪارن جي ڄاڻ، اڀياس ۽ سکيا لاءِ ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ، سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر ، دورن، اهم ۽ نون ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين تي مشتمل هيءُ پرچو "سنڌي ڪهاڻي نمبر" ڪڍي، سچ پچ جس جوڳو ڪم ڪيو آهي.

سنڌي نثري ادب ۾ ڪهاڻي اُها صنف آهي، جنهن سڀ کان وڌيڪ ترقي ڪئي آهي ۽ اها ٻين سمورين نثري صنفن کان وڌيڪ لکي، پڙهي ۽ ڇپي وڃي ٿي. اُها معياري آهي يا ڪمزور آهي، اِهو تنقيد جو موضوع آهي ۽ سنڌيءَ ۾ تنقيد جي صنف خاص ڪري سنڌ ۾ [هند ۾ نہ] ڪچي (immature) آهي، ۽ ڪهاڻيءَ جي حوالي سان [هن وقت ] تنقيد جي وڏي کوٽ آهي. اسان وٽ هن وقت ڪهاڻيءَ جا نقاد آڱرين تي ڳڻڻ جيترا بہ ڪونهن. ولي رام ولڀ، ظفر حسن، قاضي خادم، ممتاز مهر، رئوف نظاماڻي ۽... "۽" کان پوءِ هڪ وڏو خال آهي. خاص ڪري نئين ڪهاڻيءَ جي حوالي سان اسان وٽ تنقيد آهي ئي ڪانہ. مُون ڪجهہ وقت اڳاٽو لعل پشپ جو ڪتاب "درشٽي ۽ درسني" پڙهيو هو، جنهن ۾ هن ڪهاڻيءَ تي تنقيد جي کوٽ يا نہ هئڻ جا ٽي مکيہ سبب: (١) هڪٻئي لاءِ رزرويشن؛ (٢) ڪهاڻين جو ٽڙيل پکڙيل مخزنن ۾ ڇپجڻ، ۽ (٣) تنقيد ڇپجڻ جو خاص بندوبست نہ هئڻ - ڄاڻايا هئا.

هڪٻئي لاءِ رزرويشن واري رويي کي سولي سنڌيءَ ۾ "ياري باشيءَ وارو رويو" بہ سڏي سگهون ٿا، جنهن جو حاصل مطلب اهو وڃي نڪري ٿو تہ اڪثر ڪري اسان جا اديب [نقاد نہ] پنهنجن دوستن جي ڪهاڻين جي تعريف ۽ پبلسٽي ڪندا آهن، ۽ موٽ ۾ اها اميد رکندا آهن تہ اُهي بہ سندن تعريف ڪن. ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کان پوءِ ١٩٧٠ع تائين تنقيد جو اهو لاڙو گهٽ هو پر هن وقت اهو شدت سان محسوس ٿي رهيو تہ اُن دور جا اديب/ ڪهاڻيڪار، پنهنجن همعصر اديبن تي تنقيد ڪن ئي ڪونہ ٿا. نتيجي طور سندن ڏيڪاڏيکي نون ڪهاڻيڪارن/اديبن ۾ هڪٻئي لاءِ رزرويشن وارو رويو وڌي رهيو آهي، جنهن ڪري اها شڪايت عام ٻُڌڻ ۾ اچي ٿي تہ "سٺي ڪهاڻيءَ جي کوٽ آهي." "سُٺي ڪهاڻي، سٺا نقاد پيدا ڪندي آهي" ، اها ڳالهہ هڊسن پنهنجي ڪتاب 'An Introduction to Study of literature' ۾ چئي آهي ۽ اسان وٽ هڪٻئي لاءِ رزرويشن ۽ تعريف وارو رويو ۽ ياري باشيءَ ۾ "وهي وڃڻ" واري راءِ، مجموعي سنڌي ادب ۽ خاص ڪري "ڪهاڻيءَ" لاءِ نهايت هاڃيڪار آهي. نتيجي طور اسان وٽ اها تنقيد پيدا ٿي نہ سگهندي، جيڪا جمال ابڙي جي ڪهاڻين تي محمد ابراهيم جويي، سراج ۽ رسول بخش پليجي ڪئي ٿي يا جيڪا تنقيد موهن ڪلپنا ، منگهارام ملڪاڻي، هيروشوڪاڻي، لعل پشپ، ظفرحسن، ولي رام ولڀ ۽ طارق اشرف ڪري سگهيو ٿي.

اسان وٽ "ڪهاڻيءَ" جي اڀياس ۽ ترقيءَ لاءِ ڪو خاص رسالو ڪونهي. نتيجي طور ڪهاڻيون ڏار ڏار اخبارن، رسالن، ڪتابي سلسلن ۽ مخزنن ۾ ڇپجنديون رهن ٿيون، جن جو مطالعو سڀني جي وس جي ڳالهہ نہ آهي ۽ هر رسالو، هر اخبار ۽ هر ڪتاب، هرڪو نٿو خريد ڪري سگهي، نتيجي طور ڪهاڻيءَ جي ارتقا جو اڀياس اڻپورو رهي ٿو. ڪهاڻين جا گهڻا ۽ گڏيل مجموعا ڇاپڻ سان بہ اها کوٽ پوري ڪري سگهجي ٿي. هن وقت ڪجهہ نوجوانن جي ڪهاڻين جا مجموعا وقفي وقفي سان ڇپجي پڌرا ٿيندا رهن ٿا، پر انهن تي بہ اکر يا مهاڳ اڪثر سندن لکيل هوندا آهن يا "تون مون کي حاجي چئہ، مان توکي غازي چوان" واري اصول تي لکيل هوندا آهن. نتيجي طور سندن ڪهاڻين تي جيڪا اصلاحي ۽ فني تنقيد ٿيڻ گهرجي، سا نہ ٿي ٿئي.

زندگي پبليڪيشن پاران مرتب ڪرايل "مهراڻ جون ڇوليون" تي ثميره زرين جو مهاڳ (جيڪو سنگت جي هن

پرچي ۾ شامل آهي)، ساهتيہ اڪيڊميءَ (ڀارت) ڇاران ڇپايل "چونڊ سنڌي ڪهاڻيون" جي ٻن جلدن تي ڪلا ريجهسنگهاڻيءَ، گوبند مالهيءَ ۽ هريش واسواڻيءَ جا لکيل مهاڳ، ڪهاڻيءَ بابت نہ رڳو معلوماتي اپياس مهيا ڪن ٿا، پر اُن تي تنقيد بہ آهن، پر ان قسم جا مهاڳ اسان وٽ [هتي سنڌ ۾] محنت ڪري نہ ٿا لکيا وڃن. هندستان ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ تي تنقيد وڏي ترقي ڪئي آهي. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو ڪتاب "سنڌي ڪهاڻي - ورهاڱي بعد"، جڳديش لڇاڻيءَ جو ڪتاب"نئون ساهت"، لعل پشپ جو ڪتاب "درشٽي ۽ درسني"، هريش واسواڻيءَ جا ڪتاب "جائزو" ۽ "چاليهہ چوراسي"، اي. جي. اُتم جو "سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد"، شيام جئسنگهاڻيءَ جو "نوان اُفق"، منگهارام ملڪاڻيءَ ۽ ٻين جون ڪونج، نئين دنيا، سنڌو ڌارا وغيره رسالن ۾ ڪيل تنقيدون ان ڏس ۾ وڏو واڌارو آهن، پر اسان وٽ ممتاز مهر جي ڪتاب "ويچار"، منصور پبليڪيشن جي ڪتاب "چار ڪهاڻيڪار- چار نقاد"، قاضي خادم جي ڪتاب "ادب ۽ روايتون"، ذوالفقار راشديءَ جي ڪتاب "ڪسوٽيءَ" جا بہ ٽي مضمون، مهراڻ، آرسي، روح رهاڻ، سهڻي ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيل ڪجهہ مضمون، ولي رام ولڀ، ظفرحسن ۽ ٻين ايڪڙ ٻيڪڙ اديبن جا ڪهاڻيءَ بابت تنقيدي مضمون ئي تنقيدي ذخيرو آهن. نتيجي طور نئين ڪهاڻيڪار کي رهبري (guidance) آخر ملي ڪٿان؟ اسان وٽ تنقيد جي اهميت تي ابراهيم خليل جو ڪتاب "ادب ۽ تنقيد"، الهداد ٻوهيي جو ڪتاب "تنقيدون"، شمس الدين عرساڻيءَ جو ڪتاب "سنڌي ادب ۾تنقيد"، احسان بدويءَ جو ڪتاب "تنقيد ۽ تنقيد نگاري،" رسول بخش پليجي جا بہ ڪتاب انڌا اونڌا ويڄ" ۽ "سنڌي ذات هنجن"، بدر ابڙي جو ڪتاب "تنقيد نگاريءَ جو ارتقائي جائزو" تنقيد جي اهميت ۽ مجموعي ادبي تنقيد بابت آهن، پر شاعريءَ، ڪهاڻيءَ، ناول ۽ مضمون تي جدا جدا تنقيدي ڪتاب موجود نہ آهن. اسان وٽ ادب جي تاريخ ۽ مختلف صنفن تي لکيل ڪجهہ ڪتابن ۾ تنقيدي مواد ملي ٿو، پر اُنهن جي تنقيدي اهميت هندستان ۾ ڇپيل تنقيدي مواد جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. اُتي نہ رڳو ڪهاڻيءَ تي تنقيد نگاري آهي، پر ناول، مضمون، شاعريءَ ۽ ادب جي ٻين صنفن تي بہ وسيع تنقيدي ۽ تحقيقي مواد ملي ٿو. سنڌ ۾ سينئر ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين تي مهراڻ، روح رهاڻ، سهڻي، آرسي ۽ ٻين رسالن ۾ ڪيتريون سنيون ۽ لاڀائتيون تنقيدون ٿيل آهن، پر اُنهن جي مطالعي لاءِ لئبريريون ڪير اٿلائي! اسان وٽ هن وقت ڇپجندڙ اڪثر رسالا نيم ادبي، نيم سياسي، نيم فلمي ۽ نيم صحافتي آهن. نج ادبي رسالن ۾ تماهي "مهراڻ" ۽ ماهوار "ڪينجهر" کان سواءِ ٻيو ڪو خاص رسالو موجود ڪونهي، پر انهن رسالن ۾ بہ تنقيد جي صنف کي رڳا ۽ سوچيل گنڀيرتا سان نہ ڪٿي سگهيا آهيون. مهراڻ، روح رهاڻ، سهڻي، آرسي ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيل ڪهاڻين ۽ اُنهن تي ٿيل تنقيدن جا انتخاب ڇپجڻ گهرجن. سنڌي ادبي بورڊ "عظيم سنڌي افسانا"، سنڌالاجيءَ "چونڊ سنڌي افسانا"، پاڪستان پبليڪيشن "مهراڻ جون ڇوليون" ۽ "بهترين سنڌي ادب"، طارق اشرف "يادگار ڪهاڻيون"، "عظيم ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون"، ولي رام ولڀ "ٽين دنيا جون ڪهاڻيون" وغيره ترتيب ڏيئي/ ڏياراڻي ڪتاب شايع ڪرايا هئا، پر سواءِ "مهراڻ جون ڇوليون" جي ٻين انتخابن ۾ تفصيلي، تحقيقي ۽ تنقيدي مهاڳ نہ لکيا ويا آهن. چيو وڃي ٿو تہ مرحوم طارق اشرف سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي انٿالاجي ترتيب ڏيئي، سنڌيڪا اڪيڊميءَ کي ڇپائڻ لاءِ ڏني هئي ۽ بقول غلام نبي مغل تہ مرحوم طارق اشرف ان ڪتاب تي ١٥٠ صفحن جو مهاڳ لکڻ جو ارادو رکيو ٿي ۽ اُن لاءِ ابتدائي نوٽس بہ ورتا هئائين. ان مهاڳ/ منصوبي کي سنڌ ۾ صرف هڪڙو ماڻهو مڪمل ڪري سگهي ٿو، جيڪو آهي ولي رام ولڀ. سنڌيڪا وارا يا جيڪڏهن سنڌي ادبي سنگت چاهي تہ اها عظيم رٿا جلد ڇپائي سگهن ٿا، تازو ڪجهہ عرصي کان اِها سني روايت پيئي آهي تہ طارق اشرف، غلام نبي مغل جي ڪهاڻين جي ڪليڪشن "سٽ ستر اسي،"

سنڌيڪا وارن خيرالنساءِ جعفريءَ جي سمورين ڪهاڻين [ءِ بين تخليقن] جو گڏيل مجموعو "منهنجو تخليقي سفر"، طارق اشرف جي سمورين ڪهاڻين جو ڪتاب "بند اکين ۾ يادون ءِ سپنا"، روشني پبليڪيشن "نسيم کرل جون ڪهاڻيون"، ماڻڪ جي ناولن ءِ ڪهاڻين جا مجموعا ڇپايا آهن، جن جو مطالعو نئين ٽهيءَ جي ڪهاڻيڪارن کي سنڌي ڪهاڻيءَ جي سفر کان آگاهه ڪري سگهي ٿو. علي بابا جي سمورين ڪهاڻين جو مجموعو پڻ روشني پبليڪيشن آڻي رهي آهي. جمال ابڙي جي ڪهاڻين [بين تخليقن ءِ سندس ڪهاڻين تي ٿيل تنقيد] تي مشتمل ڪتاب "جمال ابڙو، ڪهاڻيون، مضمون، شخصيت" سنڌ ثقافت ءِ سياحت کاتي ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح سراج، آغا سليم، ثميره زرين، امرجليل، ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه، حميد سنڌي، ظفر حسن، ماڻڪ، موهن ڪلپنا، نجم عباسي، رشيد ڀٽي، اياز قادري ءِ غلام رباني وغيره جي ڪهاڻين جا مڪمل مجموعا ڇپائي پڌرا ڪيا وڃن. ان کان سواءِ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن ڪهاڻين جي ڪتابن جي مڪمل چند ڇاڻ ٿيل هجي ءِ انهن تي تنقيدي اڀياس لکيا وڃن، جيئن نئون نسل سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر، مختلف دورن ءِ ڌارائن کان واقف ٿي سگهي. سنڌي ادبي سنگت جيڪڏهن سال ۾ ڪنهن هڪ ڪهاڻيڪار جي مڪمل مجموعي [ تنقيدي اڀياس سميت] جي رٿا اشاعت لاءِ هٿ ۾ کڻي ته وڏي ڳالهه ٿيندي. سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ الاجي ءِ انفرادي طرح قائم ادارن نيو فيلڊس پبليڪيشن، سنڌي ساهت گهر، روشني پبليڪيشن، سنڌيڪا اڪيڊميءَ ءِ سڳنڌ پبليڪيشن کي ان طرف توجهه ڏيڻ گهرجي.

اهڙيءَ طرح ضرورت واري وقت ۾، سنگت پاران "سنڌي ڪهاڻي نمبر" اونداهيءَ ۾ ٽرورو محسوس ٿي رهيو آهي. هيءُ پرچو ٽن حصن ۾ ورهايل آهي (١) مقالا (٢) ڪهاڻيون (٣) ڪالم- رپورٽ. مقالن واري ڀاڱي جو پهريون مقالو امير علي چانڊيو جو "ڪهاڻي ءِ اُن جا ترڪيبي جزا" آهي. ليکڪ هيءُ مقالو وڏيءَ محنت، مطالعي ءِ ذهني عرقريزيءَ بعد تيار ڪيو آهي. نون ڪهاڻيڪارن لاءِ هيءُ مقالو "گائيڊ لائين" (guide line) جو ڪم ڏئي سگهي ٿو. امير علي چانڊيو صاحب انگريزي ادب جو شاگرد آهي، انڪري پنهنجي مقالي ۾ هن انگريزي لفظ، فقرا ءِ جملا حد کان وڌيڪ ڪم آندا آهن، جنهن ڪري نئين پڙهندڙ ءِ انگريزيءَ کان غير واقف کي مطالعي وقت تڪليف ٿيندي. مختصر ڪهاڻي (short story) بنيادي طرح انگريزي ادب وسيلي اسان وٽ آئي آهي، انڪري اُن جي ترڪيبي عنصرن ءِ قسمن جي بيان يا حوالن وقت انگريزي لفظ، محاورا، فقرا (phrases) ءِ جملا ڪم آندا ويا آهن، جن مان ڪيترن جو ترجمو به ممڪن هو، جنهن طرف ليکڪ گهٽ غور ڪيو آهي. بهرحال، ان مختصر خاميءَ جي باوجود هيءُ مضمون وڏي ڇاڻ مهيا ڪندڙ آهي، جنهن لاءِ ليکڪ جس جو مستحق آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ جو شروعاتي دور (جگديش لڇاڻي)، سنڌي افسانن ۾ سنڌي سماج جي عڪاسي (نور افروز خواجه)، سنڌ جي سنڌي ڪهاڻي (موهن ڪلپنا) ءِ سنڌي افسانن جي اوسر (ثميره زرين) وارا مضمون، هن کان اڳ پرک، مهراڻ جون ڇوليون ءِ آرسي رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن، پوءِ به اهي چارئي مضمون ءِ امير علي چانڊيو جو مقالو پرچي جي سونهن آهن. نور افروز خواجه واري مضمون جي عنوان جي نسبت سان اُن کان وڌيڪ بهتر مضمون/مقالا، اي .جي . اُتم جو "سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي زندگي" [ڪتاب: "سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ءِ تنقيد"]، پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ جو "سنڌي ڪٿا ساهتيه ۾ سنڌي جيون" [ڪتاب: جائزو ] اڳ ۾ ڇپجي چڪا آهن، جن جي ڀيٽ ۾ نور افروز خواجه جو تجزيو مختصر ءِ سطحي لڳي ٿو. جگديش لڇاڻيءَ، موهن ڪلپنا ءِ ثميره زرين جا مقالا سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعاتي دور ءِ ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي ڪهاڻيءَ تي بهترين تحقيقي ءِ تنقيدي مقالا آهن، جن مان سنڌي ڪهاڻيءَ جي مڪمل سفر جي خبر پوي ٿي ءِ معلوم ٿئي ٿو ته اسان جي ڪهاڻيڪارن جو ادبي ارتقائي سفر ڪيئن رهيو آهي. هنن ٽنهي مقالن جو

تحقيقي ۽ تنقيدي معيار اعليٰ آهي ۽ خاص ڪري موهن ڪلپنا جو تحقيقي ۽ تنقيدي معيار نهايت بلند آهي. هي مقالا جيترا معلوماتي (informative)، تنقيدي ۽ تحقيقي حوالي سان مڪمل آهن، اوترئي انهن مقالن ۾ ڇپائيءَ [پروف] جون غلطيون وڌيڪ آهن. پروف جون غلطيون سڄي ڪتاب ۾ حد کان وڌيڪ آهن. سنگت جي مرڪزي عهديدارن جي نگرانيءَ ۾ ڇپيل هن پرچي ۾ پروف جي ايڏين غلطين جي موجودگي، پرچي جي سڄي اهميت ۽ سونهن کي داغدار بڻائي ڇڏي ٿي.

موهن ڪلپنا جو تنقيدي شعور ۽ جائزي جو انداز مڪمل (perfect) ۽ بلند آهي. اهڙو تنقيدي جائزو ۽ شعور سنڌ جي اديبن وٽ گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سنڌ جي ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي ثقافت، معاشري ۽ تاريخ سان لاڳاپي تي بحث ڪندي موهن لکي ٿو: "اِن ڪُند کان ڏسجي ته پنهنجي ثقافتي، معاشرتي ۽ تاريخي نقطه نظر موجب اجوڪي سنڌ جو ڪهاڻيڪار، هند جي سنڌي ڪهاڻيڪار کان چيتنا [شعور] جي سطح تي وڌيڪ سجاڳ آهي."

هند ۽ سنڌ جي سنڌي ڪهاڻيءَ تي موهن هڪڙي جملي ۾ ڪيڏي نه ڀرپور راءِ ڏني آهي "سنڌي ڪهاڻيءَ جي بوليءَ ۾ ڳوٺن جي خوشبوءِ آهي، پر شهريت جو اهو تيزاب نه آهي، جو هند جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ موجود آهي."

سنڌ ۽ هند جي ڪهاڻيءَ جي گڏيل مطالعي جي اهميت، مٿين پسمنظر ۾ ڪهڙي نه ڀرپور انداز ۾ بيان ڪئي اٿس: "پاڪستان [سنڌ] ۾ ڪو ڪلڪتو يا بمبئي معانگر ناهي، جو اُن (سنڌي) زبان کي زهر بخشي. هتي اسان وٽ سنڌي ڳوٺ ناهن، جو زبان مان مٽيءَ جي خوشبوءِ اچي، پر مرڪب ثقافت موجب سرحد جي ٻنهي ڪهاڻين کي گڏي پڙهجي ته غضب ٿي وڃي."

ڪهاڻيءَ ۾ فڪر ۽ ڪلا (art) جي گڏيل اهميت هن طرح بيان ڪري ٿو: "ڪهاڻي، فقط فڪر ۽ ويچار جي محور تي نٿي ڦري. ڪلا اُن مٿان پنهنجي جوت ڪري ٿي. جيڪڏهن ڪلا کي ڇڏي ڏجي ته دُنيا ۾ جا بهترين ڪتاب چند سٽن ۾ لکي سگهجن ٿا."

موهن ڪلپنا جي تنقيدي تحقيقي مقالي "سنڌ جي سنڌي ڪهاڻيءَ" جو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ، سنڌ ۾ سرجندڙ تنقيد جو جائزو ونجي ٿو ته وزن جي خبر پنجيو وڃي ٿي. هند ۾ شايع ٿيل ان قسم جي مضمونن ۽ ڪتابن کي سنڌ ۾ ٻيهر ڇپائڻ جي سخت ضرورت آهي. موهن ڪلپنا جي ٻولي، سنڌ جو سنڌي پڙهندڙ چڱيءَ ريت سمجهي سگهي ٿو، البت جگديش لڇاڻيءَ جي مضمون ۾ هندي لفظ ڪثرت سان ڪم آندل آهن، جن جا بدل سنڌي لفظ ڏنگين (brackets) ۾ ڏيڻ گهرجن ها.

مٿين تحقيقي مقالن/ مضمونن ۾ ورهاڱي کان اڳ جي دور کان وٺي ون يونٽ جي دور [۱۹۷۰] تائين جي سنڌي ڪهاڻيءَ جو "مختصر جائزو" اچي وڃي ٿو. ان کان پوءِ رسول ميمڻ جو مضمون "سنڌي افساني جو ۱۹۷۰ کان وٺي ۱۹۸۰ع وارو دؤر" ۽ رئوف نظاماڻيءَ جو مضمون "سنڌي ڪهاڻي (۱۹۸۰ کان ۱۹۹۲ع) مختصر جائزو" - مختصر ۽ غير مڪمل جائزا لڳن ٿا، جن تي اڀياس ۽ تحقيق گهٽ ٿيل آهي. شايد "خيرپور جي ڪهاڻي ڪانفرنس" ۾ پڙهڻ لاءِ تڪڙ ۾ لکيل آهن. مختصر هوندي به رسول ميمڻ جو مقالو ڪجهه قدر بهتر آهي، جنهن ۾ زندگيءَ ۽ ڪهاڻيءَ بابت سوالن جي تجزيي ڪرڻ بعد ۱۹۷۰ع کان ۱۹۸۰ع جي ڪهاڻيءَ جو جائزو ورتو ويو آهي.

رسول ميمڻ جي ان راءِ سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو ته سنڌي ڪهاڻيءَ جو زوال ۱۹۷۰ع کان پوءِ شروع ٿي چڪو هو. جيڪڏهن ائين آهي ته ۱۹۷۰ع کان پوءِ علي بابا، ڪرشن کٽواڻي، امرجليل، نجم عباسي، موهن ڪلپنا، نورالهديٰ شاهه، عبدالقادر جوڻيجو، خيرالنساءِ جعفري، ڪيرت ٻاٻاڻي، حميد سنڌي ۽ ٻين اهم ڪهاڻيڪارن جي لکيل

ڪهاڻين [جيڪي ان دور ۾ سرجيون ويون] ڪهڙي خاني ۾ فٽ (fit) ڪيون ويندين. موهن ڪلپنا، علي بابا ۽ امر جليل کي اسين رڳو ١٩٦٠ع کان ١٩٧٠ع تائين جا ڪهاڻيڪار سڏينداسون ڇا؟ اُهي ته ١٩٦٠ع کان ١٩٩٤ع تائين مسلسل لکندا رهيا آهن ۽ اڄ جا ڪهاڻيڪار آهن. ڪهاڻين جي دورن جي تعين وقت ڪهاڻيڪارن جي عمرين ۽ سندن لکڻ جي شروعات واري دور کي ئي نه ڳڻيو ويندو آهي، پر ان پوري دور ۾ لکجندڙ ڪهاڻين کي آڌو رکيو ويندو آهي. رسول ميمڻ کي سنڌي ڪهاڻيءَ جي زوال بدران اهو چوڻ کپي ها ته ان دور ۾ نون ڪهاڻيڪارن ۾ اها پختگي نظر نٿي اچي، جيڪا ان وقت موجود سينئر ڪهاڻيڪارن ۽ اڳين ڪهاڻيڪارن ۾ هئي. ون يونٽ جي خاتمي ۽ بنگال جي جدائيءَ کان پوءِ اسان جي آدرشي ڪهاڻيڪارن جا آدرش ٽٽي پيا هئا ۽ ڪين ڪا منزل ڏسڻ ۾ نه ٿي آئي، ان ڪري ان بي يقينيءَ جي صورتحال جا پاڇا ان دور جي ڪهاڻيڪارن وٽ نظر اچن ٿا. پر هن دور ۾ خيرالنساء جعفري، تنوير جوڻيجو، نورالهديٰ شاه، ممتاز مهر، بادل جمالي، رفيق سومرو، زيب سنڌي ۽ ٻيا تمام سٺا ڪهاڻيڪار نظر اچن ٿا. رسول ميمڻ هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

"١٩٧٠ع کان پوءِ وارو دور آهستي آهستي سنڌي ڪهاڻيءَ کي اُن جي خاتمي ڏانهن ڌڪي رهيو آهي." (ص ٩١) ۾ ساڳئي مضمون ۾ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته "١٩٧٠ع کان ١٩٨٠ع واري ڏهاڪي تي نظر ڪبي ته اسان کي هن دور جي ٿهيءَ ۾ ڪيترائي معتبر ۽ فن سا ن ڀرپور ڪهاڻيڪار نظر ايندا." (ص ٩٢). اهو تجزيي جو تضاد ڇو؟ باوجود ان جي رسول ميمڻ هن دور جي ڪهاڻيڪارن جو مختصر ئي سهي پر سُٺو تجزيو ڪيو آهي. البت بدر ابڙي ۽ فقير محمد لاشاريءَ جي ڪهاڻين جو ذڪر ڪندي هيئين غير واضح راءِ ڏني ويو آهي:

"بدر ابڙو ۽ فقير محمد لاشاري، ڪهاڻيڪار هجڻ جي حيثيت سان گڏ صحافت سان بہ وابستہ رهيا آهن. اهڙن ئي نوجوانن جي ڪري ادبي صحافت جو بنياد پيو. اخبارن ۾ جتي صرف سياست هئي، ادب کي پڻ اهميت ملڻ شروع ٿي وئي."

سندن ڪهاڻيون ڪهڙي قسم جون آهن؟ سندن سماجي شعور جي حد ڇا آهي؟ ان بابت ڪابہ راءِ نہ ڏني اٿس، جيڪا راءِ ڪيس ڏيڻ گهرجي ها. بهرحال، پوءِ بہ هيءُ مقالو ان دور تي ابتدائي روشني ضرور وجهي ٿو.

اهڙيءَ طرح رئوف نظاماڻيءَ جو مضمون پڻ اٿپورو ۽ تاسارو معلوم ٿي رهيو آهي ۽ محنت گهٽ ڪيل آهي. ليکڪ جي ذهن تي ڪراچي ۽ ڪراچي ادبي سنگت سان لاڳاپيل اديب ڇانيا رهيا آهن. دوستن جي ڪهاڻين جي تجزيي وقت وڌيڪ خبرداريءَ ۽ ايمانداريءَ کان ڪم وٺڻ جي ضرورت هوندي آهي. مقالي تي محنت رسول ميمڻ کان وڌيڪ ڪيل آهي، پر اُن ۾ سماجي تجزيي دوران ليکڪ "مخصوص سوچ" جي دائري کان ٻاهر نڪري نہ سگهيو آهي، ۽ ڪي حقيقتون جيئن بيان ڪيون اٿس، تيئن نہ آهن، مثلاً: ص ٩٧ تي لکي ٿو:

"١٩٨٣ع ايم. آر. ڊي تحريڪ جي اثر هيٺ سراج جي "انون ماٿهو" ، رشيد ڀٽيءَ جي "تاريخ جو آواز" وغيره ڪهاڻيون "١٩٨١ع کان ١٩٩٠ع واري ڏهاڪي جون ڪهاڻيون آهن." هن دور ۾ ليکڪ سنڌ جي نامور ڪهاڻيڪار علي بابا جي ڪهاڻين جو ذڪر نہ ڪري وڏي زيادتي ڪئي آهي.

اُن کان سواءِ ١٩٩٢ع تائين جي ڪهاڻيءَ تي روشني وجهندي، رئوف نظاماڻي، جتي ڊاڪٽر مشتاق، ايوب کوسي ۽ ناصر زهراڻيءَ جهڙن نون ڪهاڻيڪارن جو ذڪر ڪري ٿو، اُتي انور بلوچ، شبنم گل، شگفتہ شاه، سارنگ شاه، منصور سوراج، ضراب حيدر، مراد قريشي، فياض چند ڪليري، الطاف ملڪاڻي، آدرش، ذوالفقار ميمڻ، اختر رند، لطيف جمال، اظهار سومري، نظير شهزاد، مسعود لوهار، ممتاز بخاري، ذاڪر ڪٽي، عزيز ڪنگراڻي ۽ ٻيا ڪيترا نوجوان ڪهاڻيڪار وساري ويهي ٿو. انهن مان انور بلوچ جو "ڪپيل هٿ" ، ضراب حيدر جو "انگن چڙهيو انگ" ،

ممتاز بخاري جو "تون خدا آهين" ڪهاڻين جا مجموعا به ڇپجي چڪا آهن. تجزيي ۾ جتي نئين ٽهيءَ جي خوبصورت ڪهاڻيڪار جان خاصخيليءَ جي پنجن ڪهاڻين، انور ابڙي جي ٽن ڪهاڻين ۽ عابد مظهر جي پنجن ڪهاڻين جو ذڪر آهي، اُتي نئين ٽهيءَ جي سگهاري ڪهاڻيڪار طارق قريشيءَ جي ٻن ڪهاڻين کي مستقبل بينيءَ جي حوالي سان نعريبازيءَ جو شڪار سڏي، ڪهاڻيڪار سان زيادتي ڪئي وئي آهي. طارق قريشيءَ جون هن وقت تائين ٢٢ کان وڌيڪ ڪهاڻيون ڇپجي چڪيون آهن ۽ اُنهن مان ڪي "سائنس فڪشن" ۾ ڳڻي سگهجن ٿيون ۽ سائنس فڪشن ۾ مستقبل بيني، مستقبل جو نقشو ۽ مستقبل جا خواب ئي ته هوندا آهن. سنڌيءَ ۾ قاضي فيض محمد جو ناول "ٻاويهه سؤ ٻاويهه" سائنس فڪشن جو سهڻو مثال آهي، جنهن ۾ مستقبل جي سنڌ، سائنس جي ترقيءَ جي روشنيءَ ۾ ڏيکاري وئي آهي. ان ڪتاب تي لکندي، محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

"ماضيءَ جي روشنيءَ ۾ مستقبل جي تعمير ۽ حال کان مستقبل بهتر ٿئي؛ لکن سالن جي انساني ترقيءَ ۾ انهيءَ خيال جو بنيادي دخل رهيو آهي..... صدين کان انسان ذات حال جا ڏک ۽ ايذاءَ کان ڇٽڻ لاءِ مستقبل جي سک ۽ خوشيءَ جو هڪ نه ٻيو تصور پنهنجي اڳيان پئي رکيو آهي....... بهتر مستقبل جو هيءَ تصور، ماضي قريب تائين، گهڻي قدر رڳو انسنائي ۽ خيالي رهيو آهي ۽ اُن جي تعبير جي ذميداري ۽ بار به گهڻي قدر انسان پاڻ تي گهٽ ۽ قدرت تي وڌيڪ پئي رکيو آهي... پر هاڻوڪي علم ۽ هنر جي طاقتور انساني دنيا ۾ بهتر مستقبل جو خوابُ - وڌيڪ پختو ۽ پررو، وڌيڪ سُئو ۽ وڌيڪ سچي ٿيڻ وارو - ممکن ٿي سگهيو آهي، ۽ اُن جي تعميل جو ذمو ۽ بارُ اڄ جي انسان ذات سڄي طرح پاڻ تي عائد ڪري چڪي آهي، ۽ اُن جي تڪميل جي پوري لياقت پڻ رکي ٿي."

طارق قريشي يا ڪنهن به ڪهاڻيڪار جي هڪ يا ٻن ڪهاڻين کي پيش ڪري، اُن بابت راءِ يا فتويٰ ڏيڻ زيادتي آهي.

رئوف نظاماڻيءَ پنهنجي مقالي جي آخر ۾ جنرل راءِ ڏني آهي ته "سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ وڏي سگهه موجود آهي ۽ اُها پنهنجي حالتن سان نهڪندڙ آهي. پر اُن جي باوجود مسئلو پنهنجيءَ جاءِ تي باقي آهي ته انهيءَ نئين ڪهاڻيءَ جي ڏس ۾ نمائنده نالا سامهون ڇونه اچي سگهيا آهن." ان راءِ کانپوءِ ليکڪ اُن جا سبب هي ڄاڻايا آهن:

(١) نون ڪهاڻيڪارن جو گهڻو تعداد مستقل مزاج نه آهي (٢) ٽي - وي ڊرامن ۽ صحافت وغيره جي صورت ۾ جيڪي نوان اظهار جا ذريعا سامهون آيا آهن، انهن سندن توجهه کي وڌيڪ پاڻ ڏانهن ڇڪيو آهي. آءٌ، رئوف نظاماڻيءَ جي ان ڳالهه سان وڏيءَ حد تائين سهمت آهيان، پر اُن کان سواءِ به ڪي سبب آهن، جن مان ٽي سبب لعل پشپ وارا ساڳيا ٻيهر ورجايان ٿو (١) هڪبني لاءِ رزرويشن (٢) ڪهاڻين جو ٽڙيل پکڙيل مخزنن ۾ ڇپجڻ (٣) تنقيد ڇپجڻ جو خاص بندوبست نه هئڻ . اها هڪ حقيقت آهي ته نئين ٽهيءَ جو ڪهاڻيڪار مسقل مزاج نه آهي. ڪهاڻيءَ جي بيهڪ ۽ اپروچ سُٺي هئڻ جي باوجود سستين ميگزنن (اخباري ميگزنن) ۾ ڇپجڻ جي شوق ۽ نالي جي شهرت سبب اهڙا ڪهاڻيڪار لعل پشپ چواڻي: "ڪهاڻيءَ جي جبل تان لهي، شعر جي وڻ تي چڙهي تا ويهن." [پرهه ڦٽي - ١٩٦٤ع]

ٽي.ويءَ جي گليمر به اسان جي ڪيترن نوجوان ڪهاڻيڪارن کي ڇڪيو آهي. جڏهن ته ٽي وي ڊرامو هڪ جدا صنف آهي، جنهن ۾ به ڪهاڻي موجود آهي، پر اُن کي جدا نموني ترقي ڏيارڻ جي ضرورت آهي ۽ سنڌي ٽي.وي ڊرامو ڪافي سگهارو اچي رهيو آهي. اسان جو حفيظ ڪنير جهڙو خوبصورت ڪهاڻيڪار به ٽي.وي گليمر جي ور چڙهي ويو آهي ۽ هاڻي ٻنهي پاسي ٽنگيل آهي. هن جو مزاج ۽ ماحول ڳوناڻو بلڪ ٽريو آهي، پر ٽي.وي جي گليمر ڪيس ڪراچيءَ جا وڻ ڏيکاري ڇڏيا آهن، ڇوته ٽي.وي ترت شهرت جو وسيلو (media) آهي. اهڙيءَ طرح رحمت الله ماڃوٺي جهڙو سگهاروءَ خوبصورت ڪهاڻيڪار وري صحافت جي لڏيءَ تي ڪسجي رهيو آهي. هنن ٻنهي نوجوانن ۾

نمائنده ڪھاڻيڪار بڻجڻ جي اُميد هئي ۽ اڃا بہ آهي، پر ڪاش. وري موٽي ماڳ اچن.

هڪبني لاءِ رزرويشن ۽ ياري دوستيءَ ۽ علائقي پرستيءَ واري ساراهہ جي رجحان بہ نئين ڪھاڻيءَ کي ڇيھو رسايو آهي. ڪھاڻين جي اشاعت لاءِ موزون ادبي رسالا موجود نہ آهن. ان ڪري نيم ادبي ۽ تفريحي رسالن ۾ نالي ڇپائڻ جي شوق هيٺ نوان ڪھاڻيڪار ڇپجندا رهن ٿا. ان ڪري بہ نوان ڪھاڻيڪار محنت نہ ٿا ڪن، جو اهڙن پرچن ۾ "هر شيءِ اڳاميو وڃي. "

ڪھاڻيءَ جا نوان نقاد گھٽ آهن، پر پُراڻن ڪھاڻيڪارن/ نقادن جو رويو پڻ نون ڪھاڻيڪارن لاءِ رهنمائيءَ ۽ همت افزائيءَ وارو نہ رهيو آهي. بلڪ ڪٿي ڪٿي تہ دل آزاريءَ ۽ ڪين پاڻ کان گھٽ سمجھڻ وارو بہ رهيو آهي. نتيجي طور نئين ٽھيءَ کي هن قسم جا رايا بہ ٻڌڻا پون ٿا تہ:

"نئين ٽھيءَ اڄ جو سچ نہ قبوليو آهي" يا "سنڌيءَ ۾ مھان ڪھاڻي ڳوليءَ جو شڪار ٿي وئي" - تہ پوءِ مايوسي ڇونہ پيدا ٿئي. آءٌ سمجھان ٿو تہ هي رايا انتھا پسنديءَ، فراريت ۽ قنوطيت جو اظھار آهن. نئين ٽھيءَ نہ رڳو اڄ جو سچ قبوليو آهي، پر اُن ڪھاڻيءَ جي صنف کي مرڻ نہ ڏنو آهي. موجوده سماجي ۽ اقتصادي (Socio-economic) حالتن سڄي سنڌي سماج ۽ پوريءَ سنڌي قوم سان گڏ سنڌي ڪھاڻيڪار ۽ شاعر کي بہ متاثر ڪيو آهي. حالتن جي تبديليءَ ذهن ۾ بيقراري پيدا ڪئي آهي پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ اسان پنھنجي طبيعت ۽ ذهن تي ڇانيل قنوطيت ۽ فراريت نئين ٽھيءَ تي ٿاڦيون.

ڇا ڪو ائين چئي سگھي ٿو تہ استاد بخاريءَ جي ڪينسر وگھي موت سبب مھان شاعري مري وئي؟ مھان شاعري شيخ اياز کان وٺي اياز گل، ادل سومري ۽ آسي زمينيءَ تائين، تنوير عباسيءَ کان وٺي وسيم سومري، مير حسن آريسر ۽ اقبال رند تائين، ايم ڪمل کان وٺي مظهر لغاري، فياض چنڊ ۽ منير احمد تائين، راشد مورائيءَ کان وٺي نماڻي سنڌيءَ، احمد سولنگيءَ ۽ حليم باغيءَ تائين، مير محمد پيرزادي کان وٺي ڪوي، نواز زونئر ۽ جمن سوهوءَ تائين، سرڪش سنڌيءَ کان وٺي سعيد ميمڻ، اياز جانيءَ، ماڻڪ ملاح ۽ قدير انصاريءَ تائين نہ رڳو سرجي رهي آهي، پر اڳتي بہ سرجندي رهندي. اهڙيءَ طرح سنڌي ڪھاڻي بہ مئي ڪانهي. علي بابا کان وٺي رحمت الله ماڃوٺي ۽ رسول ميمڻ تائين، امرجليل کان وٺي زيب سنڌي، رزاق مھر ۽ طارق قريشيءَ تائين، نورالهديٰ شاه کان وٺي شبنم گل، شگفتہ شاه ۽ عطيہ دائود تائين، نجم عباسيءَ ۽ اياز قادريءَ کان وٺي منصور سوراج، سارنگ شاهہ ۽ مراد قريشيءَ تائين زنده آهي، وڌي ويجھي سرجي پيئي ۽ ڇپجي پيئي. ها، اها ڳالهہ ضرور آهي تہ نئين ٽھيءَ جو ڪھاڻيڪار سھل پسند ٿي پيو آهي. ڪٿي ڪٿي اسٽائيل جي نقالي ڪري ٿو ۽ محنت گھٽ ڪري ٿو. اُن لاءِ اُن جو ڏوهہ ڪجھہ گھٽ آهي. ڇا طارق قريشيءَ کي محمد ابراهيم جويي، سراج ۽ رسول بخش پليجي جھڙو نقاد مليو آهي؟ ڇا شبنم گل، جان خاصخيليءَ ۽ ٻين نوجوان ڪھاڻيڪارن کي طارق اشرف، ولي رام ولڀ ۽ موهن ڪلپنا جھڙا نقاد مليا آهن؟ هڊسن چيو هو تہ "عظيم ادب، عظيم نقاد پيدا ڪندو آهي" ، پر آءٌ ان جملي کي هن ترميم سان پيش ڪريان ٿو تہ "عظيم نقاد عظيم ادب ۽ ڪھاڻيءَ جو ڏس ڏئي ۽ رهبري ڪري سگھن ٿا." شيخ اياز جي شاعريءَ تي محمد ابراهيم جويي ۽ نارائڻ شيام جي شاعريءَ تي سڳن آهوجا مھاڳ لکي، سندن مجتا ۽ مھانتا جا دروازا کولي ڇڏيا هئا، تہ اچو تہ پاڻ بہ تنقيد، تحقيق، مطالعي ۽ محنت جا عظيم گڻ پيدا ڪريون ۽ عظيم ادب، عظيم شاعريءَ ۽ عظيم ڪھاڻيءَ جي سرجاءَ طرف وک وڌايون.

"سنڌي ڪھاڻي نمبر" پرچي جو ٻيو ڀاڱو "ڪھاڻيون" آهن، جنھن ۾ ورهاڱي کان اڳ جي ڪھاڻيڪار آسانند

مامتورا جي ڪهاڻي (ڳنوارڻ)، ورهاڱي کان پوءِ جي ابتدائي ڪهاڻيڪار اياز قادريءَ جي ڪهاڻي (قبرن جي وچ ۾)، سٺ واري ڏهاڪي جي سگهاري ڪهاڻيڪار حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي (خانو چور نہ آهي) ۽ نوجوان ڪهاڻيڪارن – رزاق مهر (ترورا)، جان خاصخيلي (سپاٽي جو خواب)، اڪبر سومرو (لمندڙ شام، رت جي لام)، آدرش (هڪ شخص جي جنازي پويان)، فرزانہ شاهين (پردي پويان)، طارق قريشي (تڪل جذبن جو قافلو)- جون ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن. جهڙيءَ طرح مقالن واري ڀاڱي ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر جا سمورا دور بيان ڪيا ويا آهن، تهڙيءَ طرح ڪهاڻين واري ڀاڱي ۾ بہ سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختلف دورن ۽ ڌارائن جون ڪهاڻيون ڏيڻ کپن ها. گهٽ ۾ گهٽ گوبند مالهي، جمال ابڙي، غلام رباني، نسيم کرل، امرجليل، علي باباءِ خيرالنساءِ جعفريءَ جون ڪهاڻيون ڏني، پوءِ نئين ٽهيءَ جون ڪهاڻيون ڏجن ها تہ جيئن نوان ڪهاڻيڪار، پنهنجي پيشرُو ڪهاڻيڪارن جي فن ۽ ڏانءَ کان واقف ٿين ها.

آسانند مامتورا جي ڪهاڻيءَ ۾ موجوده موضوع تي "ڪهاڻيءَ جي اوسر" وارن مقالن ۾ ذڪر اچي چڪو آهي. اياز قادريءَ جي ڪهاڻي ڪهاڻيءَ جي فن تي ڀرپور ڪهاڻي آهي، پر اصل ڪهاڻي جيڪا پاءُ ۽ پيءُ جي لاشن جي بيان ۽ سندن پيءُ طرفان ٻنهي قبرن کي پاڪر پائڻ بعد ٻنهي جي وچ ۾ ڪِري مري وڃڻ سان واسطو رکي ٿي، ان ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار جو واقعي کي ڏسڻ لاءِ هوبهو پراڻيون يادن کي کولي، مختلف قبرن ۽ انهن ۾ موجود ماڻهن جي تاريخ جاگرافي بيان ڪرڻ وڌاءُ لڳي ٿو. ڪهاڻي قبرستان ۾ وڃڻ ۽ ماڻهن کان واقعي بابت پُڇا ڪرڻ سان بہ شروع ٿِي سگهي ٿي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي "خانو چور نہ آهي"، ٻارڙن جي ڪردارن جي حوالي سان ڀُوري ڪهاڻي آهي. معصوم ڪردارن کي هوبهو ڳرو ۽ غير منطقي گفتگو ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. رزاق مهر جي ڪهاڻي "ترورا" اسان جي معاشري جي هڪ اهم مسئلي بابت لکيل هڪ اهم ڪهاڻي آهي. مسئلن جو شعور رکندڙ هن نوجوان ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻي حقيقي (realistic) بياني طرز واري ڪهاڻي آهي، پر سڪينہ پاران "حرامي ٻار" کي جنم ڏيڻ کان پوءِ گهر وارو ماحول ۽ گفتگو ڪنهن فلم جو سين محسوس ٿئي ٿي. گهر ۽ گفتگو وارو ماحول گهڻو وڌاءُ جو شڪار ۽ غير فطري لڳي ٿو. بهرحال ڪهاڻيءَ جو climax ڏاڍو وزندار آهي.

جان خاصخيليءَ جي ڪهاڻي شعور جي وَهڪ Stream of consciousness ۾ لکڻ جي ڪوشش معلوم ٿئي ٿي، پر جملن جي ناهہ نوهہ ۽ سٽن جي شعوري جوڙ جڪ ۾ هنترادو پٺو وڌيڪ آهي ۽ هوبهو مشتاق شوري ۽ مانڪ جي اسٽائيل جو نقل ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جي انپروچ سماجي شعور سان سلهاڙيل آهي.

اڪبر سومري جي ڪهاڻي هڪ اهم موضوع جي نشاندهي ڪري ٿي تہ ڪيئن قانون جا محافظ ڌاڙيلن جي روپ ۾ عوام کي ڦرين ٿا ۽ ڌاڙا هڻن ٿا. ڪهاڻيءَ جو عروج يا پڇاڙي Climax حقيقي ۽ ڇرڪائيندڙ آهي، پر ڪهاڻيڪار هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻن ڪهاڻين جا پلاٽ ملائي ويو آهي ۽ ڪهاڻيءَ جو وڏو حصو "مامي" (ڪردار) جي شڪار واري شوق تي مشتمل ڏيکاريو ويو آهي. شايد ليکڪ اهو پس منظر ڏيڻ جي ضرورت انڪري محسوس ڪئي آهي جو "مامي" ڪردار هٿان ڌاڙيل جي روپ ۾ ڦُر ڪندڙ ڪردار صوبيدار مرڻو هو. ڪهاڻيءَ جو پهريون حصو، اصل ڪهاڻيءَ تي حاوي ٿي، ڪهاڻيءَ کي ڪمزور ڪري ٿو. البت ٻولي ۽ فني رچاءُ خوبصورت آهي. منظر نگاري، ڪردار نگاري ۽ مڪالما خوبصورت آهن.

آدرش جي ڪهاڻي "هڪ شخص جي جنازي پويان"، اجوڪن رشتن جي پرندڙ دنيا جي انسانن جي سوچ ۽ روين تي ٻڌل ڪهاڻي آهي. پاڙي واري جي موت تي گڏ ٿيل مختلف ماڻهن جي سوچ ڏيکاري وئي آهي، جيڪي "مري

ويل" جي تڏي تي ويهڻ اچايو ۽ وقت جو زيان سمجهن ٿا. ها اڄوڪن رشتن جي ڀُرندڙ دنيا ۾ ماڻهو جي سوچ اها ئي ٿي سگهي ٿي، پر اهي ساڳيا ماڻهو رشتن جي ڀُرندڙ دنيا جا رهواسي بنجي تڏي تي نه به ويهي سگهن ها يا ويندي ويندي اهڙا ريمارڪس ڏين ها. ڪهاڻيءَ ۾ مصنوعيت ۽ هروڀرو ليکڪ جي سوچ ڪردار تي مڙهيل نظر اچي ٿي.

فرزانه شاهين جي ڪهاڻي "پردي پويان" جينوٽيڪ پيرن ۽ حويلين جي روايتي پراڻي ماحول تي لکيل ڪهاڻي آهي، پر هن مجموعي ۾ سمورن نون ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مڪمل ۽ وڌيڪ ڀرپور لڳي ٿي. موضوع جاندار آهي. ڪهاڻيءَ جي ٻولي، بيهڪ ۽ مڪالما مضبوط آهن. ڪهاڻيءَ جي climax واري منظر جو بيان ڏاڍو مؤثر ٿيل آهي. مثال طور:

"هيٺ زمين تي تاش جا پتا، سگريٽن جا خالي پاڪيٽ ۽ شراب جون خالي بوتلون اونڌيون پيون هيون. هاڻي هُن جي نظر سامهون پلنگ طرف ڪڃي ويئي. هن جو ذهن ڦيرائيون کائڻ لڳو. ساڳيو منظر هن جي اکين اڳيان ڇتو ٿيندو ويو.... هڪڙو چهرو ته هن جي مڙس جو هو ۽ ٻيو چهرو....؟ هوءَ وڌيڪ ڪجهه به ڏسي نه سگهي. هن ڪان رڙ نڪري ويئي... ۽ هوءَ اُتي ئي دروازي تي ڦهڪو ڏئي ڪري پيئي... ڇو ته پردي پويان ڏٺل منظر، هن جي خوابن جي بدترين تعبير هئي...!"

اُن ڪان وڌيڪ ڪي به لفظ climax لاءِ مؤثر نه ٿا ٿي سگهن. ڪهاڻيءَ ۾ روايتي لفظي عريانت به نه آهي ۽ پيراڻي ماحول جي ڇٽي تصوير آهي.

طارق قريشيءَ جي ڪهاڻي "ٽڪل جذبن جو قافلو" امر جليل جي ڪهاڻين واري اسٽائيل ۾ مڊل ڪلاس جي ٻن ڪردارن ڏاڏي ۽ پوٽي جي گفتگوءَ تي ٻڌل جنريشن گيپ (پيڙهه وڇوٽي) بابت هڪ سُٺي ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جا ڊائلاگ شهري مڊل ڪلاس جي سنڌي انگريزي گاڏڙ ٻوليءَ ۾ فطري لڳن ٿا، پر ستين ڪلاس جي ٻار کي جيترو غير معمولي (extraordinary) ذهين ڏيکاريو ويو آهي ۽ جيتري سنڌس مسئلن کي سمجهڻ جي گرفت ڏيکاري ويئي آهي، اها غير فطري لڳي ٿي. اهو ٻار ڪاليج جو ٻار ڏيکاريو وڃي ها ته بهتر هو.

"ڪهاڻي نمبر" جو ٽيون حصو هڪ ڪالم ۽ هڪ رپورٽ تي مشتمل آهي. ڪالم علي احمد بروهيءَ جو آهي، جيڪو هن خيرپور ۾ ٿيل "ڪهاڻي ڪانفرنس" تي لکي ۲۴-۱-۱۹۹۲ع جي "هلال پاڪستان " ۾ ڇپايو هو. "خيرپور جي ڪهاڻي ڪانفرنس" جي رپورٽ لياقت رضويءَ پنهنجي خوبصورت ٻوليءَ ۽ پيرايي ۾ ڪئي آهي. رپورٽ ۾ ڪهاڻين ۽ مضمونن تي پنهنجا رايا به ڏنا اٿس، جن مان ڪي وڌاءُ لڳي رهيا آهن. مثال طور حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻيءَ جي رپورٽنگ ڪندي "وار ڪاندارجڻ" وارا لفظ تعريفي راءِ ڪان وڌيڪ ڪجهه لڳي رهيا هئا. رزاق مهر جي ڪهاڻيءَ تي سندس راءِ وزندار هئي. جان خاصخيليءَ جي ڪهاڻيءَ تي عجيب قسم جي راءِ ڏني اٿس. فرزانه شاهين جي climax تي سندس ڏنل راءِ سان آءٌ سهمت نه آهيان.

مجموعي طرح سنگت پبليڪيشن جو "سنڌي ڪهاڻي نمبر" پرچو ٽيهن رپين جي قيمت ۾، نون ڪهاڻيڪارن جي سٺي رهنمائي ڪري سگهي ٿو. پڪ اٿم ته اعلان ڪيل "جديد شاعري نمبر" هن ڪان وڌيڪ خوبصورت ٽڪرندو ۽ ان ۾ "پروف جون غلطيون" نه هونديون ۽ شاعريءَ جي فن تي نئون تخليقي مواد ڏنو ويندو. سنگت، سال ۾ جيڪڏهن اهڙا به چار نمبر شايع ڪري ته اها وڏي ادبي خدمت ٿي سگهي ٿي. بهرحال ادل سومري کي هن "سنڌي ڪهاڻي نمبر" ڪڍڻ تي مبارڪون ڏيان ٿو.

[۲۲-اپريل ۱۹۹۳ع تي، سنڌالاجيءَ ۾ "سنڌي ڪهاڻي نمبر" جي مهورت جي موقعي تي پڙهيل.]

انيس انصاري

# اڪبراعظم ۽ سنڌ

اڪبر بادشاهہ جي سنڌ ۾ ڄمڻ بابت تہ اختلاف آهي ئي ڪونہ . اختلاف رڳو ان ڳالهہ تي آهي تہ عمرڪوٽ ۾ ڄنمڻ جاءِ تي اڪبر جي ڄم جي هنڌ جو پٽر هنيو ويو آهي سو واقعي اهو ئي هنڌ آهي جتي هو ڄائو هو؟ ڪئپٽن معين الدين پنهنجي ڪتاب "SINDH- LAND OF LEGENDS" ۾ لکيو آهي تہ اڪبر بادشاهہ جي ڄمڻ جو هنڌ سندس پيدائش جي حقيقي جاءِ تي نہ آهي. هن ڊاڪٽر ايشوري پرشاد جي همايون جي تاريخ جو حوالو هنريت ڏنو آهي: " همايون جي لشڪر کي جي تڪليفون ڏسڻيون پيون، تن سندس نظم ۽ نسق ٽوڙي ڇڏيو. اهو همايون لاءِ نيڪ قدم هو جو عمرڪوٽ جي راڻي پرشاد، جو هڪ جوڌو راجپوت هو، پنهنجي قوم جي مهمان نوازيءَ جون روايتون برقرار رکندي همايون کي سندس ماڻهن سان گڏ تاريخ ٢٢آگسٽ ١٥٤٢ع تي پنهنجي گاديءَ جي هنڌ ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني. همايون جا پوئلڳ بعد ۾ ٻن ٻن، ٽن ٽن ماڻهن جي جٿن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ايندا رهيا." ڊاڪٽر پرشاد وڌيڪ لکيو آهي تہ، "ستن هفتن تائين همايون اتي رهيو. بعد ۾ هو جوڻ طرف روانو ٿي ويو، جيئن ڏکڻ سنڌ تي قبضو ڪري سگهي." ان وڌيڪ ڏيکاريو آهي تہ ١١آڪٽوبر ١٥٤٢ع تي همايون روانو ٿيو ۽ پنهنجي گهرواري حميده کي راڻي جي محل ۾ ڇڏيائين، جو ان آدرشي مهمان نواز انهن لاءِ خالي ڪيو هو. ڇئن ڏينهن کان پوءِ ١٥ آڪٽوبر آچر ڏينهن ٻار پيدا ٿيو، جو بعد ۾ دنيا ۾ اڪبر جي نالي سان مشهور ٿيو."

همايون نامي ۾ گلبدن بيگم لکيو آهي تہ"راڻي، شهنشاهہ جو عزت ڀريو آڌر ڀاءُ ڪيو. ڪيس قلعي ۾ وٺي ويو جتي ڪيس رهڻ لاءِ بهترين جاءِ ڏني، پر ان جي ماڻهن (لشڪر) کي هن قلعي کان ٻاهر جايون ڏنيون. حميده بانو پريي پيٽ سان هئي. بادشاهہ جي وڃڻ جي ٽئين ڏينهن ۴ رجب المرجب ٩۴٩هہ آچر جي صبح جو سوير شهنشاهہ جهان جو اجهو ۽ فاتح جلال الدين محمد اڪبر غازي پيدا ٿيو."

باوجود ان حقيقت جي تہ اڪبر ڪوٽ ۾ اندر پيدا ٿيو هو، سندس ڄمڻ جو نشان شهر کان هڪ ميل پري هنيو ويو آهي. اهو اتي ڇو هنيو ويو، ان لاءِ لب تاريخ سنڌ جو مصنف خداداد خان لکي ٿو تہ "بادشاهہ، جوڌپور جي راجا جي غداريءَ ڪري ان کان ناراض ٿي جيسلمير جي رستي عمرڪوٽ ۾ داخل ٿيو ۽ راڻي هن جي عزت افزائي لاءِ قلعو خالي ڪري بادشاهہ جي حوالي ڪيو. پر پهرين منزل بادشاهہ جي قلعي کان ٻاهر هئي ۽ بعد ۾ قلعي کي رونق بخشيائين. مير محمد معصوم بکريءَ جي چوڻ مطابق ان جاءِ تي آچر ڏينهن رجب المرجب ٩۴٩هہ جي پنجين تاريخ مطابق ١٥۴٣ع، محمد اڪبر بادشاهہ بلقيس زمان حميده بانو بيگم کي تولد ٿيو. سنڌ جو ٻيو نمبر ڪمشنر سر بارٽل فريئر سال ١٢٦٩هہ مطابق سال ١٨٥٣ع ۾ اتي ويو ۽ پراڻي وقت جي ماڻهن کان پڇا ڪرڻ بعد قلعي جي اتر ۾ هڪ ميل جي مفاصلي تي محمد اڪبر بادشاهہ جي ڄمڻ جو پٽر هنيو."

مٿين حقيقتن کان سواءِ همايون نامہ (چپائينڊز سنگ ميل پبليڪشن) ۾ جا پراڻي تصوير ڇپيل آهي، تنهن ۾ پڻ اڪبر جو ڄمڻ ڪوٽ جي اندر ڏيکاريو ويو آهي.

هن مسئلي تي جناب غلام محمد لاکي پنهنجي مضمون "عمر ڪوٽ -چند تاريخي مسئلا" ۾ عالمانو بحث ڪري ثابت ڪيو آهي تہ اڪبر جو جنم قلعي جي اندر ٿيو هو ۽ نہ ٻاهر. ان سلسلي ۾ لاکي صاحب تاريخي شاهدين سان گڏ پنهنجي مشاهدي تي ٻاڙيندي اهو لکيو آهي تہ : "اڪبر جي جاءِ پيدائش واري چبوتري وڻ ڪوٻہ پراڻو شهر، قلعو ۽ ڪوٽ نہ هو. ميداني مشاهدو ڪندي خبر پوي ٿي تہ اتي ڪنهن بہ قديم بستي يا قلعي جا باقيات موجود نہ آهن."

اها بہ تاريخي حقيقت آهي تہ اڪبر جي والد همايون جي شادي حميده بانو بيگم سان سنڌ ۾ ٿي ٿي. ان جو ذڪر گلبدن بيگم "همايون نامہ" ۾ تفصيل سان لکيو آهي.

جسٽس (رٽائرڊ) مشتاق قاضي صاحب پنهنجي انگريزي ڪتاب THE ANCIENT TOWN OF "SINDH-" PATT" ۾ هڪ عنوان "همايون جو عشق ۽ شادي" ، همايون نامي جي حوالي سان تفصيل سان لکيو آهي، جنهن جو مختصر احوال هي آهي تہ جڏهن همايون پاٽ ۾ پنهنجي مائٽيلي ڀاءُ هندال سان اچي مليو تہ اتي هندال جي استاد مير بابا دوست جي ڌيءُ کي ڏٺائين جا چوڏهن ورهين جي هئي، جنهن جو شجرو شيخ احمد جام زنده پيل سان پئي مليو. حميده چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙي سهڻي ۽ ڪنول جي گل وانگر پاڪ هئي. سمجهہ ۾ سندس ڪو ثاني ڪونہ هو. همايون حميده بانوءَ سان شادي ڪرڻ پئي گهري، پر مرزا هندال انڪار پئي ڪيو. بعد ۾ همايون پنهنجي مائٽيلي ماءُ دلدار بيگم جي ڪوشش بعد ان ۾ ڪامياب ٿيو هو."

جناب مشتاق قاضي لکي ٿو تہ جمادي الاول ٩٤٨هہ (مطابق سيپٽمبر ١٥٤١ع) ۾ همايون جي شادي حميده بانوءَ سان پاٽ ۾ ٿيڻ طئي ٿي. شهنشاهہ مير ابوالبقا کي گهراڻي بہ لک نقد ڏنا تہ شاديءَ جو بندوبست ڪري. شهنشاهہ شاديءَ بعد ٽي ڏينهن پاٽ ۾ گذاريا ۽ ان بعد پنهنجي ڪنوار سان گڏ بکر ڏانهن روانو ٿي ويو. پاٽ ۾ شاديءَ جي دوران جوڙي کي شهر جي ولين جون دعائون نصيب ٿيون. حميده ، همايون جي انهن ڏکين ڏينهن ۾ وفادار ساٿڻ ثابت ٿي ۽ سندس شڪستن ۽ تڪليفن ۾ ڀاڱيوار. عمر ڪوٽ ۾ حميده بانوءَ کي ٥ رجب ٩٤٩هہ (١٥٤٢ع ) ۾ جلال الدين محمد اڪبر پيدا ٿيو. ان طرح اڪبر بادشاهہ جي رڳ ريشي ۾ سنڌ جي پاڻي ۽ خوراڪ جو اثر موجود هو.

ڇا اڪبر جي موت ۾ پڻ سنڌ جو سڌي يا اڻسڌي طرح واسطو آهي؟ ان سلسلي ۾ ڪتاب "A DUTCH CHRONICLE OF MUGHUL INDIA" ۾ لکيل آهي تہ ان وقت بادشاهہ (اڪبر) فيصلو ڪيو تہ سنڌ ۽ ٺٽي جي اڳين حاڪم مرزا غازي ولد مرزا جاني کي زهر جي گولي کارائجي. ان ڪري جو ان بهادر شاهہ اسير جي اڳين حاڪم سان گفتگو ڪندي، ان ڄاڻ هوندي بہ تہ دشمن ڪيس ڏسي رهيا آهن، اظهار ڪيو هو تہ جي "منهنجو ٺٺو تنهنجي اسير وانگر مضبوط هجي ها تہ مان هن نموني اڪبر جي دٻاءُ هيٺ نہ گذاريان ها." (اهڙا غرور ڀريا جملا ان استعمال ڪيا هئا). اڪبر پنهنجي حڪيم کي سڏيو ۽ کيس ٻن ساڳي شڪل ۽ مقدار جي گولين تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ، جن مان هڪ ۾ زهر وجهجي ۽ ٻي اها هجي جا دستور موجب بادشاهہ روزانو کائيندو هو. هو (اڪبر)

ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو

# سماجي لسانيات ۽ ٻوليءَ بابت غير لسانياتي مفروضا

علم لسانيات يعني ٻوليءَ جو علم، پنهنجي تعارفي دور يعني يوناني فيلسوفن جي دور کان هن وقت تائين ارتقا جون مختلف منزلون طئه ڪندو، نون علمن، نين ۽ جديد سوچن ۽ نظرين کي جنم ڏيندو ته وري ڪيترن ني علمن کي انساني سماج لاءِ ڪارائتو ۽ وقتائتو نه سمجهندي رد ڪندي. اڄ سماجي لسانيات جي اهم علم کي انساني سماج ۾ ان جي ڪارج تي سوچ ويچار لاءِ متعارف ڪرايو آهي. سماجي لسانيات جي علم جنهن سماجي لسانياتي ماهرن ۾ خاص طرح ۽ ٻين سماجي سائنسز جي علمن لاءِ عام طرح گهڻ ٻولي، گهڻ قومي ۽ گهڻ ثقافتي ملڪن ۾ ٻوليءَ جي مسئلي جي حل جي ڏس ۾ ڪارائتي علم طور مڃتا حاصل ڪئي آهي.

ٻولي، جيڪا اڄ نه ته سيان ملڪي، صوبائي توڙي مقامي سطح تي حڪمراني ڪندڙن لاءِ گوشت ۾ اهڙي هڏي ثابت ٿيندي جيڪا نه ته چٻاڙي سگهبي ۽ نه وري ڳهي جان ڇڏائي سگهبي. ڇاڪاڻ ته تيزيءَ سان بدلجندڙ حالتون، ملڪن جو تيزيءَ سان گهڻ نسلي ۽ گهڻ ثقافتي طور اڀري اچڻ، شهرن جو وڌڻ ۽ شهرن ۾ گهڻ ٻولي ماحول جو پيدا ٿيڻ ۽ عوام الناس ۾ عالمي شعور جو وڌڻ ۽ ميڊيا جي ڀرپور اثرن ڪري اهو ممڪن ني نه آهي ته سست، روايتي ۽ فطري لسانياتي ارتقا تي پروسو جي ته پيدا ٿيندڙ دٻاءَ، اختلاف ۽ تنازعا وقت جي رفتار سان ختم ٿي ويندا. پر عوام جي نمائنده ۽ ملڪ کي ترقيءَ جي راهه تي ڏسڻ جي خواهشمند حڪومت کي گهرجي ته وقت جي رفتار کي سڃاڻي ۽ سڌ جو پڙاڏو ڏيڻي همت ڀريا قدم کڻي: ٻوليءَ ۽ تعليم بابت اڀرندڙ مسئلن کي سائنسي ۽ عوامي نمائندگيءَ جي بنياد تي حل ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ بابت رٿابندي ۽ ٻوليءَ جي انجنيئرنگ ڏانهن شعوري ۽ اصولي ڪوششون وٺي.

هن مضمون ۾ سماجي لسانيات جي سمجهاڻي ۽ ٻوليءَ بابت غير لسانياتي، غير علمي مفروضن ۽ قائم ڪيل نظرين جو جائزو وٺڻ آهي.

جيئن اصطلاح مان ني ظاهر آهي ته سماج ۽ لسانيات جي ترتيب وار يا سماج ۽ ٻوليءَ جي هڪ ٻئي سان لاڳاپي جي مطالعي کي "سماجي لسانيات" چئي سگهجي ٿو.

ٻوليءَ ۽ ان جي چوڌاري ماحول جي لڳ لاڳاپي کي ني سماجي لسانيات چئجي ٿو ۽ ان سلسلي جو گهڻو تڻو ڪم ٻولي ۽ سماج جي مختلف تنظيمن جي واسطي، رابطي، رويي ۽ اثرن تي ٻڌل آهي، جنهن مان سماجي طبقي، ڌنڌي، مقام، تعليمي معيار، الڳ جنس ۽ الڳ جاگرافيائي ۽ سماجي واسطن ذريعي لسانياتي شاهديون ملن ٿيون.

هن اصطلاح جو پهريون استعمال ڪيوراءِ (Curri) ۱۹۵۲ع ۾ ڪيو. هرزلر (Hertzler) جي بيان مطابق اڻويهين صديءَ جي آخر ۽ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ٻولي ۽ سماج جي حوالي سان ڪجهه مطالعا ٿيا، اهي ڇپيا به ويا، پر ان ابتدائي ڪوشش کي اڄ جي سماجياتي لسانيات جا ڄاڻو ڪا اهميت نه ڏيندي هن ميدان ۾ گذريل ۲۰ - ۲۵ سالن کان ڪيل تحقيق کي شمار ڪن ٿا.

جڏهن پهريون دفعو هڪ آمريڪي اسڪالر وليم لابوف ٻوليءَ ۾ ڦير ڦار ۽ تبديلين جو مطالعو ڪندي ان نتيجي تي پهتو ته ٻوليءَ ۾ ايندڙ ڦيرڦار سمجهه ۾ ايندڙ (Observable) آهي ۽ ان جا سماجي سبب ڄاڻائيندي آمريڪا جي نيويارڪ شهر جي وڏن ۽ ننين ڊپارٽمينٽل اسٽورز ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي ڳالهه ٻولهه جو مطالعو ڪيو

۽ شمارياتي طريقو استعمال ڪندي ٻوليءَ ۾ ڦير ڦار ۽ تبديليءَ جا سبب سماجي يعني تعليم، عمر، طبقو، ڌنڌو ۽ الڳ جنس جو هجڻ ڄاڻايا.

سماجي لسانيات تي گهڻو تڻو ڪم ١٩٦٨ع کان ١٩٧٦ع واري عرصي ۾ اسريو ۽ دلچسپيءَ جو سبب بڻيو آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هي موضوع ڪيترو نه نئون آهي، پر ان جو مطلب اهو به نه آهي ته سماج جي تعلق سان ٻوليءَ جو مطالعو ڪو ٦٠ - ١٩٧٠ع جي ايجاد آهي، ڇاڪاڻ ته لهجن، محاورن، ڪلچر ۽ لفظن جي معنويت جي لحاظ کان تحقيق جي ڊگهي روايت آهي، جنهن کي سماجي لسانيات جي ڏس ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

ٻولي ڪي قدر سماجي حالتن ۽ مامرن جو پرتو آهي، تنهن ڪري سماجي سائنسدانن جي کوجنا لاءِ مفيد ثابت ٿئي ٿي. ٻوليءَ جو لفظي ذخيرو ان جي ڳالهائيندڙن جي ضرورتن، تجربن ۽ ماحول جي چٽي تصوير ٿئي ٿو (اها ڪا عجيب ڳالهه نه ٿيندي جيڪڏهن اسان اهو چئون ته سماجي ناتن رشتن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ انگريزي يا ٻين ڪيترين ٻولين کان وڌيڪ لفظ آهن، جيڪي ڪنهن به صورت ۾ ٻٽا لفظ Compound words نه آهن).

اهڙيءَ طرح جي. ايم. سيد جو اهو مشاهدو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ کجيءَ جي وڻ جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ وڌي ٿيڻ تائين ۽ انهيءَ جي ٽارين ٻور، ميوي جي لاهڻ پچائڻ وغيره جا ٽن سون کان وڌيڪ نالا ۽ اصطلاح آهن. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته کجيءَ جي فصل جو سنڌ جي سرزمين ۽ ان جي رهواسين سان گهرو لاڳاپو آهي. انهن ئي جيئن انگريزي ۾ برف پوڻ لاءِ هڪ يا ٻه Snow ۽ Sleet لفظ آهن. جڏهن ته اسڪيمو ٻوليءَ ۾ برفباريءَ لاءِ ڪيترائي لفظ آهن، جيڪا سمجهه ۾ اچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته اسڪيمو جي لاءِ ضروري آهي ته مختلف قسمن جي برفباري لاءِ الڳ الڳ لفظ هجن، جو انهن جي ماحول ۾ برفباري جي وڏي اهميت آهي. جڏهن ته انگريزي ٻوليءَ ۾ انهن معنائن ۽ مقصدن لاءِ ٻٽا اکر يعني Soft snow, dry snow, fine snow وغيره آهن. ساڳيءَ طرح بداوين عربيءَ ۾ اٺ لاءِ ڪيترائي لفظ آهن.

ٻولي سماجي گهاڙيٽي بابت به ڪيترين ئي شاهدين مهيا ڪري ٿي. رشتن ناتن، عقيدن، قاعدن ۽ قدرن جي مطالعي مان مختلف نسلي ۽ سماجي گروهن ۾ استعمال ٿيندڙ محاورن ۽ اصطلاحن ذريعي عورتن ۽ مردن ۾ استعمال ٿيندڙ الڳ الڳ محاورن ۽ اصطلاحن ذريعي پڻ سماجي گهاڙيٽي بابت راءِ قائم ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. اهڙي قسم جي سمورين ڪوششن کي سماجي لسانيات جي مطالعي ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

لسانيات ۽ صوتيات جي لغت مطابق سماجي لسانيات لسانياتي علم جي اها شاخ آهي جنهن ذريعي سماج ۽ ٻوليءَ جي وچ ۾ سڀني لاڳاپن جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو. سماجي لسانيات جا ڄاڻو سماجي گروهن جي لساني سڃاڻپ ٻوليءَ ڏانهن سندن سماجي رويو معياري ۽ غير معياري جوڙجڪ قومي ٻوليءَ جي استعمال جون گهرجون ۽ گهاڙيٽو.(Needs and pattern)سماجي اراڏايون (Varieties) ۽ سطحون گهڻ ٻولي سرشتي جي سماجي مدار وغيره علم جو مطالعو ڪري سگهن ٿا.

انسان جي باقاعده استعمال ۾ ايندڙ شين ۾ ٻولي هڪ اهم ۽ ضروري شيءِ آهي. انسان شروع کان ئي ٻوليءَ جو استعمال ڪندو آيو آهي ۽ ٻولي هميشه انساني زندگيءَ جو لازمي جزو رهي آهي. تصويري ٻولي، لکيل ٻولي، ڇپيل يا اڪريل ٻولي توڙي ڳالهائيندڙ ٻولي. ٻوليءَ ذريعي ئي انسان ٻين انسانن سان لاڳاپيل رهيو آهي. ٻوليءَ جو غير جانبداريءَ سان مطالعو (Objective study) ڪرڻ تمام ڏکيو آهي. ٻوليءَ بابت بحث هميشه جهڳڙن ۽ ملامتن جو باعث بڻيو آهي. ٻولي هر ڪنهن جي آهي جيڪا هر ڪنهن سان واسطو رکي ٿي، تنهنڪري هرڪو عام خاص اهو سمجهي ٿو ته ٻوليءَ بابت ڪيس پنهنجو رايو رکڻ ۽ ڏيڻ جو حق آهي. ٻولي به سياسي ۽ سماجي علم وانگر عام

ماڻهوءَ جي روين مطابق ۽ ملڪيت آهي، جنهن جي استعمال بابت اختلاف يا تنقيد ڪرڻ تمام سولي آهي. ڇاڪاڻ ته سماج، سماجي ۽ سياسي رويا، ڪنهن به لحاظ کان تنقيد کان متاثر ٿيڻ کان مٿانهان ڪونه آهن. تنهن ڪري هر ڪنهن کي پنهنجي راءِ رکڻ جو پورو حق آهي. پر جڏهن راين ۾ اختلاف ٿئي ٿو ته مسئلو جذباتي ٿي وڃي جهيڙي تائين پهچي ٿو. سنڌي، اردو توڙي انگريزيءَ ۾ ننڍن يا ٻوليءَ جي رٿابنديءَ بابت اهم مسئلن تي اختلافن جا ڪيترائي مثال ملندا. جيڪي علمي بحث مان وڌي ذاتي جهڳڙن ۽ وٺت تي ختم ٿيا آهن.

مثال طور هتي جيڪڏهن اڄ اهو چوان ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ موجوده تبديلي يا ڦيرڦار کي معروضي سياسي ۽ سماجي حالتن جو ڪارڻ ڄاڻائيندي اثر ٿو سمجهان ۽ انهن کي عيب نه پر ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ شمار ڪيان ٿو ته جيڪر ڪيترائي ٻوليءَ سان جذباتي وابستگي رکندڙ، ٻوليءَ کي خالص رکڻ جا حامي ۽ ٻاهرئين اثرن کي قبول نه ڪندڙ يا وري اڏوڳابرو لساني تعليم رکندڙ عالم مچرجي پون ۽ مون تي، سنڌي ٻوليءَ خلاف هجڻ جون فتوائون صادر ڪن.

ٻوليءَ جو ترتيب وار علم لسانيات ئي آهي، جيڪو انساني پرک جي قوت تي اثرانداز ٿئي ٿو. ڪنهن شخصيت جو تجزيو ڪرڻ، سندس ذهانت، سماجي رتبي، تعليمي معيار، ڪم جي اهليت، گروهي وابستگي ۽ ٻين ڪيترن سڄاڻپ جي ميدانن ۽ سماجي حيثيتن جو مطالعو لسانيات جي علم ذريعي ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ٻوليءَ جي استعمال تي ڪنورتا سان حملو ٿئي ٿو ته نتيجي طور ڪنهن کي ڏکوئڻ يا پنهنجو ڏکوئجڻ نهايت سولو ٿي پوي ٿو. مثال طور جڏهن ڪو لاڙڪاڻي يا جيڪب آباد جو ماڻهو حيدرآباد يا سنڌيونيورسٽي جي ڪنهن معياري ٻولي ڳالهائيندڙ يا پڙهيل لکيل ماڻهوءَ اڳيان "ڇ" جو اچار "ش" يا " ف" جو اچار "ڦ" ڪري اچاري ٿو يا وري سکر يا شڪارپور جو سنڌي ارڙهن بدران "اناره" ڪري اچاري ٿو ۽ معياري ٻولي استعمال ڪندڙ سندس ان ڳالهه کي نظرانداز نه ڪندي سندس اچار کي غلط چئي ڏئي ٿو يا ٽوڪ ڪري ٿو تڏهن ان ماڻهوءَ جا احساس ۽ ٻوليءَ جي استعمال ۽ رويي بابت ويچار نهايت ڏکوئيندڙ ٿين ٿا. ساڳيءَ طرح لاڙي ماڻهوءَ جو اتراديءَ سان ۽ وچولي ڳالهائيندڙ جو ٿري لهجي ۾ ڳالهائيندڙ سنڌي ماڻهوءَ سان معمولي اچاري اختلاف ۽ ان طرف ڌيان ڇڪائڻ، ڪيترن کي گهٽ ۽ ننڍو هجڻ جو احساس ڏياري ٿو.

اهڙا ڪيترائي واقعا منهنجي برطانيه ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران به پيش آيا، جڏهن ڪيمبرج ۽ لنڊن واري معياري انگريزي ڳالهائيندڙ (جيڪا بي.بي.سي يا راڻي واري انگريزي به ڪري ليکي وڃي ٿي، جنهن کي ٻين علائقن جا اڪثر انگريز ڏارين لاءِ اختيار ڪيل انگريزي سمجهن ٿا.) مانچسٽر، ليورپول ۽ برمنگهم وارن جي انگريزيءَ کي صحيح انگريزي ڪونه سمجهندا هئا ۽ انهن تي ٽوڪون پڻ ڪندا هئا. جڏهن ته سانوٽ ايسٽ وارا (جتي اڄ پڙهيو آهيان) وري ٻئي سڄي انگلنڊ وارن جي انگريزي لهجي تي ڪلندا آهن ۽ پنهنجي لهجي کي ئي خالص "انگلش ڊائليڪٽ" ڪري سمجهن ٿا.

اهڙيءَ طرح هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو ساڳئي علائقي يا حدن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻي ٻوليءَ کي جيڪڏهن مادري ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو وانگر نٿو اچاري ته اها ڪا لساني طرح گهٽتائي ڪونه ليکبي. ان سلسلي ۾ اردو جي شاعر جوش مليح آبادي بابت ڪيترائي واقعا مشهور آهن ته جڏهن ڪير غلط اردو ڳالهائيندو يا اچاريندو هو ته ان وقت ئي ٽوڪي جذباتي ٿي ويندو هو، جيڪو ٻولي ڏانهن سطحي ۽ غير علمي رويو چئي سگهجي ٿو.

هتي سماجي لسانيات جي ڄاڻو ۽ پنهنجي استاد پروفيسر پيٽرٽرڊ گل (Peter Trudgill)جي اها راءِ ورجائڻ مناسب ٿو سمجهان ته "گنريل ڏهاڪي کان لسانيات جا ڄاڻو دنيا جي ٻولين جو چڱو چوکو حصو مطالعي ۾ آڻي چڪا آهن ۽ ان مطالعي مان ان راءِ تي پهتا آهن ته ڪنهن به ٻوليءَ کي سنو يا خراب چوڻ جو ڪو به لسانياتي سبب

ڏگھا حروف علت (ا، و، ي) کي بلڪل ني گھٽ هئا." ماضيءَ جي مطالعي مان پاڻنجي ٿو ته عربيءَ جي اثر کان اڳ سنڌي الفاظ اڪثر "حروف صحيح" جا مرڪبات هئا." ان راءِ جي پٺڀرائي ۾ ڪڪڙ ۽ گدڙ وغيره جا مثال ڏنا اٿائين. ڊاڪٽر بلوچ جي ان راءِ جو ذڪر ڪندي سراج لکي ٿو ته "هيءَ صاحب انهن لفظن کي انگريزي ۾ لکي ڏسي ها ته کيس خبر پئجي وڃي ها ته انهن لفظن ۾ ٽن حروف صحيح کان سواءِ اوترائي حروف علت به موجود آهن."

ٻوليءَ جو هڪ ٻيو عالم محمد حسين پنهور ان بابت چوي ٿو ته:"

"Sindhi had vowels as is clear from 'Chach nama', which gives sindhi names like "Channa, Maka, Sehta, Jatt, Med, Dahar, Jaisina, Debel, Nerun, Alore and many others."

لسانيات جو علم گھڻو ڪري ڳالهايل ٻوليءَ تي مدار رکي ٿو. لکت جي اهميت ٻئي نمبر تي آهي. ٻولي ماڻهو ڳالهائين ٿا. اها انهن جي وات مان آوازن جي صورت ۾ نڪري ٿي ۽ صوتيات جي علم مطابق ڪا به اهڙي ٻولي ڪونه آهي جنهن ۾ آواز نه هجن. دنيا جون ڪيتريون ئي لپيون/ الفابيٽ اهڙيون آهن، جن ۾ ڪي خاص صوتيه (Phoneme) ليکن جي نشانن ذريعي ظاهر ڪيا ويندا آهن. اهي حرف صحيح/ وينجن(Consonautal) واريون لپيون ڪري ليکجن ٿيون، مثال طور، آراميڪ (Aramaic) عبراني (Hebrow) ۽ عربي وغيره، جن ۾ حرف علت/ سُر (Vowel) اعرابن ذريعي ڪڏهن مرضي پوي ته ظاهر ڪيا وڃن ٿا. ٻئي طرف ڪيترين هندستاني لپين ۾ حرف علت/ سُر اعرابن يا نشانين ذريعي ظاهر ڪيا وڃن ٿا، جيڪي لڳائڻ نهايت ضروري آهن. اهي نشانيون حرف صحيح/ وينجن سان لاڳاپيل سمجھيون وڃن ٿيون. سنڌي جيئن ته عربي لکت/ لپي ۾ لکي وڃي ٿي، تنهن ڪري ان جا حرف علت/ سُر/ آواز عربي طريقي "زير"، "زبر" ۽ "پيش" وغيره يعني اعرابن جي صورت ۾ لکجن ٿا. پر انهن اعرابن جو ڏيڻ به لکندڙ جي مرضيءَ تي منحصر آهي. سنڌي ٻوليءَ جي سکڻ واري مرحلي ۾ ته انهن اعرابن جو استعمال ضروري ٿيو پوي، جو انهن جو غلط استعمال لفظ ۽ جملي جي معنيٰ ڦيرايو ڇڏي. پر ٻولي پوري طرح سکي وڃڻ کان پوءِ انهن جو استعمال ضروري ڪونه ٿئي، جو پڙهندڙ تجربي جي بنياد تي لفظن جو صحيح اچار ڪري صحيح معنيٰ ۾ استعمال ڪري سکي وڃي ٿو.

هتي حرف صحيح (Consonant) ۽ حرف علت (Vowel) جي تشريح پڙهندڙن لاءِ ضروري آهي. اندرين هوا ڳالهائڻ واري حصي (Oral Cavity) ۾ ڪنهن به هنڌ رڪجي ته ان آواز کي چئبو "حرف صحيح" ۽ جي بنان ڪنهن رڪاوٽ جي ان حصي جي گول يا تراڪڙي صورت جي آڌار تي هوا ٻاهر نڪري ته اهو آواز سڏبو "حرف علت". بهرحال ڊاڪٽر بلوچ جي اهڙي راءِ رکڻ مان مراد سنڌي ٻوليءَ جي ننڌا ڪونه آهي پر ٻوليءَ جي صوتياتي علم ڏانهن ڌيان نه ڏيڻ آهي.

ٻيو مثال ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي" جو آهي. هن ڪتاب جي ڇپجڻ (١٩٧٩ع) کان پوءِ، ٻوليءَ جي هڪ ٻئي عالم محمد عمر چند ١٩٨٥ع ۾ ڇپيل پنهنجي ڪتاب "لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڌايون" ۾ ڊاڪٽر الانا جي ڪتاب جي عنوان کان وٺي ڪتاب ۾ بحث آندل ٻين ڪيترن علمي موضوعن ۽ مسئلن تي وضاحتي علمي تنقيد ڪندي انهن کي رد ڪيو.

هاڻي هڪ صحيح ۽ جديد تربيت يافته عالم تي فرض آهي ته پنهنجي ڪيل علمي ڪم تي ڪا وضاحتي علمي تنقيد ٿئي ته ان کي مجيندي ان تي پنهنجي وضاحت الڳ مضمون يا وري ٻئي ڇاپي ۾ ڏئي، نه ڪ خاموش رهي. ائين نه ڪرڻ سان ان علم جي راهه ۾ ايندڙ پانڌيئڙن ۽ محقق جي ذهن ۾ مونجهارا پيدا ٿيندا ۽ ان کي صحيح راءِ ۽ اصل علمي وضاحت قبول ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي. نتيجي طور اهو علم ان ٻوليءَ ۾ ترقي ڪري ڪي مثبت ۽ ڪارائتا نتيجا ڏئي نه سگھندو. اهڙائي ٻيا ڪيترائي سبب آهن جو لسانيات جو علم سنڌيءَ ۾ وڌي ۽ پنهنجون پاڙون پختيون ڪري نه سگھيو آهي ۽ عام طوڙي خاص ۽ جديد تربيت يافته محقق اهڙي تحقيق کي مفروضن ۽ ذاتي راين تي ٻڌل سمجھي

لنوائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي محبت ۾ سنڌي ليکڪا پوپٽي هيرانداڻيءَ، پنهنجي لکڻين ۾ ٻوليءَ لاءِ وڏيون دعوائون ڪري ان کي افضل ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙين دعوائن جي ڪابہ علمي يا لسانياتي حيثيت ڪونہ آهي. مثال طور هوءَ "ڀاشا شاسترا" ۾ لکي ٿي تہ "سنڌي ٻوليءَ ۾ دنيا جي سڀني ٻولين جا اچار اچي وڃن ٿا. سنڌيءَ ۾ ٻين ڪن ٻولين جي ڀيٽ ۾ رڳو چار ٻٽا آواز ٻ، ڄ، ڏ، ڳ وڌيڪ آهن، انهن جي آڌار تي اهڙي دعويٰ نٿي ڪري سگهجي. پر حقيقت ۾ اهي آواز بہ ٻين ڪيترين ٻولين يعني سواحلي، ماساني، نيانگي، يولو وغيره ۾ موجود آهن.

تهذيب يا ثقافت ڪيتري بہ سٽريل، اڳاٽي يا قديم ڇو نہ هجي، پر ٻوليون هر وقت پنهنجي ڳالهائيندڙن جي گهرجن مطابق پوريون رهيون آهن، تنهن ڪري ڪا قوم تہ سٽريل يا اڻ سٽريل ٿي سگهي ٿي پر ڪنهن بہ ٻوليءَ بابت اهڙي راءِ قائم ڪري نٿي سگهجي. جيڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڪنهن خاص شيءِ لاءِ لفظي کوٽ آهي تہ ان جو مطلب آهي تہ اها ايجاد ان قوم جي نہ پر ٻاهران آيل آهي. ان ڪري عالمن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن لاءِ ضروري آهي تہ ان لاءِ لفظ ڪن يا جنهن قوم اها ايجاد ڪئي آهي ان جي ٻوليءَ واري نالي کي برقرار رکن. ائين ڪرڻ سان ٻوليءَ جي ڪابہ گهٽتائي نٿي ٿئي.

هتي ڊاڪٽر سورلي جي ان راءِ تي بحث ڪرڻ ضروري ٿيندو جنهن مطابق هو چوي ٿو تہ سنڌي ٻولي، سنڌي تهذيب ۽ ثقافت سان نڀکي اچي ٿي، جنهن لاءِ اها وجود ۾ آئي آهي، جنهن کي ان جي محنتي ۽ اڻ ويڙهاڪ ماڻهن مڪمل ڪيو آهي، پر ان زبان ۾ اهڙا لفظ ڪونہ آهن جيڪي اهڙي قسم جي تهذيب ۾ نڀکي اچن جنهن جو "برٽن" نمائندو آهي. سؤ سال اڳ بيشڪ ائين چئي سگهجي پيو، تہ اها زبان ان وقت ان قوم جي ضرورتن ۽ ثقافت مطابق هئي، پر جيئن جيئن زماني جي حادثن، سياسي ۽ سماجي حالتن ۾ تبديلي ايندي ويندي، ٻولي بہ ان قوم جي گهرجن مطابق پاڻ ۾ لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو آڻيندي ويندي. جيڪڏهن ڪنهن قوم جي ترقي ۽ تبديليءَ سان ان جي زبان ۾ ترقي ۽ تبديلي نٿي اچي تہ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اها زبان ان قوم جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي اهل ثابت ٿي نہ سگهي ۽ اها ٻولي پوءِ گهڻو وقت جيئرو رهي نہ سگهندي. خوشقسمتيءَ سان سنڌي ٻولي وقت ۽ حالتن مطابق پاڻ ۾ تبديلي آڻيندي، هن وقت بہ پنهنجي ڳالهائڻ وارن جون سموريون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي اهل آهي.

مختلف وقتن تي، ڪي خاص حلقا، ڪن خاص ٻولين کي گهڻ ترقي يافتہ ۽ مختلف وڏون ڪڍي اڻ سٽريل چئي انهن کي سنڌن اصل مقام تان هٽائڻ جون ڪوششون ڪندا رهيا آهن ۽ انهن جي جاءِ تي مختلف دليل ڏيئي، ڪن ٻولين کي عظيم ۽ مڙني رابطي جون گهرجون پوريون ڪرڻ جو اهل سمجهي، عجيب غير معقول، غير لسانياتي ۽ مذهبي جذبا اڀاريندڙ دليلن سان قدرتي طرح عظيم ٻولي قرار ڏيئي ماڻهن جي حقيقي مادري ٻولين مٿان ٺاڦڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن. عام طرح ماڻهن جو اهو عقيدو هوندو آهي تہ سنڌن ٻولي ٻين ٻولين کان مٿاهين ۽ عظيم آهي پر علمي طرح اهڙي تصور يا ويچار جي ڪابہ حيثيت ڪونہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪي ماڻهو ڪنهن خاص ٻوليءَ کي اهميت ڏيارڻ لاءِ مختلف دليلن کان ڪم وٺندا هجن. مثال طور تہ هي ٻولي تمام قديم، منطقي، گهڻي علمي مواد واري يا خدا تعاليٰ جي ٻولي آهي يا وري اچارڻ ۾ سولي ۽ ڳالهائڻ ۾ وڌيڪ اثر واري آهي. جيئن عربي ڳالهائيندڙ اهوچئي سگهن ٿا تہ سنڌن روايتي (Classical) عربي تمام خوبصورت ۽ منطقي آهي؛ ڪابہ ٻولي گرامر جي خوبصورتي ۽ لفظي ذخيري ۾ ساڻس برميچي نہ ٿي سگهي. اها مذهبي ٻولي هجڻ سان گڏ ڪلام پاڪ جي ٻولي آهي، جيڪا اسلام جي سچائي بابت معجزاتي شهادت پيش ڪري ٿي. ان ئي سبب ڪري خدا تعاليٰ ان ٻوليءَ کي پيغمبر عليہ اسلام جي اظهار لاءِ چونڊيو. هي ٻولي ئي آخرت ۾ استعمال ٿيندي، تنهن ڪري سڀني ٻولين کان مٿاهين ۽ اتم آهي.

اهڙي قسم جا ويچار هندو سنسڪرت لاءِ ۽ يهودي عبراني لاءِ به رکي سگهن ٿا، خاص ڪري ٻوليءَ جي قدامت جي باري ۾. ساڳيءَ طرح جرمن ڳالهائيندڙ جرمن ٻوليءَ کي سڀني کان اتانهون سمجهن ٿا، جو سندن عقيدي موجب حضرت آدم عليہ السلام باغ عدن ۾ جرمن ٻولي ڳالهائي هئي. اهڙيءَ طرح سياسي، سماجي ۽ مذهبي اثرن ۽ عقيدن جي حوالي سان ڪيترائي رايا ٿي سگهن ٿا، پر لسانيات جي علم جي ڪسوٽيءَ تي اهي پورا نٿا لهن.

پاڪستان ۾ به ٻوليءَ جي قومي مسئلي کي حل ڪري ملڪ جي ترقيءَ ۾ مڙني قومن کي ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ بدران هڪ خاص حلقو ان کي منجهائي مذهب جي حوالي سان قومي ٻڌي ۽ حب الوطني جي تناظر ۾ هڪ خاص ٻولي يعني اڙدو کي مسلمانن ۽ پاڪستان جي واحد ٻولي قرار ڏيئي، ٻين قومن ۽ انهن جي قومي ٻولين جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽون وجهڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو آهي. مولانا ٿانويءَ جي فتويٰ ته: "هن وقت اڙدو جي حفاظت دين جي حفاظت آهي، تنهن ڪري هن جي حفاظت لاءِ وس آهر ڪوشش ڪرڻ خدا جي اطاعت (حڪم جي بجا آوري) برابر آهي ۽ ان ۾ غفلت ڪرڻ وارن کان آخرت ۾ پڇاڻو ٿيندو". اهڙي قسم جي غير علمي ۽ غير سائنٽيفڪ فتويٰ ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ ۽ انهن جي جذبن کي ڀڙڪائڻ کان علاوه ٻين ٻولين ڳالهائيندڙن جي جذبن ۽ احساسن کي ڌڪ رسائڻ، ڪيڏن ۽ ٻولين جي حقن ۽ اهميت کان انڪار ڪرڻ جي برابر آهي.

ڪنهن به هڪ ٻوليءَ کي ڪنهن خاص مذهب سان وابسته ڪرڻ، مذهبن جي آفاقيت کان انڪار ٿيندو. لسانياتي علم مطابق ڪابه ٻولي مذهبي يا غير مذهبي ٿي نٿي سگهي. ڪنهن به ٻوليءَ جو ڳالهائيندڙ ڪوبه مذهب اختيار ڪري سگهي ٿو، ان لاءِ ڪنهن خاص ٻوليءَ جو ڄاڻڻ ضروري نه آهي، پر مذهبي ۽ ملڪي ايڪي لاءِ ضروري آهي ته ماڻهن جي مڙني فطري ٻولين کي هڪ جيتري اهميت ۽ قومي حيثيت ڏئي سرڪاري طرح قانون نافذ ڪري انهن جي ترقي ۽ اهليت وڌائڻ لاءِ هڪ جيتريون ڪوششون ڪيون وڃن.

## مددي ڪتاب


(١) آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند (١٩٥٦ع)، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

(٢) الانا، ڊاڪٽر غلام علي (١٩٧٩ع)، "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌيونيورسٽي ڄامشورو.

(٣) چنڊ، محمد عمر (١٩٨٥ع)، "لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد.

(۴) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان (١٩٦٢ع، ١٩٨٠ع، ١٩٩٠ع)، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌيونيورسٽي، ڄامشورو.

(٥) سراج (١٩٦۴ع)، "سنڌي ٻولي"، حيدرآباد.

(٦) هيرانندائي پوپٽي (١٩٧٨ع)، "ڀاشا شاستر"، بمبئي.

(7) Crystal, D. (1987) "Dictionary of linguistics and phonetics", Basil Blackwell, Oxford.

(8) Crystal, D.(1988), "The Cambridge Encyclopedia of language", Cambridge University Press, Cambridge.

(9) Hertzler, J.D.,(1965) "The Sociology of language", Random House, New York.

(10) Labor, W. (1966), "Social Stratification of English in New York City", Washington, Centre for Applied Linguistics.

(11) Panhwar, M.H. (1988), "Languages of Sindh- Between Rise of Amri and fall of Mansura", (Research paper) "Cultural Heritage of Sindh," Edited by DR: A.J.Junejo and M.Q. Bughio, Sindhi Adabi Board, Jamshoro.

(12) Trudgill, P. (1979), "Accent, dialect and school", Edward Arnold, England.

مهر خادم

# سنڌي ٻالڪ ساهت جي مختصر تاريخ

جڏهن ڪنهن بہ انسان جي زندگيءَ ۾ ادب جاءِ والاري ٿو، تڏهن ان وجود جي مکڙي ٽڙي خوشبودار گل ٿي پوي ٿي. ادب ئي انسان ۾ اڻٺ، ويهڻ، ڳالهائڻ ۽ ڳوڙهي سمجهہ جي شڪتي پيدا ڪري ٿو، بلڪل ائين جيئن ڪنهن ننڍڙي ٻار کي ماءُ هٿن ڪان وٺي گهمائڻ جي ارادي سان پير پير ڪٺائيندي آهي. ساڳي ئي ريت انسان کي ادب زندگيءَ جي حقيقتن کان واقفيت ڏيئي انهن ڏانهن ڏينگ سان وڪ وڌائڻ جو طريقو سيکاري ٿو.

سنڌي ادب ۾ سڀ کان پهرين نظم جي شروعات چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ ٿي، پر نثر ۾ ان جي ابتدا ارڙهين صديءَ جي وچڌاري ٿي. موجوده ادبي تاريخ موجب سنڌيءَ ۾ ڇپيل پهرين نثري آکاڻي، منشي اڌارام ٿانورداس جي "آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي" آهي، جيڪا ١٨٤٩ع ۾ شايع ٿيل ڪئپٽن اسٽئڪ جي سنڌي گرامر ۾ ضميمي طور ڏنل آهي. اها ڪهاڻي ديوناگري لپيءَ ۾ آهي، ڇو تہ موجوده لپيءَ جي شروعات ١٨٥٣ع کان ٿي. انهيءَ ضميمي ۾ گمنام ليکڪن جون بيون بہ ڪهاڻيون هيون، جن مان هڪ "شهزادي املهہ مائڪ ۽ شهزادي حسين پريءَ جي آکاڻي" هئي، جيڪا بعد ۾ ١٩٣٤ع ڌاري ڏيارام عربي سنڌي لپيءَ ۾ سنڌو مخزن ۾ ڇپائي هئي. ان کان پوءِ غلام حسين قريشيءَ جي "ڀنڀي زميندار جي ڳالهہ" (١٨٥٤ع) ۽ ميران محمد شاهہ اول جي "سڌاتوري ۽ ڪذاتوري جي ڳالهہ" (١٨٥٤ع) سنڌيءَ جون اوائلي آکاڻيون آهن. اهي ٻئي ٻنسي ڌر چرنجي لال هندي تان ورتل هيون .

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي "سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ ميران محمد شاهہ اول جي ١٨٦١ع ۾ شايع ٿيل ڪتاب "مفيد الصبيان" کي سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ڄاڻايو آهي. هنديءَ تان ورتل انهيءَ ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ نصيحت ڀريون ۽ وندرائيندڙ ڪهاڻيون ڏنل هيون.

١٨٥٤ع ۾ منشي ننديرام ميراڻيءَ، ايجوڪيشنل انسپيڪٽر سنڌ، مسٽر ايلس جي شرڪت سان مشهور "ايسپ جون آکاڻيون" انگريزيءَ تان ترجمو ڪيون. ١٨٦٠ع ۾ منشي اڌارام سنسڪرت تان ورتل "طوطي مينا" جو ترجمو فارسي ٻوليءَ تان ڪيو. هن ڪتاب ۾ "الف ليليٰ" وانگر نهايت دلچسپ ۽ نصيحت واريون آکاڻيون ڏنل هيون. ١٨٦٤ع ڌاري ديوان ڪيولرام سلامتراءِ دلچسپيءَ ۽ دانائيءَ سان ڀريل ڪهاڻين جو ڪتاب "سوکڙي" نالي سان لکيو، جيڪو تعليم کاتي جي رڪاوٽن سبب سندس ڪتاب "گل شڪر" وانگر ڪافي عرصي کان پوءِ ١٩٠٨ع ڌاري ڇپيو.

ديوان ڪوڙيمل چندن مل ١٨٩١ع ۾ ٻارن لاءِ اصلوڪين ڪهاڻين جو سڀ کان پهريون مجموعو "ٻاراڻيون آکاڻيون" جي نالي سان شايع ڪرايو. انهيءَ دور ۾ لوڪومل پنواڻيءَ ٻارن لاءِ ڪتاب "واندڪائيءَ جي وندر" لکيو، جنهن ۾ روحاني ۽ ڪرامتي ڪهاڻيون هيون. ١٩٨٥ع ۾ روچيرام گجومل جون لکيل اخلاقي ڪهاڻيون "عجيب نڪتا" جي نالي سان شايع ٿيون.

مئي ١٩١٤ع ۾ شڪارپور کان هويفل اڪيڊمي (هاڻوڪي هاءِ اسڪول - ٢) مان ماهوار هويفل اڪيڊمي ميگزين شايع ٿيندي هئي. هويفل اڪيڊمي ميگزين کان پوءِ "ٻالڪ ميگزين" ماهوار رسالو ان وقت جي هيڊ ماسٽر نڪر هولارام سهجرام جي ادارت ۾ ١٩٣٢ع تائين شايع ٿيندو رهيو. پنج سال بند رهڻ کان پوءِ مئي ١٩٣٧ع کان ٻيهر ساڳئي هيڊ ماسٽر جي ادارت هيٺ پڌرو ڪيو ويو. مئي ١٩٣٧ع کان نومبر ١٩٣٧ع تائين ايڊيٽريءَ جا فرائض

سنڌالڻ کان پوءِ ٺڪر هولارام سهجرام پنهنجي ڌيءَ مس دياونتي هولارام ٺڪر جي حوالي ڪيا. ۱۹۳۷ع ۾ بهاري لال هريرام ڇاٻڙيا جي ادارت ۾ "سدرشن" نالي ٻاراڻو رسالو شايع ٿيو. جنوري، فيبروري ۱۹۳۸ع ۾ هن رسالي جو ساليانو پرچو شايع ڪيو ويو، جيڪو ۳۴ صفحن تي مشتمل هو. هن پرچي ۾ شيخ اياز جو نظم "مرد خدا" شايع ٿيو هو، جيڪو هنريت هو:

نه غم دنيا جو آ ان کي، نه دنيا کان ڪنارو آهه،
نه ڏيٺو آهه نه ونٺو آهه، نه حيلو آهه، نه چارو آهه.
نه پنهنجي سان محبت آهه، نه نفرت غير سان ان کي
سڀين ۾ ذات حق ڏسٺو اهو ان جو نظارو آهه.

۱۵ اپريل ۱۹۳۸ع کان مسٽر نارائڻداس ايل بولاٽي (نماڻو) جي ادارت ۾ ماهوار "موج" نڪرڻ لڳو.

پرمانند ميوارام ۱۹۱۲ع ۾ "دل بهار" جي نالي سان ٻارن لاءِ ٽوٽڪن جو ڪتاب لکيو. ۱۹۱۵ع ڌاري نانڪرام ڌرمداس ٻارن لاءِ اخلاقي ڪهاڻيون "ڌرم راءِ جي وهي" ۽ "جيوت جو جس" لکيون. ڏيئومل محبوب راءِ ۱۹۲۱ع ۾ "اخلاقي تعليم" نالي هڪ ڪتابڙو شايع ڪرايو، جنهن ۾ اخلاقي ڪهاڻيون ڏنل هيون.

"سندر ساهتيہ منڊل" وارن به ٻارڙن لاءِ دلچسپ ڪتاب شايع ڪرايا، جن مان ويرومل جو "موجي آکاڻيون" ۱۹۲۸ع ۾، نانڪرام ڌرمداس جو "ڪل خوشي" ۱۹۳۲ع ۾، ميلارام منگتراءِ جو "چرچن جي چهر" ۱۹۳۳ع ۾، خاص طرح ذڪر لائق ڪتاب آهن. ساڳئي موضوع تي ۱۹۲۲ع ۾ مرزا قليچ بيگ پڻ ٻارن لاءِ هڪ ڪتاب "ٻارن جي وندر يا پروليون" لکيو.

سندر ساهتيہ منڊل پاران ٻارن لاءِ شايع ٿيندڙ ڪتابن جي ليکڪن ۾ نمايان نالو ميلارام منگتراءِ جو آهي، جنهن سهڻيءَ ۽ ساديءَ ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ نهايت ڪارائتا ڪتاب لکيا، جن کي سندر ساهتيہ منڊل پاران تصويرن سان سينگاري شايع ڪيو ويو. سندس ڪتابن مان انصاف جون آکاڻيون، اخلاقي دنيا، پارس، گل ڳاڏي، ڦلواڙي، اڏند ڪتولي ۽ پرستان ٻارن لاءِ ان دور جا اهم ڪتاب هئا. سندر ساهتيہ منڊل جو اهو اشاعتي سلسلو ۱۹۲۵ع کان ۱۹۴۷ع تائين هلندو آيو. آخر ۾ هن اداري پاران ٻارن جي ادب جي واڌاري لاءِ "گل ڦل"رسالو پڻ جاري ڪيو ويو. ۱۹۴۶ع ۾ نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ جو "ٻارن لاءِ آکاڻيون" جي نالي سان هڪ باتصوير ڪتاب شايع ٿيو، جنهن ۾ ٻارڙن لاءِ دلچسپ ڪهاڻيون ڏنل هيون. ساڳئي سال ايم. آر. مانيداساڻيءَ "ٻچي رمضان" جي نالي سان ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو ڪتاب انگريزيءَ تان ترجمو ڪري ڇپايو هو.

يگوان سڪراڻي جو "لال ٻلي" ۽ ٻارن جي ٻين آکاڻين جو ڪتاب "منوهر ساهتيہ مندر" پڌرو ڪيو. ۱۹۲۵ع کان ۱۹۴۰ع تائين هندستان جي ٻولين مان ترجمي ڪرڻ جو رجحان وڌيو. ان ڏس ۾ اردو، هندي، بنگالي، گجراتي ۽ مرهٽي وغيره مان سوين ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيون، جن مان ڪجهه حصو ٻارن جي ڪهاڻين جو هو. ۱۹۲۲ع ۾ چيتمل پرسرام "نئين سنڌي لئبرري ۽ سستو عمدو ساهت مالا" شروع ڪيو، جنهن پاران سؤ کان مٿي ڪتاب شايع ٿيا. مرزا قليچ بيگ جا ترجمو ڪيل لباخان درزي ۽ خليفو ڪهنگ، نيلو پکي، به جاڙا ڀائر، طلسمي گڏي، ٽي ديو يا راڪاس، ستن شهزادن جي ڪهاڻي انهيءَ اداري پاران شايع ٿيا. ۱۹۴۴ع ۾ شيوڪ يوجراج دادا جي ادارت ۾ ٻارن لاءِ "گلستان" نالي رسالو جاري ٿيو، جنهن ۾ ٻارن لاءِ دلچسپ ۽ ڪارائتيون ڪهاڻيون شايع ٿيون.

گلشن ادب ٽنڊو محمد خان، اداره گلستان حيدرآباد، ٻارن جي ٻاري بدين، ٻارن جي ادب جي اشاعت جي سلسلي ۾ نمايان ڪم ڪيو. انهن ادارن کان سواءِ آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس حيدرآباد، امين ڪتاب گهر حيدرآباد،

تصويرن سان سينگاري شايع ڪيا. سنڌالاجيءَ ٻاران شايع ٿيل "پرڏيهي ڪهاڻيون" ۽ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيل گوهر ممتاز قاضي جو ڪتاب "پولڙي جي پُل ۽ ٻيون آکاڻيون" ٻارن جي ادب جا معياري ڪتاب آهن. علي مرتضيٰ ڏاريجي ٻارن ڪي سائنسي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ "سيل جي آتم ڪهاڻي"، "مغز جي آتم ڪهاڻي" ۽ "هٿ جي آتم ڪهاڻي" لکيا آهن.

جن نون ليکڪن جا ٻارن جي ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ٿيا، تن ۾ نظير شوري جو "ٻاڇي ڀنيان ڊوڙ"، منظور بيدار جو "هي ساٿي سيني"، عبدالرحمان جتوئي جا "عقلمند صوبيدار" ۽ "سياڻو ڪانءُ" ۽ اشرف زمان جو "پکين جي دنيا ۾ انقلاب" ذڪر لائق ڪتاب آهن.

غلام محمد لاکي، محمود مغل ۽ سليم سمتي پرڏيهي ڪهاڻيون ترجمو ڪري ڇپرايون.

ڪجهه ليکڪن ٻارڙن لاءِ ڪافي ڪجهه لکيو آهي پر انهن جا مجموعا شايع نہ ٿيا آهن، تن ۾ ملڪ نديم، نثار بزمي، فيروزه سما، امام راشدي، زاهده گوپانگ، ثريا سوز ڏيپلائي ۽ ابن لائق سومرو شامل آهن.

سنڌي ادبي بورڊ ٻارن لاءِ لوڪ ڪهاڻين جو جلد پنجون، مراد علي مرزا جو ترجمو ڪيل ڪتاب "ٻارن جون آکاڻيون" شايع ڪرائڻ سان گڏ مرزا قليچ بيگ جا ترجمو ڪيل ۱۲ ڪن ٻارن لاءِ ڪهاڻين جا ڪتابڙا شايع ڪرايا.

سينئر ليکڪن مان دادا سنڌي ٻارن لاءِ "سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون" نالي ڪتاب لکيو. مراد علي مرزا ٻارن لاءِ پرڏيهي ڪهاڻيون ترجمو ڪيون. الطاف شيخ جو "ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاڻيون" جي نالي سان ٻارن لاءِ ترجمو ڪيل ڪهاڻين جو ڪتاب شايع ٿيو. حميد سنڌيءَ جو ترجمو ٿيل ٻارن لاءِ ڪتاب "سوني زنجير" پڻ ڇپيو. شمس الدين عرسانيءَ جو تاريخي ڪهاڻيءَ جو ڪتاب "لاکو ڦُلاڻي" شايع ٿيو. "چنڊ تي جاسوسي" ۽ "بهادر احسان" وغيره بہ لکيون.. جيڪي ٻارن جي ماهوار رسالي گل ڦل ۾ شايع ٿيون. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ "ڇيلڙي وارو شهزادو" ۽ ٻارن لاءِ ٻيون ڪهاڻيون تحرير ڪيون. ظفر عباسي ٻارن لاءِ ڪهاڻين جي ڪتاب "تارا تارن هيٺ" لکڻ کان سواءِ ٻين ڪهاڻين سان گڏ طنزيہ ۽ اصلاحي ڪهاڻيون لکيون آهن. يوسف سنڌيءَ پڻ ٻاراڻي ادب لاءِ ڪم ڪيو آهي.

ممتاز عباسي، دريا خان دلگير، آصف منياڻوي، ناز سنائي، حفيظ ڪنيرو، عابد مظهر، قاضي آصف، اڪرام ساگر، نور گهلو، رخسانہ ناز سومرو، مهر خادم، فرزانہ شاهين، شمس النساءِ عباسي، محمد امين بلوچ، پريل ڏايو، الطاف سومرو، عزيز ڪنگراڻي، ممتاز بخاري، غلام محمد غازي مهر، سڪندر سرواڻ، خليل عارف سومرو ۽ سراج چنا پڻ ٻارن لاءِ سٺو لکيو آهي.

آزاديءَ کان اڳ ٻاراڻو ادب ڪافي شايع ٿيندو هو، جنهن ۾ سينئر ۽ نوجوان ليکڪ باقاعدگيءَ سان لکندا هئا، خاص طور تي ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور مان ٻارڙن لاءِ رسالا ۽ ڪتابي سلسلا وغيره شايع ٿيندا هئا.

آزاديءَ کان پوءِ ٻارن جا اڄ تائين جيڪي بہ رسالا يا ڪتابي سلسلا شايع ٿيا آهن، انهن ۾ گلستان، گل ڦل، گلن جهڙا ٻارڙا، ٻرپات، ڇٽنگ، گلشن، ڏياٽي، روشن تارا، جوت، ٻالڪ، پوپٽ، گلڙا، لالي، چنڊ تارا، مُرڪ، ٻالڪ رنگ ۽ سارنگ ذڪر لائق آهن. گلزار ادب ٽنڊو محمد خان وارن "ٻارن جو ڊائجيسٽ" بہ شايع ڪيو پر ان ڪي هلائي نہ سگهيا.

ماهوار اديون ۽ ماهوار سوجهرو جون خدمتون بہ ساراهہ لائق آهن. اڄ ڪلهہ ماهوار گل ڦل، مُرڪ، ٻالڪ رنگ، سارنگ ۽ روزانہ اخبارون: هلال پاڪستان، عوامي آواز، جاڳو، عبرت، مهراڻ، سنڌ نيوز، آفتاب، پڪار، ڪاوش ۽ برسات جي ٻاراڻن صفحن کان سواءِ پندرهن روزه عبرت منگزين ۽ ماهوار پارس ۾ بہ ٻارن جا صفحا شامل هوندا آهن.

ماهوار رسالي "سگهڙين سٿ" ۾ بہ ٻارڙن جو صفحو شامل هوندو هو، جيڪو ڪجهه وقت هلڻ کان پوءِ بند ٿي ويو.

۱۹۴۷ع کان ۱۹۷۳ع تائين ٻاراڻي ادب جا فقط ۱۳۵ ڪتاب شايع ٿيا. ۱۹۷۳ع کان ۱۹۸۳ع تائين شايع ٿيندڙ ٻارن جي ڪتابن جو تعداد ٻه ٽيهن کان مٿي ڪونه ٿيندو. نثر جي ڀيٽ ۾ نظم جا ڪتاب ٻارڙن لاءِ تمام گهٽ شايع ٿيا. ۱۹۴۷ع کان ۱۹۷۳ع تائين ۲٦ سالن جي عرصي ۾ ٻارن لاءِ ڪو به نظمن يا گيتن جو ڪتاب شايع نه ٿيو. نصابي ڪتابن، ڪجهه ٻاراڻن رسالن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ چند شاعرن جا ٻارن لاءِ لکيل نظم، گيت ۽ ٻول شايع ٿيندا رهيا، پر اهي هڪ جاءِ تي ڪتابي صورت ۾ سهيڙجي نه سگهيا. اهڙن شاعرن ۾ مرزا قليچ بيگ، ڪشنچند بيوس، سليم ڳاڙهوي، رشيد احمد لاشاري، نثار بزمي، احمد خان آصف، بردو سنڌي، الطاف عباسي، نادم بچل شاهي، استاد بخاري ۽ امداد حسيني شامل آهن.

بعد ۾ ٻارڙن لاءِ جيڪي ڪتاب لکيا ويا سي هي آهن: ڊاڪٽر تنوير عباسي جو ترتيب ڏنل "ٻاراڻا ٻول"، استاد بخاري جو ترتيب ڏنل "ٻاراڻا گيت" ۽ سندس "هي گيت گلابي ٻارن جا"، سوسن مرزا جو "سپان جا ٻيجل"، ادل سومري جا "روز نئون رابيل"، "چند پشم گولو"، "پتلين جو تماشو" ۽ "پوپٽ جهڙا گيت"، نصير مرزا جو "ڌرتيءَ جا تارا"، اياز گل جو "گل ۽ تارا"، ذوالفقار سيال جو "مکڙين مالها"، "منهنجي ديس جا ٻار"، "گلن جهڙا گيت" ۽ "لفظن جا رانديڪا"، نياز پنهور جو "سپون ۽ ڪوڏ"، منظور ظفر جو "ٻالڪ گيت"، "ڌرتيءَ جا گل"، مختيار مگسي جا "دنيا آهي گول" ۽ "ڌرتي روشن ٿيندي"، اختر درگاهي جو "گل ۽ مکڙيون"، زاهد شيخ جو "جيجل تنهنجي جهول ۾"، اقبال شينو جو "جهڙا گل گلاب جا"، مقصود گل جو "ڪرڻا ڪرڻا"، مختيار ملڪ جو "ٽم ٽم ٽانڊاڻا" ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق جو "گيتن جي گلزاري" شامل آهن.

۱۹۷۹ع "ٻارن جو سال" ڪري ملهايو ويو، پر ان سال به ٻارن لاءِ ڪو خاص ادب تخليق نه ڪيو ويو.

هينئر اسان جا ليکڪ ۽ ليکڪائون ٻارڙن لاءِ شاعري ۽ ڪهاڻيون تخليق ڪن پيا. ٻارڙن جي ادب لاءِ هيل تائين ڪو اطمينان جهڙو ڪم نه ٿيو آهي، پر ٿئي هوندي به اڳي کان وک وڌي آهي. نوجوان سٺو ۽ سگهارو مواد تخليق ڪن پيا. اسان وٽ ان ڳالهه جي هميشه ڪوت رهي آهي ته اسان ٻارڙن جي عمر کي ورهايو ناهي، يعني ڪهڙي عمر جي ٻار لاءِ ڪهڙو مواد هئڻ گهرجي. ٻارڙن جي عمر جو تعين ڪري ادب تخليق ڪرڻ اڄ جي تمام اهم ضرورت آهي. اسين پنهنجن ڏاهن مان اميد ٿا ڪريون ته هو ان طرف جلد قدم کڻي واٽ ڏيندا، ته جيئن ٻارڙن لاءِ معياري ۽ سگهارو مواد تخليق ٿي سگهي. سٺو ۽ سگهارو مواد ڏيڻ سان ٻارڙن ۾ مطالعي جو شوق به وڌندو. ان عمل سان ٻارڙن جي ذهنن ۾ پختيون سوچون جنم وٺنديون، ڇو ته ٻارڙن کي ئي ايندڙ وقت ۾ سماج کي سنوارڻو آهي. ٻاراڻو ادب نه صرف لکڻ جي ضرورت آهي پر ٻاراڻي ادب کي وڌ کان وڌ شايع ڪرڻ جي به ضرورت آهي. ان جي ڪري خاص طرح سان سرڪاري ادارا انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ثقافت کاتو، اڳتي وک وڌائي ٻارڙن جي ادبي مواد کي معياري نموني سان شايع ڪرائين. ان عمل سان نه صرف ليکڪن جي همت افزائي ٿيندي پر ٻارڙن جي ذهني اوسر سان گڏوگڏ هڪ بهترين ادبي ورثو به گڏ ٿيندو.

## حوالا


(۱) "انگريزي راڄ ۾ شڪارپور ۾ ٻاراڻو ادب" (گل ڦل فيبروري ۱۹۸۷ع)

(۲) پٽائي تحقيقي جرنل

(۳) "مهراڻ" سنڌي ادب نمبر ۱۹۸۴ع

(۴) سنڌي ادب جي مختصر تاريخ (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو)

بيدل مسرور

# ماهيا

لوڪ ورثي جي قومي اداري طرفان جڏهن پنجابي زبان جي خوبصورت شاعريءَ "ماهيا" تي ڪتاب شايع ٿيو، تڏهن ڪان ني مون کي انهيءَ شاعريءَ کي پڙهي دل ۾ ان جي ترجمي ڪرڻ جو شوق جاڳيو هو. ترجمي ڪرڻ جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي جو هن شاعريءَ اندر، ڪنهن پهاڪي، اصطلاح يا چوڻيءَ وانگر تجربي جو هڪ مڪمل نچوڙ سمايل آهي: مثال طور:-

- پيرن ۾ پراڻا بوٽ آهن،
  پرديسي ماڻهن جا،
  ڏڪاڻا دور هوندا آهن.

- چيت مان پاڻي ڳڙندو آهي،
  جن جا يار جدا ٿي ويندا آهن،
  اهي اندران در بند ڪري رُئندا آهن.

- ڪنگڙيں جا ٽڪرا آهن،
  جدائيءَ جا لمحا،
  وڏيءَ مشڪل سان گذرندا آهن.

- پاڙي ۾ دل لڳائڻ
  وڏي ناسمجهيءَ جي ڳالهه آ.

- باغ ۾ شينهن مري ويو،
  جڏهن ياري ٽٽي ويندي آ،
  ته ڪوبه نه پڇندو آ ته ڇا ٿيو؟

- ياري توڙي اڄڻ وارن جا چهرا،
  چغلي هڻندا آهن.

- ٽنل شيشو جڙندو ناهي،
  خدا جو قسم، اي ماهيا،
  ڏنل دل واپس نه ورندي آهي.

- جن جا سجڻ هليا ويندا آهن،
  اهي ديوارن سان،
  ٻاڪر پائي رئندا آهن.

هر ڪنهن خطي کي پنهنجو هڪ لوڪ ڪلاسيڪي ورثو هوندو آهي، جنهن ۾ گيت، ڪهاڻيون، پنهنجي خطي جي ڪچن توڙي پڪن گهرن، جهومندڙ جهولندڙ کيتن، مٽيءَ جي دڙن، ڍبن، دريائن، شاديءَ غميءَ توڙي محبتن ۽ دردن جي ڀرپور عڪاسي ڪندڙ نقطا هوندا آهن.

ماهيا ٻہ لوڪ گيتن جي هڪ صنف آهي جا پنجاب جي خطي ۾ ئي مقبول آهي، خاص طور راولپنڊي، ميانوالي، جهلم، گجرات، سرگودا ۽ ملتان وغيره. هيئت جي لحاظ کان ماهيا ٽن ٽڪرن ۾ ورهايل هوندو آهي، جنهن کي اسان ٻہ مصراعون ٻہ چئي سگهون ٿا. پر ڪجهہ ماهيا اهڙا بہ آهن جن ۾ ٽي مصراعون آهن، جن جي پهرين مصرع ڪڏهن ڪڏهن ماهيا جي مضمون جي جان هوندي آهي.

هونئن تہ ماهيا ۾ ٻہ ڪردار هوندا آهن مگر مرد ۽ عورت کان سواءِ بيشمار ٻيون چيزون بہ ڪردار بڻائي پيش ڪيون وينديون آهن. مثال طور ڪانءُ، ڪبوتر، سرڻ، گل، هوا، بادل، وڻ، جهنگ، دريا ۽ موسمون وغيره:-

- ڦتڪي سيڪي گل بڻايو،
  مفت ۾ ڏينهن ضايع ٿي ويو،
  ڇاڪاڻ تہ ماهيءَ سان ملاقات ڪانہ ٿي سگهي.

- جهرڪي اڏي وئي،
  شرم جي چادر،
  اسان جي مٿي تان لهي وئي.

- ڪماند تان جهرڪي اڏي،
  هاڻي معاملو ختم،
  هاڻي تو مان ڪو فائدو ناهي.

- وڻ جي چوٽن مان باهہ ٿي ٻري،
  آءُ ٻئي ٻيجي هلون،
  پلا اسان جا ڪهڙا ننيڙا ننيڙا پار رئندا.

- چت تي چڙهي بيهہ ماهيا،
  چنڊ نڪري يا نہ نڪري،
  اسان لاءِ تنهنجي روشني ئي ڪوڙ آ.

دول جي پويان وجي، پر ناڪام ٿئي ٿي. جنهن تي هوء پنهنجي دل جي ڪيفيت بيان ڪرڻ لاءِ چوي ٿي "انهيءَ اٺ تي وڄ ڪري، جيڪو ڍول کي ڪٺي وٺو. منهنجو جيءُ نہ ٿو لڳي. مان باغن ۾ اڪيلي ويٺي آهيان."

هن ڪهاڻيءَ، مان لڳي ٿو تہ سمي، ڍول ۽ مارو جي ڪردارن کي ڪٿي ڪهاڻي گهڙي ورتي آهي. جا اصلي نہ پر رومانوي گهڙيل ڪهاڻي آهي. حالانڪ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڍول مارو جي جيڪا ڪهاڻي لکي آهي، ان روايت ۾ حقيقت جو گمان بهرحال واضح ٿئي ٿو.

ڪن محققن جو چوڻ آهي تہ "ماهيا" پنجاب جي "ڪلاسيڪي ٽپي" جي نئين شڪل آهي. ٽپي جو مطلب ٽيڻ ۽ ڪڏڻ آهي. ٽپي جي نالي ۾ پشتو ۾ بہ ڪيتراني لوڪ گيت ملن ٿا. ٽپو، اصل ۾ اهڙن ٻن يا ٽن مصراعن جي شاعريءَ کي چئجي ٿو. جنهن ۾ مثنويءَ وانگر هڪ تسلسل بہ آهي تہ غزل وانگر غير مسلسل خيالن جا خزانا بہ آهن. پنجابيءَ جي هن صنف جا ڪجهہ وڻندڙ ماهيا هن طرح آهن:

- ماهيءَ جا ڏک سک
  ڪتابن لاءِ گيت ٺهجي پيا آهن.

- چٺي جي وٺ نون ڊال،
  اسان نہ پرديس هلياسين،
  هاڻي تون ديس سنڀال.

- ڪارا ڪانءُ آهن،
  اسان پرديسي هاڻي،
  هن جاءِ نہ رهنداسين.

- ڪيسُ نہ ڪَنُ،
  اسان کي ٻڪ منظور آ ليڪن،
  تون مزدوريءَ لاءِ پرديس نہ وڃ.

- اڱڻ ۾ تنور تَپي رهيو آهي،
  ڀريون ماني مان لڳائيندس جو،
  منهنجو محبوب پرديس وڃي رهيو آهي.

- پيالي ۾ پاڻي آ،
  جيڪو بہ ضد مڃرائڻو اٿي،
  اهو خط ۾ لکي ڇڏجانءِ.

- اڱڻ پئي اُٿيان،
  پنهجي محبوب جو خط،
  ڏيان سان ويني ٿي پڙان.

- ڏاڪڻ ڪي چڙهي ڏي،
اسان توکي پنهنجي گوڏي سان،
گوڏو ملائي ويهاريندا سين.

- توکان ته هي پهاڙ ئي سٺا آهن جو،
هر وقت نظر ته اچن ٿا.

- ڏاس جون رسيون ناهيو،
اسان سان ٺڳي نه ڪريو، چاڪاڻ ته،
اسان اهي ناهيون جن سان ٺڳي ڪئي وڃي.

- ڇت تي تار پئي آ،
او ماهي تنهنجي ڪري،
ماءُ جي مار پئي آ.

- ڇت تي رسيون ڦٽي ڪيو،
اي زبان جا ڪچا،
تو ڳالهيون وڃي گهر ٻڌايون.

- زخمن کي نيڪ ڪري ڇڏيندا سين،
هاڻي ننڍڙو آن،
وڏو ٿيندين ته پوءِ ڳالهائيندا سين.

- ڇت تي ٽين پيو آ،
هاڻي تون سون جو به ٿي آءُ ته به،
منهنجو اعتبار تو تان کڄي ويو آ.

- ماهيا لکي رهيو آهيان،
هن عمر ۾،
ياري ڪرڻ سکيو آهيان.

- ٻير جي کل لاهه،
ياريءَ جو مزو تڏهن آ،
جڏهن هڪ ئي بستري تي ٻنهي کي موت اچي.

- پاسرائين سان لڳل گهڙو ڇو پيو ٽپڪي،
  جيڪڏهن مان ڏکي نہ هجان ها تہ،
  تنهنجي در جي سامهون ڇو روئان ها.

بلوچستان ۾ وري براهوي زبان ۾ "ليلي مور" جا اهڙا ٽپا ملن ٿا، جن ۾ وري محبوبا "ليلي مور" جي متعلق ٻن هم وزن ۽ هم قافيا مصراعن تي ٻڌل شاعري ملي ٿي. اهڙيءَ طرح پنجاب جي هن صنف "ماهيا" لاءِ مشهور آهي تہ شفيع نالي هڪ شخص جي محبوبا "بالو" نالي هوندي هئي جا کيس "ماهيا" ڪري سڏيندي هئي. پشتو زبان ۾ ٽپي کي "لنڊي" بہ سڏيو وڃي ٿو، جنهن جو مطلب آهي تہ اهو نانگ جنهن جي ڪکيل جو علاج نہ ٿي ڪونهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو "ٽپو" يعني ٽپو آهي، يعني "مُهَر". پنجاب ۾ ٽپو، ٽپڪي يا تاڙيءَ کي چوندا آهن.

جيئن براهوي زبان جي عوامي شاعرن پنهنجي محبوبا "ليلي مور" متعلق عشقيہ ٽپا چيا آهن، تيئن پشتو ۽ پنجابيءَ ۾ بہ انهن ٽپن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جن ۾ عشق ۽ عشق جا راز نياز شامل آهن. مان جڏهن سنڌيءَ جي لوڪ فنڪاره "نور بانو" جي آواز ۾ ڳايل هڪ سرائڪي ڪلام "سيءِ سيالي وسندي پالي، هڪ بوچڻ دي نال، صاحب! ڪڙي هان مئن بنگلي دي نال" ٻڌندو آهيان تہ نہ صرف لفظن جي ردم ۽ قافيي رديف جي خوبصورتيءَ کان متاثر ٿيندو آهيان پر ڪلام اندر جنهن ڀرپور منظر نگاريءَ جو ڪمال آهي، ان کي مان هزارين ڀيرا بہ ورجايان ۽ بار بار تعريف ڪريان تڏهن بہ ٿورو آهي. ڇو تہ سرديءَ جي موسم ۾ جڏهن پارا پوندا هجن ۽ غريب محبوبا هڪ ڪپڙي ۾، امير طبقي جي محبوب جي بنگلي ٻاهران بيٺي هجي تہ اوهان کي ڇا ٿو محسوس ٿئي! شايد اوهان جي نہ ٻڌائي سگهڻ جي حالت بہ يقيناً مون جهڙي هوندي.

پنجابي زبان جي هن مشهور صنف ۾ "ماهيا" اهڙا بہ آهن جن ۾ محبوبا غريب طبقي سان واسطو رکندڙ آهي ۽ عاشق امير يا زميندار آهي. عشق جي هن طبقاتي ڪيفيت جي عڪاسيءَ جو بہ نهايت عمدو مثال هنن ٽپن ۾ موجود آهي:-

- منهنجي مٽي تي ٺوڪري آ،
  اي جٽ زميندار،
  تو بلبل کي اُس ۾ جلايو آ.

- اي دل تون تہ اُتي پلين ها!
  جتي تنهنجي پُلَ جي،
  قدر قيمت هجي ها.

- اسان تہ اوهان جا خادم آهيون،
  البت توهان جي دل جي ڳالھ خدا ڄاڻي.

- اڇيون قميصون آهن،
  ڇريا ماٺهو ڇا ڄاڻن تہ،
  دل ڇا شيءِ ٿيندي آ.

- جھولي، ۾ ترِ آھن،
  پنڊل ھو وجي رھيا آھن.

منين ٽنھن مان زميـنداري غرور (اچيون قميصون ۽ پنڊ دل) ۽ غربت (بلبل کي اس ۾ جلائڻ) جا نھايت سھڻا مثال پيش ڪيا ويا آھن. آخر ۾ مان ھت ھڪڙا ٻـ اھڙا ٽپا ترجمو ڪري رھيو آھيان جيڪي نـ صرف لفظي پر معنوي حسن سان بـ مالا مال آھن:

- ڇت تان ڊوڙندي آئي ھان،
  خوشبو وارو گل
  تنھنجي ڪٽ تي ڇڏي آئي ھان.

- بگھڙن جا ٻچا پٿريلي زمين ۾ چرن ڦرن ٿا.
  اسان ٻني ھڪ ٻني جي ڏکن ۾.
  جلي مري ويندا سين.



جہالت

چترکار: شمشیرالحیدری

"..... اڪثر حاڪم چوندا آهن تہ اسين جائز تنقيد پسند ڪريون ٿا، پر جائز ڪهڙي تنقيد آهي؟ ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ انهيءَ جو فيصلو ڪير ڪري؟ ظاهر آهي، حاڪم جائز فقط انهيءَ کي سمجهندا، جيڪا سندن مفاد وٽان هوندي. حاڪم جي ۽ ليکڪ جي سوچ ساڳي تہ نہ هوندي. ليکڪ پيڙيل عوام جي ڳالهہ ڪندو، جيڪا بہ غلط ڳالهہ ڏسندو ۽ محسوس ڪندو، اها لکندو. ليکڪ جي ذهن تي پابندي تہ نٿي وجهي سگهجي. دنيا جي هر ليکڪ جو اهو بنيادي حق آهي تہ هو جيڪو ڪجهہ ڏسي ۽ محسوس ڪري، اهو لکي. مون بہ ليکڪن جي انهيءَ حق کي سڌائين استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڳالهہ اها ڪانهي تہ ليکڪن کي سندن لکڻين جي ڪري جيل ڇو ٿو اماڻجي. ظاهر آهي ليکڪ پنهنجو ڪم ڪندو، حاڪم ۽ حڪومتون پنهنجو. اعتراض انهيءَ تي آهي تہ اهو ڇو ٿو چئجي تہ اسين وڏيءَ دل سان تنقيد ٻڌون ٿا ۽ پسند ڪريون ٿا؛ ڇو تہ ليکڪ جڏهن انهيءَ ڳالهہ تي پنهنجي حق جي ڳالهہ لکن ٿا تہ انهن کي جيل اماڻجي ٿو. ڏسڻ اهو گهرجي تہ ليکڪن کي سندن لکڻين تي گرفتار ڪري، جيل اماڻڻ سان ڇا ملڪ جا مسئلا حل ٿي وڃن ٿا؟ حقيقت اها آهي تہ نہ ٿيا آهن، نہ ٿيندا. ڇاڪاڻ تہ ليکڪ جن براين ڏانهن جن حق تلفين خلاف لکن ٿا، اُهي تہ پنهنجيءَ جاءِ تي موجود هونديون آهن، فقط ليکڪن کي ئي جيل موڪلجي ٿو. ليکڪ جڏهن بہ جيل مان ٻاهر ايندو، پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي، پنهنجي معاشري ۾، پنهنجي اردگرد اُهي برايون موجود ڏسندو تہ هُو وري بہ انهن جي خلاف قلم کڻندو، ڇاڪاڻ تہ اهو هن جي فرض ۾ شامل آهي.....

--طارق اشرف

("هٿين هٿ ڪڙول"، ١٩٨٥ع)

# ڪهاڻيون

هريڪانت

# ٿڪل مسڪراهٽ

ٽيليگرام جو نيرو ڪاغذ ڏسي من ۾ اُٿتر خلاف سانديل اُميدون پرزا پرزا ٿي ويون. لڳو شايد... انديشو صحيح نڪتو.

ڇايا هاڻ نہ رهي هئي. تار ۾ اهوئي سنديش هو. هڪ وڏيءَ گهٽتا جي ننڍي سوچنا.

اُٿتيئي ڪانہ ٿي هئي. جيڪي ٿيو هو ان جي ڪلپنا مون تڏهن ئي ڪري ڇڏي هئي، جڏهن ساڻس آخرين دفعو ملڻ لاءِ اچانڪ بمبئيءَ پهچي ويو هوس.

اهو شايد جون جو پهريون هفتو رهيو هوندو. چوماسي جا مينهن شروع ٿيڻ لڳا هئا. ٽرين ۾ رات پير جاڳندي، اڻ لکي اُڃتي اُپراڌ ڀاوَ هيٺ دريءَ مان وڻن جي ڪارن نچندڙ پاڇن کي تڪيندي الائي ڪيئن پنج سؤ ڪلوميٽر ياترا طئي ڪئي هئم. پوءِ تڪڙو تڪڙو ٽئڪسيءَ ۾ ويهي باندرا اِسٽيشن کان ڪارٽر روڊ پهتو هوس. اٺ منزلي عمارت جي آخرين فلور تي هن جي فلئٽ جي سامهون وڃي بيهڻ کان پوءِ بہ وشواس ئي نہ پئي ٿيو تہ ڇايا سان ساڪياتڪار ٿي سگهندو ۽ ڪيس ان ئي روپ ۾ ڏسي سگهندس، جنهن ۾ شايد پنج سال اڳ دهلي ڇڏڻ وقت ڏٺو هوم.

اڪروٽي رنگ جي دروازي تي پتل جي نيم پليٽ چمڪي رهي هئي، سندس ڊيڊيءَ جي نالي جي. اکيون نيم-پليٽ جي آخرين اکرن تي اٽڪي پيون...

"ڊي ايس. پي... (رٽائرڊ)..." من ۾ هڪ تصوير اُڀري آئي. شيشن جي اکين واري هڪ جاندار شخص جي. مون ٻيو دفعو بزر دٻايو.

بلڊنگ جو گورکو چوڪيدار جيڪو منهنجي ننڍڙي سوٽ ڪيس کڻي لفٽ هلائي مون سان گڏ مٿي آيو هو، ان شايد منهنجي فڪرمندي محسوس ڪري ورتي. هيڪي هيڪي ٻڌايائين تہ ڪالهہ "ڊيڊيءَ" جي طبيعت تمام خراب ٿي وئي هئي. ٻہ دفعا ڊاڪٽر کي سڏايو ويو هو. ڪئنسر جو ڪوئي علاج نہ نڪتو آهي صاحب؟ ڪمال آهي....

لڳو گورکي مون کي مُڪ هڻي ڪڍي. مان ان اوچتي حملي لاءِ هرگز تيار ڪونہ هئس. ان ڌڪ منهنجو اپراڌ ڀاوَ وڌيڪ ڀاري بڻائي ڇڏيو. ڇايا کي ڪئنسر آهي! سندس بلڊنگ جي چوڪيدار کي خبر آهي ۽ مون کي...! ڏوهہ منهنجو ئي هو. پنهنجي ڌُن ۾ رهندي گذريل پنجن سالن کان مون ساڻن سمپرڪ ئي ڪٽيو رکيو هو.

دروازي پٺيان ڀاري آهٽ. ڪوئي ڌيري ڌيري اڳيان وڌندو پئي آيو. ڪلف ۾ چاٻي گهمڻ جو آواز. دروازي جي گهميل ڪاٺ جو اٿوٺندڙ چيڪاٽ ۽ پوءِ هن جي پيءُ سان ملاقات. سفيد گهاٽين ڀرن سان لڳ ڀڳ ڍڪيل ٻہ اکيون، جن کي مٿي کڻڻ بنان ئي هن ٿڪل آواز ۾ پڇيو، "ڪير؟"

مان اڳيان وڌي ڪيس پيرين پيس.

"مون سڃاتو ڪونہ..." هن مجبوريءَ مان چيو. لڳو سندس نظر ڪافي ڪمزور ٿي وئي هئي.

"مان آهيان ڊنڊي... مان..." ڇاڀا سان پنهنجاني ڦانمر ٿيڻ بعد مان بہ ڪيس ڊنڊي ئي سڏيندو هوس.

"اڇا... تون آهين... اندر اچ نہ..."

هن گهر ۾ منهنجي آواز جي سڃاڻپ قائم آهي، سوچي خوشي ٿي. ليڪن سندس ننڍڙي جملي جو پهريون حصو ٻئي حصي جي ڪيترو قريب هو، مون سمجهڻ پئي چاهيو. پر هن جي مُڙي هلڻ شروع ڪرڻ تي مان بہ سندس پٺيان هلي پيس.

غفا جهڙي سوڙهي اونداهي ڪاريڊار مان لنگهي هو ساڄي پاسي مڙيو، جتي وچولي طبقي جي بيٺڪ هئي. درين تي پڙدا چڙهيا پيا هئا، ان ڪري اُتي ڪافي اوندهہ هئي. سامهون ديوان سان گڏ لئمپ اسٽينڊ پرسان ڪجهہ روشني هئي. هڪ گهيري ۾ محدود. سائيڊ ٽيبل تي رکيل اَش ٽري ۾ اڌ جليل سِگار پيو هو، جنهن مان اڃا بہ هلڪو هلڪو دونهون پئي نڪتو. لڳو هو ڪافي وقت کان جاڳيل هو يا شايد رات پر سمهيو ئي ڪون هو. ڪمري ۾ هڪ رهسيمہ واس هو، جيڪو بارش جي ڏينهن ۾ بند درين وارن مڪانن ۾ اڪثر ٿيندو آهي.

عجيب نمرتا سان هن مون کي صوفا تي ويهڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ ديوان تي ويهي سگار کڻي ان کي وري دکائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پل پر لاءِ سندس چهري تي پيل لائيٽر جي پرڪاش ۾ مون ڏٺو، سندس روشن اکيون جيڪي هر وقت هر ڏسا ۾ اُتساهہ سان ڏسنديون رهنديون هيون، وسائل ۽ هيسيل هيون. شايد هن پانچي ورتو تہ مان لڳاتار ڏانهس ڏسي رهيو هوس.

"سنو ڪيئہ جو آئين... نہ تہ..." چئي هو چُپ ٿي ويو. هونئن بہ هو وات سان گهٽ ۽ اکين سان وڌيڪ ڳالهائيندو هو. اسين سندس اکين جي ڀاشا سمجهي وٺندا هئاسين. اسين يعني ڇاڀا ۽ مان، شروع کان ئي.

"ڇاڀا... ڪيئن آهي...؟" مون پڇيو.

"No hope" ڪافي دير کان پوءِ هن جواب ڏنو ۽ جڻ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي ڌيمي آواز ۾ چيائين، "مان سوچيان پيو..."

"ڇا پيا سوچيو...؟"

شام جو دونهون شايد سندس ڦڦڙن ۾ هليو ويو. هو ٻُريءَ طرح کنگهڻ لڳو. ڪافي دير کان پوءِ ساهہ سنڀاليندي هن اُن ئي انداز ۾ چيو، "هاڻي ڪجهہ نہ It is too late Perhaps"

"ڪٿي آهي؟"

"هن ڪمري ۾. هن بيڪڙيل دروازي ڏانهن اشارو ڪيو. تون ساڻس ملي سگهين ٿو. ليڪن ننڊ هجيس تہ جاڳائجانس نہ. ڪالهہ سڄو ڏينهن پوڳيو اٿائين...."

"ڊاڪٽر...؟"

"ٻہ دفعا آيو هو. سور اپرندو اٿس تہ جڻ سؤ سؤ وڇون هڪڻي وقت ڏنگڻ لڳندا اٿس. سندس ڦٿڪڻ..."

هو وري چپ ٿي ويو.

ڪجهہ دير بعد پاڻ سنڀاليندي ٻڌايائين: "ڊاڪٽر انجيڪشن هڻي ويندو اٿس تہ ڪجهہ آرام ملندو اٿس، پر ٿوري وقت لاءِ"

"ڇا سچ پچ...؟
"ها... ڪئنسر..."
"ڪٿي؟"
"آنڊي ۾."
"ڪيس خبر آهي؟"
"اسان ٻڌايو ڪونہ اٿس. ليڪن هر هفتي ٽاٽا انسٽيٽيوٽ ۾ وڃڻ جو مطلب هوءِ نہ سمجهندي هوندي، اٿين نہ سمجهڻ گهرجي."
"ڪاليج؟"
"اپريل تائين پڙهائيندي رهي. ونڪيشن ۾ ٿي خبر پيئي. في الحال موڪل تي آهي. پر ڏاڍو ضد ڪندي آهي وڃڻ جو..."
"مان اِسٽنٽي ڪيئن اُٿس؟"
هن جي اکين ۾ اوچتو چمڪ اچي وئي. گلو صاف ڪندي وشواس ڀرئي نوع ۾ چيائين "پوليس آفيسر جي ڌيءُ آهي. رليف ملندي ٿي مون کي آنت ڏيڻ ويهندي آهي."
سندس سگار شايد وسامي ويو. ان کي اُنش ٽري تي چندڪو ڏيئي وري لائيٽر ٻاريائين.
"ڏسانس؟ شايد جاڳي هجي."
هن اجازتي انداز ۾ ڪنڌ دروازي ڏانهن موڙيو.
مان اُٿي ڪڙو ٿيس ۽ ڊبيل قدمن سان ڪمري ۾ هليو ويس.
ڇايا جي ڪمري ۾ بينڪ ڪان بہ وڌيڪ اُنڌيرو هو. شروع شروع ۾ ڪجهہ بہ نظر نہ آيو. مان بيهي رهيس.
ڏيري ڏيري ڪمري جي هر چيز منهنجين اکين ۾ آڪار وٺڻ لڳي. سڀ کان پهرين هڪ ويڪرو پلنگ ۽ اُن تي سفيد چادر ويڙهي پيل هڪ آڪرتي. ڪيڏي ننڍي ٿي لڳي. گويا ڏهن ٻارهن سالن جو ٻار هجي. وشواس ئي نہ پئي آيو تہ هوءَ ڇايا ٿي سگهي ٿي. پلنگ جي پرسان هڪ ننڍو ڪپ بورڊ. ان تي ڪجهہ اڌ ڀريل اڌ خالي شيشيون. پاٿيءَ جي جڳ. ڪابي طرف هڪ شوڪيس. اِسٽيريو ڪنسيٽ ڊيڪ. اُن جي آسپاس پکڙيل ڪجهہ ڪئسٽس. پلنگ جي سامهون ديوار لڳ بہ صوفا چيئرس.
ڏيري ڏيري سڀ چٽو ٿيڻ لڳو. مان چپ چاپ سندس سامهون ويهي رهيس. هوءَ تہ آرام سان سمهي پيئي هئي. بيماريءَ سندس چهرو وڪرت ڪونہ ڪيو هو. نيم انڌيري ۾ بہ اُهو پهچاڻ کان پري ڪونہ لڳو. گهٽ ۾ گهٽ سندس چهري تي بيماريءَ جو خاص اثر نظر نہ آيو.
اُن کي ڏسي لڳو هوءَ بيڪار دهلجي ويا آهن. اصل ۾ ماڻهوءَ کي بيماريءَ کان وڌيڪ بيماريءَ جي چينتاڪائي چڏيندي آهي. مانسڪ سطح تي هار قبولڻ کان پوءِ هو ٽٽڻ شروع ڪندو آهي. ڇايا جي چهري تي اهڙو ڪوبہ اُهڃاڻ نہ هو. ڪجهہ ٿڪاوٽ اُوس هئي، جيڪا آتر سنگهرش جو سواڀاوڪ نتيجو پئي لڳي. هن هار ڪانہ مڃي هئي. مون کي وشواس ٿي ويو. من ئي من ۾ چئي ويٺس:
"My brave girl"

"اڙي... تون...؟"

بلڪل ساڳيو آواز ۽ اهوئي انداز. عرصي بعد ٻڌڻ کان پوءِ ان جي پنهجائپ گم ڪانہ ٿي هئي. اکيون کوليندي ئي چيائين، "مان سپنو تہ نہ پيئي ڏسان...!"

"ڇهي ڏس"

مان اٿي سندس پرسان پهچي ويس ۽ پنهنجو هٿ وڌائي ويهائي تي رکيم. هن آهستي آهستي پاسو ورائي پنهنجو هٿ منهنجي هٿ تي رکيو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

"تنهنجو هٿ ايڏو ٿڌو ڇو آهي؟" اکيون بند هوندي ئي هن پڇيو.

"منهنجو هٿ ٿڌو ڪونہ آهي. تنهنجو هٿ گرم آهي." مون جواب ڏنو.

"ڪٿي ڪا اُسمانتا ضرور آهي. نہ؟"

"شايد..."

"تون ويهين ڇو نہ ٿو"

مان هن جي پلنگ جي ڪناري تي ويهي رهيس.

سندس بستري مان دوائن جي بوءِ اچي رهي هئي، هلڪي.

"ڇا پيو سوچين؟"

"ڪجهہ نہ."

"توکي هتي جي بوءِ وڻي ٿي نہ؟ سچ سچ ٻڌائج."

ڪمال آهي! هوءَ اُجا بہ منهنجي ويچارن جي آهٽ تائين سڃاڻي وٺي ٿي. ! مون سوچيو.

"ويجهڙائيءَ ۾ مون کي ايڏيون تہ انجيڪشن لڳيون آهن، اينتري تہ اِسپرٽ مڪي وئي آهي، جو مان خود اِسپرٽ ٿجندي پيئي وڃان."

مون سندس اکين ۾ ڏٺو جتي هڪ ٿڪل شرارت نظر آئي.

"گهبراءِ نہ. اِسپرٽ ٿجي تنهنجو پيڇو ڪانہ ڪنديس. ٿيس بہ تہ وڻ ٿجنديس ٻئي جنم ۾..."

"ڇنين ڇا پيني!"

"توکي پهاڙ وڻندا آهن نہ. مان ٻئي جنم ۾ ڪنهن هل اِسٽيشن تي وڻ ٿجنديس. اُتي تہ ايندين نہ؟"

"ڇاپا..." سندس وار ڪنبرائيندي مان اينترو ئي چئي سگهيس.

"ڪڏهن آئين، توکان اهو پڇڻ تہ وسري ئي ويو."

"ٿورو ئي اڳ."

"ڪٿان؟"

"احمد آباد مان."

"هاڻي اُتي آهين ڇا؟"

"نہ. مانوٽ اُبوءِ مان موٽندي ويو هوس. هڪ ڪارخاني ۾ تنهنجو ياءُ گڏجي ويو، جيڪو ليبر آفيسر آهي. ان ئي تنهنجي باري ۾ ٻڌايو. هڪدم هليو آيس."

"ٿڻنڪ يُو جوان؟" هن جي چپن تي شرارت ڀري مسڪراهٽ هئي. هڪ ٿڪل مسڪراهٽ.

چاپا کي ان طرح کلندو ڳالهائيندو ڏسي لڳو مون کي سندس باري ۾ جيڪو ڪجهہ ٻڌايو ويو آهي، سو ڪوڙ آهي، غلط آهي. سچ ۽ صحيح آهي تہ صرف سندس مسڪراهٽ آهي جيڪا اڃا بہ آهي ۽ لڳ ڀڳ اهڙي ئي آهي، جهڙي ورهيہ اڳ ڪلاس روم ۾ ليڪچر ڏيندي ڪامن روم ۾ مختلف وشين تي بحث ڪندي يا ڪافي هائوس ۾ ساٿين سان چرچا ڪندي هوءَ پکيڙيندي رهندي هئي.

"دهليءَ ۾ ئي آهين؟"

"دهلي تہ تنهنجي اُتي هوندي ئي ڇڏي ويو هوس."

"اڙي ها... ڪاليج مان اِستعيفا ڏيئي تون ڪلڪتي هليو ويو هئين..."

"ان بعد ڪافي ياترائون ڪيون اٿم."

"ڪٿي پهتو آهين؟"

"ڪٿي بہ نہ."

"مطلب؟"

"گنريل مهيني ستين نوڪري ڇڏي ڏنم."

"ڪٿي؟"

"دارجيلنگ پرسان چانهہ جي ڪيٽ ۾."

"راجنيتيءَ جي ليڪچرار جو چانهہ جي ڪيٽ سان ڪهڙو واسطو؟"

"پارٽيءَ جو حڪم هو، پنهنجو پارٽ پورو ڪري هليو آيس."

"ڇنبو تنهنجون اُهي ئي حرڪتون جاري آهن اڃا..."

"تون ڊنڊيءَ جي پاشا ڪڏهن کان ڳالهائڻ لڳي آهين!"

"او... ساري..." هوءَ اچانڪ چپ ٿي ويئي ۽ ڪٿي گم ٿي ويئي. ڪافي دير بعد جڻ دور کان ڳالهائيندي چيائين، "ڊنڊيءَ جي اثر کان انڪاري ٿي ڪانہ سگهنديس. خاص ڪري جڏهن کان ممي نہ رهي آهي. پاثر ٻئي ايندا آهن ڪڏهن ڪڏهن، دستور نباهڻ. ڊنڊي ئي خيال رکندو آهي منهنجو. ڏاڍي چنتا ڪندو آهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ گم سم ويٺو هوندو آهي. اڪيلو لڪي لڪي روئندو آهي ۽ پاڻ ئي پنهنجا ڳوڙها اگهندو آهي..."

مون کي لڳو، سندس ان حالت ۾ منهنجو بہ يوگدان هو، شايد. وري اُهوني اُپراڌ پاوَ.

"ممي کي ڇا ٿيو هو؟"

"اهوني پراڻو دم. بمبئيءَ جي گهميل آبهوا ۾ وڌيڪ تيز ٿي ويس. دهليءَ کي ڏاڍو ياد ڪندي هئي ۽ توکي..."

"....."

"تو چانهہ پيتي آهي؟"

"اڃا ڪٿي..."

هن پنهنجو ساڄو هٿ مٿي کان ديوار تي ڦيريندي پلنگ پرسان ٻٽڻ دٻايو.

شام ٿيڻ لڳي هئي. اسين بالڪنيءَ ۾ هليا وياسين. ڇايا مون سان گڏ ئي بيٺي هئي. ٻئي هٿ ريلنگ تي رکي دور سمنڊ ڏانهن نهاريندي.

سندن بلڊنگ سمنڊ ڪناري سڙڪ جي اهڙي اڌ گول موڙ وٽ آهي جو بالڪنيءَ ۾ اچڻ تي ٽن پاسن کان سمنڊ نظر ايندو آهي. هوا جي رخ پٽاندر هڪ ئي ڏس ۾ هلندڙ لهرن کي ڏسندي چرپر جو اُبيڙ پئي ٿيو. لڳو ٿي اسين ڪنهن سامونڊي جهاز جي ڊيڪ تي بيٺا آهيون ۽ جهاز ڌيري ڌيري هلي رهيو آهي، اُڃاتل ياترا تي.

"اُچا ٻہ لنبيون لنبيون ياترائون ڪرين؟"

"مان تہ هن وقت بہ پاڻ کي ياترا ۾ پيو سمجهان. هتي بيهي توکي ائين نٿو لڳي؟"

"اهڙيون ياترائون پاڻ کي نڳڻ سمان آهن. لڳندو آهي هلون پيا، ليڪن هوندا آهيون اُتي جو اتي..هل ويهون هلي. مان ٿڪجڻ لڳي آهيان."

مان سندس هٿ وٺي بيڊ جي ڪرسين ڏانهن وڌيس. هڪ بہ قدم گڏ هلي هوءَ بيهي رهي. "مون کي سهاري جي ضرورت ڪانہ آهي." هن شرارت ڀرئي انداز ۾ چيو، "ليڪن، تنهنجو هيئن گڏ گڏ هلڻ اُڄ بہ سٺو پيو لڳي... هل..."

اُسين آمهون سامهون ٿي ويٺاسين. خاموش. صرف لهرون ڳالهائي رهيون هيون.

"لهرن کي بہ پنهنجي ڀاشا ٿيندي آهي... توکي خبر آهي؟" ڇايا گم سم انداز ۾ چيو ۽ منهنجي جواب جو انتظار ڪرڻ بنان چوندي ويئي "مان سندن ڀاشا سندن ويدنا سمجهڻ لڳي آهيان. اڌ رات جو جڏهن ننڊ نہ ايندي اٿم تہ هتي اچي بيهندي آهيان ۽ سندن ڳالهيون ٻڌندي آهيان. سندن ڪِلڻ، سندن روئڻ صاف صاف ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. تون هليو تہ ڪونہ ويندين؟"

مون ڪو جواب نہ ڏنو.

"رهندين نہ، ٻڌاءِ؟"

"سياڻي وڃڻو پوندو."

"بس؟"

"....."

"هتان ڪيڏانهن ويندين؟"

"واپس احمد آباد. اُتي جو ڪم اُڃا اڌورو آهي."

"....."

"جلد ئي وري ايندس. تون ٺيڪ ٿي وڃ تہ توکي سملي وٺي هلندس. سِنو فال ڏيکارڻ. سچ..."

"سچ؟ پوءِ تہ موت کي نراس ڪرڻو پوندو!"

"مذاق نہ ڪر."

.سچ کي تون مذاق ٿو سمجهين؟"

"نہ، مذاق کي سچ سمجهي ويهندو آهيان ڪڏهن ڪڏهن." مون اهو پرسنگ اڳتي وڌائڻ نٿي چاهيو، ڇاڪاڻ تہ مون کي سچ جي خبر هئي.

ڇايا شايد منهنجي مجبوري سمجهي ورتي ۽ پاڻ ئي وشيہ بدلائي ڇڏيائين. "دور اُفق وٽ هو جهاز

ڏسين ٿو؟" سمنڊ ڏانهن آڱر سان اِشارو ڪندي هن پڇيو.

"ٿورو مٿيون حصو نظر اچي ٿو."

"ٻڌائي سگهندين اُهو اچي پيو يا وڃي پيو؟"

"شايد اچي پيو." مون ڏيان سان ڏسڻ بعد چيو.

"نہ. اِهو وڃي پيو." هن خاطريءَ سان چيو.

"توکي ڪيئن خبر؟"

"اُن طرف کان ڪڏهن ڪنهن جهاز کي ايندي ڪونہ ڏٺو اٿم. صرف ويندي ڏٺو اٿم."

"هتي ويهي اهوئي ڏسندي رهندي آهين؟"

جواب ۾ هن صرف هڪ لنبو ساهہ کنيو ۽ منهنجو هٿ پڪڙي ورتو، زور سان.

بمبئيءَ ۾ اُها منهنجي آخرين شام هئي.

تار جو نيرو ڪاغذ اڃا بہ منهنجي هٿ ۾ آهي. تڏهن بہ وشواس نٿو ٿئي تہ ڇاپا هاڻ نہ رهي آهي.

من وري هڪوار بمبئيءَ هليو وڃي ٿو ۽ ڪارٽر روڊ تي اُنين منزل واري اُن فليٽ جو ٻزر دٻائي سوڙهي اونداهي ڪاريڊار مان گذرندو ڊرائنگ روم مان ٿيندو اسپرٽ جي بوءِ واري ڪمري ۾ اِسٽيريو ڊيڪ تي پڪڙيل ڪئسيٽس ۾ قيد اُداس آوازن کي ٻڌندو بالڪنيءَ ۾ ويهي رهي ٿو، جتي لهرن جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، ليڪن انهن جي ڀاشا سمجهڻ واري ڇاپا هاڻ اُتي ڪانہ آهي.

---

| | | | |
|---|---|---|---|
| گهٽنا:- | واقعو، حادثو | آڪار:- | شڪل |
| سوچنا:- | اطلاع | آڪرتي:- | شڪل، وجود |
| ڪلپنا:- | تصور | وڪرت:- | ڦٽائڻ، بگاڙڻ |
| اپراڌياوَ:- | گناهہ جو احساس | چيتنا:- | شعور، ڄاڻ |
| ياترا:- | سفر | مانسڪ:- | ذهني |
| وشواس:- | ويساهہ، اعتقاد | ساهتيہ:- | ادب |
| ساڪيانڪار:- | ملاقات، مڪاميلو | راڄنيتي:- | سياست |
| سمپرڪ:- | واسطو، تعلق، لاڳاپو | يوڳدان:- | حصو |
| رهسيہ:- | پراسرار، راز ڀريو. | انڀو:- | تجربو |
| پرڪاش:- | روشني | ويدنا:- | ڏک |
| ڀاشا:- | ٻولي، زبان | پرسنگ:- | سلسلو |
| من اسٿتي:- | ذهني ڪيفيت | وشيہ:- | موضوع |

مُراد علي مرزا

# سامي سِجَ وَڙاءُ

پنهنجي پياري پٽ لطيف جي اوچتو غائب ٿي وڃڻ جي ڪري شاهه حبيب ڏاڍو ويڳاڻو ٿي پيو. لطيف کي هر هنڌ، هر پاسي ڳولي لهڻ لاءِ هن گهڻائي جتن ڪيا. هن کي اوسي پاسي ۽ جهر جهنگ ۾ ڳوليو: سندس ساٿي ۽ مريد به لطيف کي هر هنڌ، ڳوٺن ۾، وستين ۾ ڳوليندا رهيا، پر ڪٿان به، ڪنهن وٽان به ڪا به اهڙي خبر نه آئي جيڪا شاهه حبيب جي ٻرندڙ هانوَ تي ڇنڊو وجهي سگهي. هن کي نه گهر ۾ آرام ٿي آيو نه گهر کان ٻاهر. سندس دل ۾ هر وقت اهائي اُڻ تڻ هئي ته لطيف آخر ويو ڪيڏانهن! لطيف اهڙو هو ته ڪونه. سڀني جو ادب ڪري، ڳوٺ وارا به ڪيس ڀانئين، سندس عزت ڪن. هو طبيعت جو ڪيڏو نه مانيٺو آهي! پوءِ آخر ڪهڙو سبب آهي جو وينئي وينئي غائب ٿي ويو. "ڇا ڪٿي خدانخواسته...... ڌڻي تعاليٰ ڪيس پنهنجيءَ امان ۾ رکي، آئون به ڇا ڇا نه پيو سوچيان! پر منهنجي دل نه ٿي مڃي. منهنجو لطيف سلامت آهي؛ اهو مون کي يقين آهي: منهنجي دل اهوئي ٿي چوي. پر هو ڪٿي آهي؟ ڪهڙي حال ۾ آهي؟ آخر موٽي ڇو نه ٿو اچي؟ ڇا هو اسان کان رُسي ويو آهي؟ پر ڇو؟" اهڙا ۽ اهڙي قسم جا ٻيا ڪيترائي سوال هر وقت شاهه حبيب جي ذهن کي پيا ڌونڌاڙيندا هئا. هو يا ته ماٺ ڪيو پيو سوچيندو هو يا وري مصلو وڇائي، تسبيح کنيو پيو ورد ڪندو هو. ان جي ڪري هن جي دل کي ٿورو آرام ملي ويندو هو، پر وري جيئن ئي پنهنجي پيڻ ۽ گهر واريءَ تي نظر پوندي هئس ته سندس دل نپوڙجي ويندي هئي: اندر ۾ هڪ اجاڻ آنڌ مانڌ ڪيس ولوڙڻ لڳندي هئي ۽ سارو جسم ست ڇڏي ويندو هوس.

جڏهن کان لطيف گهر مان هليو ويو هو، تڏهن کان بزرگ خاتون کي به ماٺ وڪوڙي وئي هئي. هن نه ڪنهن سان ڳالهايو ٿي نه وري ڪنهن ڏانهن اک کڻي ڏٺو ٿي. هوءَ سڄو ڏينهن مصلي تي وينئي ماٺ ڪيو تسبيح پئي سوريندي هئي. ڪيس ائين پيو محسوس ٿيندو هو ڄڻ ته پاڻ گهر ۾ اڪيلي ٿي پئي آهي ۽ هوريان هوريان سندس هانءُ ڪاڇندو پيو وڃي. لطيف جي والده به هن جي اڳيان وڃڻ کان پاسو ٿي ڪيو. "متان ائين نه ٿئي ته ڪنهن وقت جيجان مون کان لطيف جو پڇي! پوءِ آءٌ هن کي ڪهڙو جواب ڏينديس؟" هن دل ۾ سوچيو. هوءَ پنهنجو ڏک کي بزرگ خاتون کان لڪائڻ لاءِ هر وقت ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ لڳي پئي هوندي هئي. پر جڏهن دل بنهه پرجي ايندي هيس تڏهن گهر جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ سڀني کان لکي به ٿي ڳوڙها ڳاڙي پنهنجي هانوَ تي ڇنڊو رجهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن مائيءَ جنان جي مٿس نظر پوندي هئي ته هوءَ وٽس اچي دلداري ڏيڻ لاءِ پنهنجو زبان مس ڪوليندي هئي ته هوءَ سندس وات تي هٿ رکي چُپ رهڻ جو اشارو ڪندي هيس ته متان بزرگ خاتون نه ٻڌي وٺي. اهڙيءَ ريت گهر جي سڀني ڀاتين کي نه ڏينهن جو چين هوندو هو نه رات جو آرام. هر وقت سندن اندر ۾ اهائي اڻ تڻ هوندي هئي ته لطيف ڪٿي آهي؟ گهر ڇو نه ٿو اچي؟

شاهه حبيب جو ننڍڙو گهر هاڻي سچ پچ ته واسامي ۾ وڪوڙجي ويو هو، جتان رکي رکي هلڪن سڏڪن ۾ ٿڌن شوڪارن جا اڻ لکا آواز ابري فضا ۾ پکڙجي پئي ويا. گهر جي ڀاتين جي اها بيوسي ۽ لاچاري ڏسي شاهه حبيب پاڻ کي ئي ڏوهي پيو سمجهندو هو. "اهي ته گهر-وينيون زائفائون آهن. اهي ويچاريون لطيف کي ڪيئن ٿيون ڳولي سگهن؟" اهو خيال شاهه حبيب کي وڌيڪ ويڳاڻو ڪري ڇڏيندو هو ۽ هو مانڙي ڪري گهر

وري مات ٿي ويٺي. اوطاق ۾ تيل جي ڏيئن جي ڦڪي روشني ڏڪڻ لڳي. وڏيري احمد خان چوڌاري نهاريو. سڀني جا ڪنڌ هيٺ هئا هن جو هانءُ لڏي ويو. شاهه حبيب جي ڏڪائتي صورت تي ڳڻتيءَ ۽ فڪر جي ذرَ چڙهيل هئي. سونهاريءَ ۾ اڇاڻ پکڙجي ويئي هئس ۽ ڳل هڏا ٿي ڏنا.

وڏيرو احمد خان اهو سوچي اوطاق ۾ آيو هو ته شاهه حبيب کي ضرور وندرائبو. جيڪو پٽ جي وڃڻ کان پوءِ هر وقت مات ڪيو ويٺو آهي. پر ڪيس ڪابه ڳالهه نه ٿي سجهي. اڇا هو انهيءَ ڳڻ ڳوت ۾ هو ته سڄڻ خان اچي ويو ۽ هاڻي ڪيس ڪنهن بيءَ ڳالهه ڪرڻ جو جڻ ته بهانو ملي ويو. "ڀلا سڄڻ خان! اوسي پاسي جي به ڪا خبر آندي اٿئي؟" وڏيري احمد خان جو آواز اوطاق جي مات ۾ ٻُرڻ لڳو.

"وڏيرا! ٻيو ته سڀ خير آهي، پر نصرپور جي سرڪاري ڪامورن خبرون پئي ڪيون ته هندستان جي بادشاهه اورنگزيب جو لاڏاڻو ٿي ويو آهي".

"اناللهِ وَ انا عليه راجعون". سڀني جي مُنهن مان نڪري ويو ۽ سڀني سڄڻ خان ڏانهن ڏسڻ لڳا.

"ڀلا بادشاهه سلامت وفات ڪڏهن ڪئي؟" وڏيري احمد خان پڇيو.

"ڏينهن ۽ تاريخ جي ته ڪا به خبر ڪانهي، پر چيائون پئي ته ويجهڙائيءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو اٿس".

"بلي! بلي! سڀ دم گذر". وڏيري احمد خان چيو. "بابو مرهيات مون کي چوندو هو ته تون اڃا پنجن ڇهن ورهين جي ڄمار جو هئين جو اورنگزيب بادشاهه تخت تي ويٺو هو. بابو چوندو هو ته مغل بادشاهن ۾ اهو ڏاڍو سخت ۽ ڪرڙو بادشاهه هو. بادشاهت جي هر وڏي ماڻهوءَ جي خبر هئس ۽ هر ماڻهو هن کان ڏجندو ۽ ڪن هٽندو هو. مسلماني ته ڪير ڪانئس سکي. وڏو ديندار، روزي نماز جو پابند ۽ تهجد گذار هوندو هو. هن ڪافرن ۽ بي دين ماڻهن جو پوز بند ڪَري ڇڏيو هو. وري ايماندار ۽ سچار به اهڙو جو بادشاهه ٿي ڪري پنهنجي روزي قرآن شريف لکي پاڻ ڪمائيندو هو. خلق خدا جي ته هن کي زنده پير ڪري ليکيندي هئي."

"سائين. بادشاهه سلامت ويندو به سڌو جنت ۾". هڪ ڳوٺاڻي چيو.

"پر ادا، بابو مرهيات هڪڙيءَ ڳالهه جو ڏاڍو ڏک ڪندو هو".

"اها وري ڪهڙي سائين!" هڪ ٻئي ڳوٺاڻي غور سان پڇيو.

"ادا، بابو مرهيات چوندو هو ته بادشاهه سلامت ديندار مسلمان ته بروبر آهي، پر پنهنجي پيءُ کي بادشاهي ڪوٽ ۾ قيد ڪري ۽ وڏي ڀاءُ شهزادي دارا شڪوه سان جنگ جوٽي، هن کي قتل ڪرائي پاڻ ملڪ جو بادشاهه ٿي ويٺو. هن اهو چڱو ڪم ته نه ڪيو قبلا سائين!" وڏيري احمد خان شاهه حبيب ڏانهن ڏسندي چيو، جيڪو اڃا تائين مات ڪيو ويٺو هو.

"آبا، زندگي ڪڇونءَ جي رفتار سان اڳتي پئي وڃي. پَل پَل جو حساب ٿيندو پيو هلي. جيڪو پَل گذري وڃي ٿو، اهو وري موٽي نه ٿو اچي. انسان جيڪا به وک کڻي ٿو، اها کيس قبر ڏانهن گهليندي پئي وڃي. حضرت علي سائين ته اهو ئي فرمايو آهي". شاهه حبيب جو آواز رات جي سانت ۾ ٻرڻ لڳو. "ماڻهو جيڪر گذريل پَل کي موٽائي ته هوند سچ به ايرندي جي ٻدران الهندي کان اُڀري. پر اها قيامت جي نشاني ٿيندي. حشر جي ڏينهن شايد وقت موٽ کائيندو: پَل پَل جي موٽ ٿيندي: چڱائيءَ ۽ مَنائيءَ جو حساب ڪتاب ٿيندو. اڳيان عدل جي تارازي هوندي ۽ دل وٽ ڪوڙ جو ڪو ليکو ئي ڪونهي. وٽس سچ ۽ حقيقت جو وکر هوندو. زندگيءَ جو سچ، موت جو سچ."

اوطاق ۾ ماٺ ٿي ويئي. ڪنھن بہ ڪين ورائيو. ڏينهن جي ڦڪي روشني هڪ ڀيرو وري ڏکڻ لڳي.

"ميان احمد خان! تنھنجي والد بزرگوار جو چوڻ صحيح هر" ، شاھ حبيب ٿوري ويرم رڪي وري چيو.

"روزا ۽ نمازون بيشڪ ڀلو ڪم، پر اصل ڳالھ ڪا ٻي آهي. خدا تعاليٰ جا انسانن تي، پوءِ ڪٿي اهي بادشاھ هجن يا رعيت، ڪي حق هوندا آهن جن کي حقوق الله چئجي ٿو. ٻيا وري انسان جا حق آهن جن کي حقوق العباد ٿا چون. روزا، نمازون ۽ ٻيا ڪم حقوق الله آهن، جيڪي انسانن کي ادا ڪرڻ گهرجن. حقوق العباد جو مطلب وري اهو آهي تہ ٻندن جا جيڪي حق آهن، اهي ادا ڪجن. جيڪڏهن اهي حق پورا نٿا ٿين تہ پوءِ ٻندو ڀلي ڪٿي ڪيترين ئي نمازون پڙهي ۽ روزا رکي، هن جي اها عبادت قبول نہ ٿيندي. هاڻي اوهين پاڻ امين ٿيو. جيڪڏهن بادشاھ اورنگزيب حقوق الله ۽ حقوق العباد ٻنهي جي فرض ادائي ڪئي آهي تہ سبحان الله. البت هڪ ٻي ڳالھ آهي. جيئن فارسيءَ جي هڪ سگهڙ چيو آهي تہ، "رُموزِ مملکتِ خويش خسروان دانند" ، يعني پنھنجي ملڪ جا راز بادشاھ پاڻ ڄاڻن، ٿي سگهي ٿو تہ اورنگزيب بادشاھ جيڪي ڪيو ان جو بہ ڪو ڪارڻ هجي."

"سبحان الله! ڪهڙي نہ عقل جي ڳالھ ڪئي اٿو مرشد سائين!" وڏيري احمد خان پاسو ورائيندي چيو.

"حاڪمن جون ڪيترين ئي اهڙيون ڳالهيون آهن، جن جي عام کي تہ ڇڏيو پر خاص ماڻهن کي بہ ڪا ڄاڻ نہ هوندي."

"البت اوهان جي والد مرهيات جو چوڻ صحيح هو. هندستان جي تخت تي پهريون حق شاهجهان بادشاھ جي وڏي فرزند شهزادي دارا شڪوه جو هو. اهو شهزادو وڏو عالم ۽ صوفي منش هو. جيڪڏهن هندستان جي بادشاهت کيس ملي ها تہ ڏکڻ هندستان جا مرهٽا اينرو زور نہ وٺن ها ۽ نہ وري خلق خدا جو ايترو خون خرابو ٿئي ها."

"بس قبلا سائين! انسان جي نصيب ۾ جيڪي لکيل آهي، اهوئي ٿيندو" ، وڏيري احمد خان شاھ حبيب کي ڳالھائيندو ڏسي دل ئي دل ۾ خوش ٿيندي ورائيو. "هاڻي خبر نہ آهي تہ هندستان جي تخت تي ڪير ٿو ويهي؟"

"مرشد سائين! نصرپور ۾ اها ڳالھ پئي هلي تہ اورنگزيب بادشاھ جو وڏو پُٽ بهادر شاھ هندستان جي تخت تي وينو آهي" ، سچڻ خان ٻڌايو.

"ٻُڌوَ نہ" ، شاھ حبيب سيني ڏانهن ڏسندي چيو. "اورنگزيب بادشاھ پنھنجي وڏي پٽ بهادر شاھ کي پنھنجو جانشين مقرر ڪيو هوندو تڏهن تہ هو تخت تي وينو آهي. شاهجهان بادشاھ بہ پنھنجي وڏي پٽ شهزادي داراشڪوه کي پنھنجو جانشين مقرر ڪيو هو، پر اورنگزيب هن کي تخت تي ويهڻ نہ ڏنو ۽ پيءُ کي قيد ڪري، ڀاءُ سان جنگ جوٽي، هن کي مارائي پاڻ تخت تي قبضو ڪري وينو."

"پر مرشد سائين! ان جو مطلب تہ اهو ٿيو تہ اورنگزيب بادشاھ عقلمند هو جو اهڙو بندوبست ڪري ويو جو سندس جيئري تہ ڇڏيو پر سندس مُئي پڄاڻان بہ تخت تي قبضي ڪرڻ لاءِ ڪو دنگو فساد نہ ٿيو ۽ خلق خدا جي خون خرابي کان محفوظ رهي" ، وڏيري احمد خان چيو.

"بيشڪ، تون سچ ٿو چوين ميان احمد خان! اڳتي ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي. ڌڻي تعاليٰ شل سڀني کي پنھنجي حفظ و امان ۾ رکي."

"آمين، ثم آمين" ، سڀني چيو.

وري مات ٿي ويٺي. وري شاهه حبيب ڪنڌ هيٺ ڪري ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو. سڄڻ خان به مات ۾ هو جو وٽس چوڻ لاءِ ٻيو ڪي به نه هو. البت وڏيرو احمد خان ٻاسا ورائڻ لڳو ۽ ٿڌا شوڪارا ڀرڻ لڳو. اوچتو هن پنهنجي ساڄي پاسي نوجوان عرس ساند کي ڏٺو جنهن جي ٻر ۾ هن جا سنگتي نقي بخاري ۽ هاشم علوي به ويٺا هئا. وڏيري احمد خان ساڄي ٻر جُهڪي عرس ساند جي ڪن ۾ ڪي چيو.

"مرشد سائين!" عرس ساند هٿ ٻڌي، اکيون هيٺ ڪري چيو.

شاهه حبيب ڪنڌ مٿي ڪٽي هن ڏانهن نهاريو، "چئو اَبا".

"قبلا سائين! اجازت هجي ته ننڍي سائينءَ جو ڪلام ڳايون."

"مرشد سائين! اڄ ته اجازت ڏيو. ننڍي سائينءَ جي ڪلام ٻڌڻ لاءِ دل ڏاڍو ماندي آهي اسان جي."

وڏيري احمد خان حجت ڪئي ته ٻين ڳوٺ وارن به ليلايو.

شاهه حبيب ڪنڌ جي اشاري سان اجازت ڏني ۽ عرس ساند ٿورو سري اڳتي ٿي ويٺو. هن هلڪي کنگهڪار ڪري گلو صاف ڪيو ۽ آلاپ ڪرڻ لڳو. نقي بخاري ۽ هاشم علوي هن جو ساٿ ڏنو:-

اَئين اچي پَسو، جيڏيون! هي جو وَهُه منهنجي جنڊڙي.
پانيءَ وَيڙا پيرَ ۾، منجهان ڪِرس ڪسو،
اَئين اچي پَسو.
ڏيني وِيڙا ڏاهِه ڪي، سورن جو سَرسو،
اَئين اچي پَسو.
آئون ڏوريندي اُنِ ڪي، ڏيني تَنَ تَسو،
اَئين اچي پَسو.
ساءُ نه آيان سورَ جو، هاٿي ٿيون هَسو،
اَئين اچي پَسو.
متان وهو ويسريون! رڙهو تي رَسو،
اَئين اچي پَسو.
مُنداني مينهن جڻَن، ويرو تارَ وَسو،
اَئين اچي پَسو.

رات جي سانتيڪي ماحول ۾ عرس ساند ۽ ساٿين جي سريلي ۽ سوز ڀرئي آواز جو پڙاڏو اوطاق ۾ ٿيندو رهيو. سڀني هر مصرع تي ڪنڌ لوڏيندا رهيا ۽ ٿڌا شوڪارا ڀريندا رهيا. شاهه حبيب پنهنجو ساڄو هٿ پيشانيءَ تي رکيو ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو هو. سندس اکين مان ڳوڙها هوريان هوريان ڪرندا سونهاريءَ ۾ جذب ٿيندا رهيا. [هلندڙ]

زيب سنڌي

# ڏُنڌ ۾ گم ٿيل منظر

ٽيڪسيءَ مان لهي، هو ٽريول بئگ کي چڪ ڏيئي ٻانهن ۾ وجهي ٿو، ۽ بئگ جو وزن ڪلهن ڏانهن منتقل ڪري، گيٽ ٽپي باﺋونڊري وال اندر هليو وڃي ٿو. گيٽ تي ويٺل پوڙهو چوڪيدار، عينڪ جي شيشن مان ڪيس گهور وجهي ڏسي ٿو، پر سندس اڌ اڇي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جي ڪري هو چوڪيدار کي هروڀرو مشڪوڪ ماڻهو نٿو لڳي، ۽ چوڪيدار پنهنجي چيچ ڪن ۾ وجهي هٿ لوڏڻ شروع ڪري ٿو.

گيٽ کان ٿورو اندر وڃي، هو فليٽس جي مختلف بلاڪس کي ڏسڻ شروع ڪري ٿو. نڪ جي سڌ ۾، هڪ بلاڪ تي ايف جو اکر لکيل ڏسي سندس چهري تي هلڪي هلڪي مرڪ ڦهلجي وڃي ٿي. هو ايف بلاڪ جي ٽئين فلور جي ڪُڙڪين ڏانهن ڏسندو اڳتي وڌي ٿو. بلاڪ وٽ پهچي، پهرين ڏاڪڻ جي پرسان وڃي، پٽ تي چٽيل نمبرن کي ڏسي ٿو. هڪ کان سورهن تائين جا نمبر ڏسي، پنن تي پيل ٽريول بئگ کي لوڏو ڏيئي، وزن سنڀالي، ٻيءَ ڏاڪڻ وٽ پهچي ٿو، ۽ پٽ جي پاسي تي ستاويهون نمبر ڏسي وري مُرڪي پوي ٿو، ۽ ڏاڪڻ ڏانهن وڌي وڃي ٿو. سندس نظرون پنهنجي ڪجنڊڙ پيرن ۽ ڏاڪن ۾ کتل آهن.

"هيلو انڪل!"

هو اڃا ٻئي فلور کان ٽي ڏاڪا هيٺ آهي، ته ٻئي فلور تي، پنهنجي فليٽ جي دروازي ۾ بيٺل هڪ معصوم ٻار، ڏانهس ڏسي مرڪي پوي ٿو، "انڪل، توهان اسان جي گهر پيا اچو؟"

هو پرسان وڃي، ٻارڙي جي مٿي تي هٿ رکي ٿو، ۽ سندس اکين ۾ شفقت جا رابيل ٽڙي ٿا پون. "نه پٽ! في الحال نه مٿي پيو وڃان. جيڪڏهن ٽئين فلور تي اچي تون مون کي دعوت ڏيندين ته مان ضرور تنهنجي گهر ايندس."

انهيءَ لمحي ئي فليٽ جي دروازي ۾ هڪ نوجوان عورت ظاهر ٿئي ٿي، ۽ ٻار جي ٻانهن ۾ اچي هٿ وجهي ٿي. هو عورت کي سلام ڪري ٿو، پر عورت جواب ڏيڻ بجاءِ عجيب نظرن سان کيس ڏسي ٿي، ۽ ٻار کي اندر ڇڪي در بند ڪري ڇڏي ٿي. هو هڪ لمحي لاءِ اوچتو نڪاوَ سان بند ٿي ويل دروازي کي ڏسي ٿو ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي، ٽئين فلور جي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳي ٿو.

ٽئين فلور تي ڏاڪڻ جي پاسي واري دروازي تي ستاويهون نمبر لکيل آهي. هو هڪ نظر ستاويهن جي انگ تي وجهي ٿو، ۽ پوءِ بئگ پُنن تان لاهي فرش تي رکي ڇڏي ٿو. ساهن کي جاﺋيتو ڪندي، هڪ دفعو وري ستاويهن جو نمبر پڙهي ٿو، ۽ پوءِ دروازي جي پاسي تي لڳل ڪال بيل کي زور ڏيئي انتظار ڪرڻ لڳي ٿو. سندس چهري تي مرڪ جو عجيب تاثر ابري اچي ٿو، ڇپن سان گڏ ئي سندس اکيون، بلڪ سندس سڄو چهرو مرڪي پوي ٿو. جڏهن ڪي پل گذري وڃن ٿا، ۽ دروازو نٿو کُلي ته واچ تي نظر وجهي ٿو. "پنج ٿيا آهن." هڪ دفعو وري ڪال بيل جي بٽڻ کي زور ڏئي ٿو. اڃا هو هٿ هيٺ مس ٿو ڪري ته اندران دروازي جي ڪُنڊي کلڻ جو آواز ٻڌي، سندس چهري جي اڻ لکي مرڪ ڇٽي ٿي وڃي ٿي. پر جيئن ئي دروازو کلي ٿو، ته سندس مرڪ اوچتو

ٿي اوچتو سندس چهري تان گم ٿي وڃي ٿي. ۽ مرڪ بجاءِ پشيمانيءَ جا پاڇا چانئٺ ۾ وڃن ٿا. جڻ اوچتو ڪا ديوار اچي سندس مٿان ڪري ٿي. دروازي ۾ بيٺل اڌڙوٽ عمر جي عورت کي ڏسي هو پريشان ٿي وڃي ٿو. مُنجهي ٿو پڇي: "توهان.....!"

"توهان کي ڪنهن سان ملڻو آ؟" پر اهو چوندي ٿي چوندي، عورت سندس اڌ اڇي ٿيل ڏاڙهيءَ جي هيٺان اچي ويل چهري تائين پهچي وڃي ٿي، ۽ سندس چهري تي اداسيءَ جون ريکائون اڀرڻ لڳن ٿيون.

"مان.... مان بادل جي لاءِ آيو هوس!" هو ڪنڌ جهڪائي ٿو چوي.

"بادل ته اڃا ناهي آيو....." عورت نظرون هيٺ ڪندي ورائي ٿي.

هو فرش تي رکيل بنگ کڻي وٺي ٿو، "بادل اچي ته منهنجي لاءِ ٻڌائي ڇڏجوس، مان پوءِ ڪڏهن ايندس."

هو واپس وڃڻ لاءِ منهن ڦيرائي ٿو ڇڏي.

عورت دروازي ۾ بيٺي رهي ٿي.

هو ٻه ڏاڪا هيٺ لهي وڃي ٿو ته عورت جو آواز ٻڌڻ ۾ اچيس ٿو. "بادل اچڻ وارو ئي هوندو."

هو بيهي رهي ٿو، ۽ ڪنڌ ورائڻ بنا ئي جواب ڏئي ٿو، "مان ڪڏهن ٻئي دفعي ايندس...."

"پر هي توهان جي پُٽ جو گهر آهي." عورت چوي ٿي.

هو ڪنڌ ورائي عورت ڏانهن ڏسي ٿو. ڪوبه جواب نه ٿو ڏي.

"توهان کي پنهنجي پٽ جي گهر ۾ ويهي، سندس انتظار ڪرڻ جو پورو پورو حق آهي." دروازي ۾ بيٺل عورت ڏانهس ڏسندي رهي ٿي.

"پر حقن جي وچ ۾ ڪڏهن ڪڏهن مجبورين جون ديوارون به اچي وينديون آهن." هو ٻهريون دفعو عورت جي چهري کي ڀرپور نظر سان ڏسي ٿو.

"رشتن جي سچائيءَ اڳيان ڪابه ديوار قائم رهي نه سگهندي آهي." عورت دروازي مان گذرڻ جو رستو ڇڏيندي چوي ٿي، "توهان پنهنجي پٽ جو انتظار ڪري سگهو ٿا."

هو ٻڌتر ۾ پئجي وڃي ٿو. سوچيندو رهي ٿو.

"توهان اچو..." عورت جي آواز ۾ التجا جو تاثر ٿو محسوس ڪري، "مهرباني ڪري توهان اچو!"

ڪنڌ جهڪائي به لٿل ڏاڪا وري مٿي چڙهي وڃي ٿو. دروازي ۾ بيٺل عورت پاسيري ٿي کيس گذرڻ جي جاءِ ڏئي ٿي، ۽ هو اندر هليو ٿو وڃي. عورت دروازو بند ڪري، دروازي جي پرسان ئي بيهي رهي ٿي.

هو دروازي کان ڪجهه وکون اڳتي وڌي، لائونج ۾ پهچي ٿو وڃي. لائونج ۾ هڪ طرف ٻه دروازا بيڪڙيل آهن، ۽ ٻئي طرف هڪ کليل دروازو آهي. کليل دروازي مان اندر هليو ٿو وڃي، ته کيس احساس ٿو ٿئي ته هو ڊرائنگ روم ۾ پهچي ويو آهي. بادل جي نئين فليٽ جو ڊرائنگ روم کيس بادل جي شخصيت جيان صاف شفاف ۽ موهيندڙ ٿو لڳي. بنگ هڪ صوفا جي پاسي ۾ رکي، گوڏن وٽان پينٽ کي ٿورو مٿي ڇڪي ويهي رهي ٿو، ۽ ٻانهون پوئتي ورائي، هٿن کي مٿي هيٺان ڏيئي، ٽيڪ ڏئي اکيون بند ٿو ڪري ڇڏي. ڪجهه گهڙين کان پوءِ، لائونج ۾ ٿيندڙ هلڪي کڙڪي تي سندس ڌيان اوڏانهن ڇڪجي وڃي ٿو. اکيون کولي ڇڏي ٿو، پر در ڏانهن ڏسڻ بجاءِ ڪتابن جي ريڪ مٿان رکيل پنهنجي پٽ بادل جي تصوير ڏسڻ لڳي ٿو. ڪي لمحا ته هو اتان ئي تصوير کي

ڏسندو رهي ٿو، ۽ پوءِ اٿي وڃي فريم کڻي ٿو. سندس چهري تي شفقت جي چانڊاڻ ڦهلجي وڃي ٿي، "بادل گنريل ٻن سالن ۾ وڏيڪ هينڊسم بڻجي ويو آ...!" هو سوچي ٿو. فريم واپس رکي، پرسان ئي رکيل آلبم کڻي ٿو، ۽ جيئن ئي آلبم کولي ٿو، سندس چهري جي چانڊاڻ ختم ٿي وڃي ٿي. مُرڪ بجاءِ اداسيءَ جا پاوَ سندس چهري تي پکڙجي وڃن ٿا.

اندر ۾ اماس رات جي اونداهي لهندي ٿو محسوس ڪري. آلبم ۾ پندرهن سال اڳ جي سندس ئي تصوير آهي. سندس پاسي ۾ زرينا وينل آهي. زرينا، سندس زال، جنهن کي هو چانڊوڪي چوندو هو. اُها زرينا، اها چانڊوڪي، جيڪا هن محل ۾، هن ئي گهر ۾ موجود آهي، پر روشني ڪٿي به ناهي. اندر ۾ اماس رات لهي آئي آهي. ٻاهر سجو ڏنڌ آهي. دل جي تهخانن ۾ درد جون صدائون گُهُٽجڻ لڳن ٿيون!

زرينا پاڻيءَ جي بوتل ۽ گلاس کڻي اچي ٽيبل تي رکي ٿي. هو آلبم بند ڪري، ريڪ جي مٿان رکي ٿو. زرينا ڊرائنگ روم کان ٻاهر هلي وڃي ٿي. هو آهستي آهستي هلندو اچي صوفا تي ويهي ٿو، ۽ بوتل کولي لاڳيتا ٻه گلاس پاڻي پي وڃي ٿو.

"توهان چينج ڪرڻ چاهيو ته مون باٿ روم ۾ ٽاول وغيره رکي ڇڏيو آهي". ڊرائنگ روم جي دروازي ۾ اچي زرينا ڳالهائي هلي وڃي ٿي.

هو اٿي ڊرائنگ روم کان ٻاهر نڪري ٿو. باٿ روم ۾ وڃي منهن تي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي موٽي اچي ٿو. صوفا تي ويهي، کيسي مان سگريٽن جو پنڪيٽ ڪڍي ٿو ته زرينا چانهه کڻي اچي ٿي، ۽ سندس سامهون ٽيبل تي برتن رکندي کانئس پڇي ٿي، "اجا سگريٽ پيئندا آهيو؟"

هو سگريٽن جي پنڪيٽ ڏانهن ڏسي ٿو، "ڪوئي روڪڻ وارو ئي نه رهيو ته....."

سندس جملو پورو ئي نٿو ٿئي ته زرينا واپس وڃڻ لڳي ٿي. جڻ هن کو غلط سوال ڪري ورتو هو، جنهن جي جواب ٻڌڻ جو ساهس منجهس هيو ئي نه.

"توهان چانهه نه پيئندئو؟" ڪنڌ کڻي زرينا ڏانهن ڏسي ٿو.

"مان ٻاهر پي وٺنديس!" زرينا بيهي، ڪنڌ ورائي ڏانهس ڏسي ٿي.

"هتي ويهي پيئو!" هو سندس جواب جو انتظار ٿو ڪري، پر زرينا ٻاهر هلي ٿي وڃي. هو چانهه جي ڪپ ڏانهن هٿ وڌائڻ بجاءِ سگريٽ ڪڍي دکائي ٿو، ۽ ڪنڌ جهڪائي ٿو ڇڏي. ڪجهه لمحن کان پوءِ ئي زرينا ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي. سندس هٿ ۾ چانهه جو ڪپ آهي. هوءَ سندس سامهون واري صوفا تي اچي ويهي رهي ٿي. هو زرينا ڏانهن ڏسي اڌ پيتل سگريٽ ايش ٽري ۾ وجهي ٿو ڇڏي، ۽ ڪپ کڻي هلڪا هلڪا ڍُڪ ڀرڻ لڳي ٿو. ٻئي خاموشيءَ سان چانهه سِپ ڪندا رهن ٿا. صدين جهڙا ڪي لمحا انهن ئي لنگهي وڃن ٿا. هو اڌ ٽيل ڪپ ٽيبل تي رکي وال ڪلاڪ ڏانهن ڏسي ٿو، "ڇهه ٿي رهيا آهن!"

زرينا ڪوبه جواب ڏيڻ بجاءِ ڪپ ٽيبل تي رکي ٿي ڇڏي.

"اڄڪلهه بادل دير سان گهر ايندو آهي ڇا؟"

"نه، عام طور پنجين تائين اچي ويندو آهي، پر اڄ شايد وڌيڪ ڪم هوس. ڇئي ويو هو ته بئنڪ مان دير سان نڪرندو." زرينا وراڻي ٿي.

"بئنڪ جي نوڪري به مصيبت آهي!" پنهنجي منهن چوي ٿو.

"۽ پيو ته...." زرينا ڪجھ چوندي رڪجي وئي.

"پيو ڇا؟" هو پڇي ٿو.

"بادل سان گڏ آفيس ۾ هڪ ڇوڪري ڪم ڪندي آهي."

"ها ها... هن ڪنهن خط ۾ مون کي لکيو هو. ڇا نالو آ سندس...." هو ڇوڪريءَ جو نالو ياد ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري.

"صوفيا!" زرينا ڪيس ٻڌائي ٿي.

"ها صوفيا"

"بادل اڄ صوفيا کي مون سان ملائڻ لاءِ هتي وٺي ايندو." زرينا وراڻي ٿي.

هن کان هلڪو ٽهڪ نڪري وڃي ٿو، "ته معاملو اتي وڃي پهتو آهي! وڏو پلستر آهي بادل!"

"بادل انڪري ئي مون کي ڪراچيءَ وٺي آيو هو. هن مون کي صوفيا سان ملائڻ ٿي چاهيو." زرينا چوي ٿي، "بادل ٻڌايو هو ته صوفيا ماءُ پيءُ جي اڪيلي اولاد هئي ۽ هاڻي ته هوءَ بلڪل اڪيلي آهي. هاسٽل ۾ رهندي آهي اڄڪلھ."

"هون!" وراڻي ٿو، " پر ڇا توهان بادل سان نه ٿا رهو؟"

"نه، منهنجي طبيعت وڏيڪ خراب رهڻ لڳي آهي، ۽ ڪراچيءَ جي موسم مون کي پاڻءِ نٿي پوي."

"توهان کي هتي ڏسي مون سمجهيو هو، توهان بادل وٽ شفٽ ٿي ويا آهيو."

"نه، مان ادا وڏي سان حيدرآباد ۾ ئي پئي رهان."

"هاڻي توهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟"

"بهتر آهيان" زرينا ڪپ ڪڻندي وراڻي ٿي، "توهان چاهيو ته سگريٽ پي سگهو ٿا." هوءَ اٿي بيهي رهي ٿي.

"پر اڳ ته توهان مون کي سگريٽ پيئڻ کان روڪيندا هئا!"

زرينا ڪوبه جواب نٿي ڏئي، سندس چهري تي پيلو روز جهڙي اداس مرڪ اچي ٿي، ۽ هوءَ ٻاهر نڪري وڃي ٿي.

جينوئيڪ ڪيس سگريٽ جي پاڙ آهي، پر چاهي ٿو، جيڪر زرينا سگريٽ کان روڪي وڃي ها. پنهنجي معصوم خواهش تي مرڪي پوي ٿو. ڇاڪاڻ ته هاڻي هو هڪ ٻئي کي ڪنهن عمل تان روڪڻ جا سمورا حق وڃائي چڪا آهن! سگريٽ ڪيڏي دکائي ٿو، ۽ ڪنهن گهري سوچ سان سلهاڙجي ٿو وڃي. سگريٽ جي تپش پنهنجي آڱرين تي محسوس ڪري، اڌ سڙيل سگريٽ ايش ٽري ۾ وجهي، ڊرائنگ روم مان نڪري لائونج ۾ هليو ٿو وڃي. لائونج ۾، ڊائننگ ٽيبل تي ڪاڏيءَ هيٺان هٿ رکي، گم سم ويٺل زرينا ڏانهن ڏسي ٿو، ۽ ٽيبل جي ٻئي طرف زرينا جي سامهون وڃي ويهي رهي ٿو ته زرينا ڇرڪي پوي ٿي، "توهان......!"

"چاهيو ته مان هتان اٿي وڃان." وراڻي ٿو.

"نه نه، ويهو..." زرينا ٻنل اکيون ڇنيبي ڪنڌ جهڪائي ٿي ڇڏي.

"مان توهان سان ڪجھ ڳالهائڻ ٿو چاهيان." هو جملو پورو ڪري زرينا ڏانهن ڏسي ٿو، پر زرينا جيئن جو تيئن خاموش ويٺي آهي. سندس خاموشيءَ کي رضامندي سمجهي، هو پنهنجي ڳالھ اڳتي وڌائي ٿو، "مون

ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو، تہ هيترن سالن کان پوءِ، توهان سان اوچتو هيئن ملاقات ٿي ويندي ۽ مان توهان سان ڳالهائي سگهندس!"

"هون.... هان!" زرينا هڪ لمحي لاءِ ڪنڌ کڻي ڏانهس ڏسي ٿي، ۽ وري نظرون ٽيبل جي سطح تي کُپائي ٿي ڇڏي.

"ٻارهن سال هڪ ڊگهو عرصو هوندو آهي!" هو ٿڌو ساهہ کڻي ٿو، "پر بادل سان اڪثر توهان جون ڳالهيون ٿينديون هيون. هو جڏهن بہ حيدرآباد مان توهان وٽان ٿي ايندو هو تہ توهان جي خبر چار ڏيندو هو."

زرينا ڪوبہ جواب نٿي ڏئي، پر لڳي ٿو تہ هو سندس ڳالهيون غور سان ٻڌي رهي آهي.

"پر انهيءَ سڄي عرصي ۾....." هو ڪي پل خاموش ٿي وڃي ٿو، ڄڻ لفظن کي ڪمپوز ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هجي، "انهيءَ سڄي عرصي ۾، بادل مون سان اهڙو گهٽ ئي ذڪر ڪيو تہ توهان هُن کان منهنجي باري ۾ پڇيو هجي! ها، هڪ دفعي ٻڌايو هئائين تہ توهان ڪانئس ورجائي ورجائي منهنجي وقت کان اڳ رٽائرمينٽ بابت پڇيو هو!"

"ها" زرينا ڪنڌ کڻي ڏانهس ڏسي ٿي.

"توهان جي سيپريشن کان پوءِ بہ مون ڏهہ سال نوڪري ڪئي هئي، پر پوءِ ٿڪجي پيس! تنهائيءَ جا اڻ ڪٽ پيچرا زندگيءَ جي سفر ۾ ٿڪائي وجهندا آهن." هو نونٽ ٽيبل تي رکي، نرڙ تي هٿ رکي خاموش ٿي وڃي ٿو.

"پر وسيع سوشل لائيف وارن ماڻهن جو وقت تہ جهرمٽن ۾ گذرندو آهي." زرينا ٻيهريون دفعو گهور ڪري ڏانهس ڏسي ٿي، هو ٻنا دير جي زرينا جي لهجي جي تهہ تائين پهچي وڃي ٿو.

"معاف ڪجو، اهائي تہ شايد بنيادي ڳالهہ هئي، جنهن کي توهان سمجهي نہ سگهيا هئا!" هو سِڌو ٿي ويهي ٿو، "مڃان ٿو تہ ڊاڪٽر، ڊراما آرٽسٽ ۽ شاعر هئڻ جي حوالي سان منهنجي مصروف زندگي رهي آهي، پر ڇا ماڻهو هجومن ۾ بہ تنها ناهي هوندو؟ تنهائي تہ شيئر ڪرڻ سان دور ٿيندي آهي، ۽ منهنجي نيچر ۾ هر ڪنهن سان شيئر ڪرڻ وارو جذبو ڪڏهن بہ ناهي رهيو........"

"مون توهان کي ڪنهن وضاحت لاءِ تہ نہ چيو." زرينا وراڻي ٿي، "۽ وضاحت پڇي ڪنديس بہ ڇا!"

"توهان منهنجي وضاحتن کي ڪڏهن قبول بہ تہ نہ ڪيو هو! ڄاڻان ٿو تہ منهنجون سموريون وضاحتون توهان لاءِ ڊيٽ ايڪسپائرڊ ڊرگس جيان هيون، جن جو توهان تي ڪوبہ پازيٽو اثر نہ ٿيو هو!"

"توهان اڃا بہ مون کي ڏوهي ٿا سمجهو!؟" زرينا جي نرڙ تي، ٻنهي ڀرون جي وچ ۾ هلڪو گهُنج پئجي ٿو وڃي، ڄڻ درد جي ڪا لڪير جاڳي پئي هجي.

هو اڃا ڪو جواب سوچي ئي ٿو تہ ٽيليفون جي گهنٽي ٿي وڃي. زرينا فون ٻڌڻ لاءِ اٿي ٿي تہ ڪيس چوي ٿو، "بادل هجي تہ ني الحال منهنجي لاءِ نہ ٻڌائجوس!"

زرينا بيڊ روم ڏانهن هلي وڃي ٿي. هو اٿي ڊرائنگ روم ڏانهن هليو ٿو وڃي. بادل جي تصوير جي ڀرسان وڃي بيهي ٿو. تصوير ڏسندي ڏسندي سندس نظر ريڪ ۾ رکيل ڪتابن جي وچ ۾، پنهنجي شاعريءَ جي مجموعي تي پوي ٿي. ڪتاب کڻي، وچ مان کولي پنهنجو غزل پڙهڻ لڳي ٿو:

رات جـــو پـــويـــون پـــل ۽ شــــاعــــر
جـــاڳـــن تـــا مـــقـــتـــل ۽ شـــاعـــر

درد پـــنـــهـــنـــجـــي جـــو ســـاڳـــيـــو هـــو
هـــکـــڙي هـــنـــي کـــويـــل ۽ شـــاعـــر

ســـالـــن کـــان پـــوءِ اوچـــتـــو مـــلـــيـــا
هـــوءِ بـــه هـــئـــي هـــيـــکـــل ۽ شـــاعـــر

وڏيڪ پڙهڻ بنا ڪتاب بند ڪري ريڪ ۾ رکي ڇڏي ٿو. اندر ۾ مونجهه محسوس ڪري، ڪڙڪيءَ ڏانهن وڃي، پردو هٽائي ڪڙڪي کولي ڇڏي ٿو. ٿڌي هوا جو جهوٽو سندس جسم سان اچي ٽڪرائجي ٿو. رستي تان هڪ ٻني پنيان ويندڙ گاڏين کي ڏسڻ لڳي ٿو، پر سندس مونجهه ختم نٿي ٿئي. آهستي آهستي پنهنجي اکين ۾ پاڻي ڦهلجندي محسوس ڪري ٿو، ۽ رستي وارو منظر ڌنڌلو ٿيندو ٿو وڃي. ڌنڌ جي وچ مان ٻارهن سال اڳ وارو منظر اڀرڻ لڳي ٿو، جڏهن هن زرينا کي طلاق ڏني هئي:

"مون توهان کي چيو هو ته هاڻي مان هڪڙو ڏينهن به توهان سان رهڻ پسند نٿي ڪيان!" هو جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيو هو، ته زرينا جو ڪاوڙيل چهرو ڏٺو هئائين.

هن ڪوبه جواب نه ڏنو هو.

"مان خودڪشي ڪري ڇڏينديس، پاڻ ماري ڇڏينديس، جيڪڏهن توهان اجوڪي ڏينهن ۾ مونکي آزاد نه ڪيو ته!" زرينا سخت لهجي ۾ چيو هو.

هو چرڪي ويو هو. ڪيس خبر هئي ته زرينا جيڪا ڳالهه چوندي هئي، اها ڪري به ڏيکاريندي هئي. سندن وچ ۾ هلڪا سلڪا جهيڙا ته روز ٿيندا هئا ۽ ڪجهه عرصي کان هوءَ ڪانئس بدظن به ٿي وئي هئي، پر طلاق جي تقاضا سان گڏ هن ايڏي وڏي ڌمڪي اڳ ڪڏهن به نه ڏني هئي. تنهن ڪري زرينا جي انهيءَ انتها کان پوءِ، هن به ڪنهن هڪ فيصلي تي پهچڻ ۾ دير نه ڪئي هئي، ۽ ٻئي ڏينهن تي بادل سميت هو ڪيس حيدرآباد سندس پاءُ جي گهر ڇڏي آيو هو.

سندن ڏهن سالن جي پٽ بادل کي ته اصل صورتحال جي خبر ئي نه هئي، پر ان جي باوجود ڪيس ماءُ پيءُ جي وچ ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ جو احساس ٿي ويو هو، انڪري شرارتون ڪندڙ بادل پنهنجي طبيعت جي ابتڙ، سڀر هاڻي وي تي دوڙندڙ ڪار ۾ مسلسل خاموش وينو هو. ڪار ۾ لڳاتار خاموشي ڇانيل هئي. سندس ماءُ ته سڄي رستي ۾ ڪو لفظ ئي وات مان نه ڪڍيو هو، پر سندس پيءُ ڪنهن ڪنهن وقت ساڻس ڪجهه ڳالهائي ٿي ورتو.

حيدرآباد ۾ جڏهن هن گاڏي وڃي زرينا جي پاءُ جي در اڳيان بيهاري هئي، تڏهن ڪيس چيو هئائين، "بادل جي پڙهائيءَ جو خيال ڪجانءِ." سندس آواز پرجي آيو هو. ڪيس لڳو هو، ڄڻ هو اوچتو ڦاٽي پوندو!

پونين سيٽ تي ويٺل زرينا سوٽ ڪيس کڻي ڪار مان لهي وئي هئي، ۽ ڪال بيل جي بٽڻ تي وڃي هٿ رکيو هئائين.

بادل ڪار مان هيٺ لٿو هو، ته هو به ڊرائيونگ سيٽ ڇڏي ٻاهر نڪري آيو هو، ۽ بادل کي ڀاڪر ۾ پري ورتو هئائين. "توهان اسان کي ڪڏهن وٺڻ ايندا بابا؟" بادل ڪانئس پڇيو هو.

"پڻ اهو سوال پنهنجي اميءَ کان پڇجانءِ" . هو ٽٽڻ، وکرڻ لڳو هو. زرينا ڪاوڙ مان بادل ڏانهن ڏٺو هو، ۽ انهيءَ گهڙيءَ ٻي اندران گيٽ کلڻ جو آواز ٿيو هو، ته هو بادل مان هٿ ڪڍي وڃي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺو هو. دروازو کليو ته هن ڪنڌ ورائي ڏسڻ کان سواءِ چابيءَ کي اگنيشن سئچ ۾ ڦيرائي ڇڏيو هو. ڪار هڪ جهٽڪي سان اڳتي وڌي وئي هئي.

ان ڏينهن خبر ناهي ڪيئن هو حادثي، موت جي منهن مان بچندو، سپر هائي وي تي ڊرائيو ڪري ڪراچيءَ پهتو هو. هن ڪيترن ڏينهن تائين زرينا جي ڪنهن خط، ڪنهن فون ۽ ڪنهن نياپي جو انتظار ڪيو هو، پر سندس اوسيئڙو رڃ جو پاڇو ثابت ٿيو هو. تڏهن هن پاڻ زرينا کي فون ڪرڻ شروع ڪيو هو، پر هر دفعي هن ساڻس ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. نيٺ هڪ ڏينهن زرينا ساڻس ڳالهايو هو. ڳالهايو به ڇا هئائين، "مسٽر، مان نفرت ٿي ڪيان توکان ۽ تنهنجي گهر کان! جيڪڏهن اجا به تو مون کي طلاق جا ڪاغذات نه موڪليا ته منهنجي موت جو ذميوار تون هوندين!"

"جيڪڏهن تون مون کان نفرت ٿي ڪرين ته تنهنجي عشق ۾ مري مان به ڪونه ويندس!" هن به سخت لهجي ۾ کيس جواب ڏنو هو، ۽ ڪاوڙ مان فون بند ڪري ڇڏيو هئائين.

ٻئي ڏينهن تي ئي هن طلاق جا ڊاڪيومينٽس زرينا کي پوسٽ ڪري ڇڏيا هئا.

ڪڙڪيءَ مان ايندڙ هوا جي تيز جهوٽي سان پردو اچي سندس چهري سان ٽڪرائجي ٿو، ۽ سندس پنبڻين مان به لڙڪ ٿمي سندس ڏاڙهيءَ ۾ وڃي اٽڪن ٿا، ۽ هو ماضيءَ جي پاتال مان نڪري اچي ٿو.

"بادل جو فون هو." زرينا جو آواز سندس ڪنن سان ٽڪرائجي ٿو.

هو ٻئي هٿ پنهنجي چهري سان مهٽي، ٿميل ڳوڙهن کي صاف ڪري، زرينا ڏانهن ڏسي ٿو. زرينا دروازي مان اڳتي وڌي اچي صوفا جي ڀرسان بيٺي آهي. سندس هٿ ۾ جهليل پليٽ ۾ به سينڊوچ رکيل آهن.

"توهان منهنجي لاءِ ته کيس نه ٻڌايو؟"

"نه، توهان جهليو جو هو." زرينا پليٽ ٽيبل تي رکي ٿي، "توهان ڪجهه کائو."

هو اڳتي وڌي وڃي صوفا تي ويهي ٿو. زرينا سندس سامهون ويهي رهي ٿي.

"منهنجي خيال ۾ توهان بادل کي پنهنجي اچڻ جو اطلاع به نه ڪيو هو."

"ها، مون کيس سرپرائيز ڏيڻ ٿي چاهيو. ڪنهن مهل ايندو بادل؟"

"چيائين، اجا ڪجهه ڪم رهيل آهي. ان کان پوءِ صوفيا کي هاسٽل تان وٺي ايندو. شايد کيس به اڌائي ڪلاڪ لڳي وڃن."

پٽ جون مصروفيتون ٻڌي مرڪي پوي ٿو.

"توهان واپس ڪڏهن پهتا آهيو؟" زرينا سوال ڪري ٿي.

"ايئر پورٽ کان سڌو هتي آيو هوس."

"بادل ٻڌايو هو، توهان انهن مهينن کان ٻاهر هيئو!"

"ها، فار ايسٽ کان ٿيندو يورپ هليو ويو هوس. مختلف ملڪن ۾ ڀٽڪندو رهيو آهيان، ڪنهن آواره بادل جيان!" ڏاڙهيءَ ۾ هٿ ڦيرائيندو رهي ٿو.

"توهان سينڊوچ وٺو نه، خبر ناهي لنچ به ڪني اٿو يا نه!"

"مسافر آهيان مان ته... ڪهڙي ترتيب هوندي آهي ڪنهن مسافر وٽ. ظاهري طور تي ته مون ان مهينا ٽريول ڪيو آهي پر......" جملي کي اڌورو ڇڏي ٿو ڏي.

"پر ڇا؟!" زرينا تجسس مان پڇي ٿي.

"لڳي ٿو، مان ٻارنهن سالن کان سفر ۾ آهيان. شايد منهنجي سفر جي شروعات ٻارنهن سال اڳ سپرهاني وي تان ٿي هئي!" هو ڪنڌ جهڪائي ٿو ڇڏي.

"توهان سينڊوچ ته ونو نه!" زرينا موضوع کي بدلائڻ جي ڪوشش ٿي ڪري، پر هوءَ پنهنجي من جي هائي وي تي ڪنهن وڏي حادثي جو درد ٿي محسوس ڪري.

هو پليٽ کڻي زرينا ڏانهن وڌائي ٿو.

"نه، مون کي ضرورت ناهي."

"پليز ونو."

زرينا هڪ سينڊوچ کڻي وٺي ٿي. هو بيو سينڊوچ کائڻ لڳي ٿو. سينڊوچ کائي، ٽيڪ ڏئي آهلي ٿو پوي. زرينا اڌ کاڌل سينڊوچ پليٽ ۾ واپس رکندي چوي ٿي، "ڪجهه دير اڳ مون توهان کي هڪ جملو چيو هو!."

"ڇا؟" هو سنڌو ٿي ويهي ٿو.

"سيپريشن جي معاملي ۾ توهان اڄا به مون کي ڏوهي ٿا سمجهو؟"

"خبر ناهي!" هو ٿڌو ساهه کڻي ٿو، "ڪير فيصلو ڪري سگهندو!"

"ڇا........ ڇا توهان کان پنهنجو رويو وسري ويو آهي؟" زرينا منجهڻ لڳي ٿي.

"منهنجو رويو ته مان سمجهان ٿو ڪڏهن به توهان سان خراب نه رهيو هو!"

"نه، منهنجو مطلب آهي........ گهر کان ٻاهر توهان جون مصروفيتون.. گهر کان ٻاهر جي ڪمپني.........."

"منهنجي ڪمپنيءَ ۾ ڪا به بُرائي نه هئي زرينا!" هو اعتماد سان ورائي ٿو.

"ها..... شايد..... انهيءَ معاملي ۾ ڪڏهن ڪڏهن مان به ائين ئي سوچيندي آهيان. منجهي پوندي آهيان." هوءَ ڪنڌ لوڏي، ڌيمي لهجي ۾ ورائي ٿي.

"مان اڄ تائين سمجهي نه سگهيو آهيان، ته توهان وٽ مون کان ڌار ٿيڻ جا ڪهڙا نوس جواز موجود هيا؟"

"خبر ناهي.... خبر ناهي مون کي....." زرينا اندر ئي اندر جهُرڻ لڳي ٿي. سندس جيءَ کي لڳل جهوري ئي اوچتو ڪَرَ موڙڻ لڳي ٿي، ۽ سندس اڪڙيون ڪيس وسڻ جا ويس ڪندي محسوس ٿين ٿيون.

"زرينا! مون ڪڏهن اهو تصور به نه ڪيو هو ته وري ڪڏهن زندگيءَ ۾ توهان سان هيئن روبرو ويهي ڳالهائي سگهندس." هو ڏک مان ورائي ٿو، "فضائن ۾ ڦلجي ويل دز وقت سان گڏ ويهجي ويندي آهي، تڏهن ڌنڌ ۾ گم ٿي ويل سڀ منظر اسان جي اکين اڳيان چٽا ٿي پوندا آهن. دل اندر اُٿيل گرم هوائن جي سرد ٿيڻ کان پوءِ سوچ جي غلطين جو تعين ڪري سگهبو آهي!"

زرينا جي نيڻن مان لڙڪ لڙي ٿا پون. هوءَ رئي جي پلو سان ڳوڙها اگهڻ لڳي ٿي. هو اٿي ڊرائنگ روم کان ٻاهر هليو ٿو وڃي.

پاڻيءَ جو گلاس کڻي اچي زرينا جي اڳيان جهلي ٿو.
"مهرباني!" زرينا کانئس گلاس وٺي چپن ڏانهن وڌائي ٿي.
هو صوفا تي وڃي ويهي رهي ٿو. زرينا گلاس ٽيبل تي رکي ٿي ته هو ڳالهائي ٿو. "توهان جي مون کان بدظن ٿيڻ جو سبب شاني ته نه هئي؟"
زرينا جي چهري تي هڪ رنگ اچي اڏامي ٿو وڃي. هوءَ سندس سوال جو ڪوبه جواب نٿي ڏئي. سندس چهري تي سوچ جون ريکائون ماضيءَ ڏانهن ويندي محسوس ٿين ٿيون.
"مجان ٿو ته مان باقاعدگيءَ سان شانيءَ سان ملندو هوس. هوءَ ڏاڍي ميچوئر ڊراما آرٽسٽ هئي. اتفاق آهي ته عام طور تي مون سان گڏ ڪيس گهڻو ڪاسٽ ڪيو ويندو هو، ۽ گهڻيءَ حد تائين اسان ۾ ذهني هم آهنگي به هئي."
هڪ لمحي لاءِ هو رڪجي ٿو ته زرينا هڪ جملو ڳالهائي وٺي ٿي، "۽ هوءَ خوبصورت به هئي!"
"واقعي هوءَ خوبصورت هئي، پر حسن فقط ظاهر جو نالو ناهي: سندس باطن به بيحد خوبصورت هو. هوءَ ڪا عام ۽ سطحي فنڪار نه هئي. پڙهيل لکيل ۽ سلجهيل ذهن واري عورت هئي. فن، ادب ۽ شاعريءَ تي به ڳالهائي سگهندي هئي. انهن سڀني محرڪن ۽ گڏ ڪم ڪرڻ سبب اسان جي ويجهڙائي، مان سمجهان ٿو ته فطري ڳالهه هئي. ساڻس منهنجي واسطي ۾ ڪوبه اڻ وڻندڙ جواز قطعي نه هو."
"هون!"
"سچ ٻڌايو، منهنجو شانيءَ سان واسطو ته سيپريشن جو سبب نه بڻيو هو؟"
"بظاهر ته مون کي شانيءَ جي نيت ۽ ڪردار ۾ ڪوبه شڪ محسوس نه ٿيو هو ۽ مان سمجهان ٿي، شاني اسان جي وچ ۾ ڪنهن وڏي مسئلي جو سبب نه هئي!"
"ته پوءِ توهان مون کي نادره جي معاملي ۾ سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي هوندي!" هو انديشو ظاهر ٿو ڪري.
"نادره ته ڏاڍي چڱي ڇوڪري هئي!" زرينا وراڻي ٿي.
"پر ڪڏهن ڪڏهن نادره جي حوالي سان مون کي توهان جو ڪونه ڪو جملو ٻڌڻو پوندو هو!" هو ذهن تي زور ڏيندي چوي ٿو. "جينوئنيڪ نادره ۽ منهنجي عمر ۾ ڪافي فرق هو. پر يقين ڪيو، گهر کان ٻاهر مان ساڻس گهٽ ئي مليو هوس. هوءَ اڪثر توهان جي سامهون ئي اچي مون سان ملندي هئي. مون کي پائيندي هئي، فقط هڪ آرٽسٽ جي حيثيت سان. ٻيو ڪو مسئلو نه هو. هوءَ ڏاڍي معصوم ڇوڪري هئي. ڪيس احساس ئي نه هو، ته سندس انهيءَ عقيدت ۽ معصوم چاهت سبب مون کي توهان جا جملا ٻڌڻا پوندا هئا!"
"ها، مون کي به محسوس ٿيندو هو ته هوءَ ڏاڍي معصوم ڇوڪري آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن هن جو توهان سان فري ٿيڻ منهنجي اندر جي عورت کان برداشت نه ٿيندو هو." زرينا ماضيءَ ۾ جهاتيون پائڻ لڳي ٿي، "۽ گهر آيل مهمان کي ڪجهه چوڻ بجاءِ مان اڪثر ڪاوڙ توهان تي ئي اڪيلائيءَ ۾ هاري وٺندي هيس. پر مان سچ ٿي چوان، نادره به مون کي توهان کان ڌار ڪرڻ جو سبب محسوس نٿي ٿئي!"
ڪجهه دير ٻئي خاموش ٿي وڃن ٿا. اندر ئي اندر جڻ ٻئي ماضيءَ جي پيچرن تي هلندا رهن ٿا.
"مارگريٽ جي باري ۾ توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟" هو سوال ڪري ٿو.

مارگريٽ جو نالو ٻڌي زرينا جي چهري تي هڪ رنگ اچي هليو ويو ٿو.

هوءَ ڪي لمحا ڪجهہ سوچڻ لڳي ٿي، ۽ پوءِ وراڻي ٿي، "مارگريٽ سان تہ توهان جو ڪافي وقت گذرندو هو!"

"۽ مارگريٽ جي حوالي سان ماڻهو توهان کي فضول ڳالهيون بہ ٻڌائيندا هئا!"

"خبر ناهي.........."

"هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾، باقي نرسن کان مان مارگريٽ کي انگريزي وڌيڪ پسند ڪندو هوس، تہ هوءَ پنهنجي ڊيوٽيءَ کي فرض سمجهي ڪندي هئي!"

"۽ ڇا نائيٽ ڊيوٽيءَ ۾ اڪثر توهان سان ڏگهيون سيٽنگس نہ ڪندي هئي؟" زرينا جي لهجي ۾ مارگريٽ جي حوالي سان اڃا بہ ڪجهہ تلخي ٿي محسوس ٿئي.

"هڪڙي ٻي وارڊ ۾ نائيٽ ڊيوٽيءَ سبب ڏگهيون سيٽنگس ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ ناهي. هونءَ بہ هوءَ دلچسپ گفتگو ڪندي هئي، لطيفا ٻڌائيندي هئي، شعر ٻڌائيندي هئي، تنهن ڪري نائيٽ ڊيوٽيءَ جو عذاب گهٽجي ويندو هو. مان فقط انگريزي ٻي ڪيس ريسپانس ڏيندو هوس."

"پر ڪڏهن منهنجي اندر ۾ شڪ جو ڪنڊو چڀڻ لڳندو هو، تہ هوءَ توهان کي مون کان شيئر ٿي ڪري!"

"توهان فقط ماڻهن جي، ڳالهين تي ڌيان ڏنو هو، منهنجي اندر جي سچائيءَ کي نہ پرکيو هو!"

"شايد توهان درست آهيو."

"مان سمجهان ٿو، شايد مارگريٽ جو وجود اسان جي جدائيءَ جو سبب بڻيو هو!"

"نہ، ان وقت بہ مان ائين ٿي محسوس ڪندي هيس تہ توهان وقتي طور تي مارگريٽ ڏانهن ڇڪجي ٿا وڃو. باقي هونءَ مارگريٽ جي شخصيت ۾ مون کي ڪڏهن بہ اهو سحر محسوس نہ ٿيو هو، جيڪو توهان کي قابو ڪري وٺي."

"تہ پوءِ اسان جي زندگيءَ جي حادثي ۾ مارگريٽ جو ڏوهہ نہ هو!"

"نہ، قطعي نہ."

"مان اڪثر راتين جو گهر کان ٻاهر رهندو هوس." هو ڏاڙهيءَ ۾ هٿ ڦيريندي چوي ٿو، "ڪڏهن هاسپيٽل ۾ نائيٽ ڊيوٽي هوندي هئي، تہ ڪڏهن وري دير تائين ٽي.وي. اسٽيشن تي هوندو هوس."

"ها، توهان اڪثر دير سان واپس ايندا هئا، يا سڄي رات بہ غائب هوندا هئا!"

"زرينا، اسان جيڪو هڪڙي منٽ جو سين ٽيليويزن اسڪرين تي ڏسندا آهيون، ڪڏهن ڪڏهن ان هڪڙي منٽ جي سين جي رڪارڊنگ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ لڳي ويندا آهن! نجاڻ ڪيترا ريٽيڪ ڏيڻا پوندا آهن. جيڪڏهن هڪڙي آرٽسٽ کان ڪا معمولي غلطي ٿي وڃي، تہ ان سين ۾ موجود باقي سڀني آرٽسٽن کي بہ ظاهر آ اهو سين ٻيهر رڪارڊ ڪرائڻو پوندو آهي. فنڪار تہ ٻين جي غلطين جي سزا بہ ڀوڳيندو آهي! اسين فنڪار تہ هڪڙو سين رڪارڊ ڪرائڻ کان پوءِ، وري پنهنجو ٻيو سين اچڻ تائين ڪجهہ دير سڪون سان سيٽ تي ويهي سگهندا آهيون، پر مصيبت تہ پروڊيوسر لاءِ هوندي آهي، جيڪو مسلسل پينل تي قابو هوندو آهي!" ڪيس موضوع کان هٽي وڃڻ جو احساس ٿو ٿئي تہ هو خاموش ٿي وڃي ٿو. ۽ ڪجهہ وقفي کان پوءِ چوي ٿو، "پر مان

سمجهان ٿو، راتين جو دير سان اچڻ اسان جي وچ ۾ ڪنهن وڏي حادثي جو سبب نہ هئڻ ڪپندو هو. ان ڪري تہ توهان کي خبر هوندي هئي تہ يا تہ مان هاسپيٽل ۾ ڊيوٽيءَ تي آهيان، يا ڪنهن ڊرامي جي رڪارڊنگ ۾."

"ها، مان محسوس ڪيان ٿي تہ اهو بہ ڪو ايڏو وڏو جواز نہ هو!" هوءَ پنهنجي چهري جي پاسي تي وري آيل وارن کي پوئتي هٽائي ٿي.

"تہ پوءِ شايد راحيلا خان اها هستي هئي، جنهن توهان کي ذهني طور سي مون کان دور ڪري ڇڏيو هو!" هوءَ خاموش ٿي گهور ڪري زرينا ڏانهن ڏسي ٿو.

زرينا ڪنڌ جهڪائي ٿي ڇڏي.

"راحيلا خان جي ڪري توهان اڪثر مون سان تيز ٿي ويندا هئا! پر يقين ڪيو، راحيلا سان منهنجي ويجهڙائي فقط ذهني هم آهنگيءَ جي ڪري هئي. فرينچ ڄاڻندڙ اها خاتون جڏهن بہ ڪنهن فرينچ نظم جو ترجمو ڪندي هئي تہ مون کي اچي ڏيکاريندي هئي. هوءَ ٻوليءَ جي معاملي ۾ مون کان صلاح وٺندي هئي، جو ڪيس گرامر جي گهڻي ڄاڻ نہ هئي. ائين ئي آهستي آهستي منهنجي ساڻس ويجهڙائي ٿي هئي. باقي جيڪڏهن هوءَ خوبصورت هئي، خدا ڪيس حسن ڏنو هو، تہ ان ۾ منهنجو تہ ڪو قصور نہ هو!"

"توهان گهر کان ٻاهر بہ تہ اڪثر ساڻس ملندا هئا!"

"ها، گهڻو ڪري فنڪشنس ۾ هوءَ مون سان گڏ اچي ويهندي هئي."

"ساڻس گڏ توهان مختلف هنڌن تي گهمندا بہ تہ هئا!"

"ها، هڪڙو دفعو ساڻس گڏ بيچ تي ويو هوس، يا ڪجهہ دفعا ڪنهن ريسٽارنٽ ۾ ويهي ساڻس چانهہ پيتي هئم."

"پر مون کي محسوس ٿيندو هو تہ توهان ڪيس ڪجهہ وڌيڪ وقت ڏئي رهيا آهيو!"

"مان ڪيس ايترو ئي وقت ڏيندو هوس، جيترو ڪنهن مرد دوست کي ڏئي سگهان ٿو. مون ڪيس ڪڏهن بہ عورت ڪري نہ ڏٺو هو، هوءَ مون کي دوست ئي محسوس ٿيندي هئي. جيڪڏهن وقت جي ڳالهہ آهي، تہ راحيلا خان جڏهن بہ ايندي هئي، مون کان وڌيڪ سندس وقت تہ توهان سان گذرندو هو!"

زرينا ڪوبہ جواب نٿي ڏئي، ڇڻ وٽس انهيءَ ڳالهہ جو ڪو جواب آهي بہ نہ. هو وري ڳالهائي ٿو، "توهان يقين ڪيو، راحيلا خان ڏاڍي صاف دل واري خاتون هئي. هوءَ اڪثر مون کي توهان جو خيال رکڻ لاءِ چوندي هئي."

"ها، ائين تہ واقعي هو. هوءَ پاڻ بہ منهنجو ڏاڍو خيال ڪندي هئي!" زرينا اعتراف ٿي ڪري.

"توهان يقين ڪيو، جنهن ڏينهن راحيلا کي خبر پئي تہ مون توهان کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي، ان ڏينهن کان پوءِ هن مون سان ملڻ ڇڏي ڏنو."

"۽ توهان بہ يقين ڪيو تہ مون بہ راحيلا کي غلط نہ سمجهيو هو، پر نجاڻ ڇو ڪڏهن ڪڏهن منهنجي اندر ۾ شڪ جي اونداهي پکڙجڻ لڳندي هئي!" سندس لهجي ۾ افسوس جو تاثر آهي، "پر راحيلا خان کي بہ مون ڪڏهن ڏوهي محسوس ناهي ڪيو."

"تہ پوءِ ڇا هو! ڇا ٿي ويو!" هو پنهنجي اندر ۾ ڪجهہ پڄندي پُرندي محسوس ٿو ڪري.

زرينا ڪوبہ جواب نٿي ڏئي. ڄنگهون سڌيون ڪري، صوفي تي ٽيڪ ڏئي آهلي ٿي پوي. سندس نظرون

ڇت ۾ وڃي ويهي ٿيون رهن. ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ هوءَ خلائن ۾ دور ڪٿي گهوريندي هجي، ڪجهه ڳوليندي هجي........

ڪي خاموش لمحا هنن ٻنهي جي وجود تي ڇانئجي ٿا وڃن.

پنهنجي اندر جي ٻيچ ڏاهه کي هو پنهنجي اکين ۾ محسوس ڪري ٿو. سندس پنبڻين جي وچ ۾ پاڻي جمع ٿيڻ لڳي ٿو.

"مان هڪڙو فون ڪري وٺان!" هو اٿي ڊرائنگ روم کان ٻاهر هليو وڃي ٿو.

بيڊ روم مان فون ڪري لائونج ۾ اچي ٿو ته ڪچن ۾ آواز ٻڌي، ڪچن ڏانهن وڌي وڃي ٿو. ڪچن ۾ زرينا پنهنجي رنڌي جي پلئه سان اکين کي به اگهي رهي آهي ته ماني‍ءَ جي تياري به ڪري رهي آهي. آهٽ تي پوئتي منهن ورائي ٿي، "پليز توهان ويهو وڃي. اٽ ٿي رهيا آهن. ڪجهه ناهي وٺان، بادل به اچڻ وارو هوندو."

هو نه چاهيندي به اتان هليو وڃي ٿو. بيڊ روم ۾ وڃي ليٽي پوي ٿو. اکيون پوري ٿو ڇڏي. سڪون نٿو ملي‍س. پاسا ورائيندو ٿو رهي. ڪافي دير کان پوءِ بيچيني وڌي وڃيس ٿي ته اٿي لائونج ۾ نڪري ٿو اچي. لائونج ۾ ڊائننگ ٽيبل تي زرينا پاڻي پي رهي آهي. هو سندس سامهون وڃي ويهي ٿو، "مون کي به اڄ لڳي آهي."

زرينا خالي ٿيل گلاس ۾ بوتل اوتي، گلاس ڀري هن ڏانهن وڌائي ٿي. هو هڪ ساهيءَ گلاس وات ۾ اوتي ٿو ڇڏي، ۽ سامهون رکيل بوتل ڪٿي پاڻيءَ جو ٻيو گلاس به پي ٿو وڃي.

"زرينا، مون توهان جي حق کي ڪنهن به عورت سان، ڪڏهن به شيئر نه ڪيو هو."

"مون به توهان کي لوز ڪيريڪٽر جو طعنو ته ڪڏهن نه ڏنو هو."

"ته پوءِ هي سڀ ڪجهه ڇو ٿيو! ڇو ٿيو اهو ڪجهه!" سندس آواز ڀرجي اچي ٿو.

زرينا چپ چاپ ويٺي رهي ٿي.

"هڪ ڳالهه ٻڌايو" سندس چهري تي گهري، ڏک جي ڪيفيت محسوس ٿيڻ لڳي ٿي، "توهان کي منهنجي خاندان وارن سان ڪا خاص شڪايت هئي؟"

"نه!" زرينا وراڻي ٿي، "توهان ته شروع کان ئي مون کي ڏار رکيو هو."

"۽ مون کي به ته توهان کان ڪا وڏي شڪايت ڪڏهن نه رهي هئي." هو ڀيڙجڻ لڳي ٿو، "نه مون گهر جي انتظامن بابت ڪڏهن شڪايت ڪئي هئي، ۽ نه ڪڏهن توهان جي ڪردار تي شڪ ڪيو هوم. پوءِ اهو سڀ ڪجهه ڇو ٿيو؟"

زرينا کي ڪوبه جواب نٿو سجهي.

"ڪهڙو سبب هو آخر؟" هو پنهنجي سوال تي زور ٿو ڏئي.

"سبب!" زرينا جهرڻ لڳي ٿي......

"ها، مون کي سبب ٻڌايو. ٻڌايو ڪهڙو سبب هو؟"

"الائي ڪهڙو سبب هو! الائي ڪهڙو سبب هو!" زرينا پنهنجو منهن، هٿن جي وچ ۾، ڊائننگ ٽيبل تي رکي ڇڏي ٿي. ڪجهه دير کان پوءِ هو زرينا جو دٻيل دٻيل سڏڪو ٻڌي ٿو.

"زرينا، پليز!" هو زرينا کي سڏي ٿو.

زرينا ڀنل اکين سان منهن مٿي ڪري ٿي، "توهان کي ڪهڙي خبر! مان ته پاڻ گذريل ٻارهن سالن کان

لمحن کي قيد ته نٿو ڪري سگهجي نه! هونءَ به هڪ ڇت هيٺان هاڻ وڌيڪ وقت گذارڻ جو مون وٽ ڪوبه جواز ناهي!"

زرينا ڪوبه جواب نٿي ڏئي. سندس چيل ڳالهه جي جواب لاءِ زرينا کي لفظن جو هئڻ به ممڪن نٿو لڳي. بس، سندس اندر ۾ ڪو احساس سڏڪي رهيو آهي. احساس جي سڏڪن هاڻي ڪميونيڪيشن جي باوجود به ڪڏهن ڪڏهن مجبورين جي ڄار ۾ ڦاسي، انسان دل جي درياهه مان ٻاهر ڇڪجي ويندو آهي! اهڙي ئي ڪيفيت آهي هن جي، پر هو درد جي وجود تي هيومر جي چادر تاڻي، هلڪي رڙ ٿو ڪري، "بادل--! اڙي پلستر، هيڏانهن اچ!"

بادل ڊرائنگ روم جي دروازي ۾ اچي بيهي ٿو. چپ چاپ، اٻاڻڪو. ڇو ته هن پنهنجي پيءُ جي وڃڻ بابت ٻڌي ورتو هو. ۽ کيس خبر آهي، ته ڪنهن به حالت ۾ پيءُ کي روڪي نه سگهندو. پيءُ جي طبيعت کان هو چڱيءَ ريت واقف آهي.

"صوفيا کي سڏي وٺ، ۽ هيڏانهن اچي ويهه!"

بادل اتان ئي ڪنڌ ورائي، لائونج ۾ ويٺل صوفيا کي سڏي ٿو، ۽ پاڻ پيءُ جي پاسي ۾ اچي ويهي رهي ٿو. صوفيا سندس سامهون، زرينا جي پرسان اچي ويهي ٿي. هو بئگ جي زپ کوليندي بادل ڏانهن ڏسي هلڪي ٽهڪ سان چوي ٿو، "۽ هاڻي ٻوگانو چوڻ جو وقت اچي ويو آهي، اچا تو هم چلتي هين!"

هو پرفيوم جون ٻه باٽلز ڪڍي، هڪ بادل جي هٿ ۾ ڏئي ٿو، ۽ پوءِ اٿي وڃي هڪ باٽل صوفيا کي ڏئي، سندس مٿي تي هٿ رکي ٿو، "پٽ! منهنجي بادل کي، منهنجي پلستر پٽ کي سڄي زندگي خوب ٽنگ ڪجانءِ، وڙهجانس، ناراض ٿجانس، پر پيار جي خوشبوءِ کي سنڀالي رکجانءِ. ڇو ته اها خوشبو اڏامي وڃي، ته پنهنجو وجود وڃائي ويهندي آهي!" سندس لهجو ڳرو ٿي وڃي ٿو. سندس هٿ صوفيا جي مٿي تي پيل رهي ٿو، ۽ هو ڪنڌ ورائي بادل ڏانهن ڏسي ٿو، "محبتن جي ڇت ۾ ڪڏهن به غلط فهمين جا ڪريڪس نه وجهجو!"

صوفيا کي مٿي تي چمي ڏئي وڃي پنهنجي جاءِ تي ويهي ٿو، ۽ بئگ جي زپ بند ڪرڻ کان اڳ پرفيوم جي ٽئين باٽل ڪڍي، زرينا ڏانهن ڏسي، بنا ڪجهه چوڻ جي ٽيبل تي رکي ٿو ڇڏي، ۽ بئگ ڪڻي اٿي بيهي ٿو رهي. هو سڀ اٿي بيهي رهن ٿا.

بادل کي خبر آهي ته وهندڙ درياهه کي روڪڻ ممڪن ناهي، پوءِ به هو آخري ڪوشش ڪري ٿو، "بابا! مون امان کي چانهن ناهڻ لاءِ چيو هو."

هو هلڪو ٽهڪ ڏئي، بادل کي ڀاڪر ۾ ڀري وٺي ٿو، "اڙي پلستر! منهنجي حصي جو پٽيءَ وارو ڪڙو پاڻي تون پي وٺجانءِ!" بادل کي ڀاڪر مان ڪڍي صوفيا ڏانهن ڏسي پنهنجي ڳالهه جاري رکي ٿو، "۽ منهنجي حصي جي کنڊ جا به وڌيڪ چمچا صوفيا جي ڪپ ۾ وجهي ڇڏجانءِ."

"چڱو، مان توهان کي ڇڏي اچان!" بادل ورائي ٿو، "هونءَ به صوفيا کي ڇڏڻ لاءِ وڃڻو اٿم."

"توکي خبر آهي، ته مان ڪڏهن ڪڏهن ئي توکي ڪو حڪم ڏيندو آهيان!" بادل جي ڪلهي تي هٿ رکي ٿو، "هاڻي به مان توکي حڪم ٿو ڏيان، ته تون صوفيا کي ٻن وڌيڪ کنڊ جي چمچن وارو چانهه جو ڪپ پيارڻ کان سواءِ ڊرائنگ روم کان به ٻاهر قدم نه رکندين-- مان پاڻيهي هليو ويندس." هو زور ڏئي بادل کي ويهاري ڇڏي ٿو.

بنگ ڪٽي زرينا ڏانهن ڏسي ٿو، سندس نظر زرينا جي وجود تي بيهجي وڃي ٿي، پر ٻئي پل ئي محسوس ڪري ٿو تہ سندس پيرن ۾ پيل ڏور انهن ڪاربس سان ٻڌل آهي، جيڪي سندس هٿن مان ڇڏائجي، طوفان ۾ اڏامي رهيا آهن ۽ هو طوفاني هوائن ۾ آيل ڇٽيل پن جيان ٻاهرئين دروازي ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿو.

دروازي مان ٻاهر نڪري، پوئتي هٿ ورائي دروازو بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ سندس هٿ ٺاڪ بجاءِ ڪنهن ڪپڙي ۾ وڃي اٽڪي ٿو. پوئتي منهن ورائي ڏسي ٿو، زرينا جي رئي جو پلئہ سندس هٿ ۾ آهي، ۽ هوءَ در ڪي ٽيڪ ڏئي بيٺي آهي. هو رئي جي پلئہ کي ڇڏي ڏئي ٿو. هڪ پل لاءِ پنهنجي خالي هٿ کي ڏسي ٿو، ۽ پوءِ ڪنڌ ورائي ڏاڪا لهڻ لڳي ٿو. ڪجھہ هيٺ وڃي، ڪنڌ ورائي پوئتي ڏسي ٿو. زرينا اڃا بہ دروازي ۾ بيٺي آهي، ۽ سندس اکين مان بہ لڙڪ سندس چهري تي نشان ڇڏي ڪٽي ڪري پيا آهن. ڪي پل هو زرينا جي پيلي چهري ڏانهن ڏسندو رهي ٿو، ۽ پوءِ موڪلائيءَ لاءِ هٿ مٿي ڪري ٿو تہ سندس پنبڻين مان بہ ٻہ لڙڪ ٽمي سندس ڏاڙهيءَ جي وارن ۾ اٽڪي ٽا پون. موٽ ۾ زرينا هٿ مٿي ڪري ٿي تہ سندس هٿ ۾ جهليل پرفيوم جي باٽل هٿ مان ڇڏائجي، فرش تي ڪري ٽٽي پوي ٿي. خوشبو اُڏامڻ لڳي ٿي!

هو مٿي ڪنيل هٿ واري ٻانهن سان اکيون اگهي، ڪنڌ ورائي، ڳرا ڳرا قدم کڻندو ڏاڪڻ لهڻ لڳي ٿو.

• • •



گابريل لائوب

ولي رام ولڀ

# ڏُکارو منطق

چيڪ/جرمن

ايفورزِم (Aphorism) هڪ مختصر پر جامع جملي کي چئبو آهي، جيڪو مثال ڏيني، پيٽ ڪرڻ جي ذريعي يا ڪنهن شيءِ جي خلاف اظهار راءِ سان پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪري. ايفوررزم جي لفظي معنيٰ آهي مختصر، اٿپورو ۽ زوردار. يوناني فيلسوف هيپوڪراٽس کي انهيءَ صنف جو معندار ڪوٺيو ويندو آهي. جرمن ادب ۾ گوئٽي ۽ فيلسوف شوپنهار ۽ نيچي (نطشي) انهيءَ صنف کي ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيو آهي. سڀيوڳي اديبن ۾ خاص ڪري گابريل لائوب انهيءَ صنف تي ڪم ڪيو آهي. لائوب ١٩٢٨ع ۾ چيڪوسلاواڪيا جي اُن حصي ۾ پيدا ٿيو، جتي جرمن زبان ڳالهائي وڃي ٿي. تعليم پراگ ۾ حاصل ڪيائين ۽ اُتي ئي صحافيءَ ۽ اديب جي حيثيت سان پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين. ١٩٦٨ع ۾ جڏهن چيڪوسلاواڪيا ۾ روسي فوجون گهڙي آيون ته هو مغربي جرمنيءَ هليو ويو. "ڏُکارو منطق" جي عنوان سان هن ايفوررزم جو هڪ مجموعو شايع ڪيو هو. هيٺيون مواد اُنهيءَ مان چونڊيو ويو آهي.

- منطق هيٺئين طبقي جي شيءِ آهي. معزز ۽ طاقتور ماڻهو انهيءَ کان سواءِ ئي پنهنجو ڪم ڪڍيو وڃن. جنهن شخص کي سزاوار هئڻ کان سواءِ سزا ڏني ويندي آهي، اُن جو ذميوار هو پاڻ آهي. هن کي ڪو سزا جوڳو ڪم ڪرڻ گهرجي ها.
- ڪوبہ شخص ايتري قدر عقلمند نٿو ٿي سگهي جو هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي عقلمند انسان نہ سمجهندو هجي.
- هر شخص پيسن خاطر شادي ڪندو آهي. ڪيس گهٽ ۾ گهٽ اها سُڌ تہ آهي تہ هن شادي ڇا لاءِ ڪئي هئي.
- حسابي علم اسان کي سيکاري ٿو تہ ٻُڙين کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي.
- ٻن ٻُڙين جي وچ ۾ ايڏو وڏو تفاوت نٿو ٿي سگهي.
- جيڪو بہ پنهنجي پاڻ کي پيٽ ڏاول ۽ تازو توانو ڏسڻ جي خواهش رکي ٿو، ونس سڀ ڪجهہ ڳڙڪائڻ جي صلاحيت بہ هجڻ گهرجي.
- وقت پئسي جي برابر آهي؟ اها شيءِ ڪنهن ٻئي هنڌ دريافت ٿي. اسان وٽ انهيءَ قسم جي تحقيق لاءِ نہ

• گهڻن ماڻهن لاءِ سياست هڪ Hobby جو درجو رکي ٿي، جيئن ٽپال جون ٽڪليون گڏ ڪندڙ اهو فيصلو ته نٿا ڪري سگهن ته ڪهڙيون ٽڪليون جاري ڪيون وڃن پر جيڪو به هوشيار آهي، اهو انهن مان ڏاڍا پيسا ڪمائي سگهي ٿو.
• حاڪم چيو: منهنجي رعيت آزاد آهي ۽ ڪيس آزاديءَ سان محبت ڪرڻ جو حڪم آهي.
• خودڪشي ڪندڙن کي ناجائز طور رياست جي حقن ۾ دست اندازي جي الزام هيٺ سزا ملڻ گهرجي.
• ظالم حاڪم چرچو ڪيو. هن هڪ ڏوهاري کي سچ پچ سزا ڏيڻي ڇڏي.
• "جيڪو به مهاتما ٻڌ جي تصوير ٺاهي ٿو، اهو ٻڌ ۾ ايمان نٿو رکي." هڪ چيني چوڻي پهاڪو آهي - اسان ٻڌ جي تصوير ٺاهي ۽ اُن تي ايمان آندو.
• مان اعلان ڪريان ٿو ته مان امن جي قيام لاءِ هر اها ڳالهه ڪندس، جيڪا منهنجي اختيار ۾ هوندي. انهيءَ اعلان جي ذريعي مون امن جي قيام لاءِ هر اُها ڳالهه ڪئي آهي، جيڪا منهنجي اختيار ۾ هئي.
• اڳاٽي زماني ۾ هر غير شادي شده ڇوڪري ڪنواري سمجهي ويندي هئي. اڄ ڪلهه هر ملازم کي ڪم ڪندڙ سمجهيو وڃي ٿو.
• جنهن جنگ نه ڏٺي آهي، اُن کي اها سُڌ نٿي پئجي سگهي ته جنگ کان اڳ جو زمانو ڪيڏو شاندار هو.
• ڪاغذ صابر شيءِ آهي. اهو سڀ ڳالهه کي به برداشت ڪري وٺي ٿو.
• اهو چوڻ فقط پروپيگينڊا آهي ته اخبارون پنهنجي پڙهندڙن کي سوچڻ تي مجبور نٿيون ڪن. اُهي باقاعدگيءَ سان معما شايع ڪنديون آهن.
• رستا جيڪي ڪيڏانهن نٿا وڃن، اهي انتهائي پُر امن هوندا آهن.
• ٽريفڪ جي حادثن ۾ ڏوهاري اُهي آهن جيڪي زنده بچي نڪتا. سياسي حادثن ۾ معاملو اُبتو آهي.
• پنهنجي ڪمزوريءَ کي وقت جي سر تي نه مڙهيندا ڪريو. اُن جون پنهنجون ڪمزوريون ڪافي آهن.
• آخِر ڪوئن کي ڇو ٿو ننديو وڃي جو اُهي ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي ڇڏيو وڃن؟ ٻڏندڙ ٻيڙيءَ ۾ ڪوئن جي پلا ضرورت به ڪهڙي آهي؟
• مان سوچ ويچار ڪرڻ تي ٽئڪس لڳائڻ جو مطالبو ڪريان ٿو، جيئن اُن جي قانوني حيثيت بنجي سگهي.
• سوچ ويچار تي ٽئڪس هيستائين رڳو انهيءَ سبب ڪري نه لڳايو ويو آهي، جو انهيءَ جي هئڻ سان تمام گهٽ آمدني ٿيندي.
• دليلن جي مقابلي ۾ حوالا بهتر آهن. حوالن جي ذريعي پنهنجي مد مقابل کي قائل ڪرڻ کان سواءِ انسان بحث ۾ جيتي سگهي ٿو.
• معاشري انسانن کي غلاميءَ جي حالت ۾ رکڻ خاطر ٽي شيون ايجاد ڪيون آهن - طاقت، پيسو ۽ آزادي.
• انسان هڪ ئي وقت دوران ٻن صوفن تي نٿو ويهي سگهي. پر انهن تي آرام سان ليٽي ضرور سگهي ٿو.
• حاڪم طبقو جيڪو دوکيبازيءَ وسيلي طاقت کي پنهنجي هٿ وس رکي ٿو، پنهنجي انسانيت نوازي ۽ پنهنجي نيڪ ارادن جو ثبوت ڏيندو آهي. اهو طاقت جو استعمال به نه ڪري سگهي ٿو.

- "مان ۽ منھنجو گڏھ." انھيءَ شخص چيو، جيڪو گڏھ جي پُٺيءَ تي چڙھيل ھو. "اسان مڪمل طور آزاد آھيون ۽ جتي چاھيون اوڏانھن چڙھي وڃي سگھون ٿا."

"ھا، ھا. درست آھي." گڏھ چيو.

- جيڪڏھن غلام ايتري قدر ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿين ھا جيتري قدر اڄ ڪالھ آزاد انسان ڪن ٿا تہ اڄ بہ غلامي جو زمانو ھجي ھا.
- غلام: اھي اُھي ماڻھو ھئا، جن جي ھڪ مقرر قيمت ھوندي ھئي.
- ڪتا جيڪي ڀونڪندا آھن اُھي چڪ نہ پائيندا آھن. پر اھي مسلسل تہ نٿا ڀونڪن.
- انسان ھميشہ بدلبو رھندو آھي، پر انسانيت ۾ ڪابہ تبديلي نٿي اچي.



## قاضي اياز مهيسر

# هڪ PREMATURE ڪهاڻي

هُو هڪ عجيب فلاسفر هو، نهايت عجيب. چوندو هو: مون کي عجيب لفظ کان سواءِ ٻي ڪابه شيءِ عجيب نه لڳي آهي. چون ٿا ته هڪ دفعي هُن "عجب" جي عنوان سان هڪ اهڙو عجيب نظم لکيو، جنهن جي ڇپجڻ سان دُنيا ڀر جي انقلابين کي هڪ عجيب خطرو لاحق ٿي پيو. جيتوڻيڪ اُن نظم ۾ هن انقلابين جو ڪو به ذڪر نه ڪيو هو، پر تنهن هوندي به هو متس ايڏو ته ناحق ناراض ٿيا جو مجبوراً هُن کي هڪ ٻيو نظم لکڻو پيو. ٻئي نظم ۾ هن هڪ عجيب مخلوق بيان ڪئي، جيڪا عجب جو هڪ عجيب خون ڪرڻ لاءِ عجيب رٿائون رٿي رهي هئي. ڪجهه وقت کان پوءِ هن جو هڪ ٻيو نظم، "عجب جو آخري نظم" جي عنوان سان ڇپيو، جنهن ۾ هن انڪشاف ڪيو ته اُن کان اڳ ۾ جو اها عجيب مخلوق پنهنجي عجيب ارادن ۾ ڪامياب ٿئي، هُن عجب جو هڪ عجيب، نهايت عجيب خون ڪري ڇڏيو.

اُن ڏينهن کان پوءِ هن نظم لکڻ ڇڏي ڏنا، پر هن جي مڙني پڙهندڙن ۽ پبلشرن کي اُن عجيب قتل متعلق عجيب عجيب وسوسا ٿيڻ لڳا. هُن جي نظم نه لکڻ واري اوچتي فيصلي کي به نهايت عجيب سمجهيو ويو ۽ ڪن حلقن ته عجيب عجيب نڪته چينيون به شروع ڪري ڏنيون. بهرحال ان سموري عجيب صورتحال کان واقف هوندي به هو چپ رهيو.

عجيب ڳالهه ته هن جي چپ کي به ڏاڍو عجيب ۽ سحر انگيز قرار ڏنو ويو. هڪ پبلشر ته ائين به چيو ته هُن جي خاموشي pregnant pause آهي ۽ اُن عجيب pause ۾ نه جاڻ ڇا ڇا سرجي رهيو آهي، ۽ ان ۾ ڪو به تعجب نه آهي ته هو هڪ دفعو وري عجب جا نوان پهلو اُجاگر ڪندو. تعجب آهي ته صرف اهو ته اُهي عجيب پهلو ڪهڙا هوندا؟

هُن عجيب فلاسفر کي دوربينين کان سخت نفرت هوندي هئي. چوندو هو انسان صرف هڪ ڪيفيت ۾ دوربينين ڏانهن مائل ٿي سگهي ٿو ۽ اُها ڪيفيت تڏهن حاصل ٿي سگهي ٿي، جڏهن هو پنهنجي آس پاس جي شين کان نابين ٿي چڪو هجي يا ٿيڻ چاهيندو هجي. نابيني دوربيني کي جنم ڏئي يا نه ڏئي، پر دوربيني نابيني کي جنم ضرور ڏيندي آهي، ۽ اُها نابيني ٿوري وقت لاءِ ٿورين شين لاءِ به ٿي سگهي ٿي ۽ گهڻي وقت لاءِ گهڻين شين لاءِ به.

هن عجيب فلاسفر جي عجيب خصلتن مان هڪ خصلت اها به هئي ته هو پنهنجي ڳالهه صرف هڪ دفعو ڪندو هو. ( Once and for all!) ۽ هن جي عجيب شخصيت جو هڪ عجيب پهلو هي به هو ته هو قدرت جي صرف اُنهن عجيب شين کي پنهنجي فلسفي جو موضوع بڻائيندو هو، جيڪي هن جي اندر جي ڪنهن عجيب رڳ کي ڇُهي سگهڻ جي tendency رکنديون هيون.

هڪ دفعي ڪنهن ڊيڊ تان موٽندي هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو: پکي خاموش پيغامبر آهن. مان اِها عجيب پيغامبري سمجهڻ ٿو چاهيان، جنهن جو مقصد صرف امن آهي. هن جي ڊائري عجيب عجيب احساس سان ڇٽيل هوندي هئي، پر گهڻو ڪري اهي احساس يا ته اڌورا هوندا هئا يا اپترا ته ڏنڌلا، جن مان دنيا جي

جي پچر چڙي ڏني. اهو سوچي تہ هڪ ازم جي پٺيان ڊوڙندي ڊوڙندي هن جي پنهنجي شخصيت ۽ آدرش گهٽا پوئتي رهجي ويا آهن.

"a sacrificial dummy" ، هن جو پنهنجي اخبار لاءِ آخري ايڊيٽوريل هو، جنهن ۾ هن جرنلزم جو حشر نشر ڪري ڇڏيو. اُن ڏينهن کان پوءِ هوءَ صرف ڇيڪي هئي، اُها ڇيڪي جنهن جي صرف پنهنجي خوشبو ٿيندي آ: اُها ڇيڪي جا پنهنجي هجڻ جي شڪ کي يقين ۾ بدلي ڇڏيندي آ.

فلاسفر صاحب هڪ دفعو وري خاموش ٿي ويو، ۽ هڪ دفعو وري عجيب پيشنگويون بازار ۾ گرم مرچائي پڪوڙن وانگر، پوش علائقن ۾ فش برگر ۽ pizza وانگر، ۽ ريڊ لائيٽ ڊسٽرڪٽس ۾ prophylactics وانگر کپڻ لڳيون. پر هو سڀني کان بي خبر هڪ عجيب دنيا ۾ گم هو. دراصل گم ٿيڻ هن جي فطرت ۾ هو. هن دنيا ۽ پنهنجي وچ ۾ هڪ دلچسپ ۽ عجيب لڪير ڪڍي ڇڏي هئي، جيڪا هو پڻ ڪڏهن بہ نہ ٽپندو هو پر دنيا کي ٽپڻ ڏيندو هو. هو هڪ ٽيپسٽري ٺاهڻ ۾ مشغول هو، جنهن ۾ هن صرف ڪاري ۽ اڇي ڌاڳي جو استعمال ڪيو هو. اُها هڪ عجيب ٽيپسٽري هئي. هن چيو، "دراصل ڪاري ۽ اڇي جو combination ئي منهنجو ٿيم آهي ۽ هيءَ ٽيپسٽري racial prejudice جي ڳل تي هڪ زوردار چماٽ جو تصور آهي، ۽ في الحال مان ان تصور ۾ زنده رهڻ ٿو چاهيان.

هو پنهنجي تصور ۾ زنده رهيو، ۽ ماڻهو اُن تصوير ۾ زندهہ رهيا، جا جڳن کان ڪين ڏيکاري ويئي هئي، ۽ هنن پوريءَ سگهہ سان اکيون کولي ڏسڻ چاهي هئي. مختلف عڪسن واري عجيب تصوير، bourgeois، proletariat، ۽ dictators جي عجيب و غريب ڪشمڪش واري تصوير- رنگ، نسل، تهذيب، ذات پات وغيره وغيره جي عجيب رنگن واري، انسانن جي دلين ۾ خليج وجهندڙ تصوير. هوتصوير ۾ اکيون کپائي وينا هئا ۽ خليج مسلسل وڌي رهي هئي.



لياقت رضوي

# امرتا جي سهيلي

تڪڙين اکين ۾ آيل منظر، لمحي لاءِ ڪاوڙ جي ڀتر سان ٽڪرايو ۽ امرتا ڀنهنجي وارن کي جهٽڪو ڏيڻي وڃڻ لڳي. هن جي سهيليءَ هن کي ٻڌائڻ چاهيو تہ دوستيءَ ۾ جن ڳالهين تي روئڻ اچي، تن تي روئي ڏيڻ گهرجي. ڪنٽي روڪيل لڙڪن جا انگور، اکين جي اوٽ ۾ خراب نہ ٿي وڃن. پر امرتا کي جنهن وقت غصو ايندو آهي تہ هوائون بہ پاسو ڪري لنگهي وينديون آهن ۽ هوءَ اهڙي وقت بلڪل تنها رهڻ چاهيندي آهي. تنهائي، جنهن جي لباس تي هن لاءِ شاعريءَ جا ستارا ٽانڪيل هوندا آهن. ڪڏهن بہ امرتا ڪونہ سوچيو آهي تہ اُن تنهائيءَ کي ماڻڻ لاءِ اڪثر هوءَ غصي جي گهٽيءَ مان ئي ڇو گذرندي آهي!

بنان ڏسڻ جي امرتا ڀنهنجي سهيليءَ کي آرٽس فئڪلٽيءَ جي ڪاريڊور ۾ ڇڏي وڃڻ لڳي ٿي. امرتا (جنهن کي ڪرڪيٽ بلڪل ڪانہ وڻندي آهي، پوءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن هوءَ جاگرز Joggers پائي يونيورسٽي ايندي آهي.) رڳو ڀنهنجي خوبصورتيءَ تي مغرور ڪونهي، بلڪ هوءَ ڀنهنجي ذهانت تي بہ پراعتماد رهندي آهي. پلي هُن کي خبر نہ هجي تہ ذهين ماڻهن جو ڀڇتاءُ ڪيترا سمنڊر ٻوڙي سگهي ٿو.

ڄامشوري جي ڀٿرائين زمين امرتا جي پيرن تي ترڪٽيون چميون رکندي رهي ٿي. هوءَ تڪڙيون وکون کڻندي ڪار ڏي وڌي ٿي. برفاني طوفان ۾ گهيريل پکين جهڙيون هن جي سهيليءَ جون اکيون، هن کي روڪڻ جون رَسيون اڇلين ٿيون، پر هوءَ سمجهندي بہ ناسمجهيءَ مان نِوڙي، ڪار ۾ وهندي، دروازو زور سان بند ٿي ڪري ڇڏي. ڪار وڃڻ کان پوءِ بہ بند ٿيل دروازي جي رڙ، امرتا جي سهيليءَ جي دامن سان ڀڇتاءُ جيان چنبڙيل رهي ٿي. بي سبب بيوسي، ڪاريڊور کان ٻاهر گلن جي ڇانوَ ۾، ٽٽندڙ دوستي لاءِ الوداعي نگاهہ پوکي ٿي. امرتا جي سهيلي اداس خوبصورتيءَ سان ان جاءِ کي ڏسي ٿي، جتي ٿوري دير اڳ ۾ ڪاوڙيل امرتا بيٺي هئي ۽ پوءِ غير محسوس سنجيدگيءَ سان مُڙي امرتا جي سهيلي، پوائنٽ بس ڏي وڃڻ لاءِ ڪاريڊور مان ائين گذرڻ لڳي ٿي، جيئن چانهن جي باغ مان شام گذرندي آهي.

ڪار جنهن وقت سپر هاءِ وي تي پهچي ٿي، تيستائين امرتا جي ڪاوڙ هڪ نہ لکيل نظم ۾ ائين آترجي ٿي وڃي، جيئن صاف برتن ۾ شفاف پاڻي آترجي ويندو آهي. گهر پهچڻ سان ئي امرتا کي، ميز تي پيل خالي پنا سڏين ٿا ۽ لکڻ کان اڳ ۾ امرتا ڪمري جو در ائين بند ٿي ڪري، جيئن ڪوئي ڪنفيشن-چئمبر جو در بند ڪندو آهي. لذيذ درد سان ڪرسيءَ تي وهندي امرتا ڀنهنجي تڪڙين اکين سان خالي پنن کي ڏسي، لکڻ شروع ڪري ٿي ۽ ڪير بہ ڪونہ ٿو ڏسي تہ جنهن محل هُن تي شاعري نازل ٿيندي ٿي رهي، ان محل هوءَ ڪيتري خوبصورت ۽ وڻندڙ لڳندي ٿي رهي. ڀنهنجي سهيليءَ تي نظم لکي ڇڏڻ کان پوءِ جلد ئي هوءَ ننڊ جي بادلن ۾ گهيرجي ٿي وڃي. شام ٿي رهي هئي تہ امرتا جي اکين جو آسمان صاف ٿي ويو. ڀنهنجي سجاڳي ۾ ايندي هن کي ڀهريون خيال سهيليءَ تي لکيل نظم جي باري ۾ آيو ۽ هوءَ بوجهل سجاڳي مان اٿندي، پاڻ کي نہ معاف ڪرڻ جهڙين نظرن سان ڏسڻ لڳي. توڻي جو هوءَ سوچي سگهي پئي تہ ڇو اڄ هوءَ ڀنهنجي پياري ساهيڙيءَ سان هڪ

غير اهم ڳالهه تي ايترو ناراض ٿي هئي، يا ڪٿي اٿين ته ناهي ته شاعريءَ جي چري تکي ڪرڻ لاءِ، هوءَ دوستيءَ کي سراڻ وانگر يوز ڪندي آهي. پر امرتا اهڙو ڪجهه به ڪونه سوچيو. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هوءَ پنهنجي سهيليءَ لاءِ پرخلوص آهي. ان ڪري هوءَ بنان ڪجهه ٻيو سوچڻ جي، ساهيڙيءَ ڏي فون ڪرڻ لاءِ پنهنجي شاعراڻي چيچ، ڊائل ۾ گهمائڻ لڳي ٿي.

پوائنٽ بس ۾ گهٽي رش هئڻ ڪري، امرتا جي سهيليءَ هاسٽل تائين پنڌ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. آرٽس فئڪلٽيءَ کان مارئي هاسٽل تائين وڇايل پٿريلي زمين خاموشيءَ سان رستو ناهيندي رهي ٿي. امرتا جي سهيلي وک وک پاڻ کي عجيب ڪيفيت ۾ ويندي ڏسندي رهي ٿي. اڄ هوءَ ڪلاس ۾ انگريزيءَ جا نوٽس ۽ هڪ ڪتاب برننگ فائر "Burning Fire" کڻي آئي هئي. نوٽس هن صبح ئي پنهنجيءَ ڪلاس ميٽ کي ڏنا هئا، باقي "برننگ فائر" ڪتاب کان هر وقت هوءَ ننڍڙي چِٺيءَ جو ڪم وٺي رهي هئي، جنهن ۾ ڪجهه اهڙا نظم به هئا، جيڪي هُن ٽِڪ مارڪ ڪيا هئا، جن کي هُن ڪئين ڀيرا پڙهيو هو ۽ هر ڀيري درد جي هڪ نئين لذت سان متعارف ٿي هئي. انگريزي شاعريءَ جي اِن ڪتاب ۾ هڪ صفحي تي پينسل سان سنڌيءَ ۾ امرتا جي سهيليءَ جي هينڊ رائيٽنگ ۾ اُها آزاد نظم به لکيل آهي، جيڪو ڪلهه هُن مذاق ۾ امرتا لاءِ لکيو هو ۽ اڄ جنهن تان ٻنهي سهيلين جي وچ ۾ ڪاوڙ جو درياهه ڪاهي پيو.

امرتا جي سهيلي، ڪتاب جي ڇانو ۾ مارئي هاسٽل تائين جنهن حتمي فيصلي سان پهتي، سنڌس شعور، دير سوير ان فيصلي کان واقف ٿيڻو هو.

امرتا جي سهيليءَ کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ آئي اٽڪل ست مهينا ٿيا آهن ۽ انهيءَ عرصي ۾ هوءَ فقط امرتا سان ئي دوستي ڪري سگهي آهي. ٿوروڙي عرصي ۾ ٻنهي جي ساهيڙپ، سموري ڪئمپس جو موضوع ٿي وئي آهي. فئڪلٽيءَ ۾ اڪثر ٻيئي ڇٽيون گڏ هونديون آهن ۽ آرٽس فئڪلٽي ٻنهي کي ائين ڏسندي رهندي آهي، جيئن چنڊُ، پهاڙي ندين کي ڏسندو آهي.

ظاهري طرح امرتا هُن کان وڌيڪ ڪانفيڊنٽ ۽ خوبصورت لڳندي آهي، پر جيڪڏهن ڏسڻ واري اک هجي ته هوءَ ايتري خوبصورت آهي جو سمورا نانوَ هن لاءِ اڻپورا آهن.

سدائين هوءَ هڪ شفاف ۽ انوکي اعتماد سان هلندي آهي. هُن جي لوڏ مان معصوم بي اعتمادي ڇلڪندي رهندي آهي. هُنَ پنهنجي بيپرواهه اکين ۾ ٿورو مصنوعي خوف ملائي رکيو آهي ته جيئن ڪوئي سندس تنهائي کي غليظ نه ڪري سگهي.

ڪمري تي پهچڻ کان پوءِ به ڪافي دير تائين هوءَ پنهنجي ڪاوڙيل خيالن جون ڏوريون ڇڪيندي رهي. تذليل جو احساس، هن جي رڳن ۾ رت وانگر ڊوڙندو رهيو. هوءَ وسيع مطالعي ۽ تجربي جي باوجود به هڪ ڪمزور ڇوڪري آهي. مردن جي معاشري جو هڪ پرزو. ان جي باوجود به هُن وٽ زندگيءَ لاءِ هڪ سليقيمند سوچ آهي، تنهنڪري ئي هوءَ جلدبازيءَ ۾ دوستين جي قائل ناهي. امرتا کي پهريون ڀيرو ڏسي البت هن جلد بازي ڪئي هئي، الائي ڇو! امرتا ۾ هن کي ڪائي بااعتماد ۽ پرخلوص ڇوڪري نظر آئي هئي ۽ پهريون ڀيرو هن تڪڙ ڪري امرتا سان دوستي ڪري ڇڏي هئي. گهڻو پوءِ هُن کي احساس ٿيو هو ته واقعي ماڻهو جا حواس، ماڻهو کي فريب ڏئي سگهن ٿا، پر اڃان تائين هوءَ اهو ڪونه سمجهي سگهي هئي ته حالتون ماڻهوءَ کي هلائين ٿيون يا ماڻهو حالتن لاءِ ذميوار آهي ۽ اهڙين ئي حالتن ۾ امرتا ۽ هن جي دوستي جون پاڙون پنهنجانپ جي زمين

۾ پختيون ٿينديون رهيون. باوجود متضاد خيالن ۽ سوچن جي ٻني جٺيون ايتريون گهريون ساهيڙيون ٿي ويون جو.... "پر اڄ کان پوءِ اهو سڀ ڪجهه ماضي ٿي ويندو" ، جل ٿل ڳوڙهن ۾ هُن حيرانيءَ سان سوچيو. هن جي ته وهم ۽ گمان ۾ به ڪونه هو ته اٺين هڪ ڏينهن ڄامشوري جي منجهند جو، هوءِ پنهنجن لڙڪن جي جل ۾، امرتا لاءِ ڪنهن حتمي فيصلي تي به پهچي سگهي ٿي. هڪ تعلق جي موت تي هوءِ دکي ڪانه ٿي، بلڪ پنهنجي ئي ڳوڙهن ۾ آلو سندس بدن، ڪيس برسيل بادل جيان لڳو ۽ گهڻيءَ دير تائين هوءِ پنهنجي لوڻائيل لڙڪن سان سانت جا رومال آلا ڪندي رهي، جن ۾ نه دک هو نه خوشي. خبر ناهي ڪهڙي وقت، ننڊ جي سُنّي، هن جي آلن نيڻن کي ٽوپي چڙهيو. توڻي جو سمهي پوڻ کان اڳ ۾ هُن ڪنهن خواب جي تمنا ڪانه ڪئي هئي، پر پوءِ به ننڊ کان پوءِ هڪ خواب، هن جي نيڻن تائين هليو آيو.

## خواب

خالي فريم مان ديوار نظر ٿي اچي. هلڪي اونده ۾ ڪمرو، لڪ لڪوٽي راند ۾ لڪل ٻار وانگر ٿو لڳي، تنهن ۾ ديوار تي ٽنگيل خالي فريم کي ٻني ڏيئي امرتا ويٺي آهي. خبر نٿي پوي ته امرتا جي اڳيان اڏامندڙ سفيد ٽڪرا ڪاڳر آهن يا ڪبوتر، پر امرتا تن کي ڪانه ڏسي رهي آهي. وڃايل نهار سان، امرتا ڄڻ خالي فريم مان ڪريل پورٽريٽ لڳي رهي آهي ۽ ٻاهران الائي ڪيتريءَ دير کان امرتا جي سهيلي ڪاوڙيل حيرانيءَ سان دروازو کڙڪائي رهي آهي.

دروازو بند رهي ٿو ۽ هُن جا معصوم هٿ رتورت ٿيڻ لڳن ٿا. دروازي کي ٺوڙڻ لاءِ هن جون اکيون، هيڏي هوڏي، ڪائي اهڙي شئي ڳولين ٿيون، جيڪا سڱل هجي پر ان لمحي ئي هُن جي ننڊ جون تارون ٽٽي ٿيون پون. سندس روم جي در تي ڪوئي ناڪنگ ڪري رهيو آهي. هوءِ ٽٽل خواب تي سوچڻ بجاءِ تڪڙ ۾ اٿي ڪمري جو در کولي ٿي.

روم ۾، ڄامشوري جي شام سان گڏ، سندس هاسٽل ميٽ جو آواز به داخل ٿئي ٿو: "اوهان جي فون آهي." اٿپوري سجاڳي مان هوءِ هاسٽل ميٽ جو معذرت خواه شڪريو ادا ڪري، ڪمري ۾ موٽي، پوتي پائي، فون اٽينڊ ڪرڻ لاءِ نڪري ٿي.

هاسٽل ۾ فون جو سيٽ، توڻي جو هُن جي روم کان فقط هڪ مختصر ڪاريڊور ۽ چند ڏاڪن جي فاصلي تي رکيل آهي، پوءِ به اهو فاصلو هُن کي ڄڻ ته ڄامشوري کان دمشق جيترو لڳي ٿو، ڇو ته هن کي اندازو هو ته ڪنهن جي فون آهي.

۽ هُن جو اندازو درست نڪتو. جڏهن هن مائوٿ پيس ۾ هيلو ڪئي ته فون جي تارن ۾ امرتا جو آواز جاڳي پيو. امرتا پنهنجي صُبحڪي رويي تي ايڪسڪيوز ڪرڻ لاءِ فون ڪئي هئي ۽ ان سلسلي ۾ هوءِ امرتا جي پشيماني ۽ وضاحتون، ڪجهه دير صبر سان ٻُڌندي رهي ٿي. اڄان امرتا ڳالهائيندي ئي رهي ٿي ته اوچتو هُوءِ انتهائي سليقي سان رسيور رکي ۽ مانوس اجنبيت سان مُڙي واپس ڪمري ڏي موٽڻ لڳي ٿي.

روم ۾ اچي امرتا جي اڳوٽي سهيلي ڊريسنگ ٽيبل جي آئيني کي چئي ٿي: مختصر طرح ڏنو وڃي ته مختصر طرح ڪڏهن ڏسي ئي نٿو سگهجي، پوءِ به ڪيترو مختصر طرح ڏسٹو لو پوي.

⚫⚫⚫

رفيق سومرو

# درد جي دنيا

پروف ڏسندي ڏسندي هن مون ڏانهن ڏٺو. ڪيس چتائي ڏٺم. اٽڪل سٺ ورهين جي ڄمار جو پوڙهو، ويڪري ڇاتي، اڀا ڪلها، موڪرو منهن، بدن ۾ سگهارو ۽ اڇي پڇي ڏاڙهي.

پروف ميز تي اڇلي اکيون مهٽيائين. ڪجهه دير اکيون ٻوٽي ڇڏيائين. اکيون کولي سگريٽ دکايائين. ٻه ٽي ڊگها ڪش هڻڻ کان پوءِ پڇيائين:

"پارٽ ٽائيم پروف ريڊر آهين؟"

"ها" ، جواب ڏنو مانس.

"ڪيترا ڪلاڪ روز؟"

"جيستائين اکين ساٿ ڏنو."

"ڇا؟"

"جيسين اکين آڏو ترورا نه ڇانئبا، تيسين پروف ڏسندو رهندس."

"۽ اهي ترورا ڪيتري دير ۾ نچڻ شروع ڪندا؟"

"وڌ ۾ وڌ ٽن ڪلاڪن ۾."

مون ڏانهن چتائي ڏٺائين، ڄڻ ماضيءَ جي اونهي کوهه ۾ ٽٻو ڏنائين. منهن مون ڏانهن پر ذهن غير حاضر هوس. هڪدم منهن ڦيرائي ڇڏيائين، ڄڻ ٿڪل مسافر اڌ پنڌ تان موٽيو هجي.

بيزاريءَ مان چيائين "پروف ريڊر ۽ ڪمپازيٽر جا ستارا هميشه گردش ۾ هوندا آهن." وراڻيم "پر پروف ريڊر ۽ ڪمپازيٽر پاڻ ۾ دوست نه ٿيندا آهن."

ڏاڍو ٺاهوڪو جواب ڏنائين. چيائين "حقيقت ۾ ٻنهي جا ستارا هڪٻئي سان ٽڪرائجي ويندا آهن."

هڪ دفعو وري پروف ڏسڻ ۾ گم ٿي ويو. پروفن تي چڪيل آڱرين سڌين ليڪن سندس پريشان ذهن جي نمائندگي ٿي ڪئي.

پڇيائين "ڪيترو ملندو ٿئي؟"

"ٽي سو."

"ٽي سو رپيا پارٽ ٽائيم." چيائين "پنج سو رپيا فل ٽائيم. اٺ ڪلاڪ ڊيوٽي. پلس ٽي ڪلاڪ بيگر، واه ڙي زمانا!"

سڙڪ تان لنگهندڙ هڪ جيپ ۾ لڳل لائوڊ اسپيڪر مان ڪجهه نعرن جا آواز آيا. هن انهن ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏنو، ڄڻ لنوائيندو هجي. شايد اهي ساڳيا نعرا گذريل سڄي مهيني کان ٻڌندو رهيو هو، يا وري انهن سان ڪا يادگيري وابسته هئس. منهن ۾ پيل گهنج گهرا ٿي ويس.

انهن نعرن کان لنوائڻ لاءِ وٽس هڪ ئي هٿيار هو، ۽ اهو شايد سندس گهٽ ڳالهائڻ هو.

"ڪم ڪهڙو ڪندو آهين؟" پڇيائين.
"هڪ رسالي ۾ ڪم ڪندو آهيان." (ڪوڙ ڳالهايم.)
"نالو؟"
"ڪاڪ محل!"
"تون ايڏانهن ڪيئن پهچين؟"
"مڙيئي سنگت جي مهرباني آهي."
"ڪوڙ!"
"نه سائين!"
"پلا اتي ڪم ڪهڙو ڪرين؟"
"ڪڏهن پروف ڏسان، ته ڪڏهن هڪ اڌ مضمون جو ترجمو ڪيان."
"ساڳيو ڪوڙ!"
"ڪيئن پلا!"
"خبر اٿئي ته ان رسالي کي هر ماه گهٽ ۾ گهٽ ڪيترا اشتهار ملندا آهن؟"
"اٽڪل ويهن هزارن جا."
"پوءِ توکي آفيس ۾ ڪيئن گهڙڻ ڏيندا!؟"
"سنگت ۾."
"وري اهائي ڳالهه!"
"سائين سچ ٿو ڳالهايان."
"پلا ڪجهه ان رسالي لاءِ لکيو به اٿئي؟"
"ڪڏهن به نه" ، وراڻيم "پر اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ڪا ڪهاڻي ڏيندو آهيان. اها به ان شرط تي ته بنا ڪنهن پوسٽ مارٽم جي ڇپين."
"پوءِ ڪهڙو اجورو ملندو اٿئي؟"
"ڪڏهن ڪڏهن هڪ ڪامپليمينٽري ڪاپي."
"ڪوڙ ئي ڪوڙ!"
مان ڦڪي کل کليس. ٿڪ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو.
پڇيم "ته توهان جي ليکي سان ڪوڙ ٿو ڳالهايان؟"
"بلڪل."
"ثبوت؟"
"تنهنجو هڪ ڪنگلي اداري ۾ پروف ريڊر هجڻ."
هڪ پيرو وري ساڳي جيپ لنگهي. نعرا ۽ رڙيون، گوڙ مچي ويو. هن جي منهن ۾ گهنڊ پئجي ويو. اکيون جيئن وانگي ڳاڙهيون ٿي ويس. نڪ ڦندجي ويس. ڪاوڙ مان چپ ڦڙڪڻ لڳس. ڏند پيڪوڙجي ويس. پانيم ته ڪيس سياست کان سخت نفرت هئي. سگريٽ جا ڊگها ڊگها ۽ لاڳيتا ڪش هڻندي چيائين، "پيلي سچ ٻڌاءِ ڪهڙو ڪم

ڪندو آهين؟"

چڻ ته ان سوال جو جواب، هن جي پريشانين جو بچاءُ بند هو. جيڪڏهن جواب نه ڏيان ته هوند بند ڀڄي پوي، ۽ هو پريشانين جي وير ۾ لڙهي وڃي. جواب ڏيڻ ضروري سمجهيم ته ٻيو ڪوڙ ڳالهايم. چيم "اسڪول ۾ ماستر آهيان."

"هاڻي آيو آهين سڌ تي!"

"اهو وري ڪيئن؟"

ڳالهه پڌري پٽ آهي." چيائين "ڪراچي جي ديو شهر ۾ ڪوبه پارٽ ٽائيم تي جيئرو رهي نٿو سگهي."

دل ۾ آيم ته ٻڌايانس ته مان هن برڙ باڪاس شهر ۾ پارٽ ٽائيم تي جيئرو آهيان، پر ذهن جي ڪمانڊ دل جي احساس کي دٻائي ڇڏيو. سندس ساديگيءَ تي ڪل به آئي ته رحم به.

هڪ اسٽيٽسڪس جي پروف جي اونڌي ڇپيل سگما کي سڌو ڪندي چيائين، "ڪهڙي اسڪول ۾؟"

"ايوب خاب ميموريل اسڪول ۾."

"اهو وري ڪهڙي هنڌ آهي؟"

"گاڏي کاتي پراڻي رام باغ ۾."

"پرائمري يا سيڪنڊري؟"

"سيڪنڊري."

"اڄ ويو هئين؟"

"نه"

"ڇو"

"موڪلون آهن."

"ڇا جون موڪلون؟"

"اليڪشن جون."

منهن ۾ ساڳيو گهنڊ پنجي ويس. رڳون ڇڪجي ويس. ان مان پڪ ٿي ويئي ته کيس سياست کان سخت نفرت هئي ۽ ان نفرت جو تعلق ڪنهن دل ڏکوئيندڙ واقعي سان هو.

هڪدم پاڻ سنڀالي ورتائين. پڇيائين "پر ماسترن جي اليڪشن جي دور ۾ هنگامي ڊيوٽي هئي اٿانوا!"

"ان لسٽ ۾ منهنجو نالوُ ڪونهي."

"ڇو؟"

"ان لاءِ جو........" مون کان جواب نه ٿيو.

منجهي پيس.

پاڻ جواب ڏنائين. چيائين "ان لاءِ جو ماستر آهين ئي ڪونه!"

منهنجي ڪوڙين ڳالهين جو هو ڪنهن ماهر سرجن جيان پوسٽ مارٽم ڪندو رهيو ۽ ائين ڪرڻ سان سندس غم هلڪو ٿي ٿيو. هو ڳالهائڻ جي موڊ ۾ هو ۽ مون وٽ سواءِ سياست جي ڳالهائڻ لاءِ ڪجهه به نه هو. اليڪشن جو زمانو ويجهڙائيءَ ۾ ختم ٿيو هو. ماڻهن ڳالهائڻ شروع ڪيو هو. هر ڪو پنهنجي راءِ جي اظهار لاءِ آتو هو. مان

سياست تي ڳالهائڻ کان نٽائي رهيو هوس، ڇاڪاڻ تہ مون اها ڳالهہ ڪرڻ نٿي چاهي، جنهن سان هن جي دل ڏکي.
نئون ڪوڙ ڳالهايم. چيم "مان حقيقت ۾ ايئرپورٽ تي هڪ فارورڊنگ ڪليئرنگ ڪمپنيءَ جو ايجنٽ آهيان."
"پگهار گهڻي؟"
"هڪ هزار!"
"ڪوڙ مٿان ڪوڙ!"
"اصل نہ!"
"۽ ٻيو ڇا ڪندو آهين؟"
"پارٽ ٽائيم تي پروف ريڊر!"
"۽ ٻيو؟"
"ٻئي ڪم ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي."
چيم "ڪل ملائي ٽيرهن سو ڪٺندو آهيان."
"هڪ ڪوڙ کي نڀائڻ لاءِ سو ڪوڙ ناهيندين!"
"هرگز نہ!"
"ڀلا اڄ مال ڪليئر ڪرائڻ جو نہ ويو آهين، مسٽر ڪليئرنگ فارورڊنگ ايجنٽ!"
"اڄ ايئرپورٽ تان جلوس نڪرڻو آهي."
"نوڪريءَ جو جلوس سان ڪهڙو واسطو؟"
"ساهہ سڀ کي پيارو آهي."
"۽ ٻيئٽ؟" چيائين "تون وقت گذارڻ لاءِ هروڀرو ڪوڙ ٿو ڳالهائين."
"ثبوت؟"
"تنهنجو قيوم آباد کان هيستائين پنڌ اچڻ!"
مان هن جي ڪُهري ۽ سخت لهجي مان تنگ اچي ويس. هن جي سوال مٿان سوال مون کي ڪيترائي ڪوڙ ڳالهائڻ تي مجبور ڪيو هو. مون فقط ان ڪري ڪوڙ ٿي ڳالهايو، ڇاڪاڻ تہ هو ڳالهائڻ جي موڊ ۾ هو ۽ مون وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو.
"تنهنجي سوالن جي ڀرمار منهنجو مٿو ڦيري ڇڏيو آهي." منهنجو لهجو سخت ٿي ويو. بيزاريءَ وچان چيم "تنهنجي آڏي پڇا مون کي مجبور ٿي ڪري تہ مان ڪوڙ ڳالهايان."
بس اينترو چوڻ هو جو هماليہ رجي پيو. بہ ڳوڙها ڳلن تان ترڪندا سندس مچن وٽ ٿڦلجي ويا. منهنجي سخت لهجي، هن جي دل ڀڃي ڇڏي. مان ڪيس غور سان ڏسڻ لڳس. دير تائين بُت بڻيو ويٺو رهيو. اوچتو بت ۾ حرڪت آئي. سٽ ڏيئي ٻانهن کان جهليائين. مان وائڙو ٿي ويس. وايون بتال ٿي ويون، اکيون ڦاڙي ڏسندو رهيس. هن جي گرفت ۾ محبت نہ هئي، نفرت نہ هئي، ڀنهنجائپ نہ هئي تہ ڌاريائپ بہ نہ هئي. هن جي گرفت ۾ ڪا ڳالهہ هئي، جنهن مون کي بدحواس ڪري ڇڏيو ۽ اها هئي ندامت ۽ افسوس. هن گرفت نہ ڇڏي، مون ڇڏائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. عجيب لطف هو ان گرفت ۾.
"مون کي معاف ڪر." گرفت ڍري ڪندي چيائين "مون توکي رنجايو آهي."

"اهڙي ڪابہ ڳالھہ ناهي." مون سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. هن هٿ پوئتي ڇڪي ورتو. منهن ڦيري ڇڏيائين. سندس اکين مان ڳوڙهن جي لار ڪنهن آلي ڪپڙي مان ٽمندڙ پاڻيءَ جي ڦڙ ڦڙ وانگر جاري هئي.

دل ڏري پئي تہ بدن مان سيسڙاٽ نڪتو، جنهن ٿڌي ساهہ جي شڪل ورتي ۽ هوا ۾ ڦهلجي ويو. چيم "مان پنهنجي ڪئي تي پشيمان آهيان."

"مون کي معاف ڪر!" چيائين "مون تنهنجي دل آزاري ڪئي آهي."

"مون اوهان کي ڏکويو آهي." سندس ٻانهن پنهنجي هٿ ۾ سوگهي ڪندي چيم، "مون حجت ڪئي هئي."

"مون کي معاف ڪج." ساڳيو جملو ورجايائين.

چيائين. "حقيقت ۾ منهنجي دل درد جي شدت سبب ويهي رهي هئي، ان ڪري مون ڳالهائي دل جي غار تان، سيفس جي پٿر جو بار گهٽائڻ ٿي چاهيو."

مان ڪن لاءِ گنگ ٿي ويس. چاهيندي بہ ڳالهائي نہ سگهيس، چيم، "مون کي پنهنجو پٽ سمجهي منهنجي خطا معاف ڪيو!"

مون ڏانهن غور سان ڏٺائين. ڏسندي ڏسندي، لاشعوري طور تي ٻڪ وڌائين. سندس اکيون ٽانڊن جيان ٻري رهيون هيون.

"ڇا توهان کي پٽ ڪونهي؟"

"هو" خلا ۾ گهوريندي چيائين، "پر ڪلهہ تائين."

"جي!"

"ها. هُو نہ فقط منهنجو پٽ هو" ، چيائين "پر ميڊيڪل جو شاگرد پڻ هو."

"پر ڪيس ٿيو ڇا."

"هو منهنجو ڪرنگهو هو." منهنجو سوال اٿڻو ڪندي چيائين "منهنجو ڪرنگهو ڀڄي پيو. مان بي سهارو آهيان، لاچار آهيان."

"ڇا هن توهان کي ڇڏي ڏنو آهي؟"

"نہ."

"تہ ڇا ڪنهن ايڪسيڊنٽ ۾ گذاري ويو؟"

"نہ." هن ان موضوع تي ڳالهائڻ نٿي چاهيو. درد جي شدت سبب ڦٿڪي اٿيو، ڇڻ تہ دل جي منهن تي رکيل سيفس واري ڇپ ڪٿي پري ڦٽو ڪيائين. چيائين "هُو تازن هنگامن ۾ مري ويو."

"ڪٿي؟"

"لياريءَ ۾!"

درد جي اُپريل سَٽ کي هلڪو ڪرڻ لاءِ ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي مٿو لڳائيندي، هٿ ڍگها ڪيائين. سندس هٿ مان هڪ مروڙيل سروڙيل ڪاغذ ٽڪر ڇڏائجي اچي ميز تي ڪريو.

هن جون اکيون ڇت ۾ کتل هيون.

مان ڪاغذ هٿ جي ترِيءَ سان سڌو ڪري پڙهڻ لڳس، جنهن ۾ لکيل هو: "هن ليٽر ذريعي آفيس جي هر ملازم کي آگاهہ ٿو ڪجي تہ شهر ۾ ڪرفيو جي باوجود هو پنهنجي نوڪريءَ تي معمول مطابق حاضر رهن، ٻيءَ صورت ۾ کين نوڪريءَ مان ڪڍيو ويندو!"

محمد دائود بلوچ

# مــوهــنــي

"هي ڏهه رپيا وٺ."
"ڇو؟"
"عيد جي خرچي اٿئي."
"اڳي ته ڪڏهن به خرچي ڪونه ڏني اٿو."
"هاڻي سوچيو اٿم ته گهٽ ۾ گهٽ عيد تي ته توکي خرچي ڏيندو رهان."
"ڇو هاڻي سوچيو اٿو؟"
"بس، ائين ئي."
"هاڻي ڪهڙي ضرورت پيش اٿو."
"ڪابه ضرورت ڪانه اٿم. تون ڏهه رپيا وٺ."
"اڳي ته پورو ڳالهائيندا به ڪونه هئا، اڄ ڏهه رپيا ڏيو ٿا. اهي ڏهه رپيا مهنگا ته ڪونه پوندا."
"ڏهن کان وڌيڪ مهنگا ڪونه ٿيندا."
"اهو ڳالهائڻ جو بهانو آهي."
"نه"
"ته پوءِ ڇا آهي."
"عيد جي خرچي."
"ٺيڪ آهي، ڏسان عيد جي خرچي ڪهڙا رنگ ٿي لائي."

* * * * *

"هي خرچي وٺُ."
"ڇا جي خرچي."
"ميلي جي."
"ڪهڙو ميلو؟"
"اسان جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ جو ميلو."
"توهان جو ڇا ٿيندو آهي. توهان به شاهه آهيو ڇا؟"
"منهنجو ڪجهه به ڪونه ٿيندو آهي، پر عزيزن کان عزيز ترين آهي ۽ مون کي پنهنجن کان وڌيڪ پنهنجو آهي."
"اڄ ڪالهه ڏاڍا مهربان ٿي پيا آهيو."
"اڳي به هوس."
"مان ته ٺڪو به ڪونه سنڀران. ڪيترين نئين وڏيون عيدون آيون، ميلا ملاکڙا آيا."

"اڳي انهيءَ طرف پورو ڌيان ڪونہ هو."

"تہ ڇنبو تہ هاڻي انهيءَ طرف پورو پورو ڌيان آهي."

"جيئن تون سمجهين."

* * * * *

"هي ڏهہ رپيا وٺ."

"ڇو؟"

"عيد جي خرچي اٿئي."

"ڪهڙي عيد."

"عيد ميلادالنبي."

"هن سال گهڻيون عيدون ٿي پيون آهن. گذريل سال تہ هڪڙي عيد بہ ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي."

"عيدون تہ اڳي بہ هيون، پر...... پر......"

"پر..... پر........ ڇا."

"پر منهنجي توسان محبت ٿي ويئي آهي."

"هاڻي آيا نہ پنهنجي اصلي مقصد تي. انهيءَ ڪري تہ مان اوهان سان ڳالهائيندي بہ نہ آهيان. اهي پئسا مان اوهان کي پهرين تاريخ تي واپس ڪنديس."

"ڇو..... ڇو....... اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي...."

"ڳالهہ هجي يا نہ هجي، ڪجهہ تہ آهي جو ظاهر ٿي پيا."

"سچ پڇين تہ منهنجي توسان دل ٿي ويئي آهي."

"پر مون کي افسوس آهي جو منهنجي توهان سان دل ڪانہ آهي."

"ائين نہ چئو، منهنجيءَ دل کي صدمو رسندو."

"صدمو رسي تہ پليءَ رسي، مان ڇا ڪريان- هرويرو توهان سان محبت ڪريان، نہ تہ توهان کي صدمو رسندو."

"ها، سچ ٿي چوين."

"مون کان اهڙو ڪم ڪونہ ٿيندو. مان اوهان سان محبت ڪري ڪونہ سگهندس....."

"محبت ٿي ويندي آهي، ڪئي نہ ويندي آهي."

"منهنجي اوهان سان ڪابہ محبت ڪانہ ٿي آهي."

"پر مان تہ توسان محبت ڪريان ٿو، منهنجي تہ توسان محبت ٿي ويئي آهي."

"توهان هينئر چيو تہ محبت ٿي ويندي آهي، تہ توهان مون سان محبت ڪيئن ٿا ڪريو."

"ڪوشش ڪبي تہ ٿي ويندي."

"ڪوشش ڪريو يا نہ ڪريو، هتان ڪجهہ بہ نہ ملندوَ. مان مردن جي اها چال سمجهان ٿي."

"ڇو؟ اڳي بہ ڪنهن جا هٿ لڳا اٿئي ڇا."

"هٿ تہ لڳل ڪونہ اٿم، پر خبر اٿم."

"ڪهڙي خبر."

"تون منهنجي ماءُ کي سڃاڻين؟"

"چندا کي."

"چندا، عرف چاند بيبي. عرف چندا."

"اهو عرف، عرف ڇا آهي."

"اهو، اهو آهي ته منهنجي ماءُ پهرين چندا هئي، پوءِ وري چاند بيبي ٿي ۽ هاڻي وري چندا ٿي."

"مون ڳالهه نه سمجهي. تون ڪنهن جي ڌيءُ آهين."

"مان ڪندي خان جي."

"جي؟"

"ڇو، عجب ۾ پئجي ويا."

"يعني، تون خاڪروب، ڪندي جي ڌيءُ ڪيئن آهين."

"ڪندي جي ڌيءُ آهيان، تڏهن ته اوهان جهڙن کي سڃاڻان ٿي."

"تنهنجي ماءُ، ڪنهن جي زال آهي."

"پهرين ڪندي جي هئي، هاڻي ڪالو جي."

"اهو ڪيئن."

"اهو هيئن جو مان اڃا ڄائي به ڪانه هيس ته ان وقت منهنجي ماءُ جي جواني ديواني هئي. سندس ڦاٽندڙ وهي هئي. هر هڪ ڏسندڙ سندس ڊيل جهڙي رفتار، گفتار، جسم جي لاهين چاڙهين ڪان دل جهلي نه سگهندو هو. ديوانو بڻجي ويندو هو ۽ اهڙيءَ طرح ڪندو هن تي هرڪ هاري ويٺو."

"توکي ڪنهن ٻڌايو."

"مون کي پنهنجي ماءُ ٻڌايو."

"ڇا ٻڌايائين."

"ٻڌايائين ته هوءَ جتي به ڪم ڪندي هئي، اتي نوجوان توڙي ڪرڙوڊ ۽ ڪُراڙا به ڪيس بيهي ڏسندا هئا، تڪيندا ۽ نهاريندا رهندا هئا. ڳالهائڻ لاءِ بهانا بنائيندا رهندا هئا. منهنجي اچڻ وڃڻ جي وقت جو انتظار ڪندا هئا. پوءِ هڪ ڏينهن مون ڪندي اڳيان پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ چندا مان چاند بيبي بڻجي سندس گهر ۾ وينس ۽ جڏهن جواني هئي، تڏهن ڪندو ڪيس چُمندو ۽ چَٽيندو رهندو هو. جڏهن دل پرچي ويس ته ڪندو وري هڪ ٻي جوانڙي وٺي آيو ۽ اهڙيءَ طرح چندا جيڪا چاند بيبي ٿي ويئي هئي، سا وري چندا بڻجي ويئي. ۽ مون کي وٺي مامي (سندس ڀاءُ) وٽ آئي. پوءِ مامي ڪيس پئسن تي ڪالو جي حوالي ڪري ڇڏي. مان جيڪا توهان کي حسين لڳي رهي آهيان، خوبصورت لڳي رهي آهيان. هاڻي اوهان سمجهي ويا هوندا."

"مان سمجهي ويو آهيان، انهيءَ ناتي ته منهنجو وڏيڪ حق آهي جو تون ڪندي جي ڌيءُ آهين."

* * * * *

"هيءَ ڏهه رپيا خرچي اٿئي."

"ڇا جي."

"عيد جي."

"هوءِ جيڪا پوڙهي ڏسو ٿا، انهيءَ کي وجي خرچي ڏيو."

"ڇو"

"مون کي ڏهن ڪان وڌيڪ خرچي ملي سگهي ٿي."

"ڪٿان"

"جتي قدردان آهن."

"ءِ مان سالن کان تنهنجون واٽون نهاريندو آيو آهيان."

"واٽن نهارڻ وارا، صرف نهاريندا ئي رهندا آهن. مون کي هاڻي دير ٿي رهي آهي. مهرباني ڪري مون کي ڇڏيو."

"پوءِ مان پري ٿي ويس. سوچيم ته وڏي مڇي ننڍي مڇيءَ کي کائيندي آهي. پوءِ انهيءَ ناڙ ۾ هوس ته ڏسان ته آخر ڪهڙي ڳالهه آهي. ڪير منهنجو رقيب آهي...."

* * * * *

پوءِ هڪ ڏينهن ڏٺم ته موهني منهنجي پاس سان لڪي لڪي اشارن ئي اشارن ۾ مرڪي رهي آهي.

* * * * *

"ڏهه رپيا خرچي نه ڏيندا؟"

"ڇو"

"اڄ عيد آهي."

"پر، تنهنجا قدردان پيا آهن."

"انهن جي سڪ پوري ٿي ويئي."



شبنم گل

# هڪ لمحي جي خوشي

هوءَ فارينہ جي ڊريس چينج ڪري رهي هئي تہ سميع پريان رڙ ڪئي "آشا! مان ليٽ پيو ٿيان، ميٽنگ ۾ پهچڻو اٿم."

فارينہ کي تيار ڪري، هوءَ کيس ڊائننگ ٽيبل وٽ ڇڏي، ڊوڙندي ڪچن ۾ ويئي. ناشتي جو سامان ٽري تي رکي ڊائننگ ٽيبل تائين پهتي. فارينہ ۽ فهد کي سلائس تي مکڻ ۽ جام لڳائي ڏيئي وري ڪچن ۾ وڃي فٽافٽ چانهہ تيار ڪري کڻي آئي. جيستائين سميع ناشتو ختم ڪيو ان وقت تائين هوءَ سندس بريف ڪيس ۽ ڪوٽ کڻي آئي.

"اڄ فون جي بل جي آخري تاريخ آهي." سميع کيس ياد ڏياريو.

"ها ياد اٿم، انکري تہ ڪاليج مان موڪل ڪئي اٿم، جيئن اڄ ئي سمورا ڪم ڪري وٺان."

هوءَ سميع، فارينہ ۽ فهد کي ڇڏڻ دروازي تائين آئي ۽ مرڪي کين خدا حافظ چيائين. واپس مُڙي هن گهر ڏانهن ڏٺو، ڪابہ شيءِ پنهنجي جاءِ تي نہ هئي. پهرين هن بيڊروم کي ٺيڪ ڪيو. ڊرائنگ روم ۾ ڪُشن زمين تي پيا هئا، رسالا ۽ اخبارون الڳ وکريل هيون. سڀ کڻي ترتيب سان رکي، ڪچن ۾ موٽي آئي. مختصر ناشتي کان پوءِ ڊريس چينج ڪري، ٻاهر وڃڻ جو سوچي رهي هئي تہ اوچتو چڪر اچي ويس. گهڙيءَ پل لاءِ هوءَ صوفي تي ويهي رهي.

پنهنجي حالت کي سامهون رکي کيس ٻاهر جا سمورا ڪم ڪينسل ڪرڻا پيا. گهر ۾ ويهي ڇا ڪنديس، هوءَ بوريت جي احساس کان گهٻرائجي ويئي. کيس مونا جو خط ياد آيو. هوءَ مونا جو خط کڻي کولي پڙهڻ لڳي. لکيل هو:

ڊيئر آشا!

ڪڏهن ڪڏهن لڳندو اٿم تہ پابندين ۾ ساهہ ٻوساٽجي ويندو. الڳ گهر جا ڪيڏا نہ خواب ڏٺا هئم، پر تعبير جي ڪنجي منهنجي سس جي هٿ ۾ آهي، انکري في الحال رڳو خوابن سان دل بهلايان پيئي. جوائنٽ فيملي سسٽم بہ هڪ عذاب آهي. انسان پنهنجي مرضيءَ سان ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهي. خالد منهنجو ايترو خيال ناهي رکندو، جيترو پنهنجي گهر وارن جو، انکري جيئڻ جنجال آهي. جيڪڏهن احتجاج ٿي ڪيان، تہ خالد منٿ ميڙ ڪري مون کي چُپ ڪرائي ٿو ڇڏي.

آشا! سوچان ٿي، تون ڪيڏي نہ خوشقسمت آهين، جو هڪ خود مختيار آزاد زندگي گذاري رهي آهين. ڪراچي جهڙي خوبصورت شهر ۾ رهين ٿي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ سمنڊ ڪناري هڪ خوبصورت فليٽ ۾ الڳ رهين ٿي. نہ سس جو جهيڙو نہ نڻانن جي ڪِر ڪِر. سميع ۽ توکي هڪٻئي جي احساسن کي شيئر ڪرڻ جو ڪيڏو نہ وقت ملندو هوندو! هڪ خالد آهي، جو سڄي خاندان کي منهن ڏيئي رڳو رات جو ڪجهہ گهڙيون ئي مون کي ڏيئي سگهندو آهي. ۽ هونئن! اها بہ ڪا زندگي آهي، جنهن ۾ تعلق رڳو خواهش پرستي جو اندو ڪوهہ ٻڌجي وڃي. ائين ٿو لڳي شادي ڄڻ تہ جسمن جو سودو هجي.

اسان ٻنهي ۾ ضرور پيار جو ڪو جذبو هوندو، پر ان پيار ۾ ڏاڍي تشنگي آهي، جيئن ڪنهن اُڄ ۾ مرندڙ ماڻهوءَ کي ڊڪ ڊڪ ئي پاڻي ملندو هجي. خير، پنهنجا ڏک ٻڌائي توکي بور ڪرڻ نہ ٿي چاهيان.

تنهنجي خط جو انتظار رهندو.

فقط تنهنجي مونا.

خط پڙهي هوءَ مونا جي انداز تحرير تي مرڪي پئي. مونا سندس بيسٽ فرينڊ هئي. حد کان وڌيڪ جذباتي ۽ کرو سچ ڳالهائيندڙ بيباڪ ڇوڪري، پر ساهرا اهڙا مليس، جيڪي ڪافي حد تائين ڪنزرويٽو هئا. جڏهن ته سندس پرورش آزاد ماحول ۾ ٿي هئي. هوءَ سوچڻ لڳي ته ماءُ پيءُ اولاد جي زندگيءَ جو فيصلو ڪرڻ وقت، ڪين مختلف ماحول ۾ موڪليندي، اهو نه ٿا سوچين ته ان مختلف ماحول ۾ سندن اولاد کي ايڊجسٽ ڪرڻ لاءِ ڪيترا نه جتن ڪرڻا پوندا!

"ڇا مان واقعي خوشقسمت آهيان!" آشا پنهنجي وڪريل وارن کي سميٽي سوچيو.

کيس ياد آيو، شاديءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ سميع هن کي ڪيڏو نه خوش رکيو هو. هر ڪم سميع هن کان پڇي ڪندو هو. هن آشا جي اصرار تي سمنڊ ڪناري فليٽ ورتو، جنهن کي هن پنهنجي مرضيءَ سان ڊيڪوريٽ ڪيو هو.

شاديءَ جي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، چوڏهينءَ جي رات هو سمنڊ ڪناري خاموش ويٺا هئا. نه ڳالهائڻ جي باوجود به هو هڪٻئي جي موجودگيءَ جي احساس ۾ گم هئا. ڪيترا ڪلاڪ هو ان ڪيفيت ۾ ويٺا رهيا. پوءِ خاموشيءَ کي ٽوڙيندي آشا چيو هو:

"هاڻ گهر هلون!"

"مان سڄي رات هتي گذارڻ ٿو چاهيان."

"اڃا ويهي" آشا کلي پئي.

"ها اڃا. هڪٻئي جي هٿن ۾ هٿ ڏيئي خاموش رهي سڄي رات جاڳنداسين."

"اڃا بنان ڪجهه ڳالهائڻ جي؟" آشا چنڊ کي ڏسندي چيو.

"جذبا لفظن جا محتاج ٿيندا آهن ڇا!"

سميع جي ڳالهه ٻڌي سندس دل ۾ ڪنارن جهڙو سڪون لهي آيو.

محبت اندر جي دنيا جي تڪميل آهي. هن کي محسوس ٿيو، ڪائنات جو هر رنگ تڪميل جي ان پرنور روشنيءَ سان گڏ رقص ڪري رهيو هجي. ۽ اڄ هن چوڏاري پٿين کي ڏٺو. سڀ ڪجهه ڪيڏو نه بدلجي چڪو آهي. شايد اهو دنيا جو دستور آهي ته جيڪو ڪلهه هو اُهو اڄ نه هوندو، ۽ جيڪو ڪجهه اڄ آهي اُهو سڀاڻي نه رهندو. انساني مزاج، روين ۽ رشتن کي ڪا Stability ڪانهي.

هوءَ پنهنجي زماني جي موسٽ ايڪٽو گرل هئي. انڪري هن جلد ئي گهر جي هر ذميداري سنڀالي ورتي. گهر جا سمورا ڪم سنڀاليندي بجلي، سوئي گيس، ٽيليفون جا بل هوءَ جمع ڪرائڻ لڳي. گهر جو سيڙو سامان يوٽيلٽي اسٽور تان وٺي ايندي هئي. پهرين ٻارن کي اسڪول ڇڏڻ جو ڪم سميع جي حوالي هو، اُهو به هن پاڻ سنڀالي ورتو. ٻارن کي اسڪول ڇڏي پاڻ ڪاليج هلي ويندي هئي. سميع کي گهرجي طرفان ڪوبه فڪر نه هو.

پر آخر ڪيستائين؟ هوءَ زندگيءَ جي يڪسانيت کان جلد گهٻرائجي ويئي. هاڻ هو هڪ ڪلڪيوليٽيڊ مشيني زندگي گذاري رهيا هئا. سميع شام جو ڇهين بجي گهر واپس ايندو هو. ڪپڙا تبديل ڪري چانهه پي ويهندو هو ته سندس ڪونه ڪو دوست اچي ويندو هو. سميع ڪافي سوشل هو، سندس دوستن جو حلقو انتهائي وسيع هو. اها ڳالهه آشا کي ڏاڍو بيزار ڪندي هئي. هن جي شديد تمنا هئي، ته سميع زندگيءَ جي هر معاملي کي هن سان برابر شيئر ڪري. ڪڏهن سندس حال پڇي. اُهي ساڳيون ننڍيون ننڍيون رنجشون، اُهي ڳالهه ڳالهه تي رُساما موٽي اچن، جن سان پيار جي جذبي ۾ شدت ۽ پنهنجائپ جو احساس ٿيندو آهي. پر انهن سڀني ڳالهين لاءِ وقت گهُربل هو، جنهن جي آشا جي زندگيءَ ۾ کوٽ هئي.

ٻارن جو اسڪول مان موٽڻ جو ٽائيم ٿي ويو هو. هن سميع جي آفيس فون ڪئي ته سميع هڪ اهم ميٽنگ ۾ مصروف هو. هاڻ ڇا ٿيندو! هوءَ پريشان ٿي ويئي. آخرڪار پنهنجي وڪريل قوت کي گڏ ڪري هن پاڻ ٻارن کي وٺي اچڻ

جو فيصلو ڪيو. هوءَ جلدي جلدي تيار ٿي گاڏي ڪڍي ارم اپارٽمينٽس کان ٻاهر نڪري ويئي.

رات جو هوءَ چيڪ اپ ڪرائي موٽي ته سميع جو موڊ سخت خراب هو. ٻارن کي پنهنجي ڪمري ۾ سمهاري واپس بيڊ روم ۾ موٽي ته سميع خلاف توقع جاڳي رهيو هو. جڏهن ته هوءَ ڏاڍي خوش هئي. ڪيس ائين محسوس ٿي رهيو هو جڻ هوءَ اندر جي گهُٽ کان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي هجي. سندس وجود خلائن ۾ هلڪو ڦلڪو ٿي اُڏامي رهيو هو. چانڊوڪي سندس ٻانهن ۾ هئي ۽ ڪيترا ستارا هن مُنهن ۾ جهلي رکيا هئا. هڪ ٻيو اڻڏٺل وجود سندس اندر ۾ گردش ڪري رهيو هو. زندگيءَ جي Monotony ختم ٿي رهي هئي. هن محسوس ڪيو، سميع بي چين هو.

"ڇا ڳالهه آهي، ڇو پريشان آهيو؟"

"اسان کي ٽئين ٻار جي ڪا ضرورت نه آهي."

سميع جي ڳالهه ٻڌي ڪيس صدمو رسيو. هن جي وهم ۽ گمان ۾ به نه هو ته ڪو سميع ان انداز ۾ سوچي سگهي ٿو. هن غور سان سميع کي ڏٺو. هن کي سميع جو چهرو ڏاڍو اوپرو لڳو. ڪيس لڳو ته اندر ۾ ڪا شيءِ ڀڃي پيئي هجي. شايد ويساهه جو نازڪ شيشو ڀڃي پيو هو. هو هڪ ٻئي جي ويجهو هوندي به هزارن ميلن جي فاصلي تي هليا ويا هئا. هو نرم ۽ نازڪ جذبا رکندڙ سميع ته نه هو. هو ماحولياتي آلودگي ۾ ساهه کڻندي کڻندي پنهنجي اندر جي سونهن کي وڃائي ويٺو هو. هو ڪمپيوٽر ايج جو مشيني انسان هو. يا خدا، انسان ايڏو جلدي به بدلجي سگهي ٿو. سمورا احساس ۽ جذبا ائين مري به سگهن ٿا! ڪاش، هوءَ سميع سان وڙهي سگهي ها، پر هن ته وڙهڻ، رُسڻ ۽ پرچڻ جو حق به ڪسي ورتو هو.

"پر اها قدرت جي ڳالهه آهي" آشا خار کائيندي چيو.

"ٻار جو Abortion به ٿي سگهي ٿو."

"سميع.....!" آشا سڪتي ۾ اچي ويئي.

"ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه آهي."

"اهو گناهه آهي" هوءَ هراسجي ويئي.

"توکي ائين ڪرڻو پوندو" سميع سختيءَ سان چيو.

"تون هڪ خود غرض انسان آهين" آشا جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا.

"آشا! نئين دور جي تقاضائن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. ملڪ ۾ اڳ ئي آبادي جو ڪيڏو بوجهه آهي."

"مان ڪجهه به ٻڌڻ نه ٿي چاهيان."

"تون سڀاڻي ڊاڪٽر سيما سان ملي پنهنجو مسئلو حل ڪرائي ڇڏ."

ائين چئي هو پاسو ورائي سمهي رهيو.

زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هن کي سميع جي وجود کان نفرت محسوس ٿي. هوءَ وهاڻو کڻي ڊرائنگ روم ۾ هلي آئي. ڪارپيٽ تي وهاڻو رکي ليٽي پيئي ۽ سوچڻ لڳي ته شادي شده زندگيءَ ۾ ٻار، عورت لاءِ سڀ کان وڏو سهارو هوندا آهن. هڪ اهڙو Supporting Factor جيڪو عورت جي ڏکن ۽ محرومين جي وچ ۾ هڪ توازن پيدا ڪندو آهي. عورت ماءُ آهي ۽ اهوئي سندس سڀ کان وڏيڪ خوبصورت روپ آهي. هوءَ انسان جي روپ ۾ هڪ ڪائنات کي خلقي ٿي، جيڪو تخليق جي سگهه رکي ٿو، اُهو ڪڏهن به تخريبي نٿو ٿي سگهي.

"نه نه ،مان ائين ٿيڻ نه ڏينديس." هوءَ سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

ان کان پوءِ ان موضوع تي هن جو سميع سان ڪيترا ڀيرا جهڳڙو ٿيو. آخرڪار هن سميع سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. ڪجهه ڏينهن خاموش رهي. هوءَ جڏهن سميع سان ڳالهائڻ لڳندي هئي ته وري ساڳئي موضوع تي بحث ڇيڙيندو هو. ٻه

تي مهينا هن شديد اذيت ۾ گذاريا. هوءَ ڪنفيوز رهڻ لڳي. ذهني اذيت کيس بيمار ڪري وڌو. هڪ ڏينهن هوءَ ڏاڪڻ تان سلپ ٿي ويئي. کيس هاسپيٽل ۾ ايڊمٽ ڪيو ويو. سندس ٻار Miscarriage ٿي ويو. ان صدمي سندس دماغ سُن ڪري ڇڏيو. هفتو اسپتال ۾ رهڻ کان پوءِ هوءَ گهر موٽي آئي.

"هو Unwanted Child هو. تڏهن تہ دنيا ۾ نہ اچي سگهيو." هوءَ اهو سوچي روئي پوندي هئي. سميع کي ڏسڻ سان ئي سندس چهري تي نفرت جا آثار لهي ايندا هئا. هوءَ لاشعوري طور تي ان واقعي جو ذميوار سميع کي سمجهڻ لڳي هئي.

هوءَ جن حالتن کان گذري رهي هئي، انهن ۾ ٻار جي خوشخبري کيس نجات جو رستو لڳو هو. سندس وجود ۾ هلڪي درد جي احساس ۾ هڪ عجيب مناس هئي، جڻ تہ سندس رشتو هڪ اڻڏٺل پُرنور دنيا سان جڙي ويو هو.

ان رات هوءَ بيڊ تي خاموشيءَ سان سُتي پيئي هئي. اوچتو دريءَ جو پردو تيز هوا سان لڏڻ لڳو. کيس ڪمري ۾ آسماني روشني محسوس ٿي. هن جي Vision ۾ ٻار دريءَ مان اُڏامندو، هن کان ڪجهہ فاصلي تي اچي بيهي رهيو.

"تون مون کي ڇڏي ڪيڏانهن هليو ويو آهين!"

"مما! مان پنهنجيءَ دنيا ۾ تمام خوش آهيان."

"پر مان توکان سواءِ خوش نہ آهيان."

"مما! مان توهان کان پري نہ آهيان. جيڪڏهن محسوس ڪيو تہ توهان جي وجود جو اڻمٽ حصو آهيان."

"مون کي تنهنجي سخت ضرورت هئي."

"سٺو ٿيو تہ مان دنيا ۾ نہ آيس مما! توهان جي دنيا ۾ گهري اونداهي ۽ ڏاڍي ڪرپشن آهي. هر ماڻهوءَ جي من ۾ کوٽ آهي. هر ڪو خواهشن جي پڃري ۾ بند آهي. ماڻهن سچ جي سگهہ کان منهن موڙي ورتو آهي، انڪري مصلحتن جي مورچن ۾ لڪا وينا آهن. اهڙيءَ دنيا ۾ اچي ڇا ڪيان ها، جتي چهرن تي منافقت جو نقاب چڙهيل آهي، جتي سچن رشتن جي ڪا سڃاڻپ ڪانهي. مصلحت ۽ بناوٽ جي ڏور سان ٻڌل رشتن جي وچ ۾ رهندي مان ڪوڙ جي ان ڏنڊ ۾ وڃانجي وڃان ها. محروم تمنا ٿي رهان ها. پنهنجي وجود ۾ اوپرو ٿي جيئڻو پوي ها."

"منهنجي ويجهو اچ، جيئن مان توکي پيار ڪري پنهنجي اندر جي محروميءَ جي تلافي ڪري سگهان."

ٻار سندس اکين جي ويجهو آيو. هن جيئن ٻار کي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي، سندس هٿ هوا ۾ مٿي اُٿي هيٺ جهڪي ويا. هن اکيون کولي چوڌاري ڏٺو تہ ڪمري ۾ هوءَ اڪيلي هئي. هوءَ چهرو هٿن ۾ لڪائي روئڻ لڳي.

سمنڊ جي لهرن ۾ ڏاڍو چاڙهہ هو. ان چانڊوڪي رات ۾ هوءَ اڪيلي دير تائين سمنڊ جي لهرن کي ڏسندي رهي. لهرن، چنڊ ۽ هوائن ۾ هڪ عجيب هارموني هئي. سندس ڏڙڪنون منتشر ٿيڻ لڳيون. کيس چڪر اچي ويو، هوءَ زمين تي ويهي رهي.

"آشا! اهو ڪهڙو مذاق آهي؟"

هن ڪنڌ مٿي ڪنيو، هن جي اڳيان سميع بيٺو هو. سندس چهرو ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙهو ٿي ويو هو. هن ڏٺو تہ ٻار ڪجهہ فاصلي تي بيماريل گاڏيءَ ۾ پريشان وينا هئا.

"ڇا ڪيو آهي مون" هوءَ اُٿي بيهي رهي.

"مان توکي ڪيتري دير کان ڳوليندو ٿو وتان ۽ تون ٻنان ٻڌائڻ جي هتي هلي آئي آهين!"

"تون مون کي سڄي زندگي ڳوليندو رهندين، پر مان توکي ڪٿي بہ نہ ملنديس" ، هوءَ لهرن ڏانهن مُنهن ڪري بيهي رهي.

"آشا! مان تنهنجي ان رويي کي ڇا سمجهان!"

"تو ڪڏهن مون کي سمجهڻ جي ڪوشش ني نہ ڪئي آهي."

سميع کي خبر هئي تہ ٻار واري حادثي کان پوءِ هوءَ ذهني طور تي اپ سيٽ ٿي ويئي هئي، انڪري هن ڪاوڙ جي باوجود لهجي ۾ نرمي پيدا ڪندي چيو:

"ڇا مون کان ڪا ڪوتاهي ٿي آهي؟"

آشا کيس حيرت سان ڏٺو. هو ڪيڏو نہ اڻڄاڻ بڻجي رهيو هو، ڄڻ تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو هو.

"توکي ياد آهي سميع! شاديءَ کان پوءِ هڪ رات اسان دير تائين سمنڊ تي ويٺا هئاسين."

"ها ياد آهي."

"اُها رات تو مون کان کسي ورتي آهي. ان رات کان پوءِ اينڊڙ ڪنهن بہ رات ۾ وري ڪڏهن چنڊ نہ اُڀريو آهي. مون کي اُها رات موٽائي ڏي."

هوءَ سميع جي گريبان ۾ هٿ وجهي کيس جهنجهوڙي رڙيون ڪرڻ لڳي.

"آشا! پليز آشا! ڪجهہ تہ هوش ڪر"، سميع کيس سنڀاليندي چيو.

"مون کان اُها رات وڃائجي ويئي آهي. مون کي ٻيو ڪجهہ بہ نہ گهرجي، فقط اُها رات گهرجي جنهن جي خاموشيءَ ۾ جذبن ڳالهايو هو. مون کي اُها رات موٽائي ڏي. خدا جي واسطي مون کي اُها رات موٽائي ڏي."

هوءَ ٻارن وانگر روئي رهي هئي. هو ماڻهن جي توجهہ جو مرڪز بڻجي رهيا هئا. تماشي ٿيڻ کان بچڻ لاءِ هو آشا کي ٻانهن کان وٺي گهليندو ڪار تائين وٺي آيو. گهر اچي هن آشا کي زوري سليپنگ پلز کارائي سمهاري ڇڏيو.

وقت گذرڻ سان گڏ، آشا حالتن سان سمجهوتو ڪري ورتو. هاڻ هن سميع کان اميدون وابستہ ڪرڻ ڇڏي ڏنيون هيون. اُهائي ساڳي مشيني زندگي وري موٽي آئي.

هڪ رات سميع دير تائين دوستن سان ويٺو رهيو ۽ هوءَ بہ بي چين سڄي گهر ۾ گهمندي رهي. پنهنجي ڪمري ۾ دريءَ مان لهرن مٿان چانڊوڪيءَ جي ڪرڻن جي جهرمر ڏسندي رهي. ۽ پوءِ ٿڪجي سمهي رهي.

ننڊ جاڳ جي ڪيفيتن ۾ هن سميع جي موجودگيءَ کي محسوس ڪيو. هو سندس پير ۾ ويهي سندس چهري کي غور سان ڏسي رهيو هو، جيڪو هلڪي روشنيءَ ۾ ڦڪو ۽ بيمار لڳي رهيو هو. هن کيس سڏ ڪيو.

"آشا!"

"جي" هن اکيون کوليون.

سميع سندس وار چهري تان هٽائيندي چيو: "آشا پنهنجو خيال رکندي ڪر. ڏس ڪهڙي حالت ڪري ڇڏي اٿئي؟"

سميع سندس ڳل تي پيار سان هلڪي ٿپڪي ڏيئي وڃي سمهي رهيو. آشا کي محسوس ٿيو تہ سندس من جي اونداهيءَ ۾ ڪو ديپ ٻري پيو هجي. جيئن ڪرٽا ڪرٽا ٿي جرڪي پيو هجي. ڪنهن ڏورانهين سفر تان اينڊڙ ٻيڙيءَ ساحل کي ڇهيو هجي. ڄڻ مري ويل جذبا ٻيهر جيئرا ٿي پيا هجن. ڄڻ هر طرف روشني هجي، من ۾ بہ تہ روح جي گهراين ۾ بہ. هڪ لمحي جي ان خوشيءَ اڱيان هو پنهنجي ذات ۾ گلاب بڻجي مهڪي پئي. ڪيترين راتين کان اوجاڳيل اکين ۾ ننڊ جا سپنا لهي آيا.

ڇا سڄي زندگي محرومين جي اونداهين ۾ انين لمحو لمحو ٿي لاٽ ٻرندي رهندي. سندس اکين جي ڪنارن کان هڪ لڙڪ لڙي وهاڻي ۾ جذب ٿي ويو. ٿوريءَ دير ۾ هوءَ سُمهي رهي. سندس چهري تي اهو هڪ لمحو خوشيءَ جو گلابي عڪس بڻجي جرڪي رهيو هو!

✤ ✤

شگفتہ شاهہ

# فتح

رابيل ايئرڪنڊيشنڊ ڪوچ ۾ داخل ٿي تہ ڪا مناسب سيٽ ڳولي وٺڻ لاءِ نظرون گھمائڻ لڳي تہ اوچتو آپا مهروءَ تي نظر پيس، جنهن جي ڀر واري سيٽ خالي هئي. هوءَ تيزيءَ سان ڪوچ جي ان آخري حصي ۾ موجود سيٽ ڏانهن وڌي.

"آپا مهرو!" هن چيو.

"هان!" آپا مهرو، جيڪا اخبار پڙهڻ ۾ محو هئي، تنهن رابيل جي سڏ تي اخبار تان نظرون هٽائي نظر جي عينڪ جي ٿلهن شيشن مان رابيل ڏانهن نهاريو.

"اسلام عليڪم!" رابيل چيو.

"وعليڪم السلام. تون تہ شايد....."

"آپا، آءٌ رابيل آهيان."

"اوهہ! ها رابيل! ڪهڙا حال آهن؟ ويهہ ويهہ هتي." آپا مهرو ڀر واري خالي سيٽ ڏانهن اشارو ڪيو تہ رابيل سيٽ تي ويهي رهي.

"آپا! ايترن سالن کان پوءِ اوهان سان اڄ اوچتو ملي سچ پچ تہ ڏادي خوشي پيئي ٿئي." رابيل جي خوشي سندس ٻهڪندڙ چهري مان ظاهر ٿي رهي هئي.

اوچتو ڪوچ جو دروازو لاڪ ڪيو ويو تہ آهستي آهستي ڪوچ هلڻ لڳي. آپا مهرو سندس ڀر ۾ ڪوچ جي شيشي مٿان لڳل پردو ٿورو هٽايو ۽ ان مان ٻاهر ڏسڻ لڳي، ايستائين جو جڏهن ڪوچ نوابشاهہ شهر جون حدون پويان ڇڏي نيشنل هاءِ وي تي دوڙڻ لڳي تہ آپا مهرو شيشي مٿان پردو ڏيئي ڪجهہ دير چپ رهي ۽ پوءِ رابيل کي چيائين:

"رابيل! تون نوابشاهہ ۾ اڄ ڪيئن؟"

"آپا! سحر کي نوابشاهہ جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ ائڊميشن ملي آهي، سو اڄ ٻهريون ڀيرو آئي هئي، انڪري منهنجي دل چيو تہ آءٌ پاڻ ڪيس ٻهريون ڀيرو هاسٽل ڇڏي اچان. خوابن جي منزلن ڏانهن ويندڙ مسافرن کي سندن ٻهرين اسٽيشن تان دُعائن جي سواريءَ ۾ چاڙهي پنهنجن هٿن سان تہ موڪل ڪرجي نہ." رابيل چيو تہ سندس اکين ۾ هلڪو پاڻيءَ جو پردو نظر آيو.

"اوهہ! تہ تنهنجي نندي ڀيڻ سحر ميڊيڪل ڪاليج ۾ پهچي وئي. ويري گڊ!. رابيل! تون وڏي حوصلي واري ڇوڪري آهين. تو پنهنجي ڀيڻ ڀاءُ جي بهتر مستقبل لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. ڀلا تنهنجن ٻنهي ڀائرن جو ڇا ٿيو؟"

"وڏو ڀاءُ بئنڪ ۾ مئنيجر آهي ۽ شهزاد انٽر سائنس جو امتحان ڏيڻ وارو آهي."

"۽ تنهنجي پڙهائي ڪيستائين پهتي؟"

"آپا، مان زولاجي ۾ ايم. ايس. سي ڪرڻ کان پوءِ في الحال تہ هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ جاب جوائن ڪئي

آهي ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ ليڪچررشپ لاءِ ڪميشن جو فارم پڻ ڀريو اٿم. الله مالڪ آهي."

"تمام سٺو."

آپا مهرو ايترو ڳالهائي وري اخبار پڙهڻ شروع ڪئي. رابيل سيٽ جي بيڪ تي مٿو رکي، اکيون بند ڪري پنهنجي بدن کي ڪجهه ڍرو ڪري ڇڏيو ته جيئن ٿڪاوٽ ۾ ڪجهه آرام ملي پيس. سندس ذهن پوئتي ورڻ لڳو.

آپا مهرو، جنهن جو پورو نالو مهرالنساءِ هو، ڪاليج جي زماني ۾ کين باٽني پڙهائيندي هئي. ان وقت هن جي عمر چاليهن کان مٿي هوندي. هوءَ بنهه عام نقشن واري، رنگ جي سانوري ۽ ڪجهه ٿولهه ڏانهن مائل هئي. ٿلهي عينڪ جي شيشن پويان نظر اندر سندس ننڍڙيون ننڍڙيون اکيون هر قسم جي جذبي کان عاري نظر ايندڙيون هيون. هوءَ بي انتها بدمزاج هوندي هئي ۽ پنهنجن شاگردياڻين سان بيحد سختيءَ سان پيش اچڻ ڪري انهن ۾ انتهائي غير مقبول هوندي هئي. هوءَ جڏهن ڪاوڙ ۾ ايندي هئي ته پوءِ ڀلي استاد هجن يا شاگرد، پٽيوالا هجن يا ڪو ٻيو، سندس زبان جي تيرن کان پاڻ بچائي نه سگهندا هئا. پر پوءِ به سڀ ساڻس درگذر ڪندا هئا ۽ ڪوشش ڪري سندس چيو مڃيندا هئا ۽ کيس پرچائڻ جي ڪوشش به ڪندا هئا، ڇو ته سڀني کي خبر هئي ته هن تمام سخت ۽ اڪيلائيءَ جي زندگي گذاري هئي. سندس ماءُ پيءُ هڪ ئي وقت روڊ ايڪسيڊنٽ جي ڪري گذاري ويا هئا ته ان وقت گهر ۾ هوءَ ئي سمجهه ڀري هئي ۽ سندس ٽي ڀائر اڃان ڪافي ننڍا هئا. انڪري هن سخت محنت ۽ جدوجهد سان نه رڳو پڙهائي جاري رکي پر ننڍن ڀائرن جي پرورش پڻ ڪيائين. هن ان سموري جدوجهد ۾ ڇا ڪجهه ڀوڳيو هو، ساڻس ڪهڙا حالات پيش آيا، اهي سڀ ڄاڻندا هئا، انڪري ئي سڀ سندس بدمزاجيءَ جي باوجود، همٿ ۽ جاکوڙ ڪري سندس عزت به ڪندا هئا. هوءَ حد درجي جي خوددار ۽ ضدي پڻ هئي. ڀائرن کي پڙهائي لکائي، پنهنجن پيرن تي بيهارياڻين ۽ سندن گهر آباد ڪرايائين. جڏهن اهي سندس مدد ڪرڻ ۽ سندس سهارو بڻجڻ جي قابل ٿيا ۽ کيس پاڻ وٽ رهائڻ چاهيائون، پر هن انڪار ڪيو. هن شادي به ڪانه ڪئي. اهڙين سخت زندگيءَ ۽ اڪيلائيءَ سندس مزاج ۾ پڻ سختي ڀري ڇڏي هئي. کيس درگذر ڪرڻ جي باوجود گهڻا ماڻهو سندس زبان جي ڪاٽ ۽ بدمزاجيءَ جي ڪري کيس ناپسند ڪندا هئا.

هڪ ڀيري، فري پيريڊ ۾، جڏهن رابيل ڪاريڊور ۾ پيل بينچ تي ويهي ڪجهه لکڻ ۾ مصروف هئي ته آپا مهرو سندس اڳيان لنگهي هئي. هوءَ پنهنجي ئي ڌيان ۾ وينل هئي، انڪري کيس خبر نه پيئي ته هوءَ سندس اڳيان لنگهي هئي، جو اوچتو ئي آپا مهرو موٽي آئي ۽ کيس تيز لهجي ۾ مخاطب ڪندي چيائين:

"اسٽينڊ اپ!"

رابيل جي هٿ مان جرنل هيٺ ڪري پيو ۽ هوءَ بلڪل پريشان ٿي وئي.

"جي! ميڊم!" هن ڏڪندي ڏڪندي چيو.

"اوهان کي ايترو احساس به هاڻي نه رهيو آهي ته استاد جو وڏيڪ نه سهي پر ڪجهه ته احترام ڪجي. هاڻي اوهان استاد جي لاءِ احترام ۾ اٿي بيهڻ به پسند نٿيون ڪريو! حد ٿي وئي آهي! اسان به ته اوهان جيتريون هونديون هيوسين. اسان نه فقط انهن استادن جو احترام ڪنديون هيوسين جيڪي اسان کي پڙهائيندا هئا، پر جيڪي نه پڙهائيندا هئا انهن کي به پري کان ايندي ڏسي اصل اٿي بيهنديون هيوسين. پوءِ ڇون ٿا ته اڄڪلهه استاد ٻارن کي سٺي طرح نٿا پڙهائين. اڙي! شاگرد به سندن عزت ته ڪري ته پوءِ ئي سندن به دل چوي نه. پر اڄڪلهه جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ته پاڻ کي الائي ڇا ٿا سمجهن؟ استاد ته سندن جهڙا نوڪر هجن. عزت ڪرڻ ته ڄاڻن ئي ڪونه."

"آپا! مون کي خبر نه پيئي ته اوهان وجهو پيا."

پر پوءِ بہ آسرو تہ هوندا آهن. اولاد لاءِ دُعا جو دَرُ هوندا آهن. مون کان پُڇ تہ ماءُ پيءُ بنا مون پاڻ کي ڪيڏو اڪيلو ۽ بي سهارا سمجهيو هو. تون تہ خوش قسمت آهين تہ سندن سايو تنهنجي مٿان آهي ۽ تون چاهين تہ تون پنهنجي گهر کي سهارو ڏيئي سگهين ٿي ۽ تون اڪيلي بہ ڪانہ آهين. توسان گڏ تہ تنهنجو وڏو ڀاءُ بہ آهي. پاڻ کي سنڀال ۽ انين دل نہ لاهہ."

آپا مهرو پيار، پنهنجائپ ۽ خلوص سان چيو تہ رابيل حيران ٿي کيس ڏٺو تہ ڇا اها ساڳي آپا مهرو هئي. اکڙ ۽ جهيڙاڪ!

۽ پوءِ، ان ڏينهن کان پوءِ آپا مهرو تہ رابيل لاءِ ڄڻ ڇپر ڇانو بنجي ويئي. هن کيس قدم قدم تي حوصلو ڏنو. پيار ڏنو ۽ پڙهائيءَ ۾ پڻ هر قسم جي مدد ڪئي هئي ۽ سڀ کان وڏو احسان اهو تہ هن سندس وڏي ڀاءُ ارشد کي ڪجهہ چنو چوا ڪرائي هڪ پرائيويٽ اداري ۾ پارٽ ٽائيم جاب وٺرائي ڏني هئي. پڻ رابيل کي بہ ٻہ ٽي ٽيوشنس وٺرائي ڏنيون. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي گهر جي خرچ ۽ پيءُ جي بيماريءَ جي علاج کي منهن ڏيڻ جهڙا ٿيا هئا. پر ان دور کان وٺي رابيل جي سڄي شخصيت ۾ ئي ڄڻ تبديلي اچي ويئي هئي. هوءَ حد کان وڌيڪ سنجيده ۽ خاموش رهڻ لڳي هئي. حالتن کيس وقت کان اڳ ئي الاهي وڏو ڪري ڇڏيو هو. هوءَ فري پيريئڊ ۾ گهڻو ڪري لئبرريءَ ۾ هلي ويندي هئي ۽ پوءِ يا تہ ڪورس جي ڪتابن پڙهڻ ۾ لڳل هوندي هئي يا وري ٻيا ڪتاب هٿ ۾ هوندا هئس. انهن ئي ڏينهن کان کيس ادب پڙهڻ جو پڻ چاهہ وڌي ويو هو. کيس جڏهن بہ آپا مهرو ڪتاب پڙهندي ڏسندي هئي تہ چوندي هئي:

"ڇوڪري! ايڏا ڪتاب نہ پڙهندي ڪر. اجايو ٿي پنهنجو مٿو خراب ڪرين. هونءَ بہ ڇوڪريون ڪيڏا بہ اُنَ ڪتابن جا ڇو نہ پڙهي وٺن، ڪين ڪرڻو تہ اهو ئي ٿانو ٻُهاري آهي. مڙس جي خدمت ڪرڻ ۽ ٻار پالڻا آهن ۽ هي ادبي ڪتاب تہ مرڳو ئي چَٽ ڪري ڇڏيندءِ."

"نہ آپا! ڪتاب تہ شعور ڏيندا آهن، ۽ شعور وري جيئڻ جو ڍنگ سيکاريندو آهي." هوءَ ڪلي چوندي هئي.

ڪڏهن وري آپا مهرو سندس سنجيدگيءَ ۽ خاموشيءَ تان کيس ٽوڪيندي هئي: "ڇوڪري! ايڏو خاموش ۽ سنجيده نہ رهندي ڪر، نہ تہ ڇَري ٿي پوندينءَ. اسان کي ڏس. ايڏو ڪجهہ سَٺو آهي، پر پوءِ بہ کلون ٿا. ڳالهايون ٿا ۽ تو ايڏي ننڍي عمر ۾ ئي پاڻ کي انين ڪري ڇڏيو آهي! ڪجهہ ڳالهاءِ، ڳالهاءِ. هيءَ خاموشي پاڳل ڪري ڇڏيندءِ."

انين وقت گذرندو ويو. رابيل ڪاليج ڇڏي يونيورسٽي پهچي ويئي، پر پوءِ بہ هوءَ آپا مهروءَ سان ملڻ ڪاليج ضرور ويندي هئي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ رابيل کي خبر پيئي تہ آپا مهرو پنهنجو ٽرانسفر ڪرائي ڪراچي هلي ويئي هئي. ان کان پوءِ سندس ملاقات سالن تائين هن سان نہ ٿي سگهي هئي ۽ هينئر کيس هوءَ اوچتو ڪوچ ۾ ملي هئي. کيس احساس ئي نہ ٿيو تہ ڪيترو وقت گذري ويو! ڪوچ تيزيءَ سان حيدرآباد ڏانهن ڊوڙي رهي هئي.

"رابيل! ڪافي پيئندينءَ؟" اوچتو آپا مهروءَ کيس مخاطب ڪيو تہ هوءَ پنهنجن پُورن مان نڪري آئي ۽ هاڪار ڪيائين تہ آپا مهرو ٿرماس مان ڪافي ڪڍي هڪ مگ کيس ڏنو ۽ ٻئي ۾ پاڻ پيئڻ لڳي.

"آپا، اوهان جو نوابشاهہ اچڻ ڪيئن ٿيو؟" رابيل پڇيو.

"اسان جا ڪي پري جا مائٽ هتي رهن ٿا، سو انهن جي هڪ شاديءَ جي دعوت اٽينڊ ڪرڻ آئي هيس ۽ هاڻي حيدرآباد ۾ پنهنجي هڪ پراڻي ڪليگ ڏانهن پيئي وڃان. رات اتي ترسندس ۽ صبح جو ڪراچي هلي ويندس."

"آپا، اوهان تہ حيدرآباد ۾ سيٽ هئا، پوءِ اوچتو ڪراچي ڇو ويا؟"

"بس رابيل! اڪيلائي عذاب بنجي وينئي هئي. ڀائرن ۽ ڀاڄاين جي در تي وڃڻ مون کي سٺو نہ لڳو، سو ڪراچيءَ ۾ منهنجي هڪ تمام پياري ۽ پراڻي وقت کان ساٿ ڏيندڙ ساهيڙي رهي ٿي. سندس گهر وارو گذاري ويو تہ هوءَ اڪيلي ٿي ويئي. هڪ پٽ اٿس، جيڪو انگريزياڻي پرڻجي ولايت وسائي وڃي ويهي رهيو، سو آءٌ هن وٽ هلي ويس ۽ اتي اسان ٻنهي گڏجي ريڊي ميڊ گارمينٽس جو دڪان کوليو آهي. ائين هڪ ٻاسي اسين ٻئي هڪٻئي جي اڪيلائيءَ جو سهارو بنجي پياسين تہ ٻئي پاسي جيئڻ جو آسرو پڻ ڪري ورتوسون. ڪنهن جا محتاج تہ ڪونہ آهيون."

"آپا! سچ پڇ تہ اوهان وڏي حوصلي واريون آهيو. آءٌ پاڻ بہ جڏهن بہ همت هارڻ لڳندي هيس تہ هميشہ اوهان جو مثال منهنجي اکين آڏو ايندو هو تہ مون کي بہ حوصلو ملي پوندو هو." رابيل چيو ۽ پوءِ هو ڪيتري ئي دير ڳالهائينديون رهيون؛ هر موضوع تي، پراڻين ڳالهين تي، ايستائين جو سندن سفر جو ڪافي حصو ڪٽي چڪو هو ۽ هو حيدرآباد جي ويجهو پهچي ويا هئا، تہ آپا مهرو کانئس پڇيو:

"پلا شادي ڪڏهن ٿي ڪرين؟ ڪو رشتو آيو اٿئي يا نہ. نہ تہ منهنجي نظر ۾ آهن ڪجهہ گهر."

"آپا، منهنجو مڱڻو ٿي چڪو آهي ۽ هو شاديءَ لاءِ پڻ تڪڙ ڪن پيا، پر مون انڪار ڪري ڇڏيو آهي. اڃان منهنجي مٿان الاهي ذميواريون آهن. آءٌ تہ مورڳو سوچيان ٿي تہ شادي ڪندس ئي نہ."

"نہ، نہ! خبردار جو ائين سوچيو اٿئي! رابيل! ڪو بہ رشتو، ڪو بہ ماڻهو ڪنهن جو ناهي. جن ڀائرن ۽ ڀيڻ جي لاءِ تون ايڏي قرباني ڏئين پئي، اهي تہ اڳتي هلي پنهنجن پنهنجن گهرن جا ٿيندا. پوءِ يا تہ سڄي عمر ڀاڄاين جي خدمت ڪندي ۽ انهن جا ٻار پالي گذري ويندءِ يا جيڪڏهن اڪيلي رهئين تہ اڪيلائيءَ جو عذاب ماري رکندئي. مون کان پڇ تہ اڪيلائي ڇا هوندي آهي." آپا مهرو چيو.

"آپا! اوهان پاڻ سوچيو. منهنجو وڏو ڀاءُ ارشد شاديءَ وارو آهي. سندس ٻار ٻچا آهن ۽ خرچ گهڻا اٿس، پوءِ بہ هو اسان کي سپورٽ ڪري پيو. پر اڃان سحر کي ڊاڪٽر بنجڻ لاءِ وقت ۽ خرچ کپي ٿو ۽ شهزاد تہ اڃان انٽر بہ ڪانهي ڪئي. پوءِ آءٌ شادي ڪري ڪين ائين کين ڇڏي هلي وڃان؟"

"چو، ڇا تنهنجي مڱيندي کي تنهنجي حالتن جي خبر ڪانهي؟"

"آپا! هن کي سڀڪجهہ خبر آهي ۽ هن تہ اهو بہ چيو آهي تہ شاديءَ کان پوءِ هو بہ مون سان گڏجي منهنجي ذميوارين ۾ منهنجو هٿ ونڊائيندو پر..."

"پر ور ڪجهہ بہ ڪونهي، ڇوري! ياد رک، گذري ويل وقت موٽي ناهي ايندو ۽ هر گذرندڙ ڏينهن تنهنجي عمر ۾ اضافو ڪري رهيو آهي. ٻيا سڀ ڪم ٿيندا رهندا. انشاءَ الله تنهنجا ننڍا ڀاءُ ڀيڻ پنهنجي منزل ماڻيندا. تون شادي کان پوءِ بہ هنن جو ساٿ ڏئي سگهندينءَ ۽ تنهنجو ڀاءُ ارشد بہ سمجهہ وارو ۽ ذميوار ماڻهو آهي، هو بہ پنهنجو فرض نڀائي پيو. بس تون شاديءَ لاءِ يڪدم ها ڪر ۽ وڌيڪ دير نہ ڪجانءِ ۽ ها! مون کي شاديءَ ۾ نہ سڏائينءَ تہ اصل جهيڙو ٿيندو."

"آپا! ڇا اوهان شاديءَ کي ايڏو ئي ضروري سمجهو ٿا؟"

"بلڪل! ڇو تہ اسان جنهن معاشري ۾ رهون پيا، اتي اڪيلي عورت جي زندگي ڪنهن عذاب کان گهٽ ناهي. قدم قدم تي آزمائشون آهن، ڪيس ڪنهن پل بہ سک نصيب ڪونهي." آپا ائين چوندي ڪجهہ اداس ٿي ويئي.

"آپا! پوءِ اوهان پاڻ شادي ڇو نہ ڪئي؟" رابيل ڊڄندي ڊڄندي کانئس اهو سوال پڇيو، جيڪو سالن کان

سندس ذهن ۾ اٽڪيل هو، پر هوءَ ڪڏهن بہ ڊپ کان آپا مهروءَ کان پڇي نہ سگهي هئي. آپا مهرو پهرين تہ ڪجهہ دير خاموش رهي. ڪوچ حيدرآباد جي حدن جي ويجهو ٿيندي پئي ويئي. آپا مهرو دريءَ جي مٿان پردو سرڪائي پاسيرو ڪري ڇڏيو ۽ ڪجهہ دير ٻاهر ڏسندي رهي ۽ پوءِ ٿڌو ساهہ کڻي رابيل ڏانهن متوجهہ ٿي: "رابيل! مون کي خبر آهي تہ آءٌ انتهائي سادي شڪل جي عورت آهيان. جڏهن آءٌ نوجوان هيس تہ منهنجي لاءِ ڪجهہ مائٽيون آيون. جيئڻ تہ گهر ۾ ڪو وڏو نہ هو، ان ڪري، ان معاملي ۾ مون کي پاڻ منهن ڏيڻو پيو هو. هڪ پيري هڪ مرد مون کي ڏسي مون کي رجيڪٽ ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن ٻيو ٽيون ڀيرو ائين ٿيو تہ منهنجي اندر ۾ ڪا شيءِ ڄڻ ٽُٽندي ڀُرندي محسوس ٿي! مون کي ائين محسوس ٿيو تہ شايد آءٌ مڪمل عورت ڪونہ آهيان." آپا مهرو ايترو چئي چُپ ٿي ويئي ۽ رابيل ڏيان سان سندس ڳالهہ ٻڌندي رهي. آپا مهرو وري ڳالهايو: "رابيل! هي مرد عورت جي روح کي، ھن جي اندر کي نہ ڏسندا آهن. هنن جي لاءِ عورت فقط رنگ ۽ روپ حُسن ۽ جسم جو نالو آهي. هو اهو نہ ڏسندا آهن تہ هوءَ مامتا بہ آهي، هوءَ پيار جي طالب ۽ پيار ڏيندڙ هستي بہ آهي. سو، جڏهن ٻن مردن مون کي ٺُڪرايو تہ منهنجي عورتپڻي کي الاهي ٺيس پهتي. منهنجي عزت نفس مجروح ڪئي ويئي ۽ مون کي محسوس ٿيو تہ آءٌ مڪمل عورت ڪونہ آهيان. پوءِ مون اهو سوچيو تہ اهو سڀڪجهہ تڏهن ٿيو جڏهن مون پاڻ کي ايڏو ڪمزور ۽ ضرورت مند محسوس ڪيو جو سهارا ڳولهڻ لڳي هيس. بس پوءِ مون پنهنجي مٿان هيٺانپ جو اهو خول لاهي ڦٽو ڪيو ۽ فيصلو ڪيم تہ هاڻي آءٌ شادي نہ ڪنديس."

"پر آپا! سڀ ماڻهو تہ هڪجهڙا ڪونہ هوندا آهن، نڪوني سڀ مرد عورت جي ظاهري حسن تي ئي مرندڙ هوندا آهن." رابيل چيو.

"ها پٽ! مان ڄاڻان ٿي. ٿي سگهي ٿو تہ مون کي سٺا ماڻهو بہ ملي پون ها ۽ منهنجي شادي بہ ٿي وڃي ها، پر رابيل! منهنجي دل ان مهل ٽوڙي ويئي ۽ منهنجي عزت نفس ان مهل مجروح ڪئي ويئي، جنهن وهيءَ ۾ ڇوڪرين جو دليون شيشي کان بہ وڌيڪ نازڪ هونديون آهن ۽ سندن خواب اندلٺ جي رنگن کان بہ سهڻا هوندا آهن. بس، پوءِ پنهنجي خوابن جي سهڻن رنگن مٿان ڪارنهن ڦِرندي ڏٺم ۽ دل جو شيشو چور ٿيل ڏٺم تہ آءٌ ڪمزور ۽ هيٺانپ جون حدون ٽپي آزاد ٿي ويس. مون پنهنجي عورتپڻي جي نفي ڪئي ۽ پوءِ مون پاڻ کي عورت نہ سمجهيو، پر مرد ٻنجي حالتن کي منهن ڏنو. وقت ۽ حالتن مون کي بدمزاج ۽ چڙچڙو بڻائي ڇڏيو ۽ منهنجو اعتماد ماڻهپي تان عام طرح ۽ مردن کان خاص ڪري کڄي ويو. منهنجي رويي جي ڪري ماڻهو منهنجو نالو ٻُڌندي ئي ڪنن تي هٿ رکندا هئا. پر رابيل! ائين نہ ڪريان ها تہ هن معاشري ۾ جِي نہ سگهان ها، ڇو تہ هتي ڪمزور ماڻهوءَ کان جيئڻ جو حق ڪسي قدم قدم تي مشڪلاتون کڙيون ڪيون وينديون آهن."

"پر آپا! پاڻ کي ايڏو پٿر تہ نہ بڻايو ها. ٿي سگهي ٿو تہ ڪوبہ سٺو ماڻهو اوهان کي اوهان جي خوبين ۽ خامين سميت قبول ڪري وٺي ها." رابيل چيو.

"مليو هو هڪ شخص، جنهن ۾ مون کي منهنجي خوبين ۽ خامين سميت قبول ڪرڻ جو حوصلو هو. هو واقعي هڪ سٺو انسان هو ۽ ان مون کي پروپوز ڪيو هو. ۽ مون کي خبر هئي تہ اهو منهنجي شادي ٿيڻ جو آخري موقعو هو، ڇو جو اهو منهنجي زندگي ۽ عمر جو اهو دور هو جنهن کان پوءِ مون جهڙي معمولي شڪل جي عورت لاءِ هونءَ بہ موقعو نہ هوندو آهي."

"پوءِ؟" رابيل تجسس مان پڇيو.

"مون ڪيس انڪار ڪري ڇڏيو. ان جي باوجود تہ هو منهنجي زندگيءَ ۾ ايندڙ پهريون ۽ آخري مرد هو جيڪو

مون کي سنو لڳو هو." آپا مهروء ايترو چيو تہ ڪوچ هڪڙي جهٽڪي سان بيهي رهي. هو حيدرآباد پهچي چڪا هئا. آپا مهرو ۽ رابيل ڪوچ کان ٻاهر آيون ۽ روڊ ڏانهن وڃڻ لڳيون. رابيل کي اڻ تڻ ٿيڻ لڳي تہ هو آپا مهروء کان پوري ڳالهہ پڇي.

"آپا مهرو! اوهان آخر ڇو انڪار ڪيو ان شخص سان شادي ڪرڻ کان، جنهن کي اوهان خود بہ چاهيو هو." رابيل روڊ جي ڪناري هلندي هلندي پڇيو.

"پنهنجي اندر جي عورت کي، جيڪا مري چڪي هئي يا وري ماري ويئي هئي، هن کي ٻيهر حياتي بخشڻ لاء."

"ڇا مطلب؟"

"رابيل! مون توکي ٻڌايو هو تہ جڏهن ٻن مردن هڪ عورت کي گهٽ سمجهي ٺُڪرايو هو تہ هن جو عورتپڻو ۽ عزت نفس مجروح ٿيا هئا." ايترو چئي آپا مهرو پري کان ايندڙ هڪ رڪشا کي هٿ ڏنو.

"مون ٻڌايو هو تہ مون پنهنجي مٿان هيٺانپ جو خول لاهي ڦٽو ڪيو هو. هاڻي مون وٽ بہ رستا هئا: يا تہ هن شخص سان شادي ڪري وري ٻيهر پنهنجي اندر جي ان عورت کي زنده ڪريان ها جيڪا ڪمزور هئي ۽ ڪيس ڪنهن مرد جو سهارو کپيو ٿي يا تہ ان عورت کي زنده ڪريان، جيڪا پنهنجي ڀرپور عورتپڻي سان نروار ٿئي ها ۽ پاڻ کي اڌوري عورت سمجهڻ بجاء ايڏي ڀرپور ۽ مڪمل عورت سمجهي جو هڪ مرد جي محبت کي ٺڏو هڻي ٺڪرائي سگهي ٿي." رڪشا ويجهي ايندي ٿي ويئي.

"رابيل! مون هُن شخص کي ٺڪرائي ان عورت جو بدلو ورتو، جنهن کي ٻن مردن ٺڪرايو هو. سندس انا کي مجروح ڪيو ويو هو. ها، مون جنهن سان محبت ڪئي ان کي ٺي ٺڪرايو، انڪري جو ائين ڪرڻ سان هڪ عورت مڪمل عورت بنجي ويئي ۽ سندس انا ۽ عزت نفس ڪيس موٽي ملي. سندس اندر جي مري ويل عورت ٻيهر زنده ٿي ويئي، پر ڪمزوري يا هيٺانپ جي خول ۾ ويڙهيل عورت نہ، پر هوء هاڻي مڪمل ۽ ڀرپور عورت هئي، جنهن لاء ڪنهن مرد کي ٺڪرائڻ ڪا وڏي ڳالهہ نہ هئي. ها اهائي هن جي فتح هئي. ها رابيل! محض هڪ عورت جي فتح لاء." ائين چئي هوء رڪشا ۾ ويهي رهي ۽ رابيل ڏانهن هٿ لوڏيندي هوء رڪشا جي دونهن ۽ گوڙ سميت آهستي آهستي هن جي نظرن کان غائب ٿيندي ويئي، پر سندس اکين مان لڙيل اهي لڙڪ اتي روڊ تي بيٺي رابيل کي ڪيتري ئي دير اکين آڏا ڦرندا رهيا؛ جيڪي هن ايڏي وقت ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي نظر جي عينڪ جي ٿلهن شيشن پويان، سندس ننڍڙين ننڍڙين اکين مان لڙندي ڏٺا هئا، جيڪي سدائين بي تاثر رهنديون هيون پر ان مهل انهن ۾ اهو تاثر ۽ درد هو، جنهن کي فقط ڪا عورت ئي ڏسي ٿي سگهي ۽ محسوس ڪري ٿي سگهي. رابيل پوء آهستي آهستي هلندي پنهنجي ماڳ ڏانهن ويجهي ٿيندي ويئي. هوء وڏندي رهي.



غلام مصطفيٰ سولنگي

# رُڃ ۾ وڃايل گيت

هن ڀيري ماستر سارنگ ان ڇوڪريءَ جي ڳائڻ جي ڳالهه ڪئي ته مون کي ائين لڳو ڄڻ سُريلن گيتن وانگر منهنجو وجود به هوا ۾ پکڙجي ويو هجي ۽ مان خيالن ۾ ان ڳوٺ ۾ پهچي چڪو هوس، جنهن ۾ اها ڳائڻي ڇوڪري رهندي هئي ۽ جنهن سُريلن گيتن جو واهيرو هو. مون نه ته اهو ڳوٺ ڪڏهن ڏٺو هو ۽ نه ئي وري ان ڳائڻي ڇوڪريءَ کي، جنهن جي باري ۾ ماستر سارنگ واتان ٻڌي مان ڄڻ ته ساڻس سونهون ٿي ويو هوس. ماستر سارنگ جڏهن به حيدرآباد موڪل تي ايندو هو ته ان ڳائڻي ڇوڪريءَ بابت ڪجهه نه ڪجهه ضرور ٻڌائيندو هو ۽ سندس آواز جي ٻين مشهور ڳائڻين جي آواز سان ڀيٽ ڪري بنا ڪنهن هٻڪ جي سندس آواز کي سڀني کان وڌيڪ سٺي هجڻ جو فيصلو ڏئي ڇڏيندو هو.

ان ڇوڪريءَ جي خوبصورت آواز جو ٻڌي منهنجي دل جون تارون ڇُرڻ لڳنديون هيون، پر اهي تارون ٽوريءَ ئي دير ۾ بيهجي وينديون هيون، ان ڪري جو اها ڇوڪري منڊي هئي ۽ لٺ تي گهمندي هئي. سندس ان معذوريءَ جو سوچي مون کي ان مور جو خيال اچي ويندو هو، جنهن جا کنڀ ته رنگن جو هڪ جهان هوندا آهن، پر سندس پير ميرا.

سندس اونداهي آئيندي جو سوچي منهنجو هانءُ ئي ٻُڏي ويندو هو. هوءَ لٺ جي ٽيڪ تي انهن وادين ڏانهن وڌي رهي هئي، جتي پهرين ئي سندس به پير پهچي چڪيون هيون. هوءَ پنهنجي پيرن کي ڏاڍي حسرت ۽ مايوسيءَ وچان گهوريندي هئي، جن جي مٿن تي چانديءَ اچي قبضو ڄمايو هو ۽ سندن زندگين ۾ بهارن اچڻ جي ڪا به اميد ڪانه هئي. اهي گهڙيال ۾ لڳل ڪانٽن وانگر ڏينهن ۽ رات جي وچ ۾ لٽڪي رهيون هيون.

ماستر سارنگ ٻڌائيندوَ هو ته هوءَ اُسر ويلي اٿي ڳائڻ شروع ڪندي هئي. سندس آواز ۾ ايڏو ته درد هوندو هو جو ڳائڻ مهل سندس اکين ۾ آلاڻ اچي ويندي هئي. شايد اها آلاڻ سندس وسايل ارمانن جو ٻيو روپ هو.

ماستر سارنگ بدليءَ جي سلسلي ۾ شهر آيو ته ڳالهين دوران ان ڇوڪريءَ جي گيتن بابت ٻڌائڻ لڳو ۽ مون کي چيائين، "يار! ڪڏهن مون سان ڳوٺ هلجانءِ ته ان ڇوڪريءَ جا گيت ٻڌرائيندوسانءِ." منهنجي دل ۾ به ان ڇوڪريءَ جي آواز ٻڌڻ جي تمنا ننڍڙين ننڍڙين ڪڪرين وانگر ڪني تي گهري ٿيندي پئي ويئي. ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ ان ويچاري منڍڙيءَ جو سوچي مان چُپ ٿي ويندو هوس ۽ سندس آئيندي تي ويچاريندي منهنجي خيالن ئي وچ ڪرڻ لڳندي هئي.

ان منڍڙيءَ جو پيءُ ان ئي اسڪول ۾ پٽيوالو هو، جتي ماستر سارنگ پڙهائيندو هو. گهرواريءَ جي مرڻ کان پوءِ ڳٽين ۽ پريشانين جي بار سندس چيلهه ڇپي ڪري ڇڏي هئي. غربت جي ڪري هو پنهنجي ٻن وڏين ڌيئرن جي شادي به نه ڪرائي سگهيو هو. اهي ٻئي پيئر جوانيءَ جون بهارون چوڙي چڪيون هيون ۽ هاڻي سندن لاءِ سرءُ ئي سرءُ هئي. سترهن سالن جي منڍڙي ڳائڻي به جوانيءَ جي بهارن مان لنگهندي پن ڇڻ طرف وڌي رهي هئي. ماستر سارنگ ٻڌائيندو هو ته اهو پوڙهو پٽيوالو رات جو روزانو دير دير تائين شاهه سائينءَ جو رسالو پڙهندو رهندو هو ۽ پڙهائيءَ دوران هو اکين تان عينڪ لاهي پنهنجي پرسان سُتل ٽن جوانين کي گهُورڻ لڳندو هو. سندس اکين مان ڳوڙها سانوڻ

جي مينهن وانگر ٽم ٽم ڪرڻ لڳندا هئا ۽ آهستي آهستي سندس چهري جي گهنجن ۾ گم ٿي ويندا هئا.

ڪجهہ وقت کان پوءِ ماستر سارنگ سرڪاري ڪم ڪار سانگي شهر آيو. ڪم ڪار مان واندو ٿي جڏهن هو وڃڻ لڳو تہ مان هميشہ جيان کيس ڇڏڻ اسٽيشن تائين ويس. اسان پليٽ فارم تي بيٺي گاڏيءَ جو انتظار ڪري رهيا هئاسين تہ اوچتو هڪ پوڙهي ماستر سارنگ جي ڪُلهي تي هٿ رکيو ۽ پوءِ ڏاڍي پيار ۽ ادب مان سائس هٿ ملائي پڇيائين، "سائين...! ڪم ٿي ويو ۽ اڄ هلو پيا نہ ڳوٺ؟"

پوڙهي سان حال احوال ڪرڻ کان پوءِ ماستر سارنگ کيس منهنجو تعارف ڪرائيندي چيو تہ هي ڪهاڻيون لکندو آهي ۽ ڪتابن جو دڪان بہ هلائيندو آهي ۽ جڏهن ماستر سارنگ ٻڌايو تہ هي پوڙهو اسان جي اسڪول ۾ پٽيوالو آهي ۽ سندس ڌيءَ ڏاڍو سنو ڳائيندي آهي تہ مان سمجهي ويس تہ هي ان منڊڙيءَ جو پيءُ آهي. پاڻ ڏاڍي سِڪ ۽ اُڪير وچان ڳالهائڻ لڳو. ڳالهہ ٻولهہ ڪندي هو مون کي ائين ٿي ڏسڻ لڳو جيئن ڪو مجبور ۽ لاچار هڪ لاپرواهہ ۽ غمن کان آجي ماڻهوءَ کي تَڪيندو هجي.

مون کيس صلاح ڏني، "چاچا توهان پنهنجي ڇوڪريءَ کي موسيقيءَ جي باقاعده تعليم ڏياريو نہ....! هوءَ سُنو ڳائي ٿي، ان ڪري جلد ئي ترقي ڪري وڃندي."

موٽ ۾ چيائين، "اهو تہ صحيح آهي. پر پُٽ مان تہ هڪ غريب پٽيوالو آهيان. ٽيرهن چوڏهن سون مان ڇا ٿو ٿئي. زمانو ڏاڍو زورآور ٿي ويو آهي. چڱا ڀلا هُنر وارا بہ ڌڪا کائيندا پيا وتن. زماني جي رفتار تيز ٿي وئي آ ڀچا!"

مان کيس وڌيڪ ڪجهہ چوڻ بدران ان منڊڙيءَ بابت سوچڻ لڳس. ايتري ۾ ريل گاڏي بہ ان پوڙهي جي زندگيءَ وانگر آهستي آهستي اچي پليٽ فارم تي بيٺي. اسان ٽئي هڪ دٻي ۾ وڃي ويناسين. ڪجهہ دير کان پوءِ گارڊ سيٽي وڄائي تہ مان کانئن موڪلائي هيٺ لهي آيس ۽ ايستائين پليٽ فارم تي خيالن جي دنيا ۾ گم بيٺو رهيس جيستائين ريل گاڏي منهنجي نظرن کان اوٽ ٿي وئي.

مهيني ڏيڍ کان پوءِ ماستر سارنگ جو خط مليو. لکيائين تہ، "مان سي.ايس.ايس جي امتحان جي تياريءَ جي سلسلي ۾ ڇهن مهينن جي موڪل وٺي حيدرآباد اچي رهيو آهيان ۽ ان کان پهرين ڳوٺ اچي سگهين تہ اچ. پوءِ شايد وري اهڙو موقعو ملي الائي جي نہ...."

خط ملڻ جي ٽئين ڏينهن مان تيار ٿي اسٽيشن تي آيس ۽ ان ڳوٺ وڃڻ واري ٽرين ۾ سوار ٿيس. اڪيلو هئس، پر ڳوٺ وڃڻ ۽ سُريلا گيت ٻڌڻ جي سُندر احساس بوريت کي ويجهو اچڻ ئي نہ ٿي ڏنو. مان خيالن ئي خيالن ۾ ڳوٺ پهچي ويو هوس ۽ ان منڊڙيءَ جا گيت ٻڌڻ لڳو هوس ۽ پوءِ کيس دلجاءِ ڏيڻ لڳو هوس، "ڇري ڇوڪري! خدا توکي آواز جي جادوگري ڏني آهي، پوءِ بہ تون مايوس ٿي گذارين. ڏس تہ سهي، ٻهارون تنهنجو آواز ٻڌي ٻيهجي ٿيون وڃن ۽ غمگين دليون تنهنجي گيتن کان زندگيءَ جي خيرات پنن ٿيون."

ڪا اسٽيشن آئي ۽ ٽرين جي جهٽڪي مون کي خيالن جي ڏُنڊ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. درين مان ايندڙ هوا منهنجي احساسن جي گرميءَ کي ٺڏو ڪري رهي هئي.

۽ آخر مان پنهنجي ماڳ تي پهچي ويس. اسٽيشن کان نڪري ماستر سارنگ جي ٻڌايل پيچرن تي هلڻ لڳس. پري پري تائين پکڙيل واريءَ جون ٽِٻون ڪنوارين ڇوڪرين وانگر مون کي ڏسي مُسڪرائي رهيون هيون ۽ ڳوٺ جي ٻاهران تاڻهيءَ جا وڻ جڻ منهنجي آجيان لاءِ بيٺا هئا. مان اسڪول کان ٿورو پريرو نهيل ڪجهہ ڪمرن طرف وڌيس. موڪل جو ڏينهن هو، ان ڪري ماستر سارنگ گهر ۾ ئي هو. مون کي اوچتو ڏسي کانئس رڙ نڪري وئي.

رسمي حال احوال کان پوءِ پڇيو مانس، "يار! ڪٿي رهندو آهين، تو واري اسڪول جو پوڙهو پٽيوالو؟"

"هن پٽ جي پريان پوڙهي جو گهر آهي." ماستر سارنگ هڪ پڳل ٿُڙل پٽ ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايو.

مان ان پٽ تي نظر ڦيرائي. ڏِپ ۽ ڪانڊيرا پٽ جو گهيراءُ ڪيو بيٺا هئا.

"يار! هاڻي ته اسان کو گيت ٻُڌڻ لاءِ سِڪون پيا. گيت رُڃ ۾ وڃانجي ويا آهن." ماستر سارنگ ٻڌايو.

مون کانئس پُڇيو، "ڇا مطلب؟"

وراڻيائين، "اها ڇوڪري وڃانجي وئي آهي. اڄ ڇوٿون ڏينهن اٿس."

"ڪجهه ٻڌاءِ ته سهي مون کي ٻه. ڇا ٿيو ان کي؟" مون بي چين ٿيندي پڇيو.

ماستر سارنگ ڏکارو ٿيندي ٻڌايو، "چار ڏهاڙا اڳ صبح جو هوءَ پنهنجي گهر ۾ درد پريا گيت ڳائي رهي هئي ۽ سُڏڪا سندس آواز جي تسلسل کي زوريءَ ٽوڙي رهيا هئا. هوءَ چگي دير تائين پري واريءَ طرف ڏسندي رهي، سوچيندي رهي ۽ روئيندي رهي."

مان ته تيار ٿي اسڪول هليو ويس ۽ منجهند جو جڏهن موٽي آيس ته خبر پيئي ته هوءَ گهر ۾ ڪانه هئي ۽ پوڙهو پٽيوالو روئڻهارڪي آواز ۾ پُڇي رهيو هو ته "ڪٿي منهنجي منبڙيءَ کي ڏٺو!" ڪنهن ٻڌايو ته هوءَ پري واريءَ جي دڙن ڏانهن وڃي رهي هئي ۽ ڪنهن ٻڌايو ته هوءَ کوهه وٽ بيٺي هئي. پر هوءَ ڪٿي به ڪانه هئي."

"يار! هوءَ آخر گهران ڇو نڪري وئي؟" مون ماستر سارنگ کان پُڇيو. پاڻ ٻڌايائين، "ڪالهه پٽس ٻڌايو پئي ته پرواري ڳوٺ ۾ رهندڙ سندس پائيتيو ان منبڙيءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو هو. پر گذريل هفتي هن بنا ٻڌائڻ جي هڪ ٻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏي ۽ شايد اها خبر ٻڌي هن کي صدمو پهتو هو."

اهو ٻڌي منهنجا وائيسر ئي ڦري ويا. مون جهڙي حساس ماڻهوءَ لاءِ اتي وڌيڪ ترسڻ ذهني عذاب کان خالي نه هو. ماستر سارنگ ڏاڍو روڪيو، پر مان اتي نه رهڻ جو فيصلو ڪري چڪو هوس.

ور وڪڙ چارن تان هلندي منهنجي خيالن ۾ ڪجهه سُريلا گيت جاڳيا ۽ وري جلد ئي سُمهي پيا. مون کي ائين لڳو جڻ ان ويچاري منبڙيءَ جا گيت هڪ خواب هئا ۽ سندس وجود هڪ رُڃ!



ليڪ هيڪلائي سبب پاڻ اورڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن جو مثال ان ڏورانهين تاري وانگر آهي، جيڪو اشارا موڪليندو رهي ٿو. ليڪ نه بڏائي ۽ نه سيڪاري ۽ نه ئي حڪم ڪري ٿو، بلڪ معنيٰ جا، احساس جا ۽ مشاهدي جا.ناتا قائم ڪرڻ چاهي ٿو.

-جان اسٽئنڪ بئڪ

منهنجو خيال آهي ته لکڻ بيحد مشڪل ڪم آهي، پر جيڪو به ڪم احتياط سان ڪيو وڃي، مشڪل هوندو آهي. ڪنهن ڪم کي ڪاملتا سان راس ڪرڻ ئي امتيازي ڳالهه اهي. اديب خودپسند ۽ نرگسي طبيعت جا مالڪ هوندا آهن. اهي پنهنجي پيڙا کي وڏائي بيان ڪندا آهن. پر جيڪا شيءِ آءٌ گهٽي پسند ڪريان ٿو، اها آهي ڪم کي انتهائي خوبصورتيءَ سان ڪرڻ.

-گارشيا مارڪيز

ايــاز قادري

# قصو هڪ عشقباز جو

"جهڙيءَ طرح وڻ کي پاڻيءَ جي، ڪار کي پيٽرول جي، ڏيئي کي تيل جي ضرورت هوندي آهي، اهڙيءَ طرح انسان کي عشق جي ضرورت هوندي آهي. عشق ئي آهي جو ماڻهوءَ کي ماڻهو بڻائي ٿو. جنهن انسان جي زندگيءَ ۾ عشق پير نٿو پائي، انهيءَ انسان جي حياتي ڍورن مثل ٿئي ٿي. نه سندس کلڻ ۾ خوشي، نه سندس روئڻ ۾ راحت. سڄي زندگي خچرن وانگر ڪاٽي، گڏهن وانگر ڳڻي، هن دنيا ۾ جهڙو آيو اهڙو هليو وڃي ٿو." ڪليم اهي لفظ شفيق کي اهڙي انداز ۾ چيا، جيئن ڪو گُرو پنهنجي شاگرد کي گيتا جو گيان يا جيئن ڪو عالم پنهنجي معتقد کي دين جو درس ڏيندو هجي يا فلاسافيءَ جو استاد سقراط ۽ بقراط جو فلسفو سمجهائيندو هجي.

ڪليم اهي لفظ چئي ٿوري دير خيالن ۾ ائين گم ٿي ويو جيئن ڪو سوامي اکيون ٻوٽي پنهنجي ڌيان ۾ گم ٿي ويو هجي. ٿوري ويرم ڪان پوءِ، هن وري اکيون ائين کوليون جڻ هن کي سياٽپ جي اٿاهه ساگر مان املهه ماڻڪ ۽ موتي مليا هجن. ٿورو مرڪي وري چيائين، "شفيق! تنهنجي زندگيءَ ۾ بهار تڏهن ايندو جڏهن عشق ايندو. جيئن وڻن ۾ رنگ برنگي گل ٽڙي پوندا آهن، چوطرف سرهاڻ ڇانئجي ويندي آهي، جنهن سان دل ۽ دماغ کي راحت ۽ خوشي ملندي آهي، اهڙيءَ طرح عشق انساني زندگيءَ کي باغ بهار بڻائي ٿو ڇڏي. هن جي خيالن ۾ راحت، هن جي ڳالهائڻ ۾ راحت ۽ هن جي ساهه ۾ راحت هوندي آهي."

ڪليم يونيورسٽيءَ جو تيز ۽ تکڙو شاگرد هو. ڳالهائڻ ۾ پڙ، پنهنجي مطلب جي ڳالهه سَوَن نمونن ۾ پيش ڪندو، چرب زبانيءَ سان اڳلي کي قائل ڪري وٺندو. شڪل صورت جو مُوچارو، لٽي ڪپڙي جو ٺاهوڪو، عشق جي راند جو آزمودگار. جهڙيءَ ريت زميندار ڪار، فلم ايڪٽر لباس ۽ سياستدان سياسي پارٽي جلد جلد تبديل ڪندا رهندا آهن، اهڙيءَ طرح يونيورسٽيءَ ۾ ڪليم سان وقت به وقت نئين گرل فرينڊ نظر ايندي هئي.

"مگر عشق ٻن قسمن جو ٿيندو آهي. هڪ جيڪو ڪيو ويندو آهي، ٻيو جيڪو ٿي ويندو آهي. جيڪو ڪيو ويندو آهي ان لاءِ پيسن جي ضرورت هوندي آهي. پيسو محبت جون باقي منزلون پاڻهي طي ڪري وٺندو آهي. يا ان ۾ ڪاميابي لاءِ عقل ۽ همت جي ضرورت هوندي آهي. عقل محبت جي شطرنج جون سڀ چالون مات ڪري وٺندو آهي ۽ همت سان هٿ وڏائي محبوب کي حاصل ڪري وٺبو آهي."

شفيق هڪ سعادتمند شاگرد وانگر ڪليم جي ڳالهه ٻڌي ۽ دل ۾ هنڊائڻ لڳو. هو هڪ سادو سودو جوان هو. ڪا ڳالهه هن جي دل ۽ دماغ ۾ ويهجي ويئي ته ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ چريائپ جي حد تائين حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هو اڃا ويهن سالن جو مس هو. يونيورسٽيءَ ۾ آنرس جي پهرين سال ۾ هو. يونيورسٽيءَ ۾ ئي هن جي ڪليم سان دعا سلام ٿي هئي، جا اڳتي هلي واقفيت، واقفيت مان ڦري دوستي ۽ دوستي مان ڦري گرو ۽ چيلي جي لاڳاپي واريءَ حد تائين وڃي پهتي هئي. شفيق پنهنجن دوست جي پئسن سان ئي پنهنجن فرينڊس ۽ گرل فرينڊس جي خوشامد ۽ خاطر تواضع ڪندو هو. ڪليم ان ۾ خوش هوندو هو ته شفيق جي ڪري يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين سان هن جي دوستي ٿي رهي هئي.

كليم جڏهن پنهنجي تقرير پوري ڪئي ته شفيق رڙ ڪري چيو، "ڪليم! يار مون عشق ڪيو آهي."

هن اهي لفظ اهڙي انداز ۾ چيا جڻ هو هارايل جوئاري هو جنهن ريس ۾ وقت به وقت مختلف گهوڙن تي داءُ لڳايو هجي ۽ هر ڀيري هارايو هجي ۽ هاڻي پنهنجي هارايل گهوڙن ۽ رقم جو آڱرين تي حساب ڪندو هجي.

"هڪ ڀيرو نه ٽي ڀيرا."

"ٽي ڀيرا!" ڪليم حيرت مان چيو "هاڻي ائين سمجهه ته تون عشق جون ٽي منزلون اڳتي وڌيو آهين. ٽي ڏاڪا مٿي چڙهيو آهين."

شفيق پنهنجي عشقن جو داستان هڪ ماهر قصه گو وانگر هيئن بيان ڪيو:

"پهريون ڀيرو مون پنهنجي پاڙي ۾ عشق ڪيو. پٽ سان لڳو لڳ پٽ، گهر سان لڳو لڳ گهر ۾. ان گهر ۾ نجما رهندي هئي. نجما اهڙي سهڻي ته نه هئي جنهن کي من موهيندڙ چئجي. رنگ جي سانوري، چپ ٿلها، اکيون ننڍيون پر جوان هئي. مون دل ۾ چيو ته جي عشق ڪرڻو آهي ته ڪوجهي ۽ سهڻي جو ڪهڙو سوال. جڏهن ماڻهو ڪنهن سان عشق ڪرڻ لڳندو آهي ته وقت گذرڻ سان جيئن عشق پختو ٿيندو ويندو آهي ته محبوب جي بدصورتي به خوبصورت ڏسڻ ۾ ايندي آهي، هن جو هر عيب سهڻو ۽ هن جي هر خامي خوبي لڳندي آهي. سو وقت گذرڻ سان نجما به مون کي موهيندڙ لڳڻ لڳي ۽ هن جي هر ادا ۾ دل فريبي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي. هن کي موسيقيءَ سان ڏاڍو پيار هو. هر وقت ٽيپ تي مختلف ڳائيندڙن جا گانا ٻڌندي رهندي هئي. ڪچا ۽ پڪا ٻئي. هلڪن ڦلڪن گيتن کان وٺي ٺُمري ۽ دادري تائين. ملڪه نورجهان، لتا، شمشاد بيگم، رفيع، ڪشور ڪمار کان وٺندي استاد ڇوٽي غلام علي ۽ بڙي غلام علي تائين. مون سوچيو زهر کي زهر سان ماربو آهي. جنهن سان عشق ڪجي ان کي ان ڳالهه سان جيتجي جيڪا هن کي پسند هجي. مون کي پتو هو ته هن کي راڳ پسند آهي سو هن جي دل راڳ سان ئي جيتي ٿي سگهيس. سوال پيدا ٿيو ته آءٌ راڳ ڪهڙي وقت ڳايان، جو منهنجي دل جو آواز هن جي ڪنن تائين پهچي. ڇاڪاڻ ته هن جي گهر ۾ سڄو ڏينهن ٽيپ رڪارڊر وڄندو رهندو هو تنهنڪري مون کي صرف پرڀات جو وقت مليو ٿي جنهن وقت مان راڳ ڳائي، هن جي دل تي جادو ڪري هن کي پنهنجو بڻائي سگهيس ٿي. هونئن به پرڀات جو وقت رياض جو وقت آهي: ان وقت زاهد عبادت ۾، شاگرد ڪتابن ۾، ٻاڍي ٻلبل ڪسرت ۾ ۽ وڏا وڏا اُستاد ڳائڻ وارا راڳ جو رياض ڪندا آهن.

پرڀات ويل راڳ ڳائڻ تي بابو انڪري خوش هو جو هونئن ننڊ جي ڪري هن جي نماز اڪثر قضا ٿي ويندي هئي پر هاڻي هو آسانيءَ سان وقت تي نماز تي پهچي ويندو هو. امڙ انڪري خوش هئي جو هوءَ سويل اٿي گهر ڀاتين جي ڊيوٽيءَ تي وڃڻ کان اڳ نيرن تيار ڪري سگهندي هئي، منهنجا ننڍا ڀاءُ ڀيڻ انڪري خوش هئا، جو وقت سر تيار ٿي اسڪول جي ويگن جو انتظار ڪرڻ لڳندا هئا.

گهر جي سڀني ڀاتين جڏهن مون کي ڏٺو ته آءٌ هر روز صبح جو سوير اُٿي راڳ ٿو ڳايان ته پهريان ته سڀ حيران هئا. امان ڊجي وئي هئي ته شايد مان ڪنهن ڳوري وڻ هيٺان لنگهيو آهيان، يا ڪنهن قبرستان ۾ ڪنهن پير فقير جي بي ادبي ڪري وينو آهيان، يا ڪنهن اولياءَ يا درويش کي پُٺي ڏني اٿم جو مون تي ڪنهن بدروح جو واسو ٿي ويو آهي. پر ٿورن ڏينهن کان پوءِ سندن دماغ ۾ اها ڳالهه اچي وئي ته آءٌ جو هر روز مسلسل نهايت شوق ۽ چاهه سان راڳ جو رياض ڪيان ٿو، سو يقيناً مون کي ڪنهن موسيقيءَ جي مقابلي ۾ حصو وٺڻو

آهي. منهنجي ماءُ ته باسون باسڻ لڳي ته موسيقيءَ جي مقابلي ۾ مون کي پهريون نمبر ملي. هيڏانهن آءٌ پنهنجي راڳ سان نجما کي پنهنجو بنائڻ جا جتن ڪندو رهيس.

راڳ جي رياض هلندي مان بيمار ٿي پيس. منهنجو راڳ ۽ آلاپ بند ٿي ويو. مان سوچڻ لڳس ته هاڻي جڏهن مان محبت جو ميدان فتح ڪرڻ وارو هوس تڏهن هي رخنو مون کي نانگ ۽ ڏاڪڻ واري راند وانگر ڏنگي نوانوي واري خاني ۾ ڏِکي هڪ واري خاني تي اچي نه بيماري.

هڪ ڏينهن بيماريءَ جي بستري تان اُٿي جڏهن مان صحن ۾ آيس ته پاڙي واري گهر مان آواز ٻڌم. نجما پنهنجي پيءُ کي چئي رهي هئي، "ڪجهه ڏينهن کان کهڙو نه سڪون رهيو آهي، جڏهن کان شفيق جون گڏهن واريون هينگون اچڻ بند ٿيون آهن، تڏهن کان صبح جو کهڙي نه سک سان سمهيا پيا آهيون."

سندس پيءُ وري کلي وراڻيو، "هينگون ٻه ڪي هينگون! وتاني فقير جي گڏه کان ٻه وڌيون."

ان تي نجما چيو، "شفيق کي شل گلي جي ڪينسر ٿئي، جيئن سجو پاڙو اُن آزار کان آجو ٿئي."

ڪليم ٿورو سنجيده ٿي چيو، "پوءِ نجما تنهنجي هٿن مان ويئي. تون عمر ڀر اُن سان عشق نٿو ڪري سگهين."

"ها! مون پنهنجي دل تي پٿر ٻڌي سندس آرزو ۽ راڳ جو رياض ڇڏي ڏنا."

"تو ٻيو عشق ڪيئن ڪيو؟"

"تون ميري کي نه سڃاڻين."

"ها، ديٽ ڊاگ گرل."

"جيڪا هر روز ڪتي جي پٽي کي جهليو پسار تي نڪرندي آهي. مون کي ميري جي سانوري رنگ ۽ اپريل جوانيءَ ۾ مصر جي شهزادين واري سونهن ۽ ڪلوپيٽرا واري ڪشش نظر آئي. منهنجي دل هن ڏانهن ائين هلي ويئي جيئن چقمق ڏانهن لوهه. مون چيو ته هاڻي جي عشق ڪرڻو آهي ته ان ڊاگ گرل سان ڪرڻو آهي. جيڪا پاڻ ته سهڻي آهي پر ان جو ڪتو ٻه سهڻو آهي. هر روز ان کي پسار ڪندي ڏسندو هوس ۽ ذهن ۾ ان کي حاصل ڪرڻ جون ترڪيبون سوچيندو هوس. جڻ آلجبرا جي اهڙي حساب م اچي منجهيو هوس جنهن جو حل هٿ نه ٿي آيو. هڪڙي ڏينهن مون کان رڙ نڪري ويئي. ميري جي ويجهو ٿيڻ جو حل هٿ اچي ويو. مون کي ان ڏينهن اهڙي خوشي ٿي جهڙي نيوٽن کي ڪشش ثقل جي ٿيوري حاصل ڪرڻ سان ٿي هوندي.

"مون سوچيو ته هوءَ هميشه ڪتي سان گڏ هوندي آهي، ان جو مطلب ته هن کي ڪتن سان پيار آهي. هاڻي ان جو پيار ٻه ڪتي سان ئي حاصل ڪبو. جيئن شام جو هوءَ ڪتو ساڻ ڪري پسار تي نڪرندي آهي تيئن پاڻ ٻه هر روز ڪتي سان گڏ سير تي نڪربو. ڊاگ گرل ۽ ڊاگ بواءِ. هڪٻئي جي ڪتن ڏانهن ڏسندا. ڪتن جي واڪاڻ ۾ اکيون مٽي ڪندا. اکيون اکين سان ملنديون. مرڪنديون. چپن تي تبسم پکڙبو. ڪتن جي اصل نسل بابت ڳالهيون ٿينديون. اهڙيءَ ريت پهرين منزل طي ٿيندي. اڳتي هر روز شام جو هوءَ پنهنجي ڪتي سان ۽ مان پنهنجي ڪتي سان گڏ نڪرنداسين، گڏجي واڪ ڪنداسين ۽ دنيا جهان بابت ٽاڪ ڪنداسين ۽ پوءِ هڪ ڏينهن هڪٻئي جا ٿي وينداسين."

ڪليم خوشيءَ مان ٽپو ڏئي شفيق جو هٿ جهليو ۽ اُن کي چمندي چيائين، "واهه استاد، واهه اکهڙي نه رٽ رٽي هُيئه. پنهنجي استاد يعني مون کي ٻه مات ڏئي وئين. پوءِ تو ڇا ڪيو؟"

كليم جو منهن سياري ۾ لٽل درياهہ جهڙو ٿي ويو. شفيق وري رڙ ڪئي. "ڪا گڙ ٻڙ ته نه ٿي. تو ڪتو ته هٿ ڪيو نه؟"

"ها! ها!"

"واهہ! واهہ: پنهنجي يارنهن" شفيق خوشيءَ مان رڙ ڪئي.

"مون وڏا جتن ڪري هڪ ڪتو هٿ ڪيو. ڪتي جي ڳچيءَ ۾ پٽو وجهي، پٽي کي هٿ ۾ جهلي، رستي جي موڙ وٽ سندس اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. پري کان هوءَ پنهنجي ڪتي سان گڏ ايندي نظر آئي. جڏهن هوءَ منهنجي ويجهو آئي، تڏهن منهنجي ڪتي کي ڏسي مرڪي. مان پڻ مرڪيس. اکيون اکين سان مليون، منهنجو هٿ ڍلو ٿي ويو. منهنجي ڪتي هن جي بلتري تي حملو ڪري ڏنو. ميري جو ڪتو ڪوڪاٽ ۽ ميري رڙيون ڪرڻ لڳي. جيستائين مان پنهنجو هوش ۽ پنهنجي ڪتي کي سنڀاليان، منهنجي ڪتي هن جي ڪتي کي زخمي ڪري وڌو. هوءَ رڙيون ڪري چوڻ لڳي. "يو فول. مان توکي ڏسي رهندس، مان توکي ڪورٽ ۾ چڪيندس. مان ٿاڻي ۾ رپورٽ ڪندس" . هوءَ رڙيون ڪندي رهي ۽ مان پنهنجو ڪتو ڪاهيون، جان بچايو اچي گهر نڪتس."

كليم پنهنجي مٿي تي چنبو وهائي ڪڍيو.

شفيق چيو، "منهنجي ٿوري غفلت ڪري، نهيل ڪم دهي پيو."

"پنهنجي ٽئين عشق جو قصو ٻڌاءِ."

شفيق ٿورو هٻڪندي، ٿورو شرمائيندي پنهنجي ٽئين عشق جو داستان هن طرح شروع ڪيو:

"اسان جي محلي ۾ ميونسپل ڪميٽيءَ طرفان هڪ جمعدارياڻي واري ايندي هئي. پنهنجي سانوري رنگ، سڊول جسم، اکين جي ڪٽورن ۽ چپن جي ٿلهائي مان انين لڳندي هئي، جڻ اجنتا جي اپسرا. هن پنهنجي ٻهاري سان نه صرف اسان جي محلي ۽ گهٽيءَ جي صفائي ڪئي پر منهنجي دل تي به ٻهارو گهمائي ويئي. جڻ منهنجي دل نه هئي پر رستي جو ڪچرو هئي. دل ۾ پهريان هندو مسلم جو خيال پيدا ٿيو، پر هن جي ٻهاري ان کي به صاف ڪري ڇڏيو. اندر مان آواز آيو "عشق نه پڇي ذات." مون چيو عشق ئي ته آهي جو دين ڌرم جون ديوارون ڊاهي محبتن کي ملائي ٿو. ننگ ناموس، لڄ حيا جا سڀ لينگها لاهي ٿو. عشق ئي آهي جنهن وٽ اوچ نيچ جو فرق نه آهي. مان گهران نڪرندو هوس ته گنگا کي جمعدارياڻي ڏيندي ڏسندو هوس. هوءَ مٿو مٿي ڪري چوندي هئي صاحب سلام. هن جي سلام مون کي موهي ڇا ماري ڇڏيو. هر روز هوءَ مون ڏانهن ڏسندي هئي ۽ روز مان عشق جي ڏهڻ ۾ هيٺ ڦاسبو ويندو هوس. هن کي حاصل ڪرڻ جي راهہ نٿي ڏسڻ ۾ آئي. هن سان ڳالهائڻ جي سگهه نه پئي ٿي. هڪڙي ڏهاڙي ٿي. وي ٽي هڪڙي ماڻهوءَ کي تقرير ڪندي ٻڌم. 'انسان جيستائين همت نه ڪندو تيستائين ڪنهن ڪم ۾ ڪامياب نه ٿيندو، همت سان ماڻهو ڏکيا ڪم سولا ڪري سگهي ٿو. هوا ۾ اڏامي ۽ آسمان تائين پهچي سگهي ٿو' مان همت جي فلسفي تي سوچيندو رهيس ۽ نيٺ سوچيم ته گنگا کي حاصل ڪرڻو آهي ته همت کان ڪم وٺڻو پوندو. جي ڪو همت ڪري آسمان تائين پهچي سگهي ٿو ته مان پڻ همت ڪري گنگا کي ڇني سگهان ٿو ته مون کي توسان عشق ٿي ويو آهي. هر عورت مردانگي پسند هوندي آهي. منهنجي دليري ۽ همت جنهن سان آءٌ هن سان مخاطب ٿيندس ڏسي گنگا به مرڪي ڏيندي."

"تو همت کان ڪم ورتو."

"بس بس! عشق توکي ماڻهوءَ مان شاعر بناني ڇڏيو آهي. جي تنهنجو اهو حال رهيو تہ قصيدي چوندڙ شاعرن کي بہ مات ڏيئي ويندين. سنڌ جي سمورن ادبي رسالن جا ايڊيٽر تنهنجي ڪلام لاءِ تنهنجي گهر جا ڦيرا پيا ڏيندا."

"دوست! مان شاعري نٿو ڪريان. حقيقت ٿو بيان ڪريان."

"جنهن جي حسن جي اينتري واکاڻ ٿو ڪرين، ان جو نالو ڇا آهي؟"

"ان جو نالو ڪيئن ظاهر ڪريان. حسن کي ڪيئن بي پرده ڪريان. عشق آويءَ وانگر اندر دکندو رهي تہ چڱو، ٻاڦ ٻاهر نڪتي تہ ڪچائي ٿي ويندي."

"يارن کان ڪهڙو پردو." ڪليم چيو. "اول سڀ ڪجهہ ٻڌائيندو هئين."

"اول عشق ڪندو هوس، هاڻي عشق ٿي ويو آهي. عشق ۾ پاڻ کان پردو ڪجي تہ بہ چڱو. توکي خبر هئڻ گهرجي تہ مان صوفي آهيان، صوفي عشق جي راز کي فاش نہ ڪندا آهن."

* * *

هڪڙي شام شفيق پنهنجي محبوب جي خيالن ۾ گم، ۽ دنيا جي ڳالهين کان بيخبر، فٽ پاٿ ڏيو ويو ٿي تہ هن جي ڪنن تي هڪ ڪڙڪيدار آواز پهتو، "ڇوڪرا! مٿو مٿي ڪر. اکيون کول. هيڏي ڏس تہ توکي من جي مراد ملي." هن جو خيال ائين ٽٽي ويو جڻ اوچتو ڪنهن گاڏيءَ اچي سندس اڳيان بريڪ هنئي هجي. هن مٿو مٿي ڪري ڏٺو تہ بہ اکيون جن ۾ طلسمي ڪشش هئي، هن ڏانهن تيز تيز نگاهن سان گهوري رهيون هيون ۽ هن کي هيٺ فٽ پاٿ تي چادر وڇائي ويٺل فقير ڏانهن ڇڪي رهيون هيون. انهن ۾ اهڙو رعب هو جو اهو هن جي سموري شخصيت تي ڇانئجي ويو. هن جا قدم بي اختيار ان طرف وڌيا جتي اهو فقير ويٺو هو. فقير شفيق جي چهري کي اهڙي غور سان ڏسي رهيو هو جيئن ڪو نفسيات جو ماهر پنهنجي مريض جي چهري جو مطالعو ڪندو آهي.

"ڇوڪرا، ڇو پريشان آهين؟"

شفيق جي وات مان هڪ اکر نہ نڪتو.

"عشق ٿيو اٿئي."

شفيق کان ڇرڪ نڪري ويو. "هن فقير کي ڪيئن خبر پيئي تہ مان عشق ۾ گرفتار آهيان!" شفيق دل ۾ سوچڻ لڳو.

"فقيرن کي سڀ خبر آهي، مايوس ٿيڻ جي ڪا ڳالهہ نہ آهي، تون اتي پهتو آهين جتي تون جيڪو چاهيندين سو پائيندين."

شفيق وري بہ مات رهيو. هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ ملنگ جون تيز نگاهون هن جي قميص پار ڪري، ڇاتيءَ ۾ سل ڪري، اندر ۾ گهڙي هن جي دل جو احوال پڙهي رهيون هيون.

"تون جنهن جي عشق ۾ گرفتار آهين ان جي نالي ۾ 'ر' جو حرف آهي، جيئن رخسانہ، زرينہ، خورشيد، نالن ۾ 'ر' آهي."

شفيق نالي ۾ "ر" جي هجڻ وارو فقير جو فقرو ٻڌي وائڙو ٿي ويو ۽ سوچڻ لڳو تہ "فقير کي اهو پتو ڪيئن پيو تہ منهنجي محبوب جي نالي ۾ ر جو حرف آهي. فقير ضرور انتر يامي اندر جو احوال ڄاڻندڙ،

ڪشف جو صاحب ڪمال شخص آهي."

فقير وري رڙ ڪئي "چند ته آهي، فقير سڀ ڄاڻي ٿو. قبول ڪر."

فقير جو رعب ڀريو آواز شفيق مٿان ڇانئجي ويو. هن هوريان چيو ته "آهي."

فقير اهو ٻڌي اهڙو ٺهڪ ڏنو جهڙو جوناري داءِ لڳڻ وقت ڏيندو آهي. فقير وري چوڻ شروع ڪيو، "فقيرن جون اکيون اهو ڪجهه ڏسن ٿيون جيڪي عام اکيون نٿيون ڏسي سگهن. اهي ڌرتيءَ جي آخري تهه تائين پهچي ڏسن ٿيون ته اُتي ڇا آهي. اُهي پاتالن ۾ پيهي سمنڊ جي سيني ۾ سانديل رازن کي ڄاڻي وٺن ٿيون. اُهي ست آسمان پار ڪري سج، چنڊ ۽ تارن جي ڀيدن کي معلوم ڪري وٺن ٿيون. آدمي ڇاهي؟ مٽيءَ جو پتلو ان جي اندر جي رازن کي ڄاڻڻ انهن لاءِ اوکو ڪم نه آهي." ائين چئي فقير ائين ماٺ ٿي ويو جڻ شفيق کي ڪا خاص خبر ٻڌائڻ وارو هو "تون مطلب ماڻيندين."

"سچ" شفيق جون واڇون خوشيءَ ۾ ٽڙي ويون.

"فقير ٻه ڪڏهن ڪوڙا ٿيا آهن."

"ڪڏهن؟"

"جڏهن فقير توتي راضي ٿيندو" فقير ٿوري ساهي رکي وري چيو، "تون فقير جو سوال پورو ڪندين، فقير تنهنجي من جي مراد پوري ڪندو."

"سائين حڪم ڪريو."

"تنهنجي کيسي ۾ ڇا آهي." فقير رعبدار لهجي ۾ هن کي چيو.

شفيق جي کيسي ۾ جيڪي پيسا هئا سي هن ٻاهر ڪڍيا. هڪ سو جو، چار ڏهن ڏهن جا، ٻه پنجن پنجن جا ۽ ٽي هڪ هڪ روپئي وارا نوٽ هئا.

فقير وري تيز نظرن سان گهوري رعبدار لفظن ۾ شفيق کي چيو "اهي فقير جي قدمن ۾ رک."

شفيق سواءِ چُون چُرا جي سمورا پيسا فقير جي پيرن وٽ رکي ڇڏيا.

فقير وري ساڳئي لهجي ۾ چيو، "پنهنجي محبوب جي گهر ڏي سڌو منهن ڪري هليو وڃ. واٽ تي هيڏي هوڏي نه وجهانءِ. نه ئي ڪنڌ ڦيري هيڏي هوڏي، پٺيان ڏسجانءِ. نه ڪنهن سان ڳالهائجانءِ."

شفيق فرمانبردار مريد وانگر فقير جي حڪم جي پيروي ڪندي پنهنجي محبوب جي گهر ڏانهن نهايت چاهه ۽ شوق مان بيئڙڪ قدم ڪڻندو هلڻ لڳو. اڃا هڪ رستو ٻه گهٽيون مس ٽپيو ته ڪليم موٽر سائيڪل آڻي هن جي اڳيان بيهاري ۽ رڙ ڪري چيائينس، "دوست! ڪهڙن پورن ۾ آهين، ڪاڏي ٿو وڃين."

شفيق کان رڙ نڪري ويئي. "ڪيئن ٻڌايانءِ ته ڪاڏي ٿو وڃان." روئنهارڪو منهن ڪري چيائين، "فقير جي حڪم ۾ ڳڙ ٻڙ ٿي ويئي."

"ڪيئن."

"فقير جهليو هو ته ڪنهن سان نه ڳالهائجانءِ."

* * *

هڪ ڏينهن شفيق پنهنجن خيالن ۾ مدهوش، ڪنهن جي ياد ۾ بيقرار، ڪنهن کي حاصل ڪرڻ جي اٽڻ ۾ پريشان يونيورسٽي جي بس ۾ ويٺو هو ته دريءَ کان ڪنهن اشتهار اندر اُڇلايا. هڪ اشتهار هن جي

جهوليءَ ۾ اڇي ڪريو. هن اشتهار هٿ ۾ ڪٿي غور سان ڏٺو. اشتهار جي ساڄي پاسي مٿينءَ ڪنڊ تي هٿ ٺهيل هو. هٿ جي ترِيءَ تي نصيب، عقل، علم، حياتي ۽ ڪاميابي جون لڪيرون چٽيون بيٺيون هيون. اُن جي مٿان ٿلهن اکرن ۾ لکيل هو، "جادو اهو جو ڪرشمو ڪري." ۽ اُن جي هيٺان وري ساڳين ٿلهن اکرن ۾ لکيل هو:

جو چاهيو سو پڇو
من جي مراد ماڻيو.

ڪابي پاسي ڪنهن مُردي جا ٻه هڏا منڊيئڙي وانگر ٺهيل هئا ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ کوپڙي ڏيکاريل هئي. وچ ۾ اشتهار ۾ لکيل هو:

"هر هنڌ نڪرايل ۽ مايوس حضرات ۽ خواتين لاءِ خوشخبريءَ جو پيغام. محبت جي تعويذن جي ماهر جو اعلان. اسان جي رهبري سان هزارين مايوس ۽ نا اُميد انسان پنهنجي دل جون مرادون حاصل ڪري خوشيءَ ڀري زندگي گذاري رهيا آهن. اسان جي عمليات بدولت سنگدل محبوب توهان جي قدمن ۾ هوندو. گهريلو جهڳڙن، بيماري، مڙس کي سڌي راهه تي آڻڻ، اولاد جو نه ٿيڻ يا ٿي ڪري مري وڃڻ، انهيءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن به قسم جي پريشاني هجي ته اڄ ئي تشريف فرما ٿيو ۽ دل جو سڪون ۽ من جي مراد حاصل ڪيو.

فون نمبر ۵۲۷۱۰۴ وقت صبح ۱۰ بجه کان شام ۷ بجه تائين.

پتو ياد رکجو- خانداني عامل درويش شاهه
پهرين منزل بالمقابل ريگل سينما ڪراچي.

هن اشتهار پڙهيو. هن جون اکيون کُلنديون ويون، تان جو هن جي اکين ۾ چمڪ ۽ چهري تي گلابي پائوڊر جهڙي رونق اچي ويئي. هو هوريان هوريان چپن ۾ دهرائڻ لڳو، "جو چاهيو سو پڇو، من جي مراد ماڻيو." هو وري چپ ٿي ويو ۽ اشتهار ڪٿي اکيون ان ۾ ڪپاٽي چڏيائين. "سنگدل محبوب اوهان جي قدمن ۾ هوندو. محبت جي تعويذن جي ماهر جو اعلان. جيئن اونداهي رات ۾ رکي رکي ٽانڊاڻو ٽمڪ ٽمڪ ڪندو آهي تيئن هن جي مايوس دل ۾ اميد جو ڪرڻو ٽمڪ ٽمڪ ڪرڻ لڳو. هن کي ياد آيو ته هن جي خاندان ۾ ڪنهن وڏي جي شادي سندس مرضي مطابق نه پئي ٿي، ڪنهن ڪامل کان تعويذ ورتي آيو هو ۽ هن جو ڪم ٿي ويو هو. جنهن سان شادي ڪرڻ ٿي گهريائين ان سان سندس شادي ٿي ويئي هئي.

هن فيصلو ڪيو ته عامل درويش شاهه سان ملبو. هن کان محبت جو تعويذ وٺبو، پنهنجي من جي مراد ماڻبي. تعويذ جي اثر سان پنهنجي محبوب جي من ۾ جاءِ پائبي.

انهيءَ شام، اشتهار ۾ ڏنل عامل درويش شاهه جي پتي تي پهتو. هن کي جاءِ ڳولڻ ۾ تڪليف نه ٿي. جاءِ جي ٻاهران هڪ وڏو ڪارو بورڊ ٽنگيل هو، جنهن تي سفيد ٿلهن اکرن ۾ لکيل هو:

ماهر عامل درويش شاهه
اچو من جون مرادون ماڻيو.

هو ڏاڪڻ تي چڙهيو. ڏاڪڻ ۾ اونده هئي ۽ ڪاٺ جي ڏاڪڻ هنڌان هنڌان جهريل هئي. هن در تي پهچي گهنٽي جو بٽڻ دٻايو. هڪڙي ماڻهوءَ در کوليو ۽ هن کي اندر وٺي ويو. ڪمري ۾ هلڪي روشني هئي ائين جيئن سمهڻ وقت زيرو بلب ٻاري ڇڏبو آهي. هڪ اڌڙوٽ عمر جو ماڻهو جنهن جو مٿو گنجو، ڏاڙهيءَ جا وار اڌ

اچا اڏ ڪارا، قد ڪبو ۽ ننڍو هو، هڪ ميز جي پرسان ڪرسيءَ تي ويٺو هو، جيڪا سندس جسم ۽ قد جي حساب سان وڏي ۽ عمر جي لحاظ کان قديم ٿي لڳي. ميز تي ڪجهه عمليات جا ڪتاب، جنتريون، جوتش ۽ رمل جا ڪتاب ۽ هڪ شيشي جو گولو شيشي جي اسٽينڊ تي رکيو هو. اُن جي پرسان هڪڙي ننڍڙي عصا رکيل هئي.

عامل درويش شاه، شفيق ڏانهن اهڙيءَ طرح نهاريو جيئن ڪورينٽو پنهنجي جار ۾ ڦاٿل مک کي ڏسندو آهي. هن ڪيس ميز جي پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو.

عامل درويش شاه ماڻهن جي نفسيات جي ڪمزورين کان واقف ۽ پنهنجي حرفت ۽ هنر ۾ ماهر هو. هو ايندڙ شخص جي منهن ۾ ڏسي سمجهي ويندو هو ته گراهڪ ڪهڙي مطلب سان آيو آهي ۽ ڪهڙي ڳالهه ٻڌي خوش ٿيندو ۽ خوش ٿي وڏي رقم نذراني طور ڏيندو. هو غريبن کي غيب طرفان ملندڙ ڌن دولت جو دلاسو، شاهوڪارن کي سندن دولت وڌڻ جي خبر ۽ بلئڪ ڪندڙن کي اڳهن ڇڙهڻ جو اطلاع ڏيندو هو. نوجوانن کي نوڪري ۽ پيار ۾ ڪاميابيءَ جي مبارڪ ۽ پوڙهن کي حياتيءَ جا ڪيئي سال وڌائي ڏيندو هو. عورتن کي اولاد جي خوشي، سس جي راضپي ۽ مڙس جي فرمانبرداريءَ جو آسرو ڏيندو هو. هو نهايت حرفت سان سياستدانن کي اليڪشن ۾ سندن پارٽي جي ڪاميابي ۽ سندن فتح ۽ مخالف پارٽي ۽ اُن جي اميدوارن جي ذليل شڪست جا اطلاع ڏيندو هو. هو فخر سان سياڻي جي موسم ۽ مستقبل جو اندازو لڳائيندو هو، جنهن ۾ پاڻ وٽ آيل ماڻهوءَ جي دل ۾ ڪاميابي، فتح ۽ خوشيءَ جا وڏا خيال پريندو هو. هن وٽ جيڪو مايوس ايندو هو سو پراميد ٿي ويندو هو ۽ خوشيءَ سان پنهنجو کيسو خالي ڪرائيندو هو.

ٿن ڏينهن کان عامل درويش شاه وٽ ڪوبه امير ته ڇا غريب ماڻهو بہ ڪونہ آيو هو، تنهن ڪري ٻُڪايل بگهڙ وانگر ڪمزور رڍ کي پنهنجي غار ۾ آيل ڏسي هن جي واڇ ڦڙڪڻ لڳي.

جيئن ئي شفيق ڪرسيءَ تي ويٺو ته ميز تي پيل گولو روشن ٿي ويو. عامل درويش ڪجهه پڙهندو بہ رهيو ۽ گولي جي مٿان هٿ بہ ڦيريندو رهيو. هو ڇا پڙهي رهيو هو، ڪهڙي ٻولي ۾ پڙهي رهيو هو، اهو شفيق کي سمجهہ ۾ نہ آيو. "هي قسمت جو گولو آهي." عامل درويش شاه پڇڪيو ۽ شفيق ڏانهن منهن ڪري چيائين، "نوڪري؟" مگر سندس اهو تير نشان تي پورو نہ لڳو. شفيق جي چهري تي ڪنهن بہ قسم جو جوش يا تاثر نہ اڀريو تہ يڪدم ماهر جوئاري وانگر پيو پتو اڇلايائين، "محبت جو معاملو آهي."

اهي لفظ ٻڌندي ئي شفيق جي دل ڌَڪ ڌَڪ ڪرڻ ۽ نبض تيز هلڻ لڳي.هن جو رنگ جيڪو عشق جي پريشانيءَ سبب ڪاراٽيل هو سرخ ٿي ويو. سندس زبان مان نڪتو "ها سائين."

"تنهنجي اندر داخل ٿيڻ سان ئي تنهنجي ستارن مون سان ڳالهايو هو ۽ تنهنجو احوال مون کي ٻڌايو

هن وري گولي ڏانهن نهاريو ۽ ڏاڍيان چوڻ لڳو.

"حمل، ثور، سرطان، اسد، سنبلہ، ميزان، جوزا، عقرب، قوس، جدي، دلو، حوت." شفيق ڏانهن منهن ڪري چيائين "جوان! تنهنجو برج جوزا ۽ سيارو قمر آهي." ٿورو ماٺ ڪري وري چيائين، ستارن جو اهو ميڙ جيڪو جاڙڻ ٻارن وانگر هوندو آهي جوزا آهي. انهيءَ حساب سان تنهنجي خوشين سان گڏ ڪجهه مايوسيون آهن. هن پوءِ جنتري کولي ۽ پني تي ڪجهه حساب ڪرڻ لڳو. آڱرين تي ڪجهه ڳڻي پني تي لکندو ويو . ڪجهه

جوڙ، ڪجهہ ڪٽ، ڪجهہ ضرب، ڪجهہ وند ڪرڻ لڳو. شفيق حيرانيءَ ۽ تجسس جي نگاهن سان هن ڏانهن نهاريندو رهيو. ٿوري وقت کان پوءِ عامل شاه ڪنڌ مٿي ڪٽي چيو، "تنهنجو برج جوزا گردش ۾ آهي. تنهنجي سياري قمر کي شمس سيارو گهيرو ڪيون بيٺو آهي، اهوئي سبب آهي جو تنهنجي من جي مراد پوري ٿيڻ جا ڪي سولا سوڻ ڏسڻ ۾ نٿا اچن."

اهي لفظ ٻڌي شفيق کي ڍڪر وٺي ويا. هن کي اُداسائي ۽ مايوسي وٺي وئي. ڏڪندڙ لفظن ۾ چيائين، "سائين! پوءِ ڪجهہ ڪريو."

هاڻي عامل درويش سمجهيو تہ شڪار ڦٽيڪو آهي. وڏي مخرج سان چيائين، "الله وڏي طاقت جو مالڪ آهي. هو رحيم، رحمان ۽ مشڪلڪشا آهي. جوان تون فڪر نہ ڪر. تنهنجي ستارن جي گردش کي ڦيرائڻو پوندو تڏهن وڃي تنهنجو ڪم ٿيندو. شمس جو گهيرو هٽائڻو پوندو جيئن قمر آزاد ٿئي ۽ تنهنجي من جي مراد پوري ٿئي. جنهن کي تون چاهين ٿو اها توکي ملي."

"سائين! ڪجهہ ڪريو."

"سڀ ڪجهہ ٿيندو. محنت ڪرڻي پوندي. وقت لڳندو. توکي خرچ ڪرڻو پوندو."

"سائين! مان سڀ ڪجهہ ڪندس."

اهي لفظ ٻڌي عامل درويش جي دل ٺري پيئي. هن جي سڪل منهن ۾ تازگي ۽ هن جي چنجهين اکين ۾ روشني، هن جي خشڪ چپن ۾ تحرڪ پيدا ٿي ويو. "چڱو ڪجهہ رقم ڏي جيئن تنهنجي ستارن جي گردش جو ڪجهہ ڪيو وڃي."

شفيق يڪدم ٻہ سو سو جا نوٽ ڪڍي عامل درويش شاه جي اڳيان رکيا. عامل درويش شاه پنن تي نقش ڪڍيا. پنا ويڙهي شفيق کي ڏينديَ چيائين، "هي تنهنجي ڪاميابيءَ جي پهرين ڪنجي آهي. هڪ تعويذ جنهن جي مٿان سائو نشان آهي، پنهنجي محبوب جي اهڙي جاءِ تي پورجانءِ جتان هن جو ۽ هن جي مائٽن جو ور ور ڪري لنگهڻ ٿئي. بهتر آهي تہ سندس گهر جي چائنٽ ۾ پورجانءِ. ان تعويذ جي اثر هيٺ تنهنجو محبوب ۽ ان جا مائٽ تو تي مهربان ٿيندا ۽ جيئن تون چاهيندين تيئن ڪندا."

شفيق خوش ٿي تعويذ وڏي عقيدت سان وٺي پنهنجي کيسي ۾ رکيو. وڏين اُميدن ۽ آسرن سان خوش خوش گهر موٽيو.

تعويذ پورڻ کان پوءِ هر روز انهيءَ انتظار ۾ رهيو تہ ڪڏهن ٿو تعويذ جو اثر ٿئي. سندس من جي مراد پوري ٿئي ۽ محبوب حاصل ٿئي. جڏهن ڪجهہ ڏينهن گذريا ۽ تعويذ پنهنجو اثر نہ ڏيکاريو تڏهن هو جامع مسجد جي مُلان وٽ ويو جو پنهنجن ورد وظيفن جي ڪري مشهور هو. نہ صرف شهر بلڪ ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو وٽس وظيفن لاءِ ايندا هئا. هو هر ڪنهن کي وظيفو مفت ۾ ڏيندو هو، ڪنهن کان پائي پيسو نہ وٺندو هو. چوندو هو "الله جي اسم تي پيسو وٺڻ حرام آهي. هيءَ ٻہ هڪ قسم جي نيڪي خيرات آهي، ان جو اجر الله وٽ آهي."

شفيق جڏهن کان جامع مسجد جي ملان سان مليو آيو هو تہ هن ۾ عجيب تبديلي اچي وئي هئي. هو پنج وقت نماز کان سواءِ تهجد ۽ اشراق جي نماز بہ پڙهڻ لڳو. ان کان سواءِ صبح جو قرآن شريف جي دور سان گڏ دعاءِ نور دعاءِ گنج العرش ۽ درود تاج بہ پڙهندو هو. ملان جي هدايت مطابق رات جو سمهڻ کان اڳ ياسين مبارڪ جو ورد بہ ڪرڻ لڳو. رات جو خاص وظيفو پڙهڻ بہ شروع ڪيائين.

هڪڙي رات شفيق جي ڪمري مان پوانتي ۽ دل ڏاريندڙ رڙ بڌڻ ۾ آئي. گهر جا سڀ ڀاتي ڊوڙندا هن جي ڪمري وٽ اچي پهتا. ڪمرو اندران بند هو، تنهن ڪري زور سان در ڪڙڪائڻ لڳا. اندران شفيق جو هلڪو آواز آيو، "مان ٺيڪ آهيان، مان ٺيڪ آهيان. توهان خدا جي واسطي منهنجو فڪر نہ ڪريو، وڃي سمهو."

مگر شفيق جي ماءُ پنهنجي پٽ کي ڏسڻ کان سواءِ وڃڻ نٿي گهريو، تنهنڪري مجبورن شفيق در ڪوليو ۽ ماءُ کي چيائين، "امان! ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي، ننڊ ۾ پوانتو خواب ڏٺو هوم جنهن ڪري رڙ نڪري ويئي."

ٻئي ڏينهن جڏهن ڪليم شفيق وٽ پهتو تہ هن جو چهرو اهڙو پيلو ڏٺائين ڄڻ راتوڪي رات ۾ سندس جسم جو سمورو رت خشڪ ٿي ويو هجي. هن جو منهن لٽل ۽ اُداس ٿي لڳو. شفيق جڏهن ڪليم کي ڏٺو تہ هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ روئندي چيائين، "رات ويل ٿي ويو!"

ڪليم حيرانيءَ مان پڇيو "ڇا ٿيو؟"

"دوست! مان چلو پچاني رهيو هوس. اٺيتاليهہ راتيون پوريون ٿي ويون هيون. ڪلهہ چاليهين ۽ آخري رات هئي. حڪم هو تہ وظيفي پڙهندي ڪجهہ بہ ٿي پوي ڊپ داءُ نہ ڪجانءِ نہ پنهنجي جاءِ ڇڏجانءِ. رات جيئن ئي مان وظيفو پڙهي رهيو هوس تہ مون ڏٺو تہ آسمان مان هڪڙي بڇڙي شڪل وارو پوانتو ڀوت هيٺ لٿو. هوريان هوريان مون ڏانهن وڌڻ لڳو. مون کي اينتري ڊپ اچي ورايو جو مون کان دانهن نڪري ويئي ۽ مان هيڏانهن هوڏانهن مدد لاءِ ڊوڙڻ لڳس. وظيفو ٽٽي پيو." اهو چئي هو ڪجهہ گهڙيون سامت ۾ اچي ويو ۽ ٿوري ويل رڪي ٿڌو ساهہ ڀري چوڻ لڳو، "يار اها منهنجي آزمائش هئي." روئندي، سڏڪا ڀريندي وڌيڪ چيائين، "ڪٽيل بازي ٿوري ڳالهہ تي هٿان ويندي رهي." هن جي اکين مان ڳوڙهن جون بوندون هيٺ ڪرڻ لڳيون.

ڪليم هن کي دلداري ڏيندي چيو، "اهي سڀ وسوسي ۽ وهم جون ڳالهيون آهن. دل نہ هار، جن جو عشق صادق هوندو آهي اهي عشق ۾ ضرور ڪامياب ٿيندا آهن."

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪليم جڏهن شفيق وٽ آيو تہ ڏٺائين تہ شفيق کٽ تي ليٽيو پيو آهي. هن جي مٿي، ٻانهن ۽ ٽنگن تي پٽيون ٻڌل آهن. ڪليم گهبرانجي پڇيو، "توکي ڇا ٿيو آهي؟"

جواب ۾ شفيق ٽهڪ ڏنو.

ڪليم حيرانيءَ مان پڇيو، "ڇا ڪنهن سان جهڳڙو ٿيو اٿئي."

"نہ"

"ڇا ڪٿي ترڪيو آهين يا مٿاهين هنڌ تان ڪريو آهين؟"

"نہ"

"ڇا ڪو ايڪسيڊنٽ"

"نہ"

"تہ پوءِ هي ماجرا ڇا آهي؟"

شفيق کلندي چيو "ڪاميابي - عشق ۾ ڪاميابي."

ڪليم ڪاوڙ ۾ رڙ ڪئي، "اڙي تون اڌ منو ٿيو کٽ تي پيو آهين. اها ڪاميابي توکي ڪيئن ملي؟"

"قاضي بابا." هو مرڪيو ۽ مرڪڻ سان گڏ جسم جي چرڻ سبب هن کي سُور جي ڪري ٽاٽ اپري ۽ هلڪي رڙ ڪيائين.

"قاضي بابا!" ڪليم رڙ ڪئي. "اهو الف اگهاڙو، سڪي تلاءِ وارو، مستانو"

"هن کي اگهاڙو نہ چئہ. هن الله جي عشق جو لباس پهريو آهي. اُن جي دعا آهي." شفيق جو وري پاسو ڇريو ۽ هن کان رڙ نڪري وئي پر ڪلندي چيائين، "توکي تہ خبر آهي تہ هو من جون مرادون پوريون ڪندو آهي. اڄ مان بہ هن وٽ من جي مراد ڪٺي ويو هوس."

"پوءِ."

"هو الله جي عشق ۾ ايترو گم هوندو آهي جو ماڻهن جو پاڻ وٽ اچڻ پسند نہ ڪندو آهي. ماڻهو جڏهن هن جي استغراق ۾ رخنو وجهندا آهن تہ هو ماڻهن کي مارڻ لاءِ اٿندو آهي. جيڪا شيءِ ڪيس سامهون ايندي آهي اها ڪٺي ماڻهن کي هڻندو آهي. جيڪو هن جي مار کان ڀڳو، اهو نامراد ۽ ناڪام رهندو آهي. ها جيڪو مار سهي هن جي پٺ نہ ڇڏيندو ان جو ڀاڳ ڀلارو ۽ مقصد پورو ٿيندو آهي. اڄ جڏهن مان اتي پهتس تہ ماڻهن جو ميلو لڳو پيو هو. عورتون، مرد، ٻار، ٻڍا، امير، غريب مطلب تہ هر قسم جا ماڻهو موجود هئا. هن کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪو منايون، ڪو ڪاڏو، ڪو گل، ڪو ڪپڙا ڪنيون وينو هو. قاضي بابا اکيون پوريون، الله جي ياد ۾ مگن وينو هو. اوچتو هن اکيون کوليون، پنهنجي چوڌاري ماڻهن جو ميڙ ڏسي هن کي ڪاوڙ آئي. ڀريان گاريون ڏيڻ لڳو پر ماڻهو هن جي گارين کي گل سمجهي وينا رهيا ۽ انهن مان پنهنجي پنهنجي مقصد جا مطلب ڪيڻ لڳا. پوءِ هن کي جولان آيو. هن جو غصو تيز ٿي ويو. پرسان پيل پٿر ڪٺي ماڻهن کي هڻڻ لڳو. ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي ويئي. هر ڪنهن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڪڙين تي زور ڏنو، مگر مان اتي مات ڪيو وينو رهيس. چيم "يا شهادت يا ڪاميابي."

هن هڪ پٿر ڪٺي مون کي مٿي وارو وهائي ڪڍيو. منهنجو مٿو ڀرين ني ڏک سان ڦيراٽيون ڪائڻ لڳو. هن ٻيو پٿر اڇلايو، پوءِ ٽيون پوءِ چوٿون. مان بي سڌ، بي خبر ٿي ڍيري ٿي پيس. جڏهن اکيون کليون تہ پاڻ کي هن حالت ۾ بستري تي ڏٺم" هو اها ڳالهہ ڪري مرڪڻ لڳو. "مگر منهنجي مراد پوري ٿي. قاضي بابا جي مار اجائي نہ ويندي. جنهن لاءِ هي زخم، هي چوٽون، هي ڏک سنا اٿم، اها ڀڪ سان هاٿي منهنجي ٿيندي." انين چئي هو وري مرڪڻ لڳو.

ايتري ۾ هن جو ڪمرو خوشبو سان ڀرجي ويو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ هن جي ڀيڻ نجما نَون چمڪندڙ ڪپڙن، زيورن ۽ مڪمل ميڪ اپ سان بيٺي هئي. هن ڪجهہ ڪچيو ان کان اڳ نجماچيو، "ادا! اسان سڀ وڃون ٿا."

"ڪاڏي" هن پڇيو.

"راحيلہ جي شادي تي." هوءِ انين چئي هلي ويئي.

هن انين محسوس ڪيو ڄڻ پنهنجين خوشين ۾ مست هڪ اڏامندڙ پکيءَ کي ڪنهن گولي وهائي ڪڍي ۽ اهو آڪاش مان ڌرتيءَ تي ڪري پنهنجي رت ۾ ڦٿڪڻ لڳو. هن هڪ آهہ ڀري. هن جي اکين مان بہ ڳوڙها نڪتا، جي هن جي ڳلن تان وڌي هن جي ڇاتي تي ڪري هن جي قميص ۾ جذب ٿي ويا.

"ڇا ٿيو؟" شفيق حيران ٿي پڇيو.

"سڀ ابتڙ ٿيو." هن ٿڌو ساهہ ڪڻدي چيو.

هو ڪافي وقت مات رهيو ۽ شفيق حيرت ۽ پريشانيءَ مان هن ڏانهن ڏسندو رهيو. جڏهن ڪليم ٿورو سامت ۾ آيو تہ پڇڪيو، "مگر منهنجو تہ هن سان عشق حقيقي هو".

# شڪار

## ناوليٽ

عبدالجبار جوڻيجو

### پنهنجي پچار

مون کو خواب ڪونہ ڏٺو هو، پر حقيقت ۾ مون محسوس ڪيو آهي تہ انسان جي وجود تي جنگ باز هر طرف کان حملا ڪري رهيا آهن. هر طرف کان امن تي هلاڻون ڪيون پيون وڃن. هر امن پسند ماڻهو ڊنل، هيسيل ۽ دشمن جي گهيري ۾ آهي. نہ رڳو ايترو پر جنگ، تشدد ۽ دهشت گرديءَ سان گڏ ڪمزور انسان بک جو بہ شڪار آهي. ٻئي طرف هٿيارن تي جيڪو خرچ ٿي رهيو آهي سو جنگ بازن جي تسڪين خاطر ئي آهي.

ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا بيشتر ماڻهو هن ٻہ مُنهين بلا جو شڪار بنجي رهيا آهن ۽ آقا ملڪن طرفان مليل خيرات ۽ ترقياتي فنڊن مان اِنهن ئي غريب، بکين ملڪن جا سِنئي هاضمي وارا سيٺيون ۽ وڏيرا جام تي جام پي رهيا آهن. سندن صحت وڏيڪ سُٺي ٿي رهي آهي. غريب سان ڪا اهڙي ويڌن آهي، جو بک کان واقف ۽ تعليم کان اڻ واقف آهي. ڪيس مانيءَ ٽڪر بدران نشي جو ڊوز بہ ڏنو پيو وڃي.

منهنجي هن ناوليٽ جا ڪردار خاص طور جنگ، تشدد، بک ۽ بيروزگاريءَ جي صورتحال جو هڪ تاثر قائم ڪن ٿا. اميد اِها آهي تہ هيءَ صورتحال ختم ٿئي.

مون هن ناوليٽ جو مواد ۱۹۸۸ع جي ڊسمبر کان وٺي پئي گڏ ڪيو ۽ جيڪي سوچيم پئي، اُن جا بہ نوٽس پئي ورتم. پر عجب هو تہ منهنجو لکڻ وارو ساڄو هٿ لکڻ کان نابري واري بيٺو. سوچيم تہ شايد اِها لکڻ وارن جي بيماري آهي. اُن ڪري گنڊريل ٻن مهينن کان مون کاٻي هٿ سان لکڻ جو عمل شروع ڪيو ۽ سنڌي، انگريزي ۽ هنديءَ ۾ هن عمل ۾ ڪامياب ٿيس. اڃان بہ چيني زبان کاٻي هٿ سان سُٺي نٿو لکي سگهان ۽ هيءَ ڳالهہ آءٌ رڪارڊ خاطر چئي رهيو آهيان تہ هي ناوليٽ مون ۱۲ جنوري ۱۹۹۰ع کان وٺي لکڻ شروع ڪيو ۽ اڄ ۳ فيبروري ۱۹۹۰ع تي مڪمل ڪيو.

ادبي ڪٺ، ڪٺ ڪرڻ وارا ڪندا.

– عبد الجبار جوڻيجو

۳-۲-۱۹۹۰ع

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

# ورثو

دودو دستور موجب ڳوٺ کان ٻاهر پوني تي اِٽي ڏکر راند کيڏي رهيو هو. سج لهڻ وارو ٿيو تہ ٻار ڳوٺ ڏي موٽيا. اِهو هنن جو روز جو معمول هو تہ گهر موٽندي ڳوٺ جي بازار مان لنگهندا هئا، جنهن ۾ کل پنج ڇهہ دکان هئا. انهيءَ دوران اکثر ڇوڪرن ۽ دکاندارن جي وچ ۾ چرچو گهبو ٿيندو هو يا ڪو ٽول ونڻ لاءِ ڇوڪرا ڪجهہ وقت ڪنهن دکان تي ويهندا بہ هئا. هڪڙو دکاندار وڏايو اکثر ڪونہ ڪو گفتو ڪيندو هو ۽ دودي کي ڏسي پُڻ پُڻ بہ ڪندو هو ۽ چوندو هو: "سڄو ڏينهن پيو ڪمين ڪاسبين جي ڇورن سان رلين، پنهنجن وڏن ڏانهن ڏس." دودو وڏيري جو پٽ هو، پر هن جي دل ۾ تہ اهڙو ڪو خيال نہ هو. پيو تہ سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪمين ڪاسبين ۽ شاهوڪارن جي ٻارن جي گڏ کيڏڻ جو رواج بہ هليو اچي. هڪ طرف موچين، لوهارن، ڪنڀرن، واڍن ۽ هارين جا ٻار تہ ٻئي طرف وڏيرن جا ٻار پيا گڏ کيڏندا آهن.

موهن جي دڙي جي عظيم ورثي جا هي وارث تہ صدين کان هڪ ٻئي سان رواداري ۽ مروت سان هلندا اچن. اِهو اثر سنڌ جي تهذيب ۾ لاڳيتو هلندو اچي. هن عظيم تهذيب جا آثار تہ موهن جي دڙي، ٽئڪسيلا، هڙاپا، ڪوٽ ڏجي، آمري ۽ ٻين هنڌن تي آهن، پر هڪ ئي سوچ تہ سڄي سنڌو ماٿريءَ ۾ آهي. سنڌو دريا جي ڪناري جي هيءَ تهذيب موهن جي دڙي ۾ خاص طور پڪن گهرن، پڪين گهٽين، پاڻيءَ جي نيڪال جي سرشتي جي ڪري دنيا جو ڌيان ڇڪايو آهي. هتان جو حوض بہ هڪ منفرد حوض آهي.

قديم زماني کان هن ماٿريءَ جا ماڻهو امن ۽ آشتيءَ سان رهيا. دنيا جي قديم ورثي ۽ عظيم پائيچاري جي ڪري مشهور رهيا، پر جنوني ۽ مطلب پرست هن پائيچاري جو مفهوم ڪڏهن بہ نہ سمجهي سگهيا. هر خوبيءَ کي خامي ۽ هر سورهيائيءَ کي ڪمزوري ڄاڻائون. اهڙا جُنوني سنڌو ماٿريءَ جي رهواسين جي رواداريءَ کي نہ سمجهي سگهيا ۽ نہ ڪڏهن مروت جو جواب مروت سان ڏنائون.

دودو هن واديءَ جو ڄائو هڪ برجستو نوجوان ٿي ساماڻو. هن کي اهڙن جنونين جي ارادن جي خبر بہ دير سان پيئي. هن جي نظر ۾ سڀ ماڻهو برابر هئا. موقع پرست ماڻهن جي تہ نيت ئي ٻي هئي. هن ڏٺو تہ هي جنوني ڪنهن تهذيب کي بہ پنهنجي مخصوص ۽ هٺرادن نظرين هيٺ بيڪار ۽ بي دين ڄاڻي رهيا هئا. سندن نظر ۾ موهن جي دڙي مان مليل ڊڳو بہ "خونخوار ڊڳو" هو ۽ ناچڻيءَ جي پُتلي تہ اصل دين جي بنياد پٽڻ واري هئي.

حقيقت ۾ همڙا مطلبي ٽولا عوام ۾ انهيءَ طرح نفرت جو ٻج ڇٽي رهيا هئا. ان ۾ هنن جو هي فائدو هو، جو ائين هنن پنهنجن پرڏيهي مالڪن ۽ ڏيهي پرمارن جا پئسا سڄايا ٿي ڪيا. هن ماٿريءَ سان ائين ٿيندو آيو هو جو جنگ بازن، ۽ سندن چاڙتن جا مطلب سڌ ٿيندا آيا. ماٿريءَ جي عوام ۾ ويڇا وجهندا مالڪن جو مطلب پورو ڪندا آيا. اَرغون هجن يا ترخان، سنڌ جو عوام هنن جنونين جي من مستين جو شڪار ٿيندو آيو.

دودي جيئن هاءِ اسڪول جي مٿين ڪلاسن ۾ قدم رکيو، هُن کي هِنن چالاڪين جي پوري پروڙ پئي. جڏهن هڪ ڀيرو هو اسڪول طرفان موهن جي دڙي جي اپياسي دؤري تي ويو تہ هن جنونين جي ڳالهين مان اهو پليءَ پت پروڙيو تہ هو تہ ڪا نرالي خلق هئا ۽ هر تهذيب کي فرسوده ۽ بي دين سڏي رهيا هئا. دودي هڪ جنوني شاگرد کي ڏکو ڏيندي ناليءَ ۾ ڪيرائي ڇڏيو ۽ جنوني استاد کي چيائين: "ٽري وڃ منهنجين نظرن کان". ڪي جنوني شاگرد گائيڊ طرفان ڏنل معلومات تي بہ مسخري ڪرڻ لڳا هئا، پر دودي جي هڪلن همراهن کي هيٺو ڪري وڌو. هنن عقل جي انڌن ۽ تعصبي جيوڙن جي ڪري سڄو پروگرام هيٺ مٿي ٿي ويو ۽ جيڪا بس اسڪول مان ڳائڻ ۽ ٺهڪن سان رواني ٿي هئي، سا موت جهڙي ماٺ سان شام جو واپس ٿي. پر دودي جي اک کلي وئي.

جڏهن دودو اعليٰ تعليم لاءِ لنڊن جي هيٿرو هوائي اڏي تي پهتو تہ سخت سردي هئي. هن کي ميزبان مليو

ويو. جيڪو اسڪول طرفان آيو هو. ڪيس ٽيوب ٽرين ذريعي "ڪنات هال" ۾ سنڌس لاءِ مخصوص ڪيل ڪمري ۾ پهچائي ماني ڪارائي ٻئي ڏينهن اچڻ جو چئي هليو ويو. دودي ٻئي ڏينهن پنهنجي مهربان ڊينس جو انتظار ڪيو. هُو نائين بجي آيو. اسڪول وٺي استاد سان مليا. هي اسڪول، اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز (SOAS) لنڊن يونيورسٽيءَ جو هڪ حصو آهي ۽ ڪنات هال کي ويجهو ئي آهي. دودي کي واقف ٿيڻ ۽ ڪم جاڻڻ ۾ ڪجهه ڏينهن لڳا. اسڪول جي لئبريءَ مان هو ڪتاب ڪڍندو هو. ڪي ڪتاب برٽش لئبريءَ مان به مشرقي علوم جي شعبي مان ڏسندو ۽ حوالا وٺندو هو، جيڪا به ويجهوئي هئي. هڪ قديم دڪان ڊلن (Dillons) بوڪ اسٽور به ويجهو هو. هو اُتي خريداريءَ لاءِ گهٽ پر ڪتاب ڏسڻ جي شوق ۾ تقريباً روز ويندو هو. آهستي آهستي ڪي دوست به ڪيائين، جن ۾ سري لنڪا جي هڪ سنهالي ڇوڪري سَريتا به هئي. هوءَ سانوري، سنهڙي ۽ نهايت ادب ۽ اخلاق واري هئي. هُوءَ سنهالي ٻوليءَ جي گرامر جي ڪنهن نُڪتي تي ٿيسز لکي رهي هئي. دودي کان اڳ آئي هئي. دودو اجان علم لسانيات جي اصولن جي ليڪچرن ۾ ئي ويو پئي ته سريتا سان مليو. هڪ ڏينهن وري Dillons ۾ مليا. ٻئي راڳ جي ڪتابن جي تلاش ۾ هڪ ٻئي جي سامهون اچي ويا.

"اڙي" سريتا حيران ٿي چيو: "راڳ جي تلاش ۾ آهين ڇا؟"

"نه! ساز جي ڳولا ۾ آهيان" دودي چيو "منهنجو آواز سنو ڪونهي، اُن ڪري پنهنجي وطن ۾ به ساز وڄائي پئي گذارو ڪيو اٿم. هتي پهرين ڪو ڪتاب ٿو ڳوليان جنهن ان جي مدد سان ساز چونڊي سگهان."

"تون ته سنڌ جو سپوت آهين، جتي شاهه عبداللطيف، ڪنور ڀڳت ۽ منظور علي خان جو آواز پيو گونجي." سريتا چيو. دودي اجان اکين ۾ حيراني ڪٺي نهاريو مس ته سريتا وري چيو: "توکي ته ڪلهه ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب 'سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ' جو تعارف ڪرائيندي مون کي جيڪي نالا پئي ٻڌايا، انهن ۾ گهڻو ۽ وري وري اهي ئي نالا پئي آيا."

دودو اهو ٻڌي خوش ٿيو. اتفاق سان ٻئي ڀارت ورش جي قديم راڳ کان واقف هئا ۽ پنهنجن علائقن جي لوڪ رنگ کان به. سريتا ڏکڻ ڀارت جي راڳ جي سرشتي ڪرناٽڪ سنگيت کان به واقف هئي. دودو جو جو ڪلاسيڪل راڳ کان واقف هو، اُن ڪري ڪرناٽڪ سنگيت جي ناچ ۽ راڳ توڙي ساز کان گهڻو متاثر ٿيندو هو. ٻنهي سرشتن جو لاڳاپو به هو. سريتا دودي کي سنگيت ۽ پنهنجي شهر انوراڌاپورا بابت ٻڌائيندي ڪيتروئي احوال ڏنو. ڪتابن جي دڪان تان دودي مغربي موسيقيءَ جي سازن بابت هڪ ڪتاب خريد ڪيو ۽ واپس اسڪول ڏي موٽيا.

هڪ ڏينهن راڳ سنگيت تي ڳالهائيندي ٻنهي جي دوستيءَ جو هڪ ٻيو سبب به ظاهر ٿيو. اُها هئي ڊاڪٽر آشيوني ڀنڊي، جيڪا ڀارت ۾ ڪلاسيڪل موسيقي ۾ هڪ طاقتور آواز ٿي اُڀري. هوءَ ڪيمسٽريءَ ۾ پي ايڇ. ڊي هجڻ سان گڏ هڪ اهم خيال ڳائيندڙ هئي. سريتا وٽ ستار تي راڳ ڀهاڳ جو هڪڙو ڪيسٽ هو، جيڪو ٻڌي دودي کي ائين لڳو ته هي سنڌس دل جو آواز هو، ڪو راڳ ڀهاڳ نه هو.

هنن جي گهرائي ۽ دوستيءَ ۾ انسان دوستي، مظلوم قومن جي حقن ۽ موسيقي سان شوق جو وڏو هٿ هو. آهستي آهستي دوستن جو حلقو به وڌندو ويو. گل بهار سنگهه ،جيڪو امرتسر جو رهاڪو هو ۽ هر وقت پيو کلندو هو، سو دودي جو گهرو دوست بڻجي ويو. ڪيس ٽوٽ پيسٽ جو اشتهار چوندا هئا. گل بهار سنگهه جو روايتي پٽڪو هر ڪنهن جو ڌيان ڇڪائيندو هو. هو دودي کي سنڌي پٽڪو ٻڌڻ لاءِ همٿائيندو هو. اڪثر دودو به اجرڪ جو پٽڪو ٻڌي ڪيس ڏيکاريندو هو. گل بهار جي اکين ۾ هڪ چمڪ اچي ويندي هئي ۽ پٽڪن تي

گفتگو ڪندي اڪثر چوندو هو: هي پٺتڪن جو ربط ڇا ٿو ڏيکاري، دوستا! مطلب پرستن، سامراجين ۽ سندن ڇاڙتن ماڻهن کي هڪ ٻئي کان پري ڪري ڇڏيو آهي. اسان جون ٻوليون، اسان جون ثقافتون، ۽ اسان جون مسڪراهٽون ويجهيون آهن ۽ مٽي ڪنهن هنڌ ٻہ نہ پر هڪ هيون. زمينن ۽ پيداواري ذريعن تي قبضو ڪرڻ وارن اُن هڪ کي هزار ٽڪرن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي."

انوپ بہ دودي جو دوست بڻجي ويو هو. هُو بمبئيءَ کان آيو هو. تمام غريب ڇوڪرو هو. هڪ ڏينهن غربت جو ذڪر ڪندي چيائين: "منهنجو تعليم خاطر لنڊن پهچڻ بہ هڪ معجزو آهي." ڪيس دوست 'بمبئيءَ جو معجزو' ڪري سڏيندا هئا.

يونيورسٽيءَ جي شاگرد يونين جي چونڊن جا ڏينهن اچي پهتا. شاگردن ۾ چُر پُر شروع ٿي. دودي کي دوستن چيو تہ تون پريزيڊنٽ جي عهدي لاءِ مقابلو ڪر. پهرين تہ هن نٽايو پر نيٺ گل ٻهار سنگهہ، انوپ، سريتا ۽ ڪن سنڌي دوستن جي زور پرڻ تي تيار ٿيو. نامينيشن فارم ڀريا ويا ۽ ورڪ بہ ٿيندو رهيو. آخر انتظاميہ طرفان سڀني اُميدوارن کي پنهنجو پنهنجو منشور ٻڌائڻ ۽ شاگردن سان واقفيت ڪرائڻ لاءِ اسڪول جي وڏي هال ۾ گڏجاڻي رکي وئي. مقرر وقت تي هرڪو هال ۾ پهچي ويو. دودو بہ پنهنجن نقطن کي ذهن ۾ گڏ ڪندو سوچيندو سوچيندو اچي پهتو. اُميدوار پهرين قطار ۾ ويٺا. هڪ نظر هڪ ٻئي تي وڌائون. ڪي چهرا ڏٺل هئا، ڪن سان سڃاڻپ بہ هئي، پر ڪي نوان بہ هئا. دودي اجان هيڏانهن هوڏانهن پئي نهاريو تہ ڪيس سڏ ٿيو. هال شاگردن سان ڀريل هو. دودو آهستي آهستي هلندو اسٽيج تي آيو ۽ چؤطرف نظر گهمائڻ کان پوءِ تقرير شروع ڪيائين. هن پنج منٽ تہ پنهنجي عوامي محاذ جي تعارف ڪرائڻ ۾ لڳايا. جنهن پوءِ تنهن سندس آواز بلند ٿيندو ويو ۽ جٽڪ گجگوڙ هئي جا وسيع هال جي ديوارن سان ٽڪرانجي رهي هئي. "دوستو! آءٌ ووٽ وٺڻ لاءِ هي ڳالهيون ڪونہ پيو ڪريان، پر اِها حقيقت آهي تہ دنيا ۾ هر هنڌ غريب تي ظلم پيو ڪيو وڃي. صدين کان ظلم جاري آهي. ڪيتي ڪتي غريب سڄاڳ ٿيو، پر ٻئي هنڌ هن کي آزادي ۽ جمهوريت جي نالي ۾ پرماريت جو نشانو بڻايو ويو. دنيا جي جابرن جي قلعن ۽ محلاتن، مقبرن توڙي عظيم ديوارن جي تعمير جي بيگر ۾ لکين غريب مئا، رڳو ان آسري تي تہ شام جو ماني ملندي. ماني ۽ پنهنجي حاڪميت جي آسري ۾ مشرق وارن لٽيو تہ مذهب ۽ جمهوريت جي نالي ۾ مغرب وارن لٽيو. اوهان کي اخبارن جي چند سالن جي اطلاعن تي آذارين قتل جي وارداتن ۽ نسلي حملن جي رتوڇاڻ جا انگ اکر پيش ڪريان، جي اوهين مون کي پنهنجو ٿورو وقت ڏيو. ١٩٨٥ع کان ڪراچيءَ ۾ پٺاڻن ۽ مهاجرن جو جهڳڙو شروع ٿيو، جنهن ۾ نشي جي وڪري ۽ پلاٽن تي قبضن جو مسئلو هو ۽ غريبن جو رت وهيو. سهراب ڳوٺ کي لڏايو ويو ۽ عليگڙهہ ٽائون کي مليا ميٽ ڪيو ويو. ڏرين ٻن سالن ٽائين هڪٻئي کي ڪُنو ۽ ظلم ڪيو. ١٨ جون ١٩٨٨ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي بسن تي. حيدرآباد سنڌ ۾ فائرنگ ڪئي وئي رتوڇاڻ ٿي ۽ هڪ مهيني کان پوءِ وري بہ ساڳئي شهر ۾ سنڌين کي ماريو ويو. سنڌين کي پاڪستان جو دشمن ڄاتو وڃي ٿو. ١٩٨٣ع جي ايم.آر. ڊي جي تحريڪ ۾ بہ فقط سنڌين حصو ورتو، جٽڪ آمريت جو مقابلو بہ سنڌين کي ڪرڻو هو. ١٩٨٨ع ۾ بہ فقط سنڌي ماريا ويا ۽ ٦ اپريل ١٩٨٩ع تي حيدرآباد ۾ اسڪولن تي حملا ڪيا ويا ۽ ١٧ ماڻهو مُئا. سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ ٽي ماڻهو مئا. انسان جو شڪار ڪيڏيو ويو.

"٣٠ سيپٽمبر ١٩٨٨ع تي شام جو حيدرآباد ۾ ٽن ڇنن هنڌن تي، سئنيمائن ۽ هوٽلن جي اڳيان ڪارن مان فائرنگ سبب سوين ماڻهو قتل ٿيا. انهن گولين ذات پات ۽ ٻوليون نہ ڏٺيون. ٻئي ڏينهن ڪراچيءَ ۾ فائرنگ ڪري سپ سنڌي ماريا ويا ۽ سنڌ جي گورنر بيان ڏنو تہ "رد عمل فطري هو." جڏهن سپ سنڌي ماريا

ويا ته اهو چئي سگهو ٿيو. اهو هڪ رٽائرڊ جج ۽ گورنر چيو. ٨٨-٨٩ع ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ هر مهيني ۾ ڪرفيو لڳو. ڪير متاثر ٿيو؟ فقط غريب!

"اڇو سري لنڪا تي. آءٌ سڄي مسئلي جو سياسي جائزو وٺڻ جي پوزيشن ۾ نه آهيان. آءٌ فقط ماڻهن جي مارجڻ جي باري ۾ چند ڳالهيون چوڻ ٿو گهران. آءٌ TULF- JVP يا پارٽي امن فوج جي حمايت ۾ يا خلاف ڪو بيان نٿو ڏيڻ گهران.

"ٽرنڪو مالي ۾ ١٣ نومبر ١٩٨٨ع تي ڪيترا ماڻهو ماريا ويا. انوراڌاپورا ۽ جافنا ۾ فائرنگ ٿي. سال ١٩٨٩ع ۾ به جنهن ريت انساني زندگيءَ جو وحشياڻو شڪار ڪيڏيو ويو، اهو چنگيز خان جي ظلمن کي شرمائي ٿو ڇڏي. ٢٧ آڪٽوبر ١٩٨٩ع جي رپورٽ آهي ته سري لنڪا ۾ گذريل ٻن مهينن ۾ ٣٠٠ ماڻهو مئا. جن ۾ ٢٥ آڪٽوبر ١٩٨٨ع تي ماريل اُهي ٤٢ ماڻهو به شامل آهن، جن کي پوليس عملدار جي ستن ساٿين جي قتل جي بدلي ۾ ماريو ويو هو. ڪننڊي ۾ هنن ستن ماڻهن جا وري ٽڪرا ٽڪرا ڪري بدلي جي باهه ٺاري وئي. پر دوستو! بدلي جي باهه ٺري نٿي. وڏيڪ ڀڙڪي ٿي ۽ غريب جي گهر کي ئي ساڙي ٿي. غريب ئي شڪار بڻجي ٿو. جانور جو ڪاڄ نٿو بڻجي، بلڪ انسان جي حيوانيت جو!

"نومبر ١٩٨٩ع کان وٺي جنوري ١٩٩٠ع تائين ٻيا سوين ماڻهو سري لنڪا ۾ گولين جو شڪار ٿيا. هن موت جي ڪاروبار کي نه جنيوا ورڊني روڪي سگهيو ۽ نه پريماداسا روڪيو. پتلين جون ڏوريون ڇڪڻ وارا ۽ موت جو ناچ ڏسڻ وارا هي خوني ناٽڪ ڪيڏي رهيا آهن.

"روس ۾ به نسلي فساد هڪ طرف ته اولهه جي هوا ٻئي طرف هلي رهي آهي. پارٽي پنجاب ۾ سک پنهنجن حقن جي نالي ۾ ڪيترا خون ڪري چڪا آهن ۽ سوني مندر تي پارٽي حڪومت آزاديءَ جي نالي ۾ قتل عام ڪري چڪي آهي. آسام ۾ بورو قبيلا لڙي رهيا آهن. نسلي تحريڪ ۽ ٻيون هوائون پنهنجيءَ پر ۾ ڪنهن نه ڪنهن اصول، آزاديءَ جي گهر ۽ اقتصادي عمل لاءِ آهن. پر انسان جو رت جيڪو وهي رهيو آهي، آءٌ ان جو واسطو وجهي سنگهاسنن ۽ گادين تي ويٺل خونخوار بگهڙن کي هن پليٽ فارم تان ٻڌائڻ ٿو گهران ته انسان جي رت سان هولي کيڏڻ ڇڏيو. ڪٿي جمهوريت ۽ ڪٿي مانيءَ جي دلبي ۾ غريب کي نه ماريو.

"پاڪ پارت ورهاست گهٽيون جانيون ۽ عزتون لٽيون مذهب جي نالي ۾، ۽ وري اڳين ئي ماڻهن ان خيال تان هٽي ٻوليءَ جي نالي ۾ انسان جو شڪار ڪيڏڻ شروع ڪيو. اهو بگهڙن جو شيوو آهي.

"دوستو! آءٌ هڪ پيرو وري ورجايان ٿو ته بورو قبائلين ١١ آگسٽ ١٩٨٩ع تي ڏه ماڻهو ساڙي ڇڏيا ۽ جواب ۾ سندن هڪ سئو ماڻهو ماريا ويا. سري لنڪا ۾ اهڙا ڪيترا ڏينهن آيا جو تامل گروپن هڪ ٻئي جا ماڻهو ۽ سنهالي ماريا ۽ موت جو شڪار ٿيندڙن جو تعداد ڪڏهن هڪ هفتي ۾ روز ٤٠ کان ٧٠ تائين به رهيو. انهن ۾ ١٣ جولاءِ ١٩٨٩ع تي تامل ليڊر امرتا لنگم ۽ جوگيشورن ۽ پنجين ڏينهن مهيشورم مارجي ويا.

"درندگيءَ جو اندازو لڳايو ته هڪ حڪومت هوندي به هيئن انساني جان جو شڪار ڪيڏيو وڃي. حيدرآباد سنڌ ۾ به ائين ئي ٿيندو رهيو. پهرين آمريت جي ڪري ۽ پوءِ جمهوريت جي ٻئنر هيٺ. ١٩٩٠ع جي ٣٠ جنوريءَ تي به حيدرآباد ۾ قتل عام ٿيو ۽ سنڌين کي رت ۾ وهنجاريو ويو. ڇا بيروت! ڇا فلسطين ۽ ڇا ڏکڻ آفريڪا ۽ هائٽي پاناما ۽ رومانيا ڳاڙها آهن. پر ساٿيو! اُهو ڏينهن پري ناهي جڏهن جون ١٩٨٩ع ۾ پيڪنگ جي ريڊ اسڪوائر ۾ هزارين ماڻهن تي ٽئنڪ چاڙهڻ وارن کان حساب ورتو ويندو. آها ريڊ اسڪوائر ۽ اُهو تئن آن من (بهشتن جو دروازو)، جتي چيئرمن مائو هزارن کان سلامي ٿي ورتي. دوستو! ايران ۽ عراق ڇا مذهب کي هٽي ڏيڻ لاءِ ڏهه سال وڙهندا رهيا. ڇا افغانن جي ڏهن سالن کان وڏيڪ عرصي جي جنگ هنن جي پنهنجي جنگ آهي!

نہ هي جنگ اولھہ جو جن اوپر جي پوٽ سان ڪري رهيو آهي. سياڻي اها جنگ ايشيا ۽ آفريڪا جي بکني جي سر تان ٽري پيٽ پريل راڪاس جي ويجهو لڙي ويندي. اهو ڏينهن دور ڪونهي."

دودي خود محسوس ڪيو تہ ڪيس مليل وقت ختم ٿي چڪو هو. سنڌس ساٿين انوپ، مارٽا، گل بهار سنگهہ، سريتا ۽ چنگ لنگ ڪُو جا چهرا بہ اِهو ظاهر ڪري رهيا هئا. هُو ٿورا مجي اسٽيج تان هيٺ لٿو ۽ تاڙين جا ڦهڪا ٻڌندو پنهنجيءَ جاءِ تي اچي ويٺو. جيئن ئي اُميدوار جو نالو پڪاريو ويو، تيئن سيني سنڌين جا ڪن ڪَرا ٿي ويا. نالو هو 'لکانو' . هڪ قداور نوجوان اسٽيج طرف وڌيو. جينز پاتل، چيٽ جي ويڪري قميص ۽ مٿي تي نرڙ وٽ سائي پٽي ٻڌل ۽ وڏن مٿين جي هڪ مالها ڪنڌ ۾ ۽ هڪ مالها چيلهہ وٽ پٽي وانگر ٻڌل هئي، جنهن مان بہ ڪي مٿين جون سرون هيٺ لڙڪي رهيون هيون ۽ جست جي سڪن جي بہ هڪ مالها ڪنڌ ۾ جهرمر ڪري رهي هئس. دودي جو تہ وات ڦاٽي ويو! تہ ڇا ڪيس هڪ سنڌيءَ جو مقابلو ڪرڻو پوندو! لکانو تہ سنڌي نالو هو. ويئلن ۾ 'جپسي جپسي' جا سرٻاٽ ٿيا. هاڻي دودي کي بہ ڪجھ سمجھ ۾ آيو.

لکانو جيڪا انگريزي ڳالهائي رهيو هو سا لهجي جي لحاظ کان ڪن کي فرينچ تہ ڪن کي رومانين لڳي رهي هئي. لکاني جو آواز آهستي آهستي بلند ٿيندو ويو: "دوستو! آءٌ اوهان جو حقيقي خادم آهيان. آءٌ هڪ برجستو ۽ بي تعصب شخص آهيان. تاريخ مون کي اهو سبق ڏنو آهي. منهنجا وڏا اندازاً ڇھ سؤ يا ان سؤ سال اڳ پنهنجو وطن، جيڪو اتر اولھہ پارت هو، ڇڏي مصر (Eygpt) کان ٿيندا يورپ ۽ آمريڪا تائين پکڙجي ويا. اُن ڪري اسان کي 'جپسي' سڏيو ٿو وڃي. اسان تي ۽ دنيا جي ٻين ڪمزور طبقن تي ظلم ڪيو ويو. سوين ڪتاب جپسين جي باري ۾ لکيا ويا، پر اولھہ جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ اسان سان بهتر ورتاءُ نہ ڪيو ويو. مون جيئن هوش سنڀاليو تہ پاڻ کي اسپين جي هڪ شهر بارسيلونا جي ٻاهران گهوڙن سان ڇڪجندڙ ڳوٺين سان ڊڪيل هڪ ٽريلر ۾ ڏٺو. منهنجا ماءُ پيءُ ۽ ڀيا مانڊ صبح جو شهر ويندا هئا ۽ شام جو چار پنسا ڪمائي گهر موٽندا هئا. مون کي خبر نہ هئي تہ ڪهڙو ڌنڌو ڪن ٿا. ڪجھ وڏو ٿيس تہ خبر پيئي ۽ پوءِ تہ آءٌ بہ روزگار لاءِ ٻاهر نڪتس.

"مون کي معلوم آهي تہ اوهين چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا تہ جپسي ڪير آهن، پر دوستو! مسئلو فقط جپسين جو نہ آهي. مسئلو دنيا جي مسڪينن ۽ بي گهرن جو آهي. آءٌ پنهنجي هموطن مسٽر دودي سان مقابلو ڪريان يا هٽ ڪٽي وڃان، پر هن پليٽ فارم تان دنيا جو ضمير جاڳائڻ اسان جو بنيادي مقصد آهي.

"ليڪڪن اسان کي متفق طور اتر اولھہ پارت يعني سنڌو ماٿر مان لڏي اولھہ ڏي آيل ڄاڻايو آهي ۽ ڪن اهو خيال بہ ظاهر ڪيو آهي تہ اسين پهرين مصر پهتاسين. اسان جي قوم اڄ يورپ ۽ آمريڪا ۾ لکن ۾ آهي ۽ گَهٽو ڪري ٽوڪرا ناهڻ، قسمت ٻڌائڻ، نچڻ ڳائڻ ۽ ڪن صاحبن جي خيال موجب چوريون ڪرڻ اسان جو ڌنڌو آهي. شايد دنيا ۾ ٻيو ڪير بہ چوري ڪونہ ٿو ڪري. ڪتابن ۾ اسان کي رولو، لوفر ۽ ڳجهڙا بہ سڏيو ويو. انسائيڪلوپيڊيا ۽ تاريخ جي ڪتابن موجب جپسي ڪريٽ ۾ ١٣٢٢ع ۾ نظر آيا. ١٣٤٦ع ۾ ڪورفؤ ۾، جرمني جي شهر هيلڊشين ۾ ١٤١٦ع ۾، ١٤١٧ع ۾ مالديويا ۽ هنگري ۾، ١٤٢٧ع ۾ پئرس ۾ ۽ ١٤٤٧ع ۾ بارسيلونا ۾ رهيل نظر آيا. اسين پاڻ کي "روم" بہ چوندا آهيون، جنهن جو مطلب آهي 'ماڻهو' . منش بہ اسان جو نالو آهي. باقي خلق کي گاجي (ڌاريون) چوندا آهيون. اسان جو اسپيني نالو گيٽانو آهي. اسان کي ويڙهاڪ ۽ اولھہ جي سماج لاءِ هاڃيڪار ڄاڻو ويو ۽ يورپ ۾ اسان کي ماريو ويو. جرمني ۾ اسان کي پنهنجي اصل وطن جي مناسبت سان سنتي يا سنڌي سڏيو ويو، پر قانون ٽوڙيندڙ ۽ ننگ بہ ڄاتو ويو. فريڊرڪ وليم اول ١٧٢٥ع ۾ حڪم ڏنو تہ ١٨ سالن کان وڏي عمر جي سيني جپسين کي ڦاسي ڏني وڃي. ساڳين سالن ۾ رومن سلطنت جي

چارلس ٻئي بہ سيني جپسين لاءِ موت جو وارنٽ ڪڍيو. بوهيميا ۾ عورتن جو ساڄو ڪن ڪپڻ ۽ سلسيا ۽ موراويا ۾ کاٻو ڪن ڪپڻ جو حڪم ڪيو ويو. جناب عالي! اهي ڳالهيون ڪتابن ۾ لکيل آهن. انصاف ڏسو، هٿ ڏيکاري اوهين پنهنجو پاڳ ڄاڻڻ گهرو ٿا ۽ ڏوهہ اسان جو آهي! راڳ ٻڌڻ اوهين گهرو ٿا ۽ ڏوهہ ڳائڻ واري جو آهي! مرچ اوهان کي پسند ڪونهي پر ڪو ٻيو کائي تہ اهو اوهان جو ڏوهاري آهي. ويهين صديءَ ۾ بہ اسان6 سان نسلي فرق باقي رکيو وڃي ٿو. اسان جا هم قوم اسپين، فرانس، برطانيہ، جرمني، رومانيا، روس ۽ آمريڪا ۾ اٽڪل هڪ ڪروڙ آهن. اوهان ڏسو ڪٿي نڪورنوڪارا باخ ۾ اسان کي تہ نہ ماريو ويو آهي. ڪٿي نڪولائي چاءِ سسڪو جي ظلم هيٺ اسين تہ نہ پيڙيا ويا آهيون. اسان تي ظلم بہ ٿيندو رهيو آهي ۽ آدمشماري بہ وڌي پئي. ڪوڙا ۽ گهٽايل انگ اکر گهڻو وقت هلي نہ سگهندا. اسان بہ مغرب جي چمڪ ۾ پنهنجو خوبصورت چهرو ڏسڻ گهرون ٿا. برطانيہ جي جپسي قومي ڪائونسل جي صدر چيو آهي تہ اسين بہ ٻي مخلوق وانگر هڪ هنڌ رهي، مفيد ۽ ڪامياب زندگي گهارڻ ٿا گهرون.

نازي ڪئمپن ۾ پنج لک جپسي بہ ماريا ويا. جپسين کي باهہ ۾ ساڙيو ويو. ٻانهن تي سجاٽپ جا داغ ڏنا ويا. فرانس ۾ سجاٽپ جون خاص چٺيون رکڻ ۽ پوليس کي ڏيکارڻ جو حڪم ڪيو ويو. منش (جپسي) قبيلي کي فرانس ۾ ووٽ ڏيڻ کان روڪيو ويو. يورپي برادري ۾ فقط ٽيهہ سيڪڙو جپسي ٻار اسڪول وڃي سگهن ٿا. جپسين کي فقط بيڪار پيل زمين تي رهڻ ڏنو وڃي ٿو.

پر هاڻي حالات بدليا. مئي ۱۹۸۹ع ۾ يورپي برادريءَ جي وزيرن جي ميٽنگ ۾ جپسين جي تعليم، ثقافت ۽ روماني زبان جي ترقيءَ لاءِ سوچيو ويو آهي. اڄ جپسي نوجوان سماج جو هڪ ڪارآمد حصو بنجڻ گهرن ٿا. دوستو! مون کي اوهان جي ساٿ جي ضرورت آهي."

ائين چئي لڪانو هيٺ لٿو. دودو ۽ ٻيا ساٿي ڪيس وڪوڙي ويا. دودي هٿ کڻڻ جو ارادو ڏيکاريو، پر سيني ساٿين اِهو فيصلو ڪيو تہ اڄ رات مانيءَ کان پوءِ ڪناٽ هال جي ڊائننگ هال ۾ گل بهار سنگهہ جي صدارت ۾ گڏجاڻي ڪري فيصلو ڪبو.

هرڪو ٽڙي پکڙي ويو. دودي جي من ۾ تہ مانڌاڻ مچي ويو. پهرين "دودو، گل بهار، انوپ ۽ سريتا سب ڪميٽيءَ" هن مسئلي تي غور ڪيو ۽ ڪلاڪ جي گفتگو کان پوءِ اِهي نقطا نمايان ٿيا تہ ٻنهي اُميدوارن جي تقريرن ۾ انسان دوستيءَ ۽ مظلوم قوميتن جي حقن جي ڳالهہ وڌيڪ پڌري هئي. ٻئي اُميدوار هڪ ئي بدنصيب/ خوش نصيب ماٿريءَ جا واسي آهن. ٻئي ٻي لوڙ نوجوان آهن. دوستيءَ جي وسيع مفاد ۾ بہ اِهو آهي تہ پاڻ قدم اڳتي وڌائي لڪاني کي موقعو ڏيون. فيصلو ٿيو تہ رات جي گڏجاڻيءَ ۾ سريتا اُٿي چوندي: "اسان جو دوست لڪانو بهتر خدمت ڪري سگهي ٿو. دودو چوندو تان هٿ کڻي ٿو. هي قدم دوستي وڌائڻ خاطر کڻڻ کپي."

خير سان رات جي گڏجاڻيءَ ۾ سريتا اجا اِهي لفظ چيائي مس تہ لڪانو پنهنجيءَ جاءِ تان اٿيو ۽ دودي کي ياڪر پاتائين ۽ ڪيتري دير 'نہ نہ' چوندو سڏڪا ڀريندو رهيو. اينتري ۾ جيئي سنڌ جي نعرن سان وايو منڊل واسجي ويو. سيني جا چهرا قرب ۽ پنهنجائپ جي جذبن ڪري ٽامي وانگر ڳاڙها ٿي ويا. لڪانو جڏهن سامت ۾ آيو تہ چيائين: "آءٌ تہ صدين کان وطن کان وڇڙي ويل آهيان. اڄ تنهنجون ڳالهيون ٻڌي پاڻ کي سنڌو ڪناري پيو پسان. هن عهدي لاءِ تون مناسب آهين". پوءِ جپسي ۾ چيائين " تون ڪريس." دودي بہ "نہ نہ" ڪئي، پر آخر سيني هڪ راءِ ٿي ڪيس پنهنجو اُميدوار قرار ڏنو.

جذباتي نظارن جي وچ ۾ دودي قبول ڪيو. ائين دودو شاگرد يونين جو بنا مقابلي صدر چونڊجي ويو.

# انوپ ۽ سرينا

انوپ بمبئيءَ کان لنڊن ڪيئن پھتو، اِهو معجزو هُو دودي ۽ ٻين دوستن کي ٻڌائي رهيو هو. "ٿيو هيئن ته آءٌ جڏهن پاسپورٽ ڪٽي اميگريشن جي ڪائونٽر تي پھتس ته مون کي چيائون ته تون انوپ جلوٽا ڪونه آهين. مون چيو ها آءٌ ڪونه آهيان، ته پوءِ وري چيائون ته جي انوپ جلوٽا ڪونه آهين ته پوءِ ولايت نٿو وڃي سگھين. آءٌ حيران ٿي ويس ۽ چيم بابا هي چا پيا چئو! چون ته اسان کي خبر آهي ته انوپ صاحب هن فلائيٽ ۾ وڃڻو آهي ۽ سندس پاسپورٽ تي تون پنھنجو فوٽو چنبڙائي آيو آهين. ايتري ۾ پاسي کان نونٽ لڳڻ جو احساس ٿيو. ڏٺم ته اصلي انوپ صاحب منھنجي پاسي کان بيٺو هو. مون چيو ته هي ڪھڙو معجزو آهي؟

اميگريشن وارن مون کي پاسپورٽ واپس ڏيندي چيو ته ڏس هي آهي اصلي انوپ صاحب. مون کي عجب لڳو ۽ معجزو هي ته مون کي معلوم نه هو ته انوپ جلوٽا ڪو ڪلاڪار آهي. اهو ته سرينا کان معلوم ٿيم.

"ڪاش! بمبئيءَ جي ايئرپورٽ تي جلوٽا سان آءٌ مِلان ها." سرينا چيو.

"توکي سُرَ کان ٻاهر هن معجزي سان ملڻو هو" گل بهار سنگھ چيو." پلا! ٻڌاءِ ته معجزو ڪھڙو ٿيو؟"

"اِهو نه جيڪو ٻڌايم!" انوپ چيو. سري ۽ سپني اچا متس کلي رهيا هئا ته آفريڪي نوجوان جيڪو ٻي ٽيبل تي سگريٽ مان دونھن جا ڇلا ناهي رهيو هو، تنھن چيو: اِهو معجزو آهي ۽ پوءِ ميز تي "Miracle" "Miracle"چئي طبلي وارا ٺڪا وڄڻ لڳو.

"بي سُرا! ڏس هي معجزو" ، گل بهار چيو. شيدي نُمبا هو، جيڪو اسڪول ۾ مست شهزادو سڏيو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هٽ ڪٽي دودي کي پريزيڊنٽ چوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هٽ ڪٽي دودي کي پريزيڊنٽ چوندڄڻ تي داد ڏيئي رهيو هو. ملندو هو ته به چوندو هو "هيلو مسٽر پريزيڊنٽ." ڪنھن جوڙي کي ملندو هو ته چوندو هو "هيلو فلاورس." ڪنھن کي اڪيلو ڏسندو هو ته چوندو هو، "آءٌ اڪيلو آهيان،" گُل بهار سنگھ پنجابيءَ ۾ نمبا کي چوندو هو: "ڪارا، دل وارا، ماڻهو ظالم آهن."

"ڪڏهن ته پنھنجي پاڳ جو ڦاٽڪ به ڪلندو." هڪ ڏينھن گُل بهار کي چيائين.

"ضرور ضرور" گل بهار چيو ۽ اک سان انوپ ڏانھن اشارو ڪيائين.

"معجزو."

"ها معجزو(Miracle)." اِهو ٻڌي نمبا وري "مِرنڪِل مِرنڪِل" جو نيڪو وڄائڻ لڳو.

انوپ پنھنجي الائي ڪھڙي ادا جي ڪري سرينا جي دل ۾ جاءِ ڪندو پئي ويو. هوءَ هال کان ڪلاس ڏي ۽ ڪلاس کان هال ڏي ويندي انوپ سان گڏ هوندي هئي. سرينا جو دودي سان سنگيت جي ڪري به چڱو گھرائيءَ وارو نمونو هوندي به روح جو رايو انوپ ڏي هو. دودي جو ٻيئي احترام ڪندا هئا. سياسي طور به هم خيال هجڻ سبب دودي سان ٻانھن ٻيلي ٿي بيٺا. انوپ کي "معجزي" جي نالي سان مشهور ڪرڻ ۾ دودي جو گھڻو هٿ هو. ڪيس "انوپ معجزو" سڏيندا هئا، ته ناراض ڪونه ٿيندو هو ۽ شروع شروع ۾ چوندو هو ته انوپ جلوٽا نه سهي انوپ معجزو ئي سهي.

سرينا سان گھرائي ۽ دلچسپي وڌڻ جو سلسلو هڪ ڏينھن لنڊن جي مادام تسائو ميوزم ڏسڻ جي

پروگرام سان ٿيو. بيڪر اسٽريٽ کان ٿيندا، جڏهن ميوزم جي در وٽ پهتا ته ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ سريتا قطار ۾ انوپ کان اڳ ٿي بيٺي ۽ پئسا ڏيئي ٽڪيٽ ورتائين ۽ ميوزم ۾ داخل ٿيڻ وقت فوٽوگرافر سان گڏ فوٽو ڪڍايائين. سريتا اُتي به پئسا ڏيڻ گهريا ته انوپ سندس هٿ پڪڙي ورتو ۽ ڪا دير پڪڙيو بيٺو رهيو. ان حد تائين جو فوٽو گرافر ڏهن پائونڊن جو نوٽ انوپ جي هٿ مان خود وٺي ورتو.

سنيل حسينه جي مجسمي وٽ انوپ ايترو محو ٿي بيٺو رهيو جو سريتا کيس هٿ کان وٺي اڳتي ڇڪي ويئي.

"سٺي لڳي ٿي."

"ها ." انوپ چيو.

"پوءِ ترسي پئو."

"جاڳيل حسينه جيتري سٺي ناهي." ايئن چئي، سريتا جي هٿ کي نرم نرم زور ڏنائين. هوءَ شرمائجي ويئي.

ڪيترين عالمي شخصيتن جا مجسما ڏسندا، جڏهن Chamber of Horrors ۾ داخل ٿيڻ لڳا ته سريتا پنهنجا ڪومل جذبا لڪائي نه سگهي ۽ چيائين: "همڙا ظلم هاڻ ته دنيا ۾ ٻُڌي جي حساب سان ڪيا پيا وڃن." چئمبر ۾ ڦاسي ڏيڻ ۽ مجرمن کي مارڻ جا پيا طريقا ڏيکاريل هئا، جن کي ڏٺو ان ڏٺو ڪري سريتا انوپ کي ڇڪيندي جلد اُتان لنگهي آئي. ريسٽوران ۾ ڪافي پيئندي، انوپ پُڇيو:

"ڪيئن لڳو؟"

"مون کي هي پورو حصو ڏسندي پنهنجو وطن ياد پيو ۽ اُتي ظالمن طرفان ٿيندڙ زيادتيون ياد ٿيون پون. ڪيئن نه پنهنجن سياسي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ انسان جو شڪار پيو ڪيڏيو وڃي. نسل پرستيءَ جي انتها ٿي چڪي آهي."

"سچ پچ انتها ٿي چڪي آهي. ڪٿي گورو ڪٿي ڪارو، ڪٿي ٻي ٻولي ڳالهائيندي ڪري ماريو پيو وڃي. ڪٿي مذهب جي فرق ڪري رتوڇاڻ جاري آهي. هاڻ اِهو جاڻڻ ڪيي ته هاڻ خونخوار ۽ جهنگلي جانورن کان ڊڄڻ جو ضرور ٿي نه آهي." انوپ چيو.

"مون انوراڌاپورا ۾ جيڪي خوني نظارا ڏٺا آهن، انهن کي ڏيان ۾ رکي سوچيان ٿي ته جڏهن آءٌ وطن ورنديس ته منهنجن مائٽن مان ڪير زنده هوندو؟" سريتا جو آواز گهٽجي ٿي ويو. انوپ سندس ڪلهي تي هٿ رکي کيس آٿت ڏيندي چيو:

"توکي ياد آهي ته دودي پنهنجي تقرير ۾ هن ظلم جو مختصر ذڪر جنهن انداز ۾ ڪيو، تنهن هال ۾ ويٺل شاگردن کي ڪيترو متاثر ڪيو هو. مون ڏٺو ته گهڻن جون نظرون تو ڏانهن ڪجي پئي ويون."

هن پروگرام سريتا کي گهڻو رنجائي وڌو هو. انُوپ ٻئي آچر تي رومن وال لنڊن ٽاور برج جي راءِ ڏني. هُن گهڻو وقت سريتا سان اڪيلو ۽ گڏ رهڻ پئي گهريو ۽ دل هنس ته ٽيمس نديءَ جو ڪناري ڪناري سير ڪجي. پروگرام موجب آيا: لنڊن ٽاور پُل ڏسي ڪنارو وٺي نديءَ جو نظارو ڪندا آيا.

"رومن وال ڏي هلڻ لاءِ دل نٿي چوي."

"نيڪ آهي." انوپ چيو . "اهو به نيڪ معجزو آهي."

"ڪهڙو."

"وعدو ڪري ڦرڻ."

"مسٽر معجزا! مون کي نديءَ ڪنارو سٺو ٿو لڳي." سريتا چيو. ڪيترين ٻيڙيون نديءَ ۾ هلي رهيون هيون. ڪناري تي بہ رونق هئي، ٻنهي طرفن جون ننڍيون پلون ڏسڻ ۾ آيون پئي. جاڳنگ ڪرڻ وارا ڊوڙندا ٽپندا پئي ويا. ڪي پوڙها، ڪي جوڙا ۽ ڪي اڪيلا بينچن تي ويٺا هئا. ڪجهہ چپ رهيا هئا يا دونهن جا ڇلا ناهي رهيا هئا. ڪناري تي سريتا ۽ انوپ ڪلوپيٽرا نيڊل وٽ بيٺا ۽ ٿورو اڳتي هلي بينچ تي ويٺا. سريتا خاموش هئي. انوپ ڳالهائڻ لاءِ هن جو ڌيان ڇڪائڻ گهريو، پر وري هن جي خاموش چهري کي ڏسڻ وڌيڪ سٺو لڳس. ٽڪ ٻڌي سريتا جي چهري کي ڏسندو ئي رهيو. ايستائين جو هن ڏانهس نهاريو.

"ڇا ٿو ڏسين؟"

"سريتا!" انوپ چيو. "هي سڀ ڇا آهي؟"

"ڪٿي؟" سريتا عجب ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي پڇيو.

"هي تون ۽ آءٌ - آءٌ خبر نہ آهي آهيان يا نہ آهيان."

"جي تون نہ آهين تہ آءٌ بہ نہ آهيان."

"اسين ڪنهن حسن ازل جا پاڇا ۽ پڙلاءَ تہ نہ آهيون؟" انوپ چيو. سريتا ڏانهس ڏسندي پڇيو: "تون جي مون سان پيار ڪرين ٿو تہ اِهو ڪنهن هڪ جيو سان پيار آهي؟ هڪ روح سان پيار آهي؟ انسان ذات سان پيار آهي يا ڪائنات جي حسن سان پيار آهي؟"

"انوپ تہ مٽيءَ جو پتلو آهي." انوپ چيو "تون مون سان پيار نہ ڪر سريتا."

"مون کي تہ خبر بہ نہ آهي تہ آءٌ ڪير آهيان، ڇا انوراڌا پُورا جي شري راجا داس سِنگهي ۽ شريمتي پريہ بالا جي ڌيءَ آهيان. ڪنهن حسن ازل مون کي هتي موڪليو آهي."

"سريتا! آءٌ شايد لنڊن آيو ئي توسان ملڻ آهيان ۽ اِهو هڪ وڏو معجزو آهي." انوپ چيو ۽ سريتا ٽپ ڏيئي اُٿي ۽ چيائين: "هلو! گهڻا معجزا ٿيا. سڀ سنجيده، رومانوي ۽ روحاني گفتگو جا ترا ڪڍي ڇڏيني."

ٻئي اُٿي کڙا ٿيا ۽ ويجهي انبر گرائونڊ اسٽيشن ۾ داخل ٿي ويا.

•••

شاگرد يونين طرفان راڳ سنگيت جي محفل (Concert) جو انتظام ڪيو ويو هو. لنڊن يونيورسٽيءَ جي سڀني اسڪولن ۽ ادارن جو تعاون شامل هو. هيءَ محفل ايٿوپيا جي ڏڪر جي ستايلن جي امداد خاطر منعقد پئي ڪئي ويئي. محفل ۾ برطانيہ جي برک ڳائڻ کي گهرايو ويو هو. اسڪاٽلينڊ جي بانسري وڄائڻ وارن سان گڏ ميزبانن مان جيڪي فنڪار شامل هئا، انهن ۾ دودو، سريتا ۽ گل بهار جا نالا بہ هئا. هفتي جو وقت مليل هو. دودي جو ڪمرو ريهرسل روم بڻيل هو. هُو خود سِتار تي ڪوشڪ ڏني ۾ ترتيب ڏنل هڪ ڌُن جو رياض ڪري رهيو هو. سريتا هڪ سنهالي لوڪ گيت جي تياريءَ ۾ رڌل هئي. گل بهار تہ پهرئين ڏينهن بلي شاهہ جي هڪ ڪافي ميان محمد جي ڏوهيڙن سان سينگاري جو ڳائي تہ سڀ بُتَ بڻجي ويا ۽ هو ريهرسل ڪان واندو ٿي بالم بڻجي وينو ۽ سريتا کي چيائين: "ڳاءِ پتري! ڪيڏانهن ويو مسٽر معجزو ؟"

سريتا سازن جي سنگت سان گيت شروع ڪيو. هوءَ هونئن تہ سُريلي هئي پر اڄ سندس هن آئتم کي اوکي

ٿيڻ ۾ ڪجهه وقت لڳو. گل بهار هن کي ڪلاڪي پٺي وڌو. دودي چيو: "اڃا ته ڏاڍو ننبا ڪونهي وينل، جيڪو آفريڪي ردم شروع ڪري اسان جي لئه خراب ڪري ڇڏي ها."

بهرحال هن کان پوءِ دودو هو ۽ ستار هئي. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڏن وڄائڻ ۾ لڳو رهيو. هو آلاپ، مُرڪين ۽ لهرن ۾ محو ٿي ويو. هن سچل سرمست جي هڪ سرائڪي ڪافيءَ کي ڪوشڪ ڏنيءَ ۾ موزون ڪيو هو "گهُنڊ کول ديدار وکا مين آيا مک ويکڻ."

محفل لاءِ آلبرٽ هال ۾ انتظار ڪرايو ويو هو. جيئن ڏينهن ويجهو پوندو ويو، شاگردن ۾ جوش وڌندو ويو. دنيا جي هر جانيءَ جا ماڻهو ٽڪيٽ خريد ڪري چڪا هئا. پروگرام ڇئن ڪلاڪن جو هو. رات جو ساڍين ستين کان شروع ٿيو. شروعات هڪ ننڍي تقرير کان ٿي جنهن ۾ ڪنسرٽ جو مقصد ٻڌايو ويو. گل بهار سنگهه بلي شاهه جي ڪافي ڳائي: "اڪ رانجها مينون لوڙيدا." دودو پنهنجن دوستن کي اُن جو مطلب سمجهائيندو رهيو. سندس وارو آيو ته اُٿي اسٽيج تي آيو ۽ ڏن وڄائڻ لڳو. وقت فقط پنج منٽ مليل هو. هن ڪوشش ڪئي ته آلاپ کان آخر تائين، ڏُرت لئه تائين ڏُن سان پورو انصاف ڪري سگهي: اُهو هن ڪيو. ڪيس سنو داد مليو. خير سان هيٺ لٿو ته هڪ آفريڪي شاگرد کي سڏ ٿيو. هو اڃان مُڪرمان تي ڪو آفريڪي گيت ڳائي ۽ جهمر هٿڻ سان گڏ مگرمان تي بـه مخصوص ٺيڪو وڄائي رهيو هو ته سريتا نروس ٿيڻ جي شڪايت ڪئي. ڇو جو اُن پنيان سندس وارو هو. انوپ ۽ دودو سندس پاسن کان وينل هئا. ڪيس همت ڏياريائون ۽ اناؤنس ٿيڻ کان اڳ گرين روم کان اسٽيج تي پهچڻ واري ٻڌايل در وٽ وٺي ويا. ڪيس دلداري ڏيندا رهيا. سريتا جو نالو پڪاريو ويو. ڪيس اسٽيج ڏانهن ڌڪي ڇڏيائون. هن سڄي قوت گڏ ڪري لوڪ گيت شروع ڪيو:

انوراڌا پُورا جي قسمت ڪڏهن جاڳندي–

ڪڏهن اناج ايندو،

ڪڏهن مڇي ايندي،

انوراڌا پُورا –

آءُ جاڳان پنهي امان،

آءُ جاڳان پنهي جيڏيون،

انوراڌا –– پُو –– را

هُن جو آواز ٽٽڻ لڳو ۽ بلڪل جهيڻو بـه ٿي ويو. ڪيس پڪهه اچي ويا. سندس سڀ دوست ۽ منتظم پريشان ٿي پيا ۽ ڪيس گرين روم ۾ سهارو ڏيئي وٺي ويا. پاڻي جا ڇنڊا هنيائون. ڪيس پاڻي پيارڻ جي ڪوشش ڪيائون: پر حالت صحيح نـه پئي ڏني. ڊاڪٽر ڏنو ۽ هڪدم اشارو ڪيائين. ڪيس اسٽريچر تي کڻي ٻاهر آيا ۽ ايمبولينس گاڏيءَ ۾ وجهي اسپتال کڻي ويا. دودو، انوپ، گل بهار ۽ مارٿا بيقراريءَ ۽ فڪرمنديءَ سان انتظار ڪندا رهيا. هڪ نرس ڪمري کان ٻاهر اچي چيو: "اچو!هوش ۾ اچي وئي آهي."

هوءَ انوپ ۽ بين ڏي نهاريندي رهي. آواز ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائين، اُن ۾ بـه ڪمزوري هئي. انوپ سريتا جو هٿ جهلي فڪرمنديءَ سان دودي ڏي نهارڻ لڳو. ٿوري ئي دير ۾ ڊاڪٽر ٻڌايو تـه سريتا علاج لاءِ اسپتال ۾ داخل ٿيندي. ڪين ڪمري جو نمبر ٻڌايو ويو، ڪاغذ پٽ نميا ۽ ٻئي ڏينهن شام جو مريضه سان ملڻ لاءِ اچڻ جو چئي ڇڏيو ويو. فقط مارٿا کي هڪ ڪلاڪ تائين ترسڻ جي اجازت ڏني وئي.

"آءُ ايستائين ٻاهر لائونج ۾ وينو هوندس ڳڌ واپس هلنداسين." دودي چيو. ٻاهر وڃي سڀ لائونج ۾ ويهي رهيا. انوپ کي ته سنڀالڻ مشڪل هو. دودي کيس آٿت ڏيڻ سان گهٽايو ڪونه. جُوس وٺي پيئاتون. گل بهار چرچا گهبا ڪري وندرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ايترو به چيائين:

"عورت مرد جي پيار جي پرک لهڻ لاءِ به بيمار ٿيندي آهي."

"چڱو يار." دودي چيو.

"پتري ٺيڪ ٿي ويندي." گُل بهار چيو، "فڪر نه ڪريو." سڀ فڪرمند هئا. انوپ بلڪل خاموش هو. ڪلاڪ کان پوءِ مارٿا کي ڏاڪٽرن ته لفٽ مان نمودار ٿي. سڀيئي اُٿي هن ڏانهن آيا ۽ خاموش نگاهن سان گهٽو ڪجهه پڇڻ گهريائون. مارٿا ڪجهه گهڙيون ته چپ رهي. سندس چهري تي ڪوبه خوشيءَ جو آثار ڪونه هو. پر جو جو ڊاڪٽر چيو هو اُن ڪري هن کي صحيح اطلاع ڏيڻو هو. تمام هلڪو دل جو دورو هو. "هلو"، فقط ايترو چيائين ۽ سڀ اچي دودي جي ڳاڙهي واڳزال ڪار ۾ ويٺا. ماڳ پهتا ته مارٿا کين سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي. سڀني تي قيامت گذري ويئي. انوپ ته مورڇا تي ڪرڻ وارو هو، جو گل بهار سنگهه کيس سنڀالي ورتو ۽ ڪمري تي پهچايو.

سريتا کي دل جو دورو پيو هو، پر کيس قابل ڊاڪٽرن جي مدد پهتي ۽ ٻئي ڏينهن دوست ملڻ ويس ته سندس حالت بهتر هئي.

"معجزو ٿي ويو،" گل بهار چيو.

"ها"، انوپ چيو. ائين چيائين، جڻ ڪنهن ساڻس سنجيده گفتگو ڪئي هئي. دودي چيو: "راجڪماري! اسان جو ته ساهه ڪڍي ڇڏيَئِي." سريتا شڪرگذاريءَ جي انداز ۾ مُرڪيو. ڊاڪٽر به کين پڪ ڏياري ۽ چيو ته به هفتا علاج جاري رهندو. پوءِ اسپتال مان اجازت ملندي ۽ به مهينا آرام ڪبو ۽ چيڪ اپ ٿيندو رهندو. ويندي ويندي گل بهار چيو: "ڇا مصيبت آهي، هر ستم سريلنڪا تي ٿئي ٿو!"

"۽ بمبئيءَ وارن تي به" دودي چيو. انوپ روز سريتا سان ملڻ ويندو هو. هڪٻئي جو سهارو بڻبا هئا. هڪٻئي کي آٿت ڏيندا هئا. گلدستو وٺندي هڪ ڏينهن سريتا پڇيو:

"گلدستي ۾ ڇا آهي؟"

"پيار."

"بيماري ڇا آهي؟"

"گل بهار کان پڇ."

"ڇا."

"ها! اُن ڏينهن پيو چوي ته پيار ڪرڻ وارن جي پيار جي پرک ٿي ورتي وڃي."

"گُل جو ڪنهن سان پيار آهي؟" سرِيتا پڇيو.

"گرونانڪ سان ته اٿس ۽ هندوستان، نيپال، سريلنڪا، برما، چين، جپان، ايٿوپيا ۽ آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جي سڀني غريبن سان پيار جي دعويٰ به ڪري ٿو."

"سنو ماڻهو آهي. مون کي 'پتري' ڪري سڏيائين ته پهريائين ته مون سمجهيو ڪونه، دودي ٻڌايو ته توکي 'ڌيءُ' ٿو سڏي."

"ها واقعي! لنڊن ۾ ڪير ٿو ڪنهن جو پڇي؟ ٿئي." انوپ چيو.

ڏينهون ڏينهن سريتا جي طبيعت سڌرندي ويئي ۽ هوءَ مقرر وقت تي اسپتال مان واپس اچي ويئي. دودو دوستن سميت کيس ڪار ۾ کڻي آيو.

## مارٿا

ڪهڙي تان هرڪو ڪهي، رهڻ اوکي بات
پڙي ٿئي تي ذات، رهڻيءَ مان روحل چوي.

ڪڏهن رستي هلندي ڪنهن جي هٿ مان شاپنگ بئگ ڪري پئي ۽ ڪو دوڙي آها کڻي ڏئي ۽ جي نهايت شائستگيءَ سان بئگ جي مالڪ/مالڪياڻيءَ کي هٿ ۾ ڏئي ۽ پٺ ٿي نه چڙي ته اهو فلمن ۾ ته عام طور ٿئي ٿو، پر هن ناول ۾ به اهو ٿيڻ وارو آهي.

مارٿا ۽ دودي جي وچ ۾ لنڊن جي ٽاٽنهام ڪورٽ روڊ تي اهو ٿيو. دودو آڪسفورڊ اسٽريٽ مان نڪري ٽاٽنهام ڪورٽ روڊ تي فوٽ پاٿ وٺي پئي آيو ته اڳيان ويندڙ ڇوڪريءَ جي هٿ مان ٻن مان هڪ شاپنگ بئگ ڪري پيئي. دودي ڊوڙي بئگ کڻي ۽ هڪ اڌ ڀاهر ڪريل شي به واپس اُن ۾ وجهي ڇوڪريءَ کي ڏنائين. هُن وري وري ٿورا مڃيا. دودي ڇوڪريءَ جا ملوڪ معاندا ڏسي کيس مزور وانگر سامان کڻائي وڃڻ لاءِ به تيار هو، پر اهو هت رواج نه هو. ٿورو اڳتي هليا ۽ هڪ موڙ مڙيا ته به رستو ساڳيو هو. اجان ٿورو اڳتي هليا ۽ ڊلن بڪ اسٽور وٽ پهتا ۽ ٻيئي رستو پار ڪري ٻئي طرف ٿيا ته به رستو ساڳيو هو. اچي هڪ وڏي در وٽ بيٺا ته در ڪنات هال جو هو. ٻئي مرڪيا ۽ در ۾ خاص چابي لڳائي اندر داخل ٿيا ۽ رسيپشن تي نوجوان سان ڇوڪريءَ ڳالهايو ۽ لفٽ ۾ آيا. ڇوڪري ٻئي فلور تي ٿورا مڃيندي هلي ويئي. ها هيءَ مارٿا هئي. ساڳئي هال جي رهاڪو، هالينڊ جي حسينه ۽ اسڪول آف اڪنامڪس جي شاگرداڻي. دودو ٽئين فلور تي لفٽ مان نڪري ويو.

دودي جڏهن سيڪنڊ هئنڊ/ پراڻي ڪار خريد ڪئي ته به هن جي پهرين پئسينجر مارٿا هئي. اهو به عجيب اتفاق هو. دودو مشهور شاپنگ سينٽر "هئرڊس" مان ڪا خريداري ڪري اجان ڀاهر مس نڪتو ته موڙ وٽ هڪ هوڪو ڏيڻ واري ڪان مارٿا سون جو سيٽ پئي ورتو. جڏهن هوءَ ڪار ۾ ويٺي ته دودي سان حال احوال ڪيائين. سيٽ ڏهن پائونڊن ۾ مليو هو. اندازو هو ته نوَ ڪئرٽ سون هو، وڏيڪ آسرو الله تي هو.

"ڇا به هجي"، دودي چيو. "هي سيٽ ڀاڳ وارو آهي." اهو ٻڌي مارٿا خوش ٿي ۽ ٿورا مڃڻ لڳي. هال وٽ پهتا ته دودي ڪار کي سامهون ٿئوسٽاڪ سڪوائر پارڪ وٽ سليقي ۽ دستور موجب بيهاريو ۽ اندر اچي مارٿا کي چانهه لاءِ گذارش ڪيائين، جيڪا هُن قبول ڪئي. دودي جي ڪمري ۾ اچي ويهڻ سان هوءَ سيٽ جا ايئرنگ ۽ هار ڪڍي پائڻ لڳي ۽ دودو اليڪٽرڪ ڪيٽلي رکندي مارٿا جي حسن ۽ سنهڙي هار جي ڳلي ۾ ٺمڪڻ کي ساراهڻ لڳو.

"تون ڪڏهن انمسٽرڊيم آيو آهين؟"

"نه! هاڻي ويندس."

"سچ؟"

"سچ پچ! تون دعوت ڏيندينءَ ۽ توسان گڏجي هلندس." دودي چيو. "تنھنجو گھر بہ انمسٽرڊيم ۾ آهي ڇا؟"

"نہ! منھنجو گھر هارليم جي سامونڊي ڪناري جي ويجهو هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ آهي، پر مون گريجوئشن انمسٽرڊيم ۾ ڪئي ۽ اسڪول ٽيچر بہ اُتي رهي آهيان."

اُن ڏينھن تہ پنھي ۾ ٿوري گفتگو ٿي، پر جڏهن دودي جي اليڪشن جو زور هو، انهن ڏينهن اليڪشن جي ڪم جي زورشور ۾ مارٿا سان ملاقاتون وڌي ويون. سياٽا چون ٿا تہ يونيورسٽين ۾ شاگرد يونين جون اليڪشنون هونديون ني انهن ملاقاتن لاءِ آهن. ڪن جا پاڳ پيڙو ڏيندا آهن تہ دال مان سيرو ٿي پوندو آهي. ڪن کي پاڳ وٺي دَبَ ڏيندا آهن، تہ مورڳو سيري مان رَبَ وجي ٿيندي آهي. دودي سان انهن ڏينهن قدرت ڪرم ڪيو هو تہ هڪ طرف گل بهار سنگھہ ۽ انوپ جھڙا سچا دوست ساڻ ۾ هئا تہ ٻئي طرف مارٿا، سريتا ۽ چِنگ لِنگ کُو جھڙيون سھڻيون، سچار ۽ سلڇڻيون ڇوڪريون هُن جون جڻ پنھنجون هيون.

جڏهن مارٿا سان سندس وطن بابت ڳالھہ ٻولھہ ٿي، تہ ڏينهن آچر جو ۽ ماڳ هائيڊ پارڪ هو. لنڊن جي هن وشال پارڪ ۾ سرپن ٽائن (نانگ وانگر ڏِگھو تلاءُ) جي ڪناري بينچ تي ٻئي ويٺل هئا. ٿورو پرتي گل بھار سنگھہ "خالصتان" تي تقرير ڪري رهيو هو. ڪيترائي شاگرد ۽ ٻيا ماڻھو سندس ٻڌڻ وارا هئا. چنگ مارٿا کي سامھون نظر اچي رهي هئي. مارٿا چيو: "دنيا ۾ هر ماڻھو پرماريت خلاف صفون پيو ناهي، پر پرمارَ اجان بہ انسان جو شڪار ڪيڏي رهيا آهن."

"اهو شڪاري خود هڪ ڏينهن شڪار ٿيندو. پئسي ۽ هٿيارن جي زور تي ڪمزور قومن تي ظلم ڪري اُنهن جي ملڪن جون سرحدون بدلايون ويون آهن ۽ اِهو سلسلو جاري آهي." دودي چيو. "ها، تو پنھنجي وطن بابت پئي ٻڌايو."

مارٿا چيو: "اسان جي ملڪ جي جيڪا توکي خبر هوندي، سا شايد مون کي نہ هجي."

"مون کي ايتري خبر آهي تہ گنڊيل پنج سؤ سالن ۾ هسپانوين (اسپين وارن)، پورچوگيزن، ڊچن، انگريزن ۽ فرينچن هندستان مان دولت ڪمائڻ لاءِ هٿ پير پئي هنيا آهن. اسپين مان ڪرسٽافر ڪولمبس نڪتو ۽ ايشيا بدران آمريڪا وڃي پهتو. پورچوگال مان واسڪو ڊيگاما ڏکڻ هندي سمنڊ جھاڳيندو ڪلڪٽ پهتو. پورچوگيزن جو ڏاکڻ ڪجھہ ٻيٽن تي قبضو ٿيو. سندن ملڪ گيريءَ ۽ واپار ۾ ڪاميابيءَ کي ڏسي ڊچن (اوهان کي)، انگريزن ۽ فرينچن کي بہ اهو خيال ٿيو. ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ يورپ ۾ مرچن جو اگھہ وڌايو. انگريز جي بہ دل مِني ٿي. ڊچن ١٦٣٠ع ۾ سنڌ ۾ واپار وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. ١٦٣١ع ۾ ڊچ جهاز منھنجي وطن سنڌ جي لاڙي بندر، بلڪ منھنجي ڳوٺ جي بلڪل ويجهو آيو هو. اُن کان اڳ سمنڊ جي هن حصي تي پورچوگيزن واپارين/قزاقن جو قبضو هو. ١٥٥٥ع ۾ هنن لاڙي بندر تان اچي نتي ۾ قتل عام ۽ ڦرلٽ ڪئي ۽ باھہ ڏني. اسان پورچوگيزن ۽ انگريزن جي پرماريت ڏٺي ۽ ڊچ اڳتي هليا ويا. پورچوگيزن کي سلون مان ڀڄايائون ۽ ١٦٤١ع ۾ ملاڪا ٿي قبضو ڪيائون. ١٦٦٧ع ۾ سماترا ۽ ٻين ٻيٽن تي وڃي قبضو ڪيائون. اُن ڪري پاڻ هڪٻئي سان شڪايت ڪونہ ٿا ڪريون. شڪايت تہ انگريز سان بہ نہ آهي. شڪايت پرماريت سان آهي." دودي ڳالھہ ختم ڪئي. مارٿا جڻ ساھہ روڪي ويٺي هئي.

هوءَ چوڻ لڳي:

"مون کي تاريخ جي گهڻي خبر نہ آهي، پر اينترو معلوم اٿم تہ منهنجو وطن صدين کان طوائف الملوڪيءَ جو شڪار رهيو آهي ۽ اسپين وارن ڇگو وقت اجوڪي هاليند ۾ نفاق وجهي راڄ ڪيو آهي. ١٥٧٦ع ۾ سڀني گڏجي اسپين وارن کي ٻاهر ڪڍڻ جو معاهدو ڪيو.

"هاليند انگريزي نالو آهي. اصل نيدرلنڊ آهي. سمنڊ جي سطح کان هيٺاهين تي هجڻ ڪري سمنڊ جي اُٿل ۽ وير جو خطرو رهي ٿو ۽ حفاظتي بندن جي آسري تي رهڻو پوي ٿو. ڦيرين فيبروري ١٩٥٣ع تي وڏي وير چڙهي ۽ چار لک ايڪڙ زمين ٻڏي ويئي. ١٨ سئو ماڻهو مري ويا. ١٩٤٩ع ۾ انڊونيشيا کي آزادي ڏني ويئي. ١٩٧٠ع جي آدمشماري موجب هڪ ڪروڙ تيهہ لک آدم رهي ٿو. ڪجهہ ٻاهرين علائقن ۾ بہ اسان جي مادري زبان ڊچ ڳالهائي وڃي ٿي. اسان جي هڪ جمهوري بادشاهت آهي. راڻي جُوليانا پنهنجي ملڪ جي ترقيءَ ۽ جمهوري نظام کي هميشہ اوليت ڏني آهي. هوءَ ١٩٠٩ع ۾ ڄائي ۽ ١٩٣٧ع ۾ شهزادي برنارڊ سان شادي ٿي. ١٩٣٨ع ۾ شهزادي بيترڪس ڄائي جيڪا تخت جي وارث هئي ۽ هاڻي تخت تي ويٺي آهي ۽ وڏي راڻي هاڻي شهزادي سڏجي ٿي."

"آهين تہ تون بہ شهزادي"، دودي چيو. مارٿا شرمائجي ويئي. "تنهنجي لاءِ پنهنجي وطن ۾ ڪهڙي شخصيت آهي، جنهن تي فخر ڪري سگهين ٿي."

"ربينس (Rubens) جنهن جو سورهين ۽ سترهين صديءَ جي مصوريءَ ۾ اهم مقام آهي ۽ مون کي سندس ڪم بيحد پسند آهي." مارٿا چيو. دودي پڇيو: "منهنجي لاءِ ٻيو هاليند ۾ ڇا آهي."

"ٻيو - ها! تنهنجي لاءِ تيهن کان وڌيڪ وڏا سرڪاري عجائب گهر آهن. مهينن جا مهينا پيو گهم."

"بس ڪو بهانو ڪريان. هاليند جي سر سبز سرزمين گهمڻ لاءِ ڪو ڪارڊ ملي وڃيم. آهي ڪو آسرو؟"

"تي سگهي ٿو موقعو ملي وڃي."

"تون مدد ڪندينءَ؟"

"ها ضرور." مارٿا چيو. دودي چيو: "ها ضرور چوڻ ڪافي نہ آهي."

"ڇا مطلب؟"

"مطلب هي تہ دل کولي مدد ڪرڻي پوندي ۽ توکي ٻي ڪرڻي پوندي. جي مدد نہ ڪندينءَ تہ آءٌ اڄ ئي واپس ڪراچيءَ جو ٽڪيٽ وٺندس." دودي چيو.

"خدارا ائين نہ ڪج."

"اِهو ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن صحيح رويو نہ ورتو ويو." دودي چيو. هن ڇتائي مارٿا جي منهن ۾ نهاريو. اُن نظر کي مارٿا سمجهيو. هوءَ مرڪڻ لڳي ۽ ٻنهي هٿن جون آڱريون هڪٻئي ۾ ڦاسائيندي چيائين:

"مون بابت تون گهڻ ٿو ڄاڻين."

"آءٌ جڏهن اِهو ڄاڻان ٿو تہ تون انسان دوست آهين ۽ هر بندوق باز ۽ شڪاريءَ کي ننديں ٿي، تہ بس - ٻيو مون کي ڇا ڪپي. اسان جي دوستن جو هي اتحاد ۽ ساٿ اِنهيءَ سبب تہ آهي." دودي چيو.

"اِهو تہ صحيح آهي." مارٿا چيو" پر اهو بہ تہ ڄاڻ نہ تہ منهنجي ذاتي زندگي ڪهڙي موڙ تي بيٺي آهي."

"ڇگو ٻڌاءِ."

"آءٌ ڪا شهزادي نہ آهيان!"

"منهنجو ڪم هڪ غريب شهزاديءَ سان آهي. مون کي محلن کان نفرت آهي." دودي چيو.

"آءٌ هارلم جي هڪ غريب هاريءَ جي ڌيءَ آهيان. مون ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي ۽ ثانوي تعليم ائمسٽرڊيم ۾ ورتم. اُتي منهنجي ماءُ کي به هڪ بس ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ملي ويئي هئي. ائمسٽرڊيم ۾ چار سال رهياسين. منهنجي گريجوئيشن به ٿي ۽ اسڪول ۾ نوڪري به ملي. اسڪول ۾ چارلي سان منهنجي ملاقات ٿي." ايترو ٻڌڻ سان دودي بينچ ۾ پهلو بدلايو. مارٿا بيان جاري رکيو - "چارليءَ ۽ مون هڪ ٻئي جو جيون ساٿي بڻجڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ڪا رڪاوٽ به نه هئي. جلدي اسان جي شادي ٿي ويئي." دودي وري به پاسو بدلايو ۽ ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي ويٺو.

مارٿا چيو: "چارلي ڏاڍو سنو ماڻهو هو. منهنجو هر طرح خيال رکندو هو. اسين هر هفتي وندر ورونهن لاءِ ڪنهن نه ڪنهن تفريح گاهه، عجائب گهر يا فارم ڏي ويندا هئاسين. چارلي کي به مون وانگر عجائب گهرن ڏسڻ جو گهڻو شوق هو. زندگي ڏاڍي مزي ۾ گذري رهي هئي. اوچتو هڪ طوفان آيو، جنهن منهنجي خوابن جا محل ڊاهي ڇڏيا. چارلي پنهنجي ڪلاس جي شاگردن سان گڏ هڪ زرعي فارم تي پڪنڪ لاءِ ويل هو. شام جو سندس موٽڻ جو انتظار پئي ڪيم ته فون آئي. هڪ خوفناڪ حادثو ٿيو هو، جنهن ۾ ويگن پرزا پرزا ٿي ويئي هئي. ٻارهن شاگرد ۽ چارلي موت جو شڪار ٿي چڪا هئا.

"منهنجي اکين اڳيان اونده اچي ويئي. چارلي جي جدائيءَ ۾ ڇهه مهينا ته هوش ۾ ئي نه هئس ۽ اسڪول انتظاميه به اهو بهتر سمجهيو ته آءٌ موڪل تي رهان. موڪل ختم ڪري نوڪريءَ تي چڙهيس. هيءَ اسڪالرشپ ملي ۽ اجهو تنهنجي سامهون ويٺي آهيان."

"اوهه! تنهنجي ڪهاڻي سچ پچ دک سان ڀريل آهي. آءٌ محسوس ڪري سگهان ٿو ۽ اهو سچ به آهي ته 'ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري.' اهو اسان جي شاهه عبداللطيف چيو آهي. توکي خبر هوندي ته هُو اسان جو ڪو شاعر نه آهي، پر رهبر ۽ دلين تي راڄ ڪندڙ بي تاج بادشاهه آهي. شعرن جا حوالا ته اديب ڏيندا آهن، پر شاهه صاحب جي شعرن جا حوالا هر ماڻهو ڏيندو آهي. هُو ڏک جي ماهيت کان ڪو اهڙو واقف هو، جو ڪيس ڏک جو شاعر چئجي ته صحيح ٿيندو. چوي ٿو: 'ڏکيون جان نه مڙن تان تان ٻنڻ نه ٿئي' ، ۽ ٻيو توکي چا ٻڌايان. تو هينئر ڏک جهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن. شاهه صاحب جون به سٽون ٻڌنديئن ته وڏيڪ دکي ٿينديئن. اُن ڪري شاهه صاحب جي طرفان ئي آئت ڏيندس ته 'جيڪي ڏنائون سو سيئي صحت.' مارٿا! تنهنجي صبر کي به داد ڏيان ٿو، پر اسين اوير جا رهواسي جيڪي ٿيو تنهن تي قانع ۽ صابر هوندا آهيون. پيارا وڇڙي وڃن ٿا ته به ڏينهن روڄ راڙو ڪري رب جي رضا تي راضي رهون ٿا ۽ محسوس ڪريون ٿا ته الله صمد بي نياز آهي، جيڪي چاهي سو ڪري ٿو. رونبو رڙبو ۽ هنجون هاربيون ته محبوب موٽي ڪونه ايندو. تنهن ڪري ڏکيا سکيا ڏينهڙا گهارڻا آهن. جيڪي مليو تنهن کي آزار ڪونه چئبو. جي سکن ۾ سنرا ٿا رهون ته ڏک به جهوليءَ ۾ جهلبا." دودو خاموش ٿي ويو. ٻنهي جي سنجيده چهرن مان اهو پئي لڳو ته هاڻي ڪجهه به نه چئجي.

گل بهار وارو جلسڙو به ختم ٿي چڪو هو. ڪار وٽ آيا ته مارٿا، چنگ ۽ سريتا دودي سان ڪار ۾ ويٺيون ۽ گل بهار سنگهه ڏاڙهي ڪنهي چوڻ لڳو: "ڪار ۾ ڏاڙهيءَ وارو ڳرو. نيڪ آهي. آءٌ، معجزو ۽ به دوست پيا به آهن، پنيان اچون ٿا." دودي ڪار اسٽارٽ ڪئي. پوئين سيٽ ۾ چنگ ۽ سريتا جلسي جون ڳالهيون ڪنديون رهيون. دودو ۽ مارٿا "هون هان" ڪندا رهيا. چنگ ٻنهي کي ٿورو ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هوءَ ڪامياب نه ٿي.

# جوڳي من جا نہ ميرا

گل بهار سنگهہ رولو ۽ خانہ بدوش قبيلن جي ٻولين تي کوجنا ڪري رهيو هو. هن خاص طور سنڌ ۽ هند ۾ دراوڙن ۽ ڏاکڻي علائقي جي ڀيلن، ڪولهين، سنٿالن، جوڳين، سامين، گوندن، باگڙين، ڪارين ۽ اهڙن ٻين رولو گروپن جو عمومي مطالعو ڪري انهن جي ٻولين تي هڪ ٿيسز لکڻ جو پروگرام ناهيو. ڀيل سنڌ ۽ هند ۾ وڏو گروپ هو. سنڌ ۾ انهن جو چڱو تعداد هو. "ڪي پنندا آهن، ڪي شڪار ڪندا آهن. انهن ڪي شڪاري چنبو آهي. ڪي سنڌ جي مسلمانن وانگر مزوري ۾ هارپ بہ ڪن. لاڙ جو مشهور ملهہ شڪاري ڪنهن ڪان وسريو هوندو. حمزو جت هن جو شاگرد هو. ڪولهي بهترين هاري آهن. سنڌ ۾ حيدرآباد، بدين، ٿرپارڪر ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ خاص طور زميندار ڪولهي هاري رکڻ پسند ڪندا آهن. زالين مڙسين ڪم جا سچلا آهن." دودي جي ڏنل هن معلومات ڪي گل بهار سنگهہ تمام گهڻي اهميت ڏني. وٽس پارت ۾ ڇپيل ڪجهہ ڪتاب هئا. انديا آفيس لئبرري لنڊن ۾ بہ پارت جي رهاڪو ڀيلن، سنٿالن ۽ گوندن بابت گهڻو مواد موجود هو. وٽس 'دور درشن' جي تيار ڪيل "پارت جا ڀيل" جو وڊيو ڪيسٽ بہ هو. دودي اُها فلم ڏٺي تہ هن محسوس ڪيو تہ پارت جا ڀيل ثقافت جي ذري ذري ۾ سنڌ جي ڀيلن جهڙا هئا.

اهڙيءَ طرح ڪارين بابت بہ سنڌ ۽ هند ۾ ڪو فرق ڪونہ هو. ڪاريا لوهہ مان ڪماڙيون، ڏانٽا، چنگ ۽ اهڙيون ٻيون شيون ناهڻ ۾ ماهر آهن. سنڌ جي لاڙ طرف هي قبيلو گهڻي تعداد ۾ رهي ٿو. زالون مردن جي مدد ڪن ۽ ڪجهہ ٽول بہ وڪڻن. دودي جيڪا خاص معلومات پنهنجي دوست کي ڏني اُها سامين بابت هئي. اِهو بحث ڪندي ۽ حوالا ونندي 'شاهہ جو رسالو' بحث هيٺ آيو. سر رامڪلي جو ذڪر نڪتو تہ گل بهار کي ٻن لحاظن کان شاهہ جو رسالو پنهنجي ٿيسز جو اهم ماخذ لڳو. هڪ تہ اُهو ڪيس گرنٽ صاحب وانگر شعر ۽ نصيحت جو خزانو محسوس ٿيو، ٻيو سُر رامڪلي تہ سندس ٿيسز جو ماخذ بنجي پئي سگهيو. دودي ڪيس سورلي، علامہ قاضي ۽ ٻين ليکڪن جا انگريزي ۾ لکيل ڪتاب ڏسيا ۽ سُر رامڪليءَ جا ڪيترا بيت گُرمکي ۾ حوالن سميت لکايائين. جڏهن گل بهار اُهي رڳو پنهنجي گرمکي لکيت ۾ پڙهيا تہ هو ور ور ڪري بيتن کي گُروئن جي ڪلام وانگر شبدن جي گانڪي ۾ ڳائڻ لڳو.

دودي ڪيس ٻڌايو تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جوڳين جا ڪيترائي قسم ڄاڻايا آهن، جيڪي پنهنجن جدا جدا ڪمن سبب هڪ ٻئي کان مختلف بہ آهن. انهن ۾ جوڳي، ويراڳي، ڪاپڙي، لاهوتي، بيڪاري، نانگا، مهيسي، سامي، آديسي، ڪُلپتي، سناسي، گودڙيا، ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪن چير، توڙي جوڳين جا ٻيا نالا آيل آهن. گُرو، ناٿ ۽ اهڙا ٻيا لفظ ڏسي گل بهار: بهار بهار ٿي ويو. گيتا جو يوگين وارو مضمون بہ ساڳيو ئي رامڪليءَ ۾ بيان ٿيل نظر آيو. گل بهار راڳني رامڪليءَ ۾ بيتن کي جهونگاري ڏٺو تہ حيران ٿي ويو، جڻ تہ راڳڻيءَ جا ٻول/لکشن گيت ئي هئا. خاص طور داستان پهرئين جي وائيءَ تہ ڪيس نچائي ڇڏيو. هو ور ور پڙهڻ لڳو ۽ ڪٿي ڪٿي جهونگارڻ بہ لڳو.

سَنڍيان سگڙي، ڳالهہ ڳجهڙي، مون ماريندي ڪڍهن.  
جا وجائين جَتڙا، نہ تنهن نڙ جهڙي،  
مُرليءَ کي جنهن مات ڪيو، نہ تنهن تُل تُنبڙي  
تاريو جنهن توڏيءَ کي، نہ سو گِهنڊ نہ گِهنڊڙي.

نــ ســـــــــري نــ ســنڌ ڪـا، نــ هــنــد هــمــــــــــڙي،
گـــهـــــاندار مـــرون مـــوهيـــا، هي مـــاٺـــو مـــوهينڊڙي
اديون عـــبـــداللطيف چـــني، هيءَ مـــنـــا جـــــاريندڙي.

گل بهار جي ٿيسز تہ پنهنجي جاءِ تي رهي، هن پر جڻ بجلي پرجي ويني هئي. هڪ هنڌ ويهي نہ پيو سگهي.

"يار! شاهہ عبداللطيف تہ منهنجو بابو آهي" اينئن چئي زمين تي سجدي پر ڪري پيو. دودو حيرانيءَ سان کيس ڏسڻ لڳو. جڏهن اُٿيو تہ دودي چيو:

"هاٺي دير ٿي ويني آهي. آءٌ بہ وڃي پنهنجي فونيٽڪس درست ڪريان" دودو هليو ويو. گل بهار جذبات کان مغلوب ٿي وري سجدي پر ڪري پيو.

سپڪو پنهنجن نصابن، سيمينارن ۽ ٿيسز لاءِ مواد گڏ ڪرڻ، لئبررين پر وڃڻ ۽ لکڻ پڙهڻ پر رڌل هو. گل بهار جي ٿيسز جو اهم مضمون دودي جي مدد تي بيٺل هو. هُو گُل بهار جي وس آهر سچائيءَ ۽ خلوص سان مدد ڪندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن جڏهن ٻئي مليا تہ گل بهار سامين جو ذڪر ڇيڙيو. دودي چيو:

"سامي حقيقت پر مون نہ رڳو ڏٺا آهن پر منهنجو هنن سان گهڻو لاڳاپو ۽ واقفيت بہ رهي آهي. آءٌ سنڌ جي لاڙ پاسي جو آهيان. هِن طرف هُنن جي چُرپُر بہ گهڻي آهي."

اُن کان پوءِ دودي کي جيڪي ڪجهہ معلوم هو سو گل بهار کي ٻڌايائين. سامي هڪ خانہ بدوش قبيلو آهي. گاهہ پني جي سَني تي، ۽ ڪجهہ پنهنجي گذر سفر خاطر هنن جي لڏ پلاڻ جو سلسلو جاري رهندو آهي. عورتون گهڻو ڪري پنڊيون آهن ۽ مرد اڪثر نانگ پڪڙڻ ۽ شڪار ڪرڻ پر مصروف هوندا آهن. ڳوٺن پر مرليون وڃائي، نانگ ڏيکاري يا ڪڏهن ڪو ٻيو ڪرتب ڏيکاري، ڪڏهن گذارو ڪن. ڪين اناج ڪڏهن پئسو ملي، ان تي گذران ڪن. شڪار پر گدڙ سندن پسنديده جانور آهي. گدڙ جو گوشت شوق سان کائين. ڪڏهن ڪو چڱو زميندار کين گڏهن جي چرڻ لاءِ فراخدليءَ سان زمين جو ٽڪر گهڻي وقت لاءِ ڏئي تہ شڪر گذار ٿين.

سامين جو چڱو مڙس ناٿو فقير ۽ سندس خاندان سنڌ پر ڏاڍي ٺٺ سان رهيو. ناٿو فقير هڪ رعبدار شخصيت جو مالڪ هو. سندس پاءُ ڪانيو فقير گهوڙن جو شوقين هو. ٻئي پانرخاص ۽ سهڻن تنبن پر رهندا هئا ۽ سامين جي عام کاڌ خوراڪ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ کان سندن زندگي مختلف هئي. سُنيون رليون ۽ گهر جو ٻيو ساز وسامان ڪم آڻيندا هئا. سامين وٽ پرت ۽ رلين ناهڻ جو نمونو بہ مختلف هو. رلي اهڙي ناهيندا هئا جو ڪپڙو ڌاڳي جي اُٺت پر ڍڪجي ويندو هو ۽ فقط ڌاڳو ئي نظر ايندو هو.

ڪانيو فقير جو بهترين گهوڙو پيشہ ور سوار وٽ تربيت پر هوندو هو ۽ گهوڙن جي مقابلي/ خميس پر حصو وٺندو هو. پاڙي جا زميندار بہ اڪثر خميس پر حصو وٺندا هئا.

هڪ ڀيري جڏهن جون ١٩٥٥ع پر ڪانيوءَ جو ڪُميت گهوڙو بدين جي شاهہ قادريءَ جي ميلي واري خميس پرسوپارو ٿيو تہ هن خوش ٿي پنهنجن دوستن عبدالحميد جوڻيجي، جان محمد پرهياڙ، پلُو پرهياڙ، اُستي هاشم ۽ ٻين کي دعوت ڏني. دوستن پني چرچا ڪيا تہ اڄ گدڙ جو پلاءُ ملندو، پر ڪانيو فقير دوستن جي آدرڀاءُ ڪندي بهترين گوشت، مڇيءَ ۽ ڪڪڙن جا پڪل طعام پيش ڪيا ۽ اهڙين خوبصورت رلين تي کين وهاريائين جو سڀ گهڻو خوش ٿيا ۽ کين سامڻين جي پريل پرت ۽ رلين جا تحفا بہ ڏنائين.

عجيب قوم آهيو. هڪ ته وطن ڇڏڻ نٿا چاهيو، پر جي ڇڏيو ٿا ته به پاڙ سنڌ سان ڳنڍيل رکو ٿا. منهنجو واسطو وري جن جوڳين ۽ سامين سان آهي، انهن لاءِ به شاعر سچ چيو آهي: "جوڳي من جا نه ميرا."

اسڪول جي ڪنٽين ۾ گل بهار ۽ دودو ويٺا هئا ته سَريتا ۽ انوپ آيا. دودي چيو:

"اچو سائين"

"مهرباني سائين" انوپ چيو.

"تون به ڇنو" گل بهار سَريتا کي چيو.

"مهرباني سائين."

"ڀلي ڪري آيا." دودي چيو. گل بهار شرارت واري انداز ۾ انوپ کي چيو: "اسين به انسان آهيون. ڪڏهن اسان سان به مٺا ٻول ٻوليندا ڪريو. ڪيئن سَريتا جي؟"

"ها" سَريتا چيو.

"ها! جوابدار به اوهين آهيو." گل چيو.

"آءٌ چو؟"

"هر وقت اوهان جي رخ روشن تي نظرون جمائي رکي ٿو." گل بهار چيو. سَريتا مرڪي کيس 'مسخرو' چيو ۽ انوپ چيو "اوهان جو رخ روشن ئي اهڙو آهي ڪونه، جنهن تي نظرون جمائي رکجن."

"صحيح آهي" دودي چيو.

"جڳ موهن ڪور ته چوندي آهي ته پُٽَ تون تمام سندر آهين."

"اِها مائي ڪير آهي." انوپ پڇيو.

"پاڙي جي ماسي آهي. امان جي ساهيڙي آهي." گل بهار چيو. سڀ مٺس کِليا، پر جيڪو وقت ويٺا رهيا، سو گل بهار ميراثين جي مخصوص انداز ۾ هن جوڙي کي دعائون ڪندو رهيو. اُٺندي چيائين:

"چڱو دوستو، خوش رهو آباد رهو، پر هن ڏاڙهيءَ جي پارت اٿو."

* * *

# ائين نه چئو

چنگ لِنگ ڪُو اصل پي چنگ (پيڪنگ) جي يونيورسٽين ۽ تعليمي ادارن جي علائقي واني ڪُنگ سن جي رهاڪو هئي. هن پي چنگ (پيڪنگ) يونيورسٽي مان چيني زبان ۾ آنرس ڪئي هئي ۽ سُندس خاص موضوع، محاورن جو مطالعو (Dialectology) هو. هن آنرس ۾ چيني زبان جي انن محاورن جوسرسري اڀياس ڪيو ۽ ڏکڻ چين جي اڪثر ننڍن محاورن/اپڀاشائن جو به مطالعو ڪيائين. هونئن به چيني زبان جي اتر ۽ ڏکڻ جي محاورن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. چنگ لنگ کي اهم محارو فوڪينيز (Fukinese) ڏيان ڇڪائڻ لڳو. خاص طور اُن لاءِ هن پيڪنگ جي انسٽيٽيوٽ آف فارين لئنگويجز (غير ملڪي ٻولين جي اداري) ۾ داخلا ورتي ۽ انگريزي پڙهي. ڇهن مهينن ۾ هن انگريزيءَ جو نصاب پورو ڪيو. ڪيس استادن صلاح ڏني ته لنڊن اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز ۾ محاورن جي مطالعي لاءِ داخلا وٺي. ڏکڻ چين مان ئي گهٽا چيني صدين کان لڏي ڇا اولهه ڇا اوڀر ويا هئا، انهن جو

محاورو بہ فوڪينيز هو. چينگ لِنگ کي موقعو بہ مليو ويو ۽ هوءِ اٿين لنڊن اچي پهتي.

چِنگ لِنگ کُو هڪ غريب خاندان جي ڇوڪري هئي. ١٩٤٩ع ۾ چين جي آزاديءَ سان گڏ هن جو پيءُ بہ زميندار جي ٽُرم مان آزاد ٿيو ۽ نئين انقلابي حڪومت کيس مرڪزي بازار وانگ فُوچِين ۾ چانهہ جي اسٽور تي رکيو، جتي هو محنت سان ڪم ڪرڻ لڳو. چِنگ کيس ١٩٦٨ع ۾ ڄاني. هوءَ ٽن ٻارن ۾ ننڍي هئي. هُن جي ابتدائي تعليم بہ وانِي ڪُنگ سُن ۾ ٿي. سنڌس ڪلاس ياين ۾ چانگ چِيني هن جي گهري دوست ٿي ويئي. ڇوڪرن ۾ وانگ سان هن جي چڱي گهرائي رهي، جيڪو هر وقت کيس انگريزي سکڻ ۽ انگريزي ڪتاب پڙهڻ لاءِ تاڪيد ڪندو رهندو هو. هُوءَ مطالعو تہ ڪندي هئي، پر کيس گهڻو خفت ٻوليءَ جو مطالعو ڪرڻ جو هو. ١٩٧٦ع ۾ پهرين وزير اعظم چواين لائي ۽ پوءِ چيئرمن مائو گذاري ويو تہ لِن پيائو جا حامي اُبري آيا ۽ تنگ شِيائو ڦنگ ملڪ جو رهبر بنجي وينو. هن جي دؤر جي ابتدا ۾ ني مادام مائو (چيانگ چنگ) ۽ سنڌس سائين کي عهدن تان لاهي نظربند ڪيو ۽ لويو ويو. تَنگ آمريڪي امداد سان چين ۾ تعميري ڪم ڪيو. چيئرمن مائو جي پاليسين کي خيرآباد چيو ويو. ڪميونزم بہ ڪمزور پوندو ويو. چين ۾ قائم ٿيل هڪ پارٽيءَ واري "نئين جمهوريت" کي جون ١٩٨٩ع ۾ چئيلينج ڪيو ويو تہ اُن کان اڳ ني چِنگ لنگ کُو لنڊن پهچي چڪي هئي نہ تہ هڪ ٽئنڪ جو ڪاچ بيشڪ ٿي وڃي ها؛ ڇو جو لنڊن رواني ٿيڻ وقت وانگ، چانگ چيني ۽ ٻين سائين جي ڳالهين ۾ هن کي اِها ٻوءِ آئي هئي.

چِنگ جي ملاقات دودي سان لنڊن جي چائنا ٽائون ۾ چيني نئين سال جي فنڪشن ۾ ٿي. ساڳئي اسڪول ۾ هجڻ ڪري ۽ خاص طور دودي جي ڪوٽ تي لڳل چيني ٻلو ڏسي چِنگ پهرين ڳالهايو ۽ دودي کان پڇيائين: "هي ٻلو اوهان ڇو لڳايو آهي."

"هي مون کي پنهنجي چاچي کان مليو آهي، جيڪو ١٩٦٦ع ۾ چين ويو هو!"

"اوه! پوءِ آءٌ تہ اُن سان ملي نہ سگهي هونديس." چِنگ چيو.

"ها، جيڪڏهن ڄائي هوندئين تہ."

"بہ سال پوءِ ڄائي هيس."

"اِن خوشيءَ ۾ پاڻتي سان ني مل."

اُن کان پوءِ اسڪول ۾ ملندا رهندا هئا. چنگ ڏنو تہ دودي کي ڪي لفظ چيني زبان جا بہ آيا ٿي ۽ پي چنگ کان بہ واقف هو. هن کي پنهنجي چاچي کان اِهي ڳالهيون معلوم ٿيون هيون. هو هاٿي چِنگ کي سلام بدران 'ني هائو' چوندو هو. هڪ ڏينهن اسڪول ڏانهن ويندي ٻنهي جي ملاقات ٿي. دودي 'ني هائو' چيو. چنگ مرڪي جواب ڏنو "ني هائو! تعليم ختم ڪري، هڪ ڀيرو مون سان گڏ پيڪنگ هل."

"ها! بلڪل هلندس، جيڪڏهن تون تُنگ اُوڪُوان واري هوٽل ۾ سيخ ڪباب ۽ من ٽئو کارائينديں!! دودي چيو.

چِنگ ٺهڪ ڏيئي کلي چيو "اهو بہ توکي چاچي ٻڌايو آهي يا ڪتابن ۾ پڙهيو اٿئي؟"

"سنڌي ۾ لکيل بہ ڪتاب بہ پڙهيا اٿم، پر گهڻيون ڳالهيون چاچي کان ٻڌيون اٿم. من ٽئو ٻاڦ تي ٺهيل ڪڻڪ جي روٽيءَ کي چئبو آهي. سن ڪيانگ هوٽل ۾ پلاءُ بہ ملندو آهي. ان کي سن ڪيانگ جي ٻوليءَ ۽ چيني ۾ پلاءُ ني چئبو آهي. سن ڪيانگ چين جو اولهہ وارو مسلمان آباديءَ وارو صوبو آهي. گاديءَ جو هنڌ اوُرو مُوچي آهي. چينيءَ ۾ هن صوبي جو نالو شِين چِيانگ آهي، جئن پيڪنگ تہ انگريزي نالو آهي، اصل پي چينگ آهي يعني اُترين گادي."

دودي چيو:

"هي ڳالهيون چِنگ لنگ ڪُو کي حيران ڪرڻ لاءِ ڪافي هيون. هن پڇيو: "تہ پوءِ توکي اِها بہ خبر هوندي تہ نانڪنگ کي چينيءَ ۾ ڇا چئبو آهي ۽ ڪنٽن جو چيني نالو ڇا آهي؟"

"نان چِنگ (ڏاکڻي گادي) ۽ ڪنٽن جو نالو آهي ڪُوان چو - معنيٰ ڪوند تي اچي."

چنگ تاڙيون وڄائيندي چيو " هارائي ويو، هارائي ويو."

"هوندو ڪو ٿنبو وغيره، جيئن سُوچو ۽ هانگ چو وغيره." اينتري ۾ ڪلاس جو ٽائيم ٿي ويو ۽ دودو امتحان کان بچي ويو.

پي چِنگ (پيڪنگ) ۾ گهڻو ڪري سيني صوبن جي نالي گهٽ ۾گهٽ هڪ وڏي اعليٰ درجي جي هوٽل آهي، جنهن ۾ اُن صوبي جو وايو منڊل ۽ خاص کاڌا ملندا آهن. سن ڪيانگ هوٽل وانگر سِچُوان صوبي جي هوٽل ۾ وري اهڙا طعام ملندا آهن، جن ۾ مرچ نمايان هوندا آهن. پلاءُ ۾ چانور گهٽ ۽ مرچ گهڻا هوندا آهن.

چانئنا ٽائون ڏي بہ دودو اڪثر اُن ڪري ويندو هو، جو هن کي چيني زبان سان ۽ خاص طور چيني زندگيءَ سان دلچسپي هئي. هن هڪ چيني ڪهاڻيءَ بابت بہ پنهنجي چاچي کان ٻڌو هو. هڪ رات گل بهار سنگهہ جي ڪمري ۾مشرق جي ادب تي بحث نڪتو. سيني چِنگ جي ڳالهين ۾ دلچسپي ورتي. هوءَ قديم شاعرن لِي پاءِ، فُوشُوان ۽ توفو جهڙن شاعرن جو ذڪر ڪندي، چيئرمن مائو، ڪومورو ۽ لُوشن بابت ٻڌائڻ لڳي. هوءَ لوشُن جي 'چرني جي ڊائري' ۽ زانوشوي چِن جي 'سرخ خواب گاھ جي خواب' بابت ٻڌائڻ سان گڏ ڪميونسٽ انقلاب ۽ لانگ مارچ جون ڪهاڻيون ٻڌائڻ لڳي. ڪنفيوشس، ڊاڪٽر سن يات سين، چيانگ ڪائي شيڪ، چيئرمن مائو، ليوشائو چي، چواين لائي، چودي، چِن اي، ليوخُو لان، چيانگ چنگ، وانگ چيئي ۽ چيائو اولُو بابت بہ ٻڌائيندي رهي. لوڪ ادب ۾ رڍن واريون ڇوڪريون، ٻيو جنهن جبل هٽايو، وڏي ٻوڏ ۽ ٻيون ڪهاڻيون ادبي تبصري سان ٻڌايون. دودي کي "اڇن وارن واري ڇوڪريءَ" جي ڪهاڻيءَ سان دلچسپي هئي.

چِنگ ٻڌايو تہ هي داستان زمينداري ظلم جو اهڙو داستان آهي، جنهن تي چين ۾ فلمون آپيرا ۽ ڪتاب موجود آهن. تت هي آهي تہ شيئر زميداري ظلم کان، جهنگ ۾ وڃي لڪي ۽ ڪيس پورو کاڌو نہ ملي سگهيو. هن جا وار جوانيءَ ۾ ئي اڇا ٿي ويا. ١٩٦٥ع تائين هوءَ زنده هئي. ١٩٤٩ع ۾ آزاديءَ کان پوءِ بہ هوءَ ڊپ ۾ لڪل رهي. نيٺ کيس لڌو ويو. شيئر جا فوٽو وقت جي وزير خارجہ چِن اي سان ثابتيءَ طور موجود آهن.

دودو نهايت ڌيان سان ٻڌي رهيو هو. هن ڳالهہ ختم ٿيڻ تي ٻڌايو تہ مون کي "اڇن وارن واري ڇوڪري" (پاءِ مائو نُو) ۽ "ليو خولان" لاءِ اُن ڪري دلچسپي آهي جو چاچي وٽ انهن ٻنهي سورمين بابت چيني ناول آهن، پر اُهي تہ آءٌ پڙهي نٿو سگهان. ليو خُولان بابت مون کي اُن ڪري احترام آهي جو ١٩٤٨ع ۾ مرندي مري ويئي، پر پنهنجن ساٿين جو راز سامراجين ۽ انهن جي رجعت پسند چاڙتن کي نہ ڏنائين. اُن ڪري چيئرمن مائو هن لاءِ چيو: "شان سان زنده رهي ۽ عظيم موت سان همڪنار ٿي. هوءَ ڪنهن بہ ڪاغذي شينهن کان نہ ڊني ۽ خوشيءَ سان ڪاتيءَ هيٺ ڪنڌ رکيائين."

ڪڏهن ڪڏهن چنگ کي حيرت ٿيندي هئي: جو دودو چين جي معاملن ۾ تمام گهڻي دلچسپي ڏيکاريندو هو. هڪ ڏينهن ڪلي پڇيائينس:

"ڀلا ثقافتي انقلاب بابت اوهان کي چاچي ڪجهہ ٻڌايو؟"

"اوهان کي بہ ٻڌائي ها، جي ڄاول هجو ها." دودي چيو "ڪجهہ مون کي معلوم آهي، ڪجهہ اوهين ٻڌايو."

جا شوقين هئا، جن ۾ دودو، گل بهار، چنگ ۽ مارٿا جنوريءَ جي سرد رات ۾ شعر جي گرمائش پيدا ڪرڻ لاءِ گل بهار جي ڪمري ۾ گڏ ٿيا. گل بهار چانهه جو پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ اليڪٽرڪ ڪٽلي لڳائي ۽ گروناڪ، شيخ فريد، شڪر گنج ۽ ٻين گروئن جا شبد شروع ڪري ڇڏيائين ۽ گروناڪ، گرو گوبند، ڀائي مردانه ۽ شيخ فريد جون ڳالهيون ڪندو ويو. شبد چوندو ويو. آخر ۾ گرنٿ صاحب مان هي شبد چيائين -ع

فريدا ڏکان سيتي، ڏين ڳيا، سُولان سيتي رات.

ڪڙا پڪاري پاتڻي، ٻيڙا ڪپر وات.

ڪيترو وقت پنهنجن سُرن ۾ مست ويٺو رهيو. مارٿا ڪيس هوشيار ڪيو ۽ سَريتا ۽ انوپَ هٿ جي اشاري سان اهو ڄاڻ ڳهريو ته نوجوان امرتسر ته ڪونه پهچي ويو! هو جڏهن هوشيار ٿيو ته پنهنجي سٿر تي هٿ هڻي 'هاءِ هاءِ' ڪيائين ۽ سپني چيو "هاءِ - هاءِ."

"هاڻي گهٽي هاءِ هاءِ تي ۽ چانهه ڏيو" انوپ چيو. چانهه هلندي هتان هُتان ڪجهه شعر اچڻ لڳا. دودو سنڌي شاعرن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. شاهه ڪريم ۽ شاهه عبداللطيف جا بيت ٻڌايائين، جڏهن هي بيت پڙهي وري سمجهائي ڏنائين ته سسئيءَ ۽ گل بهار جو درد هڪ پاسڻ لڳو - ع

پير پٿاڻي ڪونئرا، ڏونگر متي ڏي؛

پاڻ نه پسي قنئو، ڪڙهي ڪيچين ڪي،

هاڙهو هوت پري، ڪُه جاڻان ڪيئن لنگهيا.

شاهه جون ڳالهيون ڪندي هُو سچ اياري ڇڏي ها، ۾ وري ٻين جي حق جو خيال ڪندي خاموش ٿيو ۽ مارٿا ڪجهه شعر چيا ۽ سَريتا کي چيائون "شعرا! تون ڪجهه شعر ٻڌاءِ."

هوءَ موڊ ۾ نه هئي، پر واڪاڻ ٻڌي خوش ٿي ۽ هڪ سنهالي شعر ٻڌايائين. دودي چنگ لِنگ کُو کي چيو: "ڪامريڊ: هاڻي ڪجهه تُوفو جا ڪجهه پنهنجا شعر مرحمت فرمايو." چنگ نڙي صاف ڪندي هڪ شعر تُوفُو جو ٻڌايو ۽ چيئرمن مائو جا ڪجهه شعر ٻڌايائين ۽ آخر ۾ هڪ قومي گانو ڳائڻ لڳي: ٿُوان چيني چيو شِر لي لِيانگ (ٻَڌيءَ ۾ قوت آهي)

"هاڻي خبر پيئي ته چنگ جو لاڙو قوم پرستيءَ ڏي آهي ۽ رومان کان پري آهي." گل بهار چيو.

"انين نه چئو" چنگ چيو ۽ هڪ گڏيل ٺهڪ سان هيءَ محفل ختم ٿي.

اجان "انين نه چئو" کي هفتو به نه گذريو هو ته هڪ ڏينهن خط کڻي سڌي سَريتا جي ڪمري ۾ وڃي پهتي. سَريتا چنگ لِنگ کُو کي ويهڻ جو چئي، وارن ۾ ربن ٻڌي ڪيس اخبار ڏيڻ لڳي ته هن اخبار هٽائي ڇڏي. سَريتا حيران ٿي ويئي.

"چو! اڄ اخبار نه ٿي وٺي."

"نه"

"مس کُو کي اڄ ڪهڙو درد ستائي رهيو آهي؟" سَريتا پڇيو.

"ڪو خط آيو آهي." چنگ لِنگ کو چيو.

"ڪو خط! خراب خط آهي؟"

"ها!"

دل تہ فقط پنھنجي جذبن تي ھلي ٿي. دماغ جو اُن ۾ ڪم نہ آھي. دنيا جي ٻين معاملن بابت دل رھنمائي نٿي ڪري. خاص طور دودي جي ھيءَ حالت ھئي، جو ھُو دل جو چيو تہ مڃي وينو ھو، پر تعليم ۽ پوئتي وطن جي ڳالھين ھن کي منجھائي وڌو ھو. ھُو ھڪ سلجھيل دماغ وارو نوجوان ھو. ھن کي پنھنجن انسان دوست خيالن جي ڪري دوستن جي حلقي ۾ مٿانھون مقام ھو. ھو پنھنجي ڪردار ڪري ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين ۾ مقبول ھو. ھن ڪڏھن ڪنھن ڇوڪريءَ سان اڻ سھائيندڙ گفتگو بہ نہ ڪئي ھئي. اڪثر ماڻھو ڪنھن جوڙي جي قربت ڏسي سڙندا آھن ۽ ڪڏھن تہ پاڻ وٽانئون لاءِ ھلڪڙائي بہ ڪندا آھن. ھُن اُن جي ابتڙ، ڪنھن بہ جوڙي جي ھڪٻئي سان ويجھڙائيءَ جو ھميشہ احترام ڪيو ھو.

چِنگ لِنگ کُو بابت جڏھن کيس معلوم ٿيو تہ ھُو چنگ ڪان وڏيڪ منجھي ويو. ھن کي چينين لاءِ احترام ھو، ڇو جو سندس چاچي چار ڏينھن اُنھن سان گذاريا ھئا. چِنگ وانگر ھُو بہ اُنھيءَ صدمي ۾ ھو. ڪو وقت تہ چُپ چُپ ڏسندو رھيو تہ ڪٿي چِنگ ڏک کان دِرڪي نہ پوي. سندس تعليم ۽ ذھن جو نقصان نہ ٿئي.

پنھنجي پر ۾ مارٿا ۽ سريتا کي چِني ڇڏيائين تہ ھن جو خيال رکن. پنھنجي وس آھر مٿس نظر رکن تہ مايوس ۽ اڪيلي نہ رھي. جڏھن محسوس ڪن تہ ھن جو ڪو مسئلو آھي تہ کيس اُن کان واقف ڪن. چِنگ کي محسوس ڪرائين تہ اڪيلي نہ آھين.

سَريتا بيماريءَ کان پوءِ اَنوپ ۽ سِيني دوستن کي وڌيڪ پياري لڳڻ لڳي ھئي. ھاڻي تہ دوستن کي مارٿا ۽ دودي جي قربت جو بہ پتو پنجي چڪو ھو، پر ڪير اھو نہ پئي پروڙي سگھيو تہ اڳتي ڇا ٿيندو. انھن ٻي ھڪڙو تعليمي سال لنگھي ويو. ھر ڪنھن سٺي نموني امتحان پاس ڪيو. ھنن دوستن مان فقط انوپ جو ھڪ پيپر سٺو نہ ٿيو. گل بھار سنگھہ چيو: "ھل تہ توکي دِلن شاپ ۾ رات جو بند ڪري اچان. سڄي رات ڪتاب پڙھہ، پيپر ۾ پھريون نمبر."

"گُل! انين نہ چئبو" دودي کيس ڇينڀيو.

"معاف ڪج! منھنجا ڀيءُ! آءُ تہ ڪو گُروءَ جو پٽيل آھيان"، گُل بھار انوپ کي پاڪر ۾ ڀريندي چيو. ھُن چيو: "پرواہ نہ آھي، پر يار معجزو ٿي ويو!"

نئون سال نئين ڳالھہ. ھرڪو نون نصابن ۽ نون خيالن ۾ مصروف ٿي ويو. انوپ پنھنجي رھيل پيپر جي تياريءَ ۾ لڳي ويو. ٿيسز جو ڪم بہ ڪندو رھيو. روز انڊيا آفيس لئبريري جا پنڌ بہ ڪرڻ لڳو. شام جو موٽندو ھو تہ اڪثر سريتا کي چوندو ھو تہ توکان سواءِ لنچ تي اڪيلو ٿو محسوس ڪريان. سريتا کيس وڏن وانگر نصيحت ڪندي ھئي. نيٺ انڊيا آفيس لئبريريءَ مان ڪم پورو ڪيائين. گھڻو خوش ھو. لنچ ٽائيم تي ئي موٽي آيو. سريتا کيس ڏسندي ئي پڇيو: "ماني کائڻ آيو آھين ڇا؟"

"معجزو ٿي ويو. ڪم مڪمل ڪري آيو آھيان."

"گُڊ!" سريتا چيو. ماني کائي ورتائون تہ کيس ھٿ ۾ ہہ خط ڏنائين. ھڪڙو انوپ جو ھو ۽ ٻيو خود سريتا جو ھو. ھُو سريتا کي سندس خط موٽائڻ لڳو. ھن پڙھڻ شروع ڪيو. خط انگريزيءَ ۾ لکيل ھو ۽ سريتا جي ماءُ لکيو ھو. خط ۾ سريتا کي چيو ويو ھو تہ جيڪو بہ قدم کڻڻ گھرين ٿي، بيشڪ کڻ. تنھنجي خوشيءَ ۾ اسان ٻئي خوش ٿينداسين.

"معجزو ٿيڻ وارو آھي ڇا؟" انوپ اڄاڻ بڻجي پڇيو. سريتا ڪنڌ لوڏي ھائوڪار ڪئي. "ھاڻي تون پنھنجو خط

کول." انوپ خط کولي پڙهڻ لڳو.

"پيارا انوپ،

"تنهنجو خط پهتو. سڀ توکي ڏاڍو ياد ڪن ٿا. ونود ۽ ڪوشليا جي ڳالهه پڪي ٿي ويئي آهي. ڪشور جي شادي آشا سان ٿي ويئي آهي. شري پات ڪندي جي پٽن جون شاديون ايندڙ هفتي ٽيڻ واريون آهن. اُميد آهي ته تون خوش هوندين ۽ محنت سان پڙهندو هوندين. اُرونا توکي ياد ڪري ٿي. ڪا مندمر ته پسند نه ڪئي اٿئي."

تنهنجي ماءُ.

"هيءَ ارونا وري ڪير آهي؟" سَريتا پڇيو. انوپ ڪيسي مان پرس ڪڍيو ۽ هڪڙي ننڍڙي ڇوڪريءَ جي تصوير ڪڍي ۽ چيائين: "اجهو هيءَ" پنجن سالن جي هڪ ٻارڙيءَ جو فوٽو ڏسي سَريتا ڪان ڪل نڪري ويئي. "منهنجي ڀائٽي آهي." انوپ چيو.

"هي ڀڳوان!"

"معجزو ٿي ويو نه!"

"معجزو ائين ٿيندو آهي. منهنجو ته ساهه نڪري ويو هو" سريتا چيو.

"جهڙي ڪرٽي تهڙي ڀرٽي."

"ڪيئن؟"

"هڪ ڀيرو تو به بيمار ٿي منهنجو ساهه ڪڍيو هو..." انوپ چيو. سريتا ڪيس چيڙيندي چيو: "اهڙا معجزا ڪڏهن ٿيندا آهن."

"ڏس ڏس."

"هاڻي ٻڌائي ڇا خيال آهي؟ منهنجي ممي ۽ پنهنجيءَ مميءَ جي خط جو تفاوت ڏس. سڄي بمبئيءَ جا نڪاح پڙهايا پيا آهن. تنهنجي معجزي جو ذڪر ڪونه آهي."

"ٿي ويندو آءُ به لکان نه! آءُ سچ پچ معجزو يعني ڪنگال آهيان. توکي ڪيئن خوش رکي سگهندس." انوپ چيو.

"آءُ خود ئي خوش رهنديس. تون رڳو معجزو ڪري ڏيکار." ائين چئي ڪيس هڪ ايئرو گرام ڏنائين ۽ خط لکڻ جو چئي هلي ويئي. انوپ همت ڪري پنهنجي ماءُ کي خط لکيو ۽ اُن ۾ شرمائيندي شرمائيندي دل جي ڳالهه لکي ڇڏيائين. خط پٽي لکيائين ته سامهون نُمبا پئي آيو. نُمبا هميشه پنهنجي انداز ۾ کيکاريندو هو ۽ انوپ کي ڏسي (معجزو) ضرور چوندو هو ۽ آگوٺو اُڀو ڪندو هو.

* * *

انوپ کي بمبئيءَ مان خط جي جواب ملڻ ۾ به هفتا لڳي ويا. نيٺ جواب آيو ۽ اُن کي پڙهي هُو خوش ٿي ويو. سڌو وڃي سَريتا وٽ پهتو. سندس ماءُ لکيو هو ته: "مائٽ اولاد جي خوشيءَ ۾ خوش ٿيندا آهن. اسين به تنهنجي خوشيءَ ۾ خوش آهيون. سَريتا جو فوٽو موڪل."

سريتا چيو: "فوٽو ڪونه موڪلبو."

"ڇو؟"

"رد ڪري ڇڏين ته پوءِ!" سريتا چيو.

"اهڙو ڪُفر جو ڪم ڪير ڪري سگهندو!"

"تون بہ فوٽو ڏي تہ مميءَ کي موڪليان ۽ جي اُهو رد ٿي ويو تہ ." سَرِيتا شرارت جي انداز ۾ چيو. انوپ جواب ڏنو "پوءِ تہ معجزو ٿي ويندو!" "هڪڙي اٽڪل آهي."

"ڪهڙي؟"

"دودي جو فوٽو ڏياري موڪليان." انوپ چيو.

"تہ پوءِ جيج بہ ڪراچيءَ کان ايندي." سريتا چيو. انوپ پنهنجي ڄاڙيءَ ۾ هٿ وجهي فخريہ انداز سان چيو: "هڙو معجزو ٻيو ڪو هوندو!"

بهرحال سريتا جو فوٽو بمبئيءَ موڪليو ويو ۽ سس کي پسند آيو، پر اتي فقط مالي ۽ سماجي حالات جي شڪايت هوندي هئي. خط مراٺي ٻوليءَ ۾ هوندا هئا، اُن ڪري لڪائڻ جون ڳالهيون انوپ لڪائي ويندو هو، سندس ماءُ خاص طور اهو لکندي هئي تہ: "اسين غريب آهيون، هڪ ٻئي جي ڇوڪريءَ سان شاديءَ جو خرچ برداشت ڪيئن ڪري سگهنداسين؟ سري لنڪا ڏي سفر جو خرچ ٻي وڏو مسئلو هو" نيٺ ڊجي ڊجي انوپ اُهو اظهار ڪيو.

"سائين! رڳو فوٽو پسند پيو تہ سڀ ڪجھ ٿيو." سريتا چيو "ٻي ڪنهن بہ ڳالھ جو فڪر نہ ڪرڻ کپي. معجزو ٿي ويندو."

"ڏس! شرمندو نہ ڪر." سريتا ڏانهن اشارو ڪندي "هڙي سانوري صورت ڪنهن جو هوش وڃائڻ لاءِ ڪافي نہ آهي."

"خوشامد"، سريتا چيو.

ڪئمپس تي ٻنهي پنهنجي پٽڙيءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ اهو تہ شادي واپسيءَ تي ڪولمبو ۾ ٿيندي. جيج بمبئيءَ کان ويندي.

سيئي دوست گهڻو خوش ٿيا. گل بهار تہ ڊونر ڪباب سان دعوت بہ ڪري ڇڏي، جنهن ۾ دودو، چنگ، مارٿا، ٽُمبا ۽ ڪي ٻيا دوست بہ شامل ٿيا. دودي مارٿا ڏانهن نهاري چيو: "گهيرو هاڻ تنگ ٿيندو پيو وڃي."

* * *

ٽئين سال ۾ پڙهايون ٿيون. سماجي ۽ سياسي ميڙ ٿيا ۽ پريت جا پيچ پختا ٿيندا ويا. هرڪو پنهنجو ڪم مڪمل ڪرڻ ۾ لڳو رهيو. دودو هڪ طرف پيار جي دنيا ۾ سرفراز هو تہ ٻئي طرف پنهنجي انسان دوستيءَ واري طبيعت سبب ممتاز هو. هن جي ٻي اطمينانيءَ ۾ بہ هڪ اطمينان نظر ايندو هو. ڊن پنهنجي طرفان سماجي ۽ سياسي ميدان ۾ هر طرح خدمت ڪئي هئي. هن هر موقعي تي سامراج جي ڪردار کي ننديو ٿي. هن جي مارٿا سان محبت بہ جڻ سندس سياسي سوچ جو هڪ حصو هئي. هو اڪثر مارٿا کي چوندو هو تہ آءٌ نٿو ڄاڻان تہ تون مون کي ايتري پرڪشش ڇو ٿي لڳين! اُن ۾ فقط صورت نہ آهي. صورت اندر بہ هڪ ٻيو شخص آهي، جيڪو ڏسڻ واري کي پاڻ ڏي ڇڪي ٿو.

"آءٌ خوبصورت نہ آهيان." مارٿا ڪلي پڇيو.

"بيشڪ خوبصورت بہ آهين پر تنهنجي ظاهري حسن کان سواءِ تو ۾ ڪو حسن ازل بہ آهي، جيڪو وڏيڪ مقناطيسي آهي." دودي چيو. هي اهڙو موضوع هو، جنهن تي دودو ڪيترو ئي ڳالهائي پئي سگهيو پر ڪيس ڊپ هو تہ سندس گفتگو مشرقي شاعري نہ ٿي وڃي.

هڪ ڏينهن هُن همت ڪري صاف لفظن ۾ مارٿ کي پنهنجي اندر جي ڳالھ چئي ڇڏي. رات جا اٺ ٿيا هئا. لنڊن هائوس جي پر واري وليم گڏ اِنف پارڪ ۾ هڪٻئي جي ويجهو وينا هئا. مارٿا مرڪي ڏانهس نهاريو ۽ چيائين:

"مون کي احساس آهي، تون منفرد ۽ وڻندڙ ماڻهو آهين. تنهنجن خيالن ني مون کي تو ڏانهن راغب ڪيو آهي. تنهنجو پيار آسمان وانگر وشال آهي. توسان ناتو جوڙڻ هڪ بهترين، دل واري ۽ سمارٽ ماڻهوءَ سان ناتو جوڙڻ ٿيندو. ايٿوپيا ۾، دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ ڏڪر پوي ته به دلگير تون ٿيندو آهين. فلسطين ۽ سريلنڪا ۾، بلڪ ڪٿي به ظلم ٿئي ته تون ملول ٿو ٿين. سنڌ ته تنهنجو وطن آهي. سنڌ ۾ ۱۹۸۳ع ۾ ان کان پوءِ جيڪي ڪجهه ٿئي پيو، تنهن جي باري ۾ تو هتي دوستن جو ضمير جاڳائي وڌو آهي. گل بهار ڏس! هو خالصتان تحريڪ جو حامي ٿي ڪري به دهشت گرديءَ کي ننديو ٿو. مون کي تنهنجو هر رايو قبول آهي، هر ڳالهه قبول آهي."

"سچ!"

"ها! آخري فيصلو ڪرڻ ۾ ڪجهه وقت لڳندو. وطن وارن کي به آگاهه ڪريان." مارٿا چيو. "ڪجهه مشرقي انداز به هجن نه!"

"بيشڪ بيشڪ" دودي خوش ٿي مارٿا ڏي نهاريو ۽ آسمان جو ٿورو مڃيندي چيائين: "اڄ کان هي سچ پچ گڊ انف پارڪ آهي." ٻئي مرڪندا هٿ هٿ ۾ ڏيئي ٻاهر نڪتا.

# يار ياڪي ٿيءُ اوطاقي

يونيورسٽي ڪئمپس تي، ڪلاس رومن ۾، لئبريريءَ ۾ ۽ هرهنڌ رونق هئي. هرڪو تيزيءَ ۾ هو، ڇو ڪجهه هفتن مان نڪريو پئي ويو. ڪن لاءِ امتحانن جا ڏينهن هئا. هر ڪنهن جو پنهنجو پروگرام هو. ڪٿي ٿيسز جي ٽائپنگ جو ڪم پئي ٿيو، ته ڪٿي پيپر پئي ٿيا. ڪٿي ٿيسز جي درستيءَ جو ڪم پئي هليو ته ڪٿي نتيجا به نڪري چڪا هئا. غرض ته اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز(SOAS) ۽ ٻين اسڪولن ۽ ادارن ۾ هميشه واري چهل پهل کان به وڌيڪ رونق هئي. گل بهار سنگهه جي نتيجي جو اعلان ٿي چڪو هو. هن کي ايم . اي. جي ڊگري ملي چڪي هئي. هُو دوستن کان موڪلائڻ ۾ پورو هو. جتي به ويو ٿي، اُتان روئي پئي آيو. اڳلو روئي نه روئي، جذباتي ٿئي نه ٿئي، گل بهار سنگهه روئڻ ۾ سڌڪا پرڻ ۾ تيز. هڪ ڀيري دودي چرچو ڪندي ڪيس چيو هو: "سَتونت ڪور کي ياد ڪوڻ ڪندو آهين."

"ڪهڙي ستونت ڪور؟"

"ڪا هجي ڪٿي." دودي چيو. گل بهار ٺهڪ ڏيندي چيو هو: "ڪا ته هوندي. ستونت نه هوندي ته سُر جيت ڪور هوندي."

لنڊن مان موڪلائڻ وقت به هُن جو برو حال هو. سريتا ۽ انوپ کي هڪ ئي وقت ڀاڪر ۾ ڀري چوڻ لڳو: "سُنا چوڪرا ٿي رهجو. بابي جي آشيرواد اوهان سان آهي." ڪنهن جي ڪجهه چوڻ کان اڳ ۾ چيائين: "ڪو به ايئرپورٽ تي نه هلندو."

"هڪڙو ماڻهو." دودي چيو.

"نه!"

"ها!"

"اڙي منهنجا ڀيءُ! چو تو هيٿرُو ايئرپورٽ جو دشمن ٿين. آءُ ٻڌايانءِ ٿو ته آءُ ايئرپورٽ تي ڪن ڪندوسانءِ."

چنگ لِنگ کُو وڃي بڇي هئي. اُها وانگ جي بي وفائيءَ سبب پهرين تہ چڱي صدمي جي اثر هيٺ هئي، پر دودي ۽ ٻين دوستن جي دلداريءَ جي ڪري اِهو اثر گهٽجي ويو هوس ۽ ڪم جي گهڻائيءَ پر ڏک دٻجي ويو هو.

هڪ ڏينهن دودي کي چيائين تہ جڏهن وزير اعظم چو. اين لائي گذاري ويو هو تہ چينرمن مائو عوام کي چيو هو تہ ڏک کي قُوت پر بدلائڻ کپي.

پوءِ چِنگ خود پنهنجي ڏک کي قوت پر بدلايو ۽ هوءَ ڪم پر جنبي وينئي ۽ ايم .اي جي ڊگري هٿ پر وٺي، چِنگ بہ هڪ ڏينهن بي چِنگ رواني ٿي ويئي.

* * *

دودي ۽ مارٿا جي لنڊن مان روانگي چند ڏينهن پر ٿيڻي هئي. هڪ ڏينهن مارٿا کي چيائين: "مون کي شعرن جو ايترو شوق آهي، جو آءٌ اڪثر شعرن جي دنيا جو باسي ٿي ويو آهيان. اڄ هڪ شعر ٻڌو اٿم، ڪنهن هندوستاني سنڌي شاعر جو آهي. تون ڄاڻين ٿي تہ اسان جا سنڌي هڪڙا هندوستاني چو آهن."

ها توکي شعر ٿي ٻڌايم:

منهنجي دل آهِ سراءِ سُورن جي،
بي اُجهن لاءِ مان اُجهو آهيان.

دودي جي پنهنجي دل بہ سورن جي سراءِ هئي. هن جو ماضي، هن جو لنڊن وارو دؤر، قربتون ۽ فاصلا. هڪڙا تعلق اُهي، جي پنهنجي وطن پر هئا. هڪڙيون جدايون اُهي هيون، جن جي زخمن تي لنڊن جي دوستن گل بهار، انوپ، سريتا ۽ چنگ پها رکيا هئا. مارٿا تہ اُن زخم کي ڇُٽائڻ لاءِ اڻ ڄاڻائيءَ پر جيڪو ڪيو، سو دودي جي زندگيءَ پر تمام اهم هو. هن گهُريو ٿي تہ مارٿا کي پنهنجي ماضيءَ کان واقف ڪري شعر ٻڌائڻ بہ اُن سلسلي جي ڪڙي هئي.

"ڇا شعر حقيقت بيان ڪري سگهن ٿا؟"

"ها." مارٿا چيو "آءٌ تنهنجي ٻڌايل شعرن مان هڪ طويل ۽ پُر درد ڪهاڻي بہ مرتب ڪري چڪي آهيان." اِهو ٻڌي دودو حيران ٿي ويو تہ انين ڪيئن ٿو ٿي سگهي. هُن پنهنجي ماضيءَ جي داستان جو درد ڀريو حصو ياد ڪرڻ بہ نہ ٿي گهُريو. پر چرچو ڪري ڪٿي پڇيائين: "تورو اُن ڪهاڻيءَ مان ٻڌي سگهون ٿا؟"

"ها! ڇو نہ! هڪ خوبصورت ڇوڪري هئي. هوءَ سنڌ جي هڪ شهر پر رهندي هئي. پنهنجي ضد ۽ وفا جي ڪري مثالي هئي." مارٿا چيو.

"توکي ڪيئن خبر پئي تہ ڪا ڇوڪري هئي؟ هاڻي موجود ڪونهي ۽ شهر جي رهاڪو هئي. تيون تہ مثالي بہ هئي." دودي پڇيو.

"زنده هجي ها تہ تو جهڙو ماڻهو هن جي خيال کان اِن حد تائين بہ پاڻ کي آزاد ڪري نہ سگهي ها. باقي بہ ڳالهيون مون تنهنجن ڳالهين مان معلوم ڪيون آهن. انسان جڏهن مختلف شعرن جا نالا وٺي ٿو تہ ڪنهن شهر جو نالو ڪجهہ اهڙي انداز سان وٺي ٿو جو لهجي جي نرمي ۽ چهري جا ڀاوَ اِهو راز کولي وجهن ٿا. باقي رهيو مثالي ۽ ضدي هجڻ وارو معاملو تہ هڪ جهڙا پکي ئي گڏ اُڏامندا آهن."

"ڪبوتر سان ڪبوتر - "

"ها." مارٿا چيو.

"اِن جو مطلب اِهو ٿيو تہ هاڻي اسان ٻنهي کي بہ هڪ ئي اُڏام پر هلڻو آهي. ڊگريون سياڻي ملنديون. هڪ

فيصلي تي پهچڻ کپي." دودي چيو.

"بس! پهچي وڃ." مارٿا چيو. "مون کي احساس آهي تہ تون ستايل ڏرتيءَ جو هڪ دلبر دودو آهين. مون فيصلو ڪيو آهي تہ اڄ تون جيئن چوندين تيئن ٿيندو."

"تہ پوءِ ڪڍان پاسپورٽ."

"ڪڍ پاسپورٽ." مارٿا هٿ وڌائيندي چيو. دودي اُٿي بئگ مان پاسپورٽ ڪڍي هُن جي هٿ تي رکيو ۽ ٻئي اُٿي هالنڊ جي سفارت خاني روانا ٿيا.

ويزا - ٽڪيٽ، ڪي ايل ايم -

انمسٽرڊم - هارلم!

* * *



# ادبي خط

## ضميري پڇاڙيون...

مهراڻ ١-١٩٩٤/٢/٢ع ۾ اوهان جو خط ڪلهه مون کي مليا آهن. مهربانيون.

محبت برڙي جو مضمون پڙهي مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي جو اسان جي نوجوانن ۾ تجسس آهي، تمنا آهي، ڳولها آهي، سوچ ۽ فڪر آهي. وڏي ڳالهه ته ايتري همت آهي جو هڙي خشڪ موضوع تي ويهي سوچيو اٿس ويچاريو اٿس، ۽ ست صفحن جو هڪڙو عالماڻو موضوع لکيو اٿس. ان ڪان به وڏي ڳالهه ته جيئن سندس سوچ ۽ تحقيق ڪيس هڪڙي نئين ڳالهه سمجهائي آهي ته سندس انقلابي روح ۾ اهڙي تڙپ آهي جو تيار ٿي ويو آهي ته ماڻهن کي ٻڌائي ته هيترو وقت جيڪو اوهان کي عالمن پني پڙهايو ۽ اوهان جيڪي پني ڳالهايو سو غلط پني ڳالهايو. هاڻي اسين ٿا اوهان کي سنڌي ٻولي نئين سنئين سيکاريون ته قاعدي موجب ڇا ڇئبو ۽ غلط کي درست ڪرڻ جي واٽ به ڏيکاري ڇڏي اٿس. آءٌ جيڪي هتي عرض ڪندس تنهن مان منهنجو مقصد هرگز اهو ناهي ته محبت صاحب جي همت کي ٽوڙجي. آءٌ وري به چوندس ته اهڙي همت ۽ اهڙي صلاحيت وارا نوجوان ته اسان کي گهرجن. مضمون ۾ تمام سٺيون سٺيون ۽ چرڪائيندڙ ڳالهيون ڪيون اٿس، انهن جي جيتري همت افزائي ڪجي اوتري گهٽ آهي. پر اهو به ضروري آهي ته دگ ڏنل نه هجي ته ماڻهو پڇا ڪري. پڇڻا نه منجهڻا. جنهن ڳالهه تان محبت صاحب مضمون جي شروع ۾ چرڪيو آهي ۽ پنهنجي جملي "اسين توهان وٽ نيڪ شام جو ڇهين وڳي پهچنداسون" کي غلط سمجهي پوءِ سڄي تحقيق ڪئي اٿس ۽ مضمون جي آخر ۾ پنهنجي شڪ کي پڪ جي صورت ۾ بدلائي اصرار ڪيو اٿس ته اهو جملو اڄ ته نهيو سدائين کان غلط هو ۽ آهي ۽ ان جون صحيح صورتون ٿي ٿينديون:

يا ته چئبو "توهان وٽ... پهچنداسون."

يا ته چئبو "اسين ... پهچندا."

يا چئبو "شام جو ڇهين وڳي پهچنداسونَ."

باقي رهي صورت "اسين توهان وٽ ... پهچنداسون." سا غلط آهي.

محبت اهڙي انقلابي نتيجي تي ڪيئن پهتو آهي، ان جو ارتقاء اسان کي هنن نقطن مان ڏسڻ ۾ ٿو اچي:

١. صفحي ٢٢٨ تي چوي ٿو ته صحيح صورت ٿيندي "مان توڏانهن لکندو" يا (توڏانهن لکندس)، "پر مان توڏانهن لکندس" غلط ٿيندو.

٢. صفحي ٢٣١-٢٣٠ تي چوي ٿو ته زمان حال متشڪي واري صحيح صورت ٿيندي "آءٌ لکندو هوندو" يا (لکندو هوندس)، پر "آءٌ لکندو هوندس" غلط ٿيندو.

٣. صفحي ٢٣١ تي زمان مستقبل استمراري جي صحيح صورت ٿيندي "مان لکندو پيو" يا (لکندس پيو)، پر "مان لکندس پيو" غلط ٿيندو.

محبت صاحب چوي ٿو ته "ضمير (ضمير پڇاڙيءَ جي صورت ۾) هوندي به ساڳيو فاعل وڌيڪ، بيو پيرو آڻڻ سبب هڪ وڏي غلطي ڪندا رهيا آهيون. سنڌي ٻوليءَ کي اهڙين غلطين سان رڃائي 'مالا مال' ڪري ڇڏيو اٿون. ڇا اهڙين غلطين کي درست ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن درست ڪرڻو ۽ رکڻو آهي ۽ وڌيڪ بگاڙي کان بچڻو آهي ته اسان کي وسيع ذهن رکي، مستقل مزاجيءَ سان اهو ڪم ڪرڻو پوندو..."

(مٿيان اٺئي جملا صحيح آهن، هيٺيان ٻئي غلط آهن.)
٩. تون ... ڪڏهن لکندي؟ صحيح نہ ٿيندو.
١٠. تون عزيز کي ڪڏهن لکنديئنس؟ بہ صحيح نہ ٿيندو.
ڏسو محبت جو مضمون ص ٢٢٩. ڇهريان ڇهہ طريقا صحيح آهن، آخري بہ طريقا غلط آهن.
١. اسين توڏانهن لکنداسون.
٢. ... تو ڏانهن لکنداسون.
٣. اسين ڏانهنئن لکنداسون
٤. ... ڏانهنئن لکنداسون.
٥. اسين ... لکنداسونئن.
٦. ... .... لکنداسونئن.
(مٿيان ڇهہ ئي جملا صحيح آهن، پر هيٺيان ٻئي جملا غلط آهن.)
٧. اسين توڏانهن لکندا. (غلط آهي)
٨. اسين توڏانهن لکنداسونئن. (غلط آهي.)

"آئون لکندو هوندو" (ص ٢٣٠) غلط آهي. "آئون لکندو هوندس" ئي صحيح آهي، جيئن پڙهايو وجي ٿو، جنهن کي محبت صاحب غلط سمجهيو آهي...

"مان لکندو پيو" (ص ٢٣١) غلط آهي. "مان لکندس پيو" ئي صحيح آهي، جنهن کي محبت صاحب غلط سمجهيو آهي.

"توهان لکندي پئي" غلط آهي "۽ تون لکنديئن پئي" ۽ "لکنديئن پئي" ٻيئي صحيح آهن. "آئون آيس" صحيح آهي. "آيس" ۽ "ڏاڏس" جي سينن جا الڳ الڳ ڪارج آهن. ڇهرين لفظ ۾ سين فعل جي ڇويان لڳي آهي ۽ معني جي لحاظ کان ضمير واحد متڪلم ڏانهن اشارو ٿي ڪري (يعني آئون آيس) ٻئي لفظ ۾ جيڪا سين آهي، سا اسم جي ڇويان لڳي آهي ۽ ضمير واحد غائب ڏانهن اشارو ٿي ڪري (يعني هن جو ڏاڏو).

مون کي وري بہ اجازت ڏيو تہ آءٌ محبت جي هن ڪارنامي جي ساراهہ ڪريان. انهيءَ ڪري جو اها وڏي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو اسان جي نوجوانن ۾ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي روايتن کي اکيون ڇوري قبول ڪرڻ بدران ڀاڻ سوچين ٿا، ويچارين ٿا ۽ هڪڙو درد ۽ هڪڙو جذبو رکن ٿا. نہ رڳو ايترو پر محبت وڏي محنت ڪئي آهي ۽ سوچيو اٿس، ويچاريو اٿس ۽ تمام وڏي محنت ڪري ڪن نتيجن تي ڇهتو آهي. محبت جون اهي سڀ ڳالهيون اسان کان ان ڳالهہ جي تقاضا ڪن ٿيون تہ اسان اهڙن ماڻهن جي همت افزائي ڪريون. اهڙن ماڻهن کي تحقيق جون وڌيڪ سهوليتون مهيا ٿي ملڻ کپن، جيئن اڳتي هلي اهڙا ماڻهو اسان جي ٻولي ۽ ادب لاءِ وڌيڪ ڪارائتا ٿي سگهن. هن املهہ ماڻڪ کي ڪاريگر جوهرين جي هٿان گهڙاوت جي ضرورت آهي.

محمد عمر چنڊ
بروناني، دارالسلام

# "ترائيل" تي پهريون ڪتاب

محترم ايڊيٽر ٺاهي "مهراڻ"

اوهان جي موقر رسالي ۾ شيخ اياز هيءَ دعويٰ ڪئي آهي ته:

"پوري دنيا جي شاعريءَ ۾ فقط ترائيل جو ڪوئي ڪتاب نه آهي. فرانس، جو ان صنف جو وطن آهي، ان ۾ به نه آهي. مون نه رڳو ترائيل جو پورو ڪتاب "چنڊ - ڳليون" جي نالي سان اچي پورو ڪيو آهي، پر ترائيل جي هيئت ۾ به تجربا ڪيا آهي ..." ش.١٠" (مهراڻ نمبر ٣ ۽ ٤ سال ١٩٩٣ع، ص ٩)

منهنجي خيال ۾ ڪنهن به صنف ۾ تجربا ڪرڻ ڪا نرالي ۽ انوکي ڳالهه ڪانهي، پر تجربا وري اهڙو ماڻهو ٺو ڪري جنهن پنهنجي ڪتاب جو نالو يا عنوان رکيو آهي "چنڊ - ڳليون" ، جيڪو معنوي لحاظ کان موجوده صورت ۾ غلط نالو آهي. ڇاڪاڻ جو چنڊ کو ڳوٺ، پاڙو يا شهر ڪونهي، جنهن ۾ ڪي ڳليون هجن، جن ڪي "چنڊ - ڳليون" چيو ويو هجي. البت ان نالي سان اهڙو ڪو وضاحتي بيت هجي ها جو ان عنوان جي وضاحت ڪري ها ته به ڪا ڳالهه جڙي ها. هتي ته مڙئي پوئنو لڳو پيو آهي ۽ اٿين پيو پاسي ته ناڻ؛ چڙهي شاعر لاءِ شايد سڀ ڪجهه روا آهي، حالانڪ ادبي دنيا ۾ اها ڳالهه جائز ڪانهي.

ٻي ڳالهه ته شيخ اياز ئي اهو شاعر آهي جنهن پوري دنيا جي شاعريءَ ۾ فقط "ترائيل" تي هي پهريون ڪتاب لکيو آهي! ائين آهي ته هر ڪنهن ڪم/ صنف جي ڪونه ڪو شخص شروعات ڪندو آهي، پر هتي شيخ اياز جيڪا دعويٰ ڪئي آهي سا صحيح ڪانه ٿي نظر اچي. ڇاڪاڻ جو هن کان اڳ هڪ سنڌي شاعر "هريڪانت" فقط ترائيل تي پورو ڪتاب لکي ڇڪو آهي، جنهن جو عنوان آهي "پرهه کان پهرين" ، جيڪو آگسٽ ١٩٦١ع ۾، سنڌو پبليڪيشن، نئين دهليءَ وارن ڇاپائي پڌرو ڪيو هو. اهڙي ڳالهه جي نشاندهي خود مهراڻ نمبر ١-١٩٩٤/٢ع ۾ هريڪانت جي ديهانت جي خبر ڏيندي پڻ ڪئي ويئي آهي. اهڙيءَ صورت ۾ شيخ اياز جي مٿينءَ دعويٰ صحيح ڪانهي.

عبدالقيوم "صائب"
حيدرآباد سنڌ.

# تبصرا

## ڏرتي سارو ديس

عبرت گروپ آف پبليڪشنس پاران ڇونڊ سفرنامن جو ڪتاب "ڏرتي سارو ديس" منظر عام تي آيو آهي. هي سفرناما نوجوان شاعر ۽ نثر نويس نصير مرزا جا ترتيب ڏنل آهن. نصير مرزا تخليقي انداز فڪر رکندڙ اهو حساس شاعر آهي، جنهن ڪوتاڪيتر ۾ پنهنجي پاڻ کي مڃائڻ سان گڏ پنهنجي سڃاڻپ هڪ سٺي نثر نويس جي حيثيت ۾ به ڪرائي آهي، جنهن جو بهترين مثال سندس سفرنامو "سفر من اندر" آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ پنهنجي ريڊيائي مصروفيتن ۽ دوستين نڀائڻ جي چڪر ۾ سندس رابطو تخليقي ادب کان ڪٽجي ويو هو، سواءِ چند مهاڳن جي، جيڪي هن مختلف ڪتابن لاءِ لکيا. پر ١٩٩٤ع کان تخليقي ادب جي دنيا ۾ سندس واپسي هڪ سٺو اهڃاڻ آهي، جنهن ۾ هن جا شعر ڇپجڻ شروع ٿيا آهن ۽ ڪجهه سفرناما ۽ دائرين جا ورق به هو باقاعدگيءَ سان لکڻ لڳو آهي.

نصير کي سفرنامن سان هميشه کان دلچسپي رهي آهي. سندس چوائي ته "جيڪڏهن منهنجو وس پڄي ۽ زندگي مون کي مهلت مهيا ڪري ڏئي ته هوند رڳو پينگهي ۾ لڏان ۽ سفرناما پڙهي بنان ٽڪيٽ وينو دنيا جا شيل شڪار ڪريان."

اهوئي سبب آهي ته هن جڏهن ڇونڊ سفرناما ڇپرائڻ جي ڳالهه ڪئي ته مون سوچيو ته خبر نه آهي ته پڙهندڙن پاران ان ڪتاب کي سٺو ريسپانس ملي سگهندو الاءِ نه. پر جڏهن نصير مون کي ڇونڊ سفرنامن جي سليڪشن هٿ ۾ ڏيندي چيو ته ٿورو پڙهي راءِ ڏجو ته ريڊيو تي ويني ويني مون ڪافي ورق اٿلائي سفرنامن جو مطالعو ڪري ورتو. سفرنامن جي سٺي ڇونڊ تي مون نصير کي دل ئي دل ۾ داد ڏنو ۽ سفرنامن جي ان منفرد ڪتاب جي ڇپرائيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳس.

"ڏرتي سارو ديس" ۾ مواد جي ڇونڊ نصير ڏاڍيءَ خوبصورتيءَ سان ڪئي آهي. اها تعريف مون تي رڳو فرض ادا لاءِ واجب نه آهي، پر جڏهن به اسان جي سامهون ڪنهن جي سٺي ڪوشش اچي ته اسان کي ساراهڻ ۾ ڪنجوسي نه ڪرڻ گهرجي. نصير سفرنامن جي ڇونڊ ڪرڻ وقت مرزا قليچ بيگ، سيد ميران محمد شاهه، قاضي عبدالمجيد عابد جا نالا سامهون رکي، سفرنامن جي شروعاتي دور کان وٺي ويندي اڄ تائين جي سفر نامن لکندڙن، جنهن ۾ شيخ اياز، غلام رباني آگرو، تنوير عباسي، آغا سليم، ماهتاب محبوب، الطاف شيخ، عنايت بلوچ،هدايت پريم، خيرالنساءِ جعفري، فقير محمد لاشاري، طارق عالم، اشتياق انصاري، حسن مجتبيٰ، عبدالحئي پليجو شامل آهن، جو مواد ڇونڊيو آهي.

ڇونڊ ڪرڻ وقت نصير هن ڪتاب ۾ اهي سفرناما شامل ڪيا آهن، جن ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي ملڪن جي باري ۾ "وڏ کان وڏ ڄاڻ" شامل آهي ۽ جنهن ۾ سفرناما لکندڙن اُتان جي ڪلچر کان ويندي رومانس تائين پنهنجي لکڻين

سان انصاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن عنايت بلوچ ۽ آغا سليم جي سفرنامن ۾ Subjectivity جو touch سنو ٿو لڳي: هلڪي رومانٽڪ انداز ۾ واقعن جو اختتام دل تي هڪ گهرو اثر ڇڏي ٿو.

اسان وٽ جيڪي سفرناما لکيا ويا آهن، انهن ۾ اهڙا نالا گهٽ آهن جن ڪي ذاتي طور تي سياحت سان گهڻي دلچسپي هجي ۽ جيڪي خاص سياحت خاطر ملڪ کان ٻاهر ويا هجن. تنوير عباسي ۽ طارق عالم علاج خاطر ملڪ کان ٻاهر ويا هئا. ان ڏس ۾ تنوير عباسي جو پهريون سفرنامو انداز بيان جي خيال کان معلومات ڏيندڙ ۽ انتهائي دلچسپ آهي. ساڳي دلچسپيءَ جو عنصر طارق عالم جي سفرنامي ۾ اول کان آخر تائين ملي ٿو.

سفرنامن جي دنيا ۾ الطاف شيخ جو نالو قابل ذڪر آهي، جنهن سنڌيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ سفرناما لکيا آهن. ان کان پوءِ اشتياق انصاريءَ جو نالو اچي ٿو، جنهن پاڪستان ۽ پاڪستان کان ٻاهر سياحت جي غرض سان ڪيترائي ڏنا آهن ۽ سفرنامن کي قلمبند ڪيو آهي. ان کان سواءِ ٻيا جيڪي ٻه سفرناما لکندڙ آهن، پنهنجي ڪنهن ذاتي ڪم سان يا ڪنهن ادبي سڏ تي يا پنهنجي پروفيشن جي حوالي سان ملڪ کان ٻاهر ويا آهن، ۽ واپس اچي هنن پنهنجن تجربن ۽ مشاهدن کي پڙهندڙن سان شيئر ڪيو آهي، جنهن جي لاءِ پڙهندڙ سندن يقيناً بيحد ٿورائتا آهن.

اسان وٽ سير وسياحت ڏانهن لاڙو گهٽ رهيو آهي. اسان وٽ همراهه دادوءَ کان ڪراچيءَ تائين ويندو آهي ته ڪيس پرديس لڳندو آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ هي ڪتاب يقيناً پڙهندڙن لاءِ وڏي اتساهه جو ڪارڻ بڻبو. خاص ڪري انهن ماڻهن لاءِ، جن پنهنجو ملڪ به چڱيءَ طرح سان نه ڏٺو آهي. اها هڪ Motivation آهي ته پنهنجو ملڪ ڏسو، دنيا جي مختلف تهذيبن کي ويجهي کان ڏسو پوءِ پڙهندڙ سان پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا شيئر ڪيو. ان ڏس ۾ مون کي انگريز پروفيسر جين ٿي ياد اچي، جيڪا عام زندگيءَ ۾ انتهائي ساده لباس پائيندي هئي ۽ انتهائي سادگيءَ سان رهي پئسا بچائيندي هئي ۽ موڪلن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ڏانهن نڪري ويندي هئي. اِتي مون کي نصير جي مهاڳ جا هي لفظ ٿا ياد پون، جنهن ۾ هن پنهنجي من پسند ليکڪا قرةالعين حيدر جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته "قرةالعين چواڻي ته انسان صرف هڪ دفعو ئي ڌرتيءَ تي ايندو آهي ۽ پوءِ ختم ٿي ويندو آهي، جو زندگي صرف هڪ دفعو ئي زندهه رهڻ لاءِ ملندي آهي. ماڻهو مري ويندو آهي ۽ پوءِ ڪڏهن به هن دنيا کي نه ڏسي سگهندو آهي."

هن ڪتاب ۾ "سنڌي ساهت ۾ سفرنامن جي اوسر" نالي ولي رام ولڀ جو انتهائي مفيد ۽ معلوماتي مقالو شامل آهي، جنهن ۾ هن سفرنامي جي ارتقائي منزلن کان گذرندي موجوده دور جي جديد سفرنامي تائين جي سفر کي مختصر ۽ پراثر انداز سان بيان ڪيو آهي. سندس اها محنت ۽ ڪوشش ساراهڻ جوڳي آهي. مون نصير کي صلاح ڏني هئي ته هو چونڊ سفرنامن ۾ پنهنجو سفرنامو به شامل ڪري، پر نصير ڪسرنفسي کان ڪم وٺندي پنهنجو سفرنامو ان چونڊ سفرنامن ۾ شامل نه ڪيو.

نصير چواڻي ته گوتم ٻڌ جي جاتڪ ڪٿائن ۾ به لکيل آهي ته "اکيون بي وفا هونديون آهن. انهن کي جيڪو ڏيکارڻو آهي، هن جنم ۾ ئي ڏيکاري ڇڏيو." شايد تڏهن ئي نصير منفرد ۽ خوبصورت سفرنامن جي چونڊ ڪري پڙهندڙن جي تصور کي Rich ڪرڻ خاطر سندن اکين کي اُهي منظر ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي اڄ تائين سندن نظرن کان اوجهل هئا.

"ڌرتي سارو ديس"، عبرت بوڪ ڪلب جي ڪتاب نمبر ۴ طور شايع ڪيو ويو آهي، جنهن جي سٽاءَ تاج جويو ۽ زيب سنڌي جي ذمي رهي آهي. هن ڪتاب جا صفحا ۲۷۰ آهن ۽ ان جي قيمت پنجاهه رپيا (سادي ڪاپي ۲۵ رپيا) رکيل آهي. ڪتاب جي وڻندڙ ٽائيٽل، ان جي معيار ۾ واڌارو ڪيو آهي.

- شبنم گُل

## سرها ساهہ پرينءَ جا

اسان جي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ بي.اي آنرس يا ايم. اي ادب ۾ ڪرڻ لاءِ اچڻ وارن شاگردن جي اڪثريت گهڻو ڪري مجبوريءَ سبب، ٻين ڊپارٽمينٽس ۾ داخلا نہ ٿي سگهڻ جي ڪري ايندي آهي، ان ڪري شروعاتي ڪلاسن ۾ هو ادب جي الف کان بہ اڻڄاڻ هوندا آهن. لکڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، هنن مان گهڻن جو تہ ڪورس جي ڪتابن کان سواءِ ڪڏهن ڪو هڪڙو صفحو بہ پڙهيل ڪونہ هوندو آهي. ڪو شعر، ڪا ڪهاڻي يا ڪو ناول پڙهيل هجڻ تہ تمام وڏي ۽ انوکي ڳالهہ سمجهبي.

اهڙي ماحول ۾ جڏهن ڪو شاگرد ادب جي ساڃاهہ هجڻ سان گڏوگڏ هم عمر ادبي ماحول سان مانوس هجڻ جو تاثر ڏيندو آهي تہ ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪلاس ۾ هڪ کان وڌيڪ اهڙا شاگرد هوندا آهن تہ سچ تہ ڪلاس ۾ پڙهائڻ جو مزو اچي ويندو آهي. استاد کي بہ جڏهن خالي چهرن بدران دلچسپي وٺندڙ شاگرد ملندا آهن تہ ان مان پنهنجي طرفان ڪين مڪمل ڄاڻ ڏيڻ لاءِ اتساهہ حاصل ڪندو آهي. طارق عزيز شيخ جو ڪلاس بہ اهڙوئي هڪ ڪلاس هوندو آهي، جنهن ۾ پڙهائي آءٌ ذهني تسڪين محسوس ڪندي آهيان ۽ جڏهن خبر پيم تہ طارق هڪ ليکڪ بہ آهي تہ خوش ٿيس. هن جو ڇپيل ڪتاب "سرها ساهہ پرينءَ جا" پهريون ڪتاب آهي ۽ پاڻ بہ اجا ننڍڙو آهي، اميد تہ اجا گهڻو لکندو. ڊائري لکڻ ڪا اهڙي حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ ڪانهي ڇو تہ اڪثر ماڻهو ڊائري لکندا آهن، ها پر حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ اها آهي تہ ڇپائي وڃي ۽ بنا ڪنهن ايڊيٽنگ جي ڇپائي وڃي! اها ڏاڍي همت جي بہ ڳالهہ آهي.

منافقين جي هن دور ۾ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي دنيا آڏو فرشتو ڪري پيش ڪندا آهن، پنهنجي اندر جي احساسن ۽ جذبن کي ٻين کان لڪائي رکندا آهن ۽ محبت جي معاملي ۾ تہ بنهہ اظهار ڪونہ ڪندا آهن، پر طارق جو هي ڪتاب آهي ئي سندس "اندر جي آرسي." سندس سڀ جذبا ۽ احساس ان ۾ ڇتا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن ۾ سندس اندر جو حساس ۽ سچو انسان پڌرو آهي ۽ انهن سيني جذبن مٿان حاوي آهي. سندس پنهنجو پيار ڪنهن هڪ هستيءَ سان، جنهن کي هو اندر جي اونهاين مان چاهيندو نظر اچي ٿو ۽ هن سان جهيڙا ۽ ميڙا، رسڻ ۽ پرچڻ، ملڻ ۽ وڇڙڻ ئي سندس موضوع آهن.

عام سماجي اخلاقي معيارن موجب جيڪر اهڙن نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي اهڙي نموني سان پنهنجي پيار ۾ گم ٿيڻ تان منع ڪجي ۽ چئجي تہ "بابا هيءَ تنهنجي پڙهڻ لکڻ ۽ ڪيريئر ناهڻ جي عمر آهي. هن عمر جي تخليقي قوتن کي پنهنجو مستقبل سنوارڻ لاءِ ڪتب آڻڻ گهرجي." پر طارق جهڙي هڪ سڄاڻ ۽ محنتي نوجوان کي ايئن بہ نٿو چئي سگهجي، جو هو پنهنجي پڙهائيءَ ۾ سيريس آهي ۽ جنهن کي پنهنجو "مستقبل" سمجهي ٿو، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ مستقبل جي ڪيريئر کي بهتر هجڻ گهرجي، ان ڳالهہ جي بہ ڄاڻ رکي ٿو. هن انهيءَ هڪ انسان جي محبت کي ٻين انسانن سان محبت کان ڌار ڪونہ ڪيو آهي. هو فٽ پاٿن تي سمهندڙ غريبن جو احساس بہ رکي ٿو تہ ڪچري جي ڍبن مان مانيءَ ٽڪر ڳولي کائيندڙ معصوم ٻارن جي لاءِ بہ دل ۾ درد محسوس ڪري ٿو تہ سماج جي ڏاڍاين جو شڪار مظلوم عورتن سان پڻ همدردي محسوس ڪري ٿو. هن لاءِ ڊائري يا ڪهاڻيءَ جو ميڊيم صرف هڪ ذريعو آهي، وسيلو آهي. ڪڏهن ڊائريءَ ۾ ٿو اندر اوتي تہ ڪڏهن ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي دل جا جذبا ٿو ظاهر ڪري.

طارق جو انداز بلڪل سندس ٿهيءَ جي نمائندگي ڪري ٿو. هو تمام داخلي ۽ Subjective انداز ۾ لکي

ٿو. هن تي خارجي ماحول، ان ۾ ٿيندڙ واقعا ۽ وارداتون اينترو تہ گهرو اثر ڪن ٿيون جو انهن جي رد عمل ۾ پيدا ٿيندڙ سندس داخلي ڪيفيتون لفظن جو روپ وٺي نروار ٿين ٿيون تہ ان ۾ هو مڪمل طرح سان Involve نظر اچي ٿو.

هن ڪتاب ۾ تمام گهڻين خوبين سان گڏ ڪي خاميون بہ آهن (ڇپائيءَ ۽ پروف جي خامين جو ليکڪ سان واسطو ڪونهي)، پر ٻوليءَ جون ڪي خاميون آهن ۽ لفظن يا جملن جي استعمال ۾ ڪٿي ڪٿي هن کان ڪي غلطيون ٿيون آهن. جن ڪي احساس ڏيارڻ سان آسانيءَ سان دور ڪري سگهيو ٿي، پر لڳي ائين ٿو تہ ڪتاب ڇپرائڻ کان اڳ هن ان کي ڪنهن وڏي يا تجربيڪار ماڻهوءَ جي نظر مان گذارڻ ضروري ڪونہ سمجهيو آهي. بهرحال ليکڪ جو پهريون ڪتاب هئڻ ڪري چئني سگهجي ٿو تہ وقت سان هو اهڙين خامين تي قابو پائي وٺندو ۽ سنڌي ادب جي ميدان ۾ رکيل سندس قدم پختا ٿيندا ۽ هُو نوجوان ليکڪن ۾ هڪ سٺو اضافو ثابت ٿيندو. هو تہ خوش نصيب آهي جو هن جي گهر ۾ ادبي ماحول آهي ۽ هو پنهنجي وڏن، پڦي ۽ ماءُ پيءُ کان تمام گهڻي رهنمائي حاصل ڪري سگهي ٿو، پر لڳي ائين ٿو تہ هن پنهنجي والد کي بہ پنهنجو ڪتاب ڇپجڻ کان اڳي ڪونہ ڏيکاريو آهي، نہ تہ اهي ننڍڙيون غلطيون نہ هجن ها. منهنجي خيال ۾ تہ طارق وٽ لکڻ جي تمام سگهاري ڏات موجود آهي، وٽس گهرو جذبو بہ آهي ۽ خيال بہ اوچا اٿس، هو هڪ ڏينهن سنڌي ادبي کيتر جو وڏو نالو بڻجي ويندو ۽ سندس انهيءَ ڪاميابيءَ تي خوش ٿيڻ وارن ۾ هڪ استاد جي حيثيت ۾ آءٌ بہ هڪ هوندس، جو چوندا آهن تہ ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪاميابيءَ تي ۽ ترقيءَ تي خوش ٿيڻ وارن ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ کان سواءِ صرف هڪ ٻي هستي هوندي آهي، جيڪا هڪ استاد جي هستي هوندي آهي.

هي ڪتاب باک پبليڪيشن حيدرآباد شايع ڪيو آهي، جنهن جو سرورق وڻندڙ آهي. سفيد ڪاغذ تي ڊيمي سائيز ۾ ڇپيل هن ڪتاب جا ١٣٦ صفحا آهن ۽ ان جي قيمت ٣٥ رپيا آهي.

– ڊاڪٽر فهميده حسين.

## گهڙيون گهاريم جن سين

سنڌي ادب ۾ خاڪن لکڻ جي صنف پنهنجي اهميت مڃائي چڪي آهي ۽ ان صنف ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن ۽ ڪي ڇپجي رهيا آهن. مطلب تہ خاڪا نگاريءَ جي صنف ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري وڌي رهي آهي. خاص ڪري سنڌي ادب ۾ اسان جي جهوني ٿهيءَ ان صنف کي متعارف ڪرايو ۽ انهن خاڪا لکي ادب جي آبياري ڪئي ۽ اهوئي سبب آهي جو اڄ خاڪا نگاريءَ جو فن، شوق ۽ ذوق وڌندو رهي ٿو. ادب جي انهيءَ صنف ۾ بيشمار ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن ۾ تازو شايع ٿيل ڪتاب "گهڙيون گهاريم جن سين" بہ نهايت اهميت وارو آهي. ان ڪتاب جو ليکڪ سنڌي ٻوليءَ جو مڃيل محقق ۽ اديب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي آهي. ڪتاب جي نالي مان ئي ظاهر آهي تہ هن ڪتاب ۾ انهن شخصيتن جو ذڪر ڪيل آهي، جن سان ليکڪ جو خاص تعلق رهيو آهي، پر ساڳئي وقت اهي شخصيتون پنهنجي شعبي ۾ غير معمولي اهميت جون مالڪ بہ هيون. ظاهر آهي تہ ڊاڪٽر صاحب پاڻ بہ تاريخدان، عالم ۽ اديب آهي تہ سندس تعلق بہ اهل علم ۽ اهل قلم سان رهيو آهي، تنهنڪري هن ڪتاب ۾ بہ ڊاڪٽر صاحب انهن دوستن ۽ احبابن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي اهلِ علم بہ هئا تہ اهل دل بہ هئا. ڊاڪٽر صاحب جو انهن دوستن سان دوستيءَ جو ناتو طويل عرصي

تائين قائم رهيو ۽ اهوني سبب هو جو ڊاڪٽر ميمڻ صاحب اهڙين شخصيتن جي علمي ادبي مان مرتبي جو اپياس تہ پيش ڪيو آهي پر ساڳئي وقت انهن جي ذاتي زندگيءَ، خلوص ۽ محبت تي بہ روشني وڌي آهي، جنهن سان انهن شخصيتن جي حياتيءَ جو حقيقي خاڪو ذهن جي اسڪرين تي چٽي طرح ابري اچي ٿو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد صاحب جن شخصيتن تي پنهنجي نقطہ نگاه سان لکيو آهي، اهي شخصيتون پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي علم ادب جو پنڊار آهن. سنڌن علمي، ادبي ۽ ديني خدمتن بابت تفصيلي طرح لکيو ويو آهي. اها بي ڳالھ آهي تہ جن شخصيتن کي هن ڪتاب ۾ پيش ڪيو ويو آهي، اهي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويون آهن. هن ڪتاب ۾ جملي ٢٢ شخصيتن تي خاڪا لکيا ويا آهن، جن ۾ حاجي محمود خادم، عطا حسين شاھ موسوي، رشيد احمد لاشاري، محمد بخش مجنون، ممتاز علي ڪوڪر شهيد، مولاني شيدائي، قلندر بدوي، مولانا غلام محمد گرامي، عبدالله اثر، سيد خادم حسين شاھ، قاضي علي اڪبر درازي، حافظ خير محمد اوحدي، پير حسام الدين راشدي، عطا محمد حامي، شيخ عبدالرزاق راز، جمال الدين بخاري، پروفيسر اڪرم انصاري، احمد خان آصف، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سيد سردار علي شاھ ذاڪر، حافظ محمد احسن چنا ۽ قاضي عبدالحئي قائل شامل آهن. ڊاڪٽر صاحب انهن شخصيتن جي تمام ويجهو رهيو آهي ۽ انهن جي جيءَ ۾ جهاتي پائي انهن جي ڏک سک ۽ علمي مانَ مرتبي جو ڪاٿو لڳائي لکيو آهي.

هي ڪتاب انهن شخصيتن جي علمي ادبي خدمتن جو احاطو ڪري ٿو، جن زماني جون وڏيون ستم ظريفيون سٺيون، پوءِ بہ پنهنجي جدوجهد ۽ ادبي خدمتن کي جاري ساري رکيو ۽ پنهنجو وارو وڄائي ويا. اهڙن ماڻهن کي تاريخ هميشہ امر بڻائي ڇڏيو. ڊاڪٽر ميمڻ صاحب اهڙن ماڻهن جي علمي ڪارگذارين تي لکي هڪ طرف پنهنجو فرض بہ پورو ڪيو آهي تہ ٻئي طرف انهن جي حياتيءَ جي مختلف گوشن کي اجاگر بہ ڪيو آهي. حقيقت ۾ ڊاڪٽر صاحب انهن شخصيتن جي ادبي ڪارنامن تي لکي جڻ تہ هڪ دور جي ادبي تاريخ بہ پيش ڪئي آهي. ڪتاب تي بہ اکر لکندي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب لکيو آهي تہ "هي اهي علمي ۽ ادبي شخصيتون آهن، جن سان منهنجو قرب ۽ محبت جو تعلق رهيو ۽ جن سان قرب ڪچهريون ۽ روح رهاڻيون ٿيون، يعني جن سان گهڙيون گهاريم. انهن سانگين کي ساريندي ڪجھ لکيو اٿم. اجا ڪن تي لکڻو اٿم، جيڪو هن ڪتاب جو ٻيو جلد هوندو."

ڪتاب سنڌ جي مشهور اداري مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي پاران شايع ڪيو ويو آهي. هي ادارو ديني ادب سان گڏ سنڌ جي علم، ادب ۽ تاريخ تي بہ سنا ڪتاب شايع ڪري چڪو آهي. هن ڪتاب جي قيمت صرف ٣٦ رپيا رکي وئي آهي، جيڪو سنڌ جي سڀني ڪتب فروشن وٽان ملي سگهندو.

– امام راشدي

## زندگي تنهنجا رنگ هزار

سفرنامو اسان جي الطاف شيخ جو لکيل هجي يا سريلي بانسريءَ جهڙي شاعر عبدالغفار تبسم جو. سفرنامي جي اصل خوبي هوندي آهي ان جو اسٽائيل يا انداز تحرير، يعني جو ڪجھ لکيو ويو آهي، آيا اُهو دلچسپ انداز ۾ بہ تحرير ٿيل آهي يا نہ.

مان سمجهان ٿو تہ دلچسپ تحرير اُها آهي جنهن کي پڙهندڙ روانيءَ سان پڙهندو وڃي ۽ مٿس بوريت جو بارُ اصل نہ پوي. يعني تحرير پڙهندي پڙهندڙ کي پيرن هيٺان ٿوهر جي ڪنڊن جهڙو نہ، گلن جي واس جهڙو احساس ٿيندو رهي تہ اهڙي انداز ۾ لکيل سفرنامي کي سڏبو "ڪامياب سفرنامو."

هتي اسان جي هن سفرنامہ نگار عبدالغفار تبسم ، جنهن لاءِ مان گواهي ٿو ڏيان تہ پاڻ نہ فقط سهڻو شاعر آهي، پر ساڳئي وقت هُو ڇاڪاڻ تہ هڪڙو پيارو، پيار ڪندڙ ۽ مُرڪندڙ شخص بہ آهي. اِن ڪري وک وک تي هُن سان گڏ. هِن سفرنامي ۾ ساٿ ڪمپني ڪندي، هلندي، گهمندي بوريت جو احساس بلڪل ني نٿو ٿئي.

عرض ڪريان تہ عبدالغفار تبسم وٽ پنهنجي هن سفرنامي "زندگيءَ تنهنجا رنگ هزار" تحرير ڪرڻ جو اصل وڏو محرڪ بڻي آهي "سانا" ، يعني "سنڌي انسوسنيشن آف نارٿ آمريڪا" ، جنهن جي انين ڪنوينشن ۾ هُن آمريڪا ۾ وڃي گهاريو هو ۽ اِن بهاني سير سياحت مان بہ پورو پورو لطف ماڻيو هو.

سفرنامي جا ٽوٽل چوڏهن چيپٽر آهن ۽ "سانا" جي پهرين گڏجاڻيءَ کان سفر جي جيڪا دلچسپ رواداد شروع ٿئي ٿي تہ مختلف مرحلن مان ٿيندي، اِها دلچسپ ۽ ونڊرفل سياحت، هيوسٽن الوداع ۽ ڊلاس ايئرپورٽ تي اچيو دنگ ٿئي.

مان سمجهان ٿو تہ 'تبسم' جي هن سفرنامي جي مکيہ انفراديت اُن جو روزنامچي وارو اسلوب آهي. جنهن ۾ هن روزنامچي ۾ لکجندڙ تفصيل وانگر جهاز ۾ چڙهڻ کان پوءِ، ٻئي پار پهچي ڪڻ لاءِ ميزبانن طرفان ليٽ پهچندڙ گاڏيءَ تائين، هڪ هڪ ڳالهہ کي لکت ۾ رڪارڊ تي آندو آهي. هونئن اِن ڏس ۾ عرض ڪريان تہ اهڙن بيانن ۾ فطري سادگي تہ بلاشڪ هوندي آهي، پر لکندڙ کي جي نثر لکڻ تي مهارت ناهي تہ اهائي اينگهہ پڙهندڙ لاءِ بوريت جو باعث بہ بنجندي آهي، پر خير ... جيئن مون مٿي چيو تہ غفار ايترو تہ پيارو شخص آهي جو ڪهڙو ڪافر ڪنهن بہ سفر ۾ هن سان همسفر ٿيندي بوريت جو شڪار ٿيندو، بهرحال، قطع نظر اِن ڳالهہ جي، مون کي پڪ آهي تہ هُو پنهنجي ڪنهن ايندڙ سفرنامي ۾ غير ضروري ڳالهيون ڇڏي، رڳو ضروري ۽ ڇاڻڻ جهڙا تفصيل ڇاڻيندو.

سو تبسم وٽ، جيئن مون ٻڌايو تہ هِن سفرنامي لکڻ لاءِ اصل محرڪ تہ "سانا" ڪنوينشن ئي آهي ۽ هن اِن ڪنوينشن جا سڀ ڊيٽيل تہ لکيا ئي آهن، پر هن سفرنامي جي ساراهڻ جهڙي ٻي خوبي هي بہ آهي تہ ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ۽ غير محسوس انداز ۾ هو پڙهندڙن کي ٻي مزيدار معلومات بہ ڏيندو ويو آهي، مثال طور، هالي ووڊ جي يونيورسل اسٽوڊيو جو تفصيل... Gay ڪلبن، عجائب گهرن ۽ آرٽ جي ميوزيمس جو اتو پتو... وچ وچ ۾ ليکڪ جي پنهنجي ننڍپڻ جون سارونيون... يا آمريڪا ۾ رونقون ۽ لٽڪا چشڪا ڪئي ڪئي آهن، اُن جو وات ۾ پاڻي آڻيندڙ احوال... ۽ علاوہ ازين هن سفرنامي ۾ اسان کي ڪيترن ئي سنڌ کان پري وينل ۽ پنهنجي دؤر جي چاتل سڃاتل چهرن ۽ شخصن سان بہ ملڻ جو موقعو مليو ٿو. مثال طور اقبال ترين، جنهن کي لڳ ڀڳ ڏهہ پندرهن سال اڳ ٿي. ويءُ ئي ڏسندا هئاسين... ۽ تبسم جي سفرنامي ۾ ان جو ذڪر پڙهي ۽ تصوير ڏسي تہ ڪيڏي نہ خوشي ٿي ٿئي. اڇا! تہ هي اقبال ترين آهي؟ وہ وا! هي تہ اُهڙي جو اهڙو ئي آهي سهڻو، سمارٽ ۽ هشاش بشاش. بلڪل اوئين جهڙو ڏهہ پندرهن سال اڳ ٿي ويءُ ۾ نظر ايندو هو. خير اقبال ترين کان سواءِ هر دلعزيز دوست مالڪ ڏني شيخ جو تذڪرو... ۽ سندس "وغيرہ وغيرہ" ڳالهيون تہ خاص طرح سان هن سفرنامي جو دلچسپ حصو آهن. مثال طور تبسم مالڪ ڏني جي ڪونگهرن بابت ڪهڙي نہ انوکي تشبيهہ ڏيندي ڄاڻايو آهي تہ مالڪ ڏني جا ڪونگهرا (ڪمري اندر) روم جي ڪليسا ۾ گمٽ جيان وڃي رهيا هئا."

تبسم هن سفرنامي ۾ ان کان سواءِ بہ هنڌ هنڌ تي پنهنجي روان دوان نثر ۾ ڪي انوکيون تشبيهون ڪم آنديون آهن ۽ دلچسپ ڳالهين ۽ معلومات سان هن سفرنامي کي دلچسپ بنايو آهي ۽ ظاهر آهي (پيارا پانڪو) اوهين اُن مان لطف اندوز تہ اُن ئي وقت ٿي سگهندا ، جڏهن ڪنهن بہ بڪ اسٽال تان پنجاهہ روپين عيوض ان کي خريد ڪري پڙهندا ۽ شال جلد اوهان ائين ئي ڪريو. آمين! – نصير مرزا

## پنجين موسم کان پوءِ

ننڍي وهيءَ ۾ خوبصورت ڪهاڻيون اُڻڻ واري ڪهاڻيڪار طارق قريشيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "پنجين موسم کان پوءِ" سچاڻي اشاعت گهر دڙو شايع ڪرايو آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ جي جڳمڳ اڀ تي جتي نسيم کرل، طارق اشرف، امر جليل، ماڻڪ، نجم عباسي، ماهتاب محبوب ۽ ٻيا ڪوڙ تارا روشن آهن، اتي طارق قريشي به خوبصورت ڪهاڻيون لکي پنهنجو چلڪو مڃايو آهي.

هن ڪتاب ۾ ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڏهه ڪهاڻيون شامل آهن، جيڪي موضوع ۽ اسلوب جي حوالي سان بهترين ڪهاڻيون آهن ۽ طارق جي عمر ۽ مشاهدي جي لحاظ کان وڻندڙ ڪهاڻيون آهن. طارق ڪهاڻين ۾ نوان نوان تجربا ڪيا آهن ۽ ان ڏس ۾ هو ڪنهن حد تائين ڪامياب به ويو آهي. سندس اهي ڪهاڻيون ايندڙ وقت جون ڪهاڻيون آهن. سندس ڪهاڻين جا موضوع سماجڪ آهن، انهن ۾ "گڏري ويل منظر"، "بزنس"، "معاهدو" ۽ "پڙ" ڳڻتي سگهجن ٿيون. "بزنس" ڪا متاثر ڪندڙ ڪهاڻي نه آهي، اگر ان ۾ ٿورو سسپنس کان ڪم ورتو وڃي ها ته هن ڪهاڻيءَ کي سٺين ڪهاڻين ۾ شمار ڪري سگهجي ها. "گڏري ويل منظر" ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال جي عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻي آهي، هر هڪ منظر من ۾ پيهي ويندڙ، پر ڪٿي ڪٿي روايتي محسوس ٿيندڙ. ڪلائميڪس تي پهچي ڪهاڻي پنهنجو ڪانسيپٽ ظاهر ڪري ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ رومانس جا غير ضروري سين سٽيا آهن، جيڪي ڪٿي ڪٿي بي مقصد ٿا لڳن.

ڪهاڻي "معاهدو" جو موضوع هن ئي ماحول مان ورتل آهي. هن ڪهاڻيءَ کي سنڌيءَ جي سٺين مزاحيه ڪهاڻين ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. ڪهاڻيءَ جو ڪلائميڪس به سٺو آهي. طارق هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي نه ڪٿي مزاح کان ڪم ورتو آهي. ڪٿي ڪٿي ته ڪل ڇڏائجيو وڃي ۽ ٽهڪ نڪريو وڃن!

"ابدال" ڪهاڻي ڊائلاگ ليس ڪهاڻي آهي. "ابدال" ننڍڙو ٻارنهن سالن جو نينگر آهي. ڊائلاگ به اجايا ۽ پلاٽ ڪمزور آهي. ٻارنهن سالن جو نينگر، سو به ٻهراڙيءَ ۾ ايڏو ذهين نه هوندو آهي، جو ايڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري. شروع کان وٺي آخر تائين ڪهاڻيءَ جو ڪوبه ڪانسيپٽ نظر نٿو اچي. ليکڪ خبر ناهي ته ڇا ٻڌائڻ گهريو آهي.

"پڙ" سٺي ڪهاڻي آهي، پر ان ۾ ڪٿي ڪٿي ليکڪ ڊائلاگس سان نباهه نه ڪري سگهيو آهي. هيءَ ڪهاڻي به هن ماحول جو چٽو پٽو عڪس آهي.

"نئون جانور" ڪهاڻي سنڌيءَ ۾ سائنسي ڪهاڻين جي کوٽ کي ڪجهه نه ڪجهه پورو ضرور ڪري ٿي. ڪلائميڪس سان سٺو نباهه ڪيو ويو آهي ۽ پلاٽ به سگهارو آهي. "جيون جيئڻ آهي تيئن ناهي" ڪهاڻي هڪ شاعر ۽ جرنسلٽ جي گفتگو آهي. طارق جي هيءَ ڪهاڻي موضوع جي گهرائپ ۾ وڃي لکيل ڪهاڻي آهي. شاعر جي جيون جي وارتا ٻڌندي (پڙهندي) لڙڪ اکين ۾ اٽڪيو پون. شاعر جي جيون جي وک وک تي ڪنڊا وکريا پيا آهن، پر هو مايوس نه آهي. هيءَ ڪهاڻي شاعر جي جذبن جي پوريءَ ريت ترجماني ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ جو ڪلائميڪس اتساهه ڏياريندڙ آهي.

"ظالم اعظم" ڌرتي تي ٿيندڙ ڏاڍاين جو چٽو عڪس آهي ۽ ان جو ڪلائميڪس سندر آهي. "پنجين موسم کان پوءِ" هن ڪتاب جي بهترين ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻي لکڻ تي طارق کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

طارق جون ڪهاڻيون هن جي پنهنجي جيون جون ڪهاڻيون به آهن. اهي سڀ سندس جدوجهد جون ساکي آهن.

ان جو اظهار هن پنهنجي مهاڳ ۾ بہ ڪيو آهي. هن جي جيون ۾ جيڪي بہ واقعا، الميا ۽ ڏک آيا، هن اُنهن کي ڪهاڻين جو روپ ڏنو آهي.

ڪتاب جو مهاڳ هن پاڻ لکيو آهي، "ڪهاڻي جي ڪهاڻي" جي عنوان هيٺ. هن پاڻ سان ٿيل دوکن ۽ المين جو اظهار مهاڳ ۾ ڪيو آهي. ڪي ڪي اهڙيون ڳالهيون بہ بيان ڪيون اٿس، جيڪي ٻڌائيندي اسين عام طرح ڪيٻائيندا آهيون. سندس ڪهاڻين جي مجموعي مطالعي مان پتو پئي ٿو تہ طارق نئين ٽهيءَ جي اڀرندڙ ڪهاڻيڪارن جي قطار ۾ سڀ کان پهرئين نمبر تي بيٺل آهي.

يوسف سنڌي، بئڪ ٽائيٽل تي لکيو آهي تہ "هن شهرت جي آسمان کي ناهي ڇهيو، پر هو پنهنجي همعصر ڪهاڻيڪارن جي پيٽ ۾ تڪڙو لڪي رهيو آهي."

"پنجين موسم کان پوءِ" جو ٽائيٽل دلڪش آهي ۽ بئڪ ٽائيٽل تي طارق جي اداس تصوير آهي!

هن ڪتاب جي قيمت سٺ روپيا آهي ۽ سچائي اشاعت گهر دڙو جي ائڊريس تان گهرائي سگهجي ٿو.

- جاويد "سوز" هالائي.

## "ادب" پبليڪيشن

"سنڌي ادبي سنگت" ، غلام شاهہ ڪلهوڙو ڪالوني برانچ حيدرآباد وارن کي جس هجي، جو "ادب" نالي ڪتابي سلسلي جا ات عمدا ڪتاب هيل تائين پڌرا ڪري چڪا آهن. ان سڄي ادبي اخلاص ۽ جاکوڙ جو سهرو نئين ٽهيءَ جي ناميا ري ليکڪ گل ڪونڌر جي سر تي آهي ۽ اُن جي شيئر طور نوجوان ليکڪ ۽ سهڪاري ادبي ڪارڪن جاويد سحر قريشي جي محنت کي بہ وڏو دخل حاصل آهي.

"ادب" پبليڪيشن جو اشاعتي سلسلو جون ١٩٩۴ع کان شروع ڪيو ويو آهي، جو جاري آهي. جن دوستن، چيف ايڊيٽر گل ڪونڌر جو سهڪڙ ۾ هٿ ونڊايو آهي، تن ۾ سيد سردار، سنڌو قاضي، عمران لغاري، عبدالحفيظ جمالي ۽ آغوش لوهاڻو اچي ٿا وڃن.

"ادب" ، مخزن نما ڪتابي سلسلو آهي، جنهن جديد سنڌي ادب ۾ سُٺي مڃتا ماڻي آهي. ان ۾ خاص ڪري سنڌي ادبي سنگت سان لاڳاپيل نئين ٽهيءَ جي اڀرندڙ ليکڪن جون عمديون لکيتون شايع ڪيون ٿيون وڃن، جا ڳالهہ انهن جي سٺي حوصلہ افزائيءَ جو سبب آهي. ان طرح مختلف شاخن جي تنظيمي ڪم ڪار سان گڏ ادبي ڪارروايون ۽ علمي چرپر جو سربستو احوال ڏيڻ، ادب ڪتابي سلسلي جو مکيہ ڪارج ڏسجي ٿو، جا پڻ وقت جي اهم گهُر آهي. سنڌي ادبي سنگت جي هيءَ پهرين شاخ آهي، جنهن اهڙي وٿندڙ ڪتابي سلسلي جي اشاعت ۾ پابندي رکي آهي.

"ادب" ڪتابي سلسلي ۾ جديد شاعريءَ سان گڏ فڪري مضمون بہ درج آهن. ڪهاڻين ۽ ڪالمن جي حوالي سان بہ "ادب" هڪ سگهارو سلسلو آهي. ان طرح مختلف ليکڪن جا انٽرويو/تاثرات بہ پبليڪيشن کي معياري بڻائن ٿا. اهو بہ بيحد اهم ۽ خاص نقطو آهي جو سنڌي ادبي سنگت جي مختلف شاخن جي موجوده عمديدارن جا ننڍا ننڍا پروفائيل، تصويرن سان آندا ويا آهن. تعارف جي اهڙي تفصيل مان اها مُراد ڪانہ آهي تہ "ادب" ڪو سنگت جو محض تنظيمي پرچو يا ڊپارٽمينٽل بُلٽين/گزيٽ طرح جي ڪا اشاعت آهي. هي سراسر ۽ خالص هڪ "ادبي گلدان" آهي، جو هڪ معياري ادبي پرچي جون گهرجون پوريون ڪري رهيو آهي. سلسلي کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ لاءِ گل ڪونڌر جس جو ڀاڳي آهي. ڊيمي سائيز جو "ادب" ، عام طرح ٩٦ صفحن تي ڦمليل آهي. -- سليم چنا.



اڪيڊمي ادبيات پاڪستان پاران موڪليل اديبن جي وفد چين جو دورو ڪيو، جنھن ۾ پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاھ، فتاح ملڪ، عبدالله حسين، فھميده رياض ۽ ٻيا شامل آھن.

**عبدالقادر صديقي** [صفحا ساروٽين جا]

# هڪ فنڪار جو موت

## (حفيظ شيخ جي ياد ۾)



(نوٽ: حفيظ شيخ جو نالو آزاديءَ کان پوءِ واري شروعاتي دؤر جي سنڌي افسانوي ادب جي ٺمورتيءَ ۾ ڳڻيو ويو آهي، جنهن ۾ جمال ابڙو ۽ غلام رباني اچي وڃن ٿا. انهي ليکڪن جي ڪهاڻين جي عظمت، ماضيءَ جي حوالي هجڻ جي باوجود به سنڌي ڪهاڻيءَ جي حال ۽ مستقبل جو پڻ بهترين استعارو آهي: جڏهن ته حفيظ شيخ ٻگو جسماني طرح ماضيءَ جو حصو بنجي چڪو آهي، پر سندس ڪهاڻيون اڃ به سنڌي ادب ۾ روشن مقام رکن ٿيون.

حفيظ جو جنم ۱۰ نومبر ۱۹۳۱ع تي ٿيو ۽ ۹ نومبر ۱۹۷۱ع تي هن دنيا کان منهن موڙي اکيون پوري ڇڏيائين. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "ساگر جي لهرن تي" اسلم لغاري ۽ ٻين دوستن، ۱۹۷٦ع ۾، سنڌي اڪيڊمي حيدرآباد پاران ڇپرو ڪيو. حفيظ جي ياد ۾ مدد علي سنڌي ڊسمبر ۱۹۷۲ع ۾ پنهنجي رسالي "اڳتي قدم" جو "حفيظ شيخ نمبر" شايع ڪري، هن مهان ڪهاڻيڪار کي ادبي عقيدت جي وڻندڙ پيتا ڏني. ان طرح ناز سنائي "حفيظ شيخ" عنوان سان هڪ ڪتاب شايع ڪري، هن منفرد ڪلاڪار جي ياد کي تازو ڪيو. تازو نصير مرزا، حفيظ جي شخصيت ۽ خدمتن تي هڪ جامع يادگار ڪتاب راس ڪري ورتو آهي، جنهن جي ڇپجڻ جي موسم اچا ڪانه آئي آهي. "اڃو پڪي واءُ ۾" مسودي ۾ مرهيات حفيظ جون لڳ ڀڳ سموريون ڇپيل/اڻ ڇپيل ڪهاڻيون، ناوليٽ "اروڙ"، ڪجهه يادگار خط، ناياب تصويرون، ناميارين ادبي شخصيتن جا حفيظ بابت مضمون ۽ تاثر، خاڪا ۽ مقالا، ڪن همعصرن کان انٽرويوز جي صورت ۾ ساروٽيون ۽ ننڍپڻ کان وفات تائين سموري زندگيءَ جا تفصيل شامل آهن.

هي مضمون، حفيظ جي همعصر ليکڪ ۽ ذاتي دوست، عبدالقادر صديقي، حفيظ جي موت جي خبر ٻڌي لکيو، جنهن ۾ حفيظ جي ڳالهين کي ساريندي، سندس شخصيت ۽ زندگيءَ کي عالمي شاهڪارن جي ڪردارن ۽ وقت جي وڏي مصور وان گاگ جي زندگيءَ جي پس منظر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. --ادارو.)

جڏهن مون کي حفيظ جي موت جي خبر ملي هئي ته مان دهلجي ويو هوس. انڪري نه ته هُو مري ويو هو، ڇو جو سڀني کي ڪنهن گهڙيءَ مرڻو آهي، پر انڪري جو هُو "غير رسمي طور" مري ويو. خبر ڏاڍي سادي هئي: "حفيظ شيخ کي صبح جو بستري تي مُئل ڏٺو ويو." يقيناً "سنڌ جي ڊان ڪيٺزو" (Don Quixote) لاءِ ان قسم جو انت اسان نه سوچيو هو. اهو وسهڻ ڏکيو پئي لڳو ته عظيم، سگهارو ۽ تکڙو حفيظ هڪ عام موت مري ويو. هُو هڪ ڪراڙي ماڻهوءَ جيان بستري ۾ مري ويو. ("Old Man and the Sea") (پوڙهو ۽ سمنڊ) ۾ سانيتاگو جا لفظ: "ماڻهو مٽائي سگهجي ٿو، پر مات نٿو ڪري سگهجي"، جي فنڪار جي مراد ۽ ان کي ماڻڻ لاءِ پاڻ ۾ ويساهه جي عڪاسي ڪن ٿا، منهنجي ڪنن ۾ گونجڻ لڳا. حفيظ جي موت جو ٻُڌي، مان انهن لفظن مان آٿت ڳولڻ لڳس. مان گهٽ ۾ گهٽ موت جي آڏو، هن جي فنڪار جي حيثيت ۾ وجود مڃرائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳس. پر نه! اهو سچ نه

هو. هن حالت ۾ سچ پچ فنڪار مات ٿي چڪو هو.

مون هميشہ عجب ۾ٽي ڪاڏو آهي تہ ڇا لاءِ، جڏهن هو ويهن ورهين جو لڳندو هو، هُو چوندو هو تہ "هُو ٽيهن ورهين جو هو." ١٩٥۴ع ۾، جڏهن هُو ويهن ورهين جو هو تہ هُن مون کي چيو هو تہ "هُو چاليهن کي پڳو هو." مون کي مُنجهيل ۽ وائڙو ڏسي هن ڪُليل ٺمڪ سان وضاحت ڪئي هئي تہ هن جي مُنهن تي عمر جا سَنڌا نہ هئا، ڇاڪاڻ تہ هو وقت جو اسير نہ هو. ڪيتري نہ اچرج جهڙي ڳالھ آهي، جو حفيظ، جيڪو حياتيءَ ۾ هڪ شڪي چاھ ۽ دلچسپيءَ جي هام هڻندو هو ۽ وقت ۽ موت سان پڻ مقابلي ۾ مشغول ٿي چڪو هو، موت کي صبر ۽ شڪر سان قبول ڪيو. نہ آسمان گجيو، نہ ڌرتي رُني ۽ نہ ئي ڪنهن رُنو!

حفيظ جي زندگيءَ ۾ چند سال هيجان ۽ گهمسان وارا آيا. بحران ڪوني ۽ انهن مان ٻار پوڻ ۾ هُو هڪ خاص سُرور ماڻيندو هو. هن جو ذهن بلند پرواز ڪندو هو. هن جو روح عام حياتيءَ جي فضا کان مٿانهون ترندو هو. هن ڪڏهن بہ زمان سان يا مڪان سان وک ملائڻ ۾ ايمان نہ رکيو. هو زمان ۽ مڪان کان اڳناڌ ڪندو هو. آرنالڊ جي شيلي بابت شڪايت تہ "هن ڪڏهن بہ پَٽ تي پير نہ ڌريو"، ٿوري گهٽتائيءَ سان حفيظ سان بہ لاڳو ٿي سگهي ٿي. تہ پوءِ، پوين ورهين ۾ اها روح جي اوچتي اباٽڪائي، وک جي ڍلائي، وارن جي اڇائي، اکين ۾ اونده، اندر جي الٽاڦيري سڀ ڇا لاءِ ۽ ڇو؟ (اهو وقت ڏاڍو غير معمولي هو.) اسان جي پياري سنڌ لاءِ اهو بحران جو عرصو هو. ڇوٽڪاري جي واٽ ڏکي پئي نظر آئي. اسان جي اديبن ۾ مونجهاري ۽ نراسائيءَ، جذبي ۽ آشا جي جاءِ ورتي هئي. اهڙي قسم جي بحراني دؤر ۾ ئي اديب عارضي آڻ مڃيندو آهي ۽ ترت ئي موت ڪائي، نئون حملو ڪندو آهي، پر حفيظ ان صدمي مان وري پاڻ سنڀالي نہ سگهيو. فضائن ۾ رقص ڪندڙ (هن ڌرتيءَ تي) اوپرو (Arial Became Out-Sider) ٿي پيو. ڪاميوءَ (Camus) جي مارسالٽ (Meursault) جي ذهني نازڪ حالي "ائين ئي جيئرو رهندو هلجي يا مورڳو انت آڻجي"، "ذهني مسئلو رڳو خودڪشي آهي"، سنڌس انت کان اڳ ضرور ڪيس ڪٽڪندي هوندي. موت کان بہ ورهيہ اڳ، هن پنهنجي هڪ دوست کي لکيو هو: "مان سمجهان ٿو ۽ محسوس ڪريان ٿو تہ جڻ مان مري اڳ ئي چڪو آهيان، هاڻي مُئل اديب جي تصنيف جيان جي رهيو آهيان." اسان جي اڳيان هڪ پنهنجي قسم جي نرالي اديب جو مثال آهي، جنهن جي گود خالي ٿي چڪي آهي ۽ جو محسوس ٿو ڪري تہ هن کي ڪوبہ زندگيءَ جو مقصد پورو ڪرڻو نہ آهي.

اهو زوال ڇو؟ ليکڪ جي حيثيت ۾ حفيظ، دنيا جي مڙني بُڇڙاين، غربت، بک، بيماري ۽ بي انصافي تي ڀرپور چوٽ نہ هنئي هئي ڇا؟ هُو سچ جو ڳولائو نہ هو ڇا؟ ڇا هن نئين، خوشحال ۽ نياءَ واري سماج لاءِ صليب نہ کنيو هو؟ جيتريقدر حفيظ جي لکڻين جو سوال آهي، تہ هن تي رڳو الزام اهو هو تہ هُو "ڏاڍو اونهو ۽ ڏاڍو ڪڙو" هو. پر اهو الزام هن جي فنڪار جو قدر بلڪل نٿو گهٽائي. هن تي گهڻو ڪري اها تهمت هڻي ويندي آهي تہ هُو پنهنجي لکڻين ۾ پنهنجي وڳوڙي طبيعت (Anarchy) جو گهڻو، ڏاڍو گهڻو، اپٽار ڪندو هو. اها تهمت هرگز جائز نہ آهي. هو تہ رڳو جاگيرداري سماج جي عزوجاھ جي ٺلهائي تي طنز ڪندو هو. ڪن لاءِ ڪٿي اها خالي گوري هئي، پر ڪو نئون رجحان هرگز نہ هو. بالزاڪ کان لارينس تائين سڀني اديبن ائين ڪيو آهي. اها بغاوت تہ سندس همعصر اديبن مان بہ اڪثر، جهڙو جمال، رباني، رشيد وغيره ۾ بہ نمايان هئي-- پر رڳو ڪجھ گهٽ چڙ ڏياريندڙ هئي.

مان سمجهان ٿو تہ هاڻي اسين ان سوال جي جواب ڏيڻ لائق آهيون تہ اهو زوال ڇو؟ حفيظ جي غمناڪي

(Tragedy) ان حقيقت ۾ لکل آهي تہ هُو عام ماڻهوءَ ۽ فنڪار ۾ فرق ڪرڻ جي اهل نہ هو. هُو سمجهي نہ سگهيو تہ حياتي، سندس سمورن سورن، مفلسين ۽ ڪڙاين سميت بسر ڪرڻ ني پوي ٿي، ۽ فنڪار ڪي پڻ. سندس ماحول- جو هن واري دنيا جي خيالي ارتقا سان نهڪي نہ ٿي پئي آيو- حفيظ تي ڀاري ۽ حاوي پئجي ويو. بي انت مونجهارو پيدا ٿيو، ۽ ان هن جي انسان ۽ فنڪار، ٻنهي کي ماري ڇڏيو. حياتيءَ جي پوين ڏينهن ۾ هن، دوستن ڏي جي خط لکيا، تن ۾ ذهني ڇڪ، ڏک ۽ نراسائي جهلڪي ٿي. اهي وان گاگ (Van Gogh) جي "آخري فڪشن" (Last Canvass) ۽ " اَن جو فصل ۽ ڪانءُ" (Corn Field with Crows) جيان آهن. وان گاگ جيان حفيظ کي بہ زندگيءَ سان بي انتها اُنس هو. آخر ۾ هر ڪنهن شيءِ تي ڏک ۽ نراسائيءَ جا نشان ٿي پون ٿا، جي اوچتو ئي اوچتو آسمان مان ڪِرن ٿا. حفيظ جو انت بہ وان گاگ جيان دکدائڪ هو. وان گاگ پنهنجي پاڻ "ٿيو" ڏانهن آخري لفظ هي لکيا هئا: "ڏک ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو". حفيظ بہ پنهنجي موت کان ٿورو اڳ ضرور اهوئي سوچيو هوندو.



## امر ڪهاڻيڪار

# ايشور چندر

ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي (اجمير)



"اڄ جي ڪهاڻي هوڪي ۽ نعريبازيءَ مان آلي صابڻ جي چڪيءَ جيان ترڪي نڪتي آهي ۽ هاڻي اڄ جي ليکڪ محسوس ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته ڪيس دل جا ته کولي، اُن منجهان ڪجهه ڪڍڻو آهي ۽ پوءِ اُن کي ولوڙي، مکڻ ڪڍي پاڻ اڳيان رکڻو آهي." ڪهاڻيءَ جي باري ۾ هي ويچار رکندڙ امر ڪهاڻيڪار ايشورچندر اسان کي بي وقائتو وڇوڙو ڏيئي رمندو رهيو، پر سندس لکيل اڻکل اڍائي سؤ ڪهاڻيون سندس ئي ويچار جي سؤ فيصدي تائيد ڪن ٿيون.

ايشور چندر جو جنم ۳۰ جولاءِ ۱۹۳۷ع ۾ سنڌ (پاڪستان) ۾ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ ڪجهه سالن بعد هن ريلوي وياڳ ۾ نوڪري ڪندي، راجستان جي اجميرنگريءَ کي پنهنجي ڪرم اِستلي بڻايو. سندس ٽيرهن ڪتاب سنڌيءَ ۾، ڏهه هنديءَ ۾، ٽي گجراتيءَ ۾، هڪ هڪ انگريزيءَ ۽ مليالم ۾ شايع ٿيا. ۱۹۶۰ع کان ئي آڪاشوائيءَ لاءِ ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ لکندو رهيو. "دور درشن" جي نيٽ ورڪ پروگرام ۾ "درپڻ" سيريل ۾ سندس ڪهاڻي "غلط گڻت" ايتري مقبول ٿي جو فقط ان ڪهاڻيءَ کي ٻيهر ٽيليڪاسٽ ڪيو ويو. سندس ڪهاڻي "ڪُلهن تي سمهيل مستقبل" لاءِ سي.پي.سي. پاران ٽيلي فلم پڻ تيار ڪري ٽيليڪاسٽ ڪئي ويئي. ڀارت جي مختلف يونيورسٽين ۽ بورڊن جي درسي ڪتابن ۾ سندس ڪهاڻيون درج ڪيون ويون آهن.

ايشور سنڌيءَ جو اُهو ليکڪ هو، جنهن سنڌي ۽ هنديءَ ۾ نه رڳو لڳاتار لکيو، پر هنديءَ ۾ لکيل سندس ڪهاڻين جي مجموعي "لڙنا هئا اتيت" کي راجستان ساهتيه اڪاڊميءَ پنهنجو سڀ کان وڏو ۽ شانائتو "ميرا انعام"

(ٻارهن هزار روپيا) ڏيني، سندس قدرشناسي ڪئي. بيشڪ انعام ئي ادب جي ڪسوٽي نہ آهي، نہ ئي ڪو ليکڪ انعام لاءِ لکي ٿو، تہ بہ سٺي ليکڪ کي انعام ڏيڻ سان انعام ڏيندڙ سنستائون فخر محسوس ڪنديون آهن. سنڌيءَ لاءِ ايشور چندر کي اهڙا صوباڻي ۽ قومي سطح جا انعام حاصل ٿيا. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ڀاران ساليانو انعام ڏهہ هزار روپيا، سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ ڀاران ٽن ڪتابن تي پهريون نمبر انعام، راجستان سنڌي اڪاڊميءَ ڀاران ٽن ڪتابن تي پهريون نمبر انعام، راجستان ساهتيہ اڪاڊميءَ ڀاران نہ رڳو انعام پر "آتنڪ" نالي سان ڪهاڻين جو مجموعو بہ ڇپايو ويو. ايشور سنڌيءَ جي انهن خوش نصيب ليکڪن مان آهي جن جا گهڻو ٽڪو مجموعا ٻين پبلشرن ڇپايا.

ايشور ساهتيہ اڪاڊمي ۽ سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ جي سنڌي صلاحڪار ڪاميٽيءَ جو ميمبر بہ رهيو.

هن مختصر جيون چرتر کان پوءِ سندس ڪهاڻين بابت ٻہ لفظ. ايشور جي همعصر ڪهاڻين تي نظر ڦيرائڻ سان خبر پوي ٿي تہ اُن وقت جي سنڌي ڪهاڻي، پيار، پاپ، پُڃ، انڌو وشواس، ڀاڳواد يا تقدير تي ڀاڙيندڙ ڪردارن وغيره جي چار پر ڦاٿل هئي يا ڪنهن نہ ڪنهن خيمي ۾ جڪڙيل هئي. پر ايشور اُهوئي لکيو جو ڏٺو، محسوس ڪيو ۽ ڀوڳيو. سندس ڪهاڻين ۾ پيڙهين جو تفاوت، ٽٽندڙ ڪٽنب، بيروزگاريءَ ڪري گهر ڪري ويل نراساڻي ۽ نااميدي ۽ احساس ڪمتريءَ جا جذبا، عورتن جا بدلجندڙ خيالات نظر اچن ٿا. سندس ڪردار ڪڏهن ماءُ جي نہ مرڻ تي ڏک ٿا محسوس ڪن تہ پي.ايف. جا پئسا ختم ٿي ويا تہ هاڻي مرندي تہ آخري سنسڪار لاءِ خرچ ڪٿان ايندو؟ ڪڏهن ڌيءَ جي پيڪن ۾ ٽڪڻ پيءُ کي مالي تنگيءَ ڪري ڪا خوشي نٿو ڏئي، هٿائين جاڻڻ چاهي ٿو تہ اها واپس ڪڏهن ويندي. ڪڏهن پريمڪا ڪنواري هوندي ماءُ بڻجڻ ۽ پريميءَ جي شاديءَ کان انڪار ڪرڻ تي بہ ششدر نٿي ٿئي، پر ٻار جهٽي بردبار ٿي اُن کي پالي ٿي. هوٽل ۾ ويهي سگريٽ ڇڪڻ ڪيس رواجي ڳالهہ ٿي لڳي. ڪٿي ٻار مائٽن جي مرضيءَ جي خلاف پيار جي شادي ڪري، مائٽن جي ارمانن تي پاڻي ڦيري ٿا ڇڏين ۽ ڪڏهن ڪاليج جي هڙتال ۾ نيتاگري ڪندڙ ڇوڪر جي گذرڻ تي پيءُ کي پنهنجو مستقبل ڪلهن تي سمهارڻ جي تڙپ ۽ تڪليف آهي. بدلجندڙ لمحن کان پريشان پيءُ جا سڀ پٽ هڪ هڪ ڪري ڌار ٿي وڃن ٿا ۽ اهو پيءُ، جو هڪ اُستاد بہ آهي، ڪلاس ۾ پڙهائيندي پڙهائيندي موت جي آغوش ۾ سمائجي ٿو وڃي. پيءُ پٽ جو ڪميونيڪيشن نہ هجڻ ۽ فرد جي فراريت، ڪوڙيون شاهديون ڏيندڙ ڪردار جي سائڪالاجي ۽ آخر ۾ آپگهات ڪرڻ، مطلب تہ هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار ٽٽي رهيا آهن ۽ پڃي پُري رهيا آهن. هيري شيوڪاڻيءَ سچ ئي لکيو آهي: "ايشور جي ڪهاڻين جي جملن ۽ لفظن جي وٿين مان اڄ جي فرد جي آنمر-بيگانيت، اُسنتوش، خوف وغيره نوڪدار بڻجي چڀڻ لڳي ٿو." سندس مجموعي "سخت ڇهري وارو ماڻهو" جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر پريم پرڪاش لکيو:

"ٻين ارٿن کي ڇڏي ڏجي تہ هڪ ارٿ طئہ آهي تہ ايشور سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهو نالو آهي، جنهن لاءِ ڪنهن وٽ بہ ٻہ رايا نہ آهن تہ هو اڄ جي مقبول ڪهاڻي نويسن سان گڏ هر پيڙهي پريہ آهي، تہ هن ئي ڪهاڻيءَ کي سهج ڪندي عام پاٺڪن تائين پهچايو آهي."

منهنجي خيال ۾ ايشور پنهنجي ڪردارن جي ٽُٽندڙ خوابن جو شاهد رهيو آهي. سندس ڪردار مخصوص ذات، ٻولي ۽ پرانت جون حدون لتاڙي عالمي بڻجڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. هُن ٻڌي، ڇوڪري، هِن، مان وغيره ذريعي ڪهاڻيءَ جو واڌارو ڪيو آهي. ايشور جي ڪهاڻيڪار زندگيءَ جي بدلجندڙ لمحن کي محسوس ڪري، سمجهي، اظهاري بہ انهن کي جهٽڪي سان ٽوڙڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، پر اُن ٽوڙڻ جي عمل جي دوران ڪيس جنهن تاڻ ۽ پيڙا مان گذرڻو پيو، انهن لمحن کي زبان ڏيڻ ۾ غضب جي ماهريت حاصل ڪئي، جنهن ڪيس ٻين ڪهاڻيڪارن کان الڳ ڪري بيهاريو. مشهور هندي نقاد نند چترويديءَ جي ويچارن موجب "ايشور جي ڪهاڻين جي اُٿت هڪ الڳ نموني

جي آهي، جا اندران ئي اندران اوڄ پائي ٿي. ٻاهران گنبذ يا قُبا ۽ مينار نظر نٿا اچن. ڪهاڻي بيحد معمولي جڳهه تان شروع ٿيندي ۽ پوءِ هڪ اندروني اُٿل ذريعي پڪڙجي ويندي. اِهوئي ڪارڻ آهي جو سنڌي ڪهاڻيءَ جو پانڪ ۽ نقاد ان ڏينهن وائڙو ٿي عجب ۾ پئجي ويو جڏهن ڪيس لڳو ته سنڌي ڪهاڻي، پنهنجي ٻالپڻ کي ڇڏي يڪ به يڪ جوان ٿي ويئي آهي، جنهن جو شرف بيشڪ ايشور چندر کي آهي."

شايد انڪري ئي هريش واسواڻيءَ جو ڌيان به هن جي ڪهاڻين ڏانهن ڇڪيو ۽ پوپٽي هيراننداڻيءَ "هسٽري آف سنڌي لٽريچر" ۾ ڪيس موزون درجو عطا ڪيو. سچ پچ ايشور انهن ڪهاڻيڪارن مان هو، جن ڪهاڻيءَ لاءِ جُزيل سنڌي سنواڻي وات ڇڏي، پٿريلي زمين تان هلندي پاڻ کي زخمي ڪيو. هن خود ئي پنهنجي آتم ڪٿيه ۾ بيحد سنجيدگيءَ سان اهو سچ اظهاريندي لکيو ته "مون ۾ ٽوڙ ڦوڙ ڪرڻ جي، رنليون ۽ سرگسون ڪيڏڻ جي، هڙتالون ڪرڻ جي، نعريبازيءَ جي يا پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ اِن نموني جي ٻين واهڻن جي توفيق ڪونه آهي، انڪري مان هن گونگي قلم ذريعي پاڻ کي اظهاريان ٿو."

ايشور سال کن جسماني بيماريءَ سان جنگ جوٽيندي، اِسپتالن جي اڻ سهائيندڙ ماحول کي ڀوڳيو ۽ چوندو هو ته هاڻي ريلوي جي نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏيئي، پنهنجيءَ پيڙا کي ڪهاڻين ذريعي اظهار ڏيندس، پر شايد موت سندس ان اٽل فيصلي کان ڊڄي ويو ۽ ايشور پنهنجا ارمان، خواب، پيڙائون، تڪليفون، تڙپ ۽ الائي ڇا ڇا پنهنجي اندر ۾ سانڍي رمندو رهيو ۽ اسين سنڌي ڪيترين لاثاني ڪهاڻين جي اُن خزاني کي ڏسي نه سگهياسين. ته به هن جيڪي لکيو اهو سندس ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ ناڪافي ڪونهي. ڪاش ايشور اڃان هجي ها ته سندس موزون نموني قدر ٿئي ها ۽ اولاد لانقيءَ لڳڻ ڪري مس مس هٿ آيل سک جا ڏينهن ماڻي ها، پر رڪشابنڌن جي ڏينهن (خميس: ١٣-آگسٽ ١٩٩٢ع)، ايشور سمورا بنڌن ٽوڙي هن دنيا جي ڏکن کان نجات پائي ويو.

## ايشور چندر جا ڇپيل ڪتاب

(١) ٿڌا ڇپ — ١٩٦٥ع - سنڌ پاڪيٽ بُڪس، احمد آباد (نيو فيلڊس، پبليڪيشن حيدرآباد).
(٢) مُٺل ماڪوڙو — ١٩٦٦ع - پشپ ڪمل پبليڪيشن، جنپور.
(٣) پنهنجي ئي گهر ۾ — ١٩٧٣ع - اجنتا پبليڪيشن، اجمير.
(٤) نئين زماني جو ڪونو — ١٩٧٩ع - سنڌ پبليڪيشن، احمدآباد.
(٥) سخت چهري وارو ماڻهو — ١٩٨٠ع - ڪويتا ساهتيه مالا، احمد آباد.
(٦) موٽي آيل ماضي — ١٩٨١ع - سنگيتا پبليڪيشن، ٻڙودا.
(٧) ايشور چندر جون ست ڪهاڻيون — ١٩٨٣ع - ڪونج پبليڪيشن، بمبئي.
(٨) چوڪرو چوڪري — ١٩٨٣ع - ڪويتا ساهتيه مالا، احمد آباد.
(٩) اندر جو جامڙو — ١٩٨٤ع - سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد.
(١٠) ساڳيوئي سوال — ١٩٨٤ع - فڪشن پبليڪيشن، اجمير.
(١١) هڪ بيمار غزل — ١٩٨٥ع - فِڪشن پبليڪيشن، اجمير.
(١٢) رت — ١٩٨٦ع - شيلينڊر پبليڪيشن، اجمير.
(١٣) پر/شايد — ١٩٨٧ع - شيلينڊر پبليڪيشن، اجمير.

[ان کان سواءِ گجراتي، مليالم ۽ هنديءَ جا ڪتاب ۽ "Forgotten" سري سان انگريزي ڪهاڻين جو مجموعو. ڀارت جي مختلف هندي ۽ سنڌي رسالن ۾ ڇپيل آکاڻيون ۽ ترجمي جي ڏس ۾ "ست ڪشميري آکاڻيون" ترجمو سنڌيءَ ۾].

# مولانا غلام محمد "گرامي" جي ارڙهين ورسي

"بزم گرامي" ميهڙ پاران سنڌي ادبي بورڊ جي سهڪار سان سنڌ جي ناميار عالم ۽ دانشور ۽ ٽماهي "مهراڻ" جي اڳوڻي ايڊيٽر مولانا غلام محمد "گرامي" جي ارڙهين ورسي ٢٠ آڪٽوبر ١٩٩٤ع تي بورڊ جي لان ۾ ملهائي ويئي، جنهن جي صدارت سنڌ جي مشهور شاعر امداد حسيني ڪئي ۽ خاص مهمان ناميارو دانشور رسول بخش پليجو هو، جڏهن ته اعزازي مهمان معروف اديب ڪريم بخش خالد ۽ سيد محمد شاهه (ياٺوت وارو) هئا. اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرائض خان محمد پنهور ادا ڪيا.

سڀ کان پهريائين بزم گرامي ميهڙ جي صدر شيخ اسحاق دانش آيل سمورن مهمانن کي ڀليڪار چوندي سندن ٿورو مڃيو. هن چيو ته "گرامي صاحب سنڌ جو ناميارو ۽ وساريل عالم، اديب، محقق ۽ نقاد آهي. ڪيس سنڌ، سنڌين، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب سان عشق هو. هن دل جان ۽ اڻٿڪ ڪوششن سان سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪئي، جنهن ۾ زندگيءَ جون آخري گهڙيون پڻ صرف ڪيائين."

ناميار اديب، دانشور ۽ ماهوار "سانجهه" جي ايڊيٽر خاڪي جويي ڳالهائيندي چيو ته "گرامي صاحب مهراڻ ۾ تمام سٺو ڪم ڪيو ۽ هن جهڙو محنتي ايڊيٽر مهراڻ کي نه مليو آهي. هن مهراڻ ۾ هر فن تي مستند ۽ معتبر مواد پيش ڪيو. گرامي صاحب مهراڻ وسيلي نون ليکڪن جي تمام گهڻي همت افزائي ڪئي. هو وڏو عالم ۽ فاضل ماڻهو هو."

ماهوار "گل ڦل" جي ايڊيٽر اڪبر جسڪاڻي ڳالهائيندي چيو ته "گرامي صاحب کي مون ڏٺو ڪونه پر هي اسين جيڪي هت گڏ ٿيا آهيون، سو ڏسي سوچيان ٿو ته گرامي صاحب واقعي وڏو عالم ۽ مفڪر هو. ۾ بنيادي طور تي هو غريب هو ۽ سندس خاندان به مسڪيني حالت ۾ آهي، انڪري اسان هت صرف ڪجهه ماڻهو گڏ ٿيا آهيون، جا سچ ته ڏک جهڙي ڳالهه آهي."

مشهور شاعر سرور نواز ٻگهيي ڳالهائيندي چيو ته "گرامي صاحب سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جيڪو علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪيو، ان جي اعتراف ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. اهڙن عالمن تي سنڌ کي سدائين فخر رهندو."

مشهور ڪهاڻيڪار طارق عالم ڳالهائيندي چيو ته "ڪي انسان ادارن جي حوالي سان سڃاتا ويندا آهن ته ڪي ادارا ڪجهه انسانن جي حوالي سان. غلام محمد گرامي صاحب به انهن اعليٰ انسانن منجهان هو، جنهن سان سنڌي ادبي بورڊ جي سڃاڻپ آهي."

نئين ٽهيءَ جي شاعره انيتا شاهه مقالو پڙهندي چيو ته "اسان ڪنهن به سچي ماڻهوءَ جو انهيءَ جي عظمت جي لحاظ سان مناسب قدر ڪونه ٿا ڪريون. حياتيءَ ۾ ته هو سور ڪاٽن ٿا پر مُئي کان پوءِ به رڳو نالي ماتر ورسيون ملهايون ٿيون وڃن. گرامي صاحب پنهنجي لاءِ جا منزل مقرر ڪئي، ان تائين پهچڻ ۾ جيڪي به ڪيس تڪليفون، رڪاوٽون ۽ دشواريون سامهون آيون، تن کي پاڻ پنهنجي مستقل مزاجي، همت ۽ جرئت سان منهن ڏنائون، پنهنجي علمي، ادبي تحقيق کي جاري رکيائون ۽ پاڻ کي سنڌ جو هڪ عظيم عالم ۽ فاضل ۽ اعليٰ درجي جو محقق ثابت ڪيائون."

ناميار اديبه زاهده شيخ پنهنجي مقالي ۾ چيو ته "گرامي اهڙو عظيم آدرشي انسان هو، جنهن جي زندگيءَ جو گهڻو حصو ادبي ميدان تي ترقي پسند جديد جي محافظ جي حيثيت ۾ رجعت پرست ۽ مذهب جي ڪوڙن تشريح

بازن سان جنگ ڪندي گذريو. هو گھڻ گُڻي شخصيت هو. هو اديب، شاعر، تنقيد نگار، استاد، صحافي، سنڌ جي تاريخ ۽ اسلامي تصوف جو شارح ۽ راڳ جو ڄاڻو هو. سڀني شعبن ۾ سندس ڄاڻ رڳو سطحي قسم جي نه پر تمام گھڻي گھرائيءَ واري هئي."

ناميار شاعر عبدالخالق "شهيد" سومري ڳالهائيندي چيو ته "گرامي صاحب سنڌ جو رومي هو. هو سنڌ جو ابو الڪلام آزاد هو. هو علم جو آفتاب هو. سنڌ ۾ سندن شاگردن ۽ مداحن جو ڪافي تعداد آهي. مان به سندس پراڻن شاگردن ۽ مداحن مان هڪ آهيان. منهنجي ساڻن ١٩٥٤ع کان وٺي نيازمندي هئي، جڏهن اسان کي ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ فارسي پڙهائيندا هئا. ان وقت کان وٺي سندن محبت جي سعادت نصيب ٿي ۽ فخر اٿم ته اهڙي عظيم هستيءَ جو شاگرد آهيان."

محمد پريل اشرفاڻي گرامي صاحب جي خدمتن جي واکاڻ ڪئي ۽ ساڻس گڏ گذاريل گهڙين جون يادگيريون بيان ڪيون.

ناميار اديب محمد دائود بلوچ ڳالهائيندي چيو ته "گرامي صاحب جي شخصيت ڪنهن به تعارف جي محتاج نه آهي. گرامي صاحب همه گير شخصيت جو مالڪ هو. قدرت طرفان ڪيس تقرير ۽ تحرير جي ذات مليل هئي. گرامي صاحب وڏي شخصيت هو، پر افسوس جو اسان سندس جيئري ڪو به قدر ڪونه ڪيو. پر جن جو جيئري ڪو قدر ڪونه ٿيندو آهي، انهن جو مئي کان پوءِ گهڻو قدر ٿيندو. گرامي صاحب ڪيترن کي فيض ڏنو، پر افسوس جو گرامي صاحب کي ڪنهن وٽان به ڪجهه به نه مليو."

نوجوان اديب ادريس جتوئي چيو ته "گرامي صاحب کي جيئري توڙي مئي طبقاتي مت ڀيد جو شڪار بنايو ويو هو. جيڪڏهن مٿين طبقي جو ماڻهو هجي ها ته سندس ورسيون وڏي پيماني تي ٿين ها ۽ سندس ڪو ڪتاب اڻڇپيل نه رهي ها ۽ نه ئي سندس مسودا اُڏوهين جي حوالي ٿين ها. اها اسان جي گڏيل بيحسي آهي. هن انهيءَ دؤر ۾ سنڌ جي وجود جي بچاءَ لاءِ جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪئي، جڏهن سنڌ جو نالو وٺڻ ڪاريهر تي پير رکڻ جي برابر هو. شيخ اياز جيڪو سنڌ جي ترقي پسند ادب جي علامت رهيو آهي، مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات جهڙو شاهڪار مقالو لکي، ان جو بچاءُ ڪري، گرامي صاحب پنهنجو تاريخي فرض ادا ڪيو آهي."

جڏهن ته نوجوان شاعر راجه انور چانڊيي، سماجي ڪارڪن رفيق مصطفيٰ عباسي، گرامي صاحب جي ويجهي دوست ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي فرزند مظهر علي جتوئي پڻ گرامي صاحب جي ڪيل خدمتن طور ڪيس زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو.

ناميار شاعر پرواني ڀٽي چيو ته گرامي صاحب شرافت ۽ سچائيءَ جو مجسمو، اخلاق ۽ اخلاص جو صاحب، اسان جي لاءِ وڏي هستي هو. مستقل مزاجيءَ جو هيءُ عالم، جو ڪيتريون ئي پريشانيون آيون، مگر بورڊ جي ملازمت کي خيرباد نه چيائين. گرامي صاحب ادبي بورڊ جي نالي سان سڃاتو نه ويندو هو، پر بورڊ گرامي صاحب جي نالي سان سڃاتو ويندو هو ۽ بورڊ وارن گرامي صاحب کي ته هميشه لاءِ وساري ڇڏيو آهي ۽ گرامي صاحب کي جيئري توڙي مُئي ڪجهه به نه ڏنو آهي، ايستائين جو سندس ڪتاب به نٿا ڇپرايا وڃن."

اعزازي مهمان، گرامي صاحب جي جهوني ويجهي دوست سائين سيد محمد شاهه ڳالهائيندي چيو ته "گرامي صاحب سنڌي قوم ۾ هڪ وڏي وٿ هو. آءٌ گرامي صاحب سان سندس حيدرآباد ۾ اچڻ جي پهرين ڏينهن کان، اٺين ڪلي چنجي ته گڏ هوس. مون جو ڪجهه مرحوم تي ٿيندي ڏٺو ۽ هن ڪينن اهو سڀ ڪجهه سنو، اُن جو بيان ڪرڻ ئي



گرامي صاحب جي ورسي جي موقعي تي رسول بخش پليجو، ڪريم بخش خالد، سيد محمد شاهہ، امداد حسيني، پروانو ڀٽي، مظهر علي خان جتوئي، محمد دائود بلوچ، خاڪي جويو، محمد پريل اشرفاڻي، سرور نواز ٻگهيو، عبدالخالق شهيد سومرو، رفيق مصطفيٰ عباسي، راجا انور چانڊيو، ادريس جتوئي، زاهده شيخ، انيتا شاهہ، طارق عالم، اڪبر جسڪاڻي، شيخ اسحاق دانش ۽ آزاد علي انور ڪانڌڙو ڳالهائي رهيا آهن.



گرامي صاحب جي ورسيءَ جا ٻُڌندڙ

ڏکيو پيو لڳي. هن عظيم محقق، تاريخدان، فلسفيءَ، سچي مذهبن جي ڄاڻوءَ، لطيف ۽ ان جي فڪر جي پارکوءَ ۽ قلم جي ڌڻيءَ جو جيئري جيڪو حال هو، تنهن کان ڪو به باشعور علمي حلقو اڻواقف نه هوندو. هو وڏو عالم هو. هن سڄي عمر ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت ڪئي. هن جي علم، تحقيق ۽ شاعريءَ مان فائدي وٺندڙن ۽ سڪندڙن جو وڏو حلقو پيدا ٿيو. اسان زندهه هوندي پنهنجي ڪنهن به محسن کي، جيڪو هن جو مقام ۽ مرتبو آهي، اهو نه ڏيندا آهيون ۽ هن سان ڪنهن به تنگ ۽ مشڪل گهڙيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار نه ٿيندا آهيون ۽ ساڳيو حال گرامي صاحب جو به ٿيو. پر گرامي صاحب کي ته جڻ اسان وساري ڇڏيو آهي. اسان کي سنڌس يونيئرن جي مالي مدد ڪرڻ گهرجي ۽ سندس لکڻين کي ڇپائڻ گهرجي."

اعزازي مهمان جناب ڪريم بخش خالد چيو ته "گرامي صاحب داناءُ ماڻهو هو ۽ هن جي مشاهدي جي قوت گهري هئي."

مهمان خاص محترم رسول بخش پليجي چيو ته "سنڌ جيڪي دانشور پيدا ڪيا آهن، انهن مان گرامي صاحب هينئين مان هينئين ڪلاس وارو ماڻهو هو، جيڪو تمام وڏي ۾ وڏو ماڻهو ٿي اڀريو. سنڌ ۾ هو واحد ۽ يگانو ماڻهو هو، جنهن ڪيترائي فڪري ماڻهو پيدا ڪيا. گرامي صدين جو علم پڙهائيندو ۽ ورهائيندو رهيو. لطيف جا جيڪي آدرش هئا، گرامي انهن جو مجسمو هو. هو جينيس ماڻهو هو. سنڌ اڄ تائين گراميءَ جهڙو ماڻهو پيدا نه ڪيو آهي. هو انسائيڪلوپيڊيا ته هو، پر هو چرندڙ پرندڙ يونيورسٽي به هو."

صدارتي تقرير ڪندي امداد حسيني چيو ته "گرامي صاحب هڪ باعمل عالم هو. هن رڳو تحريري طور سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ مجموعي طور تي سنڌ جو مقدمو نه وڙهيو آهي، بلڪه هن ان ڏس ۾ عملي سطح تي به جاکوڙ ڪئي آهي. ان ڏس ۾ اهو چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته گرامي صاحب هر انهيءَ تحريڪ ۾ هڪ رهنما اڳواڻ جو ڪردار ادا ڪيو، جيڪا سنڌ جي مفادن ۾ هئي. ون يونٽ جي جبري دور ۾ جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي پرائمري سطح تائين واڙيو ويو ۽ سنڌي ادبي سنگت سنڌي ٻوليءَ جي بحاليءَ لاءِ عظيم تحريڪ هلائي، جيڪا مجموعي طور تي سڄوري سنڌ جي بحاليءَ جي تحريڪ هئي، انهيءَ تحريڪ ۾ گرامي صاحب مهڙ جي مورچن جي هڪ بي ڊپي ۽ سورهيه سپاهي وارو ڪردار ادا ڪيو. گراميءَ جهڙا عالم نه رڳو پوري سنڌ لاءِ فخر جو باعث آهن، پر پوري عالم لاءِ شرف ۽ فخر جو باعث آهن."

جلسي ۾ هيٺيان ٺهراءُ يڪراءِ پاس ڪيا ويا.

(١) سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ وارو درجو ڏنو وڃي.

(٢) سنڌي ادبي بورڊ کان گهر ڪئي وڃي ته مولانا گراميءَ جون ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل لکڻيون سهيڙي بورڊ پاران ڪتابي صورت ۾ ڇپرايون وڃن.

(٣) گرامي صاحب جي پٽ کي ادبي بورڊ ۾ نوڪري ڏني وڃي.

(٤) سنڌالاجي ۾ "گرامي ڪارنر" قائم ڪيو وڃي.

(٥) ميهڙ جي هاءِ اسڪول کي گرامي صاحب جي نالي منسوب ڪيو وڃي.

(٦) ڄامشورو ڦاٽڪ کان ادبي بورڊ ڄامشورو جي آفيس واري رستي کي گرامي صاحب جي نالي منسوب ڪيو وڃي.

- "آزاد" علي انور ڪانڌڙو

# اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس ۱۹۹۴ع
# اسلام آباد

اڪيڊمي ادبيات پاڪستان پاران ۹-۱۱ آڪٽوبر ۱۹۹۴ع تي اسلام آباد ۾ "اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس"، خاص طرح سان ان لحاظ کان هڪ مثالي ميڙ بڻيو، جو ان ۾ ملڪي ادب ۽ ٻولين بابت ڪيئي اهم، نوس ۽ تاريخي نمراءُ بحال ڪيا ويا، جن جو تعلق مستقبل جي ترقيءَ ۽ قومي يڪجهتي سان آهي. (نمرائن جو مڪمل متن هتي پيش ڪري رهيا آهيون).

ڪانفرنس جو افتتاح صدر مملڪت جناب فاروق احمد خان لغاري ڪيو ۽ ان ۾ وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو جو پيغام، محترمہ شهناز وزيرعلي پڙهي ٻڌايو.

ڪانفرنس ۾ ساڍا ست سو کان بہ وڌيڪ اديبن ۽ دانشورن شرڪت ڪئي، جن ۾ چئني صوبن جي ليکڪن سان گڏ سرائڪي، کوار، شنا، براهوي، گجراتي ۽ ٻين ٻولين جي اديبن کي ڪوٺ ڏنل هئي.

ايڏي وڏي پيماني تي اديبن جو ميڙ ڪوٺائڻ لاءِ اڪيڊميءَ جي نئين چيئرمن جناب فخر زمان، ڊائريڪٽر جنرل جناب افتخار عارف ۽ اداري جي ڪارڪنن جي جاکوڙ نمايان هئي.

افتتاحي خطاب ۾ صدر مملڪت ليکڪن تي زور ڀريو تہ اهي جمهوري نظام جي استحڪام ۽ جمهوري قدرن جي ترقيءَ ۽ احترام لاءِ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪن. هن چيو تہ موجوده جمهوري حڪومت ۾ راءِ جي اظهار جي مڪمل آزادي آهي، ان ڪري اديب ۽ دانشور فڪري انقلاب پيدا ڪري سگهن ٿا.

هن چيو تہ "پاڪستان جي موجوده معاشري ۾ اگر ليکڪن جو منصب طئہ ڪيو وڃي تہ نظر ايندو تہ هر صنف ۾ اسان جي ليکڪن پنهنجون ذميواريون سهڻي طريقي سان ادا ڪيون آهن. مارشل لا ۽ مطلق العنان آمريت جي زمانن ۾ جتي سياسي سطح تي ملڪ جي عوام جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ بي مثال قربانيون ڏنيون، اتي اديبن ۽ شاعرن دنيا جو عظيم مزاحمتي ادب تخليق ڪيو، جو مقدار ۽ معيار ۾ هڪ فخر جوڳو ادبي سرمايو آهي. پاڪستان جي هر زبان جو ادب پنهنجي همعصر حقيقتن جو هڪ اهڙو تخليقي دستاويز آهي، جنهن کي آئنده جو محقق حوالي ۽ سَنَد طور استعمال ڪندو."

وزير اعظم پنهنجي پيغام ۾ واضح ڪيو تہ جمهوريت ۽ ادب هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. هن ياد ڏياريو تہ جمهوريت جي ڏينهن ۾ شاندار تخليقي ادب جي اوسر ٿيندي آهي.

هن چيو تہ "اڄ جي هن ڪانفرنس جو موضوع 'جمهوريت ۽ ادب' تمام اهم آهي. جمهوريت ۽ ادب جو پاڻ ۾ گهرو ڳانڍاپو آهي. جمهوريت ۾ عُمدي تخليقي ادب جي اوسر ٿيندي آهي ۽ آزاد تخليقي ادب ئي جمهوريت جو ضامن

آهي. اعليٰ ادب ان وقت ئي سرجي سگهي ٿو، جڏهن سوچڻ ۽ راءِ جي اظهار جي پوري آزادي هجي، ۽ انهيءَ آزادي‎ءَ جو بيو نالو جمهوريت آهي. اڄوڪو ته دانشورن جي انهيءَ قومي ڪانفرنس جي موقعي تي اهو وچن ڪريون ته اسين سوچ ۽ فڪر جي اظهار جي راهه ۾ موجود سمورين رڪاوٽن کي ڪيرائي ڇڏينداسين. انهن مان هڪ وڏي رڪاوٽ اهو سياسي ڪلچر آهي، جنهن ۾ اختلاف راءِ رکڻ وارن جي خيالن ۽ نظرين کي برداشت ڪرڻ واري صلاحيت جي اڻهوند آهي. اڄ هڪ نئين سياسي ڪلچر جي سڀ کان وڏي ضرورت آهي. مون کي يقين آهي ته اديبن ۽ دانشورن جي هي‎ءَ قومي ڪانفرنس، نئين سياسي ڪلچر جي اسرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

ان قومي ڪانفرنس جي موقعي تي آءٌ ملڪ جي انهن ٥٠ ناميارن ليکڪن، شاعرن ۽ دانشورن کي پڻ مبارڪون ڏيان ٿي، جن کي تازو اڪيڊميءَ جو تاحيات ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي. انهن جي مقرري نه صرف ادب جي ميدان ۾ انهن جي خدمتن جي مڃتا آهي، پر حڪومت جي ان ارادي جو اظهار پڻ آهي ته اسين اديبن، شاعرن ۽ دانشورن کي معاشري ۾ انهن جو جائز مقام ڏياريندا سين."

اجلاس کي وفاقي وزير تعليم سيد خورشيد احمد شاهه به خطاب ڪيو ۽ جناب فخر زمان پنهنجي تفصيلي سپاسنامي ۾ ملڪي ادب ۽ اديبن جي مسئلن جي اپٽار ڪئي. ان موقعي تي صدر مملڪت اديبن ۽ دانشورن کي ايوارڊ ڏنا ۽ اڪيڊميءَ لاءِ هڪ ڪروڙ رپين جي مالي امداد جو اعلان ڪيو.

ڪانفرنس جا باقاعده ادبي اجلاس ورنڌڙ پيئي ڏينهن جاري رهيا. پهرين نشست "ادب ۽ جمهوريت" جي پريزيڊيم ۾ ممتاز مفتي، احمد نديم قاسمي، شوڪت صديقي، عبدالله حسين، عبدالله جان جمالديني، قلندر مومند ۽ هاجره مسرور شامل هئا ۽ ان ۾ ظهير ڪاشميري، شمشيرالحيدري، ڊاڪٽر انوار احمد، سليم راز ۽ انور سجاد پنهنجا مقالا پڙهيا.

"پاڪستاني ادب ۾ مزاحمتي رويا" بابت ٻي نشست جي پريزيڊيم ڪرار حسين، محمد ابراهيم جويو، قتيل شفائي، يوسف شاهين، احمد راهي، احمد فراز، الطاف فاطمه ۽ حميد اختر تي مشتمل هئي ۽ ان ۾ فهميده رياض، امر جليل، مرزا حامد بيگ، افضل توصيف، ڊاڪٽر محمد اعظم، عبدالله جان جمالديني، طائوس بانهالي، طاهر تونسوي، مختيار علي نير، سيد محمد عباس ڪاظمي، جيلاني ڪامران ۽ ڪتري عصمت علي پٽيل مقالا پڙهيا.

رسول بخش پليجي، جام ساقي، خيرالنساءِ جعفري، افضل حسين رنڌاوا، انتظار حسين، منير نيازي ۽ نادر قمبراڻي جي پريزيڊيم هيٺ ٽئين نشست جو عنوان هو: "ادب ۽ ايڪويهين صدي." ان ۾ عرش صديقي، فرخنده لوڌي، رضي عابدي، عزيز بگٽي، هاشم بابر، سحر انصاري ۽ فهميده حسين پنهنجا پيپر پڙهيا.

چوٿين نشست جي پريزيڊيم پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه، جسٽس خدا بخش مري، ظفر اقبال، زيتون بانو، آفتاب احمد خان، خالده حسين، جانباز جتوئي، جاويد شاهين ۽ مستنصر حسين تارڙ تي مشتمل هئي ۽ ان ۾ "پاڪستاني اديبن جي مسئلن" تي بهادر خان، ڪشور ناهيد، منو ڀائي، سوڀي گيانچندائي، لئيق بابري، ضمير نيازي، آءِ. اي. رحمان، مسعود مفتي ۽ حميد اختر پنهنجا مقالا پڙهيا.

آخري نشست جي پريزيڊيم سينيٽر حسين شاهه راشدي، احمد نديم قاسمي، ڊاڪٽر وزير آغا، محمد نواز طائر ۽ عبدالله جان جمالديني تي مشتمل هئي ۽ ان ۾ ٺهراءُ پيش ڪيا ويا ۽ انهن کي آخري صورت ڏيئي پاس ڪيو ويو.

# ٺهراءَ

## عالمي صورتحال

هن اجلاس ۾ شريڪ اديب ۽ دانشور انسانيت جي ضمير ۽ اعليٰ انساني قدرن جي امين هئڻ جي ناتي اڄ عالمي سطح تي دنيا جي قومن جي خلاف سامراجيت ۽ بالادستيءَ جي شديدتر ٿيندڙ ريشه دوانين کي ڳڻتيءَ سان ڏسن ٿا ۽ ان جي خلاف خودمختياري ۽ آزاديءَ لاءِ عوامي ۽ قومي جدوجهد کي قدر جي نگاهه سان ڏسندي ان ۾ پنهنجي ڀرپور شرڪت ظاهر ڪن ٿا ۽ ان نوعيت جي جدوجهد ڪندڙ قومن، ادارن ۽ عوام کي پنهنجي مڪمل حمايت جو يقين ڏيارين ٿا.

هي اجلاس خاص طور تي جمون ۽ ڪشمير ۽ بوسنيا جي عوام تي جاري ظلم جي مذمت ڪري ٿو ۽ ايو اين او، سلامتي ڪائونسل، واسطيدار حڪومتن ۽ ويڙهه ۾ رڌل گروهن کي سڀيني تڪراري معاملا عالمي اداري جي تسليم ٿيل ٺهرائن، يو اين هيومن رائيٽس چارٽر ۽ انساني قدرن جي پاسداري ۽ خوداختياري واري حق جي تسليم ٿيل اصولن هيٺ جنگ ۽ خونريزيءَ جي بدران گڏيل ڳالهين جي ذريعي طئه ڪرڻ جي درخواست ڪري ٿو.

## زبان جو مسئلو

هي اجلاس مطالبو ڪري ٿو ته جيئن ته اتفاق راءِ سان عملي طور تي اڙدو ملڪ ۾ رابطي جي زبان طور تسليم ٿي چڪي آهي، تنهنڪري ان کي محض قومي زبان بدران مرڪزي طور تي سرڪاري زبان قرار ڏنو وڃي ۽ واقعتاً رائج ڪيو وڃي ۽ ملڪ ۾ مروج سمورين زبانن کي قومي زبانون قرار ڏنو وڃي.

سائنسي طور تي طئه ٿيڻ ڪان پوءِ اسان لاءِ اڻتر آهي ته مادري زبانن کي ابتدا کان اعليٰ سطح تائين تعليم جو ذريعو ڪيو وڃي ۽ ان لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن.

اهو به ضروري آهي ته زماني سان گڏوگڏ هلڻ ۽ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي Excellence جي حصول لاءِ فنڪشنل انگريزيءَ جي تعليم جو به بندوبست ڪيو وڃي.

ان سان گڏوگڏ اها ڳالهه به اهميت جي آهي ته خود پنهنجين ثقافتن ۽ ڪلاسيڪي ادب کي بهتر طور سمجهڻ لاءِ فارسي ۽ عربي زبانن جي اهميت کي تسليم ڪندي انهن جي تعليم جو خاص انتظام ڪيو وڃي.

## اليڪٽرانڪ ميڊيا

هي اجلاس مطالبو ڪري ٿو ته حڪومت جي اختيار هيٺ اليڪٽرانڪ ميڊيا کي حقيقي معنيٰ ۾ عوامي ۽ جمهوري بنائڻ لاءِ انهن کي مڪمل طور تي خودمختيار ڪيو وڃي. انهن ادارن جي موجود سينسرشپ پاليسيءَ کي رد ڪيو وڃي.

سڀني پاڪستاني زبانن ۽ رنگارنگ ثقافت جي ڀرپور ابلاغ لاءِ ڪُل وقتي چئنلس جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ ان وقت تائين انهن زبانن لاءِ مخصوص وقتن ۾ واڌارو ڪيو وڃي.

انهن ادارن کي مؤثر عوامي ميڊيا بنائڻ لاءِ بين الاقوامي ابلاغ جي ذريعن جي يلغار جي مقابلي ڪرڻ لاءِ پيشيور بنيادن تي انهن جي نئين سر تنظيم ڪئي وڃي ۽ انهن ادارن ۾ قلمڪارن جي ڪردار کي بنيادي اهميت ڏني وڃي ۽ اهو به ته انهن ادارن جي نشريات ۾ زبان ۽ بيان جي صحت تي خاص ڌيان ڏيندي عوامي اظهار کي وڌ کان وڌ رائج ڪيو وڃي.

## ڪتابن جي ڇپائي

هي اجلاس مطالبو ڪري ٿو ته مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن هيٺ هلندڙ اهڙا سموڙا ادارا جيڪي ڪتاب ڇاپين ٿا، اهي پنهنجين پاليسين ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ هم آهنگي پيدا ڪن ۽ ورجاءُ (Duplication) کي ختم ڪن ته جيئن محدود وسيلن جو بهتر استعمال ڪندي وڌ ۾ وڌ ڪتاب ڇاپي سگهجن، جن ۾ ڏورانهن علائقن جي ليکڪن جا ڪتاب به شامل هجن.

انهن ادارن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته واسطيدار علائقن ۽ زبانن جي معتبر اديبن جا صلاحڪار بورڊ قائم ڪيا وڃن ۽ انهن کي فعال ڪيو وڃي.

## ترجمن لاءِ مرڪزي ادارو

اڄ جو دور Information Explosion جو دور آهي. اسرندڙ ملڪن ۾ هر ڏينهن نون خيالن ۽ نين سائنسي کوجنائن ۽ معلومات تي ٻڌل بي شمار مقالا ۽ مضمون تخليق ٿي رهيا آهن. ڪلاسيڪي علمن جي ڪتابن جي نئين سر ڇپائي ٿي رهي آهي. آڊيو وزيوئل ۽ فلمي دستاويز تيار ٿي رهيا آهن. اسان جي قوم ۽ عوام کي ترقيءَ جي رفتار ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته تازه ترين فڪري ۽ معلوماتي ڪتاب ۽ ڄاڻ کي انهن جي زبانن ۾ هنن تائين پهچايو وڃي ته جيئن اسان موجوده عوامي حڪومت جي دعوائن موجب وقار ۽ شان سان نئين دور ۾ داخل ٿي سگهون. ان پس منظر ۾ هي اجلاس مطالبو ڪري ٿو ته اڪيڊمي آف ليٽرس هيٺ هاڻوڪي ترجمي واري اداري کي ترجمن جو مرڪزي ادارو ناهيو وڃي ۽ ان لاءِ هر ممڪن وسيلا فراهم ڪيا وڃن ته جيئن همعصر فڪري، معلوماتي ۽ سائنسي مضمون ۽ معلومات کي، آڊيو وزيوئل دستاويزن کي وڏي پيماني تي پاڪستاني زبانن ۾ ترجمو ڪري عوام لاءِ عام ڪيو وڃي. ان سان گڏوگڏ ملڪ جي تاريخي، ڪلاسيڪي، ثقافتي ۽ ادبي تخليقن کي عالمي سطح تي متعارف ڪرائڻ لاءِ اڪيڊميءَ جي منصوبن کي فعال ۽ جامع ڪيو وڃي ۽ اهو به ته غير حڪومتي سطح تي ڪيل ان نوعيت جي ڪوششن جي خاص مدد ڪئي وڃي.

## ايف.سي.آر

پاڪستان جي اديبن ۽ دانشورن جو هي نمائنده اجلاس حڪومت کان مطالبو ٿو ڪري ته قبائلي علائقن تي مڙهيل نوآبادياتي نظام جو قانون ايف.سي.آر (F.C.R.) هڪدم ختم ڪيو وڃي ۽ اتي رهندڙ سڀني ماڻهن کي هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جو حق ڏنو وڃي ته جيئن قبائلي علائقن جو عوام پاڪستان جي قومي وهڪري ۾ پوري طرح تي شامل ٿئي.

## اقليتون

هي اجلاس ملڪ جي اقليتي برادرين کي پيش ايندڙ صورتحال ۽ مختلف حوالن کان هنن جي حق غصب ڪرڻ واري روش تي پنهنجي ڏک ۽ ڳڻتيءَ جو اظهار ڪري ٿو. هي اجلاس گهر ٿو ڪري ته گذريل آمراڻي قدمن سبب اقليتن

۾ احساس محرومي پيدا ٿي ويو آهي ۽ هو پنهنجو پاڻ کي ٻئي درجي جو شهري سمجهڻ لڳا آهن. هنن جو تدارڪ ۽ ازالو ڪيو وڃي ۽ هنن کي برابريءَ وارن حقن جي ضمانت ڏيڻ لاءِ جوڳي ڪارروائي ڪئي وڃي. هي اجلاس پرزور مطالبو ٿو ڪري تہ ڏار چونڊن واري سرشتي جو خاتمو ڪري گڏيل طور چونڊن جو طريقو رائج ڪيو وڃي تہ جيئن اقليتون وري پاڻ کي قومي وهڪري ۾ شريڪ سمجهن.

## فڪري ۽ نظرياتي مسئلا

پاڪستاني اديبن جو هي نمائنده ميڙ ملڪي ۽ صوبائي سطح تي خاص طور تي سنڌ صوبي ۾ سياسي تلخين ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيڻ واري محاذ آرائي تي گهري ڳڻتيءَ جو اظهار ڪري ٿو ۽ سياستدانن کان گهر ٿو ڪري تہ هو ترت اهو خطرناڪ رستو ترڪ ڪري سرچاءَ ۽ پرچاءَ جي جمهوري گس کي هنداين تہ جيئن ملڪي استحڪام ۽ قومي خوشحالي جي لاءِ ڀائيچاري جو ماحول قائم ٿي سگهي.

## اديبن جي نمائندگي

اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس ۱۹۹۴ع جو هي اجلاس گهر ٿو ڪري تہ ملڪ جي سڄ سماءَ جي ادارن يعني ريڊيو ۽ ٽي وي ۽ قومي ۽ صوبائي ادبي ادارن ۽ مڙني ثقافتي ادارن جي گورننگ باڊيز ۾ اديبن ۽ دانشورن کي جوڳي نمائندگي ڏني وڃي ۽ هنن کي ان جي مرڪزي انتظاميا ۾ هڪ ميمبر جي حيثيت سان نامزد ڪيو وڃي تہ جيئن انهن ادارن جي فڪري ۽ علمي سطح وڌيڪ مٿانهين ٿي سگهي ۽ سماجي شعور جي تقاضائن ۽ قومي امنگن سان انهن کي هم آهنگ ڪيو وڃي. ان کان وڌيڪ هي اجلاس گهر ٿو ڪري تہ پرڏيهہ ۾ پاڪستاني ثقافت ۽ ادب جي جوڳي نمائندگي لاءِ مڙني پاڪستاني سفارتخانن ۾ اديبن ۽ دانشورن کي ڪلچرل اتاشي جي حيثيت سان مقرر ڪيو وڃي.

## پاڪستاني ادب

هي اجلاس گهر ٿو ڪري تہ جمهوري گهرجن پٽاندڙ پاڪستاني زبانن جي شعر و ادب کي قومي زندگي جي هر شعبي ۾ مناسب جڳهہ ڏني وڃي. انهن زبانن جي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڇهہ ماهي يادگار ليڪچرن جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ اڪيڊميءَ جي تاحيات ميمبرن ۾ پاڪستاني زبانن جي معتبر اديبن کي شامل ڪيو وڃي. ان کان سواءِ مختلف شهرن ۾ اهم وڏن رودن تي عوام جي محبوب اديبن ۽ شاعرن جا نالا رکيا وڃن. آدمشماريءَ جي فهرست مان جن زبانن کي گم ڪيو ويو آهي مثلاً براهوي، ان جي حيثيت بحال ڪئي وڃي.

مڙني پاڪستاني زبانن جي معذور ۽ بيمار اديبن ۽ دانشورن لاءِ مالي واهر ڪئي وڃي ۽ ان ڳالهہ کي خاص طور ذهن ۾ رکيو وڃي تہ ڪنهن بہ صوبي ۽ ڪنهن زبان جي اديبن ۽ دانشورن کي نظر انداز نہ ڪيو ويندو.

## ڇپائي ۽ اشاعت

ڪتابن جي ڇپائي جي سلسلي ۾ جا مهانگائي وڌي آهي، ان جي ڄاڻ سڀني کي آهي. اسان جي ملڪ ۾ ليکڪن کي پنهنجون لکڻيون ڇپائڻ واري ڏس ۾ جيڪي مالي مشڪلاتون آڏو آهن اهي ڪنهن کان لڪل ناهن.

اسان جي ملڪ ۾ پبلشر ادبي ڪتابن جي ڇپائيءَ کي لاڀ وارو ڌنڌو نٿا سمجهن، انڪري اسان جي تجويز آهي تہ مالياتي ادارن کي Self Employment Scheme هيٺ ڏيڻ وارن قرضن جي فهرست ۾ ڪتابن جي اشاعت لاءِ بہ گنجائش ڪڍي وڃي ۽ ليکڪن کي بغير وياج جي قرض ڏنا وڃن جنهن جي سفارش اڪيڊمي ادبيات پاڪستان ڪندي.

## سفري سهولت

اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس ۱۹۹۴ع جو هي اجلاس حڪومت کان گهر ٿو ڪري ته اديبن ۽ دانشورن کي ملڪ ۾ تَوڙي پرڏيهه سفر لاءِ ڀاڙي ۾ پنجاهه سيڪڙو رعايت ڏني وڃي ۽ لاڳاپيل محڪمن ۽ ادارن کي ان ڏس ۾ ضروري عملي ڪارروائي جي هدايت ڪئي وڃي. ان ڏس ۾ اڪيڊميءَ جي سفارشن جي حصول لاءِ اديبن جي رجسٽريشن جو ڪو عمل جوڳو طريقو چٽو ڪيو وڃي.

## پوسٽ جو خرچ

اديبن ۽ دانشورن جي ڪانفرنس ۱۹۹۴ع جو هي اجلاس علمي ۽ ادبي ڪتابن ۽ رسالن جي ڏيهه توڙي پرڏيهه پهچائڻ لاءِ پوسٽيج ۾ بي انداز واڌاري تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪري ٿو ۽ ان کي علم ۽ ادب جي راهه ۾ رڪاوٽ سمجهي ٿو ۽ پرڏيهه رهندڙ پاڪستانين کي ادبي ڪتابن ۽ رسالن کان محروم رکڻ جو سبب سمجهي ٿو. ان ڪري هي اجلاس گهر ٿو ڪري ته حڪومت پوسٽيج ۾ غير ضروري ۽ نامناسب واڌاري کي واپس وٺي ۽ علم ۽ دانش جو سفر جاري رکڻ ۾ سهڪار ڪري.

## ثقافتي ادارا

هي اجلاس موجوده حڪومت جي انهيءَ قدم کي تحسين جوڳو سمجهي ٿو جنهن هيٺ هنن پاڪستان نيشنل سينٽر جهڙي قومي اداري کي بحال ڪيو، ۽ گهر ٿو ڪري ته فڪري قُملاءَ لاءِ ان اداري جي مرڪزن کي رڳو حڪومتي پاليسين جو ترجمان بڻائڻ بجاءِ هر علائقي جي مقامي دانشورن ۽ اهل فڪر ۽ اهل قلم جو مرڪز بڻايو وڃي. انهن کي ڪنهن اڻ لاڳاپيل بيوروڪريٽ جي حوالي ڪرڻ بجاءِ علمي، ادبي ۽ ثقافتي پس منظر رکندڙ ماڻهن جي حوالي ڪيو وڃي ۽ انهن مقصدن جي پوراڻي لاءِ ان کي تاريخ ۽ ثقافت جي ڪميشن جي هٿ هيٺ آندو وڃي.

ملڪ ۾ ٻارڙن جي ادب جي گهٽتائيءَ سبب اجلاس تجويز پيش ٿو ڪري ته ٻارڙن جي ادب جي اشاعت لاءِ هڪ ذار ادارو قائم ڪيو وڃي، جيڪو مڙني پاڪستاني زبانن ۾ ٻارڙن جو ادب شايع ڪري ۽ مناسب اگهه تي هر طبقي جي ٻارڙن کي مهيا ڪري.

اجلاس گهر ٿو ڪري ته تاريخ ۽ ثقافت واري ڪميشن هيٺ ڪم ڪندڙ لوڪ ورثي واري اداري جون شاخون مڙني صوبن ۾ قائم ڪيون وڃن ۽ ان جي ڪتابن کي ماڻهن تائين پهچائڻ جو جوڳو بندوبست ڪيو وڃي.

ملڪ ۾ اڻپڙهيائپ جي نسبت ۾ واڌ ۽ جهالت جي خاتمي لاءِ هي اجلاس مطالبو ٿو ڪري ته تعليم واري وزارت ٻيهر بالغن لاءِ تعليم جو شعبو قائم ڪري ۽ ان کي فعال بڻائي.

پاڪستان جو صحيح تصور اڀارڻ لاءِ اجلاس مطالبو ٿو ڪري ته تاريخ ۽ ثقافت واري ڪميشن هيٺ ڪم ڪندڙ ادارو قائد اعظم اڪيڊمي، قائد اعظم جي تقريرن جو مڪمل متن بغير ڪنهن تبديليءَ، تحقيق ۽ ردوبدل جي مڙني پاڪستاني زبانن ۾ ترجمو ڪرائي رعايتي قيمتن تي عوام کي فراهم ڪري.

## اڪيڊمي آف ليٽرس

۱- اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس ۱۹۹۴ع جو هي اجلاس تجويز پيش ٿو ڪري ته ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙن کي اڪيڊميءَ جي بنيادي ميمبر شپ ڏني وڃي ۽ اڪيڊميءَ پاران ميمبر شپ جو ڪارڊ جاري ڪيو وڃي.

۲- هي اجلاس مطالبو ٿو ڪري ته اڪيڊميءَ جي صوباڻي شاخن جي ڪارڪردگي بهتر بنائڻ ۽ ان کي فعال

بنائڻ لاءِ مقامي سطح تي اديبن ۽ دانشورن تي ٻڌل ڪميٽيون جوڙيون وڃن ۽ انهن کي وڌيڪ اختيار ڏنا وڃن.

۳- آمريت جي دؤر ۾ علم ۽ ادب کي جهڙيءَ ريت معاشري مان نڙيو ويو هو، خاص طور تعليمي زندگي مان خارج ڪيو ويو، جنهن جي جڳهه تشدد ۽ مجرماڻين سرگرمين ورتي، انهن جو ازالو ڪرڻ لاءِ هي اجلاس تجويز پيش ٿو ڪري ته اڪيڊمي، پاڪستاني زبانن جي مڙني اديبن ۽ شاعرن جي مختلف شهرن ۾ وڃڻ ۽ هنن سان تقريبون منعقد ڪرڻ جو انتظام ڪري. ان سان گڏ اهو به انتظام ڪيو وڃي ته اديب يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ شاگردن آڏو پنهنجون تحقيقاتون پيش ڪن ۽ اهل قلم ماڻهن کي ان جو مناسب آنريريم به ڏنو وڃي.

۴- اڪيڊميءَ جا قومي سطح جا اجلاس اسلام آباد کان سواءِ مڙني صوبن جي راڄڌانين ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ منعقد ڪيا وڃن.

۵- اڪيڊمي نئيا نئيا ايوارڊ ڏيڻ کان سواءِ اديبن جي پوري ڪم کي مدنظر رکندي انعام به ڏئي، جيڪو اعزاز ڏيڻ واري اداري جي وقار ۽ اسان جي قومي ذهني باليدگي جو مظهر هجي.

۶- هي اجلاس سفارش ٿو ڪري ته چيئرمن جناب فخر زمان جي افتتاحي تقرير موجب اڪيڊمي جي ملازمن جي سرڪاري حيثيت کي يقيني بڻايو وڃي.

## ادبي رسالا

علم ۽ ادب جي جياپي ۽ ڦهلاءَ لاءِ هي اجلاس مطالبو ٿو ڪري ته سڌسماءَ واري وزارت پاڪستان جي مڙني زبانن جي رسالن کي اشتهار جاري ڪري ۽ تعليم واري وزارت ادبي رسالن ۽ مخزن کي خريد ڪري سڄي ملڪ جي لئبررين ۾ مستقل طور اماڻڻ جو انتظام ڪري. اڪيڊمي هڪ ڪميٽي جوڙي جيڪا اهڙن سنجيده رسالن ۽ مخزن جي نشاندهي ڪري.

## لئبرريون

سڌريل معاشرن ۾ علم جي ڦهلاءَ ۽ پڙهائيءَ کي عام ڪرڻ لاءِ ڪتبخانا اهم ترين اداري جي حيثيت رکن ٿا. پاڪستان ۾ قومي، علائقائي، ميونسپل ۽ تعليمي ادارن جي انتظامن هيٺ هلڻ وارين اڪثر لئبررين جو انتظام ۽ ڪارڪردگي ٻُڌائڻ کان ٻاهر آهي.

هي نمائنده اجلاس مطالبو ٿو ڪري ته انهن ادارن جي انتظامي ۽ خدماتي مامرن کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر علائقي جي ناميارن دانشورن، استادن ۽ ٽيڪنيڪل ڪارڪنن تي ٻڌل مشاورتي بورڊ جوڙيو وڃي، جيڪو لئبررين جي ترقي ۽ انهن کي فعال بنائڻ جي ڏس ۾ سهڪاري فرض انجام ڏئي. ان سلسلي ۾ هي اجلاس ۱۹۷۲ع جي تعليمي پاليسيءَ کي جيئن جو تيئن لاڳو ڪرڻ جي پرزور سفارش ڪري ٿو ۽ مطالبو ٿو ڪري ته ان پاليسيءَ ۾ وڌيڪ تجربا نه ڪيا وڃن.

## تعليمي شعبو

هي اجلاس مطالبو ٿو ڪري ته تعليم جي سلسلي ۾ نت نوان تجربا نه ڪيا وڃن ۽ ۱۹۷۲ع جي پاليسيءَ ۾ جاثايل سُڌارن تي عمل ڪيو وڃي، ۽ ان مان تعليمي ادارن کي قوميائڻ واري شق ختم ڪئي وڃي.

هي اجلاس مطالبو ٿو ڪري ته مسجدن ۾ قائم مدرسن ۾ ديني تعليم سان گڏ جديد علم به پڙهايا وڃن ته جيئن پوئتي پيل علائقن جا معصوم ٻارڙا وقت سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي سگهن.

هي اجلاس اِهو به مطالبو ٿو ڪري ته صوبن ۾ بنيادي تعليم مادري زبان ۾ ڏني وڃي.



صدر مملڪت، سنڌي زبان جي نامياري ليکڪا ڊاڪٽر فهميده حسين کي ايوارڊ ڏئي رهيو آهي.



ڪانفرنس جي افتتاحي اجلاس ۾ شمشيرالحيدري، فتاح ملڪ، سراج الحق، جام ساقي ۽ محمد ابراهيم جويو (ڪابي ڪان پهريون) ۽ ٻيا ويٺل آهن.

هي اجلاس تائيد ۽ سفارش ٿو ڪري تہ يونيورسٽين ۾ پاڪستان جي مڙني زبانن جي ادب جي ترقي، گڏيل اتحاد جا هاڪاري بنياد استوار ڪرڻ لاءِ چيئرس قائم ڪيون وڃن ۽ انهن يونيورسٽين ۾ ملڪ جي اهم زبانن ۾ ايم.اي ۽ ڊاڪٽريٽ جي سطح جا ماهر تيار ڪيا وڃن.

هي اجلاس سفارش ٿو ڪري تہ پاڪستان جي مختلف صوبن کي ذهني طور هڪبئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ هر صوبي جي وڏن شهرن ۾ مڙني عوامي زبانن جي تعليم لاءِ اهڙا مرڪز قائم ڪيا وڃن، جيڪي زبانن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ ڊپلوما جاري ڪرڻ لائق هجن.

اديبن ۽ دانشورن جو هي اجلاس اڪيڊميءَ جي مڙني اٽلڪ ڪارڪنن جو خاص طور ٿورو ٿو مڃي تہ هنن هر ممڪن طرح ڏينهن رات محنت ڪري مهمانن کي سهوليتون مهيا ڪيون. هنن جي آرام جو خيال رکيو ۽ ان ڪانفرنس کي ڪامياب بڻايو.

هي اجلاس اڪيڊميءَ جي چيئرمن جناب فخر زمان ۽ ڊئريڪٽر جنرل جناب افتخار عارف کي درخواست ٿو ڪري تہ اڪيڊميءَ جي ڪارڪنن جي خدمتن جو خاص اعتراف ڪيو وڃي.

## گرانٽون

١- بلوچي اڪيڊمي کي اڪيڊمي ادبيات کان جيڪا گرانٽ ملي ٿي، اها تمام ٿوري آهي. انڪري ٻين صوبن جي مجيل اڪيڊمين وانگر بلوچي اڪيڊمي جي سالياني گرانٽ وڌائي وڃي ۽ one-time grant جي طور تي ان کي فنڊس مهيا ڪيا وڃن، تہ جيئن ان جي عمارت اڏجي سگهي.

٢- مردمشماري جي دائري ۾ مڙني پاڪستاني زبانن کي شامل ڪيو وڃي.

٣- بلوچستان ۾ براهوي اڪيڊمي ۽ پشتو اڪيڊمي بہ خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن. انهن کي بہ One time grant ذريعي وقت سر امداد ڏني وڃي تہ جيئن اهي پنهنجا مالي مسئلا حل ڪري سگهن. مڙني پاڪستاني زبانن جي معذور ۽ بيمار اديبن ۽ دانشورن لاءِ مالي امداد فراهم ڪئي وڃي.

